
سهارا

ABC
CERTIFIED

نمبر1/2019ع



سندي ادبي بورڊ



هيءَ جا لات "لطيف" جي


آمَلَ آڇ مَ اُنِ کي، جي نہ پَرُوڙِين مَتِ،
جت گَڏِجيئي جوهَري، ماڻڪُ تِنَهين مَتِ،
جنين سونَ سين سَتِ، تِن هَٽي رِيّ رَدِ ڪيو.

سونا! وانءُ صَرافَ سِيئُن، لَڏو لاهِ مَ لَڏِ،
سودو سوئي ڇڏِ، جَنهن ۾ جَواهِرُ ناهِ ڪي.
(سُر سريراڳ)


آملهه موتي اُنهن کي نه آڇ، جي اِهو وهنوار نه سڃاڻ
جتي ڪو جوهري مليئي، تتي ماڻڪن جو سودو ڪ
جنجو وهنوار سون سان آهي. تن کوڙ ڪڇ کي
ڪري ڇڏيو. (روحاني شخص دنيا جي شين کي ترڪ ڏاڪ

اي سون! (سچا اِنسان) تون ڪنهن صراف (ڪامل)
ڪهي وڃ. ويهي نه رهه. اُهو سودو ئي ترڪ ڪر، جنهه
جواهرن (روحاني ڳالهين) جو وهنوار ناهي.

("شاهه جو رسالو" ڪليان آڏواڻي تان ورتي)


سائیں سدائین
کریں
متی سنڈ
دوست سکار
توں دلدار
عالم سب
آباد کریں

مير محمد پيرزادو



(جنم: 20- جون 1944ع- وفات: 08- جنوري 2019ع)

غزل

ساوٽيءَ ۾ ناءُ سنڌوءَ تي، پُورَ مٽان پيو پُور هيو،
تون وٽت وياڻي آيو آن، ڪاهه ساري ٻيلي ٻُور هيو.

جات جو ميڙو هاري موٽيو، تادو مڙس ڪنوات هو ڪوپو،
جهڙي ڇوڏس ساک سنڌوءَ جي ٿهڙو ان جو ٿُور هيو.

سَنَ ڪي سوچڻ ٻيلو گذريل ڇڻ ته ڏينهن وهيءَ جا هو،
پُورَ ٻياڻيءَ سان ڪلهي تي، ٻيو ڪو هن کي پُور هيو.

ڏپ ڪري ۽ ڪت تي مرندي ماڻهوءَ هن کي مَور نه وٽيا،
پرزا ڪي پيو ڪاهه پنيءَ تي مَڙڻ نه جنهن ۾ مَور هيو.

ويسا ڳهاتي! پيار ۾ ڏوکو! هِن سوچيو ڪين ڪڏهن ٻي،
ڳل ڪي رَڙيَسِ، چپ ڪي ڦرڪيسِ، ڇت اندر هو چور هيو.

ڇڻ ته جُڳن جي لڳي نشاني هي جو پوڙهو جهور هيو،
نيڻ اُولاري هوءَ نِهاري دڳ مٽائي ايئن وئي هي،
چا ڏئي ڇڻ ڪاهه ڪکي ويو نانگ جيئن سنگچور هيو.

وڻن نٽن هئي تال ملائي، واءَ ۾ چوري ساز ڇڏيا،
ڪوئل جي ان ڪوڪ ۾ ڳايل پيرو سَرَ پرپور هيو.

ABC CERTIFIED

تماهي

مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو تماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 69 | جنوري- مارچ 2019ع | نمبر 1

سرپرست

مخدوم سعيد الزمان "عاطف"

چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ

ايڈيٽر (انچارج)

ثمينہ ميمڻ

سنڌي ادبي بورڊ

جام شورو، سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، جامشورو.



تماڻي مهراڻ

(Regd No. NS-20)

سنڌي ادبي بورڊ جام شورو، سنڌ

The "Mehran" Quarterly
Vol: 69, No 1/2019
(Established in 1955)

• An age old leading journal of Scholarship in Sindhi Language, Acknowledged in all Literary circles of Pakistan and Abroad.

• Contemporary Creative writings, History, Civilization Education, Music, Folklore, Archaeology, Lexicography, General Culture of Sindh and Translations from world Literature are the main topics of Material Usually Published in this Periodical.

• Published by *SINDHI ADABI BOARD*

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

• Publication Contact:

Editor, 'Mehran' Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro Sindh, Pakistan
Telc: 022-2907074
022-9213425
Fax: 022-9213422
E.mail: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiadabiboard.org

Subscription contact:
Manager
Sindhi Adabi Board's Kitab Ghar
Tilak Incline Hyderabad,
Sindh, Pakistan
Telephone: (022) 2633679

خريداريءَ لاءِ رابطو:
مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ

سالياڻو چندو: چار سؤ روپيا فون نمبر: 022-2633679 في پرچو: هڪ سؤ روپيا

Printed and Published by Secretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Sindh University New Campus, Jamshoro, Sindh, Pakistan.

بسم الله الرحمن الرحيم

سوچ -لوچ

8- مارچ تي هر سال سڄي دنيا ۾ عورتن جو عالمي ڏهاڙو ڪري ملهايو ويندو آهي، تہ جيئن ان ڏينهن تي خصوصي طور عورتن جي خدمتن کي ميجتا ملي. سڄي دنيا ۾ ان ڏينهن تي عورتن جي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن، خدمتن ۽ جدوجهد تي خراج تحسين پيش ڪيو ويندو آهي، سيمينار، ڪانفرنسون، ورڪشاپ ۽ ريليون منعقد ڪيون ويندیون آهن، جن ۾ عورتن سان گڏوگڏ مرد پڻ حصو وٺندا آهن ۽ عورتن جي جدوجهد کي سراهيو ويندو آهي.

ان حقيقت کان عالمي ليول تي ڪوبہ انڪار ناهي تہ سڄي دنيا ۾ عورتن ادب تعليم و تدريس، سائنس، آءِ ٽي، ميڈيڪل توڙي زرعي شعبي ۾ مردن سان ڪلهوڪلهي ۾ اوترو ئي پاڻ ملهايو آهي، جيترو مرد حضرات خدمتون سرانجام ڏين ٿا. ڪن ڪن شعبن ۾ تہ عورتن جي ڪاميابي مردن جي ڪاميابيءَ کان اڳيري آهي. جتي جتي، جنهن جنهن شعبي ۾ عورتن کي ڪم ۽ خدمت جو موقعو مليو آهي، عورتن پنهنجي صلاحيتن ۽ قابليتن سان ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن.

ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ عورتن جي خدمتن کي اوتروئي اهميت ملڻ گهرجي جيتري مردن کي حاصل ٿئي ٿي.

دنيا وانگر اسان جي سماج ۾ پڻ عورتن جون خدمتون سراهہ جوڳيون آهن. تحقيق ۽ تدريس کان علاوه ادب، فن، صحافت توڙي سماجي خدمتن جي شعبي ۾ عورتون اڳيان آهن. اهڙيءَ طرح زرعي شعبي، گهريتيڙي سان گڏ پنهنجي اولاد جي پالنا اهڙيون ذميواريون آهن، جيڪي صرف ئي صرف عورتن جي حصي ۾ اچن ٿيون، ان کان علاوه اسان جي معاشري سان گڏ ڪيترن معاشرن ۾ عورتون پورهيو ڪري پنهنجي ٻچن جي گذر سفر سان گڏ سندن تعليم ۽ تربيت لاءِ جستجو ڪن ٿيون.

عورتن جي خدمتن خاص طور هن سائنسي دور ۾ عورتن جي جستجوءَ کي ڪنهن بہ صورت ۾ نظرانداز ئي نٿو ڪري سگهجي، ۽ عورتن جي مختلف شعبن ۾ ڪاميابيون هڪ مجيل حقيقت آهن.

عورتن جو ماضيءَ ۾ توڙي هن سائنسي دور ۾ اقتصادي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار آهي، جنهن کي ڪيترن ئي معاشرن ۾ مجتا حاصل آهي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ عورتن کي تعليم ۽ تربيت جا سمورا موقعا حاصل هجڻ گهرجن، تہ جيئن اهي پنهنجي صلاحيت ۽ قابليت سان پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري سگهن، ۽ سماجي ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي قابليت ۽ صلاحيت جو استعمال ڪري سگهن.

مخدوم سعيدالزمان "عاطف" سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمن مقرر:

سنڌ حڪومت پاران مخدوم سعيدالزمان "عاطف" کي سنڌي ادبي بورڊ جو نئون چيئرمن مقرر ڪيو ويو آهي.

چيئرمن طور مقرريءَ کان پوءِ مخدوم سعيدالزمان "عاطف" سنڌي ادبي بورڊ جو دورو ڪيوءِ بورڊ جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر ڪرڻ لاءِ ملازمن کان تجويزون پڻ ورتيون ته جيئن انهن تجويزن جي روشنيءَ ۾ وڌيڪ اُپاءُ وٺي سگهجن. چيئرمن صاحب بورڊ جي هر سيڪشن جو دورو پڻ ڪيو ۽ آفيسن کي بهتر ڪرڻ ۽ ڪارڪردگيءَ کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ جون هدايتون پڻ ڏنيون ته جيئن سنڌي ادبي بورڊ جا ملازم ان ڳالهه ۾ پُرعزم هجن ته نئين چيئرمن جي سربراهيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ بهتر نتيجا ڏئي سگهندو.

سنڌي ادبي بورڊ جي ملازمن مخدوم سعيدالزمان "عاطف" جي چيئرمن طور مقرريءَ جي آڇيان ڪئي ۽ سَرهائيءَ جو اظهار ڪيو.

سنڌي ادبي سنگت پاران سنڌ جي نامياري ليکڪائن ڊاڪٽر تنوير جوٽيجو، آپا نذير ناز، آپا مريم مجيدي ۽ محترمه حسينه سانڊ جي ادبي خدمتن جي مڃتا لاءِ حيدرآباد ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سهڪار سان هڪ باوقار تقريب منعقد ٿي، هن تقريب ۾ هنن ليکڪائن جي خدمتن کي ساراهيو ويو، ڪافي قلم ڏڻين شرڪت ڪئي ۽ مختلف اديبن ڊاڪٽر تنوير جوٽيجو، آپا نذير ناز، آپا مريم مجيدي ۽ محترمه حسينه سانڊ جي زندگيءَ، لکڻين ۽ ادبي خدمتن تي روشني وڌي ۽ سندن قلمي پورهئي تي خراج پيش ڪيو. اديبن ۽ تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن سنڌي ادبي سنگت ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي گڏيل سهڪار سان ٿيل هن تقريب جي انعقاد تي تمام گهڻو ساراهيو ويو. هن قسم جون تقريبون نه صرف معاشري جي صحتمنديءَ جي افزائي ڪن ٿيون ته ٻئي طرف قلم ڏڻين جي همت افزائي پڻ ٿئي ٿي، اميد ته سنڌي ادبي سنگت ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي گڏيل سهڪار سان هن قسم جا پروگرام پڻ مستقبل ۾ منعقد ٿيندا رهندا.

ثمينه ميمڻ
ايڊيٽر (انچارج)

چوليون

ڏوڪڙ سو وهاءِ

- ابراهيم منشي 9
- شيخ ايياز 10

تحقيق

- سنڌي بولي، ۾ وسرگ ۽ ان جي صوتي حيثيت
- ڊاڪٽر الطاف حسين جوڪيو 13
- تاريخ بزمِ صوفياءِ سنڌ (ٽين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس)
- ڊاڪٽر آزاد قاضي 18
- محمد ابراهيم جويو ۽ تعليم بالغان
- محمد يوسف جويو 28
- پشو پتي مُهر جي پاڻ ۽ راڳ
- پروفيسر رستم خاصخيلي 36
- مانجهند جا اوائلي مندر، ماڙيون ۽ ماڻهو
- اشتياق انصاري 47
- درسگاهه سريواري
استاد لغاري 68
- ساهتي، جا مُلا مڪتب
- ڊاڪٽر محمد رفيق مڱريو 88
- آغا بدر عالم ڏراني
- ڊاڪٽر نذير 'شاڪر' بروهي 115

شاعري

- امداد حُسيني 135
- ايياز گل 136
- خليل "عارف" سومرو 137
- رحيمداد جوڳي 138
- خالد احمداڻي 139
- ارباب علي "عادل" چوهاڻ 140
- مرتضيٰ جمالي 141
- گهايل لغاري 142
- سيد رفيق امروٽي 143
- عثمان فقير ڪوسو 144
- حُسيني فقير 145
- ايوب آلستي رند 146
- مستقيم بازيدپوري/زاهد عباسي 147
- اُداس لُنڊ 148

ڪهاڻيون

- ڪربلا (چونڊ ڪهاڻي)
- نورالهدي شاهه 151
- ڪرسي
- بهادر ڪالپر 161
- ماءُ .....
- عين سحر 164
- ماءُ جو ڏاسو
- خليل جبران /ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ 175
- زرينه
- نورحسين ڪلهوڙو 177
- ڪونج
- لرشاد سومرو 179


- خوف
-جمن احمد اڻي 186
- جُهو نيشنون نہ لهي
- عباس سارنگ 187



- يادگيريون
- ڊاڪٽر قاضي خادم 191
- شاعر ۽ حڪير- قاضي عبدالڪريم
- ڊاڪٽر علي اڪبر "اسير" قريشي 206
- پير حسام الدين راشدي
- ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ 214
- خط معصوم يادن جي مالها
- پائو درمحمد هرڙو 218
- فليش فڪشن: هڪ مختصر جائزو
-علي رضا قاضي 222
- The Last Temptation of Christ (عيسيٰ جي آخري آزمائش)
(انساني احساسن جي ترجماني ڪندڙ شاهڪار ناول)
- نواز خان زنئور 227
- نارائڻ شيام جون "تصويرون" (تبصرو)
-محمد علي ابڙو 242
- ايمان ۽ نيڪ عمل
-خضر خان وگهيو 245
- علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر جو 18
ڪتاب (تبصرو)
- سلطانہ جمالي 248
- سنڌي ادب ايم.سي ڪيوز: هڪ نظر
- ڊاڪٽر ٿمر رفيق الرحمٰن 250
- درد جو چو انت نہ آ
درد جي ڪتاب جي ڳالهہ (تبصرو)
- بيخود بلوچ 252
- ڪتاب: پنل اڪڙيون (تبصرو)
- محمد يوسف جويو 254
- پهرين عالمي عورت ڪانفرنس
- رپورٽ :سنڌو نواز 256
- ياسين ڪنپر جي ڪتاب "جانانِ جان"
- پريل داديو 258
- اُداس چوڪرين جهڙا نظر
رحيم داد جوڳي، جي نثري نظمن جي
ڪتاب (صحرا جي پاڪر ۾ (جو مطالعو
- آڪاش عامر 260
- تخليقڪارن سان رچايل سُرهي سانجهہ تقريب
- رپورٽ :نسرين الطاف 263

❊

ابراهيم منشي



(جنر: 15- جنوري 1934ع- وفات: 31- جولاءِ 2003ع)

وائي

چاهه چانڊوڪيون راتڙيون،
تو بنا ليون ڪهن ڪاتڙيون.

چپ تنهنجا ڇَرها، ٻول تنهنجا ٻَرها، ساز جڏ ڪي سَرها،
لار ماڪيان ملهيون لاتڙيون.


پاڻ توتان وارجي، آڃا به تو نڪارجي،وري وري به وارجي،
تن من تنهنجيون تاتڙيون.

تون سَمهين ته ساهه ۾، مُشڪ ٿئي هوا ۾، انڊلڪ اُهاڻ ۾،
جوين پائي جهاتڙيون.

ڪر تون پردو پري، منهن ۾ مشعل ٻري، سڄ سجدا ڪري،
"منشي" ٿين ملاقاتون.

وَكَرُ سو وِهاءِ

شيخ اياز




(جنم: 23- مارچ 1923ع- وفات: 28- ڊسمبر 1997ع)


❊


جيسين اُپري آيَ مٍ، مينهَن ٻڌي مانڊاڻ،
تيسين پنهنجو پاڻ، ڏار نہ ڪجو ڏڻ ڪان!
ڪَٽڪيا ڪجهہ تہ ڪنواڻ، توڙي ماڻ نہ ويجهڙو!
اِئين ويندي واڻَ، پاڻِ هئي پونءِ تي.
ٻِلِڙ ڪن لڙڻَ، توڙي آتر واءُ مٍ،
پوءِ بہ ساڳي واڻَ، پوءِ بہ ساڳا پنڌڑا!
مارو ڏارون ڏارَ، ڪتيءَ ڪکر آيَ مٍ،
اڃن ٽل ٻيهارَ، ماڪڙ وانگر مينهڑا!
اوڏا اڏي نِجهَرا، هي جي ويڻا ڙي،
متان ڪو تن ڪي، ڏِکي پنهنجي ديس مان!
اِجهو ڏَبي ڏَر، ڪِريا ڪوتَ ڪَلور جا،
هيٺون هاڻُ نہ ڪَر، باقي ٿورا ڏينهڑا.
وري رات ٻِني، وري تارن تکيو،
ڪائي ڳَنڍِ ڇِني، ڪيئي گيت نڙي پيا.
وري ٽِي وراڻ، گسن گل ٽل موريا،
وري واسيا پاڻ، وايون مَهڪيون واڻ تي.
ڇَنن ٽي ڇمڪارَ، وڃون وريون آيَ مٍ،
اڄ جيڪا وسڪارَ، مَٽ نہ اُن جي مينهڑا.
اڄي تو هيڪارَ، موت تہ سيني جي مٿان،
مَئيءَ ناهہ ميارَ، جي تون جيئين جَسَ سان.


ڈاکٹر الطاف حسین جوکیو



ڈاکٹر آزاد قاضی


محمد یوسف جویو




اشتیاق انصاری


استاد لغاري




نذير شاكر بروهي

تحقيق

سنڌ جي سرزمين "باب الاسلام" آهي، هتي هر دور ۾ وڏا محقق، عالم، اديب، عارف ۽ صوفي شاعر پيدا ٿيا. جن پنهنجين تخليقن سان سنڌي، جهڙي سباجهڙي، سهڻي ۽ سلوڻي زبان کي مالامال ڪيو.

برصغير ۾ وادي سنڌ اهو سعادتمند خطو آهي، جنهن کي سڀ کان پهرين اسلام جهڙي اعليٰ مذهب سان روشناس ٿيڻ ڪري "باب الاسلام" جو لقب عطا ٿيو. پهرين صدي هجري جي آخر ۾ جڏهن عرب مسلمان فاتح هتي پهتا تہ اهي ٻاڻ سان گڏ عربي ٻولي (جيڪا قرآن مقدس جي ٻولي ٿن آهي) کيو آيا ۽ برصغير جي سڀني ٻولين مان هن علاقي جي سباجهڙي، سهڻي ۽ سلوڻي سنڌي ٻولي، جو عربي ٻولي، کان اڳ ۾ تعارف ٿيو ۽ سنڌي ٻولي عربي زبان کان اثر ولي هڪ نئين روپ ۾ نمودار ٿي. هتي ٿوري ئي وقت ۾ وڏا وڏا محقق، عالم، اديب، عارف ۽ صوفي شاعر پيدا ٿيا، جن سنڌي ادب ۾ ساهت کي شعائر الله، اسلام جي علامتن، اصطلاحن ۽ اصولن جي ذڪر سان ڀرپور ڪري سنڌي ادب کي نئون جامون پهرايو.

قديم دور جو ادب گهٽو ڪري ڏوهيڙن جي شڪل ۾ ملي ٿو. هن سلسلي ۾ شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو، قاضي قاضن، ميون شاهه عنايت، شاهه لطف الله قادري، شاعرن جو شهنشاهه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، خواجه محمد زمان لواري، وارو، سچل سرمست درازي ۽ لنئي جي مخدومن جاڏوهيڙا ۾ ڪلام اسلامي علامتن ۽ قرآني آيتن سان ڀرپور آهن.

پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم

ڪتاب: "چونڊ علمي مضمون"

ص 11 تان کنيل

ڈاڪٽر الطاف حسين جوڪيو



سنڌي ٻوليءَ ۾ وسرگ ۽ ان جي صوتي حيثيت

1. اڀياس جو پسمنظر:

وسرگ (Aspirate) جو تعلق آواز سان آهي، وسرگ کنهن اوسرگ وينجڻ آواز ۾ ڦڦڑن مان ڏوڪ ملائڻ سبب ٻيهندو آهي: جنهن سبب هن جو الڳ کو مخرج ڪونہ هوندو آهي، بلڪ کنهن اوسرگي وينجڻ آواز ۾ ڦڦڑن جي ڏوڪ وڌائڻ سان وسرگ وينجڻ آواز جڙندو آهي. مثلاً: 'ج' سخت تارون وارو ڳرو ڏوڪڙو آهي، يعني هن جو مخرج سخت تارون آهي؛ ساڳئي مخرج (Point of Articulation) وٽ صرف ڦڦڑن جي ڏوڪ وڌائڻ سان 'جھ' جو آواز نڪرندو. سنڌي ٻوليءَ جي آئيوينا ۾ ڪل ڏهہ وسرگ (ٻ، ٽ، ٺ، جھ، ڇ، ڏ، ڍ، ڪ ۽ گھ) پڑهايا ويندا آهن، جڏهن تہ پنج وسرگ (ڙھ، لھ، مھ، نھ ۽ ٺھ) سنڌي باراٿي ڪتاب ۾ صورتخطيءَ جي صورت ۾ پڑهايا ويندا آهن. اهڙا آواز جن جا ممڪن وسرگ (Aspirate) ٿي سگهندا آهن، تن کي 'اوسرگ' (Unaspirate) ڪوٺبو آهي، مثال طور: ٻ ت ٽ ج، چ، د، ڍ، پ ک ۽ گ، سنڌي آئيوينا الف- بي موجب 'اوسرگ' آهن؛ جڏهن تہ سنڌي باراٿي ۾ جاڻايل وسرگن موجب 'ڙ، ل، م، ن ۽ ڙ' ڀڻ اوسرگ آهن. ياد رهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ وسرگ آواز ۽ صوتيي (Phoneme) جي حيثيت رکندڙ آهي.

صوتيي (Phoneme) مان مراد اهڙو آواز جيڪو لفظ ۾ معنوي فرق رکندڙ هجي. لسانيات پٽاندر آواز (Phone) جا ٻہ قسم آهن: وينجڻ (Consonant) ۽ سُر (Vowel). سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن سڀني آوازن مان هرهڪ کي صوتيو (Phoneme) چئبو آهي، جاڪاڻ تہ کنهن ٻہ لفظ ۾ معنوي فرق پيدا ڪندڙ هوندا آهن، مثال طور:

وينجڻ آواز جي مٿجڻ سان:

- پاز: نندڙو چوڪرو/ چوڪري- ابهر- نابالغ- بي سمجهہ وغيره.
- باز: وزن- ٻوجهو- سامان وغيره. (جيٹلي، 2000: 43)
- پاز: درياه يا کنهن ٻہ ڊار جو ٻيو پاسو يا ڪپ- ڏس- پتو وغيره.
- ڏاز: چيڙ- ڦوٽ- ڦاڙ- وڍ- ڦاڪ وغيره.

(متين لفظن ۾ صرف اڳيون وينجڻ آواز تبديل ڪرڻ سان معنوي فرق ٿئي ٿو، ان سبب اڳئين هر وينجڻ آواز کي صوتيو (Phoneme) سڏبو.)

سُر آواز جي مٿجڻ سان:

- ڪنو: کنهن ٽانوَ جو ڪنار- پاسو- گهيرَ، پر- ڪناري- حاشي، وٽ وغيره.
- ڪِنو: خراب- ميرو- ڪوجهو- ٻُرو وغيره.
- ڪُنو: ردّ ٻچاءَ جي ڪم ايندڙ نڪر جو ديڳڙو- ڏڌ ولوڙڻ لاءِ چاڙي وغيره.
- ڪانو: سَرَ جي ڏاندي. جوئر يا باجهري وغيره جو ڳُنو. چڑهي- لڪڙي- ڏنڊي- لڪڻ تارازي، جو ڳُن. ڳٽ وغيره.

(متين لفظن جي صرف پهرين وينجڻ (ڪ) جي زبر ـَ زير ـِ پيش ـُ ۽ مد: آ مٿائڻ سان لفظ ۾ معنوي فرق پيدا ٿئي ٿو. جنهن سبب انهن سر آوازن کي صوتيو ڪوٺبو)

لسانيات موجب آواز ۽ صوتيي جو فرق معنوي بنياد تي رکيو ويو آهي. پروفيسر علي نواز جتوئي چائلي ٿو ت: "صوتيو اهو آواز يا آوازن جو گروهه آهي جو هولي، جي لفظن ۾ معنوي فرق پيدا ڪري ٿو. انهي، ڪري بلوم فيلڊ (Bloomfield) صوتيي کي معنوي فرق پيدا ڪندڙ آوازي نوعيت جو ايڪو سڏي ٿو..."
(جتوئي، 1996: 69-70)

2. اپياس جو سوال:

هن پيپر جو رخ هينئين سوال تي ٻڌل آهي ت:

? سنڌي هولي، ۾ جيڪي به وسرگ آهن، تن جي ڪهڙي صوتي حيثيت آهي؟

3. وسرگ جي صوتي حيثيت جو اپياس:

علمي لحاظ کان ڊاڪٽر غلام علي الانا وسرگ جي مخرجي حيثيت بابت چائلي ٿو ت: "هي، هڪ مجيل ڳالهه آهي ت آوازن جي اچارڻ محل ڦڦڙن کان ايندڙ هوا جو زور، ڪن حالتن ۾ جهجهو ٿيندو آهي ۽ ڪن حالتن ۾ گهٽ ٿيندو آهي. هوا جو زور 'پيٽ چهه' (diaphragm) جي وسيلي ڏنل زور تي مدار رکي ٿو. جڏهن هوا جي داب ۾ زور گهٽو هوندو آهي، ۽ هوا جي لنگهه ۾ رڪاوٽ يا رندڪ پيل هوندي آهي، تڏهن انهي، رندڪ يا رڪاوٽ جي 'هٽڻ يا چٽڻ' سان، هوا جي ڦوڪ هڪدم آواز جي پويان، ان سان گڏوگڏ، ٻاهر ڏوڪيندي ايندي آهي. هوا جي انهي، 'ڦوڪ' کي 'وسرگائي' (Aspiration) چئبو آهي." (الانا، 2009: 77))

سنڌي هولي، جي حوالي سان هتي اهڙن وسرگن جي تعداد ۽ ان جي صوتي حيثيت تي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪبي. حقيقت اها آهي ت صورتخطي، جي خيال کان وسرگن ۽ ان جي فونٽن بابت ڪافي عرصي کان اسان وٽ مونجهارو رهيو آهي، ان جو مک سبب لاپرواهي ۽ اڻڄاڻائي پڻ آهي. هڪ وڏي عرصي کان ان جي فونٽن بابت به بحث هلندو رهيو آهي، پر ان تي اسان جا ادارا باضابطا ڪو خاطر خواه توجهه نه ڏئي سگهيا آهن. سنڌي هولي، ۾ ڪي وسرگ صوتي حيثيت رکن ٿا، ڪي صوتي دائري کان ٻاهر آهن. وسرگن جي صوتي حيثيت جو درجو ڪيترو آهي، ان بابت اڃا ڪو ڪم سامهون نه ٿو اچي.

فرض ڪريو ت اسان وٽ وسرگ، صوتيي جي حيثيت سان آئيوٽا ۾ شمار ڪيا ويا آهن، جيڪي صرف ڏهه آهن: پ، ٽ، ٺ، جهه، چ، ڏ، ڍ، ڦ ک ۽ گهه. انهن جا اوسرگ (In Apirates) آهن: بهه ٽهه ٺهه ڇ، چ، ڊ، ڍ، ڀهه ک ۽ گ. جيڪڏهن انهن کي صوتيي (Phoneme) جي اصول/ پيراميٽر ۾ توربو ت هينئين ريت معلوم ڪري سگهبو:

اوسرگ	مثال	وسرگ	مثال
ب	بَرْ = ويڪر- موڪرائي- مٿيو. ڪپڙي جو پنو- عرض. رڻ پٽ- بيابان. ڪند- ٽڪل حالت ۾ وهنجڻ يا پاڻي پيئڻ ڪري بدن ڪڙجي پوڻ جي حالت.	پ	پَرْ = زور- سَٽ. جهَل- ٽيڪ. آڌار- آسرو- پروسو- وسيلو- داڻ- دهاڻ. بارُ- وزن. پراڻ- پندار- خزانو. تڪبر- غرور- هٺ.
ت	تَرْ = ترو- پاڻي، جو هينئون ڏنگ- ڪنهن به شيء جو هينئون پاسو. جتي، جو تري وارو پاڳو. بنياد. مٽاچرو- سطح. آسپاس- پسگردائي- ويجهي چڪ- ويجهڙائي. ڪپڙي جي اٽت- گهاڻائي. ڊيگهه. سَرن جا پڪل ٻوڙا. شرط ۾ لڳايل رقم. لانجهو- هيٽو- مرٽينگ.	ٽ	ٽَرْ = مٽي، جو ڪيل ڍير، ڍڙو. واري، جي ڍڻ ۽ پٽن وارو ملڪ. ريگستان. غير آباد ملڪ. پاڻي، جو چڏيل ريٽ- لٽ- ره. ڪير جي گڄ. ڪير ۽ ڏونري جو ملائي، وارو تهه.
ٺ	ٺَڪ = مُندي، جي ٻَڪ- هڪ جاء تي پوري بيهڪ. اصل.	ٽ	ٽَڪ = ٽورو پنڊ- قدم- وک.

ج	جَرُ = جل- پاڻي- آب- لڙڪ- ڏيڪ- چمڪو- همت- جام- گهٽو.	جھ	جھنڊ = جھنگ- ميدان- هي لفظ فقط 'جھنگ' سان گڏ استعمال ٿئي 'جھنڊ جھنگ'، 'جھنگ جھنڊ'. جھنڊ (ڪٻٽي- ڳاراٿو- جھوري) جو امر.
چ	چَرُ = ڪڏ- چري. اها ڪڏ جنهن ۾ ٻاھ ٻاري مٽان ديگ چاڙھجي. ڪپڙي ڦاڙڻ جو آواز.	چ	چَرُ = پاڻيءَ جي اٿل- ليٽ- ٻوڏ. هيٺاهينءَ زمين ۾ بيٺل تانگھو پاڻي. پاڻيءَ جي لس. درياهَ جي چاڙھ جو پاڻي.
د	دَنُ = اناج جو ڍير يا گندي- گاھ يا ڪاڻ جو وڏو ڍير- ڍڳ- سٻي.	ڈ	ڈَنُ = چوپايو مال. ڈڻ- نصيب- بخت- پاڳ- ملڪيت- ناٿو- دولت- مال- متاع- مايا- خزانو- دنيا- زر- اِملاڪ- ٽڪو- ٽُڪر- مُوڙي- پونجي- آڇڪو- اڇانڪ- الھ تلھو. قوس- ڪمان- جَسُ- شاباس- آفرين- واھ واھ- خوش رھ.
ڈ	ڈَڪُ = ڏوڙ- پاڇ- پَنڇ- ٽاپي- سَٽ- لوھ	ڈ	ڈَڪُ = (ڈِڪُ جو جمع) سڑڪ- سُرڪي- سُرڪو- ڳيٽ- ڇڪ- اُرڪ- ڇُڪو- ڪپ- ڇَرون.
پ	پَڪُ = مضبوطي- پڪائي- تصديق- يقين- خاطري- دلجاءِ- تحقيق- فيصل ٿيل معاھدو. خاطريءَ سان- ٺيڪ- برابر- يقيني.	ڦ	ڦَڪُ= (ڦِڪُ جو جمع) ڪنھن سفوف يا ڇُوريءَ جي لپ- ڦڪي- ڦُڪو- ترڪي- لپ ۾ ايندڙ ڪنھن شيءِ جو انداز. ھڪ ئي واري سان وات ۾ پئجي سگھندڙ شيءِ جو انداز. گرھ. ڏرو- ٽورو- حصو.
ک	ڪَنُ = بٽڻ جو ڪم ڏيندڙ مشھور عضو يا حواس- گوش- سمع- اُذن. توجھ- ڌيان- خيال- ڊپ- پوَ- خطرو- انديشو- بي سمجھ- موڳو- موڳشٽ. ڳٽ- شمارو. چيڙو- پچاڙي. ستار يا سرندي جي ڳيڻي- ڄاريءَ جو رسو- پڪين ڦاسائڻ جو ٽنگڙ جو پاسو.	ک	ڪَنُ = مانيءَ جو ٽڪر- ٽُڪر- پور، ڳيو- چوٽو- ماني وغيره جو اڌ. انڪل- اندازا- انڪل زوءِ- لڳ ڀڳ- ڌاري- ٽورو اڳتي- ٽورو پوءِ- قريباً (جيئن: سؤ ڪنُ يا سير ڪنُ). انگن جو ميڙ ڏيکارينڊڙ عدد، مثلاً ڏھاڪو ڪن- ويھارو ڪنُ. اڪَ
گ	گَرُ = بدن وغيره سان گڏ جميل مٺي- گندگي- مَرُ- مٺي- ميرُ- ميراڻ- ميڙ- ميرائي- غلاظت (بت تي). چمڙيءَ جي بيماريءَ جو ھڪ قسم- خارش- ڪرنھن- جانور جي بيماريءَ جو قسم. ھڪ يا ان کان وڌيڪ جبلن وارو ملڪ.	گھ	گھرُ= رھڻ جي جاءِ- جاءِ- مڪان- آڇو- جھڳو- چونڪي- چوڻڪي- چوڻرو- چنو- مَنھن- لانڊي- صفو- ڪوٺو- بنگلو- محلات- چپر- پونگو.

(بلوچ: 1960، 1981، 1984 1985، 1988. جامع سندي لغات جلد: 1- 5)

هي خيال خاطر چند مثال اوسرڳ ۽ وسرڳ آواز جا ساڳين لفظن واري بيھڪ ۾ تبديل ڪري ڏنا ويا. جن سبب لفظن ۾ معنوي فرق معلوم ٿيو. ان سبب اھو ئي چئي سگھبو تہ اھي ٻنھي قسمن (اوسرڳ ۽ وسرڳ) جي آوازن مان ھرھڪ سنڌي ٻوليءَ ۾ صوتيي (Phoneme) جي حيثيت رکي ٿو. ٽوٽي جو اھا وسرڳائي (Aspiration)

لاڙي لهجي جي عام ماڻهن جي بولي‌۽ ۾ گهٽ آهي، تنهن هوندي به سنڌي بولي‌۽ جي بين لهجن نسبت، يڪسان طور تي، سنڌي آئيوينٽا ۾ اهڙن وسرگ آوازن جا اڪر رکڻا پون ٿا. جاڻايل وسرگن جي استعمال ٽيٺ جي سطح معلوم ڪرڻ وارو معاملو وري هڪ الڳ زاويو ٿي وڃي ٿو، جنهن تي پڻ ڪم ڪرڻ جي گهرج آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب وسرگن بابت تقابلي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته: "وسرگ آواز، انگريزي بولي‌۽ ۾ به ملن ٿا؛ پر انگريزي زبان جي صوتياتي نظام ۾ وسرگائي، صوتي (Phonemic) نه آهي، پر سنڌي صوتياتي نظام موجب سنڌي بولي‌۽ ۾ وسرگ وينجڻ آواز ڏار صوتئي جي حيثيت رکن ٿا. جڏهن ته انگريزي‌۽ ۾ وسرگ آواز ڏار صوتئي طور ڪم نه ٿا اچن. مطلب ته سنڌي‌۽ جي صوتياتي نظام موجب [پ] ۽ [ف] به ڏار ڏار صوتيه (Phonemes) آهن. ...اهڙا وسرگ آواز آهن: ڦ، ب، ڀ، ٽ، ڏ، ڍ، ٺ، ڌ، ڍ، ڻ، ڇ، جھ، ڙھ، ک، گھ، لھ." (الانا، 2009: 75- 76)

ڊاڪٽر الانا جي جاڻائڻ مطابق وسرگي آواز سنڌي بولي‌۽ ۾ صوتئي جي حيثيت رکن ٿا؛ ۽ ظاهر آهي ته جيستائين آئيوينٽا ۾ ان وسرگي آواز لاءِ ڪو اکر يا علامت مقرر نه ٿي ڪئي وڃي، تيستائين ان آئيوينٽا کي اڏورو ٿي پانيو ويندو آهي. ان لاءِ موجوده آئيوينٽا ۾ اهڙا ڏهه وسرگ شامل ڪيا ويا آهن؛ بعد ۾ پنج وسرگ سنڌي ٻاراڻي ڪتاب، ڪچي پهرين درجي ۾ صورتخطي‌۽ جي خيال کان ڏنا ويا آهن. اڄ تائين انهن کي آئيوينٽا ۾ پٽي‌۽ ۾ شامل نه ڪيو ويو آهي. موجوده دؤر ۾ ان ڳالهه جي ضرورت آهي ته اهي پنج وسرگ جيڪڏهن صوتئي جي تارازي‌۽ ۾ پورا لهن ٿا ته انهن کي آئيوينٽا ۾ شامل ڪرڻ گهرجن، ٻي صورت ۾ ضمني طور ئي سهي، سنڌي پٽي‌۽ ۾ شامل ڪرڻ گهرجن. مذڪوره 'ڙھ، نھ، ٺھ، مھ، لھ' نظر انداز ٿيل وسرگن جي سنڌن اوسرگ آواز جي مٿا سٽا سان معنوي فرق معلوم ڪرڻ لاءِ هيٺيان مثال ڏجن ٿا:

اوسرگ	مثال	وسرگ	مثال
ڙ	ڪوڙ= تاجي ڪيڙ لاءِ ميدان ۾ ڪوڙيل ڪِلن جي قطار- تاجي ڪيڙ لاءِ ڪم ايندڙ ڪاني- ڪروڙ	ڙھ	ڪوڙھ= بدن تي اڇا داغ ڪندڙ هڪ وڇڙندڙ بيماري- جذام
	ڪُڙ = ٽڪ، ٽڪاوٽ. ڪڙ ڪي هڪلڻ جو آواز		ڪُڙھ = ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار جي پلجڻ ۽ وڌي ٽيڻ جي جاءِ
	سڙ = (امر) سڙڻ، ڪاوڙ ۾ پچڻ		سڙھ = ڪر ڪوس يا سست (ڏاند)
ل	ڪَل = سڏ، جاڻ: انجڻ: انڻي جي ڳوهه	لھ	ڪَلھ = گندريل ڏينهن
	مال = ڏن، ڏور ڏڳا (جمع)		مالھ = هار: نار ۾ لوئين پڌڻ لاءِ رسو
	ڪُلو = پٽڪي هيٺان وجهندڙ ٽوپي		ڪُلهو = ٻانهن ۽ ڪنڌ جو وچيون حصو
	مَل = مهٽو: گدلاڻ		مَلھ = سنڌي ڪشتي
ن	ساڳئي لفظ ۾ اوسرگ ۽ وسرگ وينجڻن جي مٽ سان مختلف لفظ ڪوٺ ٿا ملن.	نھ	ساڳئي لفظ ۾ اوسرگ ۽ وسرگ وينجڻن جي مٽ سان مختلف لفظ ڪوٺ ٿا ملن.
ڻ	ساڳئي لفظ ۾ اوسرگ ۽ وسرگ وينجڻن جي مٽ سان مختلف لفظ ڪوٺ ٿا ملن.	ٺھ	ساڳئي لفظ ۾ اوسرگ ۽ وسرگ وينجڻن جي مٽ سان مختلف لفظ ڪوٺ ٿا ملن.
م	ساڳئي لفظ ۾ اوسرگ ۽ وسرگ وينجڻن جي مٽ سان مختلف لفظ ڪوٺ ٿا ملن.	مھ	ساڳئي لفظ ۾ اوسرگ ۽ وسرگ وينجڻن جي مٽ سان مختلف لفظ ڪوٺ ٿا ملن.

سنڌي ٻاراڻي ڪتاب ۾ صورتخطي‌۽ جي نسبت، ڏنل مٿين پنجن وسرگن (ڙھ، لھ، مھ، نھ ۽ ٺھ) کي صوتيي جي اصول، پيرامٽر تي جاچيو ويو، جنهن مان معلوم ٿيو ته انهن پنجن وسرگن مان 'ڙھ ۽ لھ' صوتي

(Phonemic) حيثيت رکن ٿا، باقي گهڻن وينجڻن (ن، ڻ ۽ ر) جا وسرگ صوتي معيار (Phonemic Standard) تي پورا نه ٿا لهن.

4. اپياس جونچوڙ:

- وسرگ جو وينجڻ آواز، کنهن اوسرگ وينجڻ آواز ۾ ڦڦڙن جي ڏوڪ ملائڻ سان بيهندو آهي.
- سنڌي آئيوينٽا موجب اوسرگ آواز صرف اهي ئي سڏبا آهن، جن جا وسرگ ممڪن هجن، جيئن: ب، ت، ٽ، ج، چ، د، ڊ، پ ۽ ڪ.
- سنڌي آئيوينٽا ۾ صرف ڍ وسرگ جاڙايل آهن، جهڙوڪ: پ، ٽ، ٺ، جهـ، چ، ڏ، ڊ، ڦ ۽ گهـ.
- سنڌي صورتخطيءَ جي نسبت، سنڌي ٻاراڻي ڪتاب ۾ پنج اضافي وسرگ جاڙايل آهن، جهڙوڪ: ڙهـ، لهـ، مهـ، نهـ ۽ ٺهـ، جن جا اوسرگ: ڙ، ل، ر، ن، ٺهـ آهن.
- جاڙايل پندرهن وسرگن کي صوتيي (Phoneme) جي پيراميٽر ۾ جاچيو ويو. ياد رهي ته صوتيو، کنهن ساڳي لفظي جوڙجڪ ۾ صرف گهربل آواز (وينجڻ توٽي سُر) بدلائڻ سان معنوي فرق ڏيکارينڊو آهي.
- جاچڻ بعد واضح ٿيو ته سنڌي آئيوينٽا ۾ جاڙايل ڍ وسرگ، صوتيي جي پيراميٽر ۾ پورا لهن ٿا، جڏهن ته سنڌي ٻاراڻي ڪتاب ۾ ڏنل پنج اضافي وسرگن مان به /ڙهـ/ ۽ /لهـ/ وسرگ صوتي (Phonemic) حيثيت رکن ٿا، باقي ٽي گهٽتا وسرگ [مهـ]، [نهـ] ۽ [ٺهـ] صوتيي جي اصول تي پورا نه لهن.

5. نتيجو:

هن پيپر ۾ تمام مختصر انداز ۾ ڊاڪٽر الانا جي ان راءِ کي جاچيو ويو ته "سنڌي صوتياتي نظام موجب سنڌي ٻوليءَ ۾ وسرگ وينجڻ آواز ڏار صوتئي جي حيثيت رکن ٿا." ڊاڪٽر الانا جي راءِ کي صوتيي جي ميزان/ اصول/ پيراميٽر ۾ ڏسڻ بعد هيٺيون نتيجو نڪتو:

- سنڌي آئيوينٽا ۾ ڏنل ڍ وسرگ /پ/، /ٽ/، /ٺ/، /جهـ/، /چ/، /ڏ/، /ڊ/، /ڦ/، /ڪ/ ۽ /گهـ/ سنڌي ٻوليءَ ۾ صوتي (Phonemic) حيثيت رکن ٿا.
- سنڌي صورتخطيءَ نسبت، سنڌي ٻاراڻي ڪتاب ۾ ڏنل پنجن وسرگن (ڙهـ، لهـ، مهـ، نهـ ۽ ٺهـ) مان به وسرگ /ڙهـ/ ۽ /لهـ/صوتي (Phonemic) حيثيت رکن ٿا، جڏهن ته گهٽتا وسرگ [مهـ]، [نهـ] ۽ [ٺهـ]سنڌي ٻوليءَ ۾ صوتي (Phonemic) حيثيت نه ٿا رکن.

حوالا/ ذريعا:

- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر[1967] 2009ع، سنڌي صوتيات- حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1960ع، 1981ع، 1984ع، 1985ع، 1988ع)، جامع سنڌي لغات جلد ترتيبوار ۱ کان 5. جام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- جتوئي، علي نواز، پروفيسر [1968] 1996ع، علم لسان ۽ سنڌي زبان، جام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- جيٹلي، مرليٹر، ڊاڪٽر، (2000ع)، سنڌي ڏوني وگيان (سنڌي صوتيات)، دهلي: اڪل پارتيہ سنڌي ساهتيہ.
- سنڌي ٻاراڻو ڪتابہ (2018ع)، جام شورو: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ.



ڊاڪٽر آزاد قاضي

تاريخ بزم صوفياءِ سنڌ

(ٽين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس)

سنڌ ثقافتي ڪانفرنس جي شروعات جيتوٽيڪ بزم صوفياء سنڌ جي ناليِ ۾ صوفي درويشن جي درگاهن کان ڪئي ويئي هئي. پر ان جو بنيادي مقصد عوام ۾ ثقافت جي حوالي سان سنڌ جي ساڃاهه پيدا ڪرائڻ هو، انڪري سمجهه ۽ شعور پيدا ڪرائيندڙ هيءَ پروگرام درگاهن کان هٽي ڪري ٻاهر پڻ ڪيا ويا. جنهن جو پهريون مثال ٽين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس ميرپور بٺورو هئي. علمي ادبي حوالي سان، بٺوري سان سائين جي.ايم.سيد جو پراڻو تعلق رهيو هو. سائين جي.ايم.سيد جي تقرير "سنڌي ادب جو ۽ ڇا لاءِ" جنهن ورهاڱي کان پوءِ واري جمود پريي ماحول ۾، ترقي پسنديِ ۽ قوم پرستانه سوچ کي اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪيو هو، اها تقرير به 1956ع ۾ بٺوري ۾ سڏايل ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي ڪئي ويئي هئي.

نواءِ سنڌ اخبار جي رپورٽ موجب:

"ميرپور بٺوري جي علم دوست، محبِ وطن نوجوانن جي دلچسپيءَ سان ثقافتي مرڪز ميرپوربٺوري پاران هيءَ ٽين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس 3 سيپٽمبر 1966ع تي احمد شاهه جي پڙ لڳ، پبلڪ پارڪ بٺوري ۾ منعقد ٿي. هن ثقافتي پروگرام کي نظر ۾ رکندي اسٽيج کي رلين، غاليچن، اجرڪن، پلڱين، ڊلين ۽ ڪاشيءَ جي پليٽن سان سجايو ويو. جن تي "جي.ايم.سيد صاحب زنده باد" "هيمون ڪالاڻي زنده آباد"، "ڊوڊو سومرو زنده آباد" "مير شير محمد زنده آباد" سنڌ جي غيور سپوتن جا نالا لکيل هئا." (13 سيپٽمبر 1966ع)

هن ڪانفرنس جا مکيه ورڪر ارباب نورمحمد پليجو، عبدالفتاح 'عبد'، عبدالحميد شاهين، عبدالحيي پليجو ۽ غلام حسين رنگريز هئا.

ذڪر ڪيل ورڪرن کان سواءِ ان ڪم ۾ جيڪي دوست سندن پاڻهن ٻيلي ٿي ٻينا هئا، جن وڏي جانفشانيءَ سان پروگرام کي ڪامياب ڪيو، انهن ۾ محمد يوسف 'سيف'، شمس پليجو، غلام رسول 'مسرور'، ابراهيم شيخ، دلپت، امير بخش، غلام محمد ۽ خواجه حبيب سائل قابلِ ذڪر آهن.

ورڪرن پاران ڪيل محنت جي نتيجي ۾ هن ڪانفرنس ۾ 2 اڍائي هزار ماڻهن شرڪت ڪئي. پس گردائيءَ واري عام و خاص عوام کانسواءِ هن پروگرام ۾ سکر کان شيخ ايازِ، خيرپورميرس مان تنوير عباسي، ميرپورخاص کان غلام محمد لغاري حيدرآباد مان جمال ابڙو، جمال رند، غلام رباني آگرو، مولانا غلام محمد گرامي، محمد عثمان ڏيپلائي، ابن حيات پنهور، شيخ علي محمد، پروانو پٽي، امداد حسيني ۽ پريو ناشاد شريڪ ٿيا. ڪراچيءَ مان مومن مليرائي پڻ شريڪ ٿيو. ان کانسواءِ ٻين مقامي شاعرن ۽ ادبي شخصيتن ۾ 'شمس جعفراڻي'، 'عزيز جعفراڻي'، 'ماسٽر احمد خان'، 'محمد صالح مهيري'، 'قلندرُ (شاهه) لکياري'، 'سرويچ سجاولي' ۽ 'محمد خان مجيدي'، 'اڪبر شاهه'، 'محسن عباسي'، 'سائينداد نوحاڻي'، 'رجب علي ضياءَ' اڃي وڃن ٿا.

هن ڪانفرنس جي 7:00 وڳي شروعات ڪئي ويئي، اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض عبدالفتاح"عبد" سرانجام ڏنا.

> ڪانفرنس جي پهرين يعني مقالن واري نشست جي صدارت درگاهه جهوڪ شريف جي سجاده نشين ڪئي ڪرٽي هئي. مگر سندن علم موجودگيءَ ۾ مقالن ۽ مشاعري ٻنهي ٻيٺڪن جي صدارت محترم شيخ ايازِ ڪئي." ("مهراڻ"، 3-4/1966ع، ص 185)

پروگرام جي شروعات ۾ استقباليه ڪميٽيءَ جي چيئرمن هڻڻ واري حيثيت ۾ ارباب نورمحمد پليجي آڇيان ڪرڻ لاءِ استقباليه خطبو پڙهيو. ارباب صاحب اُن پُرمغز ۽ جامع الصفات خطبي جي شروعات ۾ ميرپوربٹوري تعلقي جي ڪنڊائتي هڻڻ ڪري، معمولي اهميت جو حامل هڻڻ طرف اشارو ڪندي، ان سرزمين جي شاندار تاريخي پسمنظر جو اظهار ڪيو. هُن سنڌ جي تاريخ ۾ سومرا گهراڻي وارن رومانوي داستانن جو تعلق ان سرزمين سان ظاهر ڪيو. ان کان سواءِ سنڌي شاعريءَ جي وهائو تاري شاهه ڪريم بلڙي واري جي خاندان ۽ 12 صديءَ جي صوفين جي سردار حضرت شاهه عنايت شهيد جي ڏُنل وحدت مذاهب، اتحاد انساني ۽ حق لاءِ اپٽار ۽ قرباني، وارو جذبو پيدا ڪرائڻ طرف اشارو ڪندي، ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته:

"اسين انهيءَ مقدس سرزمين تي اڄ گڏ ٿي رهيا آهيون، اسان جو مقصد بہ معمولي نہ آهي، اسان انهن بزرگن طرفان سنڌ جي ان عظيم پيغام کي نئين سر زندھ ڪري رهيا آهيون."

گڏ ٿيڻ جي مقصدن جو اظهار ڪندي ارباب نورمحمد چيو ته:

"هن وقت جڏهن اسان جو قومي شيرازو خود مطلبي، نفاق ۽ نفرت، ڪمزوريءَ ۽ بزدلي ۽ قومي شعوري عدم موجودگيءَ سبب پرزا پرزا ٿي پيو آهي، تڏهن اسان انهن خامين کي دور ڪرڻ لاءِ هنن ڪانفرنسن ذريعي مخلص ڪارڪنن جو گروهه پيدا ڪري، سنڌ جي ان پيغام جي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ جو عزم رکون ٿا، جيڪو امن، انصاف ۽ آزاديءَ جو پيغام آهي. اڄ اسين انهيءَ ئي عظيم مقصد لاءِ هتي گڏ ٿيا آهيون." (سيد، 2013ع، ص 40)

سنڌ جي جنهن خاص پيغام طرف ارباب صاحب اشارو ڪيو، اڳتي هلي ان جا مکيه جزا هن ريت بيان ڪري ٿو:

1. "مذهب جي غلط تشريح ڪري، جا ايڪسپلائٽيشن (استعمال غرضي) جي ڪوشش ٿي رهي آهي، ان کي دور ڪري اسان کي مذهبي رواداريءَ ۽ محبت جو سبق پکيڙڻو آهي.
2. مذهب جي صحيح تعليم جي عدم موجودگيءَ ۾ اتحاد انساني ۽ امن عالم جو حصول ممڪن ٿي نہ سگهندو ۽ ملڪ نفاق ۽ نفرت جو مرڪز بڻجي پوندو.
3. اتحاد ۽ امن انسانيءَ جي غير موجودگيءَ ۾ دنيا ترقيءَ جي عيوض تباهيءَ ڏي وڌندي رهندي.
4. اتحاد ۽ امن انسانيءَ جي عالمي مشن جي سرانجاميءَ جي سلسلي ۾ سرزمين سنڌ کي خاص رول ادا ڪرڻو آهي.
5. ان پيغام جي پکيڙ لاءِ سنڌ جي اندروني خوداختياريءَ ۽ ذهني آزاديءَ جو حصول لازمي آهي.
6. سنڌ جي اها خوداختياري ۽ آزادي، پاڪستان جي مضبوطيءَ ۽ حفاظت جي ضمانت ٿي سگهي ٿي.
7. ايشيا ۽ آفريقا جي ملڪن جي آزادي، اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ عالمي محبت جو پيغام پکيڙڻ ضروري آهي.
8. ايشيا ۽ آفريقا جي ملڪن جي آزادي عالمي اتحاد ۽ امن عالم لاءِ هڪ مکيه منزل جو ڪم ڏيندي.
9. انهن ڪمن جي سرانجاميءَ کي سنڌ جي صوفي سڱورن اسلام جي چوڌهن سؤ ورهين جي مشن جو بنيادي مقصد سمجهيو هو. اڄ اسين پڻ ان کي اينئن سمجهون ٿا." (سيد، 2013ع، ص 41)

مٿي ذڪر ڪيل مقصدن جي سرانجامي ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿي، ان ڳالهه طرف اشارو ڪندي چوي ٿو:

"انهن سڀني مقصدن جي حصول لاءِ اسان کي هيٺيان ڪم سرانجام ڏيڻا آهن:

(1) سياست عملي ۽ جٽابندي ۽ خلفشارن کان علحده ٿي، ڪلچرل پليٽ فارم تان هن وقت ماڻهن جي نفسياتي اصلاح ۽ اخلاقي درستيءَ لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو.

(2) سنڌ جي صوفياءِ ڪرام ۽ مخلص قومي ڪارڪنن جي پيغام کي نئين زبان ۽ نئين انداز ۾ هر طرف پهچائڻو پوندو.

(3) سنڌ جي گوشي گوشي ۾ ڪانفرنسون ڪري، مٿئين پيغام ذريعي پنهنجن مقصدن جي تعليم ڏيئي، سنڌي عوام جي تربيت طرف متوجهه ڪيڻو آهي.

(4) مخلص ڪارڪنن جو گروهه پيدا ڪرڻو آهي جي مٿئين مشن لاءِ پاڻ وقف ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن." (سيد، 2003ع، ص 41)

اتحاد انساني، امن عالم، ترقيءَ بني آدم جهڙن وسيع خيالن واري مقصد جي نشاندهي ڪري، ان جي حاصلات وارن طور طريقن بيان ڪرڻ کان پوءِ محفل جي مورَ سائين جي.ايم.سيد کي عرض ڪيو ويو ته "پاڻ هن مجلس جي افتتاح لاءِ پنهنجي خيالات جو اظهار ڪرڻ فرمائين." (سيد، 2013ع، ص 41)

سيد صاحب پنهنجي افتتاحي خطبي جي ابتدا ميرپوربٹوري سان پنهنجي پراڻي وابستگيءَ جو ذڪر ڪري ڪنريل چئن مهينن کان مسلسل ثقافتي سرگرمين ۾ مصروف رهڻ جو ذڪر ڪندي ان اُميد جو اظهار ڪيو ته:

"جيڪڏهن ادب ۽ ڪلچر جي خيرخواهن جي دلچسپيءَ جي ساڳي رفتار رهي ته ممڪن آهي ته ٿوري عرصي اندر سنڌ جي گوشي گوشي ۾ محبت، امن ۽ عوام جي خيرسگاليءَ جو پيغام پهچائي سگهون." (سيد، 2013ع، ص 42)

ان اُميد افزا اپيل بعد سيد صاحب ڪنريل ڪانفرنس ۾ پيش ٿيل مواد کي، هاڻ پيش ٿيندڙ مواد جو بنياد ظاهر ڪندي سامعين کي عرض ڪيو ته،

"جيڪڏهن ڪنهن جون اهي ڪنريل تقريرون پڌل ۽ پڙهيل نه هجن ته تڪليف وٺي انهن کي پڙهڻ گهرجين، نه ته قومي امڪان آهي ته هن تقرير ۾ ذڪر ڪيل ڪيترين ڳالهين جي سمجهڻ ۾ تڪليف ٿيندين." (سيد، 2013ع، ص 42)

انهن ابتدائي ڪلمات ڪانپوءِ سيد صاحب پي سنڌ ثقافتي ڪانفرنس جي موقعي تي بيان ڪيل سنڌين جي پست حاليءَ ۽ ڪمزوريءَ وارن مکيه چئن ڪارڻن (1) خودمطلبي ۽ خودي (2) قومي شعور جي عدم موجودگي (3) نفرت ۽ نفاق (4) بزدلي ۽ بي غيرتيءَ جي نشاندهي ڪري، انهن جي علاج بابت پيش ڪيل راءِ جي روشنيءَ ۾، نقطي نمبر ٽئين يعني 'نفرت ۽ نفاق' واري ڪمزوري کي هيٺ ذڪر ڪيل ٽن نقطن ۾ ورهائي بيان ڪرڻ جو ذڪر ڪندي، سائين جي.ايم.سيد ان ارادي جو اظهار ڪيو ته:

"جيئن ته هنن ڪانفرنسن جو مقصد ماڻهن جو نفسياتي ۽ اخلاقي ڪمزورين کي دور ڪرڻ لاءِ تعليم ۽ تربيت ڏيڻ آهي، انڪري مون ارادو ڪيو آهي ته آهستي آهستي ڪري جدا جدا مجلسن ۾ مٿي ذڪر ڪيل قومي ڪمزورين جي رفع ڪرڻ لاءِ پنهنجون تجويزون پيش ڪندس." (سيد، 2013ع، ص 43)

اهڙي نيڪ ارادي جي روشنيءَ ۾ هن ٽين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس جي موقعي تي، ذڪر ڪيل ٽڪتن مان ٽئين ٽڪتي جي پهرئين ڪمزوري 'مذهب جي غلط تشريح' تي روشني وجهڻ جو ذڪر ڪيو ويو. 'مذهب

جي غلط تشريح' کي سمجهڻ واري سلسلي جي شروعات انسان جي وجود ۽ اچڻ وارين نظرين، قديم وحشي/جهنگلي دور واري ماحول، گذرمعاش جي وسيلن ۽ انهن ۾ درپيش مشڪلاتن جي بيان کرڻ سان ڪئي ويئي.

ان سلسلي ۾ هينيان ٽي ٽڪتا بيان ڪيا ويا:

1. "**سماوي آفتون** يعني سرديون، گرميون، طوفان، سخت بارشون، سيلابہ ڏڪار، ڏرتين جو ڏهڻ باهين جو لڳڻ.
2. **غيبي طاقتن ۽ جانورن** جا خوف ۽ خطرا يعني ديو، جن پوت، شيطاني روحن وغيره کان هڪ طرف تہ شينهن، هاٿين، گينڊن، رڇن، نانگن واڇن وغيره جهڙن خطرناڪ جانورن کان ڊپ ٻئي طرف.
3. **اتفاقي حادثا**: جن مان وڇوندڙ بيماريون، ٻين طاقتور ماڻهن جا حملا، گذرمعاش جي تنگي، اتفاقي موت، عورت ۽ ڪاڏي جي ڳالهين تان جهڳڑا، فساد وغيره هئا." (سيد، 2013ع، ص 44)

انساني زندگيءَ سان وابستہ مٿي ذڪر ڪيل ٽئي ٽڪتا اهڙا آهن جن جو انسان جي جيائپ سان سڌي طرح واسطو آهي ۽ اهي نہ رڳو انسان جي باهرين، پر اندروني احساسن تي بہ اثرانداز ٿيندڙ هئا. انساني روح ۽ عمل سان وابستہ انهن ٽڪتن جي اهميت ۽ افاديت جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ، اُهي سڌي يا اڻسڌي طرح موجوده دور تائين انساني زندگيءَ تي اثرانداز ٿيندي نظر اچن ٿا.

مٿي ذڪر ڪيل الاهي آفتون انسان کي "وهم پرستيءَ ۽ هر وقت خوف خطري ۾ رهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو." (سيد، 2013ع، ص 44)

بلآخر انساني عقل استعمال ٿيو ۽ حضرت انسان جو ذهن، "انهن ڳالهين جي ڪارڻن ۽ بچاءَ طرف ڇڪيو، جنهن لاءِ هنن ٻہ طريقا اختيار ڪيا: (1) هڪڙو جسماني حفاظت ۽ بچاءَ جو طريقو (2) ٻيو نفسياتي ۽ ذهني بچاءَ جو طريقو.

ٻئي يعني نفسياتي ۽ ذهني بچاءَ واري طريقي بابت "هزارن ورهين جي عملي ڪارگذاري تجربا، بعد سندن ذهنن ۾ ڪي خيال ۽ وهم گمان گهر ڪري ويا هئا اهڙن پيدا ٿيل قديم قبائلي خيالن ڪي سيد صاحب هينين ٽن حصن ۾ ورهائي بيان ڪيو آهي:

> "دنيا جي هرهڪ مادي شيءِ ۾ روح، آتما يا جوهري نفس آهي، جو انهن شين جي جيئري يا مُئي کان پوءِ بہ جدا هستي رکندو آيو ٿي، جيتوڻيڪ اهي روح کين ظاهري طور ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيا، ليڪن ڪن آثارن مان انهن جي وجود جو کين يقين ويهي ويل هو. سماوي آفتن، نامعلوم طاقتن، جانورن جي خوف ۽ اتفاقي حادثن جي هر نقصان لاءِ، هنن انهن روحن جي ڪاوڙ ۽ ناراضگيءَ کي جوابدار ٺهرايو ٿي." (سيد، 2003ع، ص 45)

انهيءَ اثر هيٺ قديم دور ۾ سڄ، چنڊ، ستارن جي پوڄا کان وٺي غيب ۽ جنن پرين کي راضي رکڻ لاءِ مختلف نوعيت کان حل ڳوليا ٿي ويا. اهو سلسلو اڄ تائين سڳي ڏاڪي، دعا ۽ منتر ۽ ٻين طريقن سان غيبات کي راضي رکڻ واري حوالي سان رائج العمل آهي.

ان ٽي ساڳي تصور هيٺ سالها سال جي تجربي ۽ خون خوار توڙي گهريلو جانورن سان گڏ گذارڻ جي نتيجي ۾:

> "جدا جدا قبيلن وٽ ڪي مادي شيون يا جانور سپاڳا ۽ نياڳا شمار ٿيڻ لڳا هئا. ان مطابق هُو هر سپاڳي شيءِ يا جانور کي بخت آور سمجهي اُن جي پوڄا ۽ احترام ڪرڻ لڳا هئا ۽ هر

نياڳي شيءِ يا جانور کي بدبخت يا هاجيڪار سمجهي خوف يا نفرت جي نگاهه سان ڏسي اُن جي مخالفت ڪرڻ جي پويان پيل هئا." (سيد، 2003ع، ص 46)

مٿين نوعيت واري وهمي تصور هيٺ ڪي پاڪ ۽ ڪي پليت جانور قرار ڏنا ويا اهو اثر پڻ موجوده دور تائين هلندو پيو اچي.

اهڙي نوعيت وارن وهمي ۽ تصوراتي ڳالهين کي ٽئين ٽڪتي طور قبائلي دستور يا رواج قرار ڏيندي، سيد صاحب لکي ٿو ۽:

"مختلف ڳالهين تان واقع ٿيندڙ باهمي جهڳڙن جي دفع ڪرڻ لاءِ صدين جي تجربا بعد، هرهڪ قبيلي جي مکيه سمجهدار ماڻهن جي مشوري سان مٿين ذڪر ڪيل مسئلن جي حل لاءِ ڪي دستور يا رواج مقرر ڪيا. جن کي هُو روايات موجب پوتر ۽ ضروري سمجهڻ لڳا هئا." (سيد، 2013ع، ص 46)

مٿي ذڪر ڪيل وهمن وسوسن، ڪن شين ۽ ساهوارن جي نياڳي ۽ سياڳي هڻڻ وارن تصورن، اختلافي مسئلن جي حل لاءِ ڪن شخصن پاران دستور يا رواج وارن ٽڪتن جو تفصيلي ذڪر ڪرڻ بعد سيد صاحب لکيو ٿ:

"انهن سڀني ڳالهين ڏڃي دنيا ۾ اچوڪن مروج عالمگير يا ثانوي مذهبن جي ترڪيب ۽ جوڙجڪ لاءِ مواد پيدا ڪيو، جن جي بنياد تي انهن سندن موجوده ترڪيبي صورت اختيار ڪئي." (سيد، 2013ع، ص 47)

سيد صاحب دنيا اندر عالمگيريت واري اثر جو مالڪ جن مذهبن کي تصور ڪري ٿو، تن ۾ چار وڏا مذهب: (1) هندومت، (2) ٻڌمت، (3) عيسائيت، (4) اسلام اچي وڃن ٿا، جڏهن ته ٻيا مذهب جهڙوڪ: 1- جين مت، 2- زردشت، 3- اسرائيليت، 4- تائومت، 5- ڪنفيوشس، 6- شنتومت ننڍي مذهب طور شمار ٽين ٿا، مٿي ذڪر ڪيل مڙني مذهبن جي ابتدا ۽ اوسر جي سلسلي ۾ سيد جو خيال هئو ٿ:

"اهي سڀئي مذهب گذريل پنجن هزار ورهين کان پوءِ جي، پيداوار آهن، ليڪن ماڻهو دنيا ۾ ڪيئي لک ورهن کان موجود هئا. انهن سڀني وٽ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ڪي عقيدا، دستور، ڪريا ڪرم، رسمون و رواج رهندا آيا هئا. تنهنڪري دنيا جي ارتقائي قانون موجب، جنهن کي جديد زبان ۾ دين فطرت (قانون فطرت) سڏي سگهجي ٿو، هيءُ مذهب انهيءَ ارتقائي قانون جا نتيجا آهن." (سيد، ص 47)

سيد جڏهن سڀني وجود ۾ آيل مذهبن کي دين فطرت ظاهر ڪري ٿو تڏهن پاڻ کي ڪنهن به هڪ مذهب تائين، محدود رهڻ بجاءِ، سڀ ۾ پرين پسڻ واري تصور هيٺ وحدت مذهب واري تلقين ڪندي نظر اچي ٿو. اهڙي ريت مذهبن جي هڪجهڙائيءَ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

"سڀني جي بنيادي پيدائش جا محرڪ جذبا خوف ۽ اميد هئا، ۽ سندن مقصد ماڻهن جو اتحاد، امن ۽ خوشحالي هو." (سيد، ص 47)

سچل سرمست فرمايو هو:

مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
شيخي پيري بزرگي، بي حد ٻلايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏو ڪين آيا، عقل وارا عشق جي.

سچل واري شڪايت، ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان اڪثر صوفين کي پئي رهي آهي، ان جو بنيادي سبب مذهب جي دعويدارن پاران ان جي غلط تشريح ڪري، عوام کي گروهن ۾ ورهائڻ هو. اهڙو عمل اتحاد، امن ۽ خوشحاليءَ وارن خواهشن جي نفي هو، جنهن سان حضرت انسان جي وجود ۾ اچڻ وارو مقصد رفع دفع ٿي پئي ويو. جنهن جي حاصلات طرف نشاندهي ڪندي مولانا روم فرمائي ٿو:

تو براء وصل کردن آمدي، ني براء فضل کردن آمدي.

غور ڪري ڏسبو تہ اها مذهبن جي من پسند تشريح ئي آهي جنهن موجوده سائنسي دور ۾ بہ افراتفريءَ وارو عالم پيدا ڪري ڇڏيو آهي. اهو سڀ ڪجهہ اُنڪري ٿيو آهي، مذهب جي وسيع انساني فلاح واري فلسفي تي عمل ڪرڻ بجاءِ هر ڪنهن پنهنجي من پسند طاويلن کي سامراجي درجي تائين پهچائي ڇڏيو آهي. ان رجحان طرف اشارو ڪندي سيد صاحب لکي ٿو:

"مذهبي سامراج نظرياتي ۽ فوق العقل الهامي عقيدن روايتي ۽ قديم مذهبن جي بنياد تي قائم ڪيا ويا آهن. مٿي ذڪر ڪيل عالمگير مذهبن مان هرهڪ جي دعويٰ اهائي رهي آهي تہ وٽن انسانذات جي جملي مسائل جي حل لاءِ طريقہ حيات جو مڪمل نمونو يا دستور موجود آهي ۽ ان مان ئي ماڻهن جي نجات ۽ چوٽڪارو حاصل ٿيڻ وارو آهي." (سيد، 2013ع، ص 48)

اهڙوئي ساڳيو انسانذات جي نجات ۽ چوٽڪاري واري دعويٰ پريو پروگرام اڳتي هلي 1917ع کان روسي سرزمين تان نڪري نروار ٿيو، جنهن دنيا جي مختلف ملڪن کي لپيٽ ۾ آڻڻ شروع ڪيو. ايتريقدر جو ان کي عالمگير مذهب جيترو مقام ملڻ شروع ٿيو. انڪري سائين جي.ايم.سيد 1966ع ۾ مذهبن جي غلط تشريح سبب اختيار ڪيل سامراجي روپ طرف اشارو ڪندي ان ڳالهہ جو اظهار ڪيو تہ:

"انهن نظرياتي سامراجن ۾ هڪ نئون اضافو ٿيو آهي، جنهن کي ڪميونزم جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. دعويٰ ان جي بہ ساڳي آهي تہ انسانذات جي جملي مسئلن جو حل سندس ڏسيل طريقي مان حاصل ٿيڻ وارو آهي، تفاوت صرف اهو آهي تہ هن جو بنياد ڪنهن فوق العقل الهامي اختياريءَ جي عيوض، مارڪس ۽ لينن جي ٻڌايل طريقن موجب عقل ۽ تاريخي ارتقا تي مادي قانونن جي ٻڌو وڃي ٿو." (سيد، 2013ع، ص 48)

ان دور ۾ دنيا اندر ڪميونسٽ بلاڪ جو هاڻو هو. پاڪستان ۾ بہ ڪامريڊن جي رات هئي، عام طور تي ڪميونسٽن کي مذهب مخالف تصور ڪيو ويندو هو. اهڙي ماحول ۾ سيد صاحب، جيڪو مذهب جي فسطائي (جبر) طريقي ڪار جو مخالف هو. ان بہ اها ڳالهہ الاعلان چئي تہ:

"مذهبن مان بہ ڪيترن جو طريقو ماڻهن کي تسلط ۾ آڻڻ لاءِ جهاد ۽ تبليغ آهي، ڪميونزم جو هڪ گروهہ بہ انهيءَ جهاد جي عقيدي ۾ اعتقاد رکي ٿو." (سيد، 2013ع، ص 48)

سيد جي ڪيل اها ڳالهہ ان وقت ڪنهن کي سمجهہ ۾ ڪانہ پئي آئي، جيتوڻيڪ ڪميونزم واري خوني انقلاب جا دنيا ۾ ڪيئي مثال موجود هئا. اڳتي هلي ڪميونزم وارو اهو فڪر 1979ع ۾ روسين پاران افغانستان ۾ فوجون موڪلي زوريءَ قبضو ڪرڻ واري عمل مان نمايان طور ظاهر ٿي اڳيان آيو. انسان دوستيءَ واري فڪر جي آڙ ۾ ڪيل ان جارحاڻي عمل تي، سائين جي.ايم.سيد ان وقت تبصرو ڪندي چيو هو تہ: "اهڙي رويي جي ڪري سوويت يونين ٽٽي ويندو." جيڪا ڳالهہ اڳتي هلي صحيح ثابت ٿي. چاڪاڻ تہ سيد جي خيال ۾ مذهب جي غلط تشريح ڪري، اختيار ڪيل فسطائي طريقا عالم انسانيت لاءِ نقصانڪار هئا ۽ اها ساڳي ڳالهہ ڪميونسٽن سان بہ لاڳو پئي ٿي.

مذهب جي غلط تشريح ڪري پيدا ٿيل فسطائي لاڙن کي سمجهڻ لاءِ، سيد صاحب پهريان مذهب جا هيٺيان ترڪيبي جزا بيان ڪيا آهن: (1) الاهيات يا روحانيت، (2) طريقت، (3) عبادات، (4) فقهه قانون. انهن چئني صيغن يا ترڪيبي جزن جي ڪري، انهن جي مدارالمهام جي ڪارڪردگي ۽ انهن مٿان وقت جي حاڪمن جي پوندڙ اثر رسوخ جو ذڪر ڪرڻ کانپوءِ سيد صاحب لکي ٿو:

"بدقسمتيءَ سان برصغير هند پاڪ ۾ اسلام ۽ هندومت جو پرچار ۽ رهبري اهڙن ماڻهن جي هٿ ۾ آئي جي مٿي ذڪر ڪيل مذهب جي مختلف صيغن جي جدا افزائش منصبي ڪان اڳتاڻ هئا يا پنهنجي طبقاتي مفادن خاطر جائي واڻي هنن صيغن کي گڏي ماڻهن کي گمراهه ڪري، پنهنجي تسلط هيٺ رکڻ گهريو ٿي." (سيد، ص 50)

اهڙن گروهن کان سواءِ ٻنهي مذهبن مان ڪي چند اهڙا فقير صفت شخص ۽ پيدا ٿيا، جيڪي ويدانتي وحدت الوجودي ۽ صوفي سڏجڻ لڳا، انهن جو ذڪر ڪندي سيد صاحب چوي ٿو:

"اهي ڪنهن فرقي يا گروهه جا پابند نه هئا، اڇڪلهه جي زبان ۾ انهن کي نان الائيڊ (غير جانبدار) سڏيو وڃي ٿو... انهن جو ٻيائيءَ کي هڪ ڪوڙ ٻيل هو... هنن کي پتو هو ته مذهب ماڻهن لاءِ پيدا ٿيل هئا، نه ماڻهو مذهبن لاءِ، انهيءَ نقطي نگاهه کان صوفين وحدت مذاهب، اتحاد انساني ۽ عالمي امن ۽ ترقيءَ کي پنهنجا بنيادي مقصد بڻائي پنهنجي سلمهون رکيو هو." (سيد، 2013ع، ص 50-51)

برصغير هند- پاڪ جو به مٿي ذڪر ڪيل حال پئي رهيو آهي، جنهنڪري اڄ تائين مذهب جي نالي ۾ قتل و غارت گريءَ ايتريون ته پاڙون پختيون ڪيون آهن ۽ اهو رجحان ايترو ته وڌيو ويجهيو آهي، جو صوفيائن مرڪزن ۾ به بدعتون گهر ڪري ويون آهن ۽ مذهبي انتهاپسندي ايتريون ته جڙون مضبوط ڪندي پيئي وڃي جو ڪائي به اهڙي جاءِ نظر ڪانه ٿي اچي، جيڪا دهشتگرديءَ کان آجي رهي سگهي، پر ٻاهرين دنيا جن مذهب جي غلط تشريح ڪري، مفاد پرستانه مفادن خاطر استعمال کان پاسو ڪيو، اتي، "انساني معاشرو ترقي يافته ملڪن ۾ ان ارتقائي درجي تي پهتو آهي، جو مذهبن جي مٿي ذڪر ڪيل چئن صيغن جي جداگانه منصبي فرضن جي تميز پيدا ٿيڻ لڳي اٿن. اتي هرهڪ صيغي جو ڪم جدا ماهرن جي هٿ ۾ ايندو وڃي." (سيد، 2013ع، ص 51)

ايتري وضاحت بعد سيد پاران چئني صيغن جي دائري ڪار ۽ ان تي عمل پيرا ٿيندڙ بابت آگاهي ڏيندي ٻڌايو ويو ته:

(1) ان صيغي (الاهيات) جي حل لاءِ سائنسدان، ولي الله، يوگي، فيلسوف کوجنا ڪري رهيا آهن. (اهي) آگرين تي گڏڻ جيترا مس هوندا." اوتارا ۽ اوطاقون خانقاهون ۽ آشرم، مڙهيون ۽ موناسٽريون اڄ خالي پيون آهن." ٻيو صيغو (طريقت) "مسلمان ۾ صاحب طريقت صوفين جي حوالي رهيو آهي. ان ڪري اڇڪلهه ڪلچر ۽ ثقافت جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو." (سيد، ص 51)

ٽيون صيغو عبادات، پادري ۽ پڳتن جي حوالي آهي ڇاڪاڻ ته عابد ۽ زاهد اڇڪلهه عنقا آهن. اهي ٻنهنجي سمجهه آهر عقيدتمندن ۽ معتقدن جي رهبري ڪري رهيا آهن."

(سيد، ص 52)

چوٿون صيغو (فقهي قانون) "ملڪي حڪومتن جي حوالي ۾ اچي ويو آهي، جي مختلف نظرين ۽ طريقي ڪار سان ملڪي، سماجي، اقتصادي عدالتي ۽ امن امان جي مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ ڪوشان نظر اچن ٿيون." (سيد، ص 52)

مٿي ذڪر ڪيل صيغن جي حوالي سان جيئن اڳ ذڪر ٿي آيو آهي ته، ترقي يافته ملڪ انهن صيغن جي ذار ذار فرائض منصبيءَ جي حوالي سان ڪم ڪري رهيا آهن، ته اهي ترقي ڪندا رهن ٿا، پر پٺتي پيل ملڪن ۾، ملاءِ پنڌت، پنهنجي مذهب جي نالي ۾ جدا شرعي ۽ سماجي نظام قائم رکيو اڇن، جيتوڻيڪ عملي طرح انهيءَ صيغي جي فرائض مان سندن هٿ ۾ ڪجهه به نه رهيو آهي ۽ نه آئيندي اچڻ جو امڪان اٿن، ليڪن عوام کي پنهنجي تسلط ۾ رکڻ لاءِ ايجا اهو راڳ أچاريندا رهن ٿا." (سيد، ص 52)

اهائي ملائيت آهي جنهن سان مذهب ۽ سياست خلط ملط ٿي معاشري ۾ افراتفريءَ جو سبب بڻجي ٿي ۽ روز بروز مذهبي انتهاپسنديءَ ۽ دهشتگردي زور وٺي رهي آهي.

انڪري عالمي دنيا مذهب کي سياست کان بنهه ذار ڪري هلائڻ واري مقصد تي عمل پيرا آهي.

مٿي ذڪر ڪيل صورتحال کي نظر ۾ رکندي سيد صاحب بزمِ صوفياءِ سنڌ جي هن ٽئين خطبي ۾ واضح ڪيو ته:

"اسان جي بزم جو مذهب جي ٻئي صيغي سان واسطو آهي. جنهن کي طريقت يا ڪلچر جي لفظن سان سڏيو وڃي ٿو. اسان پاڻ کي صوفي، ثقيف يا ڪلچرسٽ سڏائي سگهون ٿا. اسان جي ڪر جو دائرو مخصوص ۽ محدود آهي. اسان ڪنهن جي خلاف نه آهيون، نه ڪنهن جا پوئلڳ ٿي رهڻ گهرون ٿا. اسان جو نه صاحبِ شريعت مذهبي ماڻهن سان اختلاف آهي، نه ڪميونسٽ ڏُر سان، اسان حڪومت جي ڪمن يا پاليسيءَ ۾ ڪابه دست اندازي يا دَخل ڪرڻ نه ٿا گهرون... 'اسان کي پنهنجا رايا ۽ اعتقاد آهن، اوهان پلي پنهنجو رکو.'... اسان پنهنجي سمجهه آهر چپ چاپ خدمت ڪرڻ گهرون ٿا." (سيد، 2003ع، ص 53)

انساني شعور کي تبديل ڪندڙ ان ثقافتي سرگرمين ۾ حصو وٺندڙ ڪارڪنن لاءِ سيد صاحب کي بنيادي نُڪتا هن ريت بيان ڪري ٿو، جن لاءِ سندس چوڻ آهي ته:

"اسان جي گروهه ۾ ڪم ڪرڻ وارن کي هيٺين ڳالهين بابت ذهن صاف ڪرڻا پوندا.

(1) ڪثرت مذاهب پويان دنيا جي وحدت کي مڃي مذهبن جي نالي ۾ انسانذات جي وچ ۾ ڪڙي ڪيل ديوارن کي توڙڻو اٿئون.

(2) هر اها ڳالهه جا انسانذات ۾ نفاق ۽ نفرت پيدا ڪري ٿي، پوءِ جو نه اُها اسلام، خدا، رسول، ملڪ وغيره ۽ ٻين دلڪش نالن ۾ ظاهر ڪئي وڃي. اُن کان اسان کي پري رهڻو آهي.

(3) اسان جي ڪارڪنن جا ذهن انهيءَ معاملي ۾ صاف هئڻ گهرجن ته مذهبي شريعت جو سياسي معاملن سان واسطو ملڪي مفاد وٽان نه آهي.

(4) اسان عقيدن ۽ خيالن جي آزاديءَ جا حامي آهيون ۽ ان کي پنهنجي جنم جو حق سمجهون ٿا تنهنڪري ڏارين جي دست اندازيءَ يا اثر ڪري ان حق تان دست بردار نه ٿيندا سون. اهڙي طرح اسان ٻين جي عقيدن ۽ خيالن ۾ دست اندازي ۽ دخل نٿا ڪرڻ گهرون، ساڳي اميد پنهنجي لاءِ ٻين مان ٻ رکون ٿا.

(5) اسان عدم تشدد ۽ اهنا جا حامي آهيون، پنهنجي خيال ۽ عقيدي جو اظهار محدود دائري ۾ تاليف قلوب ۽ محبتي مام ذريعي ڪرڻ گهرون ٿا. زور زبردستيءَ ۽ ظاهري پروپيگنڊا ۾ اسان جو اعتبار نه آهي. مذهبي جهاد جا مخالف آهيون، نفس کي مارڻ کي جهاد اڪبر سمجهون ٿا.

(6) اسان جو اعتماد آهي ته سرزمين سنڌ ۽ ان جي صوفياءِ ڪرام کي اتحاد انساني، امن عالم ۽ دنيا جي آبادي۽ لاءِ خاص پيغام آهي. اسان ان مشن (سفارت) جا سفير آهيون." (سيد، 2003ع، ص 54)

سائين جي.ايم.سيد جي اهڙي بصيرت آميز ۽ معلوماتي افتتاحي خطبي کان پوءِ "مولانا غلام محمد گرامي، علم ادب ۽ سنڌ جي تصوف تي روح پرور تقرير ڪئي." (مهراڻ، 1966/3ع، ص 185) غلام حسين رنگريز 'سرويچ سجاولي۽ جي شاعري' عنوان سان مقالو پڙهيو. جڏهن ته محمد خان مجيدي "نٽي ضلعي جي ثقافت" عنوان هيٺ مقالو پڙهيو ۽ عبدالفتاح 'عبد' "سائين۽ سان رهاڻ" سري سان مقالو پيش ڪيو.

مقالن جي نشست پوري ٿيڻ بعد ساڳي ئي صدر مجلس محترم شيخ ايار جي صدارت هيٺ مشاعري جي نشست شروع ڪرائي ويئي ته صدر مجلس "مشاعري جي روايتن کي ٽوڙيندي پاڻ سيني کان پهريان پنهنجو ڪلام پيش ڪيو." (انگريز، 1966ع، ص 3)

مشاعري جي روايتن موجب مشاعري جو صدر آخر ۾ شعر پيش ڪندو آهي. پر شيخ صاحب کي جيئن ته مشاعري جي اهميت ابتداءِ ارتقا تي خيالن جو اظهار ڪرڻو هو، انڪري پاڻ شروعات ۾ ئي پنهنجو تازو ڪلام نظر ۽ وايون ٻڌايون. تنهن بعد مٿي ذڪر ٿيل آيل نامور شاعرن پنهنجي پنهنجي ڪلام وسيلي محفل اڇيان ڪيئي، سنڌ جا ثقافتي رنگ نڇاور ڪيا. ان موقعي تي جمال رند پاران پيش ڪيل 'لولي' سامعين کي بي حد متاثر ڪيو.

مشاعري جي پڄاڻي۽ تي صدارتي تقرير ڪندي شيخ ايار مشاعري جي سنڌي سماج ۾ اهميت کي واضح ڪرڻ لاءِ، ان پروگرام کي مشاعري جي محفل چوڻ بجاءِ، بزمِ صوفياءِ سنڌ جي نشست قرار ڏيندي ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته:

"مون کي مشاعرو لفظ ئي نه آئڙندو آهي، بلڙي۽ واري کان وٺي بيڪس سائين۽ تائين ڪنهن به مشاعري ۾ شرڪت نه ڪئي هئي چو ته مشاعرو اسان جي ثقافت جو حصو نه آهي... مشاعري جي روايات برصغير جي جاگيرداري دور سان وابسته آهي ۽ شاعر جي بيڪسي۽، مضحڪ خيزي۽ ۽ ذلت جو عبرت انگريز داستان آهي."

ان سلسلي ۾ سمجهاڻي ڏيندي ايار چيو:

"مشاعرا جاگيرداري طبقي جي تفريح لاءِ ڪيا ويندا هئا، ۽ شاعر يا ته ان طبقي جا وظيفي خوار هوندا هئا يا تمنائي هوندا هئا. انهي۽ طوائف الملوڪي۽ جي دور ۾ شاعر کي اهو احساس نه هو ته هن جي شاعري۽، بٽيربازي۽، ڪبوتربازي۽ يا پتنگ بازي۽ ۾ ڪوئي فرق نه آهي ۽ اها فقط آقا جي تفريح جو ذريعو آهي ۽ وڌيڪ ڪجهه به نه آهي."

(سيد، 2013ع، ص 56)

ايار مشاعري کي تخريبي مشغلو ظاهر ڪري، سنڌ ۾ ان جي رواج پوڻ جو سانگي۽ جي دور ڏانهن اشارو ڪندي ان ڳالهه جو فخريه اظهار ڪري ٿو ته:

"اسان جا ڪلاسيڪل شاعر مشاعري باز نه هئا، چو ته اهي بيحد خوددار انسان هئا ۽ هو ڪنهن جي آسڻ تي نه ويندا هئا، پر ڪوڙين انهن جي آسڻ تي اچي سلام ڪندا هئا."

(سيد، ص 57)

سنڌي ثقافت جي صوفياڻي خودداري۽ کي ساراهيندي هو ان ڳالهه جو به اظهار ڪري ٿو ته:

"اسان جي اڄ سنڌي ثقافت جي تحفظ ۽ تجديد لاءِ ڪنا ٿيا آهيون، انهن مشاعرن جا وارث آهيون، جن انسانذات کي هڪ لازوال پيغام ڏنو آهي، امن ۽ انسانيت جو پيغام سپردگي۽ ۽ سرفروشي۽ جو پيغام، مذهبي

تفرقي بازيءَ ۽ تعصب کان پرهيز جو پيغام، حب الوطنيءَ ۽ بين الاقوامي رواداريءَ جو پيغام، اسان پٽائيءَ ۽ درازيءَ جي روايت جا وارث آهيون."

اهڙيون تاريخي حقيقتون بيان ڪرڻ کان پوءِ سنڌي ثقافت جي جامع الصفات تصور بابت شيخ صاحب تفصيلي روشني وڌي، تنهن بعد هن مجلس ۾ موجود عام توڙي خاص کي اپيل ڪندي چيو ته:

"اڄو ته اڄ سيئي واعدو ڪريون ته اُها ثقافت جا پٽ ڏٽيءَ، کان سن جي سائينءَ تائين ساهه سانديءِ ويئي آهي جا ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين پکڙي پيئي آهي جا موهن جي ڏڙي ۽ اروڙ جي اتهاس ۾ جرڪي رهي آهي ۽ جنهن پوري برصغير جي تهذيب تي پنهنجا ترورا ڦهلائي، ان کي زندگي بخشي آهي، اها ثقافت اسان پنهنجي جند جان کان عزيز رکنداسين." (سيد، ص 59)

سنڌ جي ثقافتي روايت موجب محفل جي آخر ۾ راڳ رنگ جي محفل ٿي، جنهن ۾ فقير عبدالغفور، علي محمد سروري، ماسٽر علي محمد ۽ ٻين مقامي فنڪارن فن جو مظاهرو ڪيو.

اهڙيءَ ريت سنڌ جي ڪُنڊڪرڇ مان ڪهي آيل عالمن، اديبن، شاعرن، فنڪارن، مقامي معزز شهرين، شاگردن توڙي هارين نارين جي هي ثقافتي محفل رات جو 12:00 وڳي پڄاڻيءَ تي پهتي.

ميرپوربٹوري جي باشعور ۽ محنتي ڪارڪنن جي ڪيل محنت جي نتيجي ۾ جنهن نوعيت جا سامعين هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيا، انهن جي حاضري ۽ دلچسپيءَ شيخ ايياز ۽ سائين جي.ايم.سيد ڪي بيحد متاثر ڪيو، پروگرام پوري ٽيڻ بعد سيد صاحب عبدالفتاح 'عبد' ، عبدالحميد 'شاهين'، عبدالحيي پليجو ۽ غلام حسين رنگريز سان ملاقات دوران خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته:

"هي ڪانفرنس اڳين ٻنهي (پهرين ۽ ٻين) ڪانفرنسن کان بهتر هئي."

"درگاهن تي جيئن ته عام خلقت جام اچي ٽي انڪري بظاهر اتي ميڙاکو دل پذير ٿئي ٿو، پر شعور ۽ سمجهه جو فقدان هوندو آهي، ان جي پيٽ ۾ عام درگاهي ڪلچر کان هٽي ڪري عام و خاص جو ههڙو ميڙاکو ٽيڻ يقيناً باعث فخر ۽ خوشيءَ جي ڳالهه هئي. اهڙي آساه ڏيارينڊ رجحان طرف اشارو ڪندي، سيد صاحب نوجوانن جي وفد کي واضح لفظن ۾ چيو ته:

"حالانڪ عوام داد شهيد جي ڪانفرنس تي زياده هو، ليڪن اتي ٻڌڻ وارا زياده، سمجهڻ وارا گهٽ هئا، پر هن ڪانفرنس ۾ سمجهه وارا ماڻهو ڳڇ هئا."

اهڙي پروگرام پوري ٽيڻ کان پوءِ ٻه سائين جي.ايم.سيد ۽ ٻن ڪلاڪن تائين ثقافت جي مختلف پهلوئن تي نوجوانن سان گفتگو ڪندو رهيو.

ٻيليوگرافي:

1. سيد، جي.ايم، "خطبات سيد"، 2013ع، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
2. ادارو، "ٽين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس" ته ماهي "مهراڻ" 3-1966/4ع، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد
3. رنگريز، عبدالله، ميرپوربٹورو ۾ "ٽين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس" روزانه نواءِ سنڌ 13- سيپٽمبر 1966ع
4. رنگريز غلام حسين، "خانه بدوش روح ڪتا"، عوامي آواز منگزين، 17 جنوري 2016ع.

محمد يوسف جويو



محمد ابراهيم جويو ۽ تعليم بالغان

گذريل ويهين صدي، تي جڏهن نظر وجهبي ته اسان کي تعليم جي شعبي ۾ وڏا وڏا نالا نظر ايندا، جن جي زندگي، ۽ ڪم جو احاطو ڪرڻ اسان لاءِ وڏو ڏکيو ڪم ٿيندو. ها! جيڪڏهن اسان جا تعليمي ادارا جهڙوڪ يونيورسٽيون ۽ ٻيا تعليمي ادارا پنهنجن شاگردن کان انهن شخصيتن جي زندگي، ۽ انهن جي علمي ڪم تي پي ايڇ.ڊي يا ايم.فل جون ڊگريون ڏئي تحقيق ڪرائين ته شايد پوءِ ڪجهه سالن ۾ اُهي تعليمدان، ۽ انهن جو علمي ڪم ڪجهه نروار ٿي سگهي ٿو.

سنڌ جي تعليمي شعبي ۾، انهن وڏن نالن ۾ هڪ نالو محمد ابراهيم جويو صاحب جو به آهي. محمد ابراهيم جويو هڪ تعليمدان هجڻ سان گڏ هڪ مدبر اديب ۽ دانشور آهي. هن 'سنڌ بچايو ڪنڊ بچايو' جهڙو شاهڪار ڪتاب لکي، ان وقت سنڌ وطن جي سياستڪارن جي رهبري ڪئي، ۽ انهن کي سنڌ جي خوشحالي، لاءِ گس ۽ ڏس ڏني ڪري ڏنا. ان کان پوءِ ٻيا ڪئي ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا. جن ۾ فلسفو، تاريخ، ادب، هولي ۽ تعليم وغيره جهڙا اهم موضوع شامل آهن. محمد ابراهيم جويو پيشي جي لحاظ کان هڪ استاد هو. تنهنڪري هُو پاڻ سمجهندو هو ته تعليم ئي آهي جيڪا قومن جي خوشحالي ۽ ترقي، جي ضامن آهي. تعليم، قومن کي شعور ۽ عقل ڏئي ٿي. قومي غلامي، مان چوٽڪارو ڏياري دنيا ۾ پنهنجي وطن واسين جو ڀَڳت اوچو رکي ٿي. تنهنڪري هن پنهنجي هولي، ۾ تعليم تي گهڻو لکيو ۽ ترجما ڪيا آهن. جن ۾ 'ايملي عرف تعليم'، 'علم تدريسي مظلومن لاءِ'، 'ادب، هولي ۽ تعليم'، 'اسان جي هولي ۽ اسان جي تعليم' وغيره، شامل آهن. هن اسڪولن ۾ پاڙهجندڙ درسي ڪتابن ۾ ڪل 43 ڪتاب، ايڊٽ ڪيا جن ۾ جويي صاحب جا ڪجهه ڪتاب مڪمل لکيل به شامل آهن. انهن لکيل ڪتابن مان ڪجهه ساڳيا ڪتاب اڄ تائين به اسڪولن ۾ پاڙهيا پيا وڃن.



جڏهن گورنمينٽ 1972ع ۾ ايجيوڪيشن پاليسي آندي ۽ ان ۾ وڏن جي تعليم يعني تعليم بالغان جو پروگرام شامل ڪيو ويو، تڏهن انهن جي لاءِ نصاب ۽ درسي ڪتابن جي جوڙڻ جي ضرورت پئي، ته ان وقت محمد ابراهيم جويو بالغن جي تعليم لاءِ درسي ڪتاب لکيا ۽ ايڊٽ ڪيا، ۽ انهن جي صلاحڪار ڪميٽي، جي مُک ميمبر طور ڪم ڪيو. وڏن جي تعليم لاءِ "اُن وقت" جا لکيل ڪتاب اڄ تائين"

تعليم بالغان " جا بنياد رهيا آهن. هت انهن ڪتابن جو بيليوگرافيڪل جائزو ورتو ويو آهي، جيڪي هن بالغان تعليم لاءِ درسي ڪتاب طور پاڻ لکيا آهن. جن ۾ پاڻ هڪ ليکڪ جي حيثيت سميت ايڊيٽر، نظرثاني ڪندڙ ۽ صلاحڪار وغيره طور اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اهي ڪتاب گورنمينٽ آف سنڌ پاران سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۽ پين ادارن ڇاپيا آهن.

ـ تعليم بالغان لاءِ لکيل ڪتاب

1. اڇو ته وٽيڪ پڙهون (بالغن جي پڙهڻ جو پهريون ڪتاب) 1973ع

هيءُ ڪتاب سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد طرفان ڇاپيو ويو آهي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ محمد ابراهيم جويو، رحيم بخش ميمڻ ۽ شيخ عبدالله "عبد" شامل آهن. ڪتاب جي ڇپائي صاف ستري آهي. هر سبق جي عنوان سان ملندڙ تصويرون ۽ تصور ڏنل آهن، جن تي آرٽسٽ جو نالو لکيل نه آهي. جملن ۽ لفظن جي خاص ترتيب ڏنل آهي. زيرن زبرن مطلب ته اعرابن جو مڪمل ۽ صحيح استعمال ڪيو ويو آهي. ڪتاب جي سرورق چار رنگن جو آهي جنهن تي ڪجهه مرد ماڻهو روايتي لباس ۾، ڪتاب پڙهي رهيا آهن. ڪتاب ۾ سڀ سبق بيان واري انداز ۽ ڪهاڻيءَ جي انداز ۾ لکيل آهن، جنهن جي پڙهڻ سان دلچسپي وڌي ٿي. ڳڙو ڳڙ ڪجهه نظر پڙ شامل آهن جن جا شاعر، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، خليفو گل محمد گل هالائي ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي آهن. ڪتاب ۾ شامل مواد جو سڀاڻ ۽ ان جي بيهڪ تمام سهڻي رٽيل آهي. هر سبق جي آخر ۾ پڙهندڙ جي لاءِ، خود آزمائش جي هڪ مشق ڏنل آهي، جنهن ۾ سبق مان ئي سوال، لفظ ۽ گرامر جون ڪجهه سمجهاڻيون ڏنل آهن. سڄ ته هيءُ ڪتاب اڄ به بالغن جي تعليم لاءِ نهايت ئي مناسب ۽ مڪمل آهي. هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن 1973ع ۾ چپيو، ۽ ڇاپيندڙ دي ٽائيمس پريس ڪراچي آهي. هيءُ ڪتاب 53 صفحن تي مشتمل آهي ۽ ڇپيل تعداد 350000 آهي.

2. اڇو ته لکون (بالغن لاءِ) لکڻ جو پهريون ڪتاب:

بالغن جو هيءُ پهريون ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب شعبه خواتين، حڪومت پاڪستان، اسلام آباد جي طرفان سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد مان ڇاپيو ويو آهي. هن سڄي ڪم جي نگراني اداره نصاب ۽ توسيع تعليم سنڌ، جام شورو ڪئي. نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ محمد ابراهيم جويو، رحيم بخش ميمڻ ۽ شيخ عبدالله "عبد" شامل آهن. ڪتاب جي ڇپائي صاف ستري آهي. هيءُ ڪتاب لکڻ جي مشق تي مشتمل آهي، هن ۾ جملن ۽ لفظن جي خاص ترتيب ڏنل آهي، هرليکيل سٽ کان پوءِ به لائنون خالي ڇڏيل آهن ته جيئن ان تي لکڻ جي مشق ڪري سگهجي. هن ڪتاب ۾ زيرن زبرن يعني ته اعرابن جو مڪمل صحيح استعمال ڪيو ويو آهي. ڪتاب جي سرورق پن رنگن جو آهي، جنهن تي ڪجهه عورتون پنهنجي روايتي لباس ۾، ڪجهه لکي رهيون آهن . هن ڪتاب ۾ رسيد، خط ۽ درخواست لکڻ جي به مشق ڏنل آهي، ان کان علاوه انگن لکڻ جو هڪ پيج ۽ هڪ پيج تي "الف بي جا آواز" جي پٽي ڏنل آهي. ڪتاب ۾ شامل مواد جو سڀاڻ ۽ ان جي بيهڪ تمام سهڻي رٽيل آهي. سڄ ته هيءُ ڪتاب اڄ به بالغن جي تعليم لاءِ نهايت ئي مناسب ۽ لکڻ جي مشق جو مڪمل عملي ڪتاب آهي. هن ڪتاب جو هيءُ پهريون ايڊيشن آهي، ڪتاب 49 صفحن تي مشتمل آهي.

3. ڪتاب 1: بالغن لاءِ

هيءُ بالغن جي پڙهائڻ لاءِ پهريون، پرائيمري ڪتاب آهي. شعبه خواتين، حڪومت پاڪستان، اسلام آباد جي طرفان سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد مان ڇاپيو ويو آهي. هن سڄي ڪم جي

نگراني اداره نصاب ۽ تو. سڀ تعليم سنڌ، جام شوري ڪئي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾، محمد ابراهيم جويو، رحيم بخش ميمڻ ۽ شيخ عبدالله "عبد" شامل آهن. ڪتاب جي ڇپائي هن رنگن ۾، صاف سٿري آهي، ۽ سبقن سان ٺهڪندڙ تصوير يا اسڪيچ پڻ ڇپيل آهن، جيڪي ڏاڍا سٺا ۽ سهڻا لڳي رهيا آهن، پر انهن اسڪيچن جي ناهيندڙ جو به نالو لکيل ناهي. هيءُ ڪتاب پڑهڻ جي سبقن تي مشتمل آهي، هن ۾ جملن ۽ لفظن جي خاص ترتيب ڏنل آهي، هر لکيل لفظن ۽ ان جي مشابهت سان ان جي تصوير ڏنل آهي ۽ انهن کان پوءِ لفظن کي ٽوڙي اکرن ۽ آوازن کي ڌار ڌار ڪيو ويو آهي ته جيئن پڑهڻ، لکڻ ۽ سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. زيرن زبرن مطلب ته اعرابن جو مڪمل صحيح استعمال ڪيو ويو آهي. ڪتاب جي سرورق چار رنگن جو آهي، جنهن تي ڪجهه عورتون پنهنجي روايتي لباس ۾، ڪجهه پڑهي رهيون آهن ته هڪ عورت وري سلائي ڪري رهي آهي، ڪتاب ۾ شامل مواد جو سِٽاءُ ۽ ان جي بيهڪ تمام سهڻي رٿيل آهي. سڄ ته هي ڪتاب، اڄ به بالغن جي تعليم لاءِ نهايت ئي مناسب ۽ پڑهڻ جو مڪمل عملي ڪتاب آهي. هن ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن 1987ع ۾ ڇپيو آهي، ڪتاب 54 صفحن تي مشتمل آهي.

5. ڪتاب(2)

هي بالغن جي پڑهائڙ لاءِ پهريون، پڪي پهرين جو ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب "قومي ڪميشن براءِ خواندگي و تعليم عام" حڪومت پاڪستان، اسلام آباد جي طرفان سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ حيدرآباد، مان ڇاپيو ويو جڏهن ته نيشنل بڪ فائونڊيشن ڪراچي هن جو ڇپائيندڙ هو. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ **محمد ابراهيم جويو**، رحيم بخش ميمڻ ۽ شيخ عبدالله "عبد" شامل آهن. ڪتاب جي ڇپائي هن رنگن ۾، صاف سٿري آهي. هيءُ ڪتاب پڑهڻ جي سبقن تي مشتمل آهي، هن ۾ جملن ۽ لفظن جي خاص ترتيب ڏنل آهي، هر لکيل لفظن ۽ ان جي مشابهت سان ان جي تصوير ڏنل آهي، جيڪي ڏاڍا سٺا ۽ سهڻا لڳي رهيا آهن، پر انهن اسڪيچن جي ناهيندڙ جو به نالو لکيل ناهي. هيءُ ڪتاب پڑهڻ جي سبقن تي مشتمل آهي، هن ۾ جملن ۽ لفظن جي خاص ترتيب ڏنل آهي، هر لکيل لفظن ۽ ان جي مشابهت سان ان جي تصوير ڏنل آهي ۽ انهن کان پوءِ لفظن کي ٽوڙي اکرن ۽ آوازن کي ڌار ڌار ڪيو ويو آهي ته جيئن پڑهڻ، لکڻ ۽ سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. زيرن زبرن مطلب ته اعرابن جو مڪمل صحيح استعمال ڪيو ويو آهي. ڪتاب جو سرورق چار رنگن جو آهي، جنهن تي ڪجهه عورتون پنهنجي روايتي لباس ۾، ڪجهه پڑهي رهيون آهن ته هڪ عورت وري سلائي ڪري رهي آهي. ان کان علاوه هن ڪتاب ۾ الف بي جي پٽي، هڪ پيج تي "الف بي جا آواز" جي پٽي، هڪ پيج تي "اکرن جون گڏيل صورتون" ۽ آخري پيج تي سَوَ تائين انگن جو چارٽ ڏنل آهي. ڪتاب ۾ شامل مواد جو سِٽاءُ ۽ ان جي بيهڪ تمام سهڻي رٿيل آهي. سڄ ته هيءُ ڪتاب اڄ به بالغن جي تعليم لاءِ نهايت ئي مناسب ۽ پڑهڻ جو مڪمل عملي ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب 41 صفحن تي مشتمل آهي.

4. ڪتاب(2): بالغن لاءِ

هيءُ بالغن جي پڑهائڙ لاءِ پهريون، پڪي پهرين جو ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب شعبه خواتين، حڪومت پاڪستان، اسلام آباد جي طرفان سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد مان ڇاپيو ويو آهي. هن سڄي ڪم جي نگراني اداره نصاب ۽ توسيع تعليم سنڌ، جام شوري ڪئي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ **محمد ابراهيم جويو**، رحيم بخش ميمڻ ۽

ٹئي. زيرن زبرن مطلب ته ايرابن جو مڪمل صحيح استعمال ڪيو ويو آهي. ڪتاب جو سرورق ٻن رنگن جو آهي، جنهن تي ڪاڦ تصوير ڏنل ڪانهي، ڪتاب ۾ شامل مواد جو سِٹاءُ ۽ ان جي بيهڪ تمام سهڻي رٹيل آهي. هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن 1985ع ۾ ڇپيو آهي، ڪتاب 54 صفحن تي مشتمل آهي، ۽ ڇپجڻ جو تعداد هڪ لک آهي.

6. اچوتو لکون (بالغن لاءِ) لکڻ جو پهريون ڪتاب:

بالغن جو هيءُ پهريون ڪتاب سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد مان ڇاپيو ويو آهي. هن سڄي ڪم جي نگراني اداره نصاب ۽ توسيع تعليم سنڌ، ڄام شوري ڪئي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ **محمد ابراهيم جويو**، رحيم بخش ميمڻ ۽ شيخ عبدالله "عبد" شامل آهن. ڪتاب جي ڇپائي صاف ستري آهي. هيءُ ڪتاب لکڻ جي مشقن تي مشتمل آهي، هن ۾ جملن ۽ لفظن جي خاص ترتيب ڏنل آهي، هر لکيل سِٽ کان پوءِ ٻه لائنون خالي ڇڏيل آهن ته جيئن ان تي لکڻ جي مشق ڪري، هت زيرن زبرن يعني اعرابن جو مڪمل صحيح استعمال ڪيو ويو آهي. ڪتاب جو سرورق ٻن رنگن (مونو ڪلر) جو آهي جنهن تي ڪجهه مرد پنهنجي روايتي لباس ۾، ڪجهه لکي رهيا آهن . هن ڪتاب ۾ رسيد، خط ۽ درخواست لکڻ جي به مشق ڏنل آهي، ان کان علاوه انگن لکڻ جو هڪ پيج ۽ هڪ پيج تي "الف بي جا آواز" جي پٽي ڏنل آهي. ڪتاب ۾ شامل مواد جو سِٹاءُ ۽ ان جي بيهڪ تمام سهڻي رٹيل آهي. سچ ته هيءُ ڪتاب اڄ به بالغن جي تعليم لاءِ نهايت ئي مناسب ۽ لکڻ جي مشق جو مڪمل عملي ڪتاب آهي. هن ڪتاب جو ٻيون ايڊيشن 1973ع ڇپجي پٹرو ٹيو. ڪتاب 49 صفحن تي مشتمل آهي. ڇپيل ڪتابن جو ڪل تعداد 350000 آهي.

7. عملي حساب ـ بالغن لاءِ (سنڌي)

8. عملي رياضي ... بالغن لاءِ (اردو)

پهرئين ڪلاس جي معيار جو هي ڪتاب بالغن لاءِ آهي، جيڪو اداره نصاب ۽ توسيع تعليم سنڌ، ڄام شوري طرفان ڇاپيو ويو آهي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ محمد اقبال ملڪ ۽ محمد ضمير شيخ صلاحڪار ڪاميٽي جي ميمبرن ۾: ڊاڪٽر بيگر شمس عباسي، محمد ابراهيم جويو، علي محمد مهر، محمد اقبال ملڪ، محمد صغير شيخ، مسز ليلاهرچنداڻي، محمد بچل ميمڻ ۽ مس ڪوثر خان شامل آهن، ان کان علاوه نظرثاني ڪندڙن ۾: **محمد ابراهيم جويو ۽ عبدالغفار صديقي** شامل آهي. ڪتاب جي ڇپائي صاف ستري آهي هر سبق جي عنوان سان ملندڙ جلندڙ تصويرون ۽ تصور ڏنل آهن. ڪتاب جي ٽائٽل تي آرٹسٽ ساجد جي صحي ٹيل آهي. هيءُ ڪتاب تصويرن جي ذريعي پڙهندڙن لاءِ، جوڙ، ڪٽ، گهٽائي ٹورائي، اڏ، سجو، يا روز مره جي ڪمن ڪارين ۾ اسعمال ٹيندڙ حساب ڪتاب جا تصور واضح طور سمجهائڻ جي سرگرمين، جي پڙهائڻ ۽ سيکارڻ جي طريقي تي جوڙيل آهي. ڪتاب 7x9 انچن وارو، پورو پنو ڪتاب 40 صفحن تي مشتمل آهي ته هن جي قيمت ڪاڻ آهي، ڪتاب جو پهريون ڇاپو، ٽيسٽ ايڊيشن طور شايع ڪيو ويو آهي.

9. جوت: پهريون ڪتاب (خواندگي نصاب 2007ع مطابق) 2010ع آزمائشي ڇاپو

هيءُ ڪتاب "جوت"، پهريون ڪتاب بالغن جي تعليم لاءِ آهي، جيڪو ڊائريڪٹوريٹ خواندگي ۽ غير رسمي بنيادي تعليم ۽ تعليم ۽ خواندگي ڪاتو حڪومت سنڌ طرفان 2010ع ۾ پهريون ڇاپو آزمائشي طور ڇپي پٹرو ڪيو ويو آهي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ ڊاڪٽر سحر امداد، مهرالنساء لاڙڪ، فهميده چنڙ، سيد امداد حسيني، سيد شير شاه ۽ محمد ناظر علي خان ماڙلوي؛ نگران اعليٰ عبدالوهاب عباسي ۽ ايڊيٽرن ۾ **محمد ابراهيم جويو**، سيد امداد حسيني ۽ محمد ناظر علي خان ماڙلوي شامل آهن.

انهن کان علاوه چپائيءَ جا نگران سڪندر ملاح ۽ عزيزبانو چنہ آهن، هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ هدايت الله جوٽيجي ڪئي آهي. ڪتاب سهڻي چپائيءَ سان رنگين ۽ بالتصويرن سان سينگاريل آهي. ڪتاب ۾ شامل سبقن ۾ ڪجهہ نوان تہ ڪجهہ وري پراڻن ڪتابن تان ورتل آهن. ڪتاب جي سڀني سبقن ۾ اعرابن وغيره جو صحيح استعمال آيل آهي. هيءَ ڪتاب 100 صفحن جو، جنهن جي ڪا قيمت ڪانہ آهي. ڪتاب جو ڏيڪ واري رنگين جلد تي ڪجهہ عورتن کي، هڪ عورت استاد پڙهائي رهي آهي. ڪتاب يونيسڪو جي مدد سان سنڌ جي تعليم ۽ خواندگي کاتو حڪومت سنڌ ڳڏيل طور چپايو آهي. هتي هيءَ ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي تہ هي ڪتاب محمد ابراهيم جويي جو آخري ڪتاب آهي، جيڪو پاڻ ايڊيٽ ڪيائون.

10. سنڌي زبان جي بنيادي لغت

هيءَ هڪ نہ پر سڄيون ساريون ٽي مختلف هيئتن جون لغتون آهن. تنهنڪري هن کي لغتون ڪري سڏجي تہ بهتر ٿيندو. هيءَ هٽ اکرن سان لکيل آهن، جيڪي ليٽو پريس تي ڇپيون ويون آهن. ڪاتب جو نالو لکيل نہ آهي. باهريو ڏيڪ وارو جلد هڪ طرف سنڌيءَ ۾ ۽ ٻئي طرف وري انگريزيءَ ۾ ڇپيل آهي. هنن مان فائدو حاصل ڪرڻ يا هن جي استعمال جو طريقو پڙ اندر مهاڳ ۾ ڏسيل آهي. سادا لفظ، مذڪر ۽ مونث، جمع واحد ۽ گرامر جو آسان استعمال پڙ ڏسيو ويو آهي. پهرين ۾ سڀني ڪتابن جي ساڃڻي ٻي پيش لفظ ۾ جناب غلام رباني آگرو لکي ٿو تہ " تاريخ 8 جون 1972ع تي، حڪومت پاڪستان جي وزارت تعليم ملڪ ۾ بين الاقوامي ڪتابي سال ملهائڻ لاءِ مڪيہ علمي ادارن جي سربراهن ۽ نمائندن جي اسلام آباد ۾ هڪ ميٽنگ ڪوٺائي، جنهن ۾ مون (غلام رباني آگرو) کي سڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد جي نمائندي جي حيثيت ۾ سڏيو ويو. مذڪوره ميٽنگ ۾ پڙ مٿي ڄاڻايل ٽن ڪتابن (لغتن) جي تياريءَ جي ضرورت ۽ اهميت تي گفتگو ٿي." رباني صاحب اڳتي لکي ٿو تہ، "پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ صاحب ۽ مون کي هدايت ڪئي وئي تہ جيئن اِهي ڪتابہ نئين تعليمي پاليسيءَ هيٺ بالغن جي تعليم لاءِ گهربل آهن، انڪري جيترو جلد ٿي سگهي، انهن کي جلدي تيار ڪرائي حڪومت کي موڪليا وڃن." رباني صاحب اُنهيءَ پنهنجي پيش لفظ ۾ وڌيڪ لکي ٿو تہ، "ان کان پوءِ جلدي ئي سنڌ جي تعليمدانن ۽ بوليءَ جي ماهرن جي هڪ ميٽنگ ڪوٺائي وئي، انهيءَ ميٽنگ ۾ مذڪوره ڪتابن (لغتن) جي تياريءَ جي مسئلن ۽ ڪر جي طريقہ، ڪار بابت ويچار ڪيو ويو ۽ مذڪوره ٽنهي فهرستن جي تياريءَ جو ڪر ماهرن جي هڪ ڪميٽيءَ جي سپرد ڪيو ويو، جنهن جو ڪنوينر مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب ۽ ميمبرن ۾ **محمد ابراهيم جويوصاحب**، ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ۽ سيد محمد صالح شاهہ بخاري صاحب مقرر ڪيا ويا ۽ محترم سيد حسام الدين راشدي صاحب کي انهن ٽنهي فهرستن جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. اُنهن عالمن جي محنت ۽ تحقيق جي نتيجي طور سنڌي زبان جون زير نظر بنيادي لفظن جون ٽي لغتون مرتب ٿيون آهن."

I۔ سنڌي زبان جي بنيادي لغت

بنيادي لغت جا لفظ	800
ڳٽڪ، تور ماپ ۽ ڪئلينڈر	75
سڀ قومي لفظ	175
ڪل لفظ	1050

II۔ سنڌ زبان جي وڌايل بنيادي لغت

بنيادي لغت جا لفظ	800
وڌايل لفظ	450
ڳٽڪ، تور ماپ ۽ ڪئلينڈر	75
سڀ قومي لفظ	175
ڪل لفظ	1500

III. سنڌي زبان جي ڪاروباري بنيادي لغت

بنيادي لغت جا لفظ	800
وڌايل لفظ	450
ڪاروباري لفظ	750
ڳڻپ، تور، ماپ ۽ ڪئلينڈر	75
سپ قومي لفظ	175
ڪل لفظ	2250

هِن مٿين ٽن لغتن جا ڪتاب وزارت تعليم حڪومت پاڪستان جي سهڪار سان سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد پاران جوڑايا ويا ۽ پنهنجي ئي اداري پاران 1973ع ۾ ڇاپيا ويا آهن، جن جو مواد جو وَڇور مٿي ڏني وئي آهي. هنن لغتن جي جوڑڻ يا سهيڙيندڙن ۾ غلام مصطفيٰ قاسمي، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ محمد صالح شاهه بخاري، جڏهن ته هنن کي ايڊٽ ڪندڙ يا سموهيندڙ سيد حسام الدين راشدي جن آهن. اڄڪلهي هلي هيءَ لغت وڏي جامع لغت سان ملي عام ٿي وئي.

حوالا:

1- جويو، محمد ابراهيم.....(لکندڙ)، اچو ته وڌيڪ پڙهون: بالغن جي پڙهڻ جو پيو ڪتاب حيدآباد: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، 1973 ع، ڇاپو پهريون، صفحه 53 قيمت .؟ رپيا

2- جويو، محمد ابراهيم.....(لکندڙ)، اچو ته لکون: لکڻ جو پهريون ڪتاب حيدآباد: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، 1973ع، ڇاپو پهريون، صفحه 49 قيمت .؟ رپيا

3- جويو، محمد ابراهيم.....(لکندڙ)، ڪتاب (1): پڙهڻ جو پرائيمري ڪتاب حيدآباد: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، 1973ع، ڇاپو پهريون، صفحه 41 قيمت .؟ رپيا

4- جويو، محمد ابراهيم.....(لکندڙ)، ڪتاب (2): پڙهڻ جو پهريون ڪتاب حيدآباد: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، 1987 ع، ڇاپو پيو، صفحه 54 قيمت .؟ رپيا

5- جويو، محمد ابراهيم.....(لکندڙ)، ڪتاب (2): پڙهڻ جو پهريون ڪتاب ڪراچي: نيشنل بڪ فائونڊيشن، 1985ع، ڇاپو پهريون، صفحه 52 قيمت ؟ رپيا

6- ملڪ، محمد اقبال.....(لکندڙ)، عملي حساب: بالغن لاءِ، ڇام شورو: اداره نصاب ۽ توسيع تعليم سنڌ سال ؟ ڇاپو پهريون، صفحه 40 ، قيمت ؟ رپيا

7- شاهه، سحر امداد (ڊاڪٽر).....(لکندڙ)، جوت: پهريون ڪتاب ڪراچي: ڊائريڪٽوريٽ خواندگي ۽ غير رسمي بنيادي تعليم، تعليم ۽ خواندگي ڪاتو، سنڌ ڇاپو پهريون، صفحه 100 قيمت ؟ رپيا


8 جويو، محمد يوسف، (2016ع)، محمد ابراهيم جويو: نصابي ڪتابن جوڙڻ ۾ هڪ اهم ڪردار، ايڊيٽر: ثمينه ميمڻ، ته ماهي مهراڻ، جلد 66، نمبر 1-2 ، ص 25، 37- 39، ڇام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.

9- غلام رباني آگرو، (1973ع)، پيش لفظ، سنڌي زبان جي بنيادي لغت: حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.

10- سنڌي زبان جي بنيادي لغت (1973ع)، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ

11- سنڌي زبان جي وڌايل بنيادي لغت (1973ع)، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ

12- سنڌي زبان جي ڪاروباري بنيادي لغت (1973ع)، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ


عملی ریاضی
ادارہ نصاب و توسیع تعلیم سندھ حیدرآباد، جامشورو


اچوتہ وڏيڪ پڙهون



سنڌي زبان
وڏيڪ
وڏيل بنيادي لغت


جوت
بنيادي تعليم
(خواندگي نصاب / 200 مطابق)
بنيادي تعليم ۽ غير رسمي بنيادي تعليم،
تعليم ۽ خواندگي کاتو، حڪومت سنڌ


اچوتہ لکون


وزارت تعليم حكومت پاكستان جي ۱۹ ٻار ڪوائل
سنڌي زبان
جي
ڪاروباري بنيادي لغت
مهرتابد
غلام مصطفيٰ قاسمي
محمد ابراهيم جويو
ڊاڪٽر غلام علي الانا
محمد صالح شاه بهاري
سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ
۱۹۷۳ع


وزارت تعليم حكومت پاكستان جي ۱۹ ٻار ڪوائل
سنڌي زبان
جي
بنيادي لغت
سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ
۱۹۷۳ع


ڪتاب (۱)


ڪتاب (۲)


ڪتاب (۲)



پروفيسر رستم خاصخيلي

پشو پتي مُهر جي پاڄ ۽ راڳ

(Decipherment of "Pashupati" Seal & Melody)

آرڪيالاجي ماهر- اِي.جي.ايڇ. ميڪائي (E.J.H Meckay) 29-1928ع ۾ موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ دوران، دڙي جي ڏکڻ واري حصي مان 3.9 ميٽرن جي اونهائي تي، هڪ مهر ڳولي لڌي، جنهن جي ماپ 3.56 ۽ 3.53 چورس سينٽي ميٽر صورت ۾ هئي. ان مُهر جي باري ۾ آرڪيالاجي ماهرن جي راءِ آهي تہ: اها مُهر 2350-2000BC جي قديم دور جي آهي. 38-1937ع ۾ سر جان مارشل ان مُهر کي "پشو پتي" نالو ۽ سيريل نمبر 420 ڏنو."

سر جان مارشل ابتدائي طور انهيءَ مُهر جي پاڄ کندي ٻڌايو تہ: مهر تي انساني تصوير 'شِو' ديوتا (Shiva) جي آهي. اُن لاءِ هن چار دليل ڏنا آهن:

1- مُهر تي ڏنل تصوير کي ٽي منهن آهن ۽ ديو شِوا کي بہ ٽي منهن هوندا هئا.
2- تصوير کي متي تي ڏاند جي سگن جو تاج آهي. ان جو لاڳاپو 'شِو' ديوتا سان ڳنڍيل آهي.
3- تصوير ۾ ويٺل ماڻهو يوگا جي روپ ۾ آهي ۽ ديوتا 'شِو' مها يوگي هو.
4- تصوير جي چوڌاري جانور ويٺل آهن ۽ 'شِوا ديوتا' جانورن جو بادشاهہ يا 'پشو پتي' هو.

پر ڪيترن ئي آرڪيالاجي ماهرن سر جان مارشل جي ان پاڄ کي مڃيو ناهي ۽ ڏنل دليلن سان اختلاف پڻ رکيو آهي.



PASHUPATI SEAL
MOHAN JO DARO

آرڪيالاجسٹ Dirissrimivason چوي ٿو، تصوير کي ٽي منهن ناهن ۽ نڪي يوگا جي روپ ۾ ويٺل آهي ۽ ويدڪ (Vedic) ادب ۾ رودا (Ruda) جهنگلي جانورن جي حفاظت ڪندڙ نہ هو.

هربرٽ سليوان (Herbert Sullivan) سر جان مارشل جي ڏنل دليلن کي رد ڪندي چوي ٿو تہ: مهر تي ڏنل تصوير مرد جي پر، تصوير عورت جي آهي.

Yogi Baba Prens ڪيترن ماهرن جو حوالو ڏيندي چيو آهي تہ: مهر واري لکت ۽ سنسڪرت جو پاڻ ۾ گهرو ڳاڻاپو آهي، ان ڪري، سر جان مارشل جي ڏنل دليلن تي اعتبار نٿو ڪري سگهجي. يوگي بابا جي ڏنل تنقيدي



PASHUPATI SEAL



راءِ جي حمايت جي-آر-هنٽر (J.R Hunter) ۽ سياش ڪاڪ (Sabhashkak) به ڪئي آهي. پنهنجي راءِ ڏيندي هو چون ٿا ت: مهر جي پاڇ، هندومت جي تعليم واري حساب سان ڪيل آهي، جيڪا لکت واري دائري ۾ نٽي اچي.

ڊيوڊفرالي (David Frawlay) پنهنجي ڪتاب 'Shiva' ۾ لکي ٿو ت:

"پشو پتي صرف جانورن جو اڳواڻ نه هو ،پر هو انسان ذات جو اڳواڻ پڻ هو، جيڪي اڄا تائين آزادي حاصل ڪري سگهيا ناهن."

راجا رام (Raja Ram) آرڪيالاجي جو وڏو ماهر آهي. هن به پشو پتي مهر جي پاڇ هيٺ ڏنل طريقي سان ڪري، اِي. ميل ذريعي مائيڪل ويٽزل ڏانهن موڪلي ڏني.

Ishadyattamara
Mara tamed by isha OR Iiza–udyatto–Merau
The lord with his up (residing) on Mt Meru

مائيڪل ويٽزل اِن پاڇ جي باري ۾ پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو ت:

"راجا رام ايڏو وڏو آرڪيالاجيءَ جو ماهر ٿي اهڙي ڪمزور پاڇ ڏني آهي. مون کي ان ۾ اهڙي اميد ڪانه هئي.

عطا محمد پنيري صاحب پنهنجي ڪتاب "انڊس اسڪرپٽ" جي صفحي نمبر 663 ۽ 493، مهر نمبر 4023-100101 جي پاڇ هن ريت ڪئي آهي ت:

"مٿي ڄاڻايل ماهرن کان سواءِ آرڪيالاجي جي ٻين ماهرن به ان مهر جي لکت کي پاڇ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اُن ڪوشش ۾ مون به پنهنجو حصو ملايو آهي. ڪيتري قدر صحيح يا غلط آهي؟ ان جو فيصلو پڙهندڙن تي آهي. براهمي اسڪرپٽ جي مدد سان مهر جي پاڇ ڪئي آهي. ان پاڇ ۾ ڪوبه سائنسي طريقو شامل ناهي. صرف ٻوليءَ جي لکت وارا اصول ڪم آڻيندي، مهر جي پاڇ ڪئي وئي آهي. مهر تي ڏنل سنڌو لکت جا لفظ رومن انگريزي ۽ براهمي ۾ ترجمو ڪيا آهن.

attamohdbhanbharo

پشوپتي مهر جي پاڇ

1- سُريلو راڳ (Rasa raga):

راڳ آوازي ترتيب ڏنل نظام آهي. اُن آوازي نظام ۾ آلاپ (Alaap) ۽ گائڪي راڳ جا اهم حصا آهن. آلاپ هلڪي آواز سان شروع ۾ ڪيو ويندو آهي ۽ گائڪي ۾ سُر ۽ ترنم جو وڌيڪ خيال رکيو ويندو آهي. ڪڏهن مٽي وارو سُر ته ڪڏهن هيٺ وارو سُر. ڳائڻو پنهنجي حساب سان راڳ ۾ ميڙاڪ ۽ ذائقو پيدا ڪندو آهي. گائڪيs جي ان روپ کي راسا (Rasa) چون ٿا.

سنڌو ماڻريءَ ۾ ڳائڻ وڄائڻ جو سلسلو ايترو قديم آهي، جيتري انساني تاريخ قديم آهي. موهن

جي دڙي واري قديم لکت مان معلوم ٿيو آهي، ته اُتان جا رهندڙ ماڻهو گائڪي$ جي بنيادي سُرن کان واقف هئا ۽ اُهي ساڳيا سُر هن وقت به سنڌوماٽريءَ جي مختلف علائقن ۾ ڳايا وڄن ٿا. جهڙي ريت:

1- راڳ آسا
2- راڳ سنڌو پيروي
3- راڳ پارس
4- راڳ گوڙي
5- راڳ ملهار
6- راڳ مارواڙي

ان کان علاوه سنڌو لکت مان اها به ڄاڻ ملي آهي ته اُن دؤر جا ماڻهو ناچ جي ڄاڻ به رکندا هئا ۽ مختلف قسمن جا ناچ به کندا هئا. جهڙي ريت پچتا ناچ (Pachata dance) ۽ پجگا ناچ (Pajaga Dance) آهن.

ملر ۽ وليم (Miller and William) چون ٿا راڳ، ڏک يا خوشي جو اظهار آهي، جيڪو ٻڌندڙ تي غم يا خوشيءَ جو اثر وجهي ٿو.

2- مرما (Marama):

'مرما' لفظ جي باري ۾ جيڪا ڄاڻ ملي آهي، ان مطابق 'مرما' لفظ، عورت ۽ مرد جي نالن لاءِ ڪم ايندڙ آهي.

ٽي- مرما (Te- Marama) جي لاءِ وِڪي پيڊيا لکي ٿي ته:

"ٽي- مرما هڪ عورت آهي، جنهن جو تعلق مائوري عورتن سان آهي. هيءَ مائوري عورتن مان اهم عورت هئي، جنهن ويٽانگي (Waitangi) معاهدو صحي ڪيو هو. مائوري قوم گهٽو ڪري نيوزي لينڊ ۾ رهندڙ آهي. وڌيڪ ڄاڻ لاءِ پڙهو "مرما" وزارت ثقافت ۽ ورثو، 2- مئي 2016ع جي عنوان سان چپيل ڪتاب.

ڪُڪ- آءِ لينڊ ميٽالاجي ۾ "مرما" هڪ مرد ديوتا آهي، جيڪو جِنا ديويءَ سان پيار ڪندو هو. جِنا ديوي روشنيءَ جي ديوي هئي. جِنا ديوي "مرما" سان شادي ڪئي. هوءَ ڏينهن جو آسمان ۾ رهندي هئي ۽ رات جو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي مڙس سان ملڻ ايندي هئي.

حوالو: "مائوري مذهب ۽ ميٽالاجي (حصو ٻيو)" گوگل وِڪي پيڊيا.

مرما لفظ جو ذڪر ٽو- ٽي- رنگي- مرما (Tu- Te- Rangi–Marama) جي صورت ۾ "مائوري قوم جو بنيادي گهر" جي نالي سان هڪ ڪتاب ۾ پڻ ملي ٿو. اَتيا- ٽي- ورنگا- نوئي (Atia- Te- Varinga- nui) جي سرزمين تي 450- BC کان ٽو- ٽي- رنگي مرما حڪومت ڪندو هو، جنهن ٻارهن منزلن وارو مندر به ٺهرايو هو. جنهن جو نالو ڪُرو ٽائيني رکيو هو. جتي ديوتا ۽ عام ماڻهو گڏجاڻي ڪندا هئا. ٽو- ٽي- رنگي مرما جي حڪومت 15 خاندانن تائين جاري رهي ۽ 375 سالن جي ڊگهي عرصي کان پوءِ ختم ٿي. اَتيا لفظ انڊيا لاءِ ڪم ايندڙ آهي ۽ مائوري قوم بنيادي طور تي هوائڪي جي رهاڪو هئي.

'مرما' کي روشنيءَ جو پٽ به چيو وڃي ٿو جيڪو گهري سمنڊ ۾ سفر ڪندڙ ماڻهن کي روشني ڏيندو هو ۽ انهن جي سنيال به ڪندو هو. مائوري قوم مرما جي آجيان، گيتن سان ڪندي هئي چو ته

مائوري قوم تمام گهٽا ساموندي سفر ڪيا هئا، انهن جي شاعريءَ ۾ مرما جو ذڪر به موجود آهي.

"If, O my son! the warriors of Pu-te-uru
And Sons of Maru and Tu-te-ngana-hau
Perform their sacred ceremonies o'er their weapons
On the ocean-shore at Rurutu,
Where man to man in open combat fought
The battles Mou-rangi-wheke and Uru-rangi-papa,
Where e'en that inland chief Te-horihori fell,
Then shall the din of war re-echo o'er the land,
And rending earth shall sound thy power and fame.
But if they ask thee from above, make answer thus:
"I of Te-ngako am, and Marama-te-ihonga,
And Tutaki-ao." Then rest in conscious power.
Then say, "I am of lordly line, and god's offspring,
And am of highest branch of noblest tree
That stands, and seen from far, at Tawhiti-nui."

[THE ANCIENT HISTORY OF THE MAORI, HIS MYTHOLOGY AND TRADITIONS: BY TAI-NUI. [VOL. IV]

انهن بيتن ۾ مارو (Maru) جو ذڪر پڙ آهي. 'مارو' ميٽالاجي ۾ مارو کي مائوري جنگي ديوتا سڏيو وڃي ٿو، جيڪو ڏکڻ نيوزي لينڊ ۾ مشهور آهي. مارو دنگيهور جو پٽ ۽ مائوئي (Maui) جو پوٽو هو.



MARU ENEMY OF BUDHA

[R.D Graig Dictionary of Polynesian Press New Yark 1989.]


3- اروڙا (Arora)

اروڙا قوم بنيادي طور تي اروڙ شهر جي رهاڪو هئي. اروڙ شهر سنڌو درياء جي پرسان، سنڌ ۾ روهڙي ۽ سکر شهرن جي ويجهو موجود هو. قدرتي آفتن ۽ جنگين جي ڪري اهو شهر برباد ۽ ويران ٿي ويو. پر، ايا به اُتي ڪي تاريخي قديمي آثار موجود آهن. اِن ڪري اروڙا قوم پنهنجو اصلي ماڳ ڇڏي، محفوظ جڳهن ڏانهن لڏ پلاڻ ڪري وئي. برصغير جي ورهاست کان پوءِ ڪيترا ئي اروڙا 1947ع ۾ روهڙي، سکر ۽ ملتان کان هجرت ڪري لاهور هليا ويا ۽ لاهور کان پوءِ امرتسر 'انديا' ۾ وڃي آباد ٿيا. هن وقت اُهي پاڻ کي پنجابي اروڙا سڏائن ٿا.

اروڙ شهر کي الور يا ارهڙ ڪوٽ به سڏيو وڃي ٿو. اروڙ شهر ڇٹرين ٿي صدين تائين سنڌ جو گادي وارو هنڌ به رهيو هو.


450- BC کان روڙ (Ror) خاندان جي حڪمراني شروع ٿي. انهن جي حڪمرانيءَ ۾ اروڙ گادي وارو هنڌ رهيو ۽ سندن حڪمراني وڌي پکيڙ تي هئي، جنهن ۾ موجوده سنڌ جو سمورو علائقو ۽ اُتر اولهه انڊيا جا علائقا به شامل هئا. ڏاڇ روڙ ڪمار ان علائقي تي حڪمراني ڪندو هو. روهڙي، سکر ۽ اروڙ شهر ڏاڇ روڙ ڪمار جا اڏايل هئا. ڏاڇ روڙ ڪمار کي راءِ ڏياچ (RaiDiyach) به سڏيندا هئا. 450- BC کان 489-AD تائين روڙ خاندان جي حڪمراني رهي. ان سموري دؤر ۾ 41 حڪمران هڪٻئي پٺيان ايندا ۽ ويندا رهيا. اها حڪمراني ڏاڇ روڙ ڪمار کان شروع ٿي داد روڙ ڪمار تي ختم ٿي.

وڪي پيڊيا لکي ٿي ته: "راءِ خاندان جو دؤر 524-AD کان شروع ٿي 644-AD ۾ ختم ٿيو. برصغير ۾ اهو حڪمرانيءَ جو سونهري دؤر مڃيو وڃي ٿو. راءِ خاندان جي حڪومت 600000 چورس ميلن جي پکيڙ تي هئي. انڊيا جا اُتر اولهه وارا علائقا، اوپر ۾ ڪشمير، اولهه ۾ مڪران ۽ ڊيبل بندر، ڏکڻ ۾ سورات بندر ۽ اُتر ۾ قنڌار شامل هئا. راءِ خاندان 143 سالن تائين حڪمراني ڪئي. راءِ گهراڻي جو آخري حڪمران راءِ سهاسي هو.




Raja Dahar

راءِ سهاسي بيماريءَ جي وقت پنهنجي وزير کي حڪومت جو وهنوار سنيالڻ لاءِ چيو ۽ سندس وزير وري چچ کي انتظامي ڪر سنيالڻ لاءِ چيو. چچ، راڻي سُهاندي سان پيار جو ناتو ڳنڍي راءِ سهاسي کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ راڻي سُهاندي سان شادي ڪري ڇڏي. اهڙي ريت 632- AD کان چچ جي حڪومت قائم ٿي. چچُ، برهمڻ خاندان جو پهريون حڪمران هو ۽ راجا ڏاهر برهمڻ خاندان جو آخري حڪمران هو، جنهن 679 کان 712ع تائين ملڪ جون واڳون سنياليون ۽ مسلمان حڪمران محمد بن قاسم سان وڙهندي شهيد ٿي ويو. ان دوران به اروڙ سنڌوماٿريءَ جو گادي وارو هنڌ رهيو.



ANCIENT CITY OF ARROR
SINDH PAKISTAN

Handbook of the Punjab, Western Rajputana, Kashmir, and Upper Sindh. John Murray. *1883. p. 293. Retrieved]*

["Where the city of Aror once stood in glory". *Dawn. Retrieved 19 December 2017].*

[Alor or Aror of the Muslims is really Al Ror which is the same as Roruka or Roruva, the name of the ancient Sauvira capital", Page 45, History of the Punjab, Volume 1 by Fauja Singh, Published by the Department of Punjab Historical Studies, Punjabi University, 1977]

ان کان سواءِ 'Aurora' لفظ روشنيءَ جي لاءِ ڪم ايندڙ بہ آهي. 'Aurora' لفظ جي معنيٰ وڪي پيڊيا ۾ هن ريت ظاهر ڪيل آهي: 'Aurora' لفظ لاطيني زبان جي لفظ "Dawn" مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ صبح جي روشني آهي. اروڙا جو تعلق پولر لائيٽ، اُتراهين روشني يا ڏاکڻي روشني سان آهي. 'اروڙا' تي الياس لوميس (Elias Loomis) 1860ع ۾، هرمن فريتز (Herman Fritaz) 1881ع ۾، ءِ ايس.ٽرو هولٽ 1882ع ۾ تحقيقات ڪري چيو تہ: 'اروڙا' گهٽو ڪري 'اروڙا زون' ۾ ظاهر ٿئي ٿو. ،

يونان جي ماهر 'Semenca' پنهنجي ڪتاب 'Naturales Questions' ۾ لکيو آهي تہ 'اروڙا' ڪرن جي هيئان يا مٿان هوندو آهي. 'اروڙا' پورٽ سٽي 'Ostia' جي مٿان آهي. اُن جي روشني ايتري ڳاڙهي ءِ تيز آهي جو اتي آرمي باهہ جي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي.

'اروڙا' زميني آسمان ۾ روشني پيدا ڪندڙ آهي، جنهن تي ڪيترن ئي سائنسدانن تحقيقاتون ڪيون آهن، انهن سائنسدانن جي لکيل ڪتابن مان بہ جا حوالا هيٺ ڏجن ٿا:

["Aurora Borealis" depep org Retrieved 16 August 2015]
[Dryant A.D Evidance for Velocity Dispersion is Auroral electrons]

4_ پجاگا (Pajaga):

پجاگا روايتي ڪلاسيڪل ناچ جو هڪڙو قسم آهي، جيڪو گهٽو ڪري ڪنهن خاص گڏجاڻيءَ يا ڪنهن اهم شخصيت جي آڇيان دوران ڪيو ويندو آهي. ان ناچ ۾ ثقافتي ءِ تهذيبي رنگ پريل هوندا آهن.

برصغير ۾ ناچ ءِ گانو ڪيترن ئي نمونن ۾ ادا ڪيو ويندو آهي. انديا ۾ ناچ گاني جي قديم تاريخ آهي. ڪجهہ ليکڪن جو چوڻ آهي تہ پاڻني (Panini) سنسڪرت جو گرامر 500-BC ۾ لکيو هو، اُن گرامر ۾ ناچ جو ذڪر نتاسوترا (Nata sutra) ۾ ڄاڻايل آهي. براهما ناچ تي نتيا وِدا (Natya Veda) جي نالي سان 200-BC–200-CE ۾ ڪتاب لکيو هو، جنهن لاءِ هن لفظ رگوِدا (Rigveda) مان ورتا هئا. 'ميلودي' لفظ 'سمودا' مان... 'ممي' لفظ 'ياجووِدا' مان... ءِ اِموشن لفظ اٿروا وِدامان ورتا هئا. ان ڪتاب جي 36 بابن ۾ 6000 اصول ناچ جي باري ۾ ڏنل آهن.

Williams 2004, pp. 83-84, the other major classical Indian dances
James G. Lochtefeld (2002). The Illustrated Encyclopedia of Hinduism: N-Z. The Rosen Publishing Group. p. 467. ISBN 978-0-8239-3180-4., Quote: "the Natyashastra remains the ultimate authority for any dance form that claims to be 'classical' dance, rather than 'folk' dance".

5_ ائو(AO):

ائو جي باري ۾ وڪي پيڊيا لکي ٿي تہ:


"جاپاني زبان ۾ 'ائو' لفظ رنگ جي لاءِ ڪم اچي ٿو. جهڙي ريت تريفڪ جي سنگلن جو رنگ سائو هوندو آهي، جنهن کي جاپاني زبان ۾ "ائو شنگو" چون ٿا.

'ائو' لفظ هولي، لاءِ به ڪم ايندڙ آهي. تبتاني ماڻهو 'ائو' هولي ڳالهائن ٿا جيڪي انديا جي اُتر اوپر واري علائقي ۾ رهن ٿا. 'ائو' اهر ناگا قبيلو آهي جيڪو ناگا لينڊ ۾ رهي ٿو. اُهو پهريون قبيلو هو، جنهن عيسائي مذهب اختيار ڪيو هو.

مائوري ميٽالاجي ۾ 'ائو' هڪ ديوتا آهي، جيڪو ڪنهن مان ڄائو ناهي. 'ائو' روشني، جي علامت آهي، جيڪو اونداهي جي خلاف آهي. هي اونداهي جي زور کي گهٽائي ٿو.

[E.R. Tregear, *Maori-Polynesian Comparative Dictionary* (Lyon and Blair:

Forms Of Raga In Indus Script



Deciphered by Prof. Rustam Khokhali Dated / 8 3 2018

Lambton Quay), 18914.]

1- = rasa raga thatha

'Thatha' هڪ ڪپڙي جو ٽڪر آهي جيڪو سِک پنهنجي ڏاڙهي، کي سنواري خوشبوءِ لڳائي مٽان ڪپڙو ٻڌي ڇڏيندا آهن. 'Thatha' گائڪي ۾ هڪ سُر جو نالو پڻ آهي.

[Wikipedia, the free encyclopedia]

2- = rasa raga maa

'Raga Ma' ماروا راڳ آهي جيڪو سنڌوماٿريءَ ۾ پيروي (Bhairve) سُر ۾ ڳايو وجي ٿو، ان کي ڪلاسيڪل پيروي راڳ به سڏجي ٿو.

https://en.wikipedia.org/wiki/Marva_(raga).

3- = rasa raga paa

کي سنڌي پيروي راڳ چئجي ٿو. جيڪو سنڌوماٿريءَ ۾ ڪلاسيڪل راڳ جي صورت ۾ ڳايو وجي ٿو. 'Raga paa'

[https://en.wikipedia.org/wiki/Bhairavi_(Hindustani)]

4-  = rasa raga aava

'Raga Ava' ڪلاسيڪل راڳ آهي، جنهن کي راڳ رواتي (Revati) چيو وجي ٿو، جيڪو سنڌوماٿريءَ جي ڏکڻ واري علائقي ۾ گهڻو ڳائجي ٿو

[www.ancestry.com/1940-census/usa/Missouri/Ava-Raga-Wheeler]

5-  =radha rasa raga dhara

'Radha' هندو مذهب جي ديوي (goddess) جو نالو آهي، جيڪا ڪرشنا ديوَ (god) سان پيار ڪندي هئي. راڌا ديويءَ جي پوڄا بنگال، آسام، منيپور ۽ اوڙيسا ۾ ڪئي وجي ٿي. سنسڪرت ۾ 'راڌا' جو مطلب ڪاميابي آهي.

'Rasa' جي معنيٰ رَسُ (Juice) ذائقو (Taste) آهي. انديا ۾ ڳائڻ وڄائڻ سان جيڪو جوش جذبو ۽ رس پيدا ٿئي ٿو، ان کي به 'Rasa' سڏيو وجي ٿو. 'Rasa' لفظ جو ذڪر 'Rigveda' ۾ پاٺيات يا ذائقي دار شيءِ کي ظاهر ڪندڙ آهي.

'Raga' سنڌوماٿريءَ جي ڪلاسيڪل گائڪي جي آوازن ۽ سرن کي ظاهر ڪري ٿو. بهترين لفظن جي ميلاپ ۽ بهترين راڳ جي سرن جو جوڙجڪ ٻڌندڙن تي جنون طاري ڪري ڇڏي ٿو.

'Dhara' لفظ جي سنسڪرت ۾ معنيٰ نديءَ جي وهڻ يا پاڻي جي ڪرڻ کي سڏجي ٿو. Dhara راڳ جو سُر پڻ آهي.

[Dhara (deity), an earthgod in Hinduism.]

6-  = gauri raga

'Gauri' سنڌوماٿريءَ جو راڳ آهي. سنڌوماٿريءَ جي اُتر واري علائقي ۾ سِک پنهنجي ريتن رسمن ۾ ڳائين ٿا، سِکن جي ڪتاب 'The Sikh Holy Granth' ۾ 31 راڳن جي جوڙجڪ جو ذڪر ٿيل آهي. هن راڳ تي 196 صفحا لکيل آهن جيڪي ڪتاب جي 151 صفحي کان شروع ٿي 374 صفحي تي ختم ٿين ٿا. گوري راڳ گرونانڪ ، گروامرداس ۽ گرو رام داس ڳائيندا هئا. گوري راڳ جا ڪيترا ئي قسم آهن، جهڙي ريت گوري مالا ، گوري سورٺ ۽ گوري مانجھ.

Aroh- Sa Re Ga Re Ma Pa Ni Sa
Avroh-Sa Ni Dha Ma Pa, Dha Pa Ma Ga, Ga Re Sa Ni Sa

Vadi-Re
Samvadi-Pa
[Ragas in the Guru Granth Sahib]

7-  = asa raga

'Asa' راڳ سنڌو ماڻري جي اتر واري علائقي ۾ سڀ برادري ڳائي ٿي. Asa راڳ جو ذڪر سکن جي ڪتاب 'The Sikh Holy Granth' ۾ 142 صفحن تي ٿيل آهي، جيڪي 347 صفحي کان شروع ٿي 489 صفحي تي ختم ٿين ٿا. اهميت جي لحاظ سان ڪتاب ۾ ڏنل 31 راڳن جي فهرست ۾ هن راڳ جو چوٿون نمبر آهي. هن راڳ ٻڌڻ سان همٿون ۽ اميدون وڌن ٿيون.

["GurbaniRaag: Asa". *Search Gurbani*. Retrieved 8 July 2013]

8-  = Paras Raga

راڳ پارس کي راڳ Pharaju پڻ سڏيو وڃي ٿو. راڳ پارس گهڻو ڪري عبادت طور ڳايو وينڊو آهي ۽ ان راڳ جي اها خوبي آهي ته ڪهڙي وقت ۾ ڳائي سگهجي ٿو.

Aarohanam: S G3 M1 P D1 N3 S
Avarohanam: S N3 D1 P M1 G3 R1 S
[Bhajan by MS Subbalakshmi in this raga- DeenDayal Gopal Hare]

9-  = rain raga /malhar raga

ملهار راڳ، سنڌوماڻري، جو راڳ آهي، جنهن جو مينهن وسائڻ سان گهرو تعلق آهي، راڳ جي وڏن وڏن گوين ۽ استادن جو چوڻ آهي ته: ملهار راڳ ايترو طاقتور آهي جو ڳائڻ سان مينهن وسڻ شروع ٿيندو آهي. راڳ جي ماهرن کان روايت آهي ته مغل شهنشاه اڪبر پنهنجي دربار ۾ ڳائيندڙ ڳائڻي 'Tansen' کي فرمائش ڪئي ته مون کي ديپڪ راڳ ٻڌاءِ. ان راڳ ڳائڻ سان دربار جو سموريون بتيون از خود ٻري ويون ۽ 'Tansen' جو بدن ايترو گرم ٿي ويو جو هو پاڻ کي ٺڏي ڪرڻ لاءِ ندي ۾ ڪاهي پيو، ندي جو پاڻي به ابرڻ لڳو. 'Tansen' گرمائش ختم ڪرڻ لاءِ بن پينرن Tara ۽ Riri کي ملهار راڳ ڳائڻ لاءِ منٽ ڪئي ٻنهي، پينرن جي گڏجي ملهار راڳ ڳائڻ سان مينهن پيو ۽ 'تانسين' جي گرمائش ختم ٿي.

Reference -- *Bannerjee, Dr. Geeta (2000). RaagMalhar Darshan. SAWF*

10-  = ahiriragam

اهيري يا ايري سُر، وَهيري پيروي راڳ هندستان ڪلاسيڪل راڳ آهي. گائڪي جي لحاظ کان اِهو سُر تمام پراڻي دؤر جو آهي، ۽ هن وقت اهو راڳ، تمام گهٽ ڳايو وڃي ٿو. اهيري يا پيروي مليل جليل ڪافي راڳ جي صورت ۾ ڳايو وَڃي ٿو.

پڙهو گوگل وِڪي پيڊيا جي ويب سائيٽ:

[Raganidhi by P. Subba Rao, Pub. 1964, The Music Academy of Madras]
[*Ragas in Carnatic music* by Dr. S. Bhagyalekshmy, Pub. 1990, CBH Publications]

'پشو پتي' مهر جو موهن جي دڙي مان ملڻ هڪ وڏي تاريخي ثابتي آهي، جيڪا ظاهر ڪري ٿي ته سنڌوماڻري، جا ماڻهو پڙهيل لکيل هئا. انهن وٽ لکت جو مضبوط نظام هو.

پشو پتي مهر جي پاڇ سر جان مارشل فلاسافي طريقي سان ڪئي آهي ۽ راجا رام ٻولي، جي

لکت واري اصولن سان ڪئي آهي، پر ٻنهي ماهرن جي پاڻ ڪي آخري پاڻ واري مجتا ناهي ملي. مون ڪي يوگي بابا جو خيال وڌيڪ سٺو لڳو، جنهن چيو آهي ته: پشو پتي مهر جو سنسڪرت لکت سان گهرو تعلق آهي. مهر تي سنڌو لکت جا ڇهه لفظ آهن جن جو تعلق سنسڪرت ٻوليءَ سان آهي ۽ سنسڪرت ٻولي سنڌو ماڻري جي قديم ٻولي آهي. انهن لفظن جي معنيٰ ۽ مطلب ۾ ٻه سنڌو ماڻري جي تاريخ سمايل آهي جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي.

مهر جي ٻي نمبر تي لفظ مرما (Marama) آهي. 'مرما' لفظ نالن ۽ ذات لاءِ ڪم ايندڙ آهي. ان کان علاوه 'مرما' جو تعلق مائوري قوم سان ڳنڍيل آهي ۽ مائوري قوم سنڌوماڻريءَ جي رهواسي هئي. انهن جي اباڻي زمين هوائڪي (Hawaiki) هئي. هوائڪي برصغير ۾ آهي. مرما ديوتا ٻه هو، جنهن کي مائوري قوم پنهنجو ديوتا مڃيندي هئي. 'مرما' بادشاهه ٻه ٽي گذريا آهن، جن ڪيترا ئي سال حڪومت ڪئي هئي.

مهر جي ٽين نمبر تي 'اروڙا' لفظ لکيل آهي. 'اروڙا' سنڌو ماڻريءَ ۾ رهندڙ هڪ قوم هئي. 'اروڙا' قوم جي نالي سان روهڙي ۽ سکر جي پرسان 'اروڙا' شهر هو، جيڪو هن وقت تباهه ٿي چڪو آهي. اهو قتل شهر 450-BC کان 712-AD تائين سنڌ جو گادي وارو هنڌ رهيو.

مهر جي چوٿين نمبر جي ڊاڻس جي معنيٰ ظاهر ڪندڙ لفظ آهي. ناچ ۽ گاڻي سان هتان جا ماڻهو مذهبي پوڄا ڪندا هئا ۽ ثقافتي ميلن، ملاکڙن تي ناچ گانو ٿيندو هو. 'ائو' (AO) لفظ ٻه مهر تي موجود آهي. 'ائو' کي روشنيءَ جو ديوتا سڏيو وڃي ٿو.

مٿي ڏنل لکت مان جاڻ ملي ٿي ته ان دؤر جا ماڻهو ديوتائين ۾ يقين رکندا هئا. اُنڪري 'پشو پتي' واري مهر تي روشنيءَ ڏيندڙ ديوتائن جو ذڪر موجود آهي.

لکت کان سواءِ 'پشو پتي' مهر تي هڪ انساني تصوير ٻه آهي. ان تصوير سان گڏ پنجن جانورن جي تصوير ٻه موجود آهي. چار طاقتور جانور آهن جيڪي لڙائيءَ ۾ حصو وٺندڙ آهن ۽ هڪ ڪمزور هرڻ جي تصوير ٻه آهي. انساني تصوير جي لاءِ فيصلو ڪرڻ ته اها ڪنهن جي تصوير آهي سو مونجهاري وارو فيصلو آهي. ڇوته مهر تي مرما، اروڙا ۽ ائو نالا موجود آهن. انهن مان ڪوبه ٽي سگهي ٿو. مهر جو ڏيڪ دنيا جو قدرتي منظر ظاهر ڪري ٿو.

'پشو پتي' مهر جي پاڻ براهمي اسڪرپٽ کان پوءِ جيڪي لفظ مليا آهن، انهن لفظن جو مفهوم سنڌو ماڻري جي تاريخ، ثقافت، مذهب ۽ ٻوليءَ کي چٽو ظاهر ڪري ٿو. ان ڪري اهو چوڻ درست ٿيندو ته سنڌو لکت تي براهمي اسڪرپٽ سان پاڻ ڪرڻ جو درست طريقو آهي. سنڌو لکت جون ٻيون مهرون ٻه براهمي اسڪرپٽ سان پاڻ ڪري سگهجن ٿيون. اُن لاءِ وسيلا ۽ وقت درڪار آهي. سيني مهرن جي پاڻ کان پوءِ وڌي تاريخي جاڻ ملي سگهي ٿي، جنهن سان پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ٿيندو.

ڪاش! محب وطن ان طرف ڌيان ڏين.

حوالا ۽ مددي ويبسائيٽون:

References of pashupati seal

1-The Journal of the Music Academy, Madras - Volume 62 -1991 - Page 157

2-India's Kathak Dance Past, Present, Future: - Page 28

3-*Hindustani SangeethaPadhathi (4 volumes, Marathi) (1909–1932). Vishnu Narayan Bhatkhande. SangeetKaryalaya (1990 reprint*

4-Hughes, Albert William (1876). A Gazetteer of the Province of Sind. Retrieved 19 December 2017

5-Denzillbbetson (1970). Panjab Castes. Languages Department, Punjab.

6-Singh, Kumar Suresh; Ghosh, Tapash Kumar; Nath, Surendra (1996). People of India: Delhi. Anthropological Survey of India. ISBN 9788173040962. Retrieved 8 October2014

7-*Rose, H. A. (1911). A Glossary of The Tribes & Castes of The Punjab & North West Frontier Province. II. Lahore: Samuel T. Weston. p. 17. Retrieved 2011-10-24.*

8-MirzaKalichbegFredunbeg: The Chachnamah, An Ancient History of Sind, Giving the Hindu period down to the Arab Conquest. Translated by from the Persian by, Commissioners Press 1900

9-Tareekh-Sind, By Mavlana Syed Abu Zafar Nadvi

10-Jats the Ancient Rulers (A clan study)/HarshaVardhana : Linkage and Identity, pp.212-13

11-**Mohenjo-Daro and the Indus Civilization by** John Marshall

12-*Further excavations at Mohenjo-Daro by* Mackay, Earnest John Henry (1937–38).

1. Marama - Mythology Dictionary

2. Maori religion and mythology PartLunarMyths

3.Derryl N. MacLean (1989), *Religion and Society in Arab Sind*, p.63

4.http://www.borobudur.tv/avadana_07.htm

5."The Divyavadana (Tibetan version) reports: 'The Buddha is in Rajgriha. At this time there were two great cities in Jambudvipa: Pataliputra and Roruka. When Roruka rises, Pataliputra declines: when Pataliputra rises, Roruka declines.' Here was Roruka of Sindh competing with the capital of the Magadha empire." Chapter 'Sindhu is divine', The Sindh Story, by K. R. Malkani from Karachi, Publisher: Sindhi Academy (1997), ISBN 81-87096-01-2

6.Page 317, Lord Mahavira and His Times, by Kailash Chand Jain, Published 1992 by MotilalBanarsidass Publications, ISBN 81-208-0805-3

7.Page 174, Alexander's campaigns in Sind and Baluchistan and the siege of the Brahmin town of Harmatelia, Volume 3 of OrientaliaLovaniensiaanalecta, by Pierre Herman Leonard Eggermont, Peeters Publishers, 1975, ISBN 90-6186-037-8, ISBN 978-90-6186-037-2

9.Story of Udayan and the town of Vitabhaya

10.Pages 89-92, RorItihaas Ki Jhalak, by Dr. Raj Pal Singh, Pal Publications, Yamunanagar (1987)

11.James G. Lochtefeld (2002). The Illustrated Encyclopedia of Hinduism: N-Z. The Rosen Publishing Group. p. 467. ISBN 978-0-8239-3180-4., **Quote:** "the Natyashastra remains the ultimate authority for any dance form that claims to be 'classical' dance, rather than 'folk' dance".

12. *McCormick, Charlie T.; White, Kim Kennedy (13 December 2010). Folklore: An Encyclopedia of Beliefs, Customs, Tales, Music, and Art. ABC-CLIO. p. 705. ISBN 978-1-59884-241-8.* Retrieved 29 February 2012.

13. *BishnupriyaDutt; Urmimala Sarkar Munsi (2010). Engendering Performance: Indian Women Performers in Search of an Identity. SAGE Publications. p. 216. ISBN 978-81-321-0612-8.*

14.Williams 2004, pp. 83-84, the other major classical Indian dances are: Bharatanatyam, Kathak, Odissi, Kathakali, Kuchipudi, Sattriya, Cchau, Manipuri, Yaksagana and BhagavataMela.

15. *Don Rubin; Chua Soo Pong; Ravi Chaturvedi (2001). The World Encyclopedia of Contemporary Theatre: Asia/Pacific. Routledge. pp. 130–139. ISBN 978-0-415-26087-9*

16. *Hammarström, Harald; Forkel, Robert; Haspelmath, Martin, eds. (2017). "Aoic". Glottolog 3.0. Jena, Germany: Max Planck Institute for the Science of Human History.*George van Driem (2001) *Languages of the Himalayas: An Ethnolinguistic Handbook of the Greater Himalayan Region.* Brill.

17.Bruhn, Daniel Wayne. 2014. *A Phonological Reconstruction of Proto-Central Naga.* Ph.D. dissertation. University of California, Berkeley.

18.*"A-11 Individual Scheduled Tribe Primary Census Abstract Data and its Appendix". censusindia.gov.in. Government of India.* Retrieved *28 October* 2017.

19.Census of Government of India, 2001

20.E.R. Tregear, *Maori-Polynesian Comparative Dictionary* (Lyon and Blair: Lambton Quay), 1891, 14.

21. http://www.historyfiles.co.uk/KingListsFarEast/IndiaSindh.htm

اشتياق انصاري



مانجهند جا اوائلي مندر، ماڙيون ۽ ماڻهو

سنڌ جي اوائلي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جا اڪثر واهڻ ۽ وستيون سنڌوءَ ڪناري آسريون ۽ ٻسريون آهن. انهن مان ڪيتريون وستيون دادلي درياهہ جي لهرن تي ڪڌن ٻڌيون آهن تہ ڪڌهن ڪڌيون آهن. درياهہ سان جنگ جوٽيندڙ اهي ڳوٺ ۽ شهر بار بار نهڙ ۽ دهڙ ڪري، سنڌ ۾ الڳ ۽ منفرد مقام رکن ٿا.

درياهہ سان دوستيءَ وارن اهڙن شهرن ۾ 'مانجهند' جو نالو بہ اچي ٿو. قديم سنڌ جي تجارتي تاريخ ۾ اچي ٿو تہ سر اليگزينڈر برنس 1831ع کان 1836ع ۾ آوپاريون هاڪاري مٿي لاهور ويو هو. سندس بيان آهي تہ "گنريل هارنهن سالن ۾ سنڌوءَ مانجهند کي هارنهن پيرا بوڙي پينگ ڪري چڌيو آهي(1). مانجهند جو هيءُ جهونڙو شهر تعلقي مانجهند ۽ ضلعي ڄام شوري ۾ واقع آهي. هيءُ قديم واپاري وستي انڊس هاءِ‌وي تي حيدرآباد کان 60 ڪلوميٽر سيوهڻ ويندڙ رستي تي مانجهند ريلوي اسٽيشن کان ڪجهہ گام اوپر آهي.

مانجهند شهر تي اهو نالو پوڻ لاءِ مختلف خيال آهن. ڪن جو چوڻ آهي تہ "محمد بن قاسم جڏهن سيوهڻ کان نيرون ڪوٽ تي آيو تہ مانجهانڊو موجوده پٽن تي اچي ڪيائين يعني منجهند جي ماني اتي اچي ڪاڌائين، تنهنڪري منجهند پوءِ مانجهند نالو پئجي ويو. ڪن جو چوڻ وري هي آهي تہ: "مانجهند نالي هڪ شخص هو، جنهن کي ست پائر هئا: مريد، چگو، تنگياڻي وغيره تہ مريد مان مريداڻي، چگو مان چگياڻي ۽ تنگيو مان تنگياڻي' سڏجڻ لڳا. جن جا ڳوٺ مانجهند جي آسپاس ۾ اڃا صدين کان وٺي آباد آهن. مانجهند، خود موجوده زمين تي ويهي رهيو ۽ اهو پٽ سندس مانجهند جي نالي سان مشهور ٿيو، جيڪو اڄ ڏينهن تائين قائم آهي(2)."

بهرحال اتان جي عام ماڻهن جي اها راءِ آهي تہ پراڻي زماني ۾ هن هنڌ تي مانجهند قبيلي جي بزرگن اچي ديرو ڇمايو، اڄ بہ هن ذات جي ماڻهن جا مانجهند شهر جي آسپاس ست ڳوٺ وسيل آهن، جن ۾ وري مانجهند ذات وارن جا مختلف پاڙا آهن. اياز پاڪٽ مانجهند ذات لاءِ لکي ٿو تہ:

"هي سنڌ جو قديم ۽ ننڍو قبيلو آهي. متفق مقامي روايتن موجب مانجهند قبيلي وارا ايران کان آيا ۽ اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا." ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي لکت موجب، انهن مان ڪنهن وڏي جو نالو مانجهند هو، جنهن جي پويان هي سڏيا ويا. هن کي ٽي پٽ هئا: تنگيو، پنيو ۽ مريد جن کي اولاد ٿيو. تنگئي کي ٻہ پٽ هئا: ورم ۽ نهال. ستندن پيڑهي هينئين بيان ڪئي وئي آهي: مانجهند پٽ عالي پٽ سنهڙو پٽ زماڇ، پٽ ڏرت (ان کانپوءِ ڪيئي پيڑهيون مٿي) پٽ عالي پٽ نوشيروان پٽ ڪيقباد.

منهنجي خيال موجب، هي ايراني، دراصل سنڌي نسب ماڻهن جو ننڍو قبيلو آهي. جيڪو پنهنجي وڏي 'مانجهند' جي نالي سڏيو وڃي ٿو. انهن جي وڏن جا نالا سنڌي النسل آهن، نڪي ايراني، جيئن تہ هي اڪثريتي آبادي، قبيلن ۽ ذاتين وارا پنهنجو نسل ڪنهن ٻئي ڏاڙئي شاهي نسل سان ڳنڍڻ جا عادي آهن، تنهنڪري هنن بہ پاڻ کي ايراني نسل سان ڳنڍي چڌيو آهي(3)."

جاگرافيائي لحاظ کان مانجهند کي 25.51 اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ 19. 68 اوپر ڊگهائي ڦاڪ تي ڏسي سگهجي ٿو. هي شهر درياهہ ڪنڊيءَ هٿ ڪري پنهنجي جوبن ۾ وٽندڙ ٽڏڙي هوا، دلڪش قدرتي نظارن، چوڦير ساوڪ جي سرهاڻ ۽ دلفريب نظارن ڪري ملڪان ملڪ مشهور هو.

هي؛ سائو سَتابو، سکين سانگين جو شهر زماني جي گردش کري هينئر هيٺي هال ۾ آهي.

مانجهند، درياءَ ڪناري هڻڻ کري ڪنهن وقت ۾ وڏو واپاري مرڪز هو. هتي ڏيهي توڙي پرڏيهي غوراب اچي پگهه پائيندا هئا. اهي وٽجارا پنهنجا هوڙا هاڪاري دنيا جي مختلف منڊين ۾ وڃي مال لاهيندا هئا. خاص ڪري ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن ۾ سندن تجارتي ڪوٺيون قائم هيون، جتان ججهو ناڦو ڪمائي اچي سنڌ جي سينڌ سنواريندا هئا.

مانجهند بين القوامي واپارين جو مسڪن هڻڻ کري شهر ۾ وڏي خوشحالي هوندي هئي. ان کانسواءِ هي؛ وستي درياهه جي پاڪر ۾ هڻڻ کري هتان جي هارين نارين کڏهن ۽ سوکڙي جو منهن نه ڏٺو هو. سانوٽي ۾ ته سارو علاقو خاص کري ڪڇ، پاٽي؛ سان لس ليٽ ٿي ويندو هو.

ان کري هتان جو عام ماڻهو غريب غربو ۽ مالي حوالي سان آسودو هوندو هو. ريجالي زمين هڻڻ کري فصل ۽ تمام پلا ۽ نفعي بخش ٿيندا هئا. مانجهند جي منڊي ته سدائين اناج سان سڀيل هوندي هئي. هتان جو اناج آسپاس جي بازار ۾ سڌو ملهه ڪندو هو. ان کري هِتان جا ڪڙمي ڪاسبي ۽ سرها ڏسبا هئا. چوڦير گاهه جي گهٽائي؛ کري مالوند ۽ ڏاول هئا. ڪچي جو تاتيل چوپايو مال مختلف پڑين تي هٿو هٽ وِڪبو هو.

ان وقت نه رڳو مانجهند ۾ ساري سنڌ آبي ڦاٽن، واهن، واهڙن وسيلي ڳنڍيل هئي ۾ خشڪي رستي ۽ هرهنڌ پهچي وڃبو هو. ان دور ۾ مسافري ۽ باربرداري گهٽو ڪري اُٺن ذريعي ٿيندي هئي. ساري رات شاهراهن تي اُٺن جي وڻن جي ڳچن ۾ پيل جڙا پيا ٻرندا هئا. ان کانسواءِ ڏاند گاڏين جي تيل مڪيل سراين جا چيڪاٽ پيا ڪني سٽيا هئا. گڏهه ۽ گڏهه گاڏو ۽ گهٽو استعمال ٿيندو هو.

خشڪي جي مشهور شاهراهه جيڪا سمنڊ، ڪراچي کان وٽي بلوچستان ۽ افغانستان جي پهاڙن کي ڳنڍيندي هئي. اها مانجهند وٽان گذرندي ويندي هئي. "اهو شاهي رستو ڪراچيءَ کان نٽو ناڪو ڏئي، جهوڪ، ڪوٽڙي، مانجهند ۽ لکيءَ کان سيوهڻ پهچڻ بعد دادو، لاڙڪاڻي شڪارپور کان ٽيندي جيڪب آباد پهچندي هئي(4)." جتان پوءِ بلوچستان ۾ داخل ٿي ويندي هئي.

مانجهند آبي ۽ خشڪي رستي ۽ سمنڊ سان ڳنڍيل هڻڻ کري هتان جو درياٽي بندر ۽ واپار ۽ آمدورفت جي لحاظ کان وڏو وسيلو هو. "سنڌو" جي ڪناري هڻڻ کري وڏا وڏا ٻيڙا ۽ ٻيڙيون اچي مانجهند جي بندر تي لنگر ڪنديون هيون. ماڻهن جو ٻاهرين شهرن ڏانهن اچڻ وڃڻ، ۽ سفر ڪرڻ ٻيڙين جي رستي ٿيندو هو. مانجهند بي بندر تي اهو ۽ انتظام هوندو هو ته ٻيڙين ۾ مردن جي چڑهڻ لهڻ جو هنڌ جدا هوندو هو ۽ زالن جي چڑهڻ ۽ لهڻ جو ڏکو ٻيڙين ۾ الڳ هوندو هو. مطلب ته مرد جدا نمونيِ ۾ شهر کان ٻيڙين تي چڑهندا هئا ۽ زالون مردن کان الڳ نمونيِ بنا خطري جي ٻيڙين ۾ سوار ٿيندڙيون هيون. مانجهند ان وقت ۾ هڪ وڏو واپار جو مرڪز هو. شهر جي ڪناري تي وڏن سَڙهن سان ٻيڙيون هميشه ٻينيون هونديون هيون(5)."

مانجهند درياءَ ڪنڊيءَ تي هڻڻ کري هتي ٻيڙاتن ۽ مهاڻن جو به وڏو انگ رهندو هو. اهي ناکا ۽ پاٽي سازو سامان ۽ مسافرن کي منزل تي پهچائڻ کانسواءِ ڪيترائي مڇي مارڻ واري ڏنڈي سان لاڳاپيل هئا. ماهيگير درياءَ ۽ آسپاس جي ڏنڊن ۾ جار پوکي قسمين قسمين مڇي ميارڻ تي ڪٽي ايندا هئا. ان کري مانجهند جي ميارٽي تي مڇي جو به وڏو ڪاروبار هلندو هو. خاص ڪري چاڙهه جي موسم ۾ سنڌوءَ جو سوادي پَلو به هٽ جام جهلبو هو.

مانجهند جا هندو واپاري:

هندو واپارين جو هونئن ته ساري سنڌ ۾ واپار تي قبضو هو پر هو ڪٽي ڪٽي خاص کري ٻهراڙين ۾ امن امان ۽ ڪاروباري حوالي سان پاڻ کي محفوظ نه سمجهندا هئا. انکري هنن هتان جي ڪاروبار سان گڏ ٻاهرين ملڪن ۾ به واپاري واسطا وڌا وڌائڻ شروع ڪيا. ان لاءِ ڪلابومارڪووس لکي ٿو ته:

"انهن ڳالهين مان هي به چٽائي ٿئي ٿي ته کهڙين ڳالهين سبب سنڌي هندو واڻيي اوڻيهن صدي جي اڌ ۾ سنڌ کان ٻاهر پرڏيهه ۾ واپار جون راهون ڳولهيون. هي کارڙ ڇٽو آهي ته کين پنهنجي دولت جي هوندي به ڳوڻن ۾ موجود عدم تحفظ واري حالت ۾ پوري طرح پنهنجو ڪاروبار نه ڪري سگهندا هئا، تنهنڪري سنڌ کان ٻاهر سندن دلچسپي وڌي(6)."

سنڌ جي جديد تاريخ ۾ آهي ته: "مانجهند هڪ درياٸي پٽڻ هجڻ ۽ حيدرآباد کي ويجهي هئڻ سبب هتان جا هندو سيٺ ۽ واپاري سنڌ جي مختلف شهرن جهڙوڪ هالا، بوبڪ، جوهي، سن، سيوهڻ، دادو، سکرنڊ، نوابشاهه، موري، دولتپور ۽ نصرپور، پرت جو ڪر، ڪاڻ تي اڪر جو ڪر، نير، ميندي، گهوڙن جا هٽا، خرزينون، چمڙي مان ٺهيل سامان، سون چاندي جا زيورات وغيره ٺهندا هئا، خريد ڪري، انگريز عملدارن وٽ اچي وڪرو ڪندا هئا. آهستي آهستي هتان جي سيٺين يا شاهوڪارن پنهنجون ڪوٺيون دنيا جي مختلف ملڪن ۾ قائم ڪيون. ٻاهرين ملڪن مان پنهنجي ڪوٺين ذريعي لونگ، گرم مصالحو، ريشمي ڪپڙو، سڪل ميوو، قيمتي موتي، جديد مشينري، ڪنڊ، چيني جا ٽائوَ وغيره خريد ڪري پنهنجي گماشتن معرفت سنڌ، عرب ملڪن، افغانستان، ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ جي مندين ۾ وڪرو ڪري ناڻو ڪمائيندا هئا. سيٺ ٻاهرين ملڪن جو مال سڌي طرح نه گهرائيندا هئا، پر هو پنهنجن پائيوارن ۽ گماشتن معرفت مال خريد ڪندا هئا."(7)

سنڌ ورڪي:

ساري دنيا سان واپاري ناتا وڌڻ ڪري هتان جي سيٺن جا قيري وار پلاوٽا، گماشتا ساري سنڌ جي ڪنڊڪڇ مان شاهه ڪاريگرن جا هٿ هنر، ۽ نايابَ شيون هٿ ڪري ايندا هئا. پوءِ اهو مال سنڌ کان ٻاهر خاص ڪري اهڙن شهرن ۾ جتي انگريز ڳهٽائيءَ ۾ رهندا هئا، جيئن ڪلڪتو، مدراس، بمبي وغيره اتي وڃي سڏن اڳهن تي وڪڻندا هئا. ان لاءِ ٽيڪچند ڪرمچند ميرچنداڻي لکي ٿو ته:

"هتان جي هندو سيٺين اڳتي قدم وڌايو. اهي هتان جو گهرو هنر، ڪپڙي تي برٽ جو ڪر، جنديءَ جو سامان، چمڙي جو سامان، چٽيون، اجرڪ، ڪيس ۽ زيورات وغيره انگريز فوجي ۽ سول آفيسرن کي پنهنجي نوڪرن، قيري واري معرفت وڪرو ڪري ڏيندا هئا ۽ هو انهن شين کي خريد ڪري پنهنجن مٽن ماٽن کي سوڪڙي طور موڪليندا هئا. انگريز حاڪم انهن شين جي خريداريءَ وقت قيري وارن کان پڇندا هئا ته:

"ڇا هي سنڌ جو هنر آهي؟

"Is this Sindh work

اهڙيءَ ريت جڏهن انهن سيٺين جي قيري وارن محسوس ڪيو ته هُو سنڌ جي ورڪ (هنر) ۾ دلچسپي وٺي رهيا آهن ته پنهنجو سامان انگريز آفيسرن کي وڪري ڪرڻ وقت چوندا آهن ته "اوهين ڪجهه سنڌ جو ٺهيل هنر ڏسندا؟

"You want to see Sindh work"?

انهيءَ نسبت سان اڳتي هلي عام ماڻهو انهي قيريءَ وارن کي سنڌ ورڪي نالي سان سڏڻ شروع ڪيو (8).

هندي:

سنڌ ورڪين جي واپاري دنيا ۾ محنت ۽ ڪشالن ڪري سنڌ جو نالو ساري دنيا ۾ وڃڻ لڳو. سنڌ ورڪين لاءِ انيس انصاري، چيتن ماڙيولا جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته:

"سنڌي واپاري جيڪي سنڌ ورڪي جي نالي سان مشهور آهن، تن جو واپار سڄيءَ دنيا ۾ ڦهليل آهي. هُو پنهنجي دڪان سميت دنيا جي هر ڏورانهين حصي ۾ موجود آهن. سندن ئي ڪري سڄي دنيا سنڌ جي نالي کان واقف ٿي آهي(9)."

ان دور ۾ موجوده زماني وانگر ڪوبه واپار جي پئسن جي ڏيتي ليتي جو سرڪاري سطح تي نظام ڪو نه هوندو هو، انڪري اهو سارو واپار هندين جي وسيلي هلندو هو. هندين ذريعي ان واپاري سرشتي کي پروفيسر عبدالله مگسي سولو ڪري سمجهايو آهي ته:

"هندي نائي جي هڪ چٽي (Draft) هوندي هئي، جا لکندڙ پاڻ يا پنهنجي گماشتي کي يا پنهنجي پلاوٽي کي لکندو هو. هن جا ٻه قسم هوندا هئا. درسني هندي ۽ ٻي مدي واري هندي جيستائين هندي پري نہ آهي، تيستائين وکامي سگهي ٿي. يعني بازار ۾ ان جو ملهه آهي، تنهنکري چئبو ته هندي ٻه هڪ قسم جو نوٽ هو. نوٽ ۽ هندي جي وچ ۾ هي فرق آهي ته نوٽ جو ملهه هميشه ساڳيو آهي ۽ هميشه هلي سگهي ٿو ۽ قاعدي موجب هرهڪ ماڻهو اهو قبول ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهي. ان جي ضمانت حڪومت ڏيندي آهي، پر هندي، جو ملهه نائي جي سوڙهه ڪري، ۽ ٻين سببن ڪري تبديل ٿيندو هو. سندس ملهه رڳو سندس پرجڻ تائين هوندو هو. تنهن ڪانپوءِ اها رد ٿي ويندي هئي. ان جو قبول ٿيڻ لکندڙ جي ڪارپٽ تي مدار رکندو هو. اهڙي طرح هندي ذريعي واپاري نائي جي مٽاسٽا هڪ شهر يا ملڪ کان ٻئي شهر يا ملڪ تائين سولائي سان ڪري سگهندا هئا(10)."

بهرحال هنن خاص ڪري "مانجهند جا سنڌ ورڪي" پنهنجي ڪارخاني جو سڄو حساب ڪتاب خدا آبادي واٽڪي اکرن ۾ ڪندا هئا. انهي آئيوينا ۾ سراسري چاليهه اکر هوندا هئا. جن مان ڏهه حرف علت ۽ ٽيهه حرف صحيح جا هوندا هئا. واپارين يا سيڻين جي مقرر ٽيل منشين ۽ عاملن جو انهن لکڻين سان ڪوبه واسطو ڪو نہ هوندو هو(11)."

مانجهند جا سنڌ ورڪي:

ورهاڱي کان اڳ اسان کي مانجهند جا ڪيترائي امير ماڻهو ملن ٿا جن سنڌ ورڪي ذريعي پنهنجي محنت ۽ ذهانت سان ٻاهرين دنيا مان ججهو پئسو آڻي، سنڌ جي خوشحاليءَ ۽ پلائيءَ تي خرچ ڪيو. هنن نہ رڳو پنهنجي رهائش لاءِ ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، سکر، شڪارپور، نصرپور، مانجهند ۾ عاليشان محل ماڙيون ٺهرايون پر ساڳي وقت عام ماڻهن لاءِ اسپتالون، اسڪول، باغ باغيچا، مسافرخانا، وغيره ٺهرايا. هر سال سنڌ ورڪي سراسري اڍائي ڪروڙ رپيا سنڌ ۾ آڻن ٿا. شڪارپورين جي ڪمائي تنهن کان سواءِ آهي. اها ٻ ٽوري ڪانهي(12).

اسان هت صرف مانجهند جي ڪن مشهور سنڌ ورڪين جو ذڪر ڪنداسين.

سيٺ منگهر مل تيڪچند ڏانواڻي:

هن جي واپاري ڪوٺي جاوا (انڊونيشيا) ۾ موجود هئي ڪيس واپار مان تمام گهڻو نفعو ٿيو، جنهن مان هن زمين خريد ڪري زميندار ڏنڻو اختيار ڪيو. جنهنکري آسپاس جي ماڻهن ۽ ڪامورن سان سندس سڻا لاڳاپا پيدا ٿيا. انگريز سرڪار سندس خدمتن کي محسوس ڪندي کيس راءِ بهادر جو لقب ڏنو. انکري سندس سياسي اثر ايترو ته وڌي ويو جو هي ڪيترن سالن تائين مانجهند جو ميونسپالٽي ۽ نوٽيفائيڊ ايريا جو پريزيڊنٽ ۽ چئرمين رهيو. ان ڪانسواءِ تعلقي لوڪل بورڊ مانجهند جو ميمبر پڻ هو(13)."

سيٺ منگهرمل لاءِ شهيد سومرو لکي ٿو ته:

"هن شهر ۾ انگريزن جي دور ۾ هنڌن جو وڏو زور هو. وڏا وڏا سيڻيون ۽ گبر هندو رهندا هئا. جن ۾ راءِ منگهرمل جو نالو پوريءَ سنڌ ۾ مشهور هو ۽ وڏي پهچ ۽ رسائي وارو واٽيو هو. مسلمانن ۾ فقط هڪ ماڻهو مانجهند ۾ مست، زبردست، خاندان بهادر، زميندار، همدرد، همت ۽ حشمت وارو، عظيم ماڻهو رئيس فقير بخش خان ڪاچي هو، جنهن کان اهي وڏا وڏا گبر سيڻيون ۽ مانجهند بلڪ سنڌ جا پيلپاوا ٻ ڏڃندا هئا ۽ ڪانئس لهرائيندا هئا ۽ رئيس جي حياتي ۾ ڪنهن ۾ من مستي نہ ڪيائون(14)."

سيٺ ڪٽومل:

مانجهند شهر جو هيءَ تمام مشهور سنڌ ورڪي ٽي گذريو آهي. سندس نالي پويان هن جو خاندان "ڪٽواڻي" سڏجڻ لڳو. سندس نڪ "للهر" آهي. هن نڪ وارا گهڻا هنڌن تي آهن مگر هن آکهه وارا اصل انڙپور تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ رهندا هئا، هتان پوءِ خاصاين جي ڳوٺ ۾ ويا ۽ ويجهڙائي ۾ اتان لڏي مانجهند ۾ وڃي رهيا آهن. ڪراچي ۾ ٻ جايون جڳهيون ۽ ڏنڻو ڏاڙي اٽن. ڏاڏو ڪٽومل، جنهن جي

نالي پنيان سڏجن ٿا، تنهن کي ٻه پٽ گنگارام ۽ نٿومل هٿا.

سيٺ گنگارام جو پٽ سيٺ واڏومل مانجهند واري سيٺ وشنداس جي ڪراچيءَ جي ان جي گدام جو مئنيجر هو. سيٺ نٿومل جو پٽ سيٺ رتومل پڻ سيٺ وشنداس جي هڪ ڪارخاني جو مئنيجر هو. هينئر پنهنجو ڪميشن جو ڪم رتومل ورندمل (ٻنهي پائرن) جي نالي ڪراچي ۾ ڪندا آهن(15)."

سيٺ ڪيئلداس ۽ سيٺ ايسرداس:

هي ٻئي مانجهند واسي سيٺ ڪنومل جي پٽ سيٺ ورندمل جا پٽ هٿا. هنن ٻنهي ڇڻن ڪراچيءَ ۾ ڪميشن جي ڪم مان تمام گهڻو پئسو ڪمايو. سيٺ ڪيئلداس گدائي پٽنچلت جو پريزيڊنٽ آهي. پاٽس سيٺ ايسرداس ڪراچي ڪاٽن ائسوسيئيشن جو پريزيڊنٽ ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ پڪو ڪانگريسي آهي(16)."

ميشرس وسيامل آسومل:

پيرومل لکي ٿو ت: "سنڌ ورڪين جون اوائلي ۽ برڪ ڪمپنيون ٿي هيون. ميشرس پوهومل برادرس، ميشرس ڏنامل چيلارام ۽ ميشرس وسيامل آسومل(17). واضح رهي ت انهن ٽن وڏين ڪمپنن مان بن جو يعني ميشرس ڏنامل چيلارام ۽ ميشوس وسومل آسومل جو تعلق مانجهند سان هو.

"شروعات ۾ جن جهاڻ ۾ ڪوئيون کوليون، تن ۾ مکيه ميشرس وسيامل آسومل ۽ ميشرس پرسومل مانجهند وارا هٿا. ميشرس وسيامل آسومل ڪوبيءَ وارن جي مئنيجر پائي دولهڏنومل تلومل مهتاڻي هو، جنهن جهاڻ ۾ چگو نالو ڪڍيو. ان وقت جهاڻ ۾ سنڌ ورڪين جو ڏهڏهو بلند هو.

سنڌين جون ڪوئيون يوڪوهاما، ڪوبي ۽ بين هنڌن تي هيون ۽ ڪيترن کي پنهنجو زرخريد ڇڪهيون هيون. جن مان کي 1923ع جي زلزلي ۾ ختم ٿي ويون. 1942ع ۾ مهاپاري جنگ ۾ سنڌين جو ڏاڍو نقصان ٿيو.

وسيامل وارا سينگاپور ويا، تنهن کانپو، اوپر ايشيا ۽ بين پاسي سنڌي وڃڻ لڳا. جيئن جاوا ملايا، هانگ ڪانگ، ڇائنا ۽ انڊونيشيا جتي سوين سنڌي ڪوئيون هونديون هيون، انهن مڙني کي جهاڻ واري جنگ ۾ ڏاڍو نقصان ٿيو. هزارين سنڌ ورڪي جنگ وارو سمورو وقت اتي باندي هٿا، وطن اچڻ نٿي ملين. چوڻ ۾ اچي ٿو نيتاجي سپاش چندربوس کي ڪيترن سنڌين مدد ڏني هئي(18).

ميشرس ٽي- پرسومل:

مانجهند جي هن مانجهي مڙس پرسومل جون ڪوئيون به جهاڻ جي مختلف شهرن يوڪو هاما، ڪوبي ۽ بين هنڌن تي هيون. پي جنگ عظيم دوران هن کي به وڏو نقصان پهتو، اتي ڪيترن سنڌ ورڪين کي بيگناهه ماري وڌائون جن ۾ پرسومل به شامل هو. جيئن جهاڻ هارايو تيئن جملي واپار بند ٿي ويو. انڪل ڏيڍ سو ڪوئيون هيون(19)."

ميشرس ڪي- اين ڏنامل:

مانجهند جو هيءَ مشهور واپاري هو، جنهن کاڻي اڳ پنهنجون ٽي واپاري ڪوئيون هندستان جي شهر سورت، فلپائين، انڊونيشيا ۾ کوليون هيون. ڏنامل جي پٽا جو نالو چيلارام هو. "فلپائين ۾ ميشرس وسومل وارا ۽ ميشرس ڏنامل چيلارام وارا پهريان ويا هٿا. جاوا ۾ ميشرس هوتچند کيمچند، ميشرس ڪي.اين ڏنامل وارن ۽ ڪن ٻن جون فرمون برڪ آهن. مٿين سيني هنڌن مان جاوا جي سنڌ ورڪين ايترو نالو ڪمايو جو چوٽي پئي ت:

"جو وڃي جاوي، سو ڦر نه آوي
جي آوي ته پٽ پوٽا کاوي(20)."

هن فرم کي به پي جنگ عظيم دوران ڪافي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا. هن به وسيامل آسومل وانگر سپاش چندر بوس جي ڪافي مدد ڪئي هئي.

سيٺ ڏيارام:

سيٺ ڏيارام سريلنڪا ۾ واپار ڪندو هو. سنڌ جي ناهيل ڪپڙي جي ڪوئي سريلنڪا ۾ کوليائين، اُتي ڪافي عرصو رهيو، جنهنڪري تمام گهڻي رقم ڪمائي 1936ع ۾ گوٺ مانجهند موٽي

آيو. اڇڻ سان زمين ورتائين. زميندار سبب سندس تعلقات تعلقي جي چگن مڙسن، زميندارن ۽ آفيسرن سان قائم ٿيا. پاڻ سنجيده قسم جو ماڻهو هو. پاڪستان ٽيڻ کانپوءِ پارت لڏي ويو(21).

سيٺ ڏوڏومل:

سيٺ ڏوڏومل جاوا ۾ پشم جو واپار ڪندو هو. سندس ڪارخاني جون ڪيتريون برانچون ڪراچي، تربت، پسني ۾ قائم هيون. جتان سڪل مڇي خريد ڪري انڊونيشيا ۽ بنگال ڏانهن موڪلينڊو هو. سڄي عمر سڌ ورڪي ٿي رهيو. سندس چوڻ هو ته پئسو، طاقت ۽ عزت جو بنياد آهي. ٻيڙيون ٺهرائي پائيواري يا وندي‌۽ تي ملاحن کي ڏيندو هو. پاڪستان ٽيڻ کانپوءِ پسني ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي، جتي پڻ هڪ ڪپڙي جي ڪوني کوليائين. 1951ع ۾ ديهانت ڪري ويو. کيس ٽي پٽ ۽ ٻ ڌيئر هيون(22)."

سيٺ آسرداس:

سيٺ آسرداس اصل ۾ ڳوٺ خاساڻي جو رهاڪو هو، بعد ۾ اتان لڏي اچي مانجهند ۾ رهڻ لڳو. گوادر ۾ مڇي جو واپاري ڪري هانگ ڪانگ موڪلينڊو هو. سندس سيٺ ڏيارام سان دوستي هئي. پر آخر تائين سڌ ورڪي ٿي رهيو.

سيٺ آسرداس هنڌين جو ڪم پڙ ڪندو هو. وياج خوري کي عيب نه سمجهندو هو. چوندو هو ته وياج موڙي، جي مزدوري آهي. انگريز بهادر جي سرڪار پاڻ وياج ونڊي ٿي(23)."

وشنداس:

لوڪ رام ڏوڏيجا لکي ٿو ته:

"مانجهند جي ڪن خاندانن سڌ ورڪ مان ٻ اٽاهه ناڻو ڪمايو. سڌ جي وڏي وڪيل ۽ نامياري ديش پڳٽ سيٺ هرچند راءِ جي پتا وشنداس جو ٻ اصل آستان هتي هوندو هو. هن وٽ مهمان نوازي‌ جي حد هئي. هر وقت ديڳ ڏهيل هوندي هئي، آيو ويو پيو ڏڪ ڪري ڪائيندو. ماڻهو ته ڇڏيو پر جانورن جي پيٽ جو ٻ اونو رکندو هو. مثلاً پئسا ڏئي ٻيلا ليکي تي ڪٽندو ۽ مالدارن کي مفت چيڪ ڇڏي ڏيندو ته سندس گايون، مينهون، ڍور، ڍڳا، پل پيا چرن، ڪٽي بڏندو ته ڏڪار پيو آهي ته اتي وڃي ديڳيون چاڙهائيندو هو. سيٺ وشنداس، ملير جي ٻائي مولراج وانگر گلابداسي پنٽ جو هو. هن سموري عمر راڳ ۾ گذاري. جتي ٻ هوندو هو ته وڏا وڏا گويا ۽ طوائفون سندس محفل ۾ موجود هوندیون هيون. جڏهن پاڻ ٻ موج مستي ۾ ايندو هو ته ڳائيندو هو.

"نامئن هندو نامئن ترڪ، نامئن پنڊت قاضي ري.
نامئن سعيد شيخ مسلا، نامئن پيا نمازي ري.
وشنداس جب آپ پچانيا، سرب رنگ ۾ راضي ري."(24)

چيو وڃي ٿو ته سنڌي لسانيات جي ماهر ڊاڪٽر مرليٽر جيٺلي جا نانڻا ٻ اصل مانجهند جا هئا. هو ٻ نندپڻ ۾ اڪثر نانڻا وٽ مانجهند گهمڻ ايندو هو. ڊاڪٽر مرليٽر جيٺلي لاءِ ڪتاب "سنڌ جون سون ورنيون ڏيون" ۾ آهي ته: "مرليٽر ڪشنچند جيٺلي هڪ وڏو لساني ماهر ۽ برڪ محقق هو. هو پنهنجي سموري حياتي هولي، ادب ۽ سنڌي جاتي جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ ڪر ڪندو رهيو آهي. ڊاڪٽر مرليٽر جيٺلي 7 نومبر 1930ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ جائو، سندس والد پنڊت ڪشنچند ٽوپڻ لال ٻ هڪ وڏو عالم ۽ اديب هو. مرليٽر شروعاتي تعليم سنڌ ۾ حاصل ڪئي. ان ڪانپوءِ لڏپلاڻ ڪارڻ پوني ۽ دهلي ۾ رهائش اختيار ڪئي (25)."

مرليٽر جيٺلي جا اٽڪل 22 ڪتاب لکيل آهن. مدد علي سنڌي ٻڌايو ته 1980ع ڌاري جڏهن مرليٽر جيٺلي سنڌ آيو هو ته هن مانجهند ۽ گوبند رام درٻار ڏسڻ جي خواهش ڪئي هئي، هو ان سان گڏجي مانجهند درٻار ويو هو(26)."

سنڌ ٽرو سنچريز سيمينار 2014ع ۾ منهنجي ٻ مرليٽر جيٺلي سان ملاقات ٿي هئي.

مانجهند جا مندر مڙهيون ۽ ماڙيون:

مانجهند جي باري ۾ نندپڻ کان ٻڌندا ايندا هئاسين. ڳوٺ ايندي ويندي يا سائين جي.ايم.سيد سان سن ۾ حاضري پرڻ مهل اتان لانگهائو ٽيندا هئاسين. ڪڏهن سائين امداد محمد شاهه سان مجيد

ڪيريو ۽ ڪجهري ڪري سن لاءِ درياهه پار ڪندي پلٽي مانجهند جي ماڙين، مڙهين، مندرن ۽ محلن جو ذڪر ڪندا هئا. ان ۽ ڪو وڌاءِ ڪونهي ته:

"مانجهند جون جايون تمام خوبصورت هونديون هيون ۽ انهن جي مٿان من موهيندڙ منگهه ٺهيل هوندا هئا جن مان جاين ۽ گرمي جي موسم ۽ هوائن جي ڪراسنگ ٿيندي هئي. هندن کي پنهنجن شهرن سان بيحد محبت هوندي هئي. هو سدائين پنهنجن شهرن کي خوبصورت بڻائيندا هئا ۽ صفائي ستائي ۽ روشنيءَ جو بندوبست ڪندا هئا. مانجهند ۽ هڪ وڏو دلڪش دلي دروازو به ٺهيل هوندو هو(27)."

مانجهند ۽ هن وقت امير لوڪن جون نه اهي منگهن واريون منزلون رهيون آهن، نه اها صفائي ۽ سُٿرائي جن جو ذڪر بزرگ ڪن ٿا. هاڻي اتي نه اهو دلي دروازو نه بندر ۽ بازاريون بچيون آهن. ڇيو وڄي ٿو ته مانجهند واسين دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڏڻ جون پوريون پري اچي شهر جي سونهن سوڀيا تي خرچ ڪيون هيون.

"مانجهند واسي پئسن جام هٿ ڪري رهڻ جون جايون اهڙيون ته خوبصورت ٺهرائيندا هئا جو پري پري جا ماڻهو سندن اهي محل ڏسڻ ايندا هئا. جاين ۽ اڪثر ڪري ساڳوان جو عملو ڪاڪ استعمال ڪندا هئا. جن مان در، دروازا، ڪبٽ، ڪامون، پٽيون ۽ شهتير سنڌ جي هوشيار ۽ ڪاريگر وادڻ کي پاڻ وٽ گهرائي وڏ ۽ وڏ، سهڻي ۽ سهڻا ننگ ٺهرائيندا هئا. مطلب ته رڳي مانجهند شهر نه بلڪ پوري سنڌ ۽ جيڪي به وڏا شهر آهن، اتي هندن جون جايون پلان پل ٺهيل هونديون هيون(28)."

شهر ۽ رولاڪي دوران اسان کي هندن جي چڊيل ڪا به اهڙي ماڙي نظر آئي، جيڪا عمارتسازيءَ جو شاهڪار هجي.

"پاڪستان ٺهيو، هندو هندستان روانا ٿي ويا، پر روئي رڙي سنڌ چڊي ويا. اهڙي طرح مانجهند مان هڙ هندو هليا ويا، سندن اهي خوبصورت جايون ۽ محل بيوس ٿي چڊي ويا. نتيجو ڇا نڪتو جو انهن جاين مان اسان جي مسلمان پائرن جاوا ڪيا، اچي لڳن ته اهي خوبصورت ڪبٽ، ڪامون، بهترين ڪاريگر ۽ ٽيئر الاڄي سنڌ جي ڪهڙن ڪهڙن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پهچي ويا. مطلب ته ان وقت جي انتظاميه ۽ تر جي چڱن مڙسن به خوب شهر کي لٽيو ۽ ان مان ڪمايو ۽ آخر هي شهر وري ائين ٿي ويو جو جڻ ترخانن ۽ ارغونن سنڌ جي شهر کي لٽي ويا هجن. اهڙي طرح هاڻي جيڪي به موجود جايون آهي سي پوءِ جون ٺهيل مسلمانن جون آهن. باقي هندن جي هڪ جاءِ جو به نالي ماتر کو نشان کونهي(29).

حالانڪ چيو وڃي ٿو ته هن شهر جي ميونسپل ايريا ۾ مسلمان ۽ هندو ذري گهٽ اڌو اڌ رهندا هئا، جن ۾ پائيچارو بيمثال هو. هو هڪ ٻئي جي مقدس جاين ۽ تهوارن جو وڏو احترام ڪندا هئا. سنڌ گزيٽيئر ۾ آهي ته:

"مانجهند کي 1861ع ۾ ميونسپالٽيءَ جو درجو ڏنو ويو. هن وقت 74- 1873ع دوران هن شهر جي آمدني 1477 رپيا آهي، هت مختيارڪار جي ڪچهري، سب جيل، پوليس ٿاڻي ۾ 18 ماڻهن جو عملو مقرر آهي، اسڪول، پوسٽ آفيس، ڏرمشالا، ۽ جانورن جو ڊڪ پڻ آهي.

هن مهل (74-1873) مانجهند جي آدمشماري 2872 آهي، جنهن ۾ 1550 مسلمان جن ۾ مانجهند، ميمڻ، مهاٽا ۽ وريائي ذات جا ماڻهو شامل آهن. اهڙي طرح هن وقت مانجهند ۾ 1311 هندو رهن ٿا. جيڪي اداسي ۽ لوهاٽا ذات سان واسطو رکن ٿا(30)."

بهرحال مانجهند جي اوائلي محل ۽ ماڙين جو ته سرزمين تي نالو نشان نٿو ملي ڪٽي ڪٽي درياهه جي پيٽ ۾ بند ٻاهران سرون ۽ سروٽا وڏي تعداد ۾ ڦهليا پيا آهن. البت موجوده وقت هڪ مينارا، مندر ۽ درٻار جا قديم آثار ٽٽل ڦٽل حالت ۾ پويان پساهه ڪٽي رهيا آهن.

هيڏار:

هي يادگار مينار هڪ اسڪول جي احاطي ۾ اڄ به سهڻي حالت ۾ بيٺو آهي. سيٺ سيرومل جو پنهنجي زال موهني ٻائي جي ياد ۾ ٺهرايل اهو يادگار مينار اڄا تائين نظر بد کان بچيل آهي. ڏسڻ

ته پيار جي اها نشاني اڳتي ڪيترو ئي جڳهه ڪري هن ميناري رنگ جي مينار جي اوچائي 20 فٽ کن ٿيندي. هي مينار بنيادن وٽ چوڪور هئڻ بعد مستطيل شڪل ۾ بلندي طرف رخ رکي ٿو. ٽورو متي رسڻ بعد گولائي مائل شڪل اختيار ڪري ڪانپوءِ هو چهه ڪنڊي ٿيڻي جي روپ ۾ چوٽي وٽ دنگ ڪري ٿو. مينار کي سونهن ۽ سوپيا لاءِ گلڪاري ۽ ڪن هنڌن تي گولائي مائل اپريل ڪارنس جيان ڇلا پڙ ڏنا ويا آهن. مينار جي هيٺين حصي تي سنگمرمر جي تختي تي هي ڪتبو لکيل آهي.

ڪنٽيور ٽي نستعب:

هي پوتر نستعب شريمت سيرومل سيٺ چانڊومل پنهنجي سرگواسي ڏرم پتني "شريمتي موهني بائي" جي يادگيري ۾ نهرايو.
30 مانگهه 2001

مندر:

مانجهند شهر اندر هڪ مندر جا آثار اڃ به ثابت بينا آهن. اڇڪلهه هي مندر هڪ همراهه جي گهر جو حصو آهي، جنهن پنهنجو ڪاٺ ڪباڙو گند ڪچرو ان ۾ اڇلي ڇڏيو آهي. وري به يار کي شاباش آهي جو مندر کي ٽوڙيو نه اٿس. هي هڪڙو تمام نندڙو مندر آهي، جيڪو هڪ ٻي پنيان ٽن ننڍن حصن ۾ ورهايل آهي، اڳي حصي ۾ مختصر پٽر اٿس ان بعد ورانڊي مٿان هڪڙو نندڙو گنبذ رکيل آهي. ان ڪانپوءِ مک حجرو آهي. حجري اندر پٽن ۾ جارا ٿهيل آهن، جن ۾ بت وغيره رکيا ويندا هوندا. حجري مٿان چوڪور مخروطي مندر جو شڪارو بيهاريل آهي. شڪاري جي چٽن پاسن تي اڌ کان ٽورو مٿيرو خوبصورتي لاءِ محرابي جارن مٿان اپريل تاج رکيل آهي. شڪاري کي هينئين توٽي مٿين حصي کي خوبصورت ڪارنس پڙ ڏنل آهي. پکي سرن سان ٿهيل مندر کي اندران توڙي باهران چن هو اُستر ۽ پلستر ٿيل آهي.

سائين جي.ايم.سيد جي جنم پومي سن شهر به مانجهند جي ويجهو آهي. جي.ايم.سيد به هن علائقي کي ترقي ونرائڻ ۽ عام ماڻهو ۾ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ڪيون هيون، خاص ڪري محال مانجهند ۾ ان وقت 80 ڳوٺ شامل هئا. ۽ ان جي آبادي 24-1923ع ڌاري 1495 هئي. هن شاهه حيدر سنائي جي سالياني عرس کي سنڌ جي عام ميلن ملاکڙن کان پاسيرو ٿي، ان عرس کي محال مانجهند جي تعلقي ۽ تنظيم پروگرام جو نالو ڏنو. ساڳئي وقت هڪ رودِ ۽ هڪ شاهي دروازو مرزا قليچ بيگ جي نالي منسوب ڪرايو.

جي.ايم.سيد لکي ٿو ته: "ان سال (1928ع) مرزا قليچ بيگ جي سنڌي ادب لاءِ ڪيل خدمتن جي مجتا طور ريلوي اسٽيشن کان سن شهر تائين نئين تيار ٿيل رودِ جو نالو "قليچ رودِ" رکيو ويو ۽ شهر باهران پرائمري اسکول پرسان نهرايل "بابِ قليچ" جو افتتاح ڪرايو ويو(31)."

گوبند رام دربار ۽ ان جي بحالي:

مانجهند جي گوبند رام دربار لاءِ جهونن ماڻهن جو چوڻ آهي ته "شهر جي اتر طرف هڪ ٻائي جو مندر هوندو هو، جيڪو بن ٽن ايڪڙن ۾ پکڙيل هڪ خوبصورت باغ هوندو هو، جتي ماڻهو اڪثر ڪري گهمڻ ڦرڻ ويندا هئا ۽ ان ٻائي واري مندر ۾ خوبصورت ۽ پليوں ڳئون به هوندیون هيون، جو اهو ٻائو سندن خدمت ڪندو هو. هر سال ٻائي واري مندر ۾ هندو چيٽي چند جو ميلو لڳائيندا هئا ۽ آسپاس جا هندو توڙي مسلمان ان ميلي ۾ شريڪ ٿيندا هئا(32)."

بهرحال ورهاڱي بعد ان دربار جي مالڪي نه هئڻ ڪري عمارت ۾ گهرا ڏار پئجي ويا هئا. دربار جو قيمتي سامان ماڻهو پٽي کڻي ويا هئا. اندازو هو ته ٽورن ٽي ڏينهن ۾ باقي بچيل آثار به ڪري پوندا يا ماڻهو ڌاهي کڻي ويندا. جنهن آهي انڊومينٽ فنڈ ٽرسٽ ڪي، جنهن هن لاوارث ۽ ويران دربار کي وڏيڪ نقصان کان بچائڻ ۽ ان جي بحالي (Restoration) جو ڏمو پنهنجي سر کنيو، ان جي بحالي (Restoration) جي نگهباني جو کڻو منهنجي نالي نکتو ۽ انچارج طور مان پنهنجي ٽيم ساڻ ڪري مانجهند جي مختلف گهٽين مان گذري، اتان جي

مختصر بازار پار ڪري درياهه جو اولهائين ٻڇاءَ بند تي اچي پهتس، جنهن بعد ڏيڍ ڪلوميٽر ڪن فاصلوطي ڪري، اچي گوبند رام دربار پهتس. هن پڙپاڻگ دربار جي چوڌاري ڪرڙ، ڪانديرا ۽ ڊپ ڦٽي چڪا هئا. دربار جا ڪيترا ئي حصا، در، ديوارون، چتيون، محراب، ڪمرا ۽ آرائشي شيون غائب هيون. ان ويران ۽ اجڙيل دربار ۾ پير پاتو ته ساري دربار ۾ جانورن جي لڏن، چمڙي جي گند ۽ ڪري اسان جا پير پنن تائين پرجي ويا. مٽي گنبذ ۽ ديوارن تي اندران نظر ڦيرائي ته هزارين چمڙا چت سان چنبڙيا پيا هئا. اندر اوندهه، گهٽ ۽ بدبوءِ وڌيڪ هئي، جنهن ڪري ساهه پيو بوسائجي. ان مانجهند دربار لاءِ لوڪ رام ڏوڏيجا لکي ٿو ته: "مانجهند دربار سنڌ جي مڪيه ٽڪاڻ مان ليکبي هئي. سنت ڪنوررام ۽ ٻيا پڳٽ به هتي مٿو ٽيڪڻ ايندا هئا. دربار جو گاديسر سنت گوبند رام جو سنڌ ۾ ڏاڍو ناماچار هو. هن ٽڪاڻي ۾ جنهن وقت ۾ ڪو به هندو مسلمان ايندو هو، تنهن کي پريم سان ڊو ڪرائي ماني کارائيندا هئا ۽ رهڻ لاءِ هوادار ڪمرا هئا(33)."

ورهاڱي مهل هن دربار جي نالي 100 ايڪڙ زمين هئي، جيڪا هاڻي مالڪي نه هئڻ ڪري آسپاس جي ٻوتارن قبضو ڪري ٻني ٻارو ڪري رهيا آهن. دربار کي چوڦير ديوار ڏنل هئي، جنهن جا آثار ٿوري ڪوٽائيءَ سان ظاهر ٿين ٿا. دربار جي پاسي قبرستان ۾ هتان جا اصلوڪا ڏرتي ڏٽي، پيل، باڳڙي، ڪولهي پوريل آهن، جن کي پنهنجا امير مالڪ ورهاڱي مهل هت چڏي پاڻ پڇي ويا، جيئن هي ننڍيون جاتيون اڄ به هت رهيون پيون آهن. ڇا هتان هندستان پڇي ويندڙ پائي بندن جو پنهنجو ديس چڏڻ جو فيصلو صحيح هو؟

گوبند رام دربار مانجهند پرسان درياهه جي پيٽ ۾ هجڻ ڪري درياهه جو پاڻي ڪڏهن ڪڏهن اچي سندس پير پسائيندو آهي ۽ دربار کجهه مٽاهين پوئي تي هئڻ ڪري اڪثر ٻڏڻ کان بچي ويندي آهي. 16 آگسٽ 2015ع تي دربار تي وڇڻ ٿيو ته درياهه جو پاڻي چاڙهه سبب اچي بچاءَ بند سان لڳو هو. ان وقت دربار اندر اڌائي ٽي فٽ پاڻي ٻينو هو. پاڻي لهڻ بعد 17- سيپٽمبر 2015ع وري دربار جو اندر معائنو ڪيو، صرف دربار جي پٽين تي اڌائي فٽ تائين پاڻي جا نشان ٻينا هئا.

دربار جي صفائي:

اسان جي ٽيم لڏو لاهڻ سان سامان سرڙو پهچائڻ لاءِ رستو تيار ڪيو. دربار کي چوڪرد وڪوڙيل ڪرڙ ڪانديرا، ڊپ ڊبڙين کان صاف ڪيو ويو. دربار جي فرش تي ايامن کان ڪٿو ٽيل ڪچرو ڪوڏرين سان کرڙي پاڻي سان ڏوتو ويو، چت ۽ چنبڙيل چمڙن کي ٽاهه ڏيڻ لاءِ هفتن جا هفتا ڪک ڪانا ساڙي، دونهون ڪري پڃايو ويو. ان عمل دوران ڪيترائي نانگ، بلائون، وڇون ۽ ڏينهو به پنهنجي جوءِ چڏي ويا.

پاڻي:

مانجهند شهر ۽ دربار، درياهه جي پيٽ ۾ هئڻ باوجود خبر نه آهي ته به جَڙ جو پاڻي ڇو ڪارو آهي. ان ڪري اڌاوت لاءِ گڏهه گاڏي تي پاڻي جا ڊرم ٻڌي درياهي ڏنڀ مان پاڻي حاصل ڪيو ويو. البت رڌپڇاءَ لاءِ صاف پاڻي شهر مان آڻيو هو. حالانڪ ڇيو وڃي ٿو ته "مانجهند ۾ ڪنهن وقت قندارِي ڏاڙهن جا باغ به هوندا هئا (34)." پڳٽ ٻڌايو ته اتي ڪجي جا وڻ به جام هوندا هئا.

لوڪ رام ڏوڏيجا لکي ٿو ته:

"ٽڪائي جو باغ به ميون ۽ گلن سان پرپور ڏسڻ جهڙو هو(35)."

بزرگ ٻڌائن ٿا ته گوبند رام دربار جي عروج واري دور ۾ دربار پرسان وٽڪار جي وچ ۾ هڪ شاهي ڪوهه هوندو هو، جنهن جي ڪاڪ جي نار کي وهڻ پيا هلائيندا هئا. نار جو ٿلو ٽائنرو پاڻي لوڻن ذريعي اچي واهي/نالي ۾ ڪرندو هو، اهو پاڻي نالي وسيلي اچي مانجهند ريلوي اسٽيشن تائين پهچندو هو، دربار جا شيواڌاري مٺ ۽ بالٽيون پري مسافرن جي اڃ اجهائيندا هئا. ساڻئي وقت ڪوسا زهان ۽ چٽا به مسافرن ۾ مفت ورهائيندا هئا. دربار کان ريلوي اسٽيشن تائين مفاصلو ٽي ڪلوميٽر ڪن

ٹيندو. اسان پاڻ ان نار واري هنڌ جو معائنو ڪيو. نار موجوده بچاءَ بند کان اڌ ڪلوميٽر اُتر طرف ڏاڪڻ زمين ۾ هو. ڪوهه واري جاءِ تي ڪافي پڪل سرون ۽ اڌڙ پيا آهن. اتي ان نالي جا آثار به ظاهر بينا آهن. جنهن وسيلي پاڻي اسٽيشن تائين پهچايو ويندو هو. اها واهي زمين کان ڪجهه فٽ مٿانهين تي ٽهيل آهي، ان ڪري هو زمين جي سطح کان ڪجهه مٽيرو ڳنڍ ٿاهيون بينل آهي. جيڪو هڪ يا ٽريڪٽر هلائڻ ۾ به رڪاوٽ بڻيل آهي. اسان ان ٻني تان ڪوڏر سان مٽي هٽائي ڏنو ته نالي جي تري ۾ لڳل پيلي رنگ جي پٽڻ جو فرش وڇايل نظر آيو. فرش جي ٻنهي پاسن کان سرن جو ٻنو ڏٺي واهي جي شڪل ڏني وئي آهي. سرون سر زمين تان غائب آهن، باقي پٽر نظر اچن ٿا. ماڻهن ٻڌايو ته اڳي ڪيترا جنداوڙا اهي پٽر ڪيي وڃي جنڊ ٿاهيندا هئا.

پگٽ ڪنور رام:

دربار جي بحالي جي خبر جڏهن آسپاس جي هندو جاتين کي پئي. خاص ڪري اتان جي هيٺين جاتين کي ته انهن ٽيم جي مان ۾ ٻارين پڇين، ست سنگ ۽ ڪٿا ڪيرتن جو بندوبست ڪيو. آسپاس جا مشهور پگٽ ۽ صوفي فنڪار اچي گڏ ٿيا.

هون؛ ۾ زماني قديم کان وٽي انسان پنهنجي مَن جو ميل لاهڻ ۽ روح ريجهائڻ لاءِ صوفي سنتن جي مزارن، مندرن ۽ پويتر آستانن تي ميلا ملاکڙا ۽ پگٽون وجهي پرين؛ کي پرچائڻ جا جتن ڪندو آهي. سنڌ ۾ به اوائلي وقت کان ٻين ڪيترن ميلن مان گڏ هنگلاج ياترا، ساڌ ٻيلي جو ميلو، هالائي ۾ ويساکي؛ جو تهوار، پير پٺورو، اڈيري لعل جو ميلو، ڪيترين درگاهن جا عرس ديسان ديس مشهور آهن. خاص ڪري ورهاڱي کان اڳ مانجهند جو گوبند رام دربار جو ميلو وڏي ڏوم ڌام سان ملهايو ويندو هو. ڪنور پگٽ به هر سال وڏي عقيدت سان گوبند رام جي پريت واري پٽر تي چيرڙيون پائي محفل مڃائيندو هو.

لوڪ رام ڏوڏيجا لکي ٿو ته:

"هن جي پگٽ ٻڌڻ لاءِ ماڻهو ڏورانهين شهرن کان ڪهي ايندا هئا. هن کي مٿي سُر ۽ آلاپ جي لاهين چاڑهين جي خدائي ڏات مليل هئي جو ٻڌندڙ کي پٽ ٻڌائي ڇڏيندو هو. هو رات جي چوٿين پهر ۾ جڏهن چير پائي اچي پڙ تي بيهندو هو ته ماڻهو تاڙيون وجائي نعرا هڻندا هئا. ڪنور پگٽ به اچڻ سان هٽ جوڙي پلڻ پائي ڏٺي؛ ۽ وينتي ڪندو هو(36)." آخر پرڀات مهل پگٽ ڪنور جهول جهلي ڦيرڙي پائي بيک مگيندو هو. پلوءَ ۾ جيڪي به پئسا پوندا هئس. اهي غريبن ۽ حاجتمندن ۾ ورهائي خالي پلوءَ چنديءَ روانو ٿيندو هو. حالانڪ هو پاڻ به پورهيت هو.

"پنيرڪي جو ائٽي رام ريجهائڻ جو ڏاڻ؛ ته ڪوئي ڪنور کان سکي هو اسر ويل ائٽي پرهه ڦٽي تائين پيو گائيندو ۽ پاند گچيءَ گل پائي نچندي نچندي رب کي ريجهائڻ، پرچائڻ لاءِ پيو ايلاز ڪندو هو(37)."

مانجهند جا مڪي جڏهن هڪ دفعو ڪنور پگٽ کي سندس گوٺ جوارن ڏي دعوت ڏيڻ ويا (جوارن جو گوٺ ميرپور ماٽيلو اسٽيشن کان اٽڪل 8 ڪلو ميٽر پري آهي.) جڏهن اتي پهتا ته ان وقت پگٽ ڪنور تغاري ڪٽي پنهنجو گهر پيو ٺاهي، ڪيس پنهنجي گوٺ ۾ نندڙو بڪالڪو دڪان هو(38).

سنڌ جي هن سريلي، سيبتي ۽ سچي راڳيءَ پنهنجي زندگي جي آخري پگٽ به گوبند رام دربار جي پڙ ۾ جهمريون پائي وڏي هئي. سياري جي سرد راتين ۾ هو، پنهنجي دل جو سڪ پرائي، خلق جو روح ريجهائڻ لاءِ هتان روانو ٿيو ته ڪيس رڪ ريلوي اسٽيشن تي 2 نومبر 1939ع تي ڪيس وڏي بيدرديءَ سان شهيد ڪيو ويو.

"تاريخ 11 ڪتي مهينو سنبت 1939ع مانجهند مان پائي گوبنداس ۽ پائي ديوداس جي ورسي تان موتندي امرت ويلي رڪ ريلوي اسٽيشن تي شير شهادت ماڻي (39)."

مانجهند دربار تي نه رڳو ميلي جي موقعي تي منڊليون مڇنديون هيون، پر دربار کي پنهنجا

پڳٽ ۽ وڃتا ٻه هنا. جيڪي سدائين دونهڙي دکايون وينا هوندا هنا، اهي رهندا ۽ پلجندا ئي دربار اندر هنا. جيئن لچمڻ ڪومل پنهنجي آتم ڪٿا "وهي ڪاتي جوپنا" ۾ لکي ٿو ته:

"هو جڏهن ورهاڳي وقت هتان لڏپلاڻ ڪري "جل درگا" پائي جي جهاز ۾ انديا وڃي رهيا هنا ته ان جهاز ۾ مانجهند دربار جا ڪجهه ٽلها متارا پڳٽ ۽ وڃتا ٻه هنا جيڪي جهاز ۾ ساري وات مسافرن سامهون ڳائيندا وڃائيندا پيا هلن. هو ڪائڻ جا ٻه ڪوڏيا هنا. هنن جهاز ۾ ئي پنگ گهوٽي پيتي هئي (40).

ديوار:

هن دربار لاءِ مشهور آهي ته هت ياترن جي رهائش لاءِ ڪمرا ۽ لنگر جو جوگو بندوبست هوندو هو، پر موجوده وقت اتي انهن رهائشي حصي جا ڪي ٻه آثار نٿا ملن. هن مهل باقي بچيل عمارتن ۾ هڪ مک دربار جو حجرو ۽ هڪ مستطيل ڪمرو هو، ان حجري ۽ ڪمري جي ڊيگهه 3. 38 ۽ ويڪرا 9. 35 فٽ ٻيهي ٿي. هن جي ايراضي 1368 فٽ آهي.

مک دربار جيڪا 20 x 20 فٽ آهي، ان جون ديوارون بنيادن کان وٺي 3. 2 فٽ ٿلهيون آهي جيڪي 12 فٽ بلندي تي پهچي اٺ ڪنبو گردو ٺاهن ٿيون. ساڳيءَ طرح دربار جي ڏکڻ پاسي ٽهيل ڪمري جي ڊيگهه 3. 28 فٽ ۽ ويڪر 9. 15 فٽ آهي.

دربار ۽ ڪمري جي اڏاوت ۾ ڳاڙهي رنگ جو 2 x 1/2. 11x5 انچ جون سرون استعمال ڪيون ويون آهن. ٽڪائي جي ساري اوساري واريءَ ۽ چن جي مسالي سان ٽيل هئي. اوساري بعد سرن جون درزون به چن سان پريون ويون آهن. دربار جي ڪن حصن تي پلستر به ڪيو ويو آهي. پهريان چن ۽ ڪٽي جو استر ڏئي ان مٿان پلستر ڪيو ويو آهي.

دربار جي معائني مان لڳي پيو ته ان جي هڪ ڏ دفعو مرمت به ٿيل آهي. خاص ان جي بنيادن وٽ under pinning ٿيل آهي.

بهرحال سڀ کان پهريائين دربار جي ديوار جي پاڙڻ ۽ بين حصن تان ڪلر ۽ سيڪ آيل سرون ڪيي ان ماپ جون نيون سرون ٺهرايون ويون. ساڳي وقت ديوار جي اوساريءَ ۾ خاص ڪري هڪي هٽڻ مهل اڳ استعمال ڪيل ساڳيو مسالو چيرولي ۽ چن ڪتب آندو ويو.

فرش:

مانجهند جي اوائلي تاريخ پڑهڻ ۽ مقامي لوڪن جي قصن هڪڙ بعد اها ڳالهه يقين سان چئي سگهجي ٿي ته هن درياهي شهر کي پنهنجي دور ۾ عروج تي پهچائڻ ۾ هڪ جي ديوانن ۽ پائيبندن جو وڏو هٿ هو. پر افسوس سان چوٽو ٿو پئي ته وقت گذرڻ ڪري انهن واپاري ڪٽنبن جي گهرن، حويلين ۽ محل نما دڪانن جي سرزمين تي ڪو به آثار، نالو نشان نه ٿو ملي. چيو وڃي ٿو ته دربار جي پرسان ئي درياهه جي ڪناري تي هتان جي امير لوڪن ۾ وهنجڻ لاءِ الڳ ته مانجهند جي مَن موهٽين شهزادين لاءِ الڳ گهاٽ هنا. ان کان سواءِ هتان جي مخير ماڻهن جي پئسن سان ٽهيل خيراتي اسپتال ۽ اسڪول جي جاين جا آثار به ڪيترو عرصو بينا هنا. پر هاڻي ان جو نالو نشان نٿو ملي. اسان کي اتي گهر دوران ڪنهن ماڙي ۾ لڳل ڪاشيءَ جا ٽڪرا پڙ هٿ آيا هنا.

بهرحال ڪنهن زماني ۾ دربار جي مک هال ۽ پرسان واري ڪمري کي قيمتي سفيد سنگ مرمر جو فرش لڳل هو. اهو اعليٰ قسم جي سنگ مرمر ماڻهو زوري ٽوڙي ڦوڙي ڪڍي ويا آهن. البت ڪٽي اڇي ماربل جا ٽڪرا دربار جي عظمت جو ڏس ڏين ٿا. ان ماربل تي ڪاري رنگ جا خوبصورتيءَ لاءِ پٽا ڏنا ويا هنا.

جارا:

دربار ٻاهرين توڙي اندرين ديوارن ۾ ڪيترائي ننڍا توڙي وڏا مختلف ڊزائين جا جارا (Niche) ٽهيل آهن. خيال آهي ته انهن ننڍڙن طاقچن تي روشنيءَ لاءِ ڏيئا ٻاري رکيا ويندا هوندا. اهو به ممڪن آهي ته انهن سينگاريل جارن ۾ پرستش لاءِ بت ۽ مقدس ڪتاب رکيا ويندا هجن!

انهن مان کي جارا ڊزائين جي خيال کان چڙ وچ کپي ونگ (Ogee arch) ناهن ٿا. انهن مان کن کٻڻن جي طرز گهڙ محرابي (Multi foil arch) هو. بهرحال جارن جي مختلف ۽ دلڪش محرابي اڏاوت کري، دربار جي اندرين توڙي باهرين ديوارن جو ڏيک خوبصورت لڳي ٿو.

انهن مان حجري جي کن کٻڻن ۽ طاقچن مٿان گولائي مائل (Round) ۽ چنهبيارا (Pointed) محرابي سينگاريل پٽا (dead arch) طور ڏنا ويا آهن، اهي آرائشي محرابي پٽا، پکي ٽکر جا جڙيل آهن جيڪي کارنس جيان ديوار کان کجهه انچ باهر نڪتل آهن. انهن گهيريدار پکي ٽکرائي کي سينگار طور کتب آندل ڊزائين کجهه قدر پير جي پنن سان مشابهت رکي ٿي.

نقش و نگار (Fresco):

دربار جي اندرين پاسي ديوارن تي پکي ٽکر جي سينگاريل محرابي 8 انچ ويڪري پٽي اندر آبي رنگو (Fresco) جو کم ٿيل آهي. ان نقش نگار واري پٽي ۾ گهري ناسي رنگ جي پنن ۾ رتن جوت جي شڪل جهڙا هلڪا نيرائان گل ناهيا ويا آهن. ان نقش نگار واري پٽي کي چاکليٽي رنگ جو باربر ڏنو ويو آهي. اها آبي رنگو Fresco وارو پٽو حجري جي اندر چوڦير ڦري اچي ٿو. ان آبي رنگي (Fresco) جي نقش نگار پٽي مٿان پکي سرن جي کارنس نڪتل آهي. کارنس مٿان انڪنبو گردو (Octagonal Drum) بيهاريو ويو آهي. گردي جي کنڊ جوڙ (Squinch) کي به ماکي جي مناري جيان ننڍين محرابي خانن سان سينگاريو ويو آهي.

ان محرابي کنڊ جوڙ جي پاسن وارن کنارن/ٽپين کي به نيري رنگ جي گلڪاري سان جاذب نظر بڻايو ويو آهي. ان کنڊ جوڙ جي کنارن مٿان نانگ جي ڦڻ جي شڪل جهڙو تاج رکيل آهي، ان تاج اندر ننڍڙن انڪنبن جي وچ تي گول آئينا لڳايا ويا آهن، اهي شيشي جا آئينا جڏهن روشني ٿي چمڪندا هوندا ته دربار اندر عجيب دل لپائيندڙ منظر پيش کندا هوندا. هن وقت ته هر تاج ۾ ڪٿي ڪٿي شيشي جي جڙاوت باقي بچي آهي گردي جي کنڊ جوڙ (Squinch) تي گول گنبڊ بيهاريو ويو آهي. گنبڊ جي اندران پوري وچ تي هڪ گول اندر هڪ گل نقش ٽيل آهي. ان گول جي باهرين کنارن وٽان آرائشي ٽکرائي واريون اپريل پٽيون هيٺ لهي اچي نانگ جي ڦڻ، تاج سان ملن ٿيون. اندران اهڙن گهيريدار خوبصورت اپريل ٽکرائي وارين پٽن کري گنبڊ گدري جي ڪارن وانگر اٽن حصن ۾ ورهايل نظر اچي ٿو.

دريون ۽ روشندان:

دربار سالن کان مالکي نه هٿ کري لاوارث ۽ ويران پئي هئي. اوائلي دور ۾ بجلي جو بندوبست نه هٿ کري دربار کي اضافي در، دريون ۽ روشندان ڏئي کافي هوادار ۽ روشن رکيو ويو هو. هن وقت به هن باقي بچيل عمارت ۾ مک دربار ۽ وراندي کي ملائي صرف باهرين پاسي کان چوگرد نو در، چار دريون ۽ چار روشندان آهن. مک هال ۽ وراندي جي وچ واري ديوار ۾ به به در هٿ کري دربار ۾ هوا ۽ روشني جو سنو بندوبست ٽيل آهي.

دربار جي سارسنپال نه هٿ کري ماڻهن لٺ جو مال سمجهي در، دريون ۽ ان مٿان ڏنل سردر (Lintel) کڍي ويا آهن. ان کري جا بجا پٽين ۾ ڏار ۽ چن پئجي ويا آهن. ان کانسواءِ طوفانن ۽ مينهن کري به گنبڊ، اناس ۽ چٽين ۾ سوراخ ۽ چير پئجي چکا آهن. اسان جڏهن انهن چنن ۽ ڏارن جي باري ۾ لاهور جي آثار قديمه جي ماهر سان مشورو کيو ته هن اها صلاح ڏني ته اهڙي پگل پريل يادگار سان وڏيک کنهن به قسم جي حرکت نه کيو، هنن جا غير ضروري ڏار پيل سردر (Lintel) نڪتل در درين کي في الحال يکدم کچي اوساري سان بند کري دربار کي وڏيک نقصان کان بچايو. اسان هن جي هدايتن تي احتياطاً اهڙن چنن کي سهارو ڏيڻ لاءِ کرڙ جا وڏا وڏا تختا وجهي ان کي چيرولي ۽ چُن سان بند کري ان مٿان چن جو استر ۽ پلستر چاڙهي چڏيو آهي.

اسان في الحال باهرين در ۽ درين کي جاري ۽ سيخن وارا در ۽ دروازا ڏئي ڇڏيا آهن، ته جيئن ان ۾ جانور، پکي، چمڙا وغيره اچي نه سگهن.

نيل (Finial):

دربار جي رکوالي نه هئڻ کري گنبذ مٿان چوٽي تي لڳل نيل جو ڪو به نالو نشان ثابت نه رهيو آهي. ايتريقدر جو نيل جي هينائين حصي ۾ ڪنول جي شڪل جهڙن بنيادن کي به ماڻهن زوري ڏک هٽي ٽوڙي ڇڏيو آهي. ان ۾ رڳو صليب جي شڪل جهڙي فٽ ڪن جي لوهي سيخ لڳل هئي. دربار جي بحالي دوران ڪافي هٽ پير هنيا ته ڪٽان دربار جو پراٽو فوٽو ملي وڃي. هندستان جي ديوانن سان به رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. چو جو هتان ويندڙ پائيبندن انديا ۾ بمبئي پرسان ڪار ۾ ساڳي گوبند رام دربار مانجهند جي نالي سان دربار ڪولي آهي. جتي رهائش، شادي هال ٻيا رفاحي ڪم ڪن ٿا. بهرحال باوجود ڪوشش جي رابطو ٽي نه سگهيو. ان ڪري سنڌ جي ٻين دربارن جا رنگ ڏسي، ان دربار جي نيل جو رنگ، سونهري رکيو.

پهريان هالا جي هڪ ڪاشيگر استاد غلام عباس کان اها نيل ٺهرائي. نيل جڏهن گنبذ تي ٻيهاري وئي ته قدبت جي لحاظ کان اها ٺهڪي نه پئي اچي. پوء هڪ ٻي قداور نيل بشير ڪنيار کان ٺهرائي وئي. ساڳي وقت نيل کي شانائتو بنائڻ لاء نيل هينان رکيل ڪنول جي گل جهڙي پَرَ کي به چن ۽ چيرولي سان اڇو ڪيو ويو. هاڻي نيل، منڊر جي سونهن سوڀيان مطابق آهي ساڳئي وقت گنبذ هينان گردي جي اُتر اولهه واري پَر جي مٿان ٽنڊل نندڙي نيل نصرپور مان ڪاشيگر ڪاظم علوي کان ٺهرائي.

وراندو: (Vaulted Flat roof Structure)

موجوده وقت دربار جي ڏکڻ پاسي تي هڪ وراندي نما ڪمرو آهي جيڪو نهايت ئي زبون حالت ۾ آهي. خيال آهي ته دربار جو مک حجرو مردن جي پوڄا پاٺ لاء ڪم ايندو هوندو ۽ اهو ڪمرو عورتن جي عبادت لاء ڪتب ايندو هوندو، هن وقت انهيءَ ڪمري جي پٽين ۾ وڏا ۽ گهرا ڊار پئجي چڪا آهن. لڳي پيو ته ڪجهه ئي عرصي ۾ ڪري پوندو. ان وراندي ۽ ڪمري جي خوبي اها آهي ته هينان تجر جي انداز ۾ هن جون پٽيون بيهارڻون ويون آهن. مٿان ٻاهران ڇت ڪي لانڊي وانگر محراب ڏيڻ بجاءِ ان جي ڇت ڪي بلڪل سڌو رکيو ويو آهي.

شايد ڇت ۾ ڊار پوڻ ۽ ڪمزور هجڻ ڪري ان جي بار بار مرمت ڪئي وئي آهي. ان ڪري هن وقت ڇت جي ٿولهه 1.6 فٽ ڪان به مٽي آهي. ان مرمت ۾ سيمنٽ/ ڪنڪريٽ استعمال ڪيو ويو آهي.

گنبذ (Dome):

گوبند دربار مٿان هڪ شاندار شاهي گنبذ بيهاريو ويو آهي. گنبذ ۽ گردي جي اوچائي 8. 14 فٽ آهي. قطر 19.10 فٽ ٻيهي ٿو. سنڌ ۾ اهڙي انداز جا گنبذ گهٽ نظر اچن ٿا. اهڙي وسيع گهيريدار گنبذ کي آزي ڪمان گنبذ (Provincial Dome) سڏيو ويندو آهي. اسان کي پري کان ان انداز جو گنبذ، اتر پرديش جي جئپور جي جامع مسجد ۾ جڙيل ملي ٿو. جئپور جي اها مسجد اتان جي حڪمران حسين شاهه 15 صدي عيسوي دوران ٺهرائي هئي.

دربار جي ان گنبذ جي اندروني بناوت لاءِ چيو وڃي ٿو ته ان جو اندروني ڊيڪ ميان يار محمد ڪلهوڙي جي مقبري ۽ خدا آباد واري مسجد جي اندروني گنبذ واري اڏاوت سان ڪجهه قدر مشابهت رکي ٿي.

بهرحال دربار جي مالڪي نه هئڻ ڪري گنبذ مٿان پلستر وغيره لهي چڪو آهي. ان ۾ ڪيترائي ڊار ۽ سوراخ پئجي ويا آهن. برسات جو پاڻي ان سوراخن ۽ ڊارن مان سڃي گنبذ کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. ايتريقدر جو هٽ لائق سان ئي چاپڙ لهي پيا اچن.

اسان سڀ کان پهريان گنبذ مٿان مسالي جا سڀ ٽهه لاهي گنبذ جون سرون ظاهر ڪري چيرولي جي سنهي ٽهه سان ان جا سوراخ ۽ ڊار بند ڪيا. ان بعد چيرولي جو استر ڏئي ان مٿان چُن جو استر

ڏنوسين. آخر ۾ چن جو پلستر ڏئي ان کي سنگجراح (Soap Stone) جو تهه چاڙهيوسين. جيئن گنبذ جي سونهن ۽ چمڪ برقرار رهي، ساڳئي وقت برسات جي پاڻي، کان به محفوظ رهي.

گردو (Drum):

هن درٻار جي اڏاوت جي خاص خوبي اها آهي ته هن عمارت جو ودّو گول گنبذ هڪ بجاءِ هڪٻئي مٿان بينل ٻن انڪنبن گردن (Drums) تي رکيل آهي.

هن درٻار جو گنبذ بيهارڻ لاءِ سڀ کان پهريان چوڪور ديوارن مٿان هڪ مستطيل ڪنبن ماريل انڪنبو گردو (Chamfer filleted Rectangular Drum) رکيو ويو آهي، جنهن جي مٿان وري هڪ ٻيو ائن ڪنبن وارو گردو (Drum) رکي ان تي شاهي گول گنبذ ناهيو ويو آهي.

اسان کي سنڌ توڙي برصغير ۾ عمارتسازيءَ ۾ اهڙو مستطيل ڪنبن ماريل چپٽي پٽي وارو گردو گهٽ نظر ٿو اچي. ان گردي جي خاص ڳالهه اها آهي ته اندران حجري ۾ بيهي جڏهن گنبذ ڏي ڏسجي ٿو ته ان گردي جي مستطيل شڪل کي اهڙي ته مهارت سان ڊزائين ڪيو ويو آهي جو اندران گنبذ بلڪل گولاٽي سان مٽي وڃي ٿو. ان مستطيل ڪنبن ماريل انڪنبي گردي جي وچ تي چئني پاسن کان قاڪدار ڪمان 'Segmental arch' سان روشندان ڏنا ويا آهن.

اسان وٽ گهٽو ڪري انڪنبو يا سورهن ڪنبو گردو بيهاري، ان مٿان گنبذ رکيو ويندو آهي. پر هن درٻار جو پٽي انڪنبي تي رکيل گنبذ نه صرف جاذب نظر اچي ٿو پر عمارت جي انفراديت به آهي.

ان کان سواءِ درٻار جون ڪنبون ۽ لهوارا پاسا ۽ سر جو انتخاب انجنيئرنگ جو سٺو مثال آهي.

محراب دار دروازو:

مانجهند درٻار جي مکيه هال جي اوپر طرف ۽ ساڳي ڏکڻ پاسي جيان هڪ مستطيل وراندي نما ڪمرو جڙيل هو. جيڪو به لڳي ٿو ته عورتن جي رهڻ لاءِ ڪم آيندو هوندو. ان ڪمري جي چت ۽ ساڳي ڏکڻ ڪمري جيان تجر واري انداز سان بيهاريل آهي. جيڪو هن وقت ڌهي چڪو آهي، باقي اهڙي تجر نما چت جا آثار سرن جي چيڙن جي صورت ۾ اڄ به ديوارن سان چنبڙيل آهي.

اسان جي ٽيم پهريون دفعو جڏهن سروي جي خيال کان اتي وئي هئي. ان بنا چت واري ڪمري جا رڳو اُتر ۽ ڏکڻ پاسي محراب دار دروازن جا محرابي لنگهه ثابت ٿيا هئا. جيستائين اسان ڪاغذي ڪاروائي پوري ڪيون. ان دوران درٻار تي هڪ دفعو وري وڃڻ ٿيو ته ڏکڻ پاسي واري محرابي دروازي کي ڪو همراهه زوريءَ ڪيرائي ان جون سرون هڪ هنڌ ڊير ڪري رکي ويو هو. ٻئي دفعي وڃڻ ٿيو ته سرن جو ڍير نه هو، ڪو همراهه کڻي ويو پر ساڳئي وقت اتر پاسي واري محرابي دروازي کي به همراهه ڪيرائي ويو هو. مطلب ته اسان جي ڊرائينگ ناهڻ دوران ۽ سائٽ تي Moblize ٿيڻ جي وچ ۾ ڳوناڻا ٻئي محرابي دروازا ڪيرائي، ان جون سرون پڻ کڻي ويا هئا. اسان بعد ۾ ڪافي ڪوشش ڪئي ته ڳوناڻن کان اُهي سرون وٺي آهي دروازا وري بيهاريون پر هو سرن ڏيڻ تي راضي نه ٿيا. البت اسان وٽ ان ڪماني دار درن جا ڦوٽو موجود آهن. جڏهن به اهي تجر نما ورانبو وري بيهاريڻ جو ڪنهن کي خيال ٿيو ته اهي ڦوٽو ۽ ڊزائين مدد لاءِ حاضر آهن.

پوليس اسٽيشن مانجهند:

مانجهند شهر جي اترين پاسي تي سنڌو جي بچاءِ بند سان گڏ اڄ به انگريز دور جو نهيل پوليس ٽاڪو ۽ ڪجهه ڪوارٽر موجود آهن. ڪوارٽر وغيره جي مرمت نه هڻڻ ڪري، اهي خراب حالت ۾ آهن. پر پوليس ٽاڪي جي تازو رنگ روغن ۽ رکوالي ڪري اهو مناسب حالت ۾ آهي. ٽاڪي جي عمارت جي نرڙ تي لڳل تختيءَ تي اڏاوت جو سال 1919ع لکيل آهي.

ان عمارت ۾ ڪجھ ڪمرا، اسٽور روم ۽ لاڪپ وغيره آهي. ٽاڻي ۾ اڄ به اهي پراڻا ڪٻٽ، در ۽ دروازا لڳل آهن. لاڪپ ڪي هوادار رکڻ لاءِ ان کي لوهي گارڊرن، ٽيئرن ۽ سيخن سان ڪنهن پجري جيان بند ڪيو ويو آهي. لاڪپ خالي ڏسي صوبيدار صاحب افسوس ڪيو ته مانجهند ۾ ڏوھ گھٽ ھئڻ ڪري اڪثر لاڪپ سُجو لڳو پيو هوندو آهي!

مانجهند ريلوي اسٽيشن:

مانجهند شهر جي ڏکڻ پاسي ڪلوميٽر ڏيڍ تي مانجهند ريلوي اسٽيشن آهي. ڪنهن زماني ۾ اها ريلوي اسٽيشن وڏي رونق واري هوندي هئي جو ان ريلوي اسٽيشن ذريعي مانجهند جا واپاري ساري هندستان سان ڳنڍيل هوندا هئا. ان کان سواءِ گوبند رام درٻار جا ياتري ميلي جي موقعي تي هن اسٽيشن تي اچي لهندا هئا. عام ڏينهن ۾ به اسٽيشن تي وڏي ڀيھ هوندي هئي.

اڄ به اسان کي ننڍي هوندي جا اهي منظر ياد آهن. جڏهن ريلوي سفر دوران سنڌ جي ڪنهن به اسٽيشن تي خاص ڪري مانجهند، سن دادو وغيره تي گاڏي بيهندي هئي، ته پليٽفارم تي جڙ ميلو مچي ويندو هو.

مانجهند ريلوي اسٽيشن اڄ به موجود آهي. اسٽيشن جي آرام گاھ، ٽڪيٽ گھر، اسٽور روم اسٽيشن عملي جون آفيسون، پراڻو فرنيچر خاص ڪري هينڊل تي هلندڙ پراڻو ريلوي سسٽم اڄ به محفوظ آهي، جيڪو ماڻهو کي ماضي ۾ وٺي وڃي ٿو.

انگريزن جڏهن هت ريلوي نظام شروع ڪيو هو، ته گھٽن ريلوي اسٽيشن تي هنن پنهنجا انگلينڊ کان آيل گورا ملازم رکيا هئا. هن اسٽيشن جو به جيڪڏهن پراڻو دفتري رڪارڊ هٿ ڪيو وڃي ته مانجهند اسٽيشن جي شاندار تاريخ جڙي سگھي ٿي. اڳين دور ۾ شهر جو گھٽو پڙهيل اسٽيشن ماسٽر هوندو هو، جنهن وٽ گونٽا پنهنجا خط ۽ تار وغيره پڙهائڻ لاءِ ايندا هئا. ڪي اسٽيشن ماسٽر ۽ شهر جي شاگردن کي ٽيوشن به ڏيندا هئا.

حوالا:

(1) چيتن لال ماڙيوال- ايم.ايچ پنهور. ترجمو، عطا محمد پنهرو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2004ع، ص 31

(2) شهيد سومرو، ڏنم، ٻتم، پڙهير، لکيم، رفتار پبليڪيشن ڪوٽڙي، 1995ع، ص 30

(3) اياز پاڪٽ، سنڌ ۾ رهندڙ ذاتيون، قومون ۽ قبيلا، مهراڻ پبلشر ڪراچي، (ٻيو چاپو)، 2010ع، ص 553.

(4) پيرومل مهرچند آڏواڻي، سنڌ جي هندن جي تاريخ، سنڌي ساهت گھر حيدرآباد: 2000ع، صفحو 137.

(5) شهيد سومرو، ڏنم، ٻتم، پڙهير، لکيم، رفتار پبليڪيشن ڪوٽڙي، 1995ع، ص 30.

(6) ڪلاردو ماركوس، سنڌي واپاري، سنڌيڪار: حسين بادشاهه، ص 67.

(7) مگسي عبدالله، مانجهند جا سنڌ ورڪي، سنڌ جي جديد تاريخ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.

(8) ٽيڪچند ڪرمچند ميرچنداڻي، سنڌ ورق ۽ سنڌ ورڪي، آر.ايچ آڏواڻي ۽ ڪمپني حيدرآباد سنڌ، 1920ع، ص 1.

(حوالو: مگسي عبدالله، مانجهند جا سنڌ ورڪي، سنڌ جي جديد تاريخ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ص 261.

(9) انصاري انيس، شڪارپور جا واپاري ۽ سندن واپاري ڪوٺيون، شڪارپور، صدين تان، 1986ع، ص 98.

(10) مگسي عبدالله، مانجهند جا سنڌ ورڪي، سنڌ جي جديد تاريخ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ص 268.

(11) رچرڊ برٽن مترجم، صديقي حنيف، هند ۽ سنڌو ماڻري ۾ وسندڙ قومن، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1971ع، ص 144.

(12) جي.ايم.سيد، جنب گذاريم جن سين، (جلد پهريون)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، (چاپو پيون) 1979ع، ص 8.

(13) آڏواڻي پيرومل، سنڌ جي هندن جي تاريخ، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2000ع، ص 93.

(14) شهيد سومرو، ڏڻر، ٻٽر، پڙهير، لکير، رفتار پبليڪشن ڪوٽڙي، 1995ع، ص 30.

(15) آڏواڻي پيرومل مهرچند، سنڌ جي هندن جي تاريخ، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2000ع، ص 290.

(16) ايضاً، ص 291.

(17) ايضاً، ص 91.

(18) ايضاً، ص 90.

(19) ايضاً، ص 90.

(20) ايضاً، ص 91.

(21) روايت پروفيسر عبدالستار ڪانڊڙو، سن، بحوالو- عبدالله مگسي، مانجهند جا سنڌ ورڪي، سنڌ جي جديد تاريخ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ص 266.

(22) ايضاً

(23) ايضاً

(24) لوڪ رام ڏوڏيجا، منهنجو وطن منهنجا ماڻهو، نيو فيلڊ پبليڪيشن، حيدرآباد 1993ع، ص 103.

(25) پروفيسر عبدالستار بلوچ، سنڌ جون سون ورنيون دليون، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد 2014ع، ص 241.

(26) مدد علي سنڌي، ڪچهري آڪٽوبر 2015ع.

(27) شهيد سومرو، ڏڻر، ٻٽر، پڙهير، لکير، رفتار پبليڪيشن، ڪوٽڙي 1995ع، ص 30.

(28) ايضاً، ص 31.

(29) ايضاً، ص 31.

(30) Gazetteer of the province of Sind by Hues, poge 506.

(31) جي.ايم.سيد، محال مانجهندن جو تعليمي ۽ تنظيمي پروگرام جي.ايم.سيد، لٽريري سوسائٽي ڪراچي، چاپو ٻيو، جنوري 2004ع، ص 13.

(32) شهيد سومرو، ڏڻر، ٻٽر، پڙهير، لکير، رفتار پبليڪيشن ڪوٽڙي، 1995ع، ص 31 .

(33) لوڪ رام ڏوڏيجا، منهنجو وطن منهنجا ماڻهو، نيو فيلڊس حيدرآباد 1993ع، ص 102.

(34) شهيد سومرو، ڏڻر، ٻٽر، پڙهير، لکير، رفتار پبليڪشن ڪوٽڙي، 1995ع، ص 31.

(35) لوڪ رام ڏوڏيجا، منهنجو وطن منهنجا ماڻهو، نيو فيلڊس حيدرآباد 1993ع، ص 102.


(36) ايضاً، صفحو 361.

(37) مولائي ملاح "هڪڙو هو ڪنور هڪڙي هئي هنڊ" ڊ ماهي مهراڻ 2013ع، ص 226.


(38) لوڪ رام ڏوڏيجا، منهنجو وطن منهنجا ماڻهو، نيوفيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1993ع ص 365.

(39) مولائي ملاح، هڪڙو هو ڪنور هڪڙي هئي سنڌ، ڊ ماهي مهراڻ نمبر 2013ع ص 229.


(40) لڇمڻ ڪومل وهي ڪاتي جو پنا، روشني پبليڪيشن، 2015ع، ص 40.



گوبند رام درپار جو مانجهند جو پراٹو ڈيک




گوبند رام درپار مانجهند بحالي بعد




گوبند رام مندر جي گنبذ مٿان رکيل نيل




مانجهند سان واسطو رکندڙ خاندان مرليڌر ڪشنچند جيٺلي ۽ ليکڪ




گوبند رام مندر جو پلان




گوبند رام مندر جو پلان




گوبند رام مندر جو پلان



مانجهند ۾ زال جي ياد ۾ جوڙايل منارو



پوليس اسٽيشن مانجهند



مانجهند جو هڪ اُجرّيل مندر




مانجهند جو ريلوي اسٽيشن

اُستاد لغاري



درسگاھ سريواري



خلاصو:

(سن 1100ھ يا ان کان ٿورڙو بعد ۾، سن 1110ھجريءَ ڌاري، تعلقي سانگھڙ ۾، سريواريءَ ماڳ تي، مخدوم ميين محسن کيريو رحہ ھڪ ديني درسگاھ قائم ڪئي، جيڪا پوءِ اڳتي ھلي، مخدوم ميان تاج محمد کيريو رحہ جي دور ۾، پنھنجي عروج تي پھتي. ھن درسگاھ جو علمي درجو، ڪاليجي سطح کان ٻہ مٿي، يعني يونيورسٽيءَ جي درجي برابر ھوندو ھو، جتي عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين کان سواءِ، ٻين مشرقي ٻولين جو علم ٻہ پڙھايو ويندو ھو. ھتي ابجد، اخلاقيات، خطاطي، طب، حڪمت، فقہ، فلسفي ۽ ٻين علمن تي پورو پورو ڏيان ڏنو ويندو ھو.

ھن درسگاھ ۾، شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ، شمس العارفين سيد محمد بقا شاھ (شھيد) پٽ ڏٽي رحہ، مخدوم عبدالرحيم گرھوڙي رحہ، امام العارفين مجدد العصر سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحہ، سيد حزب الله شاھ "مسڪين" تخت ڏٽي رحہ ۽ پاڳارا خاندان جا ٻيا چشم و چراغ پير صاحبان، عظيم بزرگ ۽ اولياءَ ايندا رھيا. درسگاھ جي ڪتب خاني ۾، قيمتي قلمي نسخا، ڪتاب ۽ بياض، خوبصورت رسم الخط ۾، ھٿن سان لکيا ويندا ھئا. ھيءُ درسگاھ انگريزن جي دور ۾، حُر تحريڪن دوران، زوال پذيريءَ جو شڪار ٿي ويئي. آخري ايامن ۾، مخدوم ميان حبيب الله کيريو رحہ ۽ مخدوم ميان ولي

محمد کيريو رحـ درسگاھ جا مهتمر ۽ سنڀاليندڙ رهيا. هن وقت، هتي هڪ عدد پريل، جهريل ۽ شهيد ٽيل مسجد شريف جي عمارت موجود آهي، جنهن کي محقق ۽ تاريخدان ڏسي، عبرت جو اظهار ڪن ٿا.)

درسگاھ جو تعارف:

ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور کي، سنڌ ۾ علم و ادب جو سونهري دور سڏجي ٿو. هنن اميرن جي ادوار ۾، سنڌ ۾ ڪيترين ئي علمي ۽ ديني درسگاهون قائم ٿيون، جن جو رتبو، ڪاليجي سطح کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه هوندو هو. اهڙين عظيم الشان درسگاهن ۾، هڪ درسگاھ اهڙي به موجود هوندي هئي، جنهن کي ڪاليجي سطح کان به مٿي، يعني يونيورسٽيءَ جي درجي تي تسليم ڪيو ويندو هو. سانگهڙ تعلقي ۾ قائم ڪيل، ان عظيم علمي درسگاھ جو نالو هو "درسگاھ سريواري". هن درسگاھ جا ٻرندڙ آثار، اڄ به سنڌڪي سنڌڪي ساھ کڻي رهيا آهن ۽ روبرو ڏسڻ جي لائق آهن.

هن درسگاھ ۾، سنڌي، عربي، فارسي ۽ ٻين مشرقي ٻولين جو علم پڙهايو ويندو هو، جنهن ۾ آلجبرا، ابجد، ادب، اخلاقيات ۽ طبعيات، تصنيف ۽ تاليف، خطاطي، طب ۽ حڪمت، علم نجوم، علم منطق، علم لسان، علم ڪيميا، فقہ ۽ فلڪيات، فلسفي ۽ قانونسازيءَ جي علم تي، پورو پورو ڌيان ڏنو ويندو هو. هن درسگاھ مان فارغ التحصيل ٿيل طالب علم، وڏن عالمانہ عهدن ۽ رتبن تي پهتا. سلوڪ جا صاحب، فڪر، فلسفي، فيض ۽ روحاني رمزن جا رهبر، اڳواڻ ۽ علمبردار ٿيا.

درسگاھ جو هنڌ:

سانگهڙ شهر کان اندازاً 40 ڪلوميٽر اوپر طرف، چوٽياريون ۽ ٽنڈي منا خان کان ايڌا اڳتي، بس اسٽاپ سريواري اچي ٿو. اهڙيءَ ريت، ڪپري شهر کان اندازاً 20 ڪلوميٽر اولهہ اتر طرف، لوڙ ڪاڙ کان ايڌا اڳتي، ٽنڈي منا خان روڊ سان، ساڄيو بس اسٽاپ سريواري اچي ٿو. بس اسٽاپ سريواريءَ کان به ڪلوميٽر اتر طرف، هاڻوڪي نارا ڪئنال (ڊوري) جي لڳ ڀرهندان، ڪُجهڙي ٻيلي جي اندر، پراڻي هاڪڙي يا ڪَنڊ ڪاري ناري جي اُترين ڪنڈيءَ تي، درسگاھ سريواريءَ جو ماڳ مڪان موجود آهي.

معلومات گڏ ڪرڻ وارو مرحلو:

"درسگاھ سريواري" بابت، بنيادي معلومات گڏ ڪرڻ جي لاءِ، سريواريءَ جي موجوده ميان ڪيريا بزرگن ۽ صاحبن سان ملاقاتون ڪيون ويون ۽ ڪيترائي ڪتاب پڙ مطالعي هيٺ آندا ويا. درسگاھ جي بنيادي احوال بابت نوٽس وٺي، جڏهن انهن کي ترتيب سان لکڻ وارو مرحلو سامهون آيو، تہ ٻہ ڳالهيون ڏسڻ ۾ آيون. هڪ عقيدتمنديءَ وارو رويو تہ آڏاريل احوال ۽ ٻيو تحقيقي احوال. جيستائين عقيدتمنديءَ واري احوال جو تعلق آهي، تہ ان لاءِ، هر اها ڳالهہ جائز ۽ مجڻ جوڳي هوندي آهي، جيڪا ماڻهوءَ جي عقيدي ۽ محبت سان منسلڪ ۽ واڳيل هوندي آهي، ليڪن تحقيق اها شئي آهي، جيڪا سنن جي آڌار تي، بلڪل سڌي سفر ڪندي آهي. ان ۾ ڪنهن به ور وڪڙ جي گنجائش باقي نہ هوندي آهي. راقم الحروف تمام گهڻي ڪوشش ڪئي آهي، تہ هن معلومات کي، تحقيق جي بنيادي اصولن مطابق پيش ڪري سگهي، پر پوءِ به، هِن تحقيق ۽ تاريخي احوال ۾، ڪافي جهول نظر اچن ٿا. جن جو بنيادي سبب، سَنن جو دستياب نہ هجڻ آهي. سريواريءَ جي موجوده ڪيريا بزرگن ميون ڏاڏا پير محمد ڪيريو صاحب ۽ سندس فرزند ميون جلال الدين ڪيريو صاحب جي تمام گهڻي مهرباني، جن

پنهنجو انتهائي قيمتي وقت ڪڍيو، اسان سان گڏ وينا ۽ مطلوبہ مواد ۽ معلومات تائين رسائي، لاءِ، اسان جي هر ممڪن مدد ڪرڻ فرمائي.

سَنن جي عدم دستيابيءَ جو افسوس:

جيستائين درسگاھ سريواريءَ بابت. بنيادي جاڻ جو سوال آهي. تہ راقم الحروف هن معلومات ۾، امڪان جي حد تائين، هرهڪ پهلوءَ تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. البت درسگاھ جي قائم ٿيڻ يا بزرگن جي جمڻ ۽ انتقال ڪري وڃڻ بابت، حقيقي ۽ بلڪل درست سال يا سن وغيره دستياب ٿي نہ سگهيا آهن. جنهن جو بيحد افسوس آهي. صرف هڪ مزار مبارڪ، جنهن جي ڪتبي تي لکيل هوندو هو تہ: "مخدوم ميان علي محمد بن مخدوم ميان محمد علي، درگاھ سريواري شريف. انتقال جو سال، سن 1162ھ". (هاڻي تہ هي سال بہ ڏهي ڇڪو آهي)


هن ڪتبي جي آخر ۾، هڪ عدد فارسي شعر لکيل هوندو هو، جيڪو پڙ هن وقت، پُري، ڏهي ۽ گهٽي پاڻي ميسارجي ڇڪو آهي. هيءَ سموري معلومات، فقط ان هڪڙي سن جي آڌار تي قائم ڪئي ويئي آهي. هن جاڻايل معلومات بابت، جيڪڏهن ڪو بہ محقق، روايتن کان هٽي ڪري، بنيادي ثبوتن سان، لکت وارين تحريرن جي آڌار تي، اختلافِ راءِ جو اظهار ڪندو، تہ اسان ان جي بہ دل جي گهراين سان آڇيان ڪنداسين. ڇو جو ان سان وڌيڪ تحقيق جا دروازا کلندا. في الوقت "جهڙو حال حبيبان، تهڙو پيش پريان".

سريواريءَ جي ڪيريا بزرگن جو شجرو:

سريواريءَ جي ڪيريا بزرگن جو شجرو، ميان حسين کان شروع ٿئي ٿو، جنهن جي هڪ فرزند جو نالو ميان اوپايو هو. ميان اوپايي کي بہ پٽ هئا. هڪ ميان مجاهد ۽ ٻيو ميان محسن. هي ٻيئي وڏا عالم، دیندار ۽ عبادت گذار ٿيا. ڪتاب "سنڌ جا ڪتبخانا" ۾ لکيل آهي تہ: "اوپايي يا اجا مٺي، زفر جي اولاد مان عالم پيدا ٿيا. چوٽياريءَ ۽ سريواريءَ وارا ميان پاڻ ۾ عزيز آهن ۽ مٺي وڏي ڏاڏي ۾ گڏجن ٿا(1). سريواريءَ جي ڪيريا بزرگن جو شجرو موجوده صورت ۾ هيٺينءَ ريت آهي. ميون جلال الدين، بن ميون پير محمد، بن ميون جلال الدين (عرف ميون منڱار)، بن ميون پير محمد، بن ميون عزيزالله، بن ميون ولي محمد، بن ميون حبيب الله، بن ميون تاج محمد، بن ميون علي محمد، بن ميون محمد علي، بن ميون محسن، بن ميون اوپايو، بن ميون حسين.

ڪتاب "سنڌ جا ڪتب خانا" ۾ لکيل آهي تہ:

"سمن جي آخري دور کان وٺي، "پرند" سمن، "صاحب" سمن، ڏاهرين ۽ ڪيرين مان ڪي گهراٿا، علم ۽ تعليم جا علمبردار ٿيا. هنن درسگاهون قائم ڪيون، جيڪي پوءِ ڪلهوڙن ۽ خاص ڪري ٽالپرن جي دور ۾ اوج کي پهتيون. علم ۽ تعليم جي مشغلي ۽ طريقت جي فيض سببان، اهي گهراٿا پوءِ عزت ۽ احترام سان، "ميان ڪيريا" سڏجڻ لڳا"(2). ساڳئي ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ: "مخدوم ميين محمد مبين ڪيريي رحہ جن جي هٿ اکرن سان ڪتاب "دلائل الخيرات" ۾ لکيل آهي، تہ "مالڪ اولا مخدوم محمد مبين ساند پوره" ٿي سگهي ٿو تہ آخري لفظ "ساند بوتره" هجي. يعني تہ وڏي "ملا ساند جو اولاد"(3).. لفظ "ساند پوتا" جي تصديق ڪتاب "راحت الروح" ڪري ٿو، جنهن ۾ لکيل آهي تہ: "حضرت مخدوم سرور نوح رحہ جن جي جنازي نماز پڙهائڻ وارو عالم، ملا سعد جو فرزند ميان عبدو فقيرساند پوٽو هو(4)."



كيريا بزرگن جون ديني، علمي ۽ فكري خدمتون:

سريواريءَ ۾ چوٽياريءَ جا ڪيريا بزرگ، پنهنجن وڏن کان وٺي، عالي مرتبہ بزرگن ۽ اوليائن جا مريد ۽ خليفا رهندا آيا آهن ۽ اهي، ديني، علمي ۽ فڪري خدمتون پڻ سر انجام ڏيندا رهيا آهن. هي ڪيريا بزرگ، مخدوم بلاول شهيد رح (متوفي: 929ھ)، مخدوم سرور نوح رح (متوفي: 998ھ)، حضرت خواجہ ابوالقاسم نقشبندي ثاني رح (متوفي: 1138ھ)، سيد محمد بقا شاه قدس سره رح (متوفي: 1198ھ) ۽ امام العارفين مجددالعصر سيد محمد راشد روضي ڈٽي قدس سره رح (متوفي: 1234ھ) جن جا خليفا ۽ خدمتگار پڻ رهي چڪا آهن. درسگاه سريواريءَ جي باني مخدوم ميان محسن وٽان، سندن طريقت جو سلسلو تبديل ٿيو. پاڻ پهريان سهروردي سلسلي جا بزرگ هئا، پر پوءِ نقشبندي مجددي طريقو اختيار ڪيائون. هيءُ سلسلو ابوالقاسم نقشبندي ثاني رح جن وٽان حاصل ڪيائون.

مخدوم سعدالله (عرف ملا ساند، متوفي...؟) مخدوم بلاول شهيد رح جن جو شاگرد هو. سندس درسگاه، موجوده نواب شاه ضلعي ۽ تعلقي سڪرنڊ ۾ هوندي هئي. جتي هن وقت، سندس مقام ۽ مزار آهي(5). ان بزرگ بابت، ڪتاب "سچ وڏو ڏوهاري آهي" ۾ لکيل آهي، تہ "هي مخدوم بلاول جو سچو سرويچ سائي، عقيدتمند ۽ خليفو هو(6)." سندس تعلق سماٽ قبيلي جي ساند شاخ سان هو(7). ڪتاب ۾ وڌيڪ لکيل آهي تہ: "هن مرد مجاهد، بلاولي تحريڪ ۾ وڏو ۽ اهم ڪردار ادا ڪيو. هيءُ بزرگ پنهنجن پٺن، پوٽن ۽ عقيدت مندن توڙي مريدن سان گڏجي، ظالم ارغون حڪمرانن سان وڙهيو، انهن جون مَتيون مُنجهائي ڇڏيائين. پاڻ پڇاڙيءَ تائين، مخدوم بلاول جو فرمانبردار ساٿي رهيو(8)."

روايت آهي تہ ملا سعد رحہ جن کي، مخدوم بلاول شهيد رحہ، پنهنجي حياتيءَ ۾، هڪ روحاني امانت ڏني. کيس فرمايائين تہ: "اڳتي هلي، زماني جو هڪ غوث پيدا ٿيندو، توهان ان سان علمي اختلاف هرگز نہ ڪجو، پر اسان جي هيءَ امانت ان بزرگ وٽ پهچائجو. روايت آهي تہ: 'حضرت مخدوم سرور نوح رحہ جن جي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ، ملا سعد ان وٽ ويو ۽ کيس اها امانت ڏنائين'. ملا سعد پنهنجي پٽ عبدو فقير کريو رحہ کي، مخدوم سرور نوح رحہ جن جو طالب ڪيو. ان کان پوءِ، عبدو فقير کيريو رحہ، مخدوم سرور نوح رحہ جن وٽ رهيو ۽ علمي ۽ فڪري تعليم ۾ اتان حاصل ڪيائين(9)." پي روايت آهي تہ مخدوم سرور نوح رحہ جن وصيت فرمائي هئي تہ: "منهنجي جنازي جي نماز عبدو نالي هڪ فقير اچي پڑهائيندو ۽ هن جو اچڻ بلڪل اوچتو ٿيندو(10)". پوءِ صبح جي نماز وقت، اهو شخص اچي ظاهر ٿيو. جيتوڻيڪ جماعت مان ان کي، ماڻهو ڪوڙ سجاڻندا هئا، پر جڏهن ان صاحب، تاڪيد سان جنازي جي تدفين بابت ڪم شروع ڪيو، تڏهن فراست ۽ تخميني سان سجاتو ويو تہ اهو فقير عبدو نالي، ذات "ساند پوٽو" آهي(11).

اهڙيءَ ريت، مخدوم سرور نوح رحہ جن جي جنازي نماز ان بزرگ پڑهائي. مخدوم ميان محسن کيريو رحہ (متوفي....؟) جيڪو درسگاهہ سريواريءَ جو باني مباني هو، ان جي فرزند جو نالو هو مخدوم ميان محمد علي کيريو رحہ. ميان محمد علي کيريو رحہ (متوفي....؟) کي، فقط هڪڙو ئي فرزند عطا ٿيو، جنهن جو اسم گرامي هو، مخدوم ميان علي محمد کيريو رحہ (متوفي: 1162ھ). جيڪو پنهنجي والد صاحب کان پوءِ، درسگاهہ جو مهتمم ۽ سنڀاليندڙ مقرر هو. ان بعد، يعني سن 1162 هجريءَ کان پوءِ، سندس فرزند، مخدوم ميان تاج محمد کيريو رحہ هن درسگاهہ جو سمورو اهتمام سنڀاليو ۽ ان کي عروج تي پهچايو.

کيريا بزرگن جو سانگهڙ واري علائقي ۾ اچڻ:

بزرگ ملا سعد ۽ ان جي خاندان وارا، سن 929 هجري کان پوءِ، ٽلٽيءَ مان لڏي، اچي سعيد آباد ۾ وينا. ان بعد هنن بزرگن جا وڏا، اندازاً 998 هجريءَ ڌاري، سعيد آباد مان لڏي، اچي ڪنياريءَ شريف ۾ وينا، جتي اڄ ڪ ئي ميان محمد يوسف کيريو رحہ جن رهندا هئا ۽ پاڻ طريقت ۾، سهروردي سلسلي جا بزرگ هئا. ميان محمد يوسف کيريو رحہ جن جو پوٽو ميان اوپايو، جيڪو ميان حسين کيريو رحہ جن جو فرزند هو(12)، اهو ۽ ان جا ڪجهہ ٻيا مائٽ، ڪنياريءَ شريف مان لڏي، اچي تعلقي سانگهڙ ۾، جوڳين واريءَ پٽ تي وينا. ميان اوپايي جو ٻيو نمبر فرزند، ميان محسن کيريو رحہ ۽ سندس ڪجهہ ٻيا عزيز قريب، اندازاً 1100 هجريءَ ڌاري، جوڳين واريءَ پٽ کان لڏي، اچي سريواريءَ واري ماڳ تي وينا ۽ اتي دائمي سڪونت اختيار ڪيائون(13).

تعلقي سانگهڙ ۾ ٻن عظيم ديني درسگاهن جو قائم ٿيڻ:

اندازاً سن 1100 ھ يا ان کان ٿورو بعد ۾، سن 1110 هجريءَ ڌاري، موجوده تعلقي سانگهڙ ۾، ميين اوپايي کيريي رحہ جي ٻن پٽن، ميين مُجاهد ۽ ميين مُحسن، ٻہ ديني درسگاهون قائم ڪيون. ميين مُجاهد رحہ جيڪا درسگاهہ قائم ڪئي، ان جو نالو "چوٽياريءَ"، يعني چوٽيءَ واري ۽ ميين مُحسن رحہ جيڪا درسگاهہ قائم ڪئي، ان جو نالو "سرياريءَ"، يعني سِري + واريءَ رکيو. سِري يا سِر جي معنيٰ ٻہ ساڳي آهي، يعني مٿو يا چوٽي. هي نالو بعد ۾ بگڙي، سِرينواريءَ يا سِرن واريءَ ٿي ويو، جيڪو صحي ناهي. درسگاهہ چوٽياريءَ ان وقت عروج کي پهتي، جڏهن درسگاهہ جي باني، ميين مجاهد کيريو رحہ، پنهنجي فرزند مخدوم ميين محمد مبين کيريو رحہ کي، سن 1135 هجريءَ ڌاري، هن درسگاهہ جو مهتمم ۽ سنڀاليندڙ مقرر ڪيو. ڪتاب "سنڌ جا ڪتب خانا" ۾ لکيل آهي تہ: "1135 يا 1140 هجريءَ واري عرصي ۾، ميين محمد مبين چوٽياريءَ ۾، تعليمي درسگاهہ جو بنياد وڌو ۽ گوڏو پڄي ويهي، ايندڙ پنجاهہ پنجونجاهہ سال ڪن اتي تعليم ڏنائين(14). البت اهو فقرو هن ريت درست ٿيندو تہ: "درسگاهہ چوٽياريءَ سڀ کان اول، ميان مجاهد کيريو رحہ، اندازاً سن 1100 يا 1110 هجريءَ ڌاري قائم ڪئي، جنهن کي پوءِ، سن 1135 يا 1140 هجريءَ ڌاري، ميين محمد مبين کيريو رحہ،

پنهنجين عالمانَ صلاحيتن سبب عروج تي پهچايو ۽ ايندڙ پنجاه پنجونجاهه سال کن اتي تعليم ڏنائين. درسگاهه سريواريءَ ان وقت پنهنجي عروج کي پهتي، جڏهن درسگاهه جي باني مخدوم ميان محسن کيريوؒ جن جو پڙپوٽو، مخدوم ميان تاج محمد کيريو رحه، هن درسگاهه جو مهتمر ۽ سنپالينڊڙ مقرر ٿيو.

درسگاهه سريواريءَ جو قائم ٿيڻ:

مخدوم ميان محسن کيريي رحه، اندازاً 1100 هجري يا ان کان ٽورڙو بعد ۾، سن 1110 هجريءَ ڌاري، سريواريءَ واري ماڳ تي، هڪ ديني مدرسو قائم کيو، جيکو اڄتي هلي، "درسگاهه سريواريءَ" جي نالي سان گهڻو مشهور ٿيو. مخدوم ميان محسن کيريو رحه اهو پهريون بزرگ ۽ عالم آهي، جنهن کي درسگاهه سريواريءَ جو باني مباني سڏيو وڃي ٿو. هي درسگاهه کاري ناري جي اُتر طرف کان، ڪُجهڙي ٻيلي ۾ قائم ٿي. کاري ناري جو اصل نالو "هاکڙو" آهي، جنهن کي "سنڌو نارو" به سڏيو ويندو هو. ان جي وهکري جا نشان ۽ پراڻا ڏورا، (ننڍين وڏين ڏندن جي صورت ۾) اڄ به هن قبل ماڳ مکان جي آسپاس ۾ موجود آهن، جن جو سلسلو، ور وکڙ کائيندو، اتر کان ڏکڻ ۽ پوءِ اولهه کان اوڀر طرف هليو وڃي ٿو.

درسگاهه جا عالم فاضل استاد:

جڏهن مخدوم ميين محسن کيريي رحه سريواريءَ واري ماڳ تي، مدرسو قائم ڪري، درس و تدريس جو سلسلو جاري کيو، تہ سڀ کان پهريان، پنهنجن پٽن، پوٽن ۽ پاڙي وارن جي ٻارن کي پڙهائڻ شروع کيائين. انهن کي طب ۽ علم حڪمت ۾ به پڙ ۽ هوشيار کيائين. اڄتي هلي، اهي ساڳيا طالب علم، هن درسگاهه جا عالم، فاضل استاد بڻيا، جيڪي پوءِ پري پري کان پڙهڻ لاءِ ايندڙ مسافر ٻارڙن کي پڙهائيندا به هٿا ۽ ٻين ٻولين جو علم به سيکاريندا هئا. اهڙيءَ ريت، هيءُ درسگاهه پنهنجي مدد پاڻ جي اصولن موجب اڄتي وڏي ۽ وڏي درجي تي پهتي. اهڙن عالمن ۽ استادن ۾، جيکي ماٺهو گهڻو مشهور ٿيا، انهن مان ڪن جا نالا هينئينءَ ريت آهن:

1: ميان محمد علي بن ميان محسن کيريوؒ:

هيءُ بزرگ، درسگاهه جي باني مخدوم ميان محسن کيريو رحه جن جو فرزند هو، جيکو پهريان پاڻ پنهنجي والد صاحب جن وٽ پڙهيو ۽ ان بعد هن درسگاهه جو استاد، مهتمر ۽ سنپالينڊڙ مقرر ٿيو.

2: ميان علي محمد بن ميان محمد علي کيريوؒ:

هيءُ بزرگ، ميان محمد علي کيريو رحه جن جو اکيلو فرزند هو. جيکو اڄتي هلي، وڏو عالم فاضل استاد ۽ درسگاهه جو مهتمر مقرر ٿيو. هن بزرگ سان پٺائي رحه جن جي، سن 1160 هجريءَ ۾ ملاقات ۽ قرب ڪڇهري ٿي. هيءُ بزرگ صاحبِ بصيرت ۽ صاحبِ حقيقت انسان هو. هي هن درسگاهه جو اکيلو بزرگ آهي، جنهن جي مزار واري ڪتبي تي، وصال وارو سال، 1162 هجري لکيل هوندو هو. جنهن کي راقم پاڻ پڙهيو ۽ نوٽ کيو. موجوده مقالو، صرف اُنهيءَ هڪڙي ئي سن جي آڌار تي، شروع کان وٺي آخر تائين مڪمل کيو ويو آهي.

3: ميان تاج محمد بن ميان علي محمد کيريوؒ:

ميان علي محمد رحه جن کي، ٻي فرزند عطا ٿيا، جن ۾ ميان تاج محمد سڀني کان وڏو هو. هيءُ بزرگ صاحبِ شريعت، صاحبِ طريقت، صاحبِ حقيقت ۽ صاحبِ معرفت انسان هو. هن بزرگ کي، پنهنجي والد صاحب، درسگاهه سريواريءَ سنپالڻ جو حڪم ڏنو، جڏهن پٺائيءَ صاحب درسگاهه سريواريءَ ۾ آيو، تہ مخدوم ميان تاج محمد، پنهنجي والد صاحب سان گڏجي، ان محفل ۾ ويٺو. هن بزرگ جي دور ۾، درسگاهه سريواري پنهنجي عروج تي پهتي. هن بزرگ جي زماني ۾، شمس العارفين سيد محمد بقا شاه قدس سره ۽ امام

العارفين مجدد العصر سيد محمد راشد روضي ڏني قدس سره جن هتي تشريف فرما ٿيا. درسگاھ چوٽياري، جي مشهور بزرگ مخدوم ميان محمد مبين کيريو "ٽرائي رح" وانگر، سريواري، جي بزرگن ۾، سندس نالو ۽ رتبو، ٻين مڙني بزرگن ۽ عالمن کان مٿانهون ۽ اعليٰ شمار کيو وڃي ٿو.

4: ميان عبد المجيد بن ميان علي محمد کيريو رح:

هي، بزرگ، مخدوم ميان علي محمد رح جن جو ٻيو نمبر فرزند هو. هن بزرگ کي، ڳوٺ ميان جي مسجد، لڳ معروف ڏاهري، تعلقي شهداد پور ۾، ديني ۽ علمي خدمتن واسطي مقرر کيو ويو(15).

5: ميان عبد الکريم بن ميان علي محمد کيريو رح:

هي، بزرگ، ميان علي محمد رح جن جو ٽيون نمبر فرزند هو. جنهن کي ديني ۽ علمي خدمتن واسطي، ڳوٺ پاڃي موري، تعلقي شهداد پور ۾ مقرر کيو ويو(16).

6: ميان حبيب الله بن ميان تاج محمد کيريو رح:

هي، بزرگ، تمام وڏو عالم فاضل استاد هو، جنهن ميان تاج محمد کان پوء، درسگاھ ۾ پڙهندڙ طالب علمن جي، تمام وڏي ديني ۽ علمي خدمت ڪئي. هي، بزرگ، مخدوم ميان تاج محمد کان پوء، پڳدار ۽ گادي نشين ٿي رهيو.

7: ميان عبد الحق بن ميان تاج محمد کيريو رح:

هي، بزرگ، درسگاھ جو عالم فاضل استاد ٿي رهيو. هن بزرگ جا ھٿ اکر ڏاڍا سهٽا هوندا هئا. پاڻ کيترائي خوبصورت قلمي نسخا لکيائون. جيڪي ٻين درسگاهن، مدرسن، اوليائن ۽ بزرگن کي سوکڙيون ڪري ڏنا ويا.

8: ميان عبد الباسط بن ميان تاج محمد کيريو رح:

هن بزرگ جون ديني ۽ علمي خدمتون تمام گهڻيون ۽ تاريخ جو حصو رهيون آهن. پاڻ هن درسگاھ جا قابل قدر استاد ۽ عالم هئا. درسگاھ جي طالب علمن کي، طب، علم حڪمت ۽ علم ڪيميا جا تجربا ۽ ڪرائيندا هئا.

9: محمد عبد النعيم بن ميان تاج محمد کيريو رح:

هي، بزرگ درسگاھ جو استاد نہ هو، البت زماني جو وڏو ابدال ٿي گذريو آهي، جنهن جي ابدالي نسبت، اڄا تائين سرياري، جي کيريا خاندان ۾، ايندي رهي ٿي. هن بزرگ 100 سال عمر ماڻي.

10: ميان ولي محمد بن ميان حبيب الله کيريو رح:

هي، بزرگ 1844ع تائين زنده هو. وڏو عالم فاضل استاد ۽ هوندو هو. هي، بزرگ پير صاحب پاڳارا جن جو خليفو ۽ ٿي رهيو.

11: ميان جان محمد بن ميان عبد الباسط:

هي، بزرگ وڏو عالم ۽ فاضل استاد هو. ليکن هن بزرگ جي پنهنجي، هڪ الڳ درسگاھ عمر ڪوٽ ۾ موجود هوندي هئي.

12: سيد طاهر شاه رح:

هي، بزرگ اصل کان ولي، هن ڳوٺ جو رهاڪو هو. پهريان هن درسگاھ ۾ پاڻ پڙهيو ۽ ان بعد عالمانہ صلاحيتن جي ڪري، درسگاھ جو استاد ۽ ٿي رهيو(17). هن بزرگ جي مزار، اترين وڏي برانڊي ۾، مخدوم مبين تاج محمد رح ۽ مبين عبد الباسط رح جي وچ ۾ موجود آهي.

درسگاه ۽ مسجد شريف جون جوڙايل عمارتون:

هيءَ درسگاھ ۽ ان سان متصل جوڙايل مسجد شريف، سڀ کان اول ڪچي مٽيءَ سان تعمير ٿيل هوندیون هيون. ڪلهوڙا دور ۾، جڏهن سماج سڌارڪ عورت مائي جامان، علمي درسگاهن تي، تاريخي مسجدون جوڙايون، تہ پاڻ هتي جي عالمن کي ٻ، هڪ عدد عاليشان مسجد شريف جوڙائي ڏيڻ لاءِ عرض ڪيائين. هتي جي عالمن، مائي جامان کان، مسجد شريف جي جوڙائڻ بابت، صرف معاونت قبول ڪئي. مائي جامان پنهنجي خرچ تي، هتي هڪ عدد مٽي پاڻيءَ جو کوھ کوٽايو ۽ مسافر خانو ٻ تعمير ڪرائي ڏنو. باقي مسجد شريف جو سمورو ڪر، ڪيريا بزرگن پنهنجي نظرداريءَ هيٺ، "پنهنجي مدد پاڻ" جي اصول موجب مڪمل ڪرايو.

روايت آهي تہ هتي جي عالمن، ڪاريگر رازن (مسترين) کي چيو، تہ "اسان کي مسجد شريف اهڙيءَ طرح پڪي جوڙي ڏيو، جو اها قيامت جي ڏينهن تائين قائم رهي(18)." ڪوٽ کان اتر طرف، هڪ ميل جي مفاصلي تي، ٻہ عدد بٽا تيار ڪري، انهن ۾ سرون پچايون ويندیون هيون. اهي پڪل سرون، گڏهن ۽ خچرن تي ڪٽي، تعميرات واري ماڳ تي پهچايون ويندیون هيون. مسجد شريف جي اوساريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ مسالحو، اچي جڻ، چيڪي مٽي ۽ بوريءَ جي ڪٽر کي پاڻ ۾ ملائي، ان مان تيار ڪيو ويندو هو. اهڙي مسالحي کي "نيرو پلستر" ٻ چئبو آهي. هن مسجد شريف جي عمارت جو ڪر ڪافي عرصو هليو. چون ٿا تہ: "مسترين ۽ مزدورن کي، روزاني جي بنياد تي مزدوري ڏني ويندي هئي. عالم سڳورو تنوريءَ جي ڪنڊ ائلائيندو هو ۽ مزدورن کي چوندو هو تہ توهان پنهنجي مزدوري، پنهنجن هٿن سان ڪٽي وٺو. مزدور انهن سکن (پئسن) مان، جهوليون پري ڪٽندا هئا(19)." (والله اعلم)

هن مسجد شريف جي ڊيگهہ، اتر کان ڏکڻ 72 فوٽ آهي ۽ ويڪر، اولهہ کان اوپر 22 فوٽ آهي. ديوار جي بنيادي اوساري سائيز ساڍا چار فوٽ ويڪري آهي. تعميرات ۾ استعمال ٿيل، هرهڪ پڪل سر جي ماپہ ڊيگهہ ۾ ساڍا ٻ انچ، ويڪر ۾ ست انچ ۽ ٿولهہ ۾ صرف ڏيڍ انچ آهي. هيءَ پتليون سرون، ڪلهوڙا دور جي نشاندهي ڪن ٿيون. مسجد شريف جي چت، ٽن گنبڊن سان ڍڪيل هوندي هئي. اترين ۽ ڏاکڻيون گنبڊ، بلڪل گول هئا، ليڪن وچون گنبڊ، مستطيل وانگر ڊگهو گول هو. هن وچين گنبڊ کي، اتران ۽ ڏکڻان، گولائي وارا ونگ ڏيئي، پوءِ اندازاً 40 فوٽ ڊيگهہ ۾ تعمير ڪيو ويو، جيڪو ڪاريگريءَ جو ڪمال ۽ انمول نمونو هو. اهوئي سبب آهي، جو اترين ۽ ڏکڻيون گول گنبڊ، اڄا تائين تہ صحيح سلامت ۽ برقرار بيٺل آهن، ليڪن وچون مستطيل وانگر ڊگهو گول گنبڊ ڪري چڪو آهي. هن مستطيل وانگر ڊگهي گول گنبڊ کي، مون (راقم) 1980ع واري ڏهاڪي ۾، صحيح سلامت حالت ۾ بيٺل ڏٺو هو. درسگاھ واري عمارت ۽ حجرو، هن وقت مڪمل ميسارجي چڪا آهن، جن جي متعلق صرف اها جاڻ ملي ٿي، تہ اهي بيئي عمارتون، موجوده مسجد شريف کان اتر اوپر طرف کان هوندیون هيون(20).

درسگاه جو ذڪر ڪتابن ۾ ڇونئو ملي ؟

درسگاھ سريواريءَ جي تاريخي احوال ۽ بيان کي قلمبند ڪرڻ بابت، موجوده محققن کان ڪوتاهي ٿي آهي. حالانڪ درسگاھ سريواريءَ ۽ ان جي عالمن جو علمي، فڪري ۽ سماجي رتبو، هن علائقي ۾، چوٽياريءَ جي عالمن جي برابر، يا انهن کان ٻ اڄا ٻ وڌيڪ وڏو رهيو آهي. ڪتاب سجاڳ سانگهڙ(21) ۽ سانگهڙ سووينيئر(22) ۾، درسگاھ چوٽياريءَ جو ذڪر تہ پڙهڻ لاءِ ملي ٿو، پر درسگاھ سريواريءَ جي ذڪر بابت، هي ڪتاب خاموش آهن. اهڙيءَ ريت شاھ جي رسالي(23) ۽ ڪتاب "سنڌ جا ڪتب خانا"(24) ۾ ٻ، سريواريءَ جو سربستو احوال شامل ناهي. انگريز اسڪالر سر رچرڊ برٽن، جنهن 1851ع ۾، سنڌ جا سمورا مدرسا، درسگاهون ۽ ڪتب خانا گهمي ڏٺا. ان سيوهڻ، ٽرپٽ، ڪهڙا، مٽياري، ولهار ۽ چوٽياريءَ جي درسگاهن کي، انگلينڊ جي

تعليمي نظام جي لحاظ سان، ڪاليجي حيثيت سان تسليم ڪيو(25)، سو به پاڻارا خاندان سان، انگريزن جي اختلافن سبب، هتي ڪونه آيو. نه ته هيءَ درسگاهه به ڪاليجي سطح کان، ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه هئي.

اهڙي ريت، ڪتاب "سانگهڙ سوويníئر"، جيڪو سال 1974ع ۾، سياسي مقصدن کي سامهون رکي شايع ڪيو ويو، ان ۾ مٺي فقير جو ڊير، منّار فقير راجڙ، شهيد عبدالرحيم گرهوڙي، چوٽياريون، برهمڻ آباد، منصوره، رتوڪوٽ، قبا مير شهداد، ڪوٽ بجار، ڪوٽ چاڪر خان ۽ پير حسن بخش شاهه جيلاني رح جهڙن بزرگن ۽ درگاهن جو احوال ته با تصوير شامل آهي، پر "درسگاهه سريواريءَ" جي احوال کي، جاڻي واڻي نظرانداز ڪيو ويو.

پٽائيءَ صاحب جو عالمن کي آزمائڻ وارو طريقو:

روايت آهي ته، شاهه عبداللطيف پٽائي رح، عام رواجي ويس مٽائي، فقيراڻو لباس پائي، ڳچيءَ ۾ وڏن مڻڪن واري مالها وجهي، نراڙ تي تلڪ لڳائي، دنبورو ۽ ٻيا ساز و سامان کڻي، بزرگن ۽ عالمن جي ڳولا ۽ آزمائش خاطر نڪري پوندا هئا. سندس خيال هوندو هو ته: "جيڪڏهن ڪو بزرگ يا عالم سڳورو، روحاني بصيرت وارو هوندو، ته اهو اسان کي سجاڻي وٺندو. اگر صاحبِ بصيرت نه هوندو ته اهو اسان کي سجاڻي ڪو نه سگهندو(26)."

پٽائيءَ صاحب جو چوٽياريءَ کان ڪنيري ڏانهن وڃڻ:

پٽائيءَ صاحب، اندازاً سن 1160 هجريءَ ۾، چوٽياريءَ جي وڏي عالم، ميين محمد مبين ڪيريو رح جن وٽ آخري پيرو آيو. جتان ميان صاحب کان موڪلائي، ڪنيري (تعلقي ڪپري) ڏانهن روانو ٿي ويو(27). چون ٿا ته پٽائي صاحب فقيراڻو لباس پائي، دنبورن ۽ بين ساز و سامانن سوڌو، ڪنيري واري درسگاهه جي اندر داخل ٿي وجي ويٺو، ته اتي جي عالمن کيس ڪونه سڃاتو. انهن پٽائيءَ رح کي چيو ته، "اسين ظاهري شريعت پاڪ جا پورا پورا پابند ماڻهو آهيون. هيءُ ساز ۽ راڳ وغيره، شريعت ۾ جائز نه آهن، لهاڏا توهان درسگاهه کان باهر نڪري وجو". پر پٽائيءَ رح، منهن مونن ۾ پايو، ماڻ ميڙ ۾، مسڪرائيندو ويٺو رهيو. تنهن تي اتي جي عالمن ۽ شاگردن، کيس اتان زوريءَ ڪڍي، پري هڪ پاڻيءَ واري ڍنڍ جي ڪناري تي وڃي ڇڏيو(28). چون ٿا ته پٽائيءَ صاحب، هتان کان روانگيءَ مهل ڪجهه بيت چيا، جيڪي روايتن ۾ گهڻا مشهور آهن. کي بيت ته هن وقت شاهه جي رسالن ۾ به شامل ٿي ويا آهن. البت اهي بيت، سگهڙن جا جوڙيل آهن، جن جو پٽائيءَ رح جي ڪلام ۽ شاعريءَ سان ڪوبه تعلق ڪونهي. اهڙا چند بيت هيٺ ڏيکارجن ٿا.

1 : مُلان مُلان مَ چئو، مُلان ڪاندي ڪَنڊ،
مٿي وظيفن وند، ڏٺيءَ ڏُتاري ڇڏيا(29).

2 : مُلان مُلان مَ چئو، آخوند سپ انڌا ،
لاهي ڇڏ لطيف چئي، ڪاٽين جا ڪنڌا،
سڙي سپ سنڌا، ويا طمع ۾ تن جا(30).

3 : مُلان مُلان مَ چئو، هي آهيڙي آهين،
مرونءَ سندي ماه تي، ٿا ماڻڪ مٽائين،
اهڙا ئي آهين، لعنتي لطيف چئي(31).

4 : مُلان مُلان مَر چئو، هي اوتر پيا آهين،
حرف جو هدايت جو، بيءَ پَٽ ٻڌائين،
هُو اِنهيءَ ۾ آهين، جا گمراهيءَ گس جي(32).

5 : مُلان! مُنُهي ماڻ، پتو ڦٽو پيٽ ۾،
سُجاڻي الله، ٿُبي ڏَنئي ڏوڙ ۾(33).

6 : مُلان مسيتن ۾، ماري ڪجن مُجَ،
پَٽن پاسي پينگ ڪري، ڪجي سورهين ڪوهين سُجَ،
آخوندن جي أجَ، لهي ڪين لطيف چئي(34).

7 : ڏهرجن کان ڏُور، رهه ته راحت پرائيين،
پڙهن تسبيون پاپ جون، أٽيو آڏيءَ رات اَسُور(35)،
8 : ڳاها بي راها ٽيا، واٽيا سندن پير،
ڏيئي وٽيون ڪير، ڏٽيءَ ڏُتاري چڏيا(36).

هاڻي پٽائيءَ صاحب، هتان کان اولهه طرف، "درسگاهه سريواريءَ" ڏانهن سفر شروع ڪيو، جنهن جو احوال اڳتي شامل ڪيو ويو آهي.

پٽائي صاحب جو درسگاهه سريواريءَ ڏانهن اچڻ:

شاه عبداللطيف پٽائيءَ رحه، چوٽياريءَ جي وڏي عالم مخدوم ميان محمد مبين ڪيريو "ٽرائي رحه" جن وٽ اڪثر ايندا رهندا هئا(37). هڪ پيري چوٽياريءَ کان ڪنيري (تعلقي ڪپري) ۾ ان کان پوءِ، درسگاهه سريواريءَ ۾ آيا، ته هتي اچي ڪجهه ڏينهن قيام ڪيائون(38). ان وقت درسگاهه سريواريءَ جو مهتمم ۽ سنيالينڌڙ، مخدوم ميون علي محمد ڪيريو رحه جن هوندا هئا. (نوٽ: اسان هن کان اڳ ۾، سه ماهي مهراڻ 2010ع شمارو 4، صفحي نمبر 149 تي، مخدوم ميان تاج محمد ڪيريو رحه جن جو نالو لکي آيا آهيون، پر هيءَ ملاقات، مخدوم ميان علي محمد ڪيريو رحه جن سان ٿي هئي، جنهن کي درست ڪرڻ فرمائيندا.)

پٽائي صاحب،جڏهن فقيراڻو لباس پهري، درسگاهه جي اندر داخل ٿي ويهي رهيو، ته طالبِ علمن کيس کو غير مسلم يا سامي فقير سمجهي، درسگاهه منجهان ٻاهر نڪري وڃڻ لاءِ زور پريو، پر پاڻ منهن مونن ۾ هٽي، مسڪرائيندو ويٺو رهيو ۽ زور پرڻ جي باوجود ٻاهر ڪونه نڪتو. جڏهن اهڙو اطلاع درسگاهه جي مهتمم، مخدوم ميان علي محمد ڪيريو رحه جن کي ڏنو ويو، ته پاڻ جلدي جلدي درسگاهه جي اندر پهتو ۽ اهڙي ويس واري مسافر کي ڏسي، فڪري ۽ روحاني بصيرت وسيلي، کين يڪدم سجاتائون ۽ هي بيت ڏنائون: "ڪُوڙو ٿُون ڪُفر سين، ڪافر مَر ڪوڻاءِ ، هندو هڏ نه آهيين، جٽيو تو نه جڳاءِ ، تلڪ تني کي لاءِ، سچا جي شرڪ سِين(39) ته پٽائيءَ صاحب مسڪرائي، وراڻيءَ ۾ هي ٻه بيت ڏنا : "ڪافر ٿيءَ ته اُبهين، باب شرع جا چڏ ، من مشرکن گڏ، ته ويجهو ٿين وصال کي(40)." "آذرُ ٿيءَ ته اُبهين، ڪنا جيئن ڪافر، ته سندي ڏينهن حشر، ويجهو ٿين وصال کي(41)." اهڙيءَ ريت، پٽائيءَ صاحب ۽ ميون صاحب، پاڻ ۾ پاڪر پائي مليا ۽ هڪٻئي سان حال احوال اوريائون(42)."

پٽائي صاحب ۽ ميان بزرگن جي قرب کڇهري:

پٽائي رحہ درسگاھ سريواريءَ ۾ اچڻ کان پوءِ، هتي کجھ عرصو قيام فرمايو. انهيءَ دوران، پٽائي رحہ ۽ ميين صاحبن جون، پاڻ ۾ قرب کڇهريون ٿيندیون رهيون. پٽائيءَ صاحب، ميان بزرگن کان معلوم کيو تہ: "توهان جو هن وقت مرشد ڪير آهي؟" ميين صاحبن فرمايو تہ: "اسين حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي شريعت پاڪ جا، پورا پورا پائبند ماڻهو آهيون، ان ڪري مرشد ڪرڻ بابت اسان جو ارادو ۽ خيال ڪڏهن ڪونهي ويو تہ پٽائيءَ صاحب کين فرمايو تہ: "توهان مرشد ڪريو، ڇو جو سلسلہ طريقت ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن وٽان هلندو اچي ٿو". تڏهن ميين صاحبن کين فرمايو تہ: "اسان جا وڏا، يعني بابا سائين ۽ ڏاڏو، هن فاني جهان مان لاڏاٿو ڪري چڪا آهن، اسين هن وقت الله پاڪ جي محبت ۾، ڪنهن الله واري اولياءَ ۽ بزرگ جي انتظار ۾ ويٺل آهيون. جيئن تہ توهان سيد ۽ اهل بيت آهيو، تنهنڪري مهرباني فرمائي، اسان کي پنهنجي هٿ تي، تلقين ۽ بيعت ڏيڻ فرمايو(43)." پٽائي رحہ کين چيو تہ: "اسان جو دور ۽ زمانو هاڻي ختم ٿيڻ وارو آهي. هن صديءَ جو قادري سلسلي جو، هڪ مجدد اولياءَ ظاهر ٿيڻ وارو آهي، آءٌ هن سرزمين تي، ان بزرگ جو فيض ۽ انوارات ڏسي رهيو آهيان، توهان ان جا مريد ۽ طالب ٿيندا ۽ ڪائنات روحاني فيض حاصل ڪندا، نہ فقط ايترو، پر ان اولياءَ ۽ بزرگ کي، هن علائقي ۽ خطي ۾، متعارف ڪرائڻ وارا بہ توهان ئي ٿيندا(44)."

پٽائيءَ صاحب جو ڏنڊ:

مشهور روايت آهي تہ: "هتي کجھ عرصو قيام ڪرڻ وقت، پٽائيءَ رحہ ڇار جي ٽاريءَ جو ڏنڊ ڏنو. (کي ڪرڙ جي ٽاريءَ جو ڏنڊ بہ چون ٿا) جيڪو آخر ۾، مسجد شريف جي الهنديءَ ديوار ۾، ٻاهرين پاسي، ادب جي لحاظ کان، داخل ڪري ٻيهاريائين. سانوڻ جي موسم هئي، انڪري اهو ڏنڊ سُڪي وڃڻ بدران سائو رهيو ۽ اتي ڦوٽهڙو ڪري، ٽاريءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿي ٻيٺو(45)." جڏهن عام ماڻهن کي، انهيءَ ڏنڊ جي ڦٽڻ جي خبر پيئي، تہ خبر ۽ برڪت جي خيال کان، ماڻهو ان ٽاريءَ جا پن، ڇوڙا، ٽاريون ۽ ڪائيون بہ ذرو ذرو ڪري پٽي کڻي ويا. ان ڏنڊ جي پاڙ(مُنڊ) جو نشان، اڄ بہ انهيءَ ديوار ۾ موجود آهي، جنهن جي زيارت خاطر، ماڻهو مسجد شريف جي ٻاهرين پاسي کان قِري، ڏسڻ ويندا آهن ۽ ان کي هٿ ڦيرينداآهن.

پٽائيءَ رحہ جي طرفان ميين صاحبن کي سوکڙيون ڏيڻ:

پٽائي رحہ درسگاھ سريواريءَ ۾، کجھ ڏينهن قيام ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن اڃا اڳتي "واڳهين واري پٽ" ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ ميين صاحبن کان موڪلائڻ لڳا، تہ ان وقت ميين صاحبن کي چار سوکڙيون ڏنائون. هڪ: مخدوم علي محمد ڪيريو رحہ ۽ ٻين ڪيريا بزرگن کي، "ميان" جو لقب عطا فرمايائون. ٻيو: پنهنجي تسبيح انهن کي تحفي طور ڏنائون، جيڪا ڳاڙهي عقيق جي پٿرن مان تراشي جوڙيل آهي. واضع هجي تہ، هن تسبيح جي پانگي واري وڏي مٽيي جي چوٽيءَ تي، مُهر اُڪريل آهي، جيڪا ڪنهن خاص تحرير تي ٿبت ڪئي ويندي هئي. ٽيون: هي تشڪيل ڏنائون تہ، "هتي زماني جو هڪ مجدد اولياءَ ايندو، توهان ان وٽان روحاني فيض حاصل ڪندا". چوٿون: فرمايائون تہ "ڏيئي جي وٽ پلي ڪيتري بہ سنهي هجي، پر سريواريءَ ۾، علم ۽ عرفان جي لاٽ قيامت تائين ٻَرندي رهندي(46)."

واضع هجي تہ، انهيءَ ڏيئي جي وٽ واري ڳالهہ بابت، ڪتاب "سنڌ جا ڪتب خانا" ۾ لکيل آهي تہ: "مخدوم ميان محمد مبين ڪيريو رحہ، جڏهن علم جي تحصيل لاءِ، ننڍي ڏاڻهن ويندو رهندو هو، تہ نصرپور ۾، حضرت ميين شاهہ عنايت رضوي رحہ جن وٽان، قرب جا قدر پريندو ويندو هو. هڪ پيري ميين شاهہ عنايت نماز ويٺي پڙهي ۽ سجدو آڏو رکيل هڪ وڏي پٿر تي پٽي ڏنائين. ملاقات مهل، ميين محمد مبين ڪيريو رحہ جن

کي چيائين تہ "ابا! هائي ايترو جهور پوڙهو ٿي ويو آهيان، جو نوڙي سجدو نٿو ڏيئي سگهان. پوءِ مبين محمد مبين، کڏ مان مٿي، کڏيي، وڏو پيڙهو ناهيو ۽ هڪ به ڏينهن اُس ۾ رکي، ان کي سڪايائين. تنهن بعد اهو پيڙهو کڻي، مبين شاه عنات رح جن کي، نماز پڙهڻ لاءِ سولو کري رکي ڏنائين. مبين شاه عنات نماز پڙهي چيو تہ "ابا! هائي سجدو سولو ڏيئي ٿو سگهان(47). تڏهن ميان محمد مبين کيريو رح اڳتي وڃڻ لاءِ موڪلايو ۽ کانئس دعا لاءِ عرض ب کيائين. مبين شاه عنات رح جن دعا ڏيندي چيو تہ "ابا! ڏيئو ٻرندو رهندو ۽ جي وٽ سنهي ٿي تہ ب اُجهامندو ڪونہ(48)." ڊاڪٽر بلوچ صاحب هڪ هنڌ لکي ٿو تہ: "مبين عبدالحڪيم چيو تہ، اسان اها ڳالهہ، پنهنجي والد مبين حاجي محمد کان ٻڌي، پر اها روايت وڏن کان هلندي اچي ۽ بلڪل صحيح آهي". ولهار جي قلمي ذخيري ۾ پڻ هئي، روايت قلمبند ٿيل ملي. پي هڪ روايت ۾، شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ رح جن جو ذڪر آهي، پر شاه عنات وارو ذڪر وڌيڪ صحيح آهي(49)."

ڀٽائي رح جو واڳهين واريءَ پٽ ڏانهن وڃڻ:

ڀٽائي رح، سريواريءَ جي بزرگن کي دعائون ۽ سوکڙيون پاکڙيون ڏيئي، پنهنجي اڳينءَ منزل "واڳهين واريءَ پٽ" ڏانهن اُسهيا. جيڪا سريواريءَ کان سَر اولهہ طرف، اندازاً ڇهن ميلن جي مفاصلي تي موجود آهي. ڀٽائي رح هتي هڪ گهاٽي ڪڙ جي وڻ اندر، مراقبي ۾ ويهي عبادت ڪئي. هتي ڀٽائي رح جو هڪ مشهور تڪيو موجود آهي. هن پٽ کي "تڪيي واري پٽ" ب سڏجي ٿو. واڳهين واري پٽ تي، سيدن جو هڪ ڳوٺ آباد آهي. انهن سيدن جي وڏي جو نالو "حاجي شاه" هو. حاجي شاه هڪ بهترين شاه جو راڳي هو. جنهن جو راڳ اسان روبرو ٻڌو. شاه جي راڳ ۾، سائين سنگت گوندرو فقير خاصخيلي ڪندو هو. جيڪو سريواريءَ جو ويڙهي هو. مرحوم حاجي شاه جي فرزندن ۾، سيد حاجي پيرل شاه، سيد قاسم علي شاه ۽ سيد امير علي شاه وڏا خدمتگار ٿي گذريا آهن. هن وقت سيد انعام علي شاه، واڳهين واري پٽ جي تڪيي جي سار سنڀار لهي ٿو ۽ هر جمعي جي رات باقاعدگيءَ سان، شاه جي راڳ جي محفل ڪرائيندو آهي.

ميان تاج محمد جو شيخ (مرشد) جي ڳولا ۾ نڪرڻ:

ڀٽائي رح، سن 1160 هجريءَ ڌاري، تعلقي سانگهڙ ۽ تعلقي ڪپري وارن علائقن جو سير و سفر مڪمل ڪري، خير سلامتيءَ سان، واپس پٽ شاه پهچي ويا. سن 1162 هجريءَ ۾، مخدوم ميان علي محمد کيريو رح جن انتقال فرمائي ويا. هائي ميون تاج محمد کيريو رح، ڀٽائي صاحب جي دعا ۽ ارشادات کي آڏو رکندي، شيخ (مرشد) جي انتظار ۾ بيحد بيقرار ٿيڻ لڳا. پاڻ بزرگ مراقبو گهٽو ڪندا هئا، تہ هڪ رات مراقبي ۾ کين اشارو ٿيو، تہ "هائي وقت اچي ويو آهي، تہ توهان کي شيخ (مرشد) ملي. ان سلسلي ۾ توهان پنهنجي سفر تي نڪرو". اهڙيءَ ريت، سن 1163 هجريءَ، يا ان کان ٿورو بعد ۾، مخدوم ميان تاج محمد کيريو رح ۽ سندس ڪجهہ ٻيا بزرگ سائي، ان عظيم هستي ۽ اولياءَ، يعني زماني جي شيخ جي ڳولا ۾ نڪري پيا. پاڻ جڏهن خيرپورضلعي جي، ڳوٺ شيخ طيب وٽ پهتا(50)، تہ سائين ملاقات سيد محمد بقا شاه رح جن سان ٿي، جيڪي ان وقت ڳئون چاري رهيا هئا(51). واضح هجي تہ سيد محمد بقا شاه رح جن سان، جڏهن شاه عبداللطيف ڀٽائيؒ جن جي ملاقات ٿي هئي، تڏهن ب پاڻ ساڻئي ٿي ڳوٺ جي پرسان، ڳئون (مال) چاري رهيا هئا(52).

مخدوم ميون تاج محمد کيريو رح وڏي بصيرت ۽ نگاهہ وارا بزرگ هئا، جن ڀٽائيءَ صاحب کي ب، پنهنجي والد صاحب سان گڏ، پهرينءَ ئي نظر ۾ سجاتو هو. لهاڏا هن سفر ۾، سيد محمد بقا شاه رح جن سان، جڏهن پهرين ملاقات ٿي، تڏهن پاڻ دل سان مطمئن ٿي ويا، تہ هي ئي اُهي شيخ (مرشد) آهن، جن ڏانهن رجوع ڪرڻ جي لاءِ، ڀٽائي صاحب جن جو ارشاد فرمايل آهي. ان بعد، پاڻ هڪٻئي سان ويهي حال احوال اوريائون. مخدوم ميان تاج محمد رح جن وٽہ جيڪا ب جمع پونجي ڪنيل هئي، اُها سيد محمد بقا شاه رح جن جي

حضور ۾، نذراني طور رکيائون. اهڙي، ريت، حضرت جن کي مال چارڻ واري عمل کان فارغ ڪري، کين پنهنجي علمي آماجگاھ درسگاھ سريواري، ۾، دعوت ڪري گھنهي آيا(53).

سيد محمد بقا شاھ رحہ جن جو سريواري، ۾ اچڻ:

سيد محمد بقا شاھ رحہ جن کي، درسگاھ سريواري، جا ميان بزرگ دعوت ڪري. سريواري، ۾ گھنهي آيا، تہ حضرت جن هتي ڪجھ عرصو قيام فرمايو. سيد محمد بقا شاھ رحہ جن، کنهن کنهن خاص ماڻهو، کي، سلسلہ طريقت ۾ تلقين ڪرڻ فرمائيندا هئا. انڪري سريواري، ۾ اچڻ بعد، صرف مخدوم ميان تاج محمد کيريو رحہ جن کي ئي، طريقت ۾ تلقين فرمائي، پنهنجي سلسلي قادري نقشبندي ۾ شامل ڪرڻ فرمايائون. اهڙي، ريت، سندن درميان پيري ۽ مريدي، وارو سلسلو قائم ٿي ويو(54).

حضرت روضي ڏٹي رحہ جن جو سريواري، ۾ اچڻ:

سن 1198هجري، ۾، جڏهن سيد محمد بقا شاھ رحہ جن شهادت جو پيالو پي ويا ۽ امام العارفين مجدد العصر سيد محمد راشد روضي ڏٹي رحہ قدس سره جن کي گادي نشين بنايو ويو(55)، تڏهن درسگاھ سريواري، جو بزرگ، مخدوم ميان تاج محمد کيريو رحہ، پهرين ئي فرصت ۾، سيد محمد راشد روضي ڏٹي رحہ جن کي، سريواري، ۾ دعوت ڪري ونئي آيا. هتي پهچڻ شرط، حضرت جن، مخدوم ميان تاج محمد کيريو رحہ کي، پنهنجي خليفي جو درجو ڏيڻ فرمايو. سيد محمد راشد روضي ڏٹي رحہ جن جو سريواري، ۾ اچڻ جو ٻڌي، کيترين ئي ذاتين جا ماڻهو، جيڪي اڳيئي کيريا بزرگن جا عقيدت مند هئا، اهي زيارت خاطر ۽ سلسلہ طريقت ۾ شامل ٿيڻ واسطي، سريواري، ۾ اچي گڏ ٿيا. اهڙين ذاتين ۾، ابڙا، جوٽيجا، خاصخيلي، راجڙ، کيريا، مري، مگريا، نظاماڻي، هگورا، هگورجا ۽ هندن ۾ واڻيا وغيره به اچي سندن مريد ٿيا(56).

هاڻي امام العارفين مجدد العصر سيد محمد راشد روضي ڏٹي رحہ قدس سره جن جي اچڻ وڃڻ جو سلسلو، درسگاھ سريواري، سان گھٹو منسلڪ ٿي ويو، جنهنڪري پاڻ ۾ين علائقن ڏانهن، روحاني سفر جي شروعات به گھٹو ڪري، هتان کان ئي شروع ڪندا هئا. پاڻ پنهنجن مريدن ۽ عقيدت مندن کي اهو به فرمايائون، تہ: "جيڪو به اسان جو مريد، درگاھ شريف (پير جو گوٺ، ضلعي خيرپور) پهچي نہ سگهي، تہ اهو سريواري، ۾ اچي، درسگاھ جي زيارت ڪري وڃي، تہ اهو جڻ اسان جي درگاھ شريف تي آيو". هتان کان ۾ين علائقن ڏانهن جيڪي روحاني سفر ٿيندا هئا، انهن ۾ اجمير شريف، اڇڙو ٿر، بدين، جيسلمير، راڙ، ڪڇ ۽ ڪڙيوگھنور وغيره شامل هوندا هئا(57).

خليفن ۽ خطن جو ذڪر:

پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٹي قدس سره جن جي خليفن جو تعداد، اندازاً تيرنهن سَو ٻڌايو وڃي ٿو(58). البت انهن ۾، جيڪي مُک ۽ مشهور خليفا هئا، انهن ۾ خليفو سيد محمد حسن شاھ جيلاني، خليفو محمود فقير نظاماڻي، خليفو نبي بخش "قاسر" لغاري، خليفو سارنگ فقير کلهوڙو، خليفو ميان الھ رکيو ۽ خليفو سيد جان محمد شاھ بخاري رحہ جن جا نالا قابلِ ذکر آهن(59). البت ڪافي ڪتابن جي اٽل پٽل ڪرڻ کان پوءِ به، خليفي مخدوم ميان تاج محمد کيريو رحہ جن جو اسم گرامي پڙهڻ لاءِ ڪونہ مليو.

اهڙي، ريت، وري جڏهن مڪتوبات شريف ۾ شامل خطن جي متن تي نظر وجهون ٿا، تڏهن به انهن ۾، اُن خط مبارڪ جو متن يا حوالو وغيره شامل ڪونہ آهي، جيڪو حضرت روضي ڏٹي رحہ جن، پنهنجي خليفي مخدوم ميان تاج محمد کيريو رحہ جن ڏانهن، ڪنهن بياض جي حصول واسطي لکيو هو. هي خط سن 1199 هجري، جو لکيل آهي، جنهن جو نقل اسان کي حاجي محمد بخش ڪُهر عفي عنہ جن جي هٿ اکرن سان لکيل، شهيد عبد الرحيم گرهوڙي، رحہ واري قلمي نسخي مان دستياب ٿيو(60).

حضرت روضي ڏٹي رحہ جن جو لکيل خط مبارڪ:

امام العارفين مجدد العصر سيد محمد راشد روضي ڏٹي رحہ قدس سره جن، پنهنجي خليفي ۽ درسگاھ سريواريءَ جي مهتمر، مخدوم ميان تاج محمد ڪيريو رحہ جن کي، ھڪ خط مبارڪ لکيو. هتي ان خط مبارڪ جو متن ۽ ترجمو پيش ڪجي ٿو.

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ

حامد وَ مُصَلِّيا: اما بَعد فهٰذا مَكتُوب مِن الفقير الحقير حفظ الحفيظ اخوي ميان تاج مُحمّد الي العفي الكريم الىٰ عُمده العلماء وَ اسوه صلحاء. وصيت آن كہ دم را بغير اسم دم آفرين بر نبايد آورد پس از سي سال اين معنيٰ محقق شُد بخاقاني كہ يک دم با خرابودن بہ از مُلک سليماني. زياده والسلام.

مگر آن كہ اگر بياض مفروغ با شُد چند روز بطريق عاريہ عنايت فرمايند چيزي ازان اخذ نموده خواهم فرستاد انشاءَ الله تعالىٰ.

(ترجمو: الله رب العزت جو حمد ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم تي صلواتون. اما بعد، هيءَ خط، فقير حقير جي طرفان، جنهن کي الله تعالىٰ حفاظت ۾ رکي، منهنجي پاءُ ميان تاج محمد ڏانهن، جيڪو سڀني عالمن مان بهترين ۽ صالحن بزرگن جي نشاني آهي. توهان کي هي نصيحت ۽ وصيت ڪجي ٿي تہ: "هڪ ساھ ۾، ساھ پيدا ڪندڙ جي ناڀي کان سواءِ نہ ڪٽڻ گهرجي". ٻيهن سالن کان بعد، هيءَ حقيقت خاقاني (شاعر جو نالو) تي کُلي آهي تہ: "هڪ گهڙيءَ الله جي ياد ۾ گذارڻ، حضرت سليمان عليه السلام جي بادشاهيءَ کين بهتر آهي". خاص ڳالھ هيءَ تہ "جيڪڏهن توهان وٽ بياض (هٿ سان لکيل قلمي نسخو) واندو ٿيل هجي، تہ ڪجھ ڏينهن لاءِ، اُڌاري طور ڏيڻ جي عنايت فرمائيندا. ڪجھ ان بياض مان فائدو حاصل ڪري، توهان کي موڪلي ڏينداسون. انشاءَ الله تعالىٰ!")

مُهر..سن 1199 هجري(61).

هن خط جي نقل واري متن ۾، هڪ عدد سنڌي بيت بہ شامل ڪيل آهي. ڪافي دوستن جو خيال آهي، تہ اهو بيت، حضرت سيد روضي ڏٹي رحہ جن جو پنهنجو چيل آهي. البت هن بيت سان ملندڙ جلندڙ، هڪ بيت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جن جو بہ چيل آهي. پڙهندڙن جي تحقيق ۽ دلچسپيءَ خاطر، اُهي ٻيئي بيت هتي پيش ڪجن ٿا:

خط ۾ شامل بيت:

جان پُڄي تان پُور، نا تہ پُڄڻ هوءِ نہ پرينءَ ڪي،
ڏورينديَن ڪنان ڏُور، هوڻ هڏهين نہ ٿئي.

شاھ جي رسالي ۾ شامل بيت:

پُڄيوءِ تان پُور ، نا تہ پُڄڻ هوءِ مَ پرينءَ ڪي،
ڏورڻ واريون ڏُور، هَڏِ نہ آهن هوڻ ڪي(62).

درسگاھ جو ڪُتبخانو:

مٿي لکي آيا آهيون، تہ درسگاھ سرياريءَ ۾، سنڌ جا وڏا عالم ۽ ڪاتب موجود هوندا هئا. انهن عالمن ۽ ڪاتبن جا هٿ اکر، بيحد سهڻا، ۽ انتهائيءَ خوبصورت هئا. سندن سهڻي صورتخطي ۽ تحرير ڏسي، ڏندين آڱريون اچي ويندیون هيون. هتي جي عالمن قرآن شريف، احاديث مبارڪ، فقہ، ديني ڪتابن ۽ بين هولين جا، سوين خوبصورت قلمي نسخا، پنهنجن هٿن سان لکيا. اهي قلمي نسخا، سنڌ جي بين مشهور درسگاهن ۽ عالمن ڏانهن، حديتن ۽ تحفتن اماڻيا بہ ويندا هئا. ڪتاب "سنڌ جا ڪتبخانا" ۾ لکيل آهي تہ: "چوٽياريءَ جي عالم ميين عبد الرسول کي ڪتاب سرياريءَ جي بزرگن کان ورتا. قرآن الڪريم قلمي جو پويون جُز، (سوره

ياسين كان آخر تائين) سريواريءَ جي ميين عبد الحق بن ميان تاج محمد بن ميان علي محمد كان ورتائين. هن كتاب جي آڏو ورقن تي، سن 1272 هجري، سندس هٿ اکرين تحرير نظر مان گذري(63).

جڏهن درسگاهه پنهنجي زوال پذيريءَ کي وڃي پهتي، تہ هتان جا عالم سڳورا ۽ ٻيا ماڻهو، پنهنجا سير بچائي، نقل مکاني کري هليا ويا. پاڻ سان گڏ قلمي نسخا ۽ ٻيا قيمتي کتاب کڻي کوڙ سگهيا. اهي نسخا ۽ کتاب درسگاهه جي کتبخاني ۾، غير محفوظ رهجي ويا. انهن مان کجهه کتاب، انگريز سرکار جي کامورن کنيا ۽ کجهه اڏوهيءَ کاڌا. مقدس کتابن جي بيحرمتيءَ واري حالت ڏسي، هک اٺڙهيل اونار کي رحم آيو، جنهن بقايا کتاب انن تي سٽيا ۽ کڻي وڃي پير جهندي واري مدرسي ۾ جمع کرايا(64). جڏهن ملک ۾ امن امان وارو ماحول موٽي آيو، تہ کيريا بزرگن جا کجهه گهراٽا، وري واپس سريواريءَ موٽي آيا. جن پراڻو (درسگاهه وارو) ڳوٺ ڇڏي، کاري ناري (هاکڙي) جي ڏاکڻي کپ تي، نئون ڳوٺ ٻڌو، جيکو اڄ تائين آباد آهي.

1960ع واري ڏهاکي ۾، لغاري قبيلي جي وڏي عالم ۽ مفتي، مولوي عبد القادرلغاري، کيريا بزرگن ڏانهن پيغام اماڻيو، تہ "درسگاهه سريواريءَ جا کجهه کتاب ۽ قيمتي قلمي نسخا، پير جهنڊي واري مدرسي ۾ موجود آهن، اگر کنهن به کيريا بزرگ کي طلب هجي، تہ اهي اتان حاصل کري سگهجن ٿا". چون ٿا تہ کو مناسب جواب يا اشاري نہ ملڻ سبب، اهي نسخا، وري اڃا اڻڪتي، کراچيءَ جي کنهن کتبخاني ۾ جمع کرايا ويا(65). اهڙيءَ ريت، درسگاهه سريواريءَ جا قيمتي قلمي نسخا، کتاب ۽ ٻيا بياض، باالآخر هتان کان هميشہ هميشہ جي لاءِ هليا ويا.

سريواريءَ جي کتبخاني جا مشهور کاتب:

درسگاهه سريواريءَ جا، جيکي مشهور کاتب هئا ۽ تمام سهڻن اکرن سان قلمي نسخا ۽ بياض تحرير کندا هئا، انهن ۾ ميان علي محمد کيريو رحہ، ميان تاج محمد کيريو رحہ، ميان عبد الحق کيريو رحہ ۽ ميان ولي محمد کيريو رحہ جن جا نالا قابلِ ذکر آهن. انهن کاتبن جا هٿ اکر، انتهائيءَ خوشخط ۽ موتين جهڙا سهڻا هوندا هئا. گهڻو کري پنو يا کاغذ پنهنجن هٿن سان، مسالحي جي ذريعي تيار کيو ويندو هو. پنو سڪڻ کان پوءِ، ان کي مستطيل کتري، کاري ۽ ڳاڙهيءَ مس هٿ سان ناهي، مس کُپڙيءَ ۾ وجهي، گوڏر پڃي ويهي لکبو هو. ان هٿرادو مس سان لکيل اکر، گهڻو کري پاڻيءَ سان بہ کو نہ ڌهندا هئا. کاتب انهيءَ مس ۾، مُشڪ عنبر ملائي پوءِ لکندا هئا، تہ جيئن کتاب ڪُلڻ سان، ماڻهوءَ کي معطر خوشبوءِ محسوس ٿئي. مٿي ڄاڻايل کاتبن، کيترا ئي قيمتي کتاب ۽ قلمي نسخا تحرير کيا، جن جو ذکر تاريخ جي ورقن ۾ سدائين ٽينڊو رهندو.

ڳوٺ اسماعيل کنيار جو کتبخانو:

سال 2005ع ڌاري، آءٌ (راقم) ۽ مرحوم عزيز الله کُهر صاحب، هڱورني لڳ، ڳوٺ محمد اسماعيل کنيار ۾، کتب خاني جي زيارت خاطر وياسين. هک دوست، جيکو ذات جو کنيار هو، ان چند کتاب کاپي ٻانهن تي رکي، اسان کي ٻاهر اچي ڏيکاريا. کنهن ذاتي مصروفيات يا مجبوريءَ سببان، اسان کي کتب خاني جي زيارت کرائي کوڙ سگهيو. اوطاق تي آندل کتابن ۾، عربي ۽ فارسي ٻولي ۾ لکيل بہ ٽي کتاب هئا، جن جا اڳيان ۽ پويان پنا ڦٽل هئا. انهن مان هک کتاب، هٿ سان ناهيل پني تي تحرير ٽيل هو. ان کنيار دوست ٻڌايو، تہ هي کتاب مخدوم ميان محمد مبين کيريو رحہ جن جي درسگاهه چوٽياريءَ مان آندل آهن. جيکي مبين صاحب جي پونيرن اسان کي عنايت فرمايا، اتي درسگاهه سريواريءَ جو ذکر بہ نکتو. پر پاڻ فرمايائون تہ اهڙن قيمتي قلمي نسخن ۽ کتابن جو، اسان جي کتب خاني ۾، کوبہ نايابہ نسخو موجود کونهي.

آخري ايامن ۾ درسگاهه جا سنياليندڙ:

مخدوم ميان تاج محمد کيريو رحه (متوفي....؟) واري زماني کان پوءِ، مخدوم ميان حبيب الله کيريو رحه (متوفي....؟) درسگاهه کي سنياليو ۽ ان جي عروج ۾ ڪمي اچڻ ڪونه ڏني. جڏهن سيد حزب الله شاهه "مسڪين" تخت ڏٽي رحه (جنم: 1255ه وفات: 1308ه) جن جي دور ۾، هي هر تحريڪ زور ورتو، تڏهن درسگاهه جا سنياليندڙ، مخدوم ميان عبد الحق رحه (متوفي....؟) ۽ مخدوم ميان ولي محمد کيريو رحه (متوفي....؟) هئا. جن گهڻي کوشش ڪئي ته درسگاهه جي عروج کي قائم رکجي، ليڪن ماڻهن جي لڏ پلاڻ، افراتفري ۽ انگريز سامراج جي بربريت واري رويي، هن درسگاهه تي خراب اثر ڇڏيا، انڪري هتي درس و تدريس وارو عمل ختم ٿي ويو.

درسگاهه جي زوال پذيريءَ جا اسباب:

درسگاهه سريواريءَ ۾، پاڳارا خاندان جي پيرن، خليفن، اميرن ۽ فقيرن جي اچڻ وڃڻ جو سلسلو، شمس العارفين سيد محمد بقا شاهه پٽ ڏٽي رحه ۽ امام العارفين مجدد العصر سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحه جن کان وٺي، هلندو ايندو هو. سيد صبغت الله شاهه (اول) تجر ڏٽي رحه (جنم: 1193 ھ وفات: 1246ھ) جن جي دور ۾، پهرين ڀر تحريڪ شروع ٿي. پير صاحب انگريز حاڪمن ۽ ڏاڙئي سامراج خلاف، سيد احمد ۽ شاهه اسماعيل جو ڀانهن ٻيلي ٿي ٻيٺو (66). هي هر تحريڪ سيد حزب الله شاهه مسڪين تخت ڏٽي رحه (جنم: 1255ه وفات: 1308ه) جن جي دور ۾ شروع ٿي. جڏهن ٻڇو بادشاهه ۽ پيرو وزير، سنڌ جي ڪجهه علائقن تي آزاد حڪومت جو اعلان ڪيو (67). ٽين هر تحريڪ حضرت سيد صبغت الله شاهه (ثاني) پڳ ڏٽي رحه (شهيد سورهيه بادشاهه، جنم: 1328ه وفات: 1943ع) جن جي دور ۾ شروع ٿي. پير صاحب پاڳارا جي خاندان کي، انگريزن خلاف نفرت ۽ بغاوت ورثي ۾ ملندي رهي. جنهن جو سڀ سنئون اثر، هن درسگاهه تي ٻه پوندو رهيو. اپريل 1942ع ۾، انگريزن هر تحريڪ کي دٻائڻ لاءِ، سنڌ ۾ "هر ايڪٽ" پاس ڪيو. جنهن موجب، هرن جون سموريون جائدادون ۽ ملڪيتون ضبط ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. جون 1942ع ۾، سنڌ ۾ مارشلا نافذ ڪيو ويو. انگريز سرڪار مليٽري جي مدد سان، بربريت جو طوفان هاري ڏنو (68). انهيءَ ظلم ۽ بربريت جو اثر، ٻين علائقن سان گڏوگڏ درسگاهه سريواريءَ تي ٻه ڀيو. حالانڪ هي هر تحريڪ کان پوءِ، هن درسگاهه تي، زوال پذيريءَ جا اثرات ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويا هئا. پهرينءَ هر تحريڪ کان وٺي، هن درسگاهه تي ڪڙڻي نظر رکي ويئي. اهڙيءَ ريت، انگريزن جي دور ۾، پير صاحب پاڳارا جي مريدن کي گرفتار ڪري، جيلن ۾ وجهڻ جو سلسلو شروع ٿيو، ته ماڻهن سريواريءَ مان ٻه لڏپلاڻ شروع ڪري ڏني. درسگاهه جا عالم سڳورا ۽ مولوي صاحبان، روپوشي اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا. ڪي بزرگ مديني منوره ڏانهن هجرت ڪري هليا ويا، ته ڪن وڃي سنڌ جا ٻيا شهر وسايا. انڪري درسگاهه جو اوج ۽ عروج تمام گهٽو متاثر ٿيو.

وري جڏهن امن امان جو دور موٽي آيو، ته ڪيريا بزرگن جا پونيئر، ساڳي درسگاهه جي پر ۾، ڏوري (ڪاري ناري يا هاڪڙي) جي ڏاکڻين پاسي کان، نئون ڳوٺ ٻڌي ويٺا، جتي اڄ ٻه انهن جو هڪ عاليشان ڳوٺ آباد آهي. البت درسگاهه سريواريءَ وارو اڳوٽو ڳوٺ ۽ علائقو، وري ٻيهر آباد ڪونه ٿيو. هن وقت درسگاهه واري ماڳ تي، مشهور عالمن جون ڪجهه مزارون ۽ مسجد شريف جي هڪ عدد پُريل ۽ شهيد ٿيل عمارت موجود آهي، جنهن کي ڏسي ماڻهو موٽي وڃن ٿا.

درسگاھ تي موجود مزارن جي صورتحال:

درسگاھ تي موجود، مسجد شريف جي اوپر طرف کان، ٻہ عدد ورانڊا تعمير ڪرايل آھن، جن جي اندر، بزرگن جون ڪجھ مزارون موجود آھن. انھن جي صورتحال ھن ريت آھي: پھريون وڏو ورانڊو: ھن ۾ ڇھ عدد مزارون موجود آھن. اوپر کان پھرين مزار مخدوم ميان عبد الحق ولد مخدوم ميان تاج محمد جي آھي. ٻي مزار، مخدوم ميان عبد الباسط ولد مخدوم ميان تاج محمد ٽين تي لکيل آھي سيد طاھر شاھ. چوٿين مخدوم ميان تاج محمد ولد مخدوم ميان علي محمد پنجين مخدوم ميان علي محمد ولد مخدوم ميان محمد علي تي لکيل آھي، خدمتگار آدم خان مري بلوچ. ٻئي ننڍي (ڏاکڻي) ورانڊي ۾، صرف ھڪڙي مزار موجود آھي، جنھن جي ڪتبي تي لکيل آھي: "مخدوم ميان حبيب الله بن تاج محمد ڪيريو رحہ".

واضح ھجي تہ، درسگاھ جي باني مخدوم ميان محسن بن اوپايو ۽ مخدوم ميان محمد علي بن مخدوم ميان محسن رحہ جن جون مزارون، چوٽياري شريف ۾، مخدوم ميان محمد مبين ڪيريو "ٽرائي"واري قبرستان ۾ موجود آھن. جن کي سندن وصيت موجب، پنھنجن عزيزن قريبن واري قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو، جتي اھي ابدي آرامي آھن.

سريواريءَ ۾ رکيل بزرگن جي ڪتبن تي لکيل اکر، گھٽي پاڻي ميسارجي چڪا آھن. ھنن ڪتبن تي ڪوبہ سن وغيرہ لکيل ڪونہ آھي، جو انھن مان ادوار جي سچي ۽ حقيقي معلومات ملي سگھي ھا. صرف مخدوم ميان علي محمد رحہ جن جي ڪتبي تي، وفات جو سال 1162 ھجري لکيل ھوندو ھو، جيڪو راقم پاڻ پڙھيو ۽ نوٽ ٻہ ڪيو، البت ھي سن بہ ھاڻي ڏھي چڪو آھي.

تبرڪات جون زيارتون:

موجوده ڪيريا بزرگ ميان پير محمد صاحب ۽ ان جي فرزند ميان جلال الدين ڪيريو صاحب، ھن تحقيق ۾ اسان جي پرپور مدد ۽ معاونت ڪرڻ فرمائي. جن بعد ۾ ڪجھ تبرڪات وغيرہ جون زيارتون بہ ڪرايون. اھڙين المبارک ۽ خوبصورت شين ۾، ھڪ عدد قرآن الڪريم جو رنگين قلمي نسخو بہ ڏيکاريو ويو. 676 صفحن تي آڌاريل ھن قرآن الڪريم جا پنا، ھٿ سان تيار ڪيل ھئا، جنھن تي لکجڻ جو سال ۽ ڪاتب جو نالو درج ڪيل ڪو نہ ھو. ان وقت جا عالم سڳورا، گھٽو ڪري نيکيءَ جا ڪم لکائيندا ھئا، يعني مخفي رکندا ھئا. سندن خيال ھوندو ھو تہ: "اُن جو اُجورو، فقط الله تبارک و تعالىٰ جي ذات با برڪات ئي ڏيئي سگھي ٿي. جنھن کي ظاھر ڪرڻ، نمائش جي ڏمري ۾ اڇي ويندو". ھڪ عدد دلائل الخيرات جي زيارت بہ ٿي. ھي رنگين قلمي نسخو، مخدوم محمد ھاشر ٺٽوي رحہ جن جي ھٿ اکرين لکيل ھو. ھڪ عدد عصا (لٹ) جي زيارت بہ نصيب ٿي. ھي عصا مبارک مخدوم ميان تاج محمد ڪيريو رحہ جن جي ھٿ استعمال ۾ ھوندي ھئي. اھڙيءَ ريت، ھڪ تسبيح مبارک، جيڪا عقيق جي ڳاڑھن وڏن تي مٹکن تي آڌاريل ۽ پوتل ھئي، ان جي بہ زيارت ڪرائي ويئي. ھي تسبيح مبارک شاھ عبد اللطيف ڀٽائيءَ رحہ، مخدوم ميان علي محمد ڪيريو رحہ جن کي، سوکڙي ڪري ڏني ھئي، جنھن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آھي.

آخري نتيجو:

"درسگاھ سريواريءَ" سن 1100 ھ کان 1110 ھجريءَ جي درميان قائم ٿي. ھن درسگاھ جو باني مباني مخدوم ميان محسن بن اوپايو رحہ ھو. ھن درسگاھ کي، مخدوم ميان تاج محمد بن مخدوم ميان علي محمد ڪيريو رحہ، پنھنجي علمي ڪماليت ۽ روحاني بصيرت وسيلي عروج تي پھچايو. ھتي سندن ۽ ھند جا ھزارين طالب، علم جي فيض مان سيراب ٿيا. ھتي نہ فقط ظاھري ديني علمن جو سبق پڙھايو ۽ سيکاريو ويندو ھو، پر روحاني صفتن تي آڌاريل، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جا درياءَ پڻ موجزن ھوندا ھئا.

هن درسگاھ ۾، شمس العالمين حضرت سيد محمد بقا شاھ (شهيد) "پٽ ڏڻي رحؒ"، شاھ عبداللطيف "ڀٽائي رحؒ"، حضرت مخدوم ميون عبد الرحيم "گرھوڑي رحؒ"، امام العارفين مجدد العصر سيد محمد راشد "روضي ڏڻي رحؒ"، حضرت سيد صبغت الله شاھ (اول) "تجر ڏڻي رحؒ"، امام العاشقين سيد علي گوھر شاھ (اول) اصغر سائين "بنگلي ڏڻي رحؒ" ۽ حضرت سيد حزب الله شاھ (مسڪين) "تخت ڏڻي رحؒ" جھڙا وڏا ڪامل، ولي، پير، بزرگ، اولياء ۽ زماني جا قطب تشريف فرما ٿيندا رھيا. جتان ڪان علم، فيض ۽ فڪر جا سرچشما ڦٽي نڪتا.

اڄا درسگاھ، هن وقت پوين پساهن ۾، ڳڇوڑي ٻيلي ۾ ساھ کٽي رھي آھي. اُن جي باقي بچيل بن ڏورن ڪنڊن جي غفائن ۾، چمڙا "چي چي" جو شور مچائي رھيا آھن. هي درسگاھ هن وقت ڏسندڙن جي لاءِ، صرف عبرت جو مقام آھي. جنهن کي ڏسي، عروج کي زوال ۽ زوال کي "فنا" جو تصور اپري اچي ٿو ۽ ڏسڻ سان لڳ ڪاندارجي وڃن ٿا.

تجويزون:

هن پرندڙ ۽ جھرندڙ درسگاھ جي، باقي بچيل عمارت کي بچائڻ خاطر، تمام تکڙا اُپاءَ ورتا وڃن. هن درسگاھ تائين پھچڻ لاءِ پڪو رستو ۽ رات رھڻ جي لاءِ، ھڪ عدد مسافر خانو پڻ تعمير ڪرايو وڃي، تہ جيئن مسافرن، محققن ۽ سياحن کي، رات رھڻ ۽ آرام ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. اسان جو ايندڙ نسل، تاريخ جا پيرا کٽي، هن عالمن ۽ بزرگن جي ڪيل خدمتن جو جائزو وٺي، ان مان فائدو ۽ لاڀ حاصل ڪري سگھي. پيٽ جي صاف پاڻي، وھنجڻ ۽ ڪپڙن ڌوئڻ جي لاءِ حوض ٺھرائي، ايندڙ زيارتين لاءِ، جوڳو بندوبست ڪيو وڃي.

حوالا، واڌارا ۽ وضاحتون:

1 : قادري، عبدالرسول، ڊاڪٽر، سنڌ جا ڪتبخانا، ص 113، شڪارپور: مهراڻ اڪيڈمي، (ڇاپو پھريون)، سال 2008ع.

2 : ايضاً، ص 112.

3 : ايضاً، ص 114.

4 : وفائي، دين محمد، مولانا، راحت الروح، ص 136، جام شورو سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو پھريون، سال 2006ع.

5 : ڏسو حوالو نمبر 1، ص 113.

6 : آريسر، عبد الواحد، سچ وڏو ڏوھاري آھي، ص 41، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، ڇاپو پھريون، سال 2007ع.

7 ۽ 8 : ايضاً.

9 : روايت هي ڳالھ ميان جلال الدين ڪيريو صاحب ٻڌائي ۽ چيائين تہ وڏن کان هلندي اچي.

10 : ايضاً.

11 : ڏسو حوالو نمبر 4، 136.

12 : ڏسو حوالو نمبر 9.

13 : ايضاً.

14 : ڏسو حوالو نمبر 1، ص 116.

15، 16، 17 ۽ 18 لاءِ، ڏسو حوالو نمبر 9.

ھي روايت مون (راقم) پنھنجن وڏن کان ٻڌي.
ھي روايت، درسگاھ جي موجوده ٻھاريدار، ميين محمد دائود کيريي صاحب نوٽ ڪرائي.
حيدري شمشير، سجاڳ سانگھڑ، ص 58، چپائيندڙ: سانگھڑ ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن، چاپو پھريون، سال 1974ع.
22 : محمد شريف، سانگھڑ سوونيئر، ص 35، چپائيندڙ: سانگھڑ ثقافتي ڪميٽي، چاپو پھريون، سال 1984ع.
23 : بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، شاھ جو رسالو، ص 36، حڪومت سنڌ: ثقافت ۽ سياحت کاتو، چاپو پھريون، سال 2009ع.
24 : ڏسو حوالو نمبر ۱، ص 111.
25 : ايضاً.
26 : ھي مشھور روايت آھي، جيڪا اسان کيترن ئي عالمن، اديبن ۽ سگھڑن کان ٻڌي آھي.
27 : ھي مشھور روايت آھي.
28 : ھي مشھور روايت آھي، جيڪا وري تفصيل سان، سيد دلاور شاھ ٽنڈي منا خان واري ٻڌائي.
29 : جنجھي الھ داد خان سگھڑ حاجي، شاھ جو گنج، ص 52، حيدرآباد: ڪويتا پبلشرز، وڏايل ڪلام سان گڏ. (چاپو پھريون)، سال2008ع.
30، 31، 32 ۽ 33 ايضاً.
34 : ھي بيت، منجيري جعفر خان ولد ميان جي حاجي حسين فقير لغاري پنيريءَ واري ٻڌايو ۽ چيائين تہ مون سگھڑن کان ٻڌو آھي.
35 : ھي بيت، حافظ اميد علي راجڙ صاحب، مھتمم مدرسہ صبغت النور کپري واري ٻڌايو ۽ چيائين تہ، اھڙا بيت مرحوم حاجي عبد القدوس راجڙ صاحب اسان کي ٻڌائيندو ھو.
36 : ايضاً.
37 : ڏسو حوالو نمبر23، ص 36.
38 : ڏسو حوالو نمبر9.
39 : ڏسو حوالو نمبر23، ص 54.
40 : ايضاً.
41 : بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر، شاھ جو رسالو، رسالي جو ڪلام، جلد ڏھون، ص 155، چپائيندڙ: علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد سنڌ: چاپو پھريون سال 1996ع.
42 : ھي مشھور روايت آھي.
43 : ڏسو حوالو نمبر28.
44 : ڏسو حوالو نمبر9.
45 : ھي مشھور روايت آھي.
46 : ڏسو حوالو نمبر9.
47 : ڏسو حوالو نمبر۱، ص 115.
48 : ايضاً.

49 : ڏسو حوالو نمبر1، ص 116.

50 : سکندري، نذر حسين، ڊاڪٽر، مکتوبات شريف روضي ڏٽي رحـ، ص 42، سانگهڙ سنڌ: مدرسـ صبغت الهدي، نيو ڪالوني شاهپور چاڪر.

51 ۽ 52 : ايضاً.

53 : ڏسو حوالو نمبر9.

54 : ايضاً.

55 : ڏسو حوالو نمبر50، ص 68.

56 : ڏسو حوالو نمبر9.

57 : ايضاً.

58 : ڏسو حوالو نمبر50، ص 123.

59 : ايضاً.

60 : ڪبر محمد بخش حاجي، ڪلام گرهوڑيءَ جو هٿ سان لکيل قلمي نسخو، ابتدائي پنا، لکت وارو سال 1360 هجري.

61 : هن فارسي خط جو ترجمو، مولوي احمد علي شر سکندري صاحب، عربي ٽيچر، نيشنل اسلاميـ هاءِ اسکول ڪپرو جن ڪري ڏنو.

62 : ڏسو حوالو نمبر23، ص 242.

63 : ڏسو حوالو نمبر1، ص 130.

64 : هي روايت، منجيري جعفر خان ولد ميان جي حاجي حسين فقير لغاري پنيريءَ واري نوٽ ڪرائي ۽ چيائين تـ اسان پنهنجن وڏن کان ٻڌي آهي.

65 : ايضاً.

66 : فهميده حسين پروفيسر، ڊاڪٽر، انسائيڪلوپيديا سنڌيانا، جلد چوٽون، ص 336، حيدرآباد سنڌ: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ڇاپو پهريون، سال 2012ع.

67 : ايضاً.

68 : ايضاً، ص 339.

(نوٽ: ان کان علاوه، جن مهربانن ۽ قدردانن هن مقالي لکڻ ۾، سڌي يا اڻسڌيءَ طرح سان، معاونت ۽ مدد ڪرڻ فرمائي، انهن جا اسم گرامي هن ريت آهن: ڏاڏو ميان پير محمد ڪيريو، ميان جلال الدين ڪيريو، ميان غلام رسول ڪيريو ۽ ميان محمد دائود ڪيريو سريواري، سيد دلاور شاهـ ٽنڊي منا خان وارو، محمد يوسف ڪيريو هارون آباد، حافظ اميد علي راجڙ صاحب مهتمـ مدرسـ صبغت النور ڪپرو، مولوي احمد علي شر سکندري صاحب عربي ٽيچر نيشنل اسلاميـ هاءِ اسکول ڪپرو، منجيري جعفر خان لغاري پنيري وارو، غلام عباس"عاجز ڪوکر" ڪپرو، محمد ايوب ولد محمد بچل لغاري پنيري وارو ۽ استاد حڪيم امام بخش مگريو ڪپري وارو شامل آهن. سندن وڏا وڙ ۽ لکين احسان.)


ڊاڪٽر رفيق احمد مگريو

(قسط_2)



ساهتيءَ جا مُلا مڪتب

ڊاڪٽر رفيق احمد جو تحقيقي مقالو "ساهتيءَ جا مُلا مڪتب" جنهن جي قسط-1 اسان "مهراڻ" جولاءِ- ڊسمبر 2018ع نمبر 3-4 ۾ ڏئي چڪا آهيون، هيءَ ان جي قسط-2 آهي، جا اڳين شماري سان گڏ پڙهي وڃي. - **ايڊيٽر**



بلا سکولس محرن نمبر ۲، مهڙ جون سنه ۱۹۳۱ء ۵


سنڌي خواندگي	تعلقو	نالو سڪونن جو	نالو مڙهن جو
۹۸	پنوعاقل	مولائي	عبدالحق
۲۳۲	"	ميان ٻڌ	غلام محي الدين
۷۸	"	جمع پانو	محمد ملوڪ
۱۳۰	"	ڪيرو ڪاريءَ	ملان سچو
۱۳۰	"	پنوهاري	محمد هارون
۱۱۰	"	مير گوٽ	محمد ايوب
۷۸	"	سلطان ٻور	محمد ابراهيم
۱۱۰	"	تواجا	محمد مبارڪ
۲۴۰	"	سڌايو ابڙو	مولوي احمد الدين
۲۶۶	"	حسون جاجڙ	ظهير الدين
۹۲	گهولڪيون	ميران جو ڏاڏو	جمع محمد
۰۰۰	"	ڏاڏي	محمد عثمان
۱۵۸	"	محمد خان گهولو	محمد يحيٰ
۱۵۵	"	صاحب خان گهولو	محمد حسن
۳۰۵	"	حسون پهلي	فتح محمد
۷۵	"	ٻڌل گهولو	جمال الدين
۱۰۵	"	جلال خان گهولو	عبدالله
۳۵۰	"	ٽوسٽ محمد ٻاهو	محمد عظيم
۰۰۰	"	شير مور	ڪريم
۱۱۰	"	عبدالله ڏکڙ	رڪن الله
۷۰	"	علي مهر	محمد هاشم
۸۰	"	مالڪ جاجڙ	ڪريم محمد قاسم
۱۴۲	"	عادلپور	غلام حيدر
۲۵	ٻيو جمس		محمد

ڳالھ نمبر	نالو ۽ ڄڻو	نالو سڪول جو	تعلقو	سالياڻي ڪرائت
۱۲۷	بادل	محمد صادق ڪانھر	روڊڙي	۱۴۲
۱۲۸	محمد مراد	ڊمرڪي	اُماوڙو	۱۰۰
۱۲۹	مولوي محمود	"	"	۵۰
۱۳۰	حاجي احمد	فتاح پور	"	۹۰
	ضلع نواب شاھ.			
	محمد پريل	پدواڙي	ڪنڊيارو	۱۴۰
	محمد عرس	سومر جٹڙ	"	۳۰۲
	محمد صديق	عليم	"	۱۱۰
	نور محمد شاھ	بخشيو سيال	"	۳۰
	عبدالرؤف	بازيد پور	"	۱۴۵
	دوست علي	خانواھڙ	"	۳۸۰
	امام بخش	"	"	۲۱۵
	احمد	بھارو ملاڻ	"	۳۰۵
	حبيب الله	محمد خان آگرو	"	۳۲۰
	محمد جعفر	محمد علي ميمڻ	"	۳۳۵
	محمد صديق	ڊرھيلو پراٹو	"	۱۹۷
	عبدالغفور	مياڻي حاجي ميربحر	"	۱۳۰
	محمد اسماعيل	سھب ڏنڙ	"	۷۵
	محمد ارباب	نبھند و اُجڙ	"	۹۰
	محمد ملوڪ	حامد اُجڙ	"	۲۱۸
	محمد راڄل	ڪومگريو	"	۷۵
	رضا محمد	سانول مگريو	"	۱۰۰
	مولا بخش	محمد خان رند	"	۱۰۰

جرون نمبر	نالو ملہ جو	نالو سکول جو	تعلقہ	سائیز
١٩	الهڈنہ	سائیںداد جلبانی	کنڈیارو	٣٥
٢٠	مولوي نوراللہ	پیر مهدي شاه	"	٥٠
٢١	محمد	بگو ڈڑو	"	١٠
٢٢	عزیز الله	میر محمد سیال	"	٣٠
٢٣	محمد صالح	کاٹیا کلهوڑا	"	٢٥
٢٤	محمد صدیق	بکري	"	٦٥
٢٥	مائي مریم	سومر جٹڑ	"	٦٠
٢٦	خوش محمد	پریو لعل	"	١١٩
٢٧	شفیع محمد	سعار ڈنہ مگریو	"	٥٠
٢٨	عبدالحق	هالاڻي	"	١٠٠
٢٩	گل محمد	ڈوہل	"	٩٠
٣٠	حافظ عبدالحکیم	نوشهرو فیروز	نوشهرو فیروز	٢٦٨
٣١	حاجي دوست محمد	ڈنگراچ	"	١٩٠
٣٢	احمد خان	دالي	"	٢٣٥
٣٣	حاجي محمد یعقوب	نوازیریان	"	٣٨٢
٣٤	محمد صالح	سلیمان ڈهراج	"	١٣٨
٣٥	حافظ الهڈنہ	ڈامرو	"	٧٥
٣٦	مولوي کریم ڈین	جتو کوسہ	"	٩٣
٣٧	عبدالحمید	پٹو	"	٩٥
٣٨	محمد فاضل	دربیلو نگون	"	٢٢٥
٣٩	مولوي محمد عثمان	علیجان پرت	"	٨٠
٤٠	حافظ محمد جڑیل	یعقوب تنیم	"	٣٩٥
٤١	محمد عیسیٰ	گوڑیجا یان	"	٣٥
٤٢	سائیںبخش	خالڈنہ راجپر	"	٩٤

سلسلي نمبر	تالوڪا جو	تالوڪا سکول جو	تعلقو	سالياني کرايت
۴۳	غلام نبي	مجور	نوشهرو فيروز	۲۰۷
۴۴	مولوي غلام رسول	مٺياڻي	"	۱۳۰
۴۵	محمد سليمان	ٻانهو ڪولاچي	"	۵۵
۴۶	حافظ محمد اسماعيل	ڪاهي راهو	"	۲۲۰
۴۷	مولوي محمد صادق	موريا	"	۱۰۵
۴۸	محمد داؤد	موسو ٻهوڙ	"	۹۶
۴۹	حافظ عبدالله	نوشهرو	"	۳۴۶
۵۰	ٻاجو خان	سڄاول خان مشوري	"	۲۰۲
۵۱	ماڻي شاه خاتون	علي بخش لاوڪ	"	۱۹۰
۵۲	ڪاڪي بخش	ڊينگو	"	۷۲
۵۳	ڪرم الله	پورٽي	"	۹۰
۵۴	عبيدالله	نوريا	موري	۷۲
۵۵	حافظ محمد	ٻوڪ	"	۴۳۵
۵۶	محمد صديق	دودو ڳهيو	"	۳۵
۵۷	الهي بخش ابوبڪر	ٽوڙها	"	---
۵۸	محمد مائڪ	موري	"	۲۸۰
۵۹	مولوي ولي محمد	سردار خان لغڙي	"	۱۵۸
۶۰	حاجي محمد عثمان	فطاشاه	"	۱۴۰
۶۱	حافظ محمد داؤد	نمر	"	۱۳۲
۶۲	عمر دين	مماڻي آندل	"	۹۰
۶۳	حافظ محمد قاسم	صاحب خان جانڊيو	"	۲۳۰
۶۴	مولوي محمد عمر	باغ مائڪ	"	۹۵
۶۵	حافظ محمد عمر	جام ڊونگ	"	۷۰
۶۶	حافظ پير محمد	ٻڊو ڪاهري	"	۱۱۲

L (iv) 214—2



جرڀان نمبر	سنڌي جو	ڏاڙهو سڪون جو	ٽوپي	سالياڻو
۶۷	حافظ ڏاڍي بخش	نندگو پکان	هورو	۳۵
۶۸	حافظ محمد اسماعيل	سامائلو جليسر	"	۸۲
۶۹	مولوي عبدالرحمان	گدوهر خان عالماڻي	"	۵۲
۷۰	عرض محمد	ملڪ نوان	"	۳
۷۱	حافظ محمد حمزو	خير محمد هوڪ	"	۲۰۰
۷۲	عبدالرحمان	مقير ڏاهري	"	۲۰
۷۳	مولوي عبدالله	الله بخش کهر	ڪوٽ	۲۱۵
۷۴	حاجي عبدالله	هڙو زرداري	"	۲۰
۷۵	محمد حامد	لونگ سومرو	"	۳۰
۷۶	محمد حسن	پهون گدارو	"	۱۰۰
۷۷	محمد هارون	نڏو	"	۲۰
۷۸	خير محمد	ڏيرا	"	۶۰
۷۹	محمد -ومر	نيماهو پورو	"	۸۷
۸۰	عباس ملهياڻا	ڏنگ	"	۱۰
۸۱	احمد بخش	-ونو زرداري	"	۳۰
۸۲	پريل شاه	پير عبدالله	"	۳۰
۸۳	محمد قاسم	نورپور	"	۱۰۰
۸۴	مائي حوا	ماوي ساڻي	"	۳۰
۸۵	مائي سبهاڻي	ماڙي جلهاڻي	"	۵۰
۸۶	مولوي عنايت الله	ملا ساند	شهدادپور	۲۱۰
۸۷	جمال الدين	بهادر خان ڪلوئي	"	۳۶
۸۸	محمد علي	حاجي کهڙو جعوئي	"	۴۹
۸۹	غلام علي	دين محمد ڪاڪيپوٽر	"	۵۰
۹۰	الهڪير	مالڪ ٿهيم	"	۲۹

سيريل نمبر	نالو ماڻهو جو	نالو سکول جو	تعلقو	سالياني گرانٽ
۴۹	قادر دين	نارو خان ٿهيم	شهدادپور	۱۰۰
۵۰	غلام رسول	سومر فقير هنگورو	"	۷۵
۵۳	محمد موسيٰ	پيروز شاه پارسي	نوابشاه	۳۰۰
۹۴	احمد	ديوان کوڙو مل	"	...
۹۵	محمد قاسم	گهنيل ٽڙ	"	۱۲۰
۹۶	عبدالله	ديه نمبر ۲۰	سنجهورو	...
۹۷	بهادر خان	ديه نمبر ۲۳	"	...
۹۸	عبدالغني	تندو آدم ميونسپالٽي	شهدادپور	۱۷۵

لاڑڪاڻي ڊويزن ۾ سال ۱۹۳۰-۳۱ جي ملهل گرانٽ.

جوڙائي نمبر	تعلقو	مڪتب	نالو مڏجو	سالياني جلوجي گرانٽ	گرانٽ
۱	ڏاڙو	ڪريمداد لمبڙ ...	احمد خان ...	۹۰	...
۲	"	ملڪاڻي ...	حافظ محمد	۲۲۰	...
۳	"	چاڻو ...	حاجي احمد	۳۳۵	...
۴	"	آدم پنهور ...	نور محمد ...	۲۵۵	...
۵	"	هافر جو گوٺ	حافظ محمد عثمان	۵۰	...
۶	"	ڪاراڻي ...	ملان پنهو ...	۱۰	...
۷	"	لعل بخش شاهاڻي	عبدالماجيد	۱۰۰	۱۵
۸	"	سيا گو پنهور	حافظ محمد صديق	۸۵	...
۹	"	پير بخش پير بخش	محمد يعقوب	۷۰	...
۱۰	"	سامتاڻي ...	ولي محمد	۹۵	...
۱۱	"	الهه آباد ...	محمد قاسم ...	۱۱۰	۱۵
۱۲	"	محمد علي پڙدي	محمد ابراهيم	۱۶۰	۱۰
۱۳	"	گوٺ پرگڙي	علي محمد ...	۷۵	۱۵


حریان نمبر	تعلقہ	مکتب	نالو مدیو	سالیانی مقرر کرایت گ
۱۴	دادو	فتح خان زأور ...	عبدالله ...	۲۵
۱۵	"	جاکر لغد ...	محمد یونس ...	۲۷
۱۶	"	میرو خان لغد ...	محمد عثمان ...	۸۰
۱۷	"	یار محمد کلهوڑو ...	علي محمد ...	۱۹۵
۱۸	"	گٹیاجا ...	ڏني بخش ...	۸۰
۱۹	"	لطف علي بلد ...	آخوند نظام الدین ...	۹۵
۲۰	"	ٻات ...	قاضي عبدالحق ...	۲۰۰
۲۱	"	ٻات ...	مسز خانم محمد ...	۲۰۰
۲۲	"	پرائلو ڈیرو ...	حاجي محمد ...	۱۹۵
۲۳	"	دادو گراس ...	مائي هدایت خاتون ...	۱۱۰
۲۴	"	محمد حسن سهال ...	محمد حسن ...	۳۵
۲۵	"	جان محمد خدک ...	محمد ابراهیم ...	۳۵
۲۶	"	کڏي ...	محمد قاسم ...	۰۰
۲۷	"	غلام نهور ...	شیر محمد ...	۸۰
۲۸	"	صوفا ٻي ...	حافظ حمزو ...	۲۰
۲۹	"	گل محمد گسي ...	محمد ایوب ...	۱۰۰
۱	جوهي	شیر محمد جمالي ...	مولوي علي محمد ...	۱۱۰
۲	"	ولیو اهر ...	مولوي ضیاالدین ...	۱۱۰
۳	"	ڏگهي اهر ...	حاجي خان ...	۵۰
۴	"	صاحب خان لغاري ...	مولوي ولي محمد ...	۱۲۵
۴	"	ٻاڏيال ...	جاکر علي ...	۴۵

جراثی نمبر	تعلقہ	مکتب	ملوط بو	مطالبہ کرانٹ	جاری کرانٹ
۱	جوهي	ناري	الهه ورايو	...	...
۲	"	شاديڙ	مولوي نور محمد ...	۸۰	...
۳	"	مرادخان جمالي ...	مولوي الهه بخش ...	...	...
۴	"	پيرسلي شاه	مولوي اميرشاه ...	۳۰	...
۵	"	مٺيروخان	حافظ تاج محمد ...	۵۰	...
۶	"	الهه بچايو بهنور ...	حافظ خوش محمد ...	...	...
۷	"	آمريا	محمد صديق ..	۴۰	...
۸	"	گوٺ مٺيروخان ...	محمد رمضان ...	۴۰	...
۹	"	بهاولپور	ولدبخش	...	...
۱۰	سکڙ	هوڙو گاڏاهي ...	محمد قاسم	۴۲۰	...
۱۱	"	ملک	محمد صالح ...	۳۰	...
۱۲	"	گل هنگ	تاج محمد ...	۲۰۰	...
۱۳	"	رضا محمد ڏيرو ...	مولوي محمد قاسم ...	۱۵۰	...
۱۴	"	سلطان چانڊيو ...	عبدالرحمان ...	۳۶	...
۱۵	"	جکرو	الهه بخش ...	۱۲	...
۱۶	"	ڪمل ميربحر ...	مولوي نور محمد ...	۴۰	
۱۷	"	فتح خان گاڏاهي ...	حاجي حمير ...	۹۰	
۱۸	"	بهاڙپور	درمحمد	۴۰	
۱۹	"	قمبرهيڏون ...	عبدالغفور	۵۵	
۲۰	"	گڏيو غلام الله ...	محمد اسحاق ...	۱۲۵	
۲۱	"	فضل محمد برڙي ...	حاجي خوش محمد ...	۲۰۰	۱۵۰

جریان نمبر	عنصر	مکتب	نالو ملا جو	سالیانی حاصل گرانٹ
۱۳	ککڑ	محمد چھ ...	حمید اللہ ...	۵۵
۴	"	غلام داد لغاري	وڈیرہ پیارو خان	۲۵
۱۵	"	جمع لاکیر ...	مولوي ڈین محمد	...
۱۶	"	گاڈهي جي کور	مولوي خیر محمد	۵۰
۱۷	"	اندریان لنگا	جٹن شاہ ...	۲۰
۱۸	"	کریمداد خان لغد	محمد مرید	۵۰
۱	قنبر	ہیر ...	جان محمد ...	۳۰
۲	"	نوڑي سهراب	خدابخش ...	۸۰
۳	"	سارنگ ...	حاجي محمد بچل	۳۰
۴	"	مراد خان جاگیرانی	چھیسر ...	۵۰
۵	"	الہ بخش امر	اسماعیل ...	۵۵
۶	"	حمزو جھو ...	مولوي جان محمد	۵۵
۷	"	پسگر ...	محمد نواز ...	۹۵
۸	"	کرم ساریو	کریم بخش	...
۹	"	گل محمد جاگیرانی	محمد نواز ...	۷۰
۱۰	"	مستوئي ...	مولوي محمد	...
۱۱	"	ڈنل راڑو ...	محمد ابراهیم	۴۰
۱۲	"	گهتهر ...	رازق نر ...	۹۵
۱۳	"	علي خان ...	حافظ محمد صالح	۳۰
۱۴	"	کدور ...	مولوي امید علي	۴۰
۱۵	"	ماوندو لاکو ...	غلام رسول ...	۵۰

جريان نمبر	تعلقہ	مڪتب	نالو ماڻهو	سالياني ڪرائي	خاص ڪرائي
۱	لڏيرو	ڪيڙا ...	غلام سرور ...	۱۱۰	...
۲	"	سونو گاڏهي ...	ولي محمد ...	۲۲	...
۳	"	ڪاراڻي ...	حاجي علي بخش	۳۰	...
۴	"	جڪرو ...	محمد اسماعيل	۵۵	...
۵	"	حاجي لعل بخش شيخ ...	خلفو محمود	۸۵	...
۶	"	غلام حسين ٻٽ ...	نور محمد ...	۱۲۰	...
۷	"	ڏڙا ...	الهه بخش ...	۳۴۰	...
۸	"	ڳاڇهڙ ..	رضا محمد ...	۲۵	...
۹	"	راهو جا ...	ملان متو ...	۹۰	...
۱۰	"	فاضل ڪلهوڙو ...	محمد نواز ...	۱۲۵	۵۰
۱۱	"	ڪاروا ...	مولوي مهون	۱۶۵	...
۱۲	"	لوهيجاڻي ...	محمد بچل	۶۰	...
۱۳	"	احسان واهڻ	حاجي محمود	۲۵۰	...
۱۴	"	ڪنوري ...	غلام الله ...	۸۵	...
۱۵	"	جدا ماچي ...	عبدالوهاب ...	۲۶۰	۷۵
۱۶	"	نوآباد ...	فقير محمد خان	۴۳۵	...
۱۷	"	لعل بخش برڙو	محمد ايوب	۷۶	...
۱۸	"	ملان ابڙا ...	ڪڻي بخش	۱۰۵	...
۱۹	"	محراب سدد يلو	عبدالڪريم	۱۴۰	...
۲۰	"	امام بخش برڙو	محمد ابراهيم	۷۵	...
۲۱	"	ميو عاريجا...	محمد ابراهيم	۱۳۰	...

جریان نمبر	تعلقہ	مکتب	نام و مذهو	سالیانی گرانٹ
۲۲	ابد ریاہ	نورپور ...	محمد هاشم ...	۵۵
۲۳	"	کوهارا ...	محمد الیاس ع امام الدین	۸۰
۲۴	"	گیرباو ...	حافظ امام الدین شاہ ...	۵۰
۲۵	"	پدی ...	لعل بخش ...	۵۰
۲۶	"	تاڑی ...	محمد صالح ...	...
۱	لاڑکانہ	مسوحب ...	حافظ محمد ...	۳۰
۲	"	جوهڑپور ...	آخوند احمد ...	۶۰
۳	"	لڈو کلهوڑو	محمد محسن ...	۸۵
۴	"	رشید گاجراني	علام رسول ...	۱۹۰
۵	"	پیٹھڑو ...	گل محمد ...	۳۰
۶	"	پیٹرا ...	عبدالغني ...	۴۲۰
۷	"	دولت کوڑو	رحیم داد ...	۱۱۵
۸	"	اسماعیل خان کرسو	محمد اسماعیل ...	۲۰
۹	"	مذیر دیرو ...	حاجي فقیر محمد ...	۱۳
۱۰	"	شیر محمد ماڑي	مولوي محمد پناہ ...	۹۵
۱۱	"	سعادڑ نر سانگي	عبدالوهاب ...	۱۱۰
۱۲	"	ماریجا ...	محمد عیسای ...	۳۷۰
۱۳	"	ڈکریو ڈیسر	قادر بخش ...	۱۷۰
۱۴	"	وکیا سانگي	فقیر محمد ...	۳۰
	جمڑاؤ	آدل تعیر ...	محمد صدیق ...	۹۵
۲	"	ڈاهر گورڑ ...	محمد پریل ...	۲۳۰



جلد ۱۱۸ — پاکستان ریویو نمبر ۱۱ جلد ۱۸ نمبر ۱۱ نومبر ۱۹۶۹ء — ۲۱

نمبر شمار	تعلق	مکتب		نام مادر		سالانہ جلد کی گرانٹ	
۳	میڈل	گہاڑی ...	...	غلام محمد ...	...	۲۲۰	..
۴	"	صوبو خان مگسی	...	عبدالکریم	...	۲۲۰	..
۵	"	گاهی میسر	...	عبدالوهاب ...	...	۱۰۵	..
۶	"	پیارو ترک	...	حاجی الهرکیو	...	۷۰	..
۷	"	میر رند ...	...	محمد عثمان	...	۶۰	..
۸	"	واری جو گوٹ	...	ولی محمد ...	...	۱۲۰	۱۵۰
۹	"	والیشاه ...	..	لطف علی ...	...	۸۰	..
۱۰	"	سید پور ...	...	مولوی فضل محمد	...	..	..
۱	میرپور خاص	تیرهن پور ...	...	الهه بخش ...	...	۱۸۰	..
۲	"	ٹب جانڈیو	...	مولوی قادر بخش	...	۷۰	..
۳	"	بکر میسر ...	...	احمد علی ...	...	۶۰	..
۴	"	شهر پور ...	...	وزیر خان ...	...	۳۵	..
۵	"	ہلی ...	...	مولوی دین محمد	...	۷۰	..
۶	"	یحیو خان جانڈیو	...	خوش محمد	...	۷۵	..
۷	"	مبارک کاهوڑو ۱	...	حاجی محمد شریف	...	۱۰۵	..
۸	"	مبارک کاهوڑو ۲	...	مائی هدایت خاتون	...	..	..
۹	"	علی محمد سومرو	...	محمد عثمان	...	۶۰	..
۱۰	"	لعل بخش میسر	...	عبدالکریم	...	۵۰	..
۱۱	"	دلیل خان ارڑ	...	محمد رمضان	...	۵۰	..
۱۲	"	دودو خان گوہانگ	...	عرض محمد	...	۴۰	..
۱۳	"	محمد جوٹیجو	...	غلام حسین	...	...	..


سیریل نمبر	تعلقہ	مکتب	نالو مدجو	حالیاني کرانٹ	جملہ کوٹہ
۱۴	میرو خان	عرضي ہٹو ...	... غلام نبي ...	۸۰	
۱۵	۱۱	محمد صدیق جوٹیجو ...	خدا داد ...	۲۰	
۱۶	۱۱	میرو خان ...	... غلام مصطفیٰ	۲۵	
۱۷	۱۱	قادر بخش جانیجو ...	... مولوي گل محمد	۳۵	
۱	رتو ڈیرو	گھانگھرا ...	... عبداللطیف ...	۵۰	
۲	۱۱	وسایو جمپیر ...	... ولي بخش ...	۱۵۰	
۳	۱۱	عثمان انڑ ...	... محمد قاسم	۲۰	
۴	۱۱	کوٹ واحد بخش ہٹو ...	... محمد فاضل	۴۰	
۵	۱۱	ہدو جاماڑي ...	... محمد وارث	...	
۶	۱۱	ہیڑ جویو ...	... عبدالحکیم	۱۰	
۷	۱۱	چنگل ...	... مولوي حبیب اللہ	۳۵	
۸	۱۱	مسو ڈیرو ...	... عطا محمد ...	۲۸۰	
۹	۱۱	الہ ڈنو بخش آرباڑي	... محمد پناہ ...	۶۰	
۱	سیوہڑ	ہلوڑ ...	... آخوند محمد	۲۰	
۲	۱۱	ڈان ...	... مولوي محمد	۱۵۵	
۳	۱۱	کرمپور ...	... عبدالحي ...	۲۰	
۴	۱۱	میاڑي آریسراہ	... محمد حسن	۳۸۰	
۵	۱۱	کوٹ لشاري	... پیر بخش ...	۱۴۰	
۶	۱۱	گنھور ...	... ڈیر محمد ...	۲۳۰	
۷	۱۱	ہلا واہپور ...	... حافظ محمد ابراہیم	۵۰	
۱	وارہ	نصیر آباد ...	... مولوي عطا محمد	۳۵۰	

جريان نمبر	تعلق	مکت	نالو ملاجو	ڪالهي ڪرائڻ	ڏاڻ جي ڪرائڻ
۲	واره	ڪهاڙي ...	محمد صديق ...	۱۳۰ ...	...
۳	"	ڪنڊو ...	عبدالرئوف ...	۹۵ ...	...
۴	"	پيڙهو ...	محمد شاه ...	۱۰۰ ...	...
۵	"	مڱڻهار ...	محمد ابراهيم ...	۷۵ ...	...
۶	"	ڪنڊو ڏيرو ...	مولوي محمد ...	۵۵ ...	...
۷	"	ڪلاڻي ...	عبدالخالق ...	۱۳۰ ...	۱۵۰
۸	"	ڪڏهري ...	محمد ملوڪ ...	۱۵۰ ...	...
۹	"	لولي مصري نمبر ...	محمد داؤد ...	۳۵ ...	...
۱۰	"	الهڪير جلباڻي ...	عبدالڪريم ...	۴۰ ...	...
۱۱	"	جانو محمد جاڻيو ...	غلام صديق ...	۱۰۰ ...	...
۱۲	"	مياداد جنجهڻي ...	محمد خان ...	۴۵ ...	...
۱۳	"	ياروڏيرو ...	مائي آمنت ...	۱۳۰ ...	...
۱۴	"	وگهڙ ...	محمد عظيم ...	۸۰ ...	...
۱۵	"	سيد تاج محمد شاه جو گوٺ	حاجي يار محمد ...	۵۰ ...	...
۱۶	"	ڀلمداڻي ...	حاجي يونس ...	۷۰ ...	...
۱۷	"	مسو جلباڻي ...	غلام رسول ...	... ...	...
۱۸	"	بهاول خان گورڙ ...	محمد پريل ...	... ...	...
جڪب آباد		ولي محمد پرڙو ...	مهر الله ...	۶۰ ...	...
۱۷		دلمراد ڪوسو ...	غلام مصطفيٰ شاه ...	۶۵ ...	...
۱۸		لورهوڙ ...	رضا محمد ...	۳۰ ...	...
۱۹		فضل علي سوهرو ...	فقير محمد ...	۷۰ ...	...

حریان نمبر	تعلقہ	مکتب	نالو مٹ جو	سالیانی جمع کرائت	جمع کرائت
۵	جھک آباد	جھانپور	... پیر محمد شاہ	...	...
۶	"	رن جي واڈي	... دین محمد ...	۴۵	...
۷	"	محمد پور اڈو	... غلام محمد ...	۳	...
۸	"	احمد خان کوسو	... غلام رسول ...	۳۵	...
۹	"	سانوڻ لشاري	... محمد صالح	۲۰	...
۱۰	"	حاجي مريد خان جمالي ...	غلام محمد ...	۴۵	...
۱	کمد کوٹ	پريو سهريا طي	... غلام رسول ...	۲۸۰	...
۲	"	صلاحي ملک	... سومر ...	۸۰	...
۳	"	معاطي ٹوڑي	... عبدالخالق ...	۱۰	...
۴	"	بلدد خان باجکاطي	... محمد علي ...	۱۰	...
۵	"	فلدد بخش لهر	... مسز عبدالله ...	۱۲	...
۶	"	سبزل گبول	... حبيب الله ...	۵	...
۷	"	عبدالله کوسو	... خالقداد ...	۲۰۰	...
۸	"	گهٹو کوسو ...	علي مزاد ...	۱۰	...
۹	"	غلام قادر حاجاطي	... تاج محمد ...	۴۲۰	...
۱۰	"	فتح محمد خان بجارانی	حافظ محمد عباس	۵	...
۱۱	"	آرائين ...	... مولوي عطا محمد	۷۰	...
۱۲	"	دودو لوگاهي	... الهڈنو ...	۱۱۰	...
۱۳	"	آدم خان کوسو	... محمد حسن	۵۰	...
۱۴	"	جهان خان بگوار	... حافظ محمد يعقوب	۴۰	...
۱۵	"	رئيس فالو خان	... علي بخش ...	۳۵	...

جرمانہ نمبر	تعلقہ	مکتب	نالو صاحب	سالیانہ گرانٹ	جاری گرانٹ
۱۶	کنڈ کوٹ	لیڈکر خان ہجاراٹی ...	جان محمد ...	۳۵ ...	...
۱۷	"	سراج الدین کوسو ...	عبدالرزاق ...	۷۰ ...	...
۱۸	"	گردو ...	حافظ عبدالرحیم ...	۳۰ ...	...
۱۹	"	الہ ڈنہ خان کوسو ...	فیض محمد ...	۷۰ ...	...
۲۰	"	دوست خان ہجاراٹی ...	رضا محمد ...	۳۰ ...	...
۲۱	"	جیتو ماک ...	فقیر محمد ...	۸۵ ...	...
۲۲	"	پیر جان خان باجکانی ...	غلام نبی ...	۷۵ ...	...
۲۳	"	پیار خان ہجاراٹی ...	محمد اسحاق ...	... ...	...
۲۴	"	شوٹ پور ...	الہ بخش ...	۶۵ ...	...
۲۵	"	فتح خان کوسو ...	خان محمد ...	۷۵ ...	...
۲۶	"	کامران خان باجکانی	مولوی میر محمد ...	۲۵ ...	...
۲۷	"	حاجی محمد امین کوسو	نصیر الدین ...	۴۰ ...	...
۲۸	"	ولی محمد خان کریو ...	عبدالغفور ...	۴۵ ...	...
۱	کندھور	پانڈی کلوو ...	مولوی محمد یونس ...	۱۰۰ ...	...
۲	"	سیرون ...	رسول بخش ...	۶۵ ...	...
۳	"	رئیس قاسم رئیس حاکم	سومر ...	۶۵ ...	...
۴	"	کشمور ...	مائی عظمت ...	... ...	...
۱	بھیداد کوٹ	جمعہ خان جروار ...	ڈھلی بخش ...	۱۱۰ ...	...
۲	"	گل محمد جروار ...	الہ ورایو ...	۲۵ ...	...
۱	ڈل	لعل کلو ...	محمد میسرلی ...	۸۵ ...	...
۱۱	"	رنگی بار ...	گل محمد ...	۹۰ ...	...

جریان نمبر	تعلقہ	مکتب	نالو ملا جو	سالیانی کرانت	جلسے گزشتہ
۳	ٹل	واحد بخش کوسو ...	جمال الدین ...	۳۰ ...	...
۴	"	باموخان کوسو ...	محمد قاسم ...	۱۱۵ ...	...
۵	"	گل محمد خان کوسو ...	مولوي احمد ...	۵۰ ...	...
۶	"	گل بیگ کوسو ...	محمد رمضان ...	۸۰ ...	۵
۷	"	وارث ڈنر نوناري ...	عبدالغفور ...	۱۰۵ ...	...
۸	"	غلام علي کتو ...	محمد پناه ...	۷۵ ...	...
۹	"	حاجي تگیوخان کوسو ...	مولوي فیض محمد ...	۱۰۰ ...	...
۱۰	"	الهورایوخان ہرڑو ...	صوبدار ...	۷۰ ...	...
۱۱	"	لشکرخان بنگلاٹي ...	مولوي عطا محمد ...	۱۲۰ ...	...
۱۲	"	محمد رحیم خان کوسو ...	الهداد ...	۲۰ ...	...
۱۳	"	عبدالرحیم اوڈاٹو ...	محمد عثمان ...	۳۰ ...	...
۱۴	"	راجوخان بنگلاٹي ...	نصرالله ...	۸۰ ...	...
۱۵	"	جعوخان بلمبل ...	حافظ شفیع محمد ...	۲۵ ...	...
۱۶	"	محمد پناه خان کوسو ...	عبدالرحیم ...	۳۰ ...	...
۱۷	"	امیر بخش نوناري ...	خیر محمد ...	۴۰ ...	...
۱۸	"	کریم بخش سرکي ...	شریف الدین شاه ...	... ...	...
۱۹	"	دین محمد کوسو ...	عبدالعزیز ...	۲۰ ...	...
۲۰	"	هدا بخش نوناري ...	محمد حسین ...	۵۰ ...	...
۲۱	"	آدم خان جونیجو ...	الهیل بخش ...	۳۰ ...	...
۲۲	"	سائیڈنر نوناري ...	محمد عثمان ...	۵۰ ...	...
۲۳	"	نصیر محمد ڈول ...	هدایت الله ...	۲۵ ...	...



جلد ۱۲. ملاسکولس مخزن نمبر ۱۱. مهنو نومبر سنه ۱۹۳۱. ۲۰۷

جريان نمبر	تعلقه	مکتب	نالو ملا جو	سالياني گرانٽ	ماڻ جي گرانٽ
۱	لاڙڪاڻو ميونسپالٽي	ديشي مدرسه لاڙڪاڻو ...	سيٺ احمد الدين ...	۹۰۰	...
۲	۱۱	علي گوهر آباد ...	حاجي الهڏنو ...	...	...
۱	قنبر ميونسپالٽي	قنبر	علي حسن شاه ...	۲۰۵	...
۱	سيوهڻ ميونسپالٽي	سيوهڻ	غلام الله ...	۱۳۵	...
۶	۱۱	سيوهڻ	حافظ فيض محمد ...	۱۳۰	...
۱	جوڪب آباد ميونسپالٽي	يعقوب خان جيڪب آباد ...	مولوي گل محمد ...	۶۰	...

مٿي ذکر ڪيل انهن ملا مکتبن کان سواءِ سنڌ ۾ پيا اسڪول به هئا: جيئن لوڪل بورڊ اسڪول،[1] ورنيڪيولر اسڪول،[2] اينگلو ورنيڪيولر اسڪول،[3] سرڪاري اسڪول،[4] آل انڊيا محمدن

---

[1] سن 1888ع ۾ ملڪه برطانيه کان سنڌ ۾ لوڪل بورڊ جي منظوري ورتي وئي، جنهن هيٺ هر زميندار کان ڏل ۾ ڏهه روپيه لوڪل فنڊ (Local cess) طور اڳاڙي ڪري هن ريت تن پاڻ ۾ ورڇيو ويندو هو:
عوامي ڪر: (Public works) ان تحت سرڪاري بنگلا جيئن ريسٽ هائوس ۽ سرڪٽ هائوس ٺهرائڻ ۾ ايندا هئا.
عوامي صحت: (Public health) اسپتالون، ڪوهه نول ۽ ناليون ٺهرائيبون هيون.
عوامي هدايات: (Public instructions) هن هيٺ اسڪول ۽ مکتب جي اڏاوت، مرمت، استادن جي مقرري، پگهار ۽ نصاب وغيره اچي ٿي ويو. ڊرام

[2] هتن اسڪولن ۾ ڪجهه پهريون، پڪو پهريون ۽ ٽي سال پيا پڙهائي امتحان ڏيارېو هو، جيتوڻيڪ هن ۾ لڳي ٿه پنج سال ئي ويندا هئا پر چئبو چئن درجن وارو امتحان هو. ڊرام

[3] ورنيڪيولر واري امتحان کان پوءِ مزيد به سال پڙهائي فائينل ڏيارېو هو، هن ۾ ورنيڪيولر وارا پنج ۽ اينگلو ورنيڪيولر وارا ٻه سال گڏي جملي ست سال ڪپايا ويندا هئا. هي امتحان نهايت ئي ڏکيو ۽ معياري هوندو هو،جو ڳوڻن جي شاگردن کي جاتي به ڪنهن هوشيار ۽ ماهر استاذ جو ڏس پوندو هو ته، پنهنجو لٽو ڪپڙو ۽ سفري سامان سان ڪٽي اچي انهن ڳوڻن ۾فائينل جي تياري ڪندا هئا. اهڙا شاگرد ساهتي پرڳٽي جي ڳوٺ "بازيدپور" ۾ ملا مکتب جي استاد آخوند عبدالرؤف مگريو ۽ نائب ملا آخوند تاج محمد (نالي چگو) وٽ تياري ڪرڻ لاءِ ايندا هئا. ڊرام

[4] جيئن ته هي اسڪول پري پري هوندا هئا. سو فائينل ڪرڻ کان پوءِ ميٽرڪ جو امتحان ڏيو هو ۽ هي امتحان بمبئي سرڪار ونڊي هئي. جنهن جو امتحاني مرڪز پڻ بمبئي ۾هوندو هو. جو هتان جا شاگرد پاڻي وارن جهازن ذريعي اتي امتحان ڏيڻ ويندا هئا. تن مان ڪي وڃي پاس ٿيندا هئا ۽ ان وقت ميٽرڪ پاس ڪرڻ وڏي غنيمت هوندي هئي. ڊرام

ائسوسئيشن جا اسڪول، سنڌ محمدن ائسو سئيشن جا اسڪول، هندو سيڻين طرفان اڏيل اسڪول، مشني اسڪول، ۽ اسلامي تنظيمن پاران قائم ڪيل اسڪول" به پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ڪم ڪندا هئا.

جيئن ته مُلا اسڪول جي استادن جو ڪو به لڳاتار پگهار نه هو، رڳو ڪين پارن جي داخلا، انسپيڪٽر جي رپورٽ ۽ شاگردن جي ڪاميابي تي سالياني امداد (Grant) ملندي هئي پر ڪن خاص حالتن ۾ هن گرانٽ کي ڇماهي به ڪيو ويندو هو، جي وري ڪنهن مڪتب ۾ پار گهٽا هوندا هئا ته اتي وري وڌي مُلا کي "نائب مُلا" رکڻ جي به اجازت هوندي هئي پران لاءِ هو "ملا ڪوڊ" پٽاندر ضلعي جي انسپيڪٽر آف مُلا اسڪولس کي عريضي ڏئي منظوري ضرور وٺندو هو.

- **ساهتيءَ ۾ مُلا مڪتب:**

ساهتي جي حد موجوده ضلعو نوشهرو فيروز ئي آهي، ڪجهه محقق دولتپور کان وٺي هنگورجا تائين "ساهتي" کي ڳڻين ٿا. ساهتيه معنئ علم ادب، يعني علم ادب وارو خطو، ڪن عالمن "سهتا" قبيلي جي ماڻهن ڪري هن کي "ساهتي" چيو آهي پر اسان جي خيال ۾ هي علائقو علم ادب جي ڪري ساهتي سڏجڻ ۾ آيو آهي، جڏهن ته سهتا قبيلي جا ماڻهون به ساهتيه جي ڪري ئي پهريان ساهتِيا پوءِ ساهِتا ۽ بعد ۾ سَهتا ڪونجڻ ۾ آيا. مُلا مڪتبن جي ابتداءِ جا سن 1916ع کان ٿي، سا پڻ

---

* هي هندوستان جي مسلمانن پاران قائم ڪيل اسڪول هئا ۽ سندن الحاق بمبئي يونيورسٽي سان هو. ڊرام

* سنڌ محمدن ائسوسئيشن حقيقت ۾ بمبئي ڪائونسل جي مسلمان ميمبرن جي هڪ تنظيم هئي (هن ڪائونسل ۾ هندو مڪي، هندو هٽ واٽيا، زميندار جنهن ۾ هندو مسلمان پئي ۽ جاگيردار شامل هئا) تن ڏنو ته آل انڊيا محمدن ائسوسئيشن طرفان هندوستاني مسلمانن جو ڪافي فائدو پي ٿيو ته ضرورت محسوس ڪئي وئي ته، چو نه سنڌ ۾ به "سنڌ محمدن ايسوسئيسن" جو قيام عمل ۾ آندو وڃي، ان وقت بمبئي ڪائونسل جا جي مڪ مسلمان ميمبر هئا تن ۾ جسٽس امير علي، خانبهادر الله آندو شاهه درپيلائي، خانبهادر حسن علي آفندي ۽ بيا اڳواڻ. ياد رکڻ گهرجي ته ان وقت سنڌ تن يونٽن ۾ ورهايل هئي:

ڪراچي: جنهن ۾ سمند ڪنارو، لاڑ پٽ سميت سڄي هيٺائين سنڌ.

حيدرآباد: جنهن ۾ ٽندومحمد خان، ميهڙ، هالا کان ويندي موجوده سڄو نوشهرو فيروز ضلعو.

شڪارپور: باقي رهيل سڄي سنڌ جي ايراضي شڪارپور جي حدن ۾ هوندي هئي.

جيئن ته خانبهادر حسن علي آفندي (سنڌجي زميندارن پاران) بمبئي ڪائونسل جو ميمبرچونڊيو ويو هو) سنڌ محمدن ايسو سئيشن کان ڪراچي لاءِ "سنڌ مدرسة الاسلام اسڪول" جي گهر ڪئي، خانبهادر الله آندو شاهه (بمبئي ڪائونسل جو ميمبر هو) تنهن پڻ حيدرآباد ريجن جي ڪوٽا تحت نوشهروفيروز ۾ سن 1893ع ۾ "مدرسه هاءِ اسڪول" ٺهرايو، اهڙي ريت شڪارپور جي ڪوٽا تي وري لاڙڪاڻي ۾ "مدرسه هاءِ اسڪول" قائم ڪيو ويو.ڊرام

* هندو سيڻين پاران هونئن ته ڪيترائي اسڪول اڏيل هوندا پر ساهتي پرڳڻي جي حوالي سان پيتامبر هاءِ اسڪول ۽ هاسٽل ڪنديارو، هاءِ اسڪول هالاڻي، اڪيڊمي اسڪول بهلاڻي، هاءِ اسڪول نارو شاهه ۽ خاص ڪري ديوان ڪوڙومل پاران مٹياڻي وارو تربيتي اسڪول گهڻو مشهور آهن. ڊرام


* هي عيسائي ۽ پارسي مذهب سان تعلق رکندڙ اسڪول هوندا هئا، جي ڪراچي سميت وڏن شهرن ۾ هئا جيئن سينٽ ميري، سينٽ بوناوينچر، عيسائين لاءِ ۽ بي وي ايس ۽ ماما اسڪول وغيره پارسين لاءِ. ڊرام

* اسلامي تنظيمن پاران قائم ڪيل اسڪول جيئن سنڌ مسلم، مسلم، اسلاميه، تعمير نو، ملت، دارالعلوم، حمايت الاسلام ۽ اورنيٽل اسڪول، ڪالج وغيره. ڊرام

ساهتيءَ کان ٹي ڪئي وئي[10] ۽ انگريز سرڪار ابتدائي طور ضلع نواب شاهہ جو تازو ئي سن 1912ع ۾ وجود ۾ آيو هو، ڪي چونديو. اهو هن ڪري ٿو جيڪڏهن هتي ڪاميابي ملي ٹي ۽ نتيجو سٹو اچي ٹو ٿو پوءِ هن رٹا کي سڄي سنڌ تائين ڪشادو ڪري سگهجي ٹو . سو جڏهن کين اميدن کان وڌيڪ ڪاميابي ملي ٿي، هنن سڄي سنڌ ۾ ملا مڪتب واري نظام کي لاڳو ڪري ڇڏيو.

جيئن مٹي ذکر ٹي چڪو آهي ٿي، ملا مڪتب وارو هي تعليمي نظام شروع ٹي ساهتيءَ کان ڪيو ويو هو، تنهنڪري هتي مسجد جي ڀرسان ۽ مدرسن ۾ اڳر ٹي جاري تعليم کي مڪتب ۾ تبديل ڪري هلايو ويو ۽ ان وقت گهٹي کان گهٹا مڪتب به هن ٹي پرڳٹي ۾ هئا.

هت اسين ساهتي پرڳٹي (ضلعي نوابشاهہ) جي اهڙن اسڪولن جي فهرست جو عڪس ڏٹي رهيا آهيون، جنهن مان ملا اسڪولن، ملا استادن ۽ کين ملهل امداد (Grant) جي سٹ پوي ٹي:[11]



ضلع نواب شاهہ -

محمد پريل	هواري	ڪڏيارو	۱۴۰
محمد عرس	سومر جٹو	"	۳۰۲
محمد صديق	عليم	"	۱۱۰
نور محمد شاهہ	محمد سومرو سمال	"	۳۰
عبدالرؤف	بازيد پور	"	۱۴۵
دوست علي	حاڪرا جوٹ	"	۳۸۰
امام بخش	"	"	۲۱۰
احمد	بهارو ملاح	"	۳۰۵
حبيب الله	محمد خان آگرو	"	۳۲۰
محمد جعفر	محمد علي ممڻ	"	۳۳۵
محمد صديق	ڏرهيلو پراٹو	"	۱۹۷
عبدالغفور	مهاڻي حاجي مهوبخو	"	۱۴۰
محمد اسماعيل	سيد ڏنو ر	"	۷۵
محمد ارباب	نبهدو آجوٹ	"	۹۰
محمد ملوڪ	حامد آجوٹ	"	۲۱۸
محمد راجل	ڪومگوهر	"	۷۵
وٹا محمد	سنافول مگريو	"	۱۰۰
مولا بخش	محمد خان رند	"	۴۰

---


32 اسان جي خيال ۾ انگريزن ساهتي جي چونڊ ان ڪري ڪئي، جو سن 1853ع ۾ جڏهن سر بارٹل فريئر سنڌي هولي جي خطي صورت تيار ڪرائي هئي ٿي، ان وقت هن علاقي جي هولي کي ٹي "معياري لهجو" قرار ڏنو هئس، سو هتن سمجهيو پي ٿي، هتان جا عالم ٹ رڳو عربي فارسي پر سنڌي هولي، جا به ماهر ۽ بهترين تلفظ اُچاريندڙ آهن. سو چونہ ان خطي کان ٹي هن ڪر جي ابتدا ڪجي. ڀرام

[11] ملا اسڪول مخزن: حيدرآباد سنڌ، ماهہ جون، سال 1931ع، ج- 12، مخزن نمبر- 6، ص- 7 تا 11

جرڪان نمبر	نالو مڙ جو	نالو سکول جو	تعلقو	ساڃي
۱۹	الهڏنو	سائيندادہ جلباڻي	ڪڇيارو	۳۸
۲۰	مولوي نورالله	پير مهدي شاه	"	۵۰
۲۱	محمد	ٻگو ڏرو	"	۵۰
۲۲	عزيز الله	مير محمد سيال	"	۸۰
۲۳	محمد صالح	ڪاڪيا ڪلهوڙا	"	۶۵
۲۴	محمد صديق	ٻکري	"	۵۵
۲۵	مائي مريم	سومر جتوئ	"	۳۰
۲۶	خوش محمد	پريو ڪمير	"	۱۹
۲۷	شفيع محمد	سنار ڏنو مگريو	"	۵۰
۲۸	عبدالحق	هالاڻي	"	۱۰۰
۲۹	گل محمد	ڏوهل	"	۹۰
۳۰	حافظ عبدالحڪيم	نوشهرو فيروز	نوشهرو فيروز	۲۸
۳۱	حاجي دوست محمد	ڏنگراڻ	"	۱۹۰
۳۲	احمد خان	دالي	"	۳۵
۳۳	حاجي محمد يعقوب	نوازيو پان	"	۳۵
۳۴	محمد صالح	سليمان ڏمراڻ	"	۳۸
۳۵	حافظ الهڏنو	ڏامرو	"	۷۵
۳۶	مولوي ڪريم ڏين	جتوئ ڪوٽ	"	۶۳
۳۷	عبدالحميد	پٺو	"	۹۵
۳۸	محمد فاضل	ڊريلو نئون	"	۳۵
۳۹	مولوي محمد عثمان	عليڄان پوٽ	"	۸۰
۴۰	حافظ محمد جڙيل	يعقوب ڪمير	"	۳۹۵
۴۱	محمد عيسيٰ	ڪوريجا پان	"	۵۰
۴۲	سائينڏنو	حافظ نو راجپر	"	۱۴

نمبر	نالو ماڻهو جو	نالو سکول جو	تعلقو	سالياني گرانٽ
۳۳	غلام نبي	ماچهر	نوشهرو فيروز	۲۰۷
۳۴	مولوي غلام رسول	مٺياڻي	"	۱۳۰
۳۵	محمد سليمان	پانهو ڪولاچي	"	۵۵
۳۶	حافظ محمد اسماعيل	ڪاهي راهو	"	۲۲۰
۳۷	مولوي محمد صادق	موريا	"	۱۰۵
۳۸	محمد داؤد	موسو پٺهور	"	۹۶
۳۹	حافظ عبدالله	نوشهرو	"	۳۴۶
۴۰	پاڙيو خان	ڄاول خان مشوري	"	۲۰۲
۴۱	ماڻي شاه خاتون	علي بخش لاڙڪ	"	۱۶۰
۴۲	ڏاڍي بخش	ڊينگو	"	۷۲
۴۳	ڪريم الله	پورلي	"	۹۰
۴۴	عبيدالله	لوريا	موري	۷۲
۴۵	حافظ محمد	هوڪ	"	۳۳۵
۴۶	محمد صديق	ڏوڏو ڳهيو	"	۳۵
۴۷	الهي بخش ابوبڪر	ٽوڙهڻا	"	...
۴۸	محمد مالڪ	موري	"	۲۸۰
۴۹	مولوي ولي محمد	سردار خان لغد	"	۱۶۸
۵۰	حاجي محمد عثمان	قطاڻاه	"	۱۴۰
۵۱	حافظ محمد داؤد	نير	"	۱۳۲
۵۲	عمر دين	مماڻي آندل	"	۹۲
۵۳	حافظ محمد قاسم	صاحب خان جاندپو	"	۲۳۰
۵۴	مولوي محمد عمر	باغ ماڻڪ	"	۹۵
۵۵	حافظ محمد عمر	جام ڊونگ	"	۷۰
۵۶	حافظ محمد	ڏيڏو ڏاهري	"	۱۲۲

حوالان نمبر	نالو مڈ جو	نالو سکول جو	تعلقہ	سالغی
۶۷	حافظ ڈلی بخش	نمگو مکان	مورو	۰۵
۶۸	حافظ محمد اسماعیل	ساماٹو جلیسر	"	۰۰
۶۹	مولوي عبدالرحمان	گدوھر خان عالمانی	"	۰۵۰
۷۰	عرض محمد	ملک نوان	"	۰۲۴
۷۱	حافظ محمد حمزو	خیر محمد بوکر	"	۰۰۵
۷۲	عبدالرحمان	مقیر ڈاھري	"	۰
۷۳	مولوي عبدالله	الله بخش کھر	سکرنڈ	۰۰۵
۷۴	حاجي عبدالله	ھیڑو زرداري	"	۰
۷۵	محمد حامد	لونگ سومرو	"	۰۰
۷۶	محمد حسن	پھون گدارو	"	۰۰۰
۷۷	محمد ھارون	نقر	"	۰
۷۸	خیر محمد	ڈیرا	"	۰
۷۹	محمد سومر	نیبھو پورو	"	۰
۸۰	عباس علیشاہ	ڈنگ	"	۰
۸۱	احمد بخش	سونو زرداري	"	۰
۸۲	پریل شاہ	پیر عبدالله	"	۰
۸۳	محمد قاسم	نورپور	"	۰
۸۴	مائي حوا	ماوي ساڻي	"	۰
۸۵	مائي سھاڻي	ماڑي جلھاڻي	"	۰
۸۶	مولوي عنایت الله	ملا ساند	شھداد پور	۰
۸۷	جمال الدین	بھادر خان کلوئي	"	۰
۸۸	محمد علي	حاجي کھل جفوئي	"	۰
۸۹	غلام علي	دین محمد کاکیھوڑو	"	۰
۹۰	المرکیہ	ماٹک ٹھیر	"	۰



ملا سکولس محرن نمبر ۶، مهنو جون سنه ۱۹۳۱ء

سالیاني گرانٽ	تعلقه	نالو سکول جو	نالو ملا جو	نمبر
۱۰۰	شهداد پور	نارو خان ٹهيم	قادر ڏين	۹۱
۷۵	"	سومر فقير همگورو	غلام رسول	۹۲
۳۰۰	نوابشاه	پيروز شاه پارسي	محمد موسيٰ	۹۳
...	"	ديوان کوڙو مل	احمد	۹۴
۱۰۰	"	گهنيل ٽڙ	محمد قاسم	۹۵
...	سنجهورو	ڏيه نمبر ۲۵	عبدالله	۹۶
...	"	ڏيه نمبر ۲۳	بهادر خان	۹۷
۱۷۵	شهداد پور	ٽنڈو آدم ميونسپالٽي	عبدالغني	۹۸

- **ساهتيءَ جا مُلا استاد:**

ساهتي پرڳٽي جي مُلا استادن مان هت اسان پڙهندڙن لاءِ ڪن ٿورن بزرگن جو مختصر تذڪرو ڪري رهيا آهيون:

آخوند عبدالرؤف مگريو:

متي ڄاڻايل فهرست جي عڪس ۾ جريان نمبر- 5 تي آيل شخص ساهتي پرڳٽي جي ڳوٺ "بازيدپور" جو رهاڪو آهي، سندس ولادت جي صحيح سن بابت ڄاڻ نٿي پوي البت ايتري سا خبر پوي ٿي ته، پاڻ 19 صدي جي سٺ واري ڏهاڪي ۾ ڄائو هوندو.

آخوند صاحب وڏو قابل،پڙهيل لکيل، عقل جو اڪابر، دانائ ۽ بي حد دلير هو.[12] پاڻ سماج سڌارڪ، ڳوٺ جو معلم ۽ بازيدپور ۾ ملا مڪتب جو باني استاد آهي. ڳوٺ وارن جي سڌاري ۽ تعليم لاءِ وڏو فڪر هوندو هئس، سندس ئي ڪوششن سان پنهنجي فرزند سعدالله سميت ڳوٺ جا ڪجهه چوڪرا سنڌ مدرسه هاءِ اسڪول نوشهرو فيروز ۾ پڙهڻ ويا، سندس پٽ ته جوانيءَ ۾ ئي هالاڻو ڪري ويو باقي ٻيا جيئن غلام علي خان، حمزه علي خان ۽ حاجي گل محمد پٽ محمد رمضان پڙهي وڏين

[12] ڈاڪٽر رفيق احمد مگريو: تاريخ بازيدپور، بايزيد پبليڪيشن بازيدپور، سال 2017ع، ص- 103

نوڪرين تي رسيا، ان کان پوءِ ٻين ماڻهن ۾ پنهنجا ٻچا پڙهائڻ شروع ڪيا، جو اڄ "بازيدپور" جي ماڻهن جو وڏو انگ سرڪاري ملازمتن سان لاڳاپيل آهي، اهو سندس ئي پاريل شمع جو نتيجو آهي.[13]


آخوند صاحب سن 1950ع ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو ۽ ڪيس بازيدپور واري قديم قبرستان ۾ مٽيءَ ماڻ حوالي ڪيو ويو.

آخوند تاج محمد مگريو:

تاج محمد (نالي چگو) پٽ سائين رکيو، مٽي ذکر ڪيل آخوند عبد الرؤف جو نائي ۽ نائب ملا هو، پاڻ سن 1880ع ڌاري موجوده ضلعي نوشهرو فيروز (تڏهوڪو ضلع حيدرآباد) جي تعلقو ڪنڊيارو کان ڏکڻ طرف "بازيدپور" ۾ پيدا ٿيو، ابتدائي تعليم پنهنجي سهري آخوند عبدالرؤف کان ۽ پوءِ مدرسه هاءِ اسڪول نوشهرو فيروز ۾ پڙهي "نائب ملا" مقرر ٿيو.

آخوند صاحب کي ٽي فرزند: آخوند علي احمد، آخوند شفيع محمد ۽ آخوند عزيز الله کان سواءِ ٽي نياڻيون جنت، آمنه (هن ليکڪ جي والده) ۽ اُمراءِ زادي ٿيون. پاڻ 16 جولاءِ سن 1957ع بروز اڱارو 77 ورهين جي ڄمار ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪري ويو[14]

هت اسين ڪيس مُلا اسڪول طرفان سال 1919ع ۾ مليل سرٽيفڪيٽ جو عڪس ڏئي رهيا آهيون:



[13] ڊاڪٽر رفيق احمد مگريو: تاريخ بازيدپور، بايزيد پبليڪيشن بازيدپور، سال 2017ع، ص- 104

[14] ڊاڪٽر رفيق احمد مگريو: تاريخ بازيدپور، بايزيد پبليڪيشن بازيدپور، سال 2017ع، ص- 109

قاضي محمد يوسف مگريو:

پير بخش جو هي فرزند سن 1900ع ڌاري بازيدپور ۾ ڄائو. مٽي بيان هيٺ آيل ملا مڪتب جي بنهي استادن يعني آخوند عبد الرؤف ۽ آخوند تاج محمد (نالي چگو) کان پو، پاڻ ئي گوٺ جي ملا مڪتب جو معلم رهيو. اڳين جڳ جا وڏڙا سندس شاگرد آهن. پاڻ انتهائي پرهيزگار، نيڪ ۽ هر وقت سندس هٺ ۾ تسبيح ۽ زبان تي ذڪر جو ورد هوندو هئس. قاضي صاحب آگسٽ سن 1990ع ۾ گذاري ويو.[12]

حاجي ميهرالدين چنڙ:

پاڻ گوٺ سومر چنڙ (لڳ ناروشاهه، تعلقو ڪنڊيارو) ۾ 3 آڪٽوبر سن 1918ع ۾ پيدا ٿيو. قران شريف ۽ ابتدائي تعليم پنهنجي ئي گوٺ مان استاد محمد داؤد پٽي، کان ورتائين، پاڻ سال 1938ع ۾ ملا مڪتب نوڙها تعلقو مورو ۾ نائب ملا مقرر ٿيو. ان بعد درٻيلو جي پرسان گوٺ ڪوڙو اچڻ جي مڪتب ۾ نائب ملا رهيو آخر سن 1941ع ۾ ڪيس منيائتي جي مڪتب ۾ ملا استاد ڪري رکيو ويو. ملازمت دؤران سندس نوابشاهه پرسان گوٺ خانبهادر نور نبي خان، نوان جتوئي ۽ ضلعي جي ڪيترن ئي گونٽ ۾ بدليون ٿيندیون رهيون آخر پنهنجي گوٺ سومر چنڙ ۾ آيو. جاتي وڏي محنت ۽ جفا ڪشي سان ڪر ڪيائين ۽ علائقي جي ٻارن کي علم جي زيور سان سينگاريائين، جو ڪين وفاقي توڙي صوبائي محڪمن ۾ ملازمتون مليون، هاڻي ته سندس گهٽا شاگرد به هن دنيا مان هليا ويا آهن. استاد ميهرالدين پاڻ کي نه رڳو پڙهڻ پڙهائڻ تائين محدود رکيو پر استاد تنظيم جي به پرپور اڳواڻي ڪئي، سندس ئي ان جدوجهد جو نتيجو آهي جو سنڌ سرڪار سن 1952ع ۾ ملا استادن کي پنهنجي پرتي واري تاريخ کان ريگيولر ڪيو . سليڪشن گريڊ ڏنو ۽ رهيل تفاوت پڻ ادا ڪري ڇڏيا.

استاد ميهرالدين چنڙ پنهنجي ئي گوٺ مان سن 1978ع ۾ ملازمت تان رٽائر ڪيو ۽ اٽڪل ٽن سالن کان پوء 22 فيبروري سال 1981ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.[13]


هي ملا اسڪول/ مڪتب جو سلسلو اٽڪل 1946ع تائين هليو، تنهن کان پوء جڏهن ننڍي ڪنڊ جو ورهاڱو ٿيو ته هنن مڪتبن کي بند ڪري گورنمينٽ پرائمري اسڪولن ۾ تبديل ڪيو ويو، جيئن ته هي اسڪول گوٺ جي مسجدن پرسان خجرن ۾ هلندڙ هئا، تنهنڪري هاڻي سرڪار چتايو ڏنو ته، هنن اسڪولن کي تڏهن ئي هلائي سگهجي ٿو، جڏهن گوٺ وارا مسجد کان ٻاهر ڪنهن ڪشادي جاء تي اسڪول اڏي نه ٺا ڏين چو ته خجرن ۾ جڳهه سوڙهي ۽ روشني جو پورو انتظام نه هو ۽ نه وري هواء جي ڪا آچ وچ هئي، ملا مڪتب/ اسڪول وارو هي سفر نئين ملڪ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوء پورو ٿي ويو.

---

[12] ڊاڪٽر رفيق احمد مگريو: تاريخ بازيدپور، بايزيد پبليڪيشن بازيدپور، سال 2017ع، ص- 129

[13] هي مواد استاد ميهرالدين جي سندس هٺ اکري فائيل مان مليو، جو مونکي سندس پٽن انجنيئر شفيق احمد ۽ پروفيسر عبدالجبار چنڙ مهيا ڪيو. ڊرام

نذير 'شاكر' بروهي



آغا بدر عالم دُراني

(سياسي، سماجي ۽ ادبي كارنامو)

خاندان پسمنظر:

آغا بدرالدين احمد خان بارکزئي دراني المعروف آغا بدر عالم دراني، جا وڏا احمد شاھ ابدالي، (1747ع- 1773ع) جي ڏينهن ۾ شڪارپور (سنڌ) ۾ آيا. جڏهن احمد شاھ ابدالي، سنڌ جي حڪومت ميان محمد مرادياب ڪلهوڙي جي حوالي ڪري بلڪي سمورو شڪارپور جو علائقو، افغان حڪومت سان ملايو(1). جڏهن شڪارپور درانين جي سلطنت جو حصو بڻجي ويو تہ هن علائقي تي درانين پاران گورنر مقرر ٿيڻ لڳا. موجوده دور ۾ جيڪي به پٺاڻ قبيلا، ذاتي يا نکون شڪارپور ۽ آس پاس موجود آهن، اُهي ان دور ۾ فوجي، روينيو ۽ ٻين حڪومتي انتظامن کي سنڀالڻ وارن جا پونئير آهن. انهن ۾ ڪجھ شاهي خاندان سان تعلق رکندڙ به آهن. ڳڙهي ياسين ۾ موجود بارکزئي درانين جو تعلق به سابق شهنشاھ دوست محمد جي شاهي خاندان سان آهي(2). هن شاهي خاندان مان سردار رحيمداد خان جيڪو تيمور شاھ دراني جي حڪومت 1773ع- 1793ع ۾ فوجي ڪاردار هو، ان کان بعد سندس پٽ عبدالله خان پهريون (86-1785ع) فوجي ڪاردار سان گڏ سياسي ۽ جاگيردار طور سندس حيثيت تاريخ ۾ نمايان آهي. هن پنهنجي شاهي جاگير، جيڪا ڳڙهي ياسين کان ڇھ ڪلوميٽر اتر طرف ديھ ٻانبيھڙ ۾ هئي. هڪ وڏو ڪوٽ پنهنجي نالي "عبدالله ڪوٽ" جي نالي سان جوڙائي، پنهنجي خاندان، مائٽن، ملازمن ۽ هارين سان گڏ رهڻ لڳو.

هن جو پٽ جمع خان جنهن جي نالي سان شڪارپور شهر ۾ "جمع خان جي مڙي" علائقو مشهور آهي سو به سياسي حوالي سان وڏي اهميت جي حامل شخصيت هو. هن ڳڙهي ياسين شهر ۾ "ڪوٽ دراني" جي نالي سان عليحده ڪوٽ جوڙايو.

جڏهن 1824ع ۾ ميرڪرم علي خان ٽالپر، مختلف سردارن معرفت شڪارپور تي قبضي ڪرڻ جي نيت سان چڙهائي ڪئي، تہ مير رستم خان ۽ مير مراد علي خان به فوجون وٺي آيا. شڪارپور تي انهن ڏينهن ۾ افغان پاران نواب منصور علي خان گورنر حڪومت ڪندو هو. نواب ولي محمد خان لغاري، جمع خان بارکزئي، معرفت نواب منصورعلي خان کي سمجهايو تہ بغير جنگ جي شڪارپور شهر جون واڳون ٽالپرن جي حوالي ڪري ڇڏڻ. باالآخر جمع خان بارکزئي جي سفارتڪاري ڪر آئي ۽ نواب منصورعلي خان شهر جون ڪنجيون نواب ولي محمد خان لغاري، جي حوالي ڪيون ۽ پاڻ شڪارپور کان نڪري ويو(3). هن پهريائين ڳڙهي ياسين ۾ جمع خان جي نئين اڏايل ڪوٽ دُراني ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ پوءِ اتان ڪابل لاءِ روانو ٿي ويو.

جمع خان جو پٽ عبدالله خان (ٻيو) پڻ سياسي، سماجي ۽ جاگيردار طور پنهنجي حيثيت پاڻ مجائي. هن 1843ع ۾ سنڌ تي انگريزن جي تسلط بعد ڳڙهي ياسين شهر کي انگريزن جي قرلٽ کان بچائڻ لاءِ ستّ هزار روپيا ڏُنڊ ڏيئي، شهر کي تباهي کان بچائي ورتائين. اهڙي طرح هن پنهنجي سياسي، سماجي ۽ جاگيرداري حيثيت مجائي ورتي. عبدالله خان کي جيڪا 3/8 ڀل ميرن جي صاحبي، جي دور کان ملندي هئي تنهن کي انگريزن بحال رکيو(4). عبدالله خان (ٻئي) جو پٽ ڪبير خان، ان جو پٽ شمس الدين خان پڻ هندستان جي اهم سياسي ۽ سماجي شخصيتن جو ملڪ ٿي گذريو آهي.

الف: ڊڪڻ واري
ب: ڪنهر واري
ج: بلوڙ واري
د: پٺا واري

آغا صاحب انهن واري‌ن تي اسلامي وضع ۽ قطع جي طريقي سان اپريل 1935ع ۾ (13)، نالا رکي، انهن لاءِ سنا ۽ ڪارآمد ماڻهو مقرر ڪيا. جيڪي هن ريت آهن.

الف. ڊڪڻ واري تي فخراسلام نالو رکيائين ۽ ان جو صدر عبدالرحمن سومرو مقرر ڪيائين.

ب. ڪنهر واري تي نوراسلام نالو رکيائين ۽ ان جو صدر محمد يعقوب پٺي مقرر ڪيائين.

ج: بلوڙ واري تي حمايت اسلام نالو رکيائين ۽ ان جو صدر حاجي احمد خان بلوڙ مقرر ڪيائين.

د: پٺا واري تي تعمير اسلام نالو رکيائين ۽ ان جو صدر حاجي محمود پٺو مقرر ڪيائين (14).

هرهڪ واري ۾ انهن انجمن جي قائم ٿيڻ بعد انهن جا مقرر ڪيل صدر ۽ ميمبر پنهنجي واري‌ن يعني محلن ۾ جڳهڙن جهڙن جو تصفيو، شادي ۽ غمي جي حوالي سان غريبن جي مدد ڪرڻ لڳا ۽ هر مهيني جي هڪ ڏينهن تي هر هڪ واري جي جامع مسجدن ۾ عيد ميلادالنبي ۽ مولودن جي محفل يا علماءِ ڪرام کي گهرائي مسلمانن ۾ مذهبي، ديني ۽ سياسي شعور ڏيڻ واريون تقريرون ڪرائڻ لڳا. هر هڪ انجمن لاءِ هرهڪ پاڙي ۾ هڪ آفيس قائم ڪئي وئي، جنهن ۾ ديڳيون، تنبو، ٺڪر جا ٽانو، لائوڊ اسپيڪر ۽ ٻيون ضروري شيون محفوظ پيون هونديون هيون. انجمن جا سرڪردا انهن سامان کي ڏيڻ وٺڻ لاءِ باقاعده رڪارڊ پڻ رکندا هئا.

اِهي انجمنون پڻ پنهنجي محلن ۾ غريبن، بي سهارا ۽ يتيم مسلمانن جي مالي سهائتا ڪري کين وَس آهر مانڊليون، دڪان ۽ تجارتي سرگرميون مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ مالي سهائتا ڪنديون هيون. انهيءَ وجهه کان آغا بدر عالم جي سياسي ۽ سماجي همدردين جي ڪري عوام جي دلين ۾ سندن عزت وڌي ۽ هرهڪ عوامي ماڻهو آغا جي حڪم تي سر ڪپائڻ لاءِ به تيار ٿيڻ لڳو.

انجمن جي ڪم وڌي وڃڻ جي ڪري انجمن کي ڪنٽرول ڪرڻ ڏکيو مسئلو ٿي پيو. ان لاءِ آغا بدر عالم هڪ "مرڪزي انجمن" جي قائم ڪرڻ لاءِ هٽ پير هنيا. ان سلسلي ۾ آغا بدر عالم هر هڪ انجمن جي صدر ۽ سيڪريٽرين جا ووٽ ڪري 1936ع ۾ "مرڪزي انجمن اسلام" نالي سان هڪ نئين سماجي تنظيم جو بنياد وڌائين، جنهن جو صدر پاڻ ٿيو. هيءَ انجمن، باقي انجمن جي نظرداري ڪندي رهي.

شهر ۾ سماجي ڪم ڪرڻ کان بعد آغا بدر عالم سموري تعلقي ۾ سماجي خدمت ڪرڻ جو شعور ڏيڻ لاءِ هٽ پير هنڻ لڳو. ان لاءِ هن 1936ع جي آخر ۾ ڳڙهي ياسين شهر اندر هڪ عظيم الشان "نوجوان ڪانفرنس" ڪوٺائي، جنهن ۾ محمد هارون، قاسم هوت، احسن الهاشمي، انعام ميمڻ ۽ ٻين مسلم ليگي ڪارڪنن شرڪت ڪئي. هن ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو مقصد، نوجوانن ۾ سياسي شعور ۽ سماجي ڪمن ڪارين ۾ وڌيڪ حصو وٺڻ لاءِ سندن منجهه اُتساهه پيدا ڪرڻ هو. جڏهن هيءَ ڪانفرنس منعقد ڪيائين تہ هندو پريس واويلا مچائي تہ آغا بدر عالم هن ڪانفرنس ذريعي مسلم نوجوانن ۾ تشدد پيدا ڪرڻ گهري ٿو ۽ هندن خلاف مسلمانن ۾ نفرت پيدا ڪرڻ جون ڪوششون پيو ڪري. ڪانفرنس کان بعد تعلقي ۾ هميشہ مسلمان ۽ هندن ۾ چپقلشون وڌنديون رهيون. ان دوران آغابدر عالم کي پريس جي اهميت ۽ افاديت جي خبر پئجي وئي. ان لاءِ هن هڪ پنهنجي ذاتي اخبار جاري ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ شروع ڪيون.

1843ع ۾ انگريز فوج جنرل نيپئر جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ انگريز سرڪار ان کي ٻي سندس خدمتن جي اعتراف ۾ سنڌ جو پهريون گورنر مقرر ڪيو. برطانيا جي گورنر جنرل، سنڌ جي صوبائي حيثيت کي ختم ٿي ڪرڻ گهريو. هن بورڊ آف ڊائريڪٽرس کي خط لکيو تہ سنڌ جي گورنر واري عهدي کي ختم ڪري، اِن بدران ليفٽيننٽ گورنر يا ڪمشنر جو عهدو رکيو وڃي ۽ سنڌ کي بمبئيءَ سان شامل ڪيو وڃي. اها تجويز اڃا زير غور

هئي ته گورنر جنرل بمبئيءَ جي سر جارج ڪلارڪ کي حڪم ڏنو ته سنڌ لاءِ ڪمشنر مقرر ڪري. سن 1847ع ۾ مسٽر آر.ڪي.پنگل کي سنڌ جو پهريون ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. اهڙي طرح سنڌ کي بمبئي سان ڳنڍيو ويو(15).

1924ع کان وٺي آل انڊيا مسلم ليگ جي بنيادي مطالبن مان هڪ سنڌ جي بمبئي پريزيڊنسي کان عليحدگيءَ وارو اهم سوال به هو. 1932ع کان وٺي سنڌي مسلمانن، سنڌ جي عليحدگي جي مسئلي ۾ ڏاڍي سنجيدگيءَ سرگرمي ڏيکاري. انهن سياسي سرگرمين ۽ ڪوششن جي وجهه کان 1932ع ۽ 1933ع جي وچ ڌاري انگريز سرڪار پڻ سياسي خيال کان مناسب سمجهيو ته سنڌ جي عليحدگيءَ، کي قبول ڪيو وڃي. انگريز سرڪار شايد محسوس ڪيو ته مسلمانن جي ڪن مطالبن مڃڻ ڪري گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1930ع جي آئيني سڌارن جي سلسلي ۾ مسلمان ساڻن سهڪار ڪندا. تڏهن هندستان جي سيڪريٽري آف اسٽيٽ پهريون پيرو ظاهر ڪيو ته حڪومت جي مرضي آهي ته سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسي کان جدا ڪيو وڃي(16). قانون حڪومت هند مجريه 1935ع، شق 46 هيٺ، سنڌ صوبي قائم ڪرڻ لاءِ آرڊر- اِن- ڪائونسل جو مسودو 23 جنوري 1936ع ۾ پٽرو ٿيو، جنهن موجب 1- اپريل 1936ع کان سنڌ کي جدا صوبو تسليم ڪيو ويو. جيستائين نئين چونڊن کان پوءِ سنڌ جي آئيني حڪومت وجود ۾ اچي، تيستائين هڪ سال لاءِ گورنر مقرر ڪري ڪيس سموريون اختياريون سونپيون ويون ۽ ڪيس ٽي صلاحڪار هرهڪ شاهنواز پٽو، سرغلام حسين هدايت الله، ديوان هيرانند ۽ پنجويهن ماڻهن جي صلاحڪاري ڪائونسل تشڪيل ڏني وئي. پهريون گورنر سرلانسلاٽ گرهام مقرر ٿيو، جيڪو پهرين اپريل 1936ع تي بمبئيءَ کان ڪراچي پهتو(17).

پيون دور:

آغا بدر عالم جيئن ته عليگڙهه کان واپسيءَ بعد هميشه سماجي خدمت کي سياسي خدمت کان وڌيڪ ترجيح ڏيندڙ رهيو. انهيءَ اهم ڪمن جي ڪري عوام کين وڏي موٽ ڏني. جڏهن سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگيءَ بعد پهريون دفعو سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جون چونڊون 7 فيبروري 1937ع تي ٿيون ته ٽئي تي ئي سندس والد بزرگوار آغاشمس الدين خان دراني اُميدوار هو. جڏهن عوام کي خبر پئي ته سندن هڏڙوکي رهبر جو پيءُ اميدوار آهي ته سموري ٽئي جو عوام دراني ڪوٽ ڳڙهي ياسين پهتو ۽ سموري اليڪشن جو بندوبست سنياليائون. آغا بدرعالم دراني سٽ گهوڙن ۽ چاليهه اُٺن تي هڪ قافلو ٺاهي، پنهنجي ساٿين جي گهر گهر وڃي سندن شڪريو ادا ڪيو. اهڙي طرح ان اليڪشن ۾ آغا بدر جي ڪوششن سان سندس والد بزرگوار ڪاميابي ماڻي. آغا بدر جي سياسي زندگيءَ ۾ هي۽ پهرين انمول ۽ لاثاني ڪاميابي هئي.

1936ع ۾ "نوجوان ڪانفرنس" کان بعد آغا بدر هميشه هڪ اخبار جاري ڪرڻ لاءِ ڪوششن ۾ مصروف رهيو، آخرڪڙهي ياسين مان هڪ هفتيسوار "پيغام صلح" نالي اخبار جاري ڪيائين. هن اخبار هي جاري ٿيڻ متعلق سنڌي ادب جي محققن ۽ مؤرخن ۾ وڏو اختلاف موجود آهي. مثلاً: ڊاڪٽر عزيزالرحمٰن ٻڌايو لکي ٿو ته:

"1935ع ۾ ..... آغا بدرالدين مرحوم جي سرپرستيءَ ۾ هفتيوار "پيغامِ صلح" جاري ٿيو. آغا بدرالدين دراني ڳڙهي ياسين مان "آشيانه ادب" نالي هڪ رسالو پڻ جاري ڪيو.....(18)."

مولائي شيدائي تحرير ڪري ٿو ته:

"هن صاحب 1945ع ۾ ڳڙهي ياسين مان "آشيانه ادب" ماهوار رسالو جاري ڪيائين ۽ 1937ع ۾ هفتيوار اخبار "پيغامِ صلح" جاري ڪيائين.....(19)."

ڊاڪٽر خان محمد پنهور قمطراز آهي ته:

"1935ع ۾ "آشيانه ادب" نالي سان رسالو ڳڙهي ياسين مان نڪتو. 1936ع ۾ الاصلاح نڪتي.....(20)."

غلام محمد گرامي پنهنجي هڪ مقالي ۾ "پيغام صلح" جي جاري ٿيڻ جو سن 1937ع قرار ڏنو آهي(21).

سيد محبوب علي شاهه بخاري تحرير ڪري ٿو تہ: آغابدرالدين مرحوم ڳڙهي ياسين واري هفتيوار اخبار "آشيانہ ادب" (؟) ۽ پوء پيغام صلح جي نالي سان 1935ع ۾ جاري ڪرائي.....(22)"

سنڌ جي مٿين نامور مؤرخن ۽ محققن جي مٿين بيانن کي پڙهندي اهو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ انهن عالمن "پيغام صلح" کي صحيح نظر سان ڏٺو ئي نہ آهي. چو تہ هنن "پيغام صلح" جي جاري ٿيڻ جا جيڪي سنڌن 37- 36- 1935ع ڏنا آٿيون. اهي سڀ ٻي بنياد آهن. چو تہ "پيغام صلح" نالي هفتيوار اخبار پهريون دفعو 1- جنوري 1938ع تي پهريون پرچو، وڏي جهازي سائيز جي پارنهن صفحن تي "ياسين پرنٽنگ پريس ڳڙهي ياسين" مان جاري ٿي. ان جو ايڈيٽر ابوالظفر اويسي هو. پهرين پرچي جي سرورق تي ڳڙهي ياسين هاشميہ مدرسي جي تڏهوڪي مهتمم فڪر رشحات مولانا نجم الدين احمد صاحب "نجم" جو هي هيٺيون شعر، اخبار جي اجراء جي خوشيء ۾ ڏنو ويو هو(23).

ئي رسائي ڪوبڪو بادِصبا پيغامِ صلح،
آ ٻڌائي سنڌ جي سرهي فضا پيغامِ صلح.
امت اسلامي جي خاطر چئي الصلح خير،
مصلح اول ڏنو آهي سدا پيغامِ صلح.
اصلحواجي حڪم کي قرآن مان سمجهي ڏسو،
پنهنجي بندن ڏي مڪو آ خود خدا پيغامِ صلح.
باغ جي سرون گلابي گلبنن جي سر مٿان،
آ چڪورن عندليبن جي نوا پيغام صلح.
سنڌ ۾ آهن سوين سڀ رنگ اخبارون مگر،
ڪين پرچو ٿو وٽي ڪنهن کي سوا پيغام صلح.
لفظ رنگين حسن معنيٰ جي تجليءَ سان ئي،
روشن وتابان مثل بدر سما پيغام صلح.
اي مريضِ ملک ملت ڪين ئي مايوس تون،
قوم جي هر درد جي آهي دوا پيغام صلح.
جلد فتانن جي فتنن جو آڇي ٿيو خاتمو،
ملڪ مان ڪڍندو سگهہ جور و جفا پيغامِ صلح.
قوم جي همدرد خادم همت عالي ڪري،
زيب زينت سان رکيو بنياد آ پيغامِ صلح.

ختم ڪري هن نظم کي "نجما" دعاء نيڪ تي، شل سدا گهلندي رهي سنڌ ۾ هوا پيغامِ صلح.

1938ع کان وٺي 1946ع تائين "پيغام صلح" اخبار نڪرندي ۽ بند ٿيندي رهي. آخر 1946ع کان بعد هميشہ لاءِ بند ٿي وئي.

سنڌ جي تاريخ ۾ اجتماعي نوعيت جو سڀ کان پهريون هندو- مسلم فرقيواراڻ فساد 1927ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿيو، جنهن جا شعلا سموري، سنڌ ۾ پکڙجي ويا. 1935ع تائين سکر، هندو- مسلم فساد جو مرڪز ٻڌجي ويو. آخر 9 نومبر 1939ع ۾ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ مسٽر ٽي ٽي ڪوناوالا جي سرڪاري طاقت جي زور تي اهو فساد مڪمل طرح شروع ٿيو. جيڪو باهہ جيان جهنگ جهر، شهر ۽ ڳوٺن ۾ ڦهلجي ويو. ڳڙهي ياسين شهر ۾ بہ ڪن لوفرن اهو هندو- مسلم فساد ڪرڻ لاءِ ڪن شرپسندانہ ڪاروايون ڪيون، جن ۾ راءِ گوڪل سنگهہ جي دربار، گوڪل پورجي ڪوٺ مان سري گروگرنٿ جي چوري، ٻيو نارٿ ڪٽنال بئراج جي مڙهيءَ ڪان چوري ڪرڻ ۽ 8 آگسٽ 1939ع تي وري ٻيو دفعو اتان چوري ٿيڻ جو واقعو ۽ اتي موجود ماڻهن کي زخمي ڪرڻ هو. ٽيون واقعو نوشهري ابڙي ۾ ڪن شرپسندن هندو پائيپبندن جا گهر ۽ دڪان ڦريا ۽ هڪ نارو سنگهہ کي شڪارپور کان واپس ايندي گهوڙي تي ويٺل کهاڙين ۽ لنين جا وار ڪري قتل ڪيائون. آغا صاحب اهو ٻڌي هڪدم هيرا سنگهہ ۽ ٻين هزارين سک ۽ هندن سان گڏ نوشهرو ابڙي پهتو، لاش کڻائي، هندن کي نوشهري ابڙي مان لڏائي ڳڙهي ياسين ويهاريو(24)، ۽ پاڻ (آغا بدر عالم درائي) مسلمانن ۽ هندن سان گڏ سموري ڳڙهي ياسين ۾، ۽ پسگردائيءَ ۾ نڪري "هندو- مسلم اتحاد" جي تبليغ ۽ تر ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون. تنهن تي عوام ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انگريز سرڪار سندس اهڙين ڪوششن جي اعتراف ۾ 7- جنوري 1941ع تي تڏهوڪي گورنر خانبهادر گرهام ۽ ليڊي گرهام پنهنجي هٿن سان ڪيس آفري نامو ۽ اعزازي ترار ڏنائونس.

آغا بدرعالم جيڪا پنهنجي ذاتي لائبريري "بدر لائبريري" قائم ڪئي هئائين، تنهن جي لاءِ عليحده بلڊنگ نه هئي. ان لاءِ هن لائبريري، لاءِ عليحده جڳهه ٺهرائي، جنهن ۾ بيڊ روم، ڊرائنگ روم، ڊريسنگ روم، ڪچن ۽ مهمان خانو پڻ موجود آهن. بعد ۾ هن "بدرلائبريري" جو دوستن جي صلاح سان "آشيانه ادب" نالو رکي، پير حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر انعام الرحمٰن، آغا ممتاز خان دراني، شاهه محمد شاهه ۽ غلام مصطفيٰ پيو کان ان جو افتتاح 1940ع ۾ ڪرايو. هن وقت تائين هن ڪتبخاني ۾ اسلاميات، تاريخ، زراعت، لسانيات، لغت، شاعري ۽ ٻين موضوعن تي اردو، سنڌي، عربي، فارسي ۽ انگريزي ۾ تقريباً اٺ هزار ڪتاب موجود آهن، جنهن ۾ ويڊيو ڪيسٽ، اخبارون، رسالا ۽ فوٽو عليحده آهن. هتي ائين چوڻ مناسب ٿيندو ته هي، لائبريري پاڪستان ۾ بي سنڌالاجي يا انر سنڌ ۾ سنڌالاجي جي هڪ اهم شاخ آهي (25).

تقريباً 25 جولاءِ 1942ع ۾ سنڌو درياهه کي چڪ کان چئن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آرائين ۽ محمد آباد جي وچ تي ڪنڊ لڳو، جنهن ٻوڏ (ليٽ) جي صورت اختيار ڪئي. هن ليٽ اتر سنڌ کي ٻوڙي تباهه ڪيو. اها ٻوڏ اتر سنڌ ۾ قيامت کان گهٽ نه هئي. هن ٻوڏ جو پاڻي تيرنهن فوٽ اوچو ڪري ٿي آيو، جيڪو شڪارپور جي ڪجهه علائقن، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو ۽ دادو ضلعن کي ٻوڙي تباهه ڪري ڇڏيو. جيڪي هن ٻوڏ ۾ شڪارپور جا ڳوٺ، وستيون ۽ واهڻ پڏي ويا، تن ۾ عبدو، هنباهه، محبوب ڳوٺ، سومر ڳوٺ، محمد باغ، دودو ڳوٺ، سنجراڻي، لشڪراڻي، نگراڻي جماڻي، باگڙجي، گوسٽرجي، مدئجي، ڊڪڻ، بدو، ڪنبو واهڻ، ديهه جاگيراڻي، لکي، قاضي واهڻ، ماڪا، ميڪا، پراڻو امروٽ شريف، نوشهرو ابڙو، حبيب سمون، داداڻي، ۽ بيا هئا(26).

جڏهن ان ٻوڏ جي پاڻيءَ سنڌ واهه کي نوشهرو ابڙو ڳوٺ وٽان ڪنڊ هٽي، اڇي منگر واهه کي جهليو ته ان وقت آغا بدر عالم ۽ هيرا سنگهه شهر ۾ پڙهو گهمرائي سمورو شهر خالي ڪرايو ۽ پاڻ حڪومت جي پرواهه نه ڪندي هزارين ماڻهن سان گڏ بٺراج کي ڳڙهي ياسين کان پرئين پاسي تي ڪنڊ هٽي ڳڙهي ياسين ۽ شڪارپور شهرن کي بچائي ورتو.

آغا بدرعالم نه صرف شهرن کي بچائي ورتو پر پاڻ سون جي تعداد ۾ ماڻهن سان گڏ تباهه ٿيل ڳوٺن ۾ وڃي اتان جي ماڻهن کي کڀي پکي تي آندو ۽ کين طبعي، رهائشي ۽ راشن جي سهولتن کان پڻ نوازيو. آغا جي ان همدرداڻ ۽ عوامي خدمتن تي عوام سان گڏو گڏ ان وقت جي سرڪار پڻ خوش ٿي. انگريز سرڪار آغا بدرالدين جي ان عوامي خدمتن جي اعتراف ۾ تڏهوڪي سنڌ جي گورنر سر هيوگ ڊو ۽ ليڊي ڊو لاڙڪاڻي ۾ 6 فيبروري 1943ع ۾ عام دربار ۾ ڪيس آفرين نامي سان گڏ اعزازي ترار کان به نوازيو.

26- فيبروري 1942ع جي ڏينهن سرڪار بنيادي جمهوريت (بي.ڊي) جي چونڊين جو ڏينهن مقرر ڪيو. ان اليڪشن کان اڳ آغا بدر جي خاندان جي خلاف ڪجهه هندو ۽ سکن سازشون سٽيون ته ڳڙهي ياسين جي ميونسپل جي پريزيڊنٽي هميشه رهندي ٿي اچي. هاڻي اسان جو به حق آهي. ان لاءِ هندن ۽ سکن ڪجهه مسلمانن کي پاڻ سان شريڪ ڪري وڏي ڏام ڏوم سان تيارين ۾ مصروف ٿيا. ان دوران جڏهن آغا شمس الدين دراني ۽ آغابدر کي خبر پئي ته کين ڏاڍو ڏڪ پهتو. ان دوران آغا شمس الدين دراني جلدي ميونسپل جي ميٽنگ ڪوڻائي، ان ۾ چيو ته:

"ميونسپل جي ڪرسي اسان جي خاندان لاءِ باعث ترقي عزت جو ٿي نه ٿو سگهي جو اسين هروپرو ان کي چنبڙي پئون. اسان ميونسپل ۾ ڪن ذاتي فرضن لاءِ نه آيا آهيون. مگر شهر جي پلي لاءِ، منهنجي اڳيان سڀ کان مقدم ترين شيءِ هندو- مسلم اتفاق آهي. موجوده حالتون مبادا ايندڙ اليڪشن جي ورڪ لاءِ متحمل نه ٿين يا مخالفين کي موقعو ملي غلط پروپيگنڊا ڪرڻ يا شهر ۾ نفاق جي بج چڻڻ جو، تنهنڪري اسان پارٽيءَ سميت مصمم ارادو ڪيو آهي ته ايندڙ ٽرم لاءِ اسين ميونسپل چونڊن ۾ ڪو به بهرو نه وٺنداسون..... (27)."

آغا بدرعالم انهن سموري سياسي ۽ سماجي حالتن جو چگي ريت جائزو ورتو. هڪ نئين سياسي پارٽي "آزاد پارٽي" المعروف" ليبر پارٽي" جي ناليسان جوڙي. ان ۾ ٽانگي وارن، موچين، لوهرن ۽ نانوائين کي پريزيڊنٽ ۽ بين کي ميمبر ڪيائين. آغا بدر عالم، هيرا سنگهه ۽ بين مهاشيه ۽ ڪانگريسين کي ٽوٽا چبرائڻ لاءِ وڏي ڏام قوم سان ٽانگي وارن ۽ موچين پاران ورڪ شروع ڪرائي. انهيءَ وڏي ورڪ کي ڏسي سيٺي مهاشيه ۽ ڪانگريسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن گهرن ۾ ٻلڪي پيا ۽ پنهنجا ناميٽيشن فارم واپس ورتائون. اهڙي طرح آغا بدر جي "آزاد پارٽي" جي ڪابينا بنا مقابلي ڪاميابي حاصل ڪئي. جيڪي ميمبر ان اليڪيشن ۾ بنا مقابلي ۾ ڪامياب ٿيا. تن جا نالا هن ريت آهن.

۱- سڪندر خان عرف سڪو ٽانگي وارو
2- سرائي اميربخش ڪوڪر عرف اميرو ڪوڪر
3- محمد سومر ميمبر عرف سومر نانوائي
4- عبدالمجيد لوهر عرف مجو لوهر
5- لعل بخش خان پٺاڻ عرف لالو پٺاڻ
6- لعل محمد مينگل عرف لالو بروهي

هنن مان جيڪي ميمبر بنا مقابلي ڪامياب ٿيا. انهن جا نالا هن ريت آهن.

۱- هريرام
2- واپاري مل
3- أتمچند ۽
4- چيڻومل

آغا بدر عالم طالب علمي جي زماني کان مسلم ليگ سان لاڳاپيل رهيو هو. عليگڙهه کان واپسيءَ بعد جيئن ته سنڌ ۾ مسلم ليگ جي ڪائي شاخ قائم نه هئي، پر هيءَ هميشه مسلم ليگ جي نظرئي جي تبليغ ڪندو رهيو. اٽر سنڌ ۾ 1938ع ۾ باقاعده مسلم ليگ هڪ متحرڪ جماعت طور قائم ٿئي. جنهن جو صدر شيخ عبدالمجيد سنڌي هو. جيڪو بمبئيءَ وڃي قائداعظم سان ملي، اجازت ورتي آيو هو. شاخ قائم ٿيڻ بعد سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مسلم ليگ جا جلسا ٿيڻ لڳا. 8، 9، 10 ، 11 ۽ 12 آڪٽوبر 1938ع تي سنڌ مسلم ليگ پاران ڪراچيءَ ۾ هڪ وڏي ڪانفرنس سڏائي وئي، جنهن جي صدارت قائداعظم محمد علي جناح ڪئي. هن ڪانفرنس کان بعد سنڌ جي لاءِ صوبائي عهديدارن جو اعلان ڪيو ويو. ان عهديدارن بعد حيدرآباد، خيرپور، نوابشاهه دادو، لاڙڪاڻو ۽ سکر ضلعي جا عهديدار منتخب ٿيا(28).

جڏهن قائداعظم محمد علي جناح اٽر سنڌ جي شهر جيڪب آباد ۾ پهتو ته کيس ڪن وڏيرن جوش جي جولانيءَ ۾ دعوت ڏني، ۽ مقرر ڏينهن تي جڏهن قافلو جيڪب آباد پهتو ته معلوم ٿيو ته پبلڪ ميٽنگ جو انتظام رکيل نه هو. الله بخش جي وزارت جي خوف ۽ جيڪب آباد اندر ڪانگريس جي زور سبب ميٽنگ محال سمجهي وئي هئي، پر پوءِ حاجي عبدالله هارون، جي وساطت (29)، ۽ سندس رفقاءِ ڪار جعفرخان جمالي، غلام نبي عليگ ۽ آغابدر عالم جي سرتوڙ ڪوششن سان پروگرام ٺهيو. اهڙي طرح ٻيو جلسو سکر شهر جي لکس پارڪ ۾ منعقد ٿيو. جنهن ۾ قائد اعظم محمد علي جناح، عبدالله هارون، راجه صاحب محمود آباد، مولانا جمال ميان فرنگي محل شامل هئا. سکر جي فضا مولانا عبدالحئي حقاني ايڊيٽر ڪراچيءَ جي مترنم آواز ۾ ترانه:

مسلم ہے تو مسلم لیگ میں آ
باطل پہ اُڑے ہیں کانگریسی
کرتے نہیں حق کی داد رسی
کچھ اور ہوں کے دل میں لیسی ہے(30).

گونجي اٿيو. سکر شهر جي لکس پارڪ ۾ اهو جلسو آغا بدر عالم ۽ ان جي مساعي حسنه ۽ سندس رفقاءِ عام آغا غلام نبي پٺاڻ ايڊيٽر سنڌ زميندار، نعمت الله قريشي، احمد علي عليگ جي سرتوڙ ڪوششن جو نتيجو هئي(31).

آغا بدرعالم اهڙن وڏن جلسن جي باري ۾ جڏهن اخبارن جي رپوٽنگ پڙهندو هو ته کيس ڏاڍو صدمو پهچندو هو، چو ته ان وقت هندن جون گهڻيون اخبارون نڪرنديون هيون، جن جو هر طرح سان صحافتي دنيا تي مڪمل ڪنٽرول هو. جيڪي اهڙن

مسلمانن طرفان ڪنوينشن ودڻ جلسن جي رپورٽنگ ڪانگريسي هجڻ جي ناتي غلط ڪندا هئا، ان لاءِ هن روزاني اخبار جاري ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويو. هن 1945ع (32) ۾ سکر جي ڪوئينس روڊ جي انقلاب پرنٽنگ پريس مان روزاني "انقلاب" جاري ڪيائين، جنهن جو ايڊيٽر ابوالظفر اويسي ۽ مئنيجر علي احمد بروهي هو. ابوالظفر اويسي گهٽو پوڙهو هجڻ سبب سموري اخبار جو ڪاروبار علي احمد بروهيءَ جي هٿ ۾ هو. آغا بدر عالم جو هن اخبار ڪڍڻ جو مقصد اهو هو ته جيئن مسلمانن جي حق جي آواز کي سرڪار جي ايوانن تائين صحيح نموني پهچائي ۽ عوام ۽ سياسي شعور سان گڏ روزاني خبرن جي مڪمل صحيح رپورٽنگ عوام تائين پهچائي(33). هي اخبار بعد ۾ ڪن سببن جي ڪري بند ٿي وئي ۽ وري ٻيهر 8 آگسٽ 1966ع بروز خميس تي روزاني "نواءِ انقلاب" جي نئين نالي سان انقلاب پرنٽنگ پريس، ڪوئينس روڊ سکر مان انعام الرحمٰن جي ايڊيٽريءَ ۾ نڪرڻ شروع ٿي، جيڪا اڄا تائين جاري آهي.

آغا بدر عالم صرف پاڻ کي سياسي، سماجي ۽ علمي ادبي ميدانن ۾ نه مجرايو، پر هن برامن جي ميدان ۾ به سپني کان اڳتي هو. هن 1944ع (34) ۾ هڪ برامينٽڪ سوسائٽيءَ جو بنياد وڌو، جنهن جو صدر پاڻ ٿيو ۽ ميمبرن ۾ سمندر خان نڏهوکو لا ڪاليج جو پرنسپل، حڪيم حبيب الله بارکزئي، آغا ممتاز حسين خان دراني، غفارخان پناڻ، غلام نبي دايو، لعل محمد ميمڻ، غلام نبي سومرو، عبدالواحد هڑو، امام بخش دايو ۽ ٻيا شامل هئا. هن برامينٽڪ سوسائٽيءَ طرفان چار برام پيش ڪيا ويا. هڪ آغا حميد ڪاشميريءَ جو "صيد حوس" پائي واري ڪڍ جي پلاٽ تي، ٻيو "سسئي پنهون" موجوده پراڻي ڪورٽ جي ميدان تي. هن برامي ۾ حڪمت راءِ جيڪو آغا بدر جو ذاتي برائيور به هو. "سسئي" جو ڪردار ادا ڪيو. ٽيون برامو "انارڪلي" هو ۽ چوٿين جو نالو نه ملي سگهيو(35).

21 جنوري 1946ع تي سنڌ جي بمبئيءَ ڪان عليحدگي بعد پهرئين دفعو ليجسليٽو اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون. آغا بدر عالم پنهنجي ٽڪ ۾ مسلم ليگ جي طرفان اميدوار ٿي بيٺو. سندس مخالفت ۾ علي شاهه محمود شاهه، پير غلام مجيد ضياءَ معصوم سرهندي ۽ راحر شاهه مردان شاهه هئا.

آغا بدر عالم پنهنجي سياسي ۽ سماجي خدمتن جي عيوض پنهنجي مخالفن کي شڪست ڏيئي، پهريون دفعو صوبائي سياست ۾ پير پاتو. اليڪشن کان بعد سر غلام حسين هدايت الله گورنر جي سڏ تي پنهنجي وزارت ناهي، پر ڪانگريس ۽ ان جي همنوا پارٽين ڪيترائي دفعا ان وزارت جي خلاف تحريڪ عدم اعتماد پيش ڪيو، جيڪو هر دفعي ناڪام ويو. اهو سلسلو ڏسي گورنر سنڌ 192 الف قلم سنڌ ۾ لاڳو ڪري، سنڌ اسيمبلي ٽوڙي 9- ڊسمبر 1946ع تي ٻيهر چونڊن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. آغابدر عالم ٻيهر پنهنجي تڪ مان مسلم ليگ جي طرفان اميدوار ٿي بيٺو. سندس مخالفن کي پهرين چونڊن جي نتيجن کان بخوبي علم هو، تنهنڪري هن دفعي واري چونڊن ۾ سندس آڏو ڪو به اميدوار نه بيٺو. تنهنڪري آغا صاحب بنا مقابلي ڪاميابَ ٿيو(36). چونڊن کان بعد ٻيهر سر غلام حسين هدايت الله پنهنجي وزارت جوڙي (37).

سيد مير ان محمد شاهه جيڪو ان وقت سنڌ جو اسپيڪر هو. تنهن وزارت جو قلمدان سنڀالڻ خاطر سندس جاءِ تي 8 مارچ 1949ع تي اسپيڪر جي چونڊ ٿي. آغابدر عالم دراني، نامينيشن فارم پريو هو، پر سندس مخالفت ۾ ٻئي ڪنهن به فارم نه پرايو. ان لاءِ 8 مارچ 1949ع بروز آڱارو جي ڏينهن آغا صاحب بنا مقابلي سنڌ جو اسپيڪر چونڊجي ويو.

آغا بدر عالم دراني اسپيڪر چونڊجڻ بعد ميران محمد شاهه، محمد يوسف، عبدالله هارون، قاضي مجتبيٰ، حاجي علي محمد مري، خانبهادر مولابخش ۽ سيدعلي اڪبر شاهه ڪيس مبارڪباد ڏني. ان موقعي تي آغا بدرعالم بحيثيت اسپيڪر جي خطاب ڪيائون ته:

"منهنجي آنريبل مهربان دوست اپيل ڪئي آهي ته مان اردو يا سنڌي ۾ پنهنجي جوابي تقرير پيش ڪيان. مان توهان سڀني صاحبن جو تهه دل سان شڪريو ادا ڪيان ٿو ۽ خدا کان دعا گهران ٿو ته خدا وند ڪريم مون کي توفيق ڏي ته جيترا Suggestions اوهان صاحبن مون کي ڏنا آهن، انهن تي مان پوري طرح سان عمل ڪيان..... (38)."

آغابدر عالم کي پاڪ جاين جي زيارتن جي ديدار ڪرڻ جي دل ۾ وڏي تمنا هئي. ان لاءِ هن 21 سيپٽمبر 1949ع تي پنهنجي چئن سائين هرهڪ محمد الياس، حافظ شاه بخش جڪرو، اميرعلي شاه امروٽي ۽ آخوند رسول بخش سان گڏ حج ڪري 22 آڪٽوبر 1949ع تي واپس ڳڙهي ياسين پهتو (39). حج جي سعادت حاصل ڪرڻ کان بعد گهر جا پاڻي ۽ دوست احباب کيس "حاجي بابا" جي نالي سان سڏڻ لڳا. سندس هي نالو اڄا تائين خلق جي زبان زد آهي.

سيپٽمبر 1950ع ۾ قاضي فضل الله جي سرڪار "High power executive committee for sindhi literature" سنڌي ادب لاءِ اختيار جي ڪاروباري ڪميٽي مقرر ڪئي. هن ڪميٽيءَ تحت مرڪزي بورڊ جيڪي سنڌي ادب يا واڌاري لاءِ رٿائون جوڙي، تن کي هيءَ ڪميٽي عمل ۾ آڻي. ان ڪميٽيءَ ۾ ڪل ست ميمبر هئا. آغابدر عالم کي به سندس علمي ۽ ادبي خدمتن تحت هن ڪميٽيءَ جو ميمبر مقرر ڪيو ويو هو (40). ان کان بعد ڊسمبر 1951ع ۾ ٻيو دفعو ڊسمبر 1954ع ۾، ٽيون دفعو مارچ 1955ع ۾ ميمبر مقرر ڪندا رهيا (41).

5 اپريل 1946ع ۾ آغا بدرعالم سنڌ ۾ "ڊائريڪٽ ايڪشن ڪميٽيءَ جو صدر منتخب ڪيو ويو. جڏهن 9 ۽ 10 اپريل تي دهليءَ ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جو ڪنوينشن مقرر ٿيو ته اُتي هي تقرير ڪيائين.

In the name of Allah, the beneficient, the merciful. i, Agha badaruddin durrani, member of the Muslim league party of the sukkur legislative, do hereby solemnly declared my firm conviction, that the safety and the security and the salvation and destiny of the muslim nation inhabiting the sub- continent of india Lie only in the achievement of pakistan which is the one equitable, honourable and just solution of the constitutional problem and which will bring peace, freedom and prosperity to the various nationalities and communities of the great sub- continent.

i most solmnly affirm that i shall willing and unfli chingly carry out all the directions and instructions which may be issued by the All India muslim league in pursuance of any movement launched by it for the attainment of the cherished national goal of pakistan and, believing as I do in the rightness and the justice of my cause, i Pledge myself to undergo and Longer, trial or sacrifice which may be demanded of me." our lord! bestow on us endurance, and keep our step firm and help us against the disbelieving people," Amen! (42)

10 اپريل 1946ع جي ڏينهن پيش ڪيل قرارداد تي صحي رَٽ سان ڪيائين.

آغا بدر عالم دراني 1954ع ۾ سڪر ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ منتخب ٿيو. پريزيڊنٽ مقرر ٿيڻ شرط هن سموري ضلعي ۾ تعليم مفت ڪرائي(43)، ۽ جولاءِ 1954ع ۾ "ڊي جسٽس حسن علي آغا لوڪلبورڊ لاڪالج" برپا ڪيائين. ان وقت جي سرڪار، اِن خدمت کان گهڻو مخالف رهيو. پر هن اِن طرف کو توجهه نه ڏنو ۽ لا ڪاليج جو اي‌ڪي بروهيءَ کان افتتاح ڪرايائين. ان لا ڪاليج جو پهريون پرنسيپال مظهرعلي شاه هو. مظهر علي شاه بعد ۾ هڪ گورننگ باڊي جوڙيائين، جنهن جو آغا صاحب پڻ ميمبر ٿيو. بعد ۾ هن لاڪاليج جو نالو مٽائي "سيد مظهر علي شاه لاڪاليج" رکيو ويو(44). نئين ڪاليج جي جيڪا اڄ عمارت آهي، تنهن جو بنياد 1961ع ۾ تڏهوڪي وزير ذوالفقار علي رکيو (45). هاڻي هن لا ڪاليج جو نئون نالو "آغا بدرعالم دراني گورنمينٽ لاءِ ڪاليج" آهي (46).

آغا بدر عالم دراني کي پنهنجي علاقي ۾ هميشه تعليم عام ڪرڻ جو فڪر رهيو. هر زندگيءَ جي موڙ تي تعليم عام ڪرڻ لاءِ قدم کڻندو هو. انهي سلسلي ۾ هن مئي 1949ع ۾ ڳڙهي ياسين ۾ هڪ هاءِ اسڪول قائم ڪيو، جيڪو پهريائين موزون جاءِ نه هجڻ ڪري پراڻي گرونانڪ اڪيڊمي اسڪول ۾ عارضي طور ڪوليو ويو، پر پوءِ پنهنجي زمين الاٽ

ڪري، ان جاءِ تي تقريباً اڍائي لک روپين جي مالیت سان هاءِ اسڪول جي عمارت ٺهرائيائين. پوءِ ان جو افتتاح 12 جون 1955ع تي محمد ايوب کهڑي ڪان ڪرايائين(47)، ان بعد ان اسڪول جو نالو "ايم- اي کهڑو لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول" رکيائين(48). جڏهن 1972ع ۾ پاڪستان سرڪار سمورن لوڪلبورڊن جي اسڪولن کي سرڪاري تحويل ۾ ورتو تہ هن هاءِ اسڪول جو نالو "گورنمينٽ پراونشل هاءِ اسڪول گڙهي ياسين" رکيو ويو. 23- سيپٽمبر 1996ع تي ٽڏهوڪي صوبائي سرڪار پنهنجي هڪ نوٽيفڪيشن No. So (A.C.D1) 1-132/96 تحت ان اسڪول جو نالو "آغا بدرالدين خان دراني گورنمينٽ هائير اسڪول" رکيو ويو، جيڪو اڄا تائين برقرار آهي. هن اسڪول جو پهريون هيڊ ماسٽر شاهه محمد شاهه، جيڪو 2 مئي 1949ع کان 2 مئي 1958ع تائين رهيو هو.

25 مارچ 1951ع تي محمد ايوب کهڑو وزير اعليٰ ٿيو. سندس ڪابينا ۾ هيٺيان ماڻهو شامل هئا.

1- قاضي فضل الله - گهرو ڪاتو ، قانون ۽ انڊسٽري

2. ميربنده علي- روينيو

3- ميران محمد شاهه- پي ڊبليو ڊي

4- آغا غلام نبي- صحت، خوراڪ

بدبختيءَ سان کهڙي جي وزارت ۾ شامل وزيرن جو ٻاڻ ۾ سياسي مقرري ۽ بين ڳالهين تي تڪرار شروع ٿيو، جيڪو مسلسل اٺ مهينا يعني 25 مارچ کان 1- ڊسمبر تائين هليو. حڪومت جي ان اختلافن کي ختم ڪرڻ لاءِ آغا بدر عالم ٽيڪڙيءَ جو ڪردار ادا ڪيو. ان لاءِ پهرين ڊسمبر تي سنڌ ڪابينہ جي مذڪوره وزيرن کي "آشيانہ ادب" ۾ دعوت ڏنائين. آخر پهرين ڊسمبر کان ڇهين ڊسمبر جي منجهند تائين وڏي بحث مباحثي کان بعد 6 ڊسمبر 1951ع تي منجهند ڏاري آغا بدر عالم سڀني وزيرن کي هڪ "صلح نامي" ڪرائڻ تي راضي ڪيو. اهو صلح نامو ٻارنهن شرطن تي مشتمل آهي، جيڪو هڪ قرآن شريف جي ٻاهرين سادي صفحي تي ٻن صفحن تي لکيل ڪونئر سان چنبڙيل آهي. اهو قرآن مجيد جو نسخو هن وقت بہ "آشيانہ ادب" جي زينت بڻيل آهي.

وزيرن جي وچ ۾ قرآن شريف تي جيڪو صلح نامو ٿيو ان جو متن هيٺ ڏجي ٿو.

"اسين هيٺ صحي ڪندڙ قرآن مجيد فرقان حميد تي ايمان رکندي پنهنجي خوشيءَ سان اقرار ڪريون تہ: اسان جن شرطن تي 6 ڊسمبر 1951ع جي، ٻاڻ ۾ ناهہ ڪري ان جو تحريري دستخط ڪيل مسودو پنهنجي خير خواهہ دوست آغا بدرالدين احمد وٽ امانت طور رکيو آهي. انهن ساڻين شرطن تي محڪر رهندي پنهنجا سڀ اختلاف وساري، پنهنجي ڪيل صلح کي پائدار، خاطرخواهہ ۽ تسلي بخش ڪرڻ لاءِ هن قرآن شريف تي هي لکي پنهنجا دستخط ڪريون ٿا ۽ هي قرآن شريف ٻڌ آغا بدرالدين وٽ بطور امانت رکون ٿا، ۽ خداوند ڪريم جي بارگاهہ الاهيءَ ۾ دست بدعا آهيون تہ اسان کي پنهنجي وعده وفا ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري ۽ هدايت بخشي جيئن اسان سڀ ٻاڻ ۾ متفق ۽ متحد ٿي پنهنجي مادر وطن سنڌ ۽ سنڌي باشندن جي مفادن لاءِ صحيح نمائندگي جا فرائض، قومي خادم ۽ سچي پاڪستانيءَ جي حيثيت ۾ سَر انجام ڪندا رهون." (مؤرخہ 9 ڊسمبر 1951ع)

ٽيون دور:

8 آڪٽوبر 1958ع ۾ ملڪ ۾ مارشل لا لڳو. جتي ٻيا سنجيده سياستدان، سياسي ميدان کان پاسيرو ٿي ويا، اُتي آغا بدر عالم دراني ٻڌ گوشہ نشيني اختيار ڪئي. ان گوشہ نشينيءَ دوران 21- ڊسمبر 1958ع ۾ گڙهي ياسين شهر کان ڇهہ ڪلوميٽر اُتر طرف وهندڙ ديهہ ۾ جيڪا سندس جاگير هئي، ۾ ٻہ سو ايڪڙن تي مشتمل هڪ عظيم الشان "جنات البارڪ" باغ جو بنياد وڌائين(49). جنهن ۾ انب، ليما، ڪجيون، نارنگيون، زيتون ۽ بين قيمتي ميون جا بهترين ناياب وڻ پوکايائين. ان باغ ۾ دنيا جي هر آسائش موجود هئي. حتيٰ ڪ باغ ۾ ڪم ايندڙ هر شيءِ مثلاً: پلنگ، ڪٽ، دلا، منڊ، گلاس، جڳ، ڪهاڙي، ڪوڙر، رنبو ۽ بين شين تي "جنات البارڪ" نالو اُڪريل نموني تحرير ٿيل هو.

آغا صاحب گوشہ نشينيءَ دوران باغ ڏي توجهہ ڏنو ۽ ٻئي طرف "آشيانہ ادب" ۾ مطالعي ۾

وقت صرف ڪرڻ لڳو، پر جڏهن عوام جي بدحالي ۽ غير سماجي ڪمن ۾ مصروفيت کي ڏسي ڪيس ڏاڍو صدمو پهتس. ان لاءِ هن ٻيهر سماجي حوالي سان عوام کي منظم ڪرڻ جو سوچيو. ان سلسلي ۾ هن 9- مئي 1964ع بروز چنڇر جو 9 بجي ويهن ماڻهن تي مشتمل هڪ وفد جي ميٽنگ ڪوٺائي. ان ميٽنگ ۾ هڪ اهر سماجي تنظيم جي بنياد وجهڻ لاءِ غور ڪيو ويو. آخر اهڙن ٻن- ٽن ميٽنگن کان بعد "Public Internal yeomen and social association" يعني "PIYASA" (پياسا) جو بنياد وڌائين. پهرين هيءَ تنظيم تعلقي ليول تي قائم ڪئي وئي. 23- آگسٽ 1964ع بروز آچر تي ان تنظيم پاران ڳڙهي ياسين ۾ "سوشل ورڪرس ڪنونشن" ڪوٺايو ويو، جنهن جي صدارت اي ڪي بروهي صاحب ڪئي. ان ڪنونشن دوران تنظيم جي قائم ڪرڻ بابت آغا صاحب چيو ته:

ڪنونشن پنهنجي مستقبل جي لائحہ عمل لاءِ چند اصول تجويز ڪيا آهن. جن جو لُبِ لباب حسب ذيل آهي.

1- بلا امتياز رنگ ونسل خدمت خلق.
2- سماجي برائين جو سدباب.
3- مجاهدانہ جذبي سان سماجي اصلاح آڻڻ.
4. امن و آشتي جو ماحول پيدا ڪرڻ.
5- رشتہ اخوت ومساوات کي مضبوط ڪرڻ
6- سادہ زندگي بسر ڪرڻ.
7- باهمي اختلاف کي خوش اسلوبيءَ سان طئي ڪرڻ
8- سماجي ۽ معاشي استحڪام لاءِ ڪوشان رهڻ.
9- تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ طريقا سوچڻ.
10- سياسي قيادت لاءِ خدمت خلق کي مقرر ڪرڻ.

ان ڪنونشن بعد هيءَ تنظيم، تعلقي ليول تي وڏي آب وتاب سان سياسي ۽ سماجي طور مٿي اُبري. جڏهن ايوب خان جي سرڪار پهرين نومبر 1964ع تي بنيادي جمهوريت (بي- ڊي) جي چونڊن جو اعلان ڪيو تہ پياسا تنظيم سموري ڳڙهي ياسين تعلقي ۾ 87 يونين (678 کان 764 يونين تائين) تي پنهنجا اميدوار بيهاريا نتيجي ۾ 87 يونين مان پياسا تنظيم جا 42 اميدوار بنا مقابلي منتخب ٿيا ۽ 33 اميدوار آسان مقابلي بعد ڪامياب ٿيا. ائين 87 يونين (سيٽن) مان 75 سيٽن تي پياسا تنظيم ڪامياب ماڻي(50).

جڏهن آغا صاحب جي تنظيم مڪمل طور تي ڪامياب ماڻي تہ هن ايوب خان کان گهر ڪئي تہ جلد از جلد "ون يونٽ" ٽوڙيو وڃي ۽ تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ رستن جي قريب ساريالي فصل ڪرڻ تان پابندي هٽائي وڃي. 2 جنوري 1965ع تي صدارتي اليڪشن جي تاريخ مقرر ڪئي وئي. هڪ طرف ايوب خان تہ ٻئي طرف فاطمہ جناح هڪٻئي جا مخالف هئا. آغابدر عالم درائي مسلم ليگ سان پراڻي وابستگيءَ خاطر فاطمہ جناح جي حمايت جو اعلان ڪيو. ايوب خان کيس پنهنجي حمايت لاءِ تڏهوڪي وزير خارجہ ذوالفقارعلي ڀٽي کي سندس ڏانهن روانو ڪيو، جنهن رات جو تقريباً هڪ وڳي "آشيانہ ادب" ۾ ساڻس ملاقات ڪيائين، پر آغا صاحب پنهنجي اصولي ۽ عوامي سياست جي ڪري هڪ آمر جي حمايت ڪرڻ کان انڪار ڪيو. اهڙي طرح ذوالفقار علي ڀٽو ڏانهس ٻہ ٽي دفعا ونس ڪهي آيو(51). تہ ايوب خان جي حمايت ڪر، پر آغا صاحب کنهن بہ طاقت جي زور ۾ نہ آيو. ذوالفقارعلي ڀٽي کي جڏهن ٽن چئن دفعن سان جواب نہ ۾ مليو تہ هن آغا کي سرڪاري وحشت ۽ فوجي گرفتاريءَ جو ڊپ ڏيکاريو، پر آغا پنهنجي فيصلي تي اٽل رهيو. اليڪشن ڏينهن ايوب خان ۽ سندس ڪارندن هرممڪن ڪوشش ڪري نتيجا پنهنجي حق ۾ ڪيا. انهي ڌڪيءَ جي سياست ۽ سرڪاري مشنري جي غلط اقدامن جي سبب ڪيس ڏاڍو صدمو پهتو ۽ بيمار ٿي پيو، ڪيس عزيزن ڪراچيءَ جي جناح سينٽرل اسپتال جي ڪمري نمبر 47 ۾ داخل ڪرايو، 25- جنوري 1965ع سومر ڏينهن سندس طبعيت سڌري تہ گهر جا پاڻي ۽ ملازم ڏاڍو خوش ۽ سرها ٿيا. سانجهيءَ جو ساڻس ملاقات لاءِ اي.ڪي بروهي، پير حسام الدين راشدي، صدر الدين (سندس پاءُ)، آغا انور

خان ۽ ٻيا آيا. آخر 26- جنوري 1965ع بروز آڳاري جو صبح جو 4 وڳي پاڪستان جي هن اهم سياسي، علمي ۽ ادبي شخصيت ۽ ڳڙهي ياسين تعلقي جو شاهي خاندان جو فرد پنهنجي مالڪ حقيقي سان وڃي مليو. سندس مَيت کي ڪراچيءَ کان ڳڙهي ياسين. آندو ويو ۽ ڪيس پنهنجي والد بزرگوار جي قريب دفن ڪيو ويو (52).

آغا بدرعالم جو دسترخوان هميشہ ۽ هر ڪنهن لاءِ وڇايل هوندو هو، جنهن ۾ ڪنهن امير، نواب غريب ۽ هاريءَ ۾ فرق نہ رکيو ويندو هو. انهي اعليٰ خيالن ۽ هڪجهڙائيءَ جي اصولن تي سندس نوازيءَ جو هرهنڌ چرچو هلندو هو. هڪ اهڙو واقعو سنڌ جو نامور مؤرخ ۽ محقق اعجازالحق قدوسي هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو:

"مان ۽ آغا صاحب گڏ ڪراچي ڪينٽ مان روانا ٿياسين، سموري رات ريل هلندي رهي ۽ اسان صبح جو شڪارپور پهتاسين.

آغا صاحب جي مهمان نوازيءَ جو هيءُ عالم هو تہ هُو ريل بيهندي ئي پنهنجي ڊبي مان نڪري منهنجي ڊبي جي سامهون آيو ۽ سڀ کان پهرين اهو پڇيو تہ رات ڪيئن گذري؟

مان پنهنجي خيريت بيان ڪئي..... آغا بدرالدين درائي جي ميزباني ۾ وڏو لطف ايندو هو. هُو مهمانن کي ڪارائڻ کان نہ ٽڪجندو هو ۽ اسان ڪائي ڪائي ٽڪيا هئاسين. هاڻي صبح جو نيرن آهي، ۽ ڪلاڪ نہ گذريا تہ منجهند جي ماني آهي، ٽيڪ ساڍي چئين وڳين ٻُپهريءَ جو شام جي چانهہ جو اهتمام ڪيو ويندو هو ۽ رات جو اٺين وڳين سمورن جو ڪاتو لڳايو ويندو هو.

روح جي غذا لاءِ اُن جي شاندار لائبريري "آشيانہ ادب" ۽ جسم جي غذا لاءِ هن جو دسترخوان جي مختلف مختلف ۽ قسمين قسمين ڪاڌا زندگيءَ جي گرم صحرا کي جنت بنائي رکيو هو(53)."

حاجي انور احمد خان مهر، آغا بدر عالم جي مهمانيءَ جو قصو ٻڌايو تہ هڪ دفعي آغا بدر عالم درائي وٽ ڪو مهمان ٿي آيو. نوڪرن صبح جي ناشتي جي تياري ڪئي ۽ پليٽون صاف پئي ڪيائون. هڪ پليٽ تي ڪارو داغ لڳل هو، جو ٽوپڙن ڪان رهجي ويو هو. لولائي ذات جي نوڪر ان کي ڪپڙي تي ٽڪ هٽي صاف ڪيو ۽ اِها پليٽ مهمان آڏيان رکيائين. مهمان ان مَهل هٽ ٽوئٽ ويو هو تہ آغا بدر عالم مهمان جي غير موجودگيءَ جو فائدو وٺي اِها پليٽ يڪدم کڻي ان جي جاءِ تي پنهنجي صاف ٽوتل پليٽ رکيائين. ماني پوري ٿي وئي ۽ پوءِ ڪن دوستن پڇيس تہ اِها ماجرا ڇا هئي، پوءِ آغا بدر عالم سموري نوڪر جو احوال ڪري ٻڌايائين تہ ٽڪ لڳل پليٽ مهمان آڏيان نوڪر رکي ويو جيڪا منهنجي طبعيت گوارا نہ ڪئي ۽ مان اِها کڻي پنهنجي صاف ٽوتل پليٽ رکي. ڇوڪ جو مقصد تہ آغابدر عالم جي مهمانوازي اعليٰ قسم جي ۽ شاندار نموني جي هئي(54).

آغا بدرعالم درائيءَ جا حسام الدين راشدي سان لاڳاپا هن جي والد بزرگوار آغا شمس الدين خان جي دور کان ٿيا. پر بعد ۾ هيءُ لاڳاپا گهري علمي ادبي ۽ دوستيءَ ۾ تبديل ٿي ويا. آغا بدر عالم، حسام الدين راشدي کي "بلاءِ سنڌي" ۽ حسام الدين راشدي کيس "بدرعالم" جي پيارن نالن سان سڏيندا هئا. ان کان علاوه جوش مليح آبادي، رئيس امروهوي، اينيمري شمل (جرمني) ۽ ٻيا برڪ عالم ۽ اديب سياري جي موسم ۾ دوستن ۽ احبابن سان گڏ اچي "جنات البارک" باغ ۽ "آشيانہ ادب" ۾ ڪچهرين جا دور هلائيندا هئا، جنهن ۾ مشاعرا ۽ علمي ادبي موضوعن تي وڏا بحث ڪندا هئا ۽ ان سان گڏوگڏ محفل موسيقيءَ جو دور بہ هلندو هو. آغا صاحب هڪ اهڙو واقعو پاڻ لکندي ٻڌائي ٿو تہ:

"اڄ صبح جو يارهين وڳي پير حسام الدين، ڊاڪٽر اينيمري شمل سان گڏ آيو. شام جو چئين وڳي مهمانن سان گڏ شاهہ محمد شاهہ، ممتاز خان درائي ۽ آغا صدرالدين خان ڳائڻ وڄائڻ وارا راڄي خواهہ خواهہ مرلي وڄائڻ وارا فارم (باغ) تي پهتاسين. وڏو لطف رهيو، رات جو ساڍي نائين وڳي واپس ٿياسين، ماني ڪاڌي سين، مجلس ڪئي سين (55)، وڏي خوشي ئي(56).

بحيثيت محقق ۽ اديب:

آغا بدرعالم دراني جي علمي ادبي ڪاوشن ڪي پرکيندي، ان چوڻ ۾ ڪا به گنجائش نه ٿي رهي ته هو هڪ وڏو ناليوارو محقق، مؤرخ، دانشور، نقاد، سفرنامہ نگار، ماهر لسانيات ۽ ڪمپوزر هو. راقم الحروف جي تحقيق مطابق آغا صاحب جي پهرين لکڻي 12 مارچ 1938ع ۾ هڪ مضمون جي صورت ۾ شايع ٿي. ان مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته ٻاڻ ڇوويهن سالن جي عمر ۾ قلم کنيو. راقم الحروف کي تحقيق ۽ جستجو بعد جيڪي ڇپيل مقالا مليا آهن، انهن جو تعداد ويهه آهي. انهن ۾ پندرهن سنڌي زبان ۾، چار اردو زبان ۾، ۽ هڪ انگريزي زبان ۾ آهي. اِهي سمورا مضمون ۽ مقالا ماهنامہ نئين زندگي، روزاني جنگ ڪراچي، ماهنامہ الرياض ڪراچي، ماهنامہ تذڪره ڪراچي، الوحيد اخبار ۽ هين روزاني اخبارن۽ ماهاڻ رسالن ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

ڪتابن جي حوالي سان آغا بدر عالم دراني اٽڪل ڪتابن جو مصنف آهي. انهن اٽڪل ڪتابن جو وڇور هن ريت آهي:

1- مسافر حجاز: آغا صاحب جڏهن پاڪ جڳهن جي زيارتن لاءِ ويو ته واپسيءَ تي پنهنجي ان سفر جي روئداد لکيائين. جيڪو پهريون دفعو 1950ع ۾ انقلاب پرنٽنگ پريس سکر مان شايع ٿيو.

2- مسافر حجاز (اردو): مسافر حجاز ڪتاب جو ٻاڻ اردو ۾ ترجمو ڪيائين. جيڪو سنڌس لائبريريءَ ۾ 509 وڏي سائيز جي صفحن تي قلمي صورت ۾ موجود آهي. آغا صاحب هيءُ ترجمو 5 مارچ 1955ع ۾ ڪيو.

3- معاشيات (اردو): آغا صاحب هيءُ ڪتاب علم معاشيات جي افاديت تي لکيو آهي. هن ڪتاب جو سمورو قلمي نسخو راقم کي ملي نه سگهيو، شايد ضايع ٿي ويو آهي يا ڪنهن وٽ امانت طور پيو هوندو. هن ڪتاب جو هڪ باب ماهنامہ الرياض ڪراچي ۾ ڇپيو آهي. آغا صاحب هيءُ ڪتاب 1955ع ۾ لکي پورو ڪيو.

4- تاريخ سنڌ آغا صاحب جي دلي خواهش هئي ته تاريخ سنڌ کي گزيٽيئرن وانگي مرتب ڪري ڇپايان. ان لاءِ هن ان دور جي ڊپٽي ڪمشنرن، مختيارڪارن ۽ ٻين واسطيدار ڪامورن سان لکپڙهه ڪئي، ان حوالي سان جيڪو مواد ملي سگهيو، اُن کي مرتب ڪيائين. هيءُ ڪتاب لکڻ وقت سنڌ جي هر ضلعي جو عليحده فائيل ناهيائين ۽ ان فائيل ۾ واسطيدار ضلعي جي معلومات گڏ ڪندو ويو، پر پوءِ ڪامورن مدد نه ڪئي ۽ ائين هيءُ ٻيهر ڪتاب اڻپورو رهجي ويو. آغا صاحب هيءُ ڪتاب آگسٽ 1959ع ۾ لکڻ شروع ڪيائين. هن وقت ان ڪتاب جا سمورا فائيل خالي آهن. شايد مواد ضايع ٿي ويو آهي.

5- تحفة الطاهرين (فارسي): آغا بدرعالم دراني، شيخ محمد اعظم بن محمد شفيع لٹوي جي 1190ھ ۾ لکيل "تحفة الطاهرين" ڪتاب کي ايڊٽ ڪري ۽ هڪ بهترين مقدمو لکي 1956ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ مان فارسي ۾ شايع ڪيائين (57).

آغا صاحب هر ممڪن ڪوشش ڪري ڪتاب جي مصنف جي حالات زندگيءَ جي هر گوشي تي قلم کنيو، پر ڪائنس کي تحقيقي گوشا اوجهل رهيا. ان جي وجهه اِها هئي جو ڪتاب جي مصنف جي حالات زندگي کي رقم ڪرڻ وقت، آغا صاحب جي سامهون "تحفة الڪرام" جو هڪ ناقص مطبوعہ نسخو هو، جنهن کان هن مدد ورتي. انهي حوالي سان سنڌس علمي ادبي دوست پير حسام الدين راشدي لکي ٿو ته:

"منهنجي عزيز ۽ شفيق دوست، جناب بدر عالم کان احوال بہ حذف ٿي ويو آهي ۽ يقيناً اهوئي سبب آهي جو آغا صاحب موصوف "تحفة الڪرام" مان استعفادو ڪري ڪونہ سگهيو آهي (58)."

هن فارسي ڪتاب جو بعد ۾ سنڌ جي نامور محقق ۽ مؤرخ عبدالرسول قادري بلوچ صاحب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري 1990ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ مان شايع ڪرايو (59).

6- دنيا جون زبانون: آغا صاحب کي لسانيات تي بہ وڏي دسترس حاصل هئي. هن هڪ اهڙو ڪتاب

لکڻ ٿي گهريو، جنهن ۾ سنڌي زبان جي هڪ لفظ جي معني دنيا جي سمورن زبانن ۾ ڏنل هجي. ان لاءِ هن ان وقت جي دنيا جي سمورن علمي ادبي ۽ سرڪاري ادارن سان لکپڑهه ڪري، ڪائن ملڪن ۾ مروج زبانن متعلق مواد ورتو. هي ڪتاب اٽڪورو آهي، جيڪو "آشيانه ادب" ۾ قلمي صورت ۾ موجود آهي.

7- صلاح الدين ايوبي (سنڌي ترجمو): هي ڪتاب اسٽين لين پول جي ڪتاب "سلاڊين" يعني "صلاح الدين" جو سنڌي ترجمو آهي. جيڪو هن 1961ع ۾ پورو ڪيائين. هي ڪتاب ڪل 78 صفحن تي مشتمل آهي. جيڪو سندس لائبريريءَ جي زينت بڻيل آهي. هن ڪتاب جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو ته:

"آءٌ پنهنجي مخلص دوست بلڀاءِ سنڌي پيرحسام الدين راشدي جو سنڌي زبان، سنڌي ثقافت ۽ سنڌي تهذيب جو مخلص ترين دلداده ۽ تاريخ سنڌ جو بي مثال عالم آهي، جو شڪريو ادا ڪرڻ ۽ پنهنجو فرض تصور ڪريان ٿو. جنهن هن ترجمي جي متعلق مون کي بعض قيمتي مشورن سان مستفيد فرمايو."

8- مقالن ۽ مضمونن جو مجموعو هن ڪتاب ۾ مختلف موضوعن تي مضمون ۽ مقالا شامل آهن. جن ۾ ڪي ترجما به شامل آهن. هن ڪتاب ۾ ٽوٽل اٺ مقالا ۽ مضمون شامل آهن. جنهن ۾ هڪ باسو (Basu) جو مقالي "Extract from rise of christian power in india" the annexation of sind" جو ترجمو آهي. هن ڪتاب جي جائزي مان معلوم ٿئي ٿو ته هي ايجان اٽپورو آهي. هي ڪتاب به "آشيانه ادب" جي زينت بڻيل آهي.

[نوٽ: هن مقالي لکڻ لاءِ مان آغا سراج خان دراني، آغا رفيع الدين خان دراني، آغا مسيح الدين خان دراني، مرحوم محمد يعقوب خان دراني، آغا وقارخان دراني، علي احمد بروهي، شاهه محمد شاهه، پروفيسر غلام محمد لاکي، فائق سومري، مولابخش قاصد سومري ۽ ٻين جو تهه دل سان شڪريو ادا ڪريان ٿو، جن مختلف نموني سان مواد ڏيڻ ۽ تحقيق دوران منهنجي مدد ڪئي. خاص طور آغا سراج خان دراني جو شڪر گذار آهيان جو "آشيانه ادب" منهنجي حوالي ڪري هن تحقيق ۾ سڀ کان وڌيڪ مدد ڪئي.]

حوالا حاشيا ۽ اضافا:

(1) شيدائي، مولائي رحيمداد، "جنت السنڌ"، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1985ع، ص. 529.

• سليم، آغا، "پناڻ"، جام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1986ع، ص. 28، 29.

• بلوي لطف الله، "تذڪره لطفي"، جلد 2، 1946ع، ص. 45، 20.

(2) Pre-munity records of commissioner in sind- 1857, karachi, commissioner printing press, 1931, p. uou.

(3) شيدائي، حوالو ڏنل آهي، ص. 651

(4) "Selection from records of the bombay government" edited by: hughes thomas, bombay educational society pross,1855, p- 690. and also see:

• موتواڻي (ڪڙيجا)، پاڻي مناسنگهه سيتلداس، "ڳڙهي ياسين درشن"، ڪانپور/ الهاس نگر، 1972ع، ص 17.

(5) "Memoirs of hereditary jagirdars, kharutdars, pattadars and hissadars in sind", 1888, p. 276. and also see.

• شڪارپوري، عطا محمد مرزا، منشي، "تازه نواي معارڪ" (فارسي)، تصحيح، حاشيو ۽ تعليق، عبدالحئي حبيبي افغاني، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع، ص 794 جي سامهون ڏنل شجرا.

(6) "ڳڙهي ياسين درشن" حوالو ڏنل آهي. جي مرتب ڪندڙ، آغا بدر عالم جي جنم جو سن 1909ع لکيو آهي، جيڪو تحقيقي نڪتئه نگاهه کان صحيح نه آهي. ڇو ته سندس والد بزرگوار آغا شمس الدين خان دراني جي ذاتي ڊائريءَ مان اسان جي ڏنل سن جي تصديق ٿئي ٿي. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو:

• مولابخش "قاصر" سومرو، "آغا بدرالدين دراني" (مقالو)، روزاني هلال پاڪستان، ڪراچي، مورخه 26- جنوري 1992ع ۽ پڙ ساڳئي مصنف جو ٻيو مقالو ڏسو: "روزاني نواءِ انقلاب" سکر، "بدر عالم خصوصي ايڊيشن."

• 22. نومبر 1970ع، فرنٽ پيج جو ٻيو پاسو and also see biographical encyclopedia of pakistan, 1965, pp. 54. 255.

• Agha Sadaruddin durrani. Agha Badruddin ahmad durrani. (Article) Sindh Quarterly. karachi vol: xix. no: 2. 1991. p. 63.

(7) آغا شمس الدين خان جي ذاتي ڊائري، مؤرخہ 26 مارچ 1912ع

(8) تقريباً آغا بدر عالم جا سمورا سوانح نگار 1917ع ۾ آغا بدر کي پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مين پرائمري اسڪول ۾ داخل ڏيکارين آهي، جيڪو صحيح نہ آهي. ان مان اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ 1917ع کان ونی 1930ع تائين آغا صاحب مٿرڪ جي تعليم حاصل ڪيائين، پر آغا ديني تعليم ڪٿان ۾ ڪٿهن حاصل ڪئي، تنهن متعلق سوانح نگارن قلم نہ کنيو آهي. راقم الحروف، آغا بدر جي والد جي ڊائرين مان سندس تعليم حاصل ڪرڻ واري دور جو ڇڪي طرح جائزو ورتو آهي. 1917ع کان 1920 تائين ٽن سالن جي عرصي کي ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مخصوص ڪيو آهي، جيڪو صحيح آهي. جن سوانح نگارن آغا بدر جي تعليم حاصل ڪرڻ جي دور ۾ اهم غلطيون ڪيون آهن، انهن ۾ Agha sadruddin durrani (Article). op. cit. p 63. مولا بخش "قاصر" سومرو (مقالو)، روزاني هلال پاڪستان، حوالو ڏنل آهي.

(9) آغا شمس الدين خان جي ذاتي ڊائري، مؤرخہ 26 سيپٽمبر 1931ع ۽ 23 مارچ 1932ع

(10) عبدالله هارون پڙهڪ اهڙو خط جي.ايم.سيد کي لکيو آهي. ان لاءِ ڏسو:

- جي.ايم.سيد، "جنب گذاريم جن سين" (جلد 2)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1979ع، ص. 52.

(11) "ڳڙهي ياسين درشن"، حوالو ڏنل آهي، ص. 25، 23، 22.

(12) "ڳڙهي ياسين درشن" جي مرتب ڪندڙ ڳڙهي ياسين شهر کي 1919ع ۾ ميونسپل جو درجو ڏنل لکيو آهي. جيڪو صحيح نہ آهي. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو:

- اي.ڊبليو.هيوز، "سنڌ گزيٽيئر" سنڌي ترجمو: حسين بادشاهہ، ڪنديارو، روشني پبليڪيشن، 2017ع، ص. 182.

(13) محمد يعقوب پٺي، پريزيڊنٽ نور اسلام انجمن جو آغا مسيح الدين خان ڏي لکيل خط.

(14) مولابخش "قاصر" سومرو، "آغا بدرالدين دراني" (مقالو)، روزاني نواءِ انقلاب سکر، حوالو ڏنل آهي، انجمن جي حوالي سان وڌيڪ معلومات مولابخش "قاصر" سومرو، آغا وقار خان دراني، کان ورتي وئي. ان سان گڏ ڪراچي، مان فون ذريعي علي احمد بروهي کان پڻ مفصل حال ورتو ويو. تفصيل لاءِ ڏسو: علي احمد بروهي، "ڪک پَن" حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر، چاپو ٽيون 1996ع، ص. 54.

(15) پنهور خان محمد، ڊاڪٽر، "الوحيد جي سنڌ جي سياست ۽ علم و ادب ۾ حصو"، جام شورو، سنڌ يونيورسٽي، 1996ع ص. 195 ۽ پڙ ڏسو:

- سيد جي.ايم، "سنڌ جي بمبئي کان آزادي"، حيدرآباد سنڌ تحقيقي بورڊ 1989ع، ص. 4، 5.

(16) Agha Sadruddiu durrani, "Fifty years of sindh politics, unpublished- typed copy, p.u. and also see.

- فليمن ميئسيڪ، "سنڌ جي بمبئي، کان جدائي" (مقالو)، ترجمو: مراد علي مرزا، ٽہ ماهي مهران، نمبر 1- 2، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1985ع، ص. 105.

(17) Agha Sadruddin durrani, op.cit.p.u.

- کهڙو حميده، "محمد ايوب کهڙو: جرائتمندانہ سياسي زندگي،" اپاگو پبيو، ڪراچي، عاقل ٽرسٽ، 1999ع، ص. 20، 21.

- خالد، ڪريم بخش، "سنڌ مسلم ليگ ڪانفرنس 1938"، (مقالو)، ٽہ ماهي مهران، نمبر 1- 2، ڏسو حوالو نمبر 16، ص 140- 139.

- بدوي، لطف الله، "شهيد الله بخش سومرو، سماجي ۽ سياسي ڪردار" (مقالو)، "شهيد الله بخش سومرو: شخصيت ۽ سياست،" مرتب: آزاد قاضي، ڪراچي ساگر پبلشنگ هائوس، 2000ع، ص. 52.

- سيد، جي.ايم، "جنب گذاريم جن سين"، (جلد 2)، حوالو ڏنل آهي، ص. 195.

(18) بگهيو، عزيزالرحمٰن، ڊاڪٽر، "سنڌي صحافت جي ارتقائي تاريخ"، جام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1988ع، ص. 255.

(19) شيدائي، رحيمداد مولائي، مير "تاريخ سکر" حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ 1992ع، ص 407.

(20) پنهور، خان محمد، ڊاڪٽر، "الوحيد جي سنڌ جي سياست ۽ علم، ادب ۾ حصو"، جام شورو، سنڌ يونيورسٽي، 1994ء، ص. 20.

(21) گرامي غلام محمد، "سنڌي ليٽو گراف: سنڌي رسم الخط ۽ اسلوب بيان جي ارتقائي هڪ نظر"، (مقالو) ٽہ ماهي مهران، نمبر-1، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1964ع، ص. 177.

(22) بخاري، محبوب علي شاهہ، سيد، "سکر جون يادگيريون"، سکر هسٽاريڪل سوسائٽي، 2001ع، ص. 90.

(23) جن مؤرخن ۽ محققن اهو لکيو آهي ته "آشيانه ادب" هڪ ماهوار رسالو، آغا بدرعالم دراني جاري کيو هو، اهو غلط آهي. چو ته آغا بدر عالم دراني ان نالي سان کوبه رسالو جاري نه کيو هو. بلڪ اِهو سندس ذاتي لائبريريءَ جو نالو هو.

(24) تفصيل لاءِ ڏسو: "گڙهي ياسين درشن"، حوالو ڏنل آهي، ص 56 ۽ پڙ ڏسو.

آڏواڻي، پيرومل مهر چند، "سنڌ جي هندن جي تاريخ" حيدرآباد، لاڙڪاڻو، گلشن پبليڪيشن، (پهريون چاپو) 2000ع، ص. 120.

(25) A.R. Butt and g.a. soomro, "Ashiana adab library garhi yasin, (Article), weekly Tanzeem, shikarpur, saturday, june 1996, vol- 49, no: 9, pp. 5-6.

• علوي، امين الله علوي، پروفيسر، "شڪارپور جا ڪتبخانا" (مقالو)، "شڪارپور صدين کان"، مرتب: ڊاڪٽر عبدالخالق راز سومرو، معاون: نقش ناياب منگي، شڪارپور هسٽاريڪل سوسائٽي، چاپو پهريون 1988ع، ص. 329 کان 332 تائين.

(26) بخاري، محمود شاهه، "سکر جون يادگيريون"، حوالو ڏنل آهي، ص. 84، 83.

(27) هفتيوار پيغام صلح، 7 فيبروري 1942ع، ص. 3.

(28) Agha Sadruddin durrani, op. cit. p. 13 and also see.

• خالد، ڪريم بخش، "سنڌ مسلم ليگ ڪانفرنس"، 1938ع، حوالو ڏنل آهي، ص. 140-141.

(29) راشدي، علي محمد پير، "آهي ڏينهن آهي شينهن" (جلد پهريون)، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، چاپو ٽيون 1987ع، ص 278.

(30) ايضاً، (جلد بيون 1980ع)، ص154، 153.

(31) شاهه، محمد شاهه، "الحاج آغا بدرالدين احمد دراني" (مقالو)، روزاني نواءِ انقلاب سکر، آغا بدر عالم خصوصي ايڊيشن، 22 نومبر 1970ع، ص. 4.

(32) راقم الحروف کي هن اخبار جو پهريون پرچو نه ملي سگهيو، جو ان متعلق صحيح سن درج ڪري سگهون. عزيز الرحمٰن بگهيو هن اخبار جي جاري ٿيڻ جو سن 1945ع، ڊاڪٽر خان محمد پنهور 1945ع ۽ غلام محمد گرامي 1945ع جا سن ڏنا آهن، وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو:

• عزيز الرحمٰن بگهيو، حوالو ڏنل آهي، ص. 235.

• پنهور، خان محمد پنهور، ڊاڪٽر، حوالو ڏنل آهي، ص. 20، 21.

• غلام محمد گرامي، حوالو ڏنل آهي، ص. 177.

هتي هي، ڳالهه ذڪر لائق آهي ته ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي پنهنجي تحقيقي مقالي "سکر جي صحافت جي تاريخ (1860ع کان 1947ع تائين)" ۾ روزاني انقلاب اخبار جو ذڪر نه ڪيو آهي، ان لاءِ ان ۾ شڪ آهي ته هي، اخبار 1945ع ۾ جاري نه ٿي هوندي چو ته جيڪڏهن هي، اخبار 1945ع ۾ جاري ٿي هجي ها ته ڊاڪٽر انورفگار هڪڙو ان جو ذڪر ضرور ڪري ها.

(33) هي، معلومات، علي احمد بروهي، کان فون رستي ورتي وئي.

(34) سمندر خان، "ماڻهو سپ نه سهڻا" (تاثر)، روزاني نواءِ انقلاب سکر، آغا بدر عالم دراني خصوصي ايڊيشن، 22 نومبر 1970ع، ص 6، 7.

(35) روبرو ورتل معلومات مولابخش قاصر" سومرو، نندلعل، آغا وقار خان دراني، ۽ علي احمد بروهي، کان.

(36) مولابخش "قاصر" سومرو، "آغابدر الدين احمد داني" (مقالو) حوالو ڏنل آهي، ص. 11

(37) شيدائي، رحيمداد مولائي، "معمار سنڌ" سکر، انقلاب پرنٽنگ پريس، ته ن، ص. 24، 25، 26، 34.

(38) "Proceedings of the sind legislative Assembbly" official report, vol. v, book No: 2 Karachi, government press, 8th march 1949, pp. 2.3 and 17. and also see:

Muhammad Siddique g. memon, "sukkur then and now", karachi, university press, 2000,p. 25.

شمس الدين خان جي ذاتي ڊائري، مؤرخه 8 مارچ 1949ع.

• مولابخش 'قاصر' سومرو (مقالو) حوالو ڏنل آهي، ص. 30.

۾ لکيو آهي ته آغا بدرعالم داني بحيثيت مسلم ليگ جي طرفان اسيدوار هو ۽ جڏهن ته سندس مخالفت ۾ مائي جينلي سپاهيملائي ڪانگريس طرفان اسيدوار هئي ۽ آغا بدر عالم پنهنجي مخالف کي شڪست ڏني." دراصل اِها ڳالهه ۽ مقابلي ڪرڻ يا ٿيڻ جو واقعو قطعاً غلط آهي.

(39) بدر عالم، "مسافرحجاز": "سکر، انقلاب پرنٽنگ پريس 1950ع، ص. عرض حال ۽ ڏ.

(40) ته ماهي مهراڻ، حصو بيو، ڏهه سال نمبر، نمبر 3-4، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، جلد 16، 1965ع، ص. 20، 2، 20، 3.

(41) ايضاً، .....

(42) Agha Sadruddin durrani, op. cit. p. 66.

(43) مولابخش "قاصر" سومرو، (مقالو)، حوالو ڏنل آهي، ص 30.

(44) سمندرخان، (مقالو)، حوالو ڏنل آهي، ص. 7.

• Muhammad Siddique g. memon, op. cit. pp. 133. 134.

(45) شيدائي مولائي، "تاريخ سكر"، حوالو ڏنل آهي، ص. 289، 290.

(46) Muhammad Siddique G. memon, op. cit. pp. 133. 134.

(47) مولا بخش "قاصر" سومرو، (مقالو)، حوالو ڏنل آهي، ص. 39.

(48) شاهه محمد شاهه کان روبرو انٽرويو ورتل. 25، 2، 02 20ع تي.

(49) مولانا بخش قاصر سومرو (مقالو) حوالو ڏنل آهي، ص. 53، شاهه محمد شاهه (مقالو)، حوالو ڏنل آهي، ص. 37.

(50) روزاني آزاد ڪراچي 9 نومبر 1964ع جي ايڊيشن ۾ 87 مان 79 سيٽن تي 'پيلسا' تنظيم جي ڪاميابي ٻڌايو آهي ۽ روزاني مهران 20 نومبر 1964ع جي ايڊيشن ۾ 87 مان 84 سيٽن تي ڪاميابي لکي آهي. اهي ٻئي بي بنياد آهن ڇو ته راقم الحروف ان وقت جي اصل اليڪشن جي نتيجن متعلق رپورٽن کي سلهون رکي لکيو آهي. اهي رپورٽون پيلسا تنظيم جي رڪارڊ ۾ موجود آهن.

(51) Agha Sadruddin durrani, article. op. cit. pp. 6.8.

(52) Ibid. .....

مولابخش قاصد سومرو، (مقالو)، حوالو ڏنل آهي، ص. 32.

(53) اعجازالحق قدوسي، "ميري زندگي کي پهتر سال" ڪراچي، 1988ع، ص. 179، 180، 181، 182.

(54) هي قصو حاجي انور احمد خان مهر صاحب روبرو سکر پنهنجي بنگلي تي 21 ۽ 20 آگسٽ جي رات ٻڌايو.

(55) بدرعالم جي ذاتي ڊائري 11 مارچ 1941ع.

(56) ايضاً ..... 1 مارچ 1941ع.

(57) شيخ محمد اعظم بن محمد شفيع تتوي، "تحفة الطاهرين" (فارسي)، بتصحيح و تحشيه، بدر عالم دراني، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع.

(58) حسام الدين راشدي، "تذڪره اميرخاني"، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1941ع، ص. 329 ڪان 331 تائين.

(59) شيخ محمد اعظم بن محمد شفيع تتوي "تحفة الطاهرين" سنڌي ترجمو: عبدالرسول قادري بلوچ، جام شورو حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ 1990ع.

✲

نئون ڪتاب



ڪتاب: صحرا جي پاڪرم

موضوع: نثري نظم

شاعر: رحيمداد خوگي

چاپو پهريون: آڪٽوبر 2018ع

قيمت: -/250 رپيا

چپائيندڙ: سمبار اپليڪيشن. حيدرآباد



ڪٽي باک

ڪٽي باک ۽ ڏور ٽئي ٽو انڌيرو،
وريو اڄ وطن ۾ سپاڻو سويرو.
ورهين بعد سڻي رُلي روءِ بر ۾،
پنهل جو سُجاتو وڃي نيٺ پيرو.
ايامن کان سانگي ستايا ويا ڪي،
وري پاڻ تن جو ٽيو آ پليرو.
جوانن ۽ جهور جي دم قدم سان،
اڇي ٽو نظامِ تشدد ۾ ڦيرو.
سڃي اوچ نيچ هموار ٿيندي،
نہ رهندو وڏيرو نہ ڪوئي ننڍيرو.
جو ڪيڙي سو ڪائي سندو دور آيو،
لٽيندو نہ ڪرّميءَ کي ڪوئي لُٽيرو.
ڪيو نيٺ ثابت هي سنڌي جوانن،
تہ مزدور جو مرتبو آ مٿيرو.
ڪمال آ اديبو اوهان جي قلم جو!
عقابن سان اٽڪيو وڃي نيٺ ڳيرو!
پٽائيءَ جي ڏرتيءَ کي جنت بڻايو،
اجا ٽوري همت جوانو، دليرو!
اجل شل "گدائي" اڳي کين ماري،
ڏسان ديس ۾ ڪوبہ مارو نہ ميرو.
اگر بخت بگڙيو سنواري ڇڏيوسين،
سڃو وقت ڪلندي گذاري ڇڏيوسين.
نہ وانجهي رکيو سون شرابِ محبت،
پياسو جي آيو، پياري ڇڏيوسين.
هئي زهد ۽ تقويٰ تي زاهد کي دعويٰ،
مگر ڪيس ڪنهن پر پياري ڇڏيوسين.

عبدالڪريم گدائي

شاعري

اها طئي شده حقيقت آهي ته شاعري ذات ۽ ڏانوَ جو ميلاپ آهي. ذات، جيڪا قدرت جي بخشش آهي ۽ ڏانوَ، جيڪو پنهنجي ارتقائي ذاڪٽين تان، ان دؤر جو عطا هوندو آهي. سنڌي شاعريءَ ارتقا جو هڪ وڏو پنڌ ڪري، موجوده دؤر ۾ پير پاتا آهن، جنهن دوران ڪوڙ سارين تبديلين ۽ هيٺ مٿانهين سبب، جتي ڪيس ڪافي فڪري تبديلين کي قبول ڪرڻو پيو آهي، اُتي ڪيس فني حوالي سان پڻ ڪوڙ سارا چيلينجز قبول ڪرڻا پيا آهن- پراڻيون صنفون پوئتي رهجي ويون آهن، ته وري نين صنفن انهن جي جاءِ والارڻ شروع ڪئي آهي. اهڙين بيشمار نين صنفن ۾ هڪ صنف، نثري نظم جي ارتقائي صورت ۾ "نئين ڪويتا" طور سامهون آئي آهي. "نئين ڪويتا" کي نظم، آزاد نظم ۽ نثري نظم جو هڪڙو ارتقائي ذاڪو چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءَ نٿو لڳي. فني حوالي سان "نئين ڪويتا" نظم ۽ نثري نظم جو حسين امتزاج آهي. نظم چاهي؟ ڪنهن من موهيندڙ فڪر جو فني طور ڪنهن مخصوص عروضي بحر سان مڪمل نباهه- آزاد نظم؟ ڪنهن فڪر کي فني طور مخصوص بحر ۾، آزاداڻي، يعني ان بحر جي رڪنن جي گهٽ وڌائيءَ سان پيش ڪرڻ ۽ نئين ڪويتا؟" ڪنهن فڪر کي، ڪنهن به بحر وزن جي پابنديءَ کانسواءِ نثر ۾ پيش ڪرڻ- ۽ "نئين ڪويتا؟" هن صنف جي سموري سُونهن، سندس فڪر ۾ سمايل هجي ٿي، پر فني طور "نئين ڪويتا" جون سٽون ساڳي وقت نثر به هونديون آهن، ته منجهس مختلف بحرن جو امتزاج پڻ هوندو آهي. بظاهر ته اها شاعريءَ جهڙي نفيس صنف سان هڪ قسم جي ڏاڍائي ٿي ياسي، پر فڪر، جذبن ۽ احساسن کي ضابع ٿي وڃڻ کان بچائڻ خاطر، ان اسلوبِ تحرير جو سهارو وٺڻ نه رڳو وقتائتو، پر ڏاهپ به آهي.

آسي زميني

ڪتاب: "درد جو چوانت نه آ"

ص 14_15 تان ڪنيل



امداد حسيني

سنبنڌُ

ڀڄ جو سڀج سان
سڀج جو ڀڄ سان
ڪهڙو سَڳ آهي؟

مٽي، جي گُل سان
گُل جي مِٽي، سان
ڪهڙي مِٽي آهي؟*

پَنڌ جو پانڌيئڙي سان
پانڌيئڙي جو پَنڌ سان
ڪهڙو سُنبنڌ آهي؟

شاعر جو لفظن سان
لفظن جو معنيٰ سان
ڪهڙو ناتو آهي؟
سو اڄ توڻي ڪنهن جاتو آهي!

دلبرن جا شهر

دلبرن جا شهر اي نيرُون ڪوٽ
دوستن جا شهر اي نيرُون ڪوٽ اي حيدرآباد
اڄ وري تنهنجون گهٽيون گهمندي
اکين سان
جي، وانگي ئي جُهريل جاين کي
چُمندي
ڪن، الائي اوچتوئي اوچتو
شاهه سائين، جو فقير
"ڊاڪٽر الياس عشقي" ياد اچي ويو
اڙ ڪٽ ساروٽين جو هانوَ ۾
ميڙو مچي ويو!

* مِٽي- ڪيهه- ڀُون
مِٽي- مائٽي



ايازگل

غزل

سڃڻ جو ساءُ حيراني!
وڻي جو واءُ حيراني؟
ڏيل آ برف هيڻان جڏ،
تتيءَ جو تاءُ حيراني!
رُسامو يارَ سان حيرت!
رُسي، پرچاءُ حيراني!
وڇوڙو ويو ڇڏي پويان،
رُگو پڇتاءُ، حيراني!
ڪري وَڃُ ڏارَ دنيا کان،
ڏئي وڃُ آءُ حيراني!
اسان جهڙا بہ پالي ٿي!
هي ڌرتي ماءُ حيراني!
سدائين سنڈ جو سودو!
امڙ تي داءُ حيراني!!
هَنيو هُنَ ڪُلُ ڪٽي هو، پر،
انهيءَ جو گهاءُ حيراني!

ڪيڏا ڦربَ حياتيءَ جا،
گهاوَ ڳڻياسي ڇاتيءَ جا.
ڇا ٿو سوچين دنيا تي،
ڪهڙا رشتا ڪاتيءَ جا.
مينهن وَساڙي ير جو آئي،
پاڻَ ڪليا برساتيءَ جا.
ڇهرو هو چاندوڪيءَ جهڙو،
پارَ هُيا پرڀاتيءَ جا.
مَنّ اُپٽيا پيا ها جڏ ڪي،
ڇَپڙن ير مَڊ ماتيءَ جا.

ڪر نہ حساب اسان سان سهڻا!
عيب نہ ڳڻ اڏِ راتيءَ جا.
گهاوَ سدا سنڈ جي سيني تي،
سازش ڪنهن محلاتيءَ جا.

غزل

خيالن ساڻ هوري* ڪر،
پلي جي ڳالهه ٽوري ڪر.
سُجاڳي ٽي ڪيپي سُهڻا!،
نہ پنهنجا ڳيٽ لوري ڪر.
اُڏامڻ ڏي فضائن ير،
ڏري سوچُن جي ڏور ڪر،
ڪڏهن تہ ٽي اسان جي پي،
اسان جي ڳالهه ڳوري ڪر،
ڇُيئہ ڪنهن؟ خوابَ ڪر اغوا؟
اسان جي نندَ چوري ڪر!
اڙي سرڪار! ٽي سياڻي،
صفا ايڏي نہ زوري ڪر.

وائي

ملندو ملندو ماڳُ،
رستا ٽيندا روشني!
سُتو سونهين ڪينَ ٽو،
ها بَس ٽورو جاڳُ،
رستا ٽيندا روشني!
چهرن تي ڏِسُ چاندني،
پاڪُرَ ير هي پاڳ،
رستا ٽيندا روشني!
اندر آسون ائين جيئن،
هڪڙو سمندُ اجهاڳ،
رستا ٽيندا روشني!
هاريو جي تو حوصلو،
جيون هڪڙو داڳ،
رستا ٽيندا روشني!

* هوري - هولي- رنگن وارو تهوار



خليل عارف سومرو

بيت

مٽيءَ جا ماڻهو اسين، مٽي پنهنجو مانُ،
ڪُنڊن چا لئہ ڪُوڙ تي، جُونو هي جهانُ.
خليل ٿي خاڪ ويا، شاهي سارا شان،
عارف سي انسانُ، من ۾ جَن جي ماڻهپو.

سجدا سدا سونهن کي، خلقي خلقُ هار،
دعويٰ نہ ڪئي دين جي، پنهنجو مذهب پيار،
سارو هي سنسار، عارف طابع عشق جي.

جياريو جهانُ ۾، عارف کي الله،
پنهنجن کي پرواهہ، ڪنڌن مُنهنجي ڪانہ ٿي.

سُري ڪلاڪي سماج ۾، رَوين جي رُجَ،
سُجهي رُهَڪي سُجَ، ماڻهپو مري وَيو.

سڳنڌ عارف سنڌ جي، نينهن نيارپو،
جيءُ جياپو، مٽيءَ جي مهڪار سان.

پاڻي ۾ پُڏل هنا، پايل وارا پير،
پَري بيبَي ڪير، گاج مان گاگهريُون.

ڪونهي ڪو درياهہ ۾، اکين ۾ پاڻي،
هي جاڻي واڻي، سِتم آهي سِنڌ ۾.

ناهي سگهيس ڪينَ ڪي، پنهنجي سُجاڻپ،
مُنهنجي هِي ڏاهپ، ڪهڙي عارف ڪم جي.

وائي

آڏو سفر اجهاڳ،
پير سدائين پنڌ ۾.
هلندا اڳتي ٿا هلون، پلا آهن پاڳ،
پير سدائين پنڌ ۾.
آڏو آهي پٽ ڏٺي، هٽ ۾ جنهن جي واڳ،
پير سدائين پنڌ ۾.
ڪندا ڪارا پيچرا، آڏو توڙي آڳ،
پير سدائين پنڌ ۾.
"عارف" ملندو آڇپو، ملٽو آهي ماڳ،
پير سدائين پنڌ ۾.

غزل

سنڌ ٽُنهنجي مٽي مَنجهان آهيان،
مان جُڙيل روشني مَنجهان آهيان.
ڪنهن نبي کي چئيو نہ مون آهي،
ها مگر مان نبي منجهان آهيان.
دل جي ڪيفيت عجيب هوندي آ،
لنگهندو تنهنجي گهٽي منجهان آهيان.
رانجهو فرهاد مجنون مون مان ها،
مان اُنهن جي ڪَڙي منجهان آهيان.
اڄ بہ تنهنجو ٿي عڪس هن ۾ آ،
خوش ٿيو آرسي منجهان آهيان.
درد مون کي سُڪون بخشي ٿو،
تنگ "عارف" خوشي منجهان آهيان.

غزل

عارفائو آستانو، چاهتن جو آشيانو،
دهشت جي ديس ۾ هو، پيارئي پنهنجو ترانو.
ڪيترا بيڪوهہ ماڻهو، حالتن جا ٽيا نشانو،
جو جُدا ٿيون، هيڪلا ٿيون، ڪيئن؟ هلندو ڪارخانو.
اورتي ٿي ويهہ ٽورو، چڏ ڪٽي هاڻي بهانو،
چڏ تڪبر ۽ وڏائي، چڏ رَويو جاهلانو.
صوفيائي سوچ آهي، دهريت جو هٽ نہ طعنو،
چڏايا ماڻهو مٽي جا ڏينهن هڪ ٽينڊين روانو.
بي وفائي جو نہ آهي، منهنجي دل ۾ ڪوبہ خانو،
روز "عارف" کي ڏُکن سان، آزمائي ٿو زمانو.





رحيمداد جوڳي

۽ هڪڙي تون آهين

چاهيون
گاڏيءَ جون هجن
گهوڙ جون
يا خوابن جي شيلف جون
جڏهن به وجايون آهن
ڳولڻ سان ليپي ويون آهن
۽ هڪڙي تون آهين!
جو ڄاڻي واڻي
وري ڪڏهن ملي ناهين!
ايڏو ڳوليو آهي توکي
جو هاڻي
پاڻ وڃائجي ويو آهيان!!

مان دراوڙ آهيان

جڏهن
مان رودِ تان گذريو هوندس
ڇا
هُن شهري چوڪريءَ
مون کي
ڪڙڪيءَ مان ڏٺو هوندو؟
جڏهن
مان سمنڊ تي ويو هوندس
تہ پاڻيءَ
منهنجا پير سڃاتا هوندا
تہ
مان دراوڙ آهيان!؟

وائي

اوري اڏي-
گوڏو گڏي-
مون ساڻ وينا ها پرين!
سا مينهن جي موسر هئي،
واڪي وڏي-
گوڏو گڏي-
مون ساڻ وينا ها پرين!
ڪاڏي وڃان ها ٻيو پلا،
تن کي ڇڏي-
گوڏو گڏي-
مون ساڻ وينا ها پرين!
ڪو هِجرَ جو رستو پَريان،
ٽِڪيو سڏي-
گوڏو گڏي-
مون ساڻ وينا ها پرين!
مون ساڻ وينا ها پرين!

وائي

تيز هَوا سان-
بادلُ بَرسي-
هيڪل وياڪل وينو آهيان!
تاڪَ منجهند جو-
ڪويلِ ڪُوڪي-
هيڪل وياڪل وينو آهيان!
ڦُول ڪٽي هوءَ-
ايندي مون ڏي-
هيڪل وياڪل وينو آهيان!
وَهندڙ سنڌو-
چنڊُ ٽو مُرڪي-
هيڪل وياڪل وينو آهيان!
هيڪل وياڪل وينو آهيان!



خالد احمداڻي

نئين سال جي آمد

غزل

جيئن شروع نئون ڪو سال ٿيندو آهي،
خوب جڳ ۾ تنهن جو استقبال ٿيندو آ!

هڪ هجي تہ ڏيان جواب ڪٿي،
سوال تي نئون سوال ٿيندو آ!!

هڪ سهي ڪونہ ٿو سگهان ۽ ٻيو،
تو وٽان غم ارسال ٿيندو آ!

درد سختيون ۽ سور، توکان پوءِ،
تون ڇا ڄاڻين ڇا حال ٿيندو آ!؟

سڄڻ سرهي ٿئي ٿي ويل انهي،
گهوٽ جنهن پل ڪو لال ٿيندو آ!!

تون آن سادي ۽ جڳ حرامي آ،
مون کي تنهنجو خيال ٿيندو آ!!

هوش سارا وڃائي ويهندو آن،
توسان هر ساهہ بحال ٿيندو آ!

سڄڻ تنهنجا سپوت جاڳن ٿا،
هر ٻچو تنهنجي ڀال ٿيندو آ!!

تو پڇاڻان وڏي ٿي ڏڙڪن ۽،
دل جو هر بند وال ٿيندو آ!!

"خالد" آهي طوبيٰ[1]، فهد[2] تي فدا،
جن سان روشن عيال ٿيندو آ!!

[1] طوبيٰ
[2] فهد
(منهنجي ڏيءُ ۽ پٽ جيڪي منهنجي ڪُل ڪائنات آهن)

غزل

رکندين ڪيسين خار هلي آ،
گذري ويندي بهار هلي آ.

سال نئين جا سج ڪٽي تون،
خوشين جا انبار ڪٽي هلي آ.

عاشق هان منصور جي سڄ جو،
سوريءَ ڏين يا دار هلي آ!

چند بکيا ٻاگهُل جا ربہ
ڪونہ ملي اوڏار هلي آ!

ڪهڙيون توبن عيدون ساجن،
دلين جا دلدار هلي آ!

دروازا سڀ دل جا ڪليل،
ٻانهون ٿيندیون هار هلي آ!



ارباب علي "عادل" جوڻاڻ

ڪافي


ساگر منهنجو مَنُ سرڪار،
بوندون بڻجي پاڻ سمايون.
خوشبو خوشبو منهنجو هر پل،
سونهن سڄڻ سنسار.
چاهت منهنجي منزل منڙا،
پرت سجو وهنوار.
روشن روشن رخشان رخشان،
جيون مند بهار.
ڪومل ڪومل جذبا سارا،
درسن دم دم يار،
خوشيون ساريون نغما نغما،
هرجا ميگهه ملهار.
گلشن گلشن نينهن سورو،
دل پڙ لاڙ زار،
گل ڦل منهنجو چاهه نيارو،
نرمل رت مهڪار،
رم جهم رم جهم ساعت ساعت،
"عادل" قرب قرار.

گيت

همقدم آهيان صنم،
توکي ٿو چاهيان صنم.
محبتي من تان فدا.
گل گلابي زندگي،
مهڪ خوشبو روشني.
دل پسند جوڏس ضيا.
پاڻ وٽ سڪ جو وکر،
پرت چاهت جو ثمر.
قرب سارو بي بها.
سونهن جوپن جو چمن،
ٽي پوي جنهن ۾ ملن،
گلبدن توسان سدا.
روح جو رشتو، عجب،
جو رهي ٿو با ادب،
چو طرف جانِ وفا.
قرب ڪامل جستجو،
سُرت ساعت گفتگو،
نينهن نرمل جابجا.
محبتي ميدان ۾،
عاشقي وجدان ۾،
با وفا هرهڪ عطا.
سڪ اندر "عادل" سڙي،
ڪو نه پوءِ به ٿو مڙي،
عشق بخشيا حوصلا.

غزل

دل ڏي يا نه ڏي دلبر، دلدار جي مرضي آ،
سڪ ڏي يا نه ڏي بهتر، بس يار جي مرضي آ.
دنيا ته پئي هلندي، ميڙو به متل هوندو،
هٽ ڏي يا نه ڏي هرهر، منڌار جي مرضي آ.
رولاڪ پيا رلندا، رهندا به پيا بادل،
گس ڏي يا نه ڏي هيڪر، سرڪار جي مرضي آ.
انمول هجن هيرا، ماڻڪ ۽ سچا موتي،
زرڏي يا نه ڏي زرگر، وينجهار جي مرضي آ.
گلشن ۾ سوين ٻوٽا، گلڙن جا ڏسان ٿو پر،
گل ڏي يا نه ڏي ٻيهر، گلزار جي مرضي آ.
محنت ٿو ڪري هاري، پوکون به پچائي ٿو،
اُن ڏي يا نه ڏي اڪثر، پوتار جي مرضي آ.
ميدان هجي جنگ جو، تلوار جي پاڇي ۾،
زرهه ڏي يا نه ڏي افسر، سالار جي مرضي آ.
پيرن ۾ يا ڏي دل ۾، يا مرڳو هو ٺڪرائي،
جڳهه ڏي يا نه ڏي برتر، جيدار جي مرضي آ.
هرحال ۾ "عادل" بس، راضي ئي رهڻ گهرجي،
سڪ ڏي يا نه ڏي ڏاتر، ڏاتارجي مرضي آ.



مرتضيٰ جمالي

غزل

ملي ناهي خوشي جيون سفر ۾،
رڳي آ دل جلي جيون سفر ۾.

شروع کان گڏ رهي آ ۽ رهي پئي،
اسان سان بيوسي جيون سفر ۾.

هئي بن يار جي تکليف جيڪا،
نہ ڪنهن سان ٿر سلي جيون سفر ۾.

ٿي پل پل منُ ڏکائي مرتضيٰ جو،
صنم جي بيرخي جيون سفر ۾.

اسان ٿا هاڻ پڇتايون، اجائي،
ڪئي سون دل لڳي جيون سفر ۾

غزل

ٿاڪ ڪوئي نہ گهر مليو آهي،
بس سفر ئي سفر مليو آهي.

پيار ۾ پاڻ کي پرين طرفان،
آجيان ۾ پٽر، مليو آهي.

ياد مان خواب مان نہ ٿو نڪري،
شخص کو معتبر مليو آهي.

ڪيس آهي خبر ته عاشق هان،
پو به ٿي بي خبر مليو آهي.

مرتضيٰ ٻيو نہ ڪجهہ مليو مون کي،
دردِ دل عمر ۾ مليو آهي.

غزل

رهي ٿو غم حيات ۾،
وڏي هان مشڪلات ۾.

مان منهنجي دل رهون ٿا ٻئي،
تو دلربا جي تات ۾.

گهري رهي آ ڏس ڪويل،
خدا کان ڪجهہ ته رات ۾.

ڪڏهن ته سڪُ ڏي سمهڻ،
نہ اڃ تون ياد رات ۾.

ڇڏي نہ مون کسر کا پي،
پرين جي حاصلات ۾.

هٽان تو دلربا ملي،
مان خوش هان تنهن وفات ۾.

خلاف سنڌ جي جو وڙهيو،
هوندو سدا سو سات ۾.

وائي


توبن تنها رات،
تڑپي تڑپي ٿو ڪٽيان.

مون کان جهلجن ٿا نڪي،
جوبن جا جذبات،
تڑپي تڑپي ٿو ڪٽيان.

سوچون تنهنجون ساڻ هِن،
دردن جا لمحات،
تڑپي تڑپي ٿو ڪٽيان.

جيون سارو سوڳ ۾،
ساهن ۾ سڪرات،
تڑپي تڑپي ٿو ڪٽيان.

محبوبن ري مرتضيٰ،
ڏنگي مون کي ذات،
تڑپي تڑپي ٿو ڪٽيان.



گدائل لغاري

محمد ابراهيم جويو کي پيٽا

بيت

جويو پنهنجي جُوءِ ۾، جوتن جو جولان،
ڏسڻ مون انسان، ڏٺو ناهي ڏيهه ۾.

جويو پنهنجي جُوءِ ۾، ڏاهپ جي سُجاڻ،
علمن جي کاڻ، ارپي پنهنجي قوم کي.

هاريائين ڏيئا، جوتون ڏٺي جوت جون،
پايوکي ليئا، دل سندا تاريخ ۾.

سنڌ سجاتو جويو، سنڌ سجاتي جويي،
پنهنجو نور نچويو، آندئين پٽي سوجهرو.

هڪڙي هڪڙي ورق ۾، اوتيائين پٽي پيار،
ساجن سڀ هجار، گذاري ويو غلام ٽي.

گذاري ويو غلام ٽي، هڪڙي سنڌڙي کاڻ،
موجن ۾ مهراڻ، پاٽي ڏٺي ويو پيار جو.

پاٽي ڏٺي ويو پيار جو، رهندي سنڌ سڪار،
ماٿو مٽياڻار، ايندا ويندا ڏيهه ۾.

جويو جي تخليق ۾، ماٿهپي جون ڳالهيون،
ٿهکن جون ٽالهيون، پوکي ويو پريت ۾.

بيتابُ ناپر

غزل

درياءَ کنڊيءَ گهرُ تنهنجو،
موجن جو محورُ تنهنجو.
چا، سُهٽي پَسيئي کنهن رات!؟
سامهون آهي در تنهنجو!
يا کنهن کارڻ دروازو،
ٽئي ٽو بند ساڃهر تنهنجو.
مون کي هڪڙو "ٽُر" ڏيئي چڏ!!
باقي سارو ٽُر تنهنجو.
بيهڙا! پٽ شاهه جي روضي ۾،
مان بڇجان مُصورُ تنهنجو.
سنڌ جيجل ۾ ساهُ آهي،
باقي سَکڻو سِرُ تنهنجو.
جام- تماچي، ٺوري ڏي،
کارونجهرُ کينجهرُ تنهنجو.
مان اُن جو ٻ "ٻانهن ٻيلي"،
جيکو بڇجي وَرُ تنهنجو.
مومل جي ماڙي پَسيان!
پنڇي بڇجان پَرُ تنهنجو.

غزل

خواب ساڀيائون رُنيُون،
آسَ آشائون رُنيُون.
مارئيءَ جي پيڙ جُون،
پاڻ ريکائون رُنيون.
گهوٽ پوڙهي سان کُنوار،
جُون لڏل لائون رنيون.
شاهه آ تنهنجيءَ سِنڌ ۾،
پٽي تمنائون رُنيون.
لاش رڻ ۾ لا وارثُ،
هاءِ! صحرائون رُنيُون.
پُٽ نه پيءُ جي ادبَ ۾،
خامُ دعوائون رُنيون.
پهريان شاعرُ رُنو،
پوءِ کوتائون رُنيون!

سيد رفيق امروٽي

غزل

ملا محبوب جي مرڪي نهارينديون ٻ مان تنهنجو،
تڪا تون تير اُبرن جا الارينديون ٻ مان تنهنجو.

ستمگاري ٻ سونهين ٽي وفاداري ٽ ڇا چئبي،
جي ٻارينديون ٻ مان تنهنجو ۽ ناريندين ٻ مان تنهنجو.

تون ليکين يا نہ ليکين مان ٽ تنهنجي ليکي ۾ آهيان،
پني تي پيار جي رکندين يا وارينديون ٻ مان تنهنجو.

ڪِلائيندين کلي پوندس، روئارينديون پيو روئيندس،
جي ڏيندين آڏتون وهوا جي مارينديون ٻ مان تنهنجو.

نِگاهِ ناز سان اکٽر نوازيندو رهيو آهين،
هٽَ سان کو زهر پيارا پٽارينديون ٻ مان تنهنجو.

جي پنهنجي ۾ ۾ ويهاري کنديون ڳالهيون ٽ بسم الله،
ڪڏهن ناراض ٽي در تان ڏِکارينديون ٻ مان تنهنجو.

مون توکي ساهه ۾ ساندي رکيو آهي اجا تائين،
مگر تون مون کي اومڙا اوساريندين ٻ مان تنهنجو.

ڪڏهن تو مون سان گڏ ويهي سڏي تو ڦوٽو ڪڍايو هو،
ڪري اڄ ڏاڍِ مون کان دور گهارينديون ٻ مان تنهنجو.

مون پنهنجي گهر ۾ گلڪاري ڪئي آهي رڳو توڙي،
اڃڻ سان تون اجا ان کي نکارينديون ٻ مان تنهنجو.

غزل

اڃا وار ٽي ويا مگر هو نہ آيو،
گهٽو ئي ڏُنر پر نظر هو نہ آيو.

سوالي ٿيم بارگاهِ خدا ۾،
دعا ۾ نہ ٿيو کو اثر هو نہ آيو.

نہ هڪ وات تي چونڪ تي ڪُپايم،
ڪري مَن هتان هُو گذر هو نہ آيو.

سجي رات وينس سندس گهرجي سامنهن،
ڪليو صبح جو هن جو در هو نہ آيو.

متان هيل پائي پرين پاڻ ڦيرو،
ٿيون سال وانگي ٻ پَرُ هو نہ آيو.

اکيون ٻوٽي ويهان ٽ سامنهن اچي ٿو،
اکيون کوليان پرپور ٻ هو نہ آيو.

مان رستو تکيندس مٽين سال پي پَرَ،
هليل سال ۾ پي اگر هو نہ آيو.

هيءَ دل منهنجي دلبر جو ديرو ٽ آهي،
چو پنهنجو ڏسڻ لاءِ گهر هو نہ آيو.

هو منهنجو جي ناهي ٽ کولي ٻڌائي،
ٻڌڻ لاءِ مان منتظر هو نہ آيو.



عثمان فقير ڪوسو

وائي

صبح سان ٻي يار،
تنهنجو ٿيو ديدار.
اڄ ڪي منهنجا پاڳ ها.
راحت آئي روح ڪي،
ڪلندي ٿي ڪيڪار.
اڄ ڪي منهنجا پاڳ ها.
هلڪي ٿي وئي جان جڙ،
دل تان لٿو بار.
اڄ ڪي منهنجا پاڳ ها.
ايندين ائين ٿون اوچتو،
اڳ نه ها آثار.
اڄ ڪي منهنجا پاڳ ها.
نيٺ توکي ياد پيو،
پرين منهنجو پيار.
اڄ ڪي منهنجا پاڳ ها.
آئين جو عثمان وٽ،
ٿيئڙا قلب قرار.
اڄ ڪي منهنجا پاڳ ها.

وائي


اکڙين آندو آب،
گلڙن ٿي سيلاب.
پرين نه آئين اجان.
وئي سرنهن ڦولارجي،
ڪڏڪن ۾ پيو لاب.
پرين نه آئين اجان.
موٽي آيون موسمون،
ٽڙيا گل گلاب.
پرين نه آئين اجان.
ساري ساروڻين ڪيو،
قلب ڪي ڪباب.
پرين نه آئين اجان.
مل اچي ميلاپ ٿي،
سپنا ٿين ساڀ.
پرين نه آئين اجان.
عثمان هِن عشق جو،
حد نڪي حساب.
پرين نه آئين اجان.

غزل

روز سامهون نه آ وار ڪولي منا،
سونهن تنهنجي ڏسي، هوش ٿين ٿا خطا.
باغ مان گل ڦٽي ٿو رکين گل مٽان،
ٿيو اضافو وجي حُسن ۾ دلربا.
ٽهڪ تنهنجا ٻڌي موج مهراڻ ڪئي،
سڏ جهڙي لڳي تنهنجي هر هڪ ادا.
راهه ويندا وري ٿا پون اي پرين،
ناز ايڏا نه ڪر او مجازي خدا.
آ چمن ۾ لٽي ڪا گهمڻ لئه پري،
چئو طرف اڄ اهي مون ٻڌا چهچٽا.
عشق ۾ ٿيندي آ هار پي جيت پي،
چو ته عثمان آ، هي ڏکي ماجرا.

غزل

لڳي ٿو ته منهنجي دعا قيد ۾ آ،
اگهي ڪا نه ٿي ڪا صدا قيد ۾ آ.
مرڻ پي ٿو چاهيان جيئڻ جي به تمنا،
مگر ڇا ڪيان مان رضا قيد ۾ آ.
ڏسي مرض منهنجو مسيحا رنو پيئي،
دوا ڪا نه ٿي ڪا شفا قيد ۾ آ.
سِوا تو حياتي لڳي ٽر مثل ٿي،
ناهي چهچٽو ڪو صبا قيد ۾ آ.
ڏئه هر جا وفا ۽ جفا ڪي،
جفا ئي ملي بس وفا قيد ۾ آ.
خطا خدا ڪئي جي ڪيان مان ها ليکن
اها پي ڪيان ڪيئن خطا قيد ۾ آ.
هٿي آءٌ عثمان رهان دربدر ٿو،
هُٿي محب منهنجو جدا قيد ۾ آ.



حسيني فقير

غزل

چوري جهاتيون پائي ٿي،
مُرڪي ٿِي شرمائي ٿي.
چنڊ مثل چهرو پنهنجو،
پوتي ساڻ لڪائي ٿي.
گڏيون گڏا هٿ سان ناهي،
جوڙ سان جوڙ ملائي ٿي.
منهنجي ڪٽ جي پر ۾ بيهي،
چوڑين کي چمڪائي ٿي.
سرتين کي ڪجهه ڪن ۾ چئي ٿي،
سمجهان ٿو راز ٻڌائي ٿي.
ڏونڪن وارو ناچ نچڻ لئه،
جهومي جهمريون پائي ٿي.
اکين سان گالهائي "حُسيني"،
اشارن ساڻ گهرائي ٿي.

غزل

اکڙين ۾ ڪو جادو آهي،
اکڙيون ويڻيون دل ڦاسائي.
راز ڪل سي سارا من جا،
پل ۾ ويهن ٽيون ٻُڌائي.
هُن کي نياپو ڪيئن ڪيان،
ڪانءُ ڪبوتر ڪوئي ناهي.
محفل ٿي خاموش وئي آ،
محفل ۾ هو آئي آهي.
گهور منجهان هن گهوريو "حُسيني"،
پاڻ چڏيو مون پاڻ ڦسائي.

غزل

منزل ڈي وِک وڌايو،
وقت وڃايو نه اجايو.

سورهيه جي سوپ آ،
ڪوڙ کي نه چمڪايو.

گجهين ٿي لاش پٽيا،
ٽر تي نه مينهن جو سايو.

اندر جي ڪان کي ماري،
پيار جي هولي گالهايو.

جاڻي ڪائي گل پوکيو،
صحرا کي به سجايو.

"حُسيني" حاضر آ يارو،
چاهي تخت تي گهرايو.

احمد خان مدهوش جي نانءُ

مدهوش چنڊ مثل هو،
کير ۽ کنڊ مثل هو.

وسرن ڪيئن ڪچهريون،
محبتي منڊ مثل هو.

سمجهي نه کو سگهيس،
گهري سمنڊ مثل هو.

هُيو پيار پکيڙو،
سڪ جي تار تند مثل هو.

سچ "حُسيني" چوي ٿو،
پلي پاڻ ونڊ مثل هو.



ايوب آلستي رند

غزل

رات مون ڏٺو عجب نظارو،
چنڊ کي چُمي پيو تارو.

هر هر مون کي دل چوي پئي،
هي قدرت جو ٽئي کيل سارو.

سوچڻ منجهان ائين لڳي پيو،
جيئن بي بدڪ جو هيو اڪر سارو.

حيرت منجهان مان ڏسندو رهيس،
پيار انهن جو هو ڏاڍو پيارو.

سڄو ڏينهن مان اداس هيس،
وري رات جو لٽو من جو مونجهارو.

چمڪ انهن جي ڏسي "ايوب"!
سوچ ۾ پئجي ويو ويچارو.

قلندر جو نذرانو

تون جي آئين قلندر لال،
سنڌڙي ٽي وئي مالا مال.

حُسن حسين جون تون آهين پيارو،
هر جاءِ هر هنڌ تنهنجو نعرو،

دم دم تنهنجي وڃي ڏمال.
سيوهڻ شهر کي تو آ وسايو،

حق جو پيغام تو آ رسايو،
جلوو تنهنجو جوش جمال.

عاشق الله جو آهين پلارو،
سنڌڙي کي آ تنهنجو سهارو،

تنهنجا لک پلايون پال.
رند جي اندر ۾ آس رهي ٽي،

"ايوب" جي دلڙي توکي ساري پئي،
تون ته آهين علي جي آل.

غزل

تو جيڪي مون کي درد ڏنا ها،
سي مون قبوليا هيج . مان.

دل تي ائين لکندو رهيس،
لفظ ايندا رهيا کوج مان.

درد ائين اڏ مان ڏين پيا،
جيئن مهراڻ چلي موج مان.

مَن ۾ يادون ائين ڦٽن پيون،
جيئن داڻا ڦٽن ريج مان.

"ايوب" جي دل تي ٽاڪ جمائي،
ويهي ڳالهيون ڪن پيا اوج مان.



مستقيم بازيدپوري

غزل

جڏو هي جيءُ، جياري وڃ،
سڃڻ سرڪي، پياري وڃ.

اڃا مون آسرو ٽنهنجو،
ٻڌل ٻيڙو ته تاري وڃ.

نہ ڪو سائي، نہ ڪو همدم،
ڇڏي مون کي نہ ڪناري وڃ.

لهون لوڻ ڦٽن تي رکي.
نہ ٻاڙ اهڙو ٻاري وڃ،


نہ ڪا موت تي مَيار هاڻ.
گهڙي گڏ ڪا ته گهاري وڃ،

پيو مان ساريان توکي،
اڃي تون پي ته ساري وڃ.

وري فرصت ملي نہ ملي،
ڪٽي نيڻ ته نهاري وڃ.

ڇڇي پيو ٿو سڳو ساهه جو،
پرين آئت ڏياري وڃ.

تتيءَ آهي وڏو تاءُ اڄ،
پرين ترس شام ٺاري وڃ.



زاهد عباسي

ٽيڑو

تارن پري آ رات،
مون کي آهه پرين،
تنهنجي طلب ۽ تات.

زندگي منهنجي ڏکي،
هن ڪمپيوٽر دور ۾،
هر انسان آ دکي.

رڻ آ راڻو،
ايندس نيٺ پرچائي،
ڳوٺ آ اباڻو.

هار پيو روئي،
ماڻس پئي نهر ڪناري،
ڪپڙا ڏوئي.

اڏورا خواب ڦٽي ويا،
حق وڻڻ ۽ سچ چوڻ تي،
ڪيڏا هٿ آزار بنجي ويا.

ٽڙيا گلاب جا گل،
چانڊوڪي رات ۾،
چميا تنهنجا ڳاڙها ڳل.



اُداس لُنڊ

غزل

توسان رشتو آ سنڌ ۽ شاھ وانگي،
منو آھين سنڌو درياھ وانگي.
رھن ٿا ديس جا مزدور ھاري،
اديبن جي بدن ۾ ساھ وانگي.
غريبن جي اميدن کي سدائين،
لتاڙيو آ اميرن گاھ وانگي.
اکيلو ناھيان گڏ گڏ ھلي پئي،
سفر ۾ شاعري ھمراھ وانگي.
ڏسي کنھن غير جي تصوير تو وٽ،
ٻري پيس من ئي من ۾ باھ وانگي.
پيو کو پور آ مھراڻ جيڏو.....
وھي پئي اک ڪليلي واھ وانگي.

غزل

خوشي ڇاھي الڪ ڇاھي،
ٻڌي مون آ ڏٺي ناھي.
اڏيو ھُر گھر ڪناري تي،
ڇڏيو چولين اھو ڍاھي.
اجايون حسرتون پالي،
عمر جو سڄ ڇڏير لاھي.
ڏکي پو کيئن نہ آئينو،
اکيان بيني جو ھوءَ آھي.
وڏي غلطي ڪئيسين دل،
صنم بي‌درد کي ڇاھي.
ٽکايو آن ڏڳي جان غر،
ٽکي جو چيچڙو کاھي.

غزل

گھٽائي ويون ھيون اڳ روشنائي،
ڏٺم توکي اکين ۾ جوت آئي.
ھلون ٿا وات تنھنجي تي ٻڌائي،
مليل آھي اوھان جي رھنمائي.
نہ سمجھيو آھي جن انسانيت کي،
انھن جي زندگي جڙ وئي اجائي.
انڌيرا دور شاعر کان رھن ٿا،
قلم جي ھن جي ھٿ ۾ آسھائي.
ڪڏھن آھي ڪڏھن ناھي مزوري،
جڏو ھي جيءُ جھوري آ وھائي.
کيو مون پيار يا مون ڏوھ کيو آ،
جو دشمن ٿي پئي ساري خدائي.


غزل

ڏٺم بي درد ماڻھو گل ٻڌيندي،
ٻڌيندي ۽ ويا پٽ تي سڌيندي.
اُميدن جي نہ آئيني کي پيارا،
لٽي وئي دز وڇوڙن جي لڌيندي.
مليو شيرين سان فرھاد آخر،
محبت ۾ پھاڙن کي ڪڌيندي.
اجا منصور ايندا حق جا دشمن،
تڏھن آيا نظر رسيون وڌيندي.
اسان جي وات تي ڪاوا رکيا ويا،
پڳاسين پير تو تائين ڦڌيندي.
حسينؑ جي اکيان ھارايو سو مون،
زماني کان جو آيو ھان ڪڌيندي.
نہ اُتندا ھا جيڪي پر مان اسان جي،
ڏسي ڏک ويا اُھي پي منھن مڌيندي.





نور الهدیٰ شاھ



بھادر تالپر

ماءُ....

عین سحر



ڈاکٹر پروین موسیٰ میمن



نور حسین کلھوڑو



ارشاد سومرو

خوف

جمن احمد اٹي

جُھڑ نيٽئون نہ لھي

عباس سارنگ

کھاڻيون

سنڌي ڪهاڻي، هميشه پنهنجي سماج جو عڪس پيش ڪيو آهي. چاڪاڻ ته سنڌي سماج مختلف دورن ۾ سياسي، سماجي ۽ معاشي مسئلن جو شڪار رهيو آهي، اڪثر ڪهاڻيڪارن پنهنجي ڪهاڻين ۾ غريب ۽ وچولي طبقي جي ماڻهن جي ئي عڪاسي ڪئي آهي، چاڪاڻ ته اهي پاڻ به هيٺين يا وچولي طبقي سان تعلق رکن ٿا. انهن جي هوليءَ رهٽي ڪهٽي پڙ سادي ۽ نج بهراڙي، ولري آهي. رسول ميمڻ پنهنجي مضمون ۾ ڪهاڻي، بابت لکي ٿو ته : "خدا جيئن پيغمبرن کي ڏرتي، تي موڪليو، ائين تخليقڪارن کي به موڪليو، سچن ڪهاڻيڪارن ڏرتي، تي اچي ڪهاڻيون ٻڌايون ۽ سنگتراشن پٿر ۾ موجود وجود کي کوٽي ظاهر ڪيو، مائيڪل اينجيولو، موسيٰ جي جيئري وجود کي هڪ سنگ مرمر جي پٿر اندران کوٽي ڪڍيو ۽ ان سان گفتگو ڪئي هئي، مونا ليزا جي نظر نه ايندڙ تصوير سڀ کان پهريون ليونار دونچي، ڪنوس تي ڏني، هن ان ۾ صرف رنگ پريا هيا، جيڪا هڪ ڪهاڻي جڙي پئي."

اسان جي سماج ۾ روز ڪيئي ڪهاڻيون جڙن ٿيون ۽ ڌهن ٿيون. اسان جي بهراڙي، جا ماڻهو بلڪل سادا ۽ سڀاجها آهن، پر انهن وٽ جملا به ايترا تز ۽ تکا آهن، جيڪي روزمرهه جي زندگي، ۾ استعمال ڪندا رهن ٿا، جن کي اهو احساس ئي نه هوندو آهي ته سندس انهن جملن سان اڳئين ماڻهوءَ کي ڪا تڪليف به پهچي سگهي ٿي ....؟

بهراڙي، جي ماڻهن جون خوشيون به سادين ته غم به سادا هجن ٿا، انهن جا ڏک به سڀاجها محسوس ٿين ٿا، ان سموري صورتحال کي انهن جي وچ ۾ رهندڙ هڪ حساس ليکڪ ئي انهن جملن جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي سگهي ٿو.

غلام مصطفيٰ سولنگي

ڪتاب: "پنل اکرين"

ص 11 تان کنيل

نورالهدي شاهه



ڪربلا

پتڪڙو هئس، تڏهن اسڪول ويندو هئس ڦٽل ڳوٺڑيءَ ۾ ڪتاب وڃهي. رات جو جڏهن امان ڪان ماني گهرندو هئس، تڏهن امان مون کي ماني ڏيڻ بدران آسمان تي تارا ڏيکاريندي هئي.

هُو ڏس پٽون- هُو آهي ٽيڑو- ۽ هوءَ ڪٽ آهي.

ائين تارا تکيندي تکيندي، نڃاڻ ڪهڑي مهل اک لڳي ويندي هئر. صبح جو چوندي هئي ته تون اسڪول هل، آءٌ ڪنيو ٿي اچان ماني. آءٌ سڃو وقت در ۾ اکيون اٽکايو ويٺو هوندو هئس. منهنجي پيٽ ۾ جڙ ٻليون پيون وڙهنديون هيون، پر امان ڪاڻ ايندي هئي. منهنجي اکين ۾ لڙڪ اچي ويندا هئا ۽ آءٌ انهن کي لڪائڻ لاءِ اکين آڏو ڏئي چڏيندو هئس ڦٽل- سائل ڪتاب.

منهنجي هڪ وڏي پيڙ به هوندي هئي. سڃو وقت نڃاڻ چا پئي سوچيندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي سوچيندي اکين ۾ لڙڪ اچي ويندا هئس. شايد امان انهيءَ کي به مون وانگر مانيءَ جا آسرا ڏيندي هوندي. پيو هڪڙو پتڪڙو پاڻ به هوندو هئر. چنل ڪٽ جي جهول ۾ پيو هوندو هو. هن جي تن تي جڙ ماس هوندو ئي ڪونہ هو. بيمار هوندو هو، شايد مون کي ياد آهي ته هن جي وات تي سدائين مکين جا ميڙ هوندا هئا. هُو انهن پڙ پڙ ڪندڙ مکين سان ڳالهائيندو هو شايد، آغون- آغون ڪري بابا صبح ساڻ نڪرندو هو گهران ۽ لوڪ سُٽي موٽندو هو. امان ڳل تي هٿ رکيو پئي بابا جو اوسيئڑو ڪندي هئي. نڃاڻ چا پئي پڪندي هئي ۽ روئندي ويندي هئي ۽ جڏهن بابا موٽندو هو، تڏهن هوءَ جڙ سڏڪن ۾ پنجي ويندي هئي. آءٌ پنهنجي مٽان پيل ڦٽل ڳوڙ جي ڳڙڪ مان پيو ڏسندو هئس. بابا پت تي ڪنڌ لاڙي اکيون پُوري چڏيندو هو ۽ هوءَ سڏڪندي ويندي هئي، ڳالهائيندي ويندي هئي. نڃاڻ چا چا پئي چوندي هئي. پر هن جون ڳالهيون ٻڌي ڳوڙ اندر منهنجون اکيون به لڙڪن سان پرجي ويندیون هيون. نيٺ بابا به سڏڪي پوندو هو. ٻئي هٿ ڪٽي امان آڏو جوڙيندو هو. چوندو هو: "جنت! تون روز روز چو ٿي منهنجن ڦٽن تي لوڻ ٻرڪين. آءٌ پلا چا ڪريان، ڪيڏانهن وڃان- منهنجي پيرن ۾ ته لڦون پئجي ويون آهن هاڻي- ڪٿي به روزگار نٿو ملي، تون سمجهين ٿي منهنجو هانءُ نٿو ڪري سگهان جنت! نہ ته خدا شاهد آهي- جيئن ڪاڻ دل نٿي چوي" ائين چئي هو سڏڪن ۾ پئجي ويندو هو، بلڪل امان وانگر. منهنجي دل چوندي هئي ته آءٌ بابا جا لڙڪ وڃي اکهان، پر آءٌ چپ چاپ بيستو پيو هوندو هئس ڦٽل ڳوڙ جي اندر ۽ بک جو احساس تهائين وڌي ويندو هو.

اسان جو گهر هڪ اوندهين بدبودار گهٽيءَ جي چيڑي تي هوندو هو. بيحد پراڻو، سوڙهو ۽ اونداهو ڪمرو، جنهن ۾ ڪا به دري ڪانہ هوندي هئي. امان چوندي هئي: "هيءُ گهر ٽورو ئي آهي- هيءُ ته جيل جي کولي آهي- انهيءَ کان به ابتر." هڪڙو ننڍڙو اگڙ ٻ، جنهن جي هڪڙي ڪنڌ ۾ ردّڻو (جيڪو ڪڏهن ئي آباد ٿيندو هو) ٻي ڪنڌ ۾ ڪاکوس ۽ ٽين ڪنڌ ۾ وهنجڻ جي جاءِ (جتي پاڻيءَ جي ٻي پناهه ڪوٺ جي ڪري ڪير وهنجندو به ڪونہ هو) ڏاڍي بانس هوندي هئي اسان جي گهر ۾. اهڙا انيڪ گهر هوندا هئا پاڙي ۾. شام ٿيندي هئي ته اسان پاڙي جا ٻار گهٽيءَ ۾ ڦهليل اونداهيءَ ۾ لِڪ لڪوٽي راند رهندا هئاسون. اسان جن گهرن جي پويان پڪو پختو ڊامر جو ڪارو روڊ هو ۽ روڊ جي هن پار

نڇاڻ ڇا جو ڪارخانو هو، جنهن جو ڪارو دونهون سڄو ڏينهن رات پيو اسان جي گهرن مٿان لنگهندو هو..... پاڙي جا گهڻي پاڳي مڙد انهيءَ ڪارخاني ۾ مزدور هئا. تڏهن اسان ۾ ويلا مائي ڪائيندا هئاسون. پوءِ هڪ پيرو انهيءَ ڪارخاني ۾ ڏاڍو گوڙ ٿيو هو. ماڻهن جو هجوم هو، جيڪو ٻاهران لهرائي لهرائي رڙيون ڪري رهيو هو. انهن جا منهن تپي ٽامو ٿي ويا هئا ۽ انهن سپني جي اکيان اڳيان هو منهنجو بابا. هن جي هٿ ۾ ڪارو جهنڊو هو ۽ هُو ڪجهه ڳالهائي رهيو هو. انهيءَ ڏينهن کان پوءِ بابا ڪڏهن به ڪارخاني ڪونه ويو. سندس نوڪري ختم ٿي وئي هئي. بس اهو ڏينهن هو، جڏهن کان اسان ۾ ۽ ڏينهن مائي ڪائڻ ڇڏي ڏني هئي. شروع شروع ۾ آءٌ ۽ پيڻ ڏاڍو روئندا هئاسون، پر پوءِ اسان کي علات پئجي وئي هئي، انهيءَ بک جي. جيڪڏهن بک لڳندي به هئي ته تارا ڳڻڻ لڳندا هئاسون. ايئن اک لڳي ويندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن امان ٻُڪ ڪٽي انهيءَ ڪارخاني کي پٽيندي هئي: "شل باھ لڳي انهيءَ ڪارخاني کي." پر باھ نه لڳي هئي انهيءَ کي.

انهن ئي ڏينهن ۾ امان جو پيٽ مٽ وانگر پرجڻ لڳو هو. آءٌ پيڻ کان پڇندو هئس: "پيڻ! امان جي پيٽ ۾ ڇا آهي؟" پيڻ ڏاڍي عقل واري هوندي هئي. کي کن سوچي پوءِ چوندي هئي: "پاڻ آهي امان جي پيٽ ۾" پر امان کي کا به خوشي کانه هئي پيٽ ۾ پاڻ جي. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن هوءَ بابا سان گهٽو ٽڪندي هئي، تڏهن پيٽ تي مڪون هٿندي ويندي هئي ۽ چوندي ويندي هئي: 'انهيءَ مصيبت کي به هينئر اڇٽو هو. آهي ڪائڻ لاءِ ڪٽو به ڪونه، هيءُ کيئن پلبو!' موت ۾ بابا گهبرائجي چوندو هو: "نه- نه- جنت! هرڪو پنهنجو روز پاڻ ساڻ ٿو آڻي. نه هڻ پيٽ تي مڪون، چو ٿي پاپ ڪرين." بس انهيءَ ڳالهه تي امان مڇ ٿي ويندي هئي- رڙ ڪري چوندي هئي: "اسان کهڙو پنهنجو روز پاڻ ساڻ آندو جو هيءُ به آڻيندو."

بابا چپ ٿي ويندو هو. هو ڪڏهن به امان سان پُڄي نه سگهيو. هڪ صبح جڏهن آءٌ ننڊ مان اٿيو هئس ته امان جي پر ۾ پاڻ پيو هو. بيحد پتڪڙو، ڪمزور ۽ هيبو. بابا جي پراڻي گودڙ ۾ ويڙهيل. هن اکيون ڇنيون مون کي ڏٺو، ڪن پل لاءِ ۽ پوءِ پوري ڇڏيون هئائين. ٻلي جي پونگڙي جهڙيون هيون هن جون اکيون. مون کي ته ڏاڍو وٺيو هو. سڄو سڄو ڏينهن پيو ڏسندو هوسانس. هُو ڇنڻ ڪٽ تي جهول ۾ پيو رڙندو هو. مڪين جا ميڙا هوندا هئا مٽس، پر امان مڙي ۽ نه نهارينديءَ هئي ڏانهس بس پيڻ پئي ڪڇ تي گهليندي هيس... بابا اينڊو هو ته ڪاوڙبو هو امان تي 'تون ڪير چو نٿي ڏين هن کي!' امان سدائين جيان مڇ ٿي ويندي هئي، 'ڪٽان آڻيان ڪير؟ بک ۾ پاھ پئي ٽيان. ڪير اڇيم ته ڏيانس.' بابا ٿڏو شوڪارو پري پاڻ ڏانهن نهارينڊو ۽ اکيون پوري ڇڏينڊو هو. امان، بابا کي سدائين چوندي هئي ته اسان جو هيءُ حال تنهنجي ڪري ٽيو آهي، نه ڪرائين ها کارخاني ۾ گوڙ ته چو اڄ اسين بک مرون ها.

پيڻ ته ڪجهه ڳالهائيندي ئي ڪانه هئي. سڄو وقت ماڪ ماڪ ۾ هوندي هئي. پيڻ کي شيشي جون چوڑيون ڏاڍيون وٺنديون هيون، پر ڪڏهن به اهي چوڑيون وڻي نه سگهي هئي. آءٌ گند جي ڊڻ تان هن کي پڳل چوڑين جا ٽڪر ڳولهي آڻي ڏينڊو هئس. هن وٽ هڪڙي کولي ۾ ڊگ ڪن گڏ ٿي ويو هو. پڳل چوڑين جي ٽڪرن جو. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ اهو کوکو کولي ويهندي هئي. هرڪو رنگ ڏار ڪندي ويندي هئي ۽ اکين ۾ لڙڪ گڏ ٿيندا ويندا هئس ۽ جڏهن لڙڪ ڳلن تي لڙي ايندا هئس، تڏهن هوءَ کوکو بند ڪري ڇڏيندي هئي. هوءَ ڪانه ڳالهائيندي هئي، پر آءٌ ساڻس ڳالهائيندو ويندو هئس. هوءَ هون... هان ۾ پئي جواب ڏيندي هئي، شايد بک کان ڳالهائي ڪا نه سگهندي هئي.

هڪ ڏينهن اسڪول کان موٽندي گند جي ڊڻ تي پيڻ لاءِ چوڑين جا ٽڪر ڳولهڻ لڳو هئس، جو نظر پئجي وئي هئر ڊڻي تي هاريل پاروٽي پت تي.

ڪتو سونگهي رهيو هو انهيءَ پٽ کي، ڪتي کي سروٽو اڇلي پڇائي ڪڍيو هئر ۽ جهولي، ۽ ميڙي، سيڙي ڪٽي آيو هئس اهو پٽ. جڏهن گهر ۾ گهڙيس تہ بابا ويٺو هو. انهيءَ ڏينهن نجاڻ بابا کيئن جلدي موٽي آيو هو.

"جهولي، ۾ ڇا اٿئي؟" بابا پڇيو هو.

"پٽ!" ڏڇندي ڏڇندي وراڻي ڏني هئر.

"ڪٽان آندو اٿئي؟"

"گند جي ڊڙي تان." آءٌ ڪوڙ ڳالهائي نہ سگهيو هئس. پوءِ تہ بابا ڇڙ سڃاتو ئي نہ پئي. ڪچي، مان اڇي پڪڙيو هئائون مون کي. ايڏو ماريو هئائين جو اڌ مئو ٿي پيو هئس. پٽ پٽ تي ڪري پيو هو. آءٌ کنڊ ۾ ويهي روئڻ لڳس ۽ سڏائين جيان امان اڇي بابا کي ورايو هو. پريان ويڙل پيڙ ٽڪ ٻڌي پٽ تي پيل پٽ کي ڏسندي رهي هئي. بابا سڏڪندي رڙ ڪئي هئي؛ "منهنجو هان؛ تو جهڙي جنت! هن جو گند جي ڊڙي تان پٽ آندو آهي." پوءِ الاءِ ڇا ٿيو هو جو هٺ جي پٽ سان لڙڪ اڳهندي مون کي سڏ ڪيو هئائين. آءٌ ڏڇندو ڏڇندو ويجهو اچي بيٺو هوسانس.

"بک گهٽي لڳي اٿئي ڇا؟"

موٽ ۾ منهنجي اکين مان لڙڪ ڪِري پيا هئا. مون کي ٻانهن کان جهلي پٽ تي ويهاريو هئائين ۽ چوڻ لڳو: "چگو ويهہ کاءُ هي پٽ." مون ڊنل نظرن سان ڏانهس نهاريو- اعتبار ئي نہ پئي آيو.

"هاهـ- پلي کاءُ پٽ."

آءٌ لڙڪ اڳهي پٽ تي پيل پٽ کائڻ لڳس. پرسان ويڙل پيڙ ۾ اٿي آئي هئي.

"امان! تون ۾ اڄ نہ." مون امان کي سڏڪيو.

بابا کي چوڻ جي ڪنهن ۾ سگهہ کا نہ پئي ساري، ڪي کن هُو اسان کي پٽ کائيندو ڏسندو رهيو، پوءِ چوڻ لڳو: "اڙي! مون کي ۾ تہ پٽ کارايو." ائين چيو هئائين، ڇڙ روئندو هجي. هُو ۾ پٽ کائڻ لڳو ۽ ساڻ ساڻ روئندو ٿي ويو. ڏاڍي بانس هئي انهيءَ پٽ ۾، پر اسان سڀ کائي ويا هئاسون.

ٻئي ڏينهن جڏهن آءٌ اسڪول مان موٽيو هئس ۽ در تي پير رکيو هئر تہ اڳڻ ۾ ويڙل پيڙ چرکي نهاريو هو، منهنجي خالي جهولي، ۾. ڪن کان پوءِ امان اندران نڪتي هئي. بي اختيار ٿي پڇيو هئائين؛ "پٽ آندو اٿئي ڇا؟" مون تہ ڪجهہ ۾ نہ آندو هو. چپ چاپ بيٺو رهيس. انهيءَ رات بابا جڏهن آڏيءَ محل موٽيو هو. آءٌ گوڙ ۾ ويڙهيو پيو هئس. امان کان سربات ڪري پڇيو هئائين؛ "ڪاڪي پٽ ڪونهي آندو اڄ؟"

"نہ" امان جو آواز ڏاڍو جهيڻو هو.

"اڇا!!" ۽ پٽ تي ليٽي پيو هو بابا.

مون ۽ پيڙ انب جو ڪوٽلو پوکيو هو اڳڻ ۾ روز ننڊ مان اٿي انهيءَ، ڪنڊ جو رخ ڪندا هئاسون. سوچيندو هئس تہ جڏهن انب جو وڻ وڏو ٿيندو ۽ انب ڏيندو. تڏهن اسين ڪڏهن ۾ بک کونہ مرنداسون. پيڙ ۾ شايد ائين سوچيندي هئي. هڪ ڏينهن زمين مان منهن ڪيو هو انب جي ٻوٽي.

پوءِ هوريان هوريان وڌڻ لڳو هو اهو ٻوٽو. آءٌ هاڻ آسمان تي تارا ڳڻڻ بدران پهريون جا پهر انهيءَ ٻوٽي کي پيو تڪيندو هئس.

هڪ ڏينهن بابا آيو تہ ساڻ آندا هئائين پنجاهہ روپيا. بلڪل ائين، جيئن اوچتو عيد جو چند ڏسي ونجي. ڪٽان آيا هٿا اهي پنجاهہ روپيا... انهيءَ، جي تہ ڪنهن کي ۾ ڪَل کا نہ هئي، پر انهيءَ ڏانهن اسان ڏوَ تي ماني کاڏي هئي. بابا نجاڻ چو سمورو وقت چپ چاپ اکيون پوريو پيو هو. ڪجهہ ۾ تہ نہ پئي ڳالهايائين.

انهيءَ، ڏينهن پهريون پيرو امان پيار منجهان بابا کان پڇيو هو؛ "چو ائين پيو آهين؟ چاق تہ آهين نہ؟"

بابا کن لاءِ اکيون پٽي امان کي ڏنو ۽ پوءِ وري اکيون پوري چڏيون هئائين. "ماني نہ کائيندين؟" امان بابا جي وارن ۾ آگريون ڦيرنديءَ وري پڇڻ لڳي: "نہ." بابا ٻئي هٿ ڪٽي اکين تي رکيا هٿا.

"چو؟"

"مٹو پيو ڦريرِ." بابا جا هٿ هوريان هوريان ڏکي رهيا هئا.

ڪر کهڙو ڪري آيو آهين؟" امان جو آواز تهائين مٿو ٽيندو ٽي ويو.

"چا ٻڌي ڪندينءَ جنت! تو ته اڄ ڏوَ تي ماني کاڌي آهي نہ!"

"امان کا بہ ورندي کا نہ ڏني هئي.

"جنت!" اکين تان هٿ لاهي بابا امان ڏانهن اکيون پٽي نهاريو.

"ڇئو!"

"آءٌ پنهنجي رت جي بوتل وڪٽي آيو آهيان." بابا وري کٽي اکين تي هٿ رکيا هئا، پر مون پريان کان ٽي بابا جي اکين ۾ ڪجهه جرڪندو ڏسي ورتو هو. لڙڪ هئا شايد ۽ بابا جي ڳالهه ٻڌي اسين سڀ چرڪي پيا هئاسون. آءٌ ته سمجهي بہ نہ سگهيو هئس بابا جي ڳالهه، ها امان ۽ پيٽ کي نانگ سونگهي ويو هو ڇڏ. امان ته ڪيتري دير گوڏي تي مٿو رکيو بابا کي ڏسندي رهي هئي. لڙڪ نہ ها امان جي اکين ۾، پر مون کي ايئن لڳو هو، ڇڏ اجهو- هينئر امان روئي پوندي. پيٽ چلهه ٻارڻ ۾ لڳي وئي هئي، پاڻ چنل ڪٽ جي جهول ۾ پيو هو. اڄ انهيءَ بہ ڏوَ تي ڪير پيتو هو- انهيءَ ڪري هُو بہ ڏاڍي گهري نند ۾ ستو پيو هو.

"جنت!" بابا، امان کي چوڙ لڳو. "ماڻ چو ٿي وئي آهين جنت؟"

امان کا بہ ورندي کا نہ ڏني هئي- هوءَ بس ٽڪ ٻڌي ڏسندي رهي هئي بابا کي.

پوءِ ٽيو ايئن جو بابا ويو ٽي ڪمزور ٽيندو. هن جو سانورو رنگ هيبو پوندو ٽي ويو. اکين هيٺ ڪارا دائرا پوندا ٽي ويس. بلڪل هڏن جو پنجرو لڳندو هو.

پر هُو اڪثر ساڻ پنجاهه روپيا آڻيندو هو ۽ اسان بہ ويلا ماني ڪائڻ لڳا هئاسون. بابا کي مٿي ۾ سور ۽ ڦيري ٽيڙ لڳي هئي. هاڻ ته هُو باهر بہ ڪونہ نڪرندو هو- سڄو ڏينهن پٽ جي پاڙ ۾ پيو هوندو هو. اٽندو هو ته بہ وڪون ڪٽي ڪِري پوندو هو. چوندو هو ته منهنجين اکين اڳيان اونداهي ٽي اچي. امان زوريءَ ڪٽس مانيءَ جا گرهه وات ۾ وجهندي هئي. بابا کائيندو ٽي ڪونہ هو ماني. امان چوندي هئي: "ماني نہ کائيندين ته هيڪاري ڳرندو ويندين. ڪيئن منجهئي رت ٽيندو." ۽ ايئن چوندي امان جون اکيون نمي ويندیون هيون. بابا چرڪي نهارينڊو هو امان ڏانهن. سندس اکين ۾ نچاڻ چا هوندو هو، جو انهيءَ پل آءٌ بہ ڏاهس نهاري نہ سگهندو هئس. ايئن ڪلي چوندو هو: (جڙ روئندو هجي) "ڏاڍي خود غرض آهين، جنت!" ۽ امان جون اکيون هيڪاري نمي ويندیون هيون.

بابا ڳرندو ٽي ويو- ايترو، جو ڪٽس ڏسي ڊپ ٽيندو هو- هڪ ڏينهن ويو، پر ساڻ پنجاهه روپيا نہ آندا هئائين.

"چو- اڄ ايئن پيو اچين؟" سندس خالي هٿ ڏسي امان پڇيو هو. چلهه ۾ باهه ٻارينديِ پيڻ جا هٿ بيهي رهيا هئا. بابا ساڻو ٽي اچي ڪِريو هو پٽ جي پاڙ ۾.

"جنت!"

امان ائي ويجهي اچي ويٺي هيس.

"چا ٽيو؟؟"

"ڊاڪٽر چون ٿا هاڻ تومان رت نہ ڪيندا‌سين- نہ ته مري پوندين ۽ خون پوندو اسان جي ڳچيءَ ۾."

امان جي نراڙ تي گهنڊ پٽجي ويو هو.

"ٻڌي جنت! هاڻ ته رت بہ ڪٽي ويو آهي مون مان." ايئن چئي بابا اوچنگارن ۾ پٽجي ويو هو. جڙ ڪو مري ويو هجي. امان چپ چاپ ڏسندي رهي هئي بابا کي.

ٻئي ڏينهن بابا ٽڙندو ٽاڙندو نڪري ويو هو روزگار جي ڳولها ۾. ٻيو ڏينهن اچي ٽيو، پر بابا نہ وريو. امان وري نچاڻ چا پڪڙ لڳي هئي ۽ ساڻ ساڻ روئندي ٽي وئي. انهيءَ رات آءٌ ڪيتري دير ڦاٽل ڳوڙ جي ڳڙڪ مان در ڏانهن ڏسندو رهيو هئس.

ٽين ڏينهن پاڙي وارو ڪو ماڻهو آيو هو، ٻڌائڻ لاءِ ته بابا اسپتال ۾ پيو آهي. ڪني پاٹيءَ جي نالي ۾ بيهوش پيو هو جو ماڻهو کٹي ويا هئس اسپتال. اسين ويا هئاسون بابا کي ڏسڻ لاءِ پلنگن جي قطار ۾ هڪڙو اڇو اجرو پلنگ بابا جو ٻه هو. چت ۾ اکيون اٽکايو چپ چاپ پيو هو. اسان سڀني کي تڪ ٻڌي ڏسندو رهيو، ڪجهه ٻه ته نه ڳالهايو هئائين.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ بابا اسپتال مان موتي آيو.

انهن ڏينهن جڏهن بابا اسپتال ۾ هو، امان روزگار لاءِ ٻاهر نڪري ويندي هئي. پر جڏهن بابا موٽيو ته امان وڃڻ ٿي چڏي ڏنو ۽ اسان کي ٻه منع ڪري چڏيو هئائين بابا کي ٻڌائڻ کان. نڃاڻ ايئن چو ڪيو هئائين، نه ته بابا اسان کي ٻه ويلا کڏهن کڏهن کارائيندو هو، پر امان ٿي ويلا کارائيندي هئي. شايد امان ۾ بابا کان جهجهو رت هوندو. بابا آيو ته اسين وري ڪيترا ڪيترا ويلا لنگهڻ لڳاسين.

بابا اهو ٿي پيو روزگار لاءِ پٽڪندو هو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن بابا کي روزگار ملي ويو. بابا فوج ۾ پرتي ٿي ويو. انهيءَ ڏينهن بابا نما شام مهل ٿي موتي آيو هو. ڳالهه ڳالهه تي ٿي ٽهڪ ڏنائين. اسين سڀ حيران ٿي بابا کي ڏسندا رهيا هئاسون ته چو ٿو کلي بابا!! رات جو بابا اوچتو ٻڌايو ته هُو فوج ۾ پرتي ٿي ويو آهي. آءٌ ڏاڍو خوش ٿيو هئس. مون کي فوجي ڏاڍا وٺندا هنا. بندوق کلهي تي، مٿي تي لوهي ٽوپ ۽ پيرن ۾ ٽڪ ٽڪ ڪندڙ ڪارو بوٽ. مون ته بابا کي سدائين ڪٽل ڪپڑن ۾ ڏٺو هو. خوشيءَ منجهان مون بابا کي کٹي پاکر پاٹو هو. پيٽ مرکي پئي هئي- هوءَ جڏهن خوش ٿيندي هئي ته بس مرکي ڏيندي هئي ۽ امان- اها ته بابا کان ٻه وڌا ٽهڪ ڏئي رهي هئي. سڄو پاڙو آيو هو مبارکون ڏيڻ. اسان ته کڏهن ماڻهن وانگيان عيد ملهائي ٿي ڪا نه هئي، پر انهيءَ ڏينهن جڻ عيد اچي وئي. جيتوٽيڪ انهيءَ رات ٻه اسان ماني کائ ڪاڏي هئي، پر خوشيءَ مان اسين سڄي رات جاڳندا رهيا هئاسون. وچ ۾ بابا ويٺو هو ۽ انهيءَ جي چوڌاري آءٌ، پيٽ ۽ امان. ڪيترن ڏينهن کان پوءِ امان، پاءُ کي ڪچ ۾ ڪنيو ويٺي هئي.

"بابا! هاڻ ته ٽئي ويلا ماني ملندي نه؟" مون پڇيو هو. بابا کٹي پاکر پاٹو هو مون کي.

"اڙي ها منهنجا راجا! هاڻي سمجهه ته وڏو ماڻهو ٿي ويو آهين تون."

"بابا! تون هت ٿي رهندين نه؟" پيٽ پڇيو هو. کن لاءِ بابا چپ ٿي ويو هو.

پوءِ چيو هئائين: "نه ۾ هاڻ اوهين بک کو نه ڪاٽيندا. هاڻ ڪٽل ڳوٺ ۾ کوڙ سمهندا. هاڻ اهڙي گهر ۾ کوڙ رهندا." بابا اسان کي ڪيترين ٿي اهڙيون ڳالهيون ٻڌائيندو رهيو.

"بابا! آءٌ نوان ڪتاب وٺندس." مون چيو هو.

"اڙي! توکي انهيءَ خيراتي اسکول مان ڪڍائي ڪنهن سڀي اسکول ۾ ويهاريندس. هاڻ ته پڪ ٿي پڪ تون ڊاڪٽر ٿي ويندين."

"بابا! آءٌ ريشمي ڪپڑا ۽ چوڑيون وٺنديس." پيٽ چيو هو.

بابا پنهنجي ٻانهن سان پيٽ کي ٻاکر پائيندي چيو هو: "توکي ته آءٌ ڪنوار ڪندس." آءٌ ٽهڪ ڏئي کلي پيو هئس ۽ پيٽ کي چيڑائڻ لاءِ چوٽ لڳس: "پيٽ! هاڻ تنهنجي شادي ٿيندي تنهنجي ڄج ايندين- نون ڪنوار ٿيندئين." پيٽ شرمائجي بابا جي پويان لکي وئي هئي.

امان ته بس گوڏن تي ڪنڌ لاڙيو اسان سڀني کي ڏسي مرکندي رهي هئي. نڃاڻ ڇاڇا سوچيندي رهي هئي. سندس ڪچ ۾ پاءُ ستو پيو هو ۽ ننڊ ۾ مرکي رهيو هو. شايد اسان جي ڳالهين ته.

پوءِ بابا هليو ويو، اسين ٻه ويلا ماني کائڻ لڳاسون. مون اسکول جا ڪجهه نوان ڪتاب ورتا هنا. پيٽ چوڑيون ورتيون هيون. امان هاڻ پاءُ کي شيشيءَ ۾ کير وجهي ڏينهن ۾ ٻه ٽي پيرا پيارڻ لڳي هئي. بابا کي وئي ڪيترا ڏينهن ٿي ويا هنا. اگڻ ۾ لڳل انب جو ٻوٽو ڪجهه اڃا ٻه اُپري آيو هو. پر هاڻ آءٌ يا پيٽ گهٽ انهيءَ جي سار سنيال لهندا هئاسون. امان روز

صبح جو اُتي مون لاءِ نيرن ناهيندي هئي. اسڪول مان موڪلڻ هئس تہ ماني تيار رکي هوندي هئي. کڏهن کڏهن کٹ تي ليٽي تارا ڳڻيندو هئس ۽ امان رڙ ڪري چوندي هئي: "چورا! نہ ڳڻ تارا. منڊي ۾ سور پوندئي."

۽ مون تارا بہ ڳڻڻ ڇڈي ڏنا هئا. هاڻ تہ آءٌ گند جي دڑي تان پيڙ لاءِ پڳل چوڑين جا ٽڪر بہ نہ ڳولهيندو هئس. هاڻ تہ پيڙ چوڑيون گڏ ڪرڻ لڳي هئي ۽ سندس بنهي ٻانهن ۾ ڳاڙهيون سايون چوڑيون پيون جرڪنديون هيون.

هڪ ڏينهن بابا جو پهريون خط آيو هو. لفافي ۾ بند خط کڻي آءٌ اگڻ ۾ نچڻ لڳو هئس ۽ امان ۽ پيڙ منهنجي پويان پويان ٽي ٻوڑيون خط ونڊڻ لاءِ. انهيءَ خط ۾ بابا لکيو هو. "آءٌ اوهان کي ڏاڍو ياد ٿو ڪريان، پر في الحال اچي نہ سگهندس. ڏاڍي سخت ٽريننگ آهي." موٽ ۾ اسان بہ بابا کي خط لکيو هو. پوءِ ايئن بابا جا خط ۽ پيسا ايندا رهيا، جنهن ڏينهن پيسا ايندا هئا، اهو ڏينهن عيد جو هوندو هو. امان پيسا گڏ ڪري پاڻ لاءِ نندڙو پينگهو ورتو هو. هاڻ پاڻ انهيءَ پينگهي ۾ سمهندو هو. هاڻ هُو ٽلهو ٽيندو ٽي ويو. پيڙ بہ هاڻ ڪلهن ۽ ڳالهائڻ لڳي هئي. گهر بہ هاڻ صاف ستڙو هوندو هو.

هڪ نما شام جو بابا اچي نڪتو هو. بابا جي پويان پويان پاڙي جي ٻارن جو ميڙ هو. بابا تہ سڃاڻپ ۾ ئي نہ پيو آيو. بدن ۾ پريل ڳاڙهو ڳنڍول فوجي وردي، ۾، منڊي تي لوهي ٽوپہ، کلهن تي بندوق ۽ پيرن ۾ ڪڪ ڪندڙ پاري بوٽ. بابا دروازي تي بيهي مون کي سليوٽ ڪيو هو ۽ منهنجو وات ڦاٽي ويو هو بابا کي ڏسي. امان تہ بابا جي ڇاتيءَ تي منڊ رکي سڏڪن ۾ پنجي وئي هئي. بابا گهر جو نئون رنگ ڏسي مرڪي پيو هو: "تہ ڇئبو تہ مزي ۾ آهيو." اسان سڀني بابا کي اهي نندڙيون شيون بہ ڏيکاريون، جيڪي اسان بابا کان پرپٽ ورتيون هيون.

بابا هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات هو. سڄو پاڙو آيو هو سائس ملڻ لاءِ، انهيءَ ڏينهن بابا جون اکيون ڏاڍيون پئي چمڪيون.

بابا هليو ويو. کڏهن کڏهن ايندو هو تہ ساڻ ڇڻ عيد ڪنيو ايندو هو. آءٌ پڇندو هو سانس، "بابا! تنهنجو ڪر ڪهڙو آهي؟"

"منهنجو ڪر! منهنجو ڪر آهي ملڪ جي حفاظت ڪرڻ."

"ملڪ جي حفاظت ڪيئن ٿيندي آهي بابا؟" آءٌ سمجهي نہ سگهندو هئس.

"جڏهن بہ هن ملڪ ۾ جنگ لڳندي، تڏهن آءٌ وڙهندس." بابا جا هٿ بندوق جي نالي، تي مضبوط پڪجي ويندا هئا. مون جنگ جو نانءُ جڏهن کان ياد ٿو پويم، تڏهن کان ٻڌو هئم. جنگ چا ٿيندي آهي، اها تہ سڌ ئي نہ هئم. بابا ٻڌائيندو هو تہ ڪيئن جنگ ۾ حملا ٿيندا آهن. ماڻهو مرندا آهن. بم ڪرندا آهن. بندوقون، گولين، موٽ، رت، تباهہ ٿيندڙ شهر، ڳوٺ، گهر، بليڪ آئوٽ، آءٌ سڄو سراپاجي ويندو هئس. منهنجين اکين ۾ نچاڻ چا اچي ويندو هو جو بابا ڪٹي پاڪر پائيندو هئم. مون کي ياد آهي. چلهہ وٽ ويٺل امان جا هٿ ڏڪڻ لڳندا هئا ۽ پيڙ اٿي هلي ويندي هئي.

"بابا!" منهنجو آواز ٽڙيءَ ۾ گهٽجڻ لڳندو هو.

"جيءُ بابا؟" بابا جو پاڪر هيڪاري تنگ ٿي ويندو هو.

"بابا! تون تہ چوندو آهين تہ ماڻهو مارڻ گناهہ آهي. ها نہ. بابا!!؟" پوَ ڪان آءٌ بابا جي ٻانهن جي گهيري ۾ لڪندو ويندو هئس. بابا چپ ٿي ويندو هو. ڪا بہ ورندي نہ ڏيندو هو.

انهن ئي ڏينهن ۾ مون کي سڄيون سڄيون راتيون نند نہ ايندي هئي. آءٌ بستري ۾ پئي پئي سوچيندو هئس، جيڪڏهن جنگ لڳي تہ چا اسين سڀ مري ويندا سون؟ اسان جو گهر، جنهن جي اگڻ ۾ پوکيل انب جو ٻوٽو گهڻو اُپري آيو هو، جنهن جي ديوارن تي بابا تازو گلابي رنگ ڪرايو هو، جنهن کي

هاڻ امان جيل جي ڪوليءَ جو نانءُ نہ ڏيندي هئي. آڻ سوچيندو هئس چا آڻ بہ مري ويندس. پيٽ بہ، جيڪا هاڻ هر وقت پئي ڳالهائيندي هئي ۽ ڪلندي هئي. پاڻ بہ. جيڪو هاڻ سرڻ لڳو هو. ڳالهہ ڳالهہ تي پيو ٽهڪ ڏيندو هو. آڻ چپ چپ رهڻ لڳو هئس.

بابا جڏهن بہ ايندو هو، منهنجو اندر سراپاجي ويندو هو.

رات جو اڳڻ ۾ پيل ڪٽ تي بابا جي پر ۾ اچي ليٽندو هئس. متي آسمان تي تارا پيا جرڪندا هئا. بابا اُتي جون ڳالهيون پيو ٻڌائيندو هو، جتي هاڻ هُو رهندو هو.

آڻ پوَ ڪان بابا جي پاڪرن ۾ گهڙندو ويندو هئس.

"بابا! جنگ چو لڳندي آهي؟ ڏس نہ بابا. ايئن تہ سڀ ماڻهو مري ويندا نہ!"

بابا چپ ٿي ويندو هو شايد جواب پيو سوچيندو هو. مون کي خبر هئي تہ بابا کي منهنجي ڪنهن بہ سوال جو جواب نٿو اچي.

"بابا! تون بہ ماڻهو ماريندين چا؟ تون نہ مارجئين بابا! تہ تہ انهيءَ ماڻهوءَ جا پار روئندا. ڪونہ ماريندين. نہ؟" آڻ اميدن مان بابا ڏانهن نهاريندو هئس ۽ بابا اکيون پوري چڏيندو هو. الاءِ چو!!!

"بابا! تون بہ ماڻهن جي گهرن تي بم ڪيرائيندين چا؟"

"بابا! چا اسان جن گهرن تي بہ بم ڪِرندا؟"

"مون کي ڊپ ٿو ٿئي بابا!"

آڻ بابا جي پاڪرن ۾ پيو هوريان هوريان ڏڪندو هئس. بابا نڃاڻ چا پيو سوچيندو هو. ڪچندو ئي ڪونہ هو. امان رڙ ڪري چوندي هئي، "چپ نٿو ڪرين چورا! مرگو هانءُ ئي ڪيو رکين."

آڻ چپ تہ ٿي ويندو هئس، پر منهنجو ڊپ ويندو هو وڌندو.

بابا واپس هليو ويندو هو، پر آڻ پيو سوچيندو هئس. گهر جي هڪ هڪ شيءِ کي ايئن پيو تکيندو هئس، جڏ ڦرجڻ واريون هجن مون کان. امان، پيڻ ۽ پاڻ بہ جڏ ڦرجڻ وارا هجن مون کان.

بابا جا خط پيا ايندا هئا. امان اهي خط ڪٽ جي هڪ پراڻيءَ پيٽيءَ ۾ سانڍيو پئي رکندي هئي.

هڪ ڀيرو گهٽن گهٽن ڏينهن کان پوءِ بابا آيو. چپ چپ هو، نہ تہ اڳي ايندو هو تہ بابا جون ڳالهيون ۽ ٽهڪ ٿي نہ ڪنڊا هئا. مون کيترو ڳالهائڻ چاهيو هو، پر بابا ڳالهايو ئي نہ. نڃاڻ ڪهڙي ڳالهہ تي رنڀل هو. آڻ سوچيندو هئس.

بابا جي وڃڻ ۾ بہ ڏينهن هئا باقي. هڪ صبح ساجهر بستري ۾ پيو هئس اڃا. بابا چلهہ جي اڳيان امان وٽ چانهہ جو ڪوپ هٿن ۾ جهليو ويٺو هو. امان ڳالهائي رهي هئي:

"هاڻ وري ڪڏهن ايندين تون؟" امان پڇيو هو.

"الاءِ" بابا جهيڻي آواز ۾ پڌڪيو هو. کي ڪن پئي چپ چاپ ويٺا رهيا. بابا هٿن ۾ ڪوپ جهليو نڃاڻ چا سوچيندو رهيو.

"جنت!" بستري ۾ پئي پئي بابا جو پٽڪو ٻڌو هئم.

"جنت! جنگ لڳڻ واري آهي. نڃاڻ وري ڪڏهن اچڻ ٿئي! ٽي سنگهي ٿو تہ هي پاڻ آخري پيرو ملندا هجون."

امان جي هٿن مان ڪو ٽانءُ چڏائجي ويو هو شايد. هوءَ ٽڪ ٻڌي ڏسندي رهي هئي بابا کي. رليءَ مان سير ڪري مون ڏٺو. امان جي اکين ۾ هوريان هوريان جيڪو پاڻي گڏبو ٿي ويو، سو سندس ڳلن تي لڙي آيو هو.

"روئين چو ٿي چري! مرڻ تہ هوندئن بہ هر ڪنهن جي مٽان رکيو آهي." بابا کلي چيو هو، پر الاءِ چو مون کي بابا جي کل کا نہ وٽي هئي. بابا سدائين ايئن ٿورو ئي ڪو کلندو هو.

"جنت!"

"هون."

"جي آءُ موتي نہ آيس تہ اوهان کي حڪومت ٿورا گهڻا پيسا پئي ڏيندي ڪاکي ڪي ٻہ مُڃن جي ساوڪ بيٺي آهي. ڪنهن ڪم تي لڳرائي ڇڏجانس. پڑهڻ نہ ڇڏرائجانس. منهنجو پٽ آفيسر ٿيندو." هن پيري ٻہ بابا ڪليو هو، پر هن پيري ٻہ مون کي بابا جي ڪل ڪا نہ وٹي هئي. امان ڪا ٻہ تہ ورندي ڪا نہ ڏني هئي. انهيءَ صبح جڏهن آءُ بستري مان اٿيو هئس تہ سجو پگهر ۾ شل هئس ۽ منهنجو بدن هوريان هوريان ڏڪي رهيو هو.

امان مون کي اسڪول لاءِ اٺاريو هو. الاءِ ڇو آءُ روئي پيو هئس. سڏڪندي چيو هئر، "اڄ آءُ اسڪول کو نہ ويندس امان!"

الاءِ ڇو امان سدائين وانگر اها ڳالهہ ٻڌي ڏڪو نہ ڏنو هو مون کي- بس ايترو پڇيو هئائين تہ "ڇو اسڪول نہ ويندين؟"

"نہ- اڄ آءُ اسڪول کو نہ ويندس- اڄ آءُ بابا سان ڳالهيون ڪندس."

منهنجي ڀانهن تان امان جو هٿ ڏرو پٺجي ويو هو.

"اڙي ڇو اڄ اسڪول کونہ ويندين؟" پريان کان بابا رڙ ڪئي هئي.

"اڄ آءُ توسان ڳالهيون ڪندس بابا!"

"ڇو؟!! آءُ پڇيو تو وڃان ڇا؟"

"الاءِ" منهنجي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو هو ۽ نڃاڻ ڇو امان ٻہ پوتي اکين تي رکي روئڻ لڳي هئي.

انهيءَ ڏينهن آءُ اسڪول کونہ ويو هئس. انهيءَ ڏينهن مون کي بابا پر ۾ ليٽائي ڪيترين ئي آکاڻيون ٻڌايون هيون، بهادر چوڪرن جون.

نڃاڻ ڪهڙيون آکاڻيون هيون- آءُ تہ بس بابا کي ڏسندو رهيو هئس. پاڻ کي ٻہ ڪٽي پيٽ تي ويهاريو هئائين. پوءِ جيترو وقت ٻہ بابا هو، مون امان کي سيني کان لڪي ڪنڌن پاسن ۾ روئيندي ڏٺو هو.

هڪ شام بابا هليو ويو. وڃڻ مهل امان اوچنگارون ڏئي رني هئي. پيڻ ٻہ سڏڪي سڏڪي رني هئي. بابا پاءُ کي ڪچ تي ڪٽي سندس نرڙ چميو هو. مون کي ۽ پيڻ کي پاکر پاڻو هئائين. امان ڏانهن نهاريو هئائين. تہ ڏٺو هئر شايد لڙڪ هٿا بابا جي اکين ۾.

ڪيترا ڏينهن لنگهي ويا هٿا بابا کي وئي. امان سجو سجو ڏينهن پئي ٽپالي۽ جو انتظار ڪندي هئي. ڪو خط ئي نہ آيو هو بابا جو. هڪ اونداهين رات جو نند مان اک پٽجي پئي هئر، عجيب قسر جي شور کان. مون کي ايئن لڳو، ڇڻ زمين ڏپي رهي هجي.

گُگهُو وجي رهيا هٿا.

ڪٽ تي امان گوڏن ۾ مُنهن لڪائي رني ٽي شايد! امان جي پر ۾ ويٺي هئي. گهور اونداهيءَ ۾ هو مون کي ڪنهن پاڇولي وانگر ٽي نظر آيون. آءُ ٻہ ڪٽ تان لهي امان جي ڪٽ تي وجي ويٺو هئس. مون کي ايئن محسوس ٿيو ڇڻ اسان جا بدن هوريان هوريان ڏڪي رهيا هٿا.

"امان!"

"امان! هيءُ ڇا پيو ٿئي؟" آءُ روئي پيو هئس.

"جنگ لڳي آهي." امان جو آواز ٻہ ڏڪي رهيو هو. آءُ سجو سراپجي ويو هئس پوَ کان.

"هان ڇا ٿيندو امان!" هن پيري پيڻ سڏڪي هئي.

"امان! هان پاڻ مري ويندا سون؟ پنهنجو گهر ٻہ ڏهي پوندو؟ بابا هان ڪڏهن ٻہ نہ ايندو ڇا؟ تون ڳالهائين ڇو نٽي امان؟!" موٽ ۾ امان پنهنجو هٿ ڪٽي منهنجي وات تي رکيو هو.

رکي رکي ٽي ٹکاءُ ٽيا.

سجي رات اسان ايئن ڪٽ تي ويهي گذاري هئي.

ايئن لنگهڻ لڳا هٿا ڏينهن هوريان هوريان

بابا جو خط ئي نہ پئي آيو.

پيٽ سجو سجو ڏينهن انب جي انهيءَ اُپرندڙ ٻوٽي کي ڏسيو نڇاڙ ڇا پئي سوچيندي هئي! ڪنهن ڪنهن مهل ڪهڙ ۾ رکي ڪوکي مان چوڑيون ڪڍي پئي هانهن ۾ لاهيندي ڇاڙهيندي هئي. امان نڇاڙ ڇو ٽڪ ٻڌي گهر جي هر شيءَ کي پئي ڏسندي هئي. پاڻ کي ته کل ئي نہ هئي ڪنهن ڳالهه جي.

سج لهندو هو ته اونداهي ڦهلجي ويندي هئي. آڏ بتي بارڻ چاهيندو هئس پر امان بارڻ نہ ڏيندي هئي ۽ مون کي اونداهيءَ ۾ ڊپ ٽيندو هو. ڪٽ تان هيٺ لهندو ئي نہ هئس. گهر جي پويان جيڪو ميدان هو، اتي خندقون کوٽجي ويون هيون. گڳهو وڃندو هو ته پاڙي جا ڪيترا ماڻهو انهن ۾ وڃي لڪندا هئا. اسان جي گهرن مٿان جهاز زوزاٽ ڪندا لنگهندا هئا. منهنجي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳندي هئي. سوچيندو هئس، اڃهو هي جهاز بم ڪيرائيندو ۽ اسين سڀ مري وينداسون. بابا جي ڪا خبر ڪانه هئي. آڏ سوچيندو هئس بابا کي ڪيڏو نہ گناهه ٽيندو، جو هُو ماڻهو مارينڊو هوندو. ماڻهو، ماڻهوءَ کي ڇو مارينڊو آهي!؟ مون کي سمجهه ۾ ڪونہ ايندو هو. سوچيندو هئس آخر اسان ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو هي ملڪ وارا اسان کي مارڻ ٿا چاهين. آڏ ته هي ملڪ وارن کي سڃاڻندو به ڪونہ هئس. مون ڪهڙو ڏوهه ڪيو هوندو! گهٽ ۾ گهٽ منهنجي گهر مٿان ته نہ بم ڪيرائين. مون کي ته نہ مارين، پر شايد بابا کو ڏوهه ڪيو هوندو! ڪنهن جو پيءُ پڪ ماريو هوندو. پڪ ڪنهن جي گهر مٿان بم ڪيرايو هوندو، تڏهن ته هُو زوزاٽ ڪندا لنگهندا هئا اسان جي گهر جي مٿان ڪان.

هڪ صبح سرڪاري تار آئي هئي اسان جي گهر، انگريزي ۾ هئي. ٽپالييءَ امان کي پڙهي ٻڌائي هئي. بابا جنگ ۾ وڙهندي مارجي ويو هو. مون کي ياد آهي. امان گهٽيءَ ۾ بيهي پار ڪڍي رهي هئي. مٿي ۾ ڏوڙ پري چڏي هئائين. ڪپڙا ڦاڙي ليڑون ليڑون ڪيا هئائين. پاڙو سڄو اچي مٽانس گڏ ٿيو هو. آڏ چپ چاپ در تي بيٺو رهيس. ڪيترين ئي ڳالهيون سوچيندو رهيو هئس. انهيءَ پل ڳگهو وڳو هو. امان جي چوڌاري گڏ ٿيل ماڻهو ٻوڙي وڃي خندقن ۾ لڪا هئا. گهٽيءَ ۾ امان اڪيلي رهجي وئي هئي ۽ مٽان جنگي جهاز زوزاٽ ڪندا لنگهيا هئا. امان ڪنڌ ڪٽي انهن کي ڏسندي رهي هئي. سڪل ٽوٽ اکين سان چوڻ لڳي، "آه- ڪهڙو ظلم ڪيو اٿوَ مون تي، منهنجا هيڏڙا پسون يتيم ڪري چڏيوَ!- اڙي! مون کي نڊڪو ڪري چڏيوَ ڪهڙو ڏوهه ڪيو هو مون اوهان جو؟؟" جهاز بنا ڪا وراڻي ڏيڻ جي لنگهي ويا هئا.

انهيءَ شام پيٽ اڳڻ ۾ ويهي پٽر سان هانهن ۾ پيل ڳاڙهيون سايون چوڑيون پڇي پور ڪيون هيون. امان سڄو ڏينهن پار ڪڍي رُني هئي. سندس چوڌاري پاڙي جي عورتن جا ميڙا هئا.

پر امان ته چڙ پاڳل ٿي پئي هئي. پيٽ جي اکين ۾ لڙڪ ئي نہ هئا. هوءَ ته بس چپ چاپ اکيون ڦاڙي سيني کي ڏسندي رهي هئي. مون کي بابا ٻڌايو هو ته جنگ ۾ مرڻ وارا شهيد ٿيندا آهن ۽ شهيد مرندا ناهن، جيئرا هوندا آهن. بس هين کي نظر نہ ايندا آهن.

انهيءَ رات، جڏهن امان پٽ ۾ پئي شوڪارا پريندي رهي هئي. ڪوئيءَ ۾ ڪنهن ڪنهن مهل پيٽ جو سڏڪو ٿي ٻڌڻ ۾ آيو ۽ آڏ سڄي رات جاڳي بابا جو، اکيون پٽي انتظار ڪندو رهيو هئس. بابا شايد سڄ پڄ مري ويو هو، تڏهن ته نہ آيو هو. مري نہ ها ته ضرور اچي ها امان کي ائين روئندو ڏسي.

بابا نہ آيو.

هي ڏينهن به نہ آيو.

امان کي شايد پڪ هئي ته بابا ڪونہ ايندو. تڏهن ته هوءَ روز صبح جو ائين پار ڪڍي روئندي هئي ڇڻ بابا اڄ مئو هجي.

مون کي ياد آهي بليڪ آئوٽ جي اُها اونداهين رات- ڪجهه به نہ رڌو هو اسان جي گهر. امان

گذريل ڪيترين راتين جيان پڻ ۾ پئي هئي. سندس شوڪارا ۽ سڏڪا اونداهيءَ ڪوٺيءَ ۾ پئي گونجيا. پيٽ ڪڻ تي اونڌو ڪنڊ ڪيو پئي هئي. سندس چوڙين کان ٻڌي ٻانهن ڪٽ کان هيٺ لٽڪي رهي هئي، پاڻ پينگهي ۾ پيو هو.

آڌ اونداهيءَ ۾ اکيون ڦاڙيو ويٺو هئس. شايد بلا مٿو نہ هجي ۽ ڪنهن مهل اچي نڪري. ننڍ منهنجي اکين ۾ مرچ پري ڇڏيا هئا جڏهن، پر اکيون نہ پوريون هئر تڏهن به.

انهيءَ لمحي ڳڳهو وڄو هو گهٽيءَ ۾ ماڻهن جي ڊوڙڻ جا آواز اچڻ لڳا هئا. شايد خندق ۾ لڪڻ ٿي ويا. نجاڻ جو منهنجي دل چئي رهي هئي تہ اسين به خندق ۾ وڃي لڪون. امان کي چيو هئر: "مون کي ڊپ ٿو ٿئي امان! هل پاڻ به هلي خندق ۾ لڪون- هل نہ امان!" موٽ ۾ امان هڪ ڏگهو ٽڏو ساهہ پريو هو. جڏ سڏڪندي هجي. چوڻ لڳي، "هاڻ ڪهڙا ڊپ- جنهن ساڻ جيئڻ هئا سوئي ويو هليو."

ماڪ چانڻجي ويئي هئي چوڏاري ۽ انهيءَ ماڪ ۾ جنگي جهاز زوزاٽ ڪندا لنگهيا هئا اسان جي گهرن جي مٿان کان.

ياد اٿر مون ڪٽ تان لڙکندڙ پيٽ جي ٻي ٻانهن پڪڙي ورتي هئر. انهيءَ لمحي جڏهن ايڏو زبردست ڏکاءُ ٿيو هو. جڏ زمين ڦاٽي پئي هجي ۽ هر شيءِ منهنجي مٿان اچي ڪري هجي. مون رڙيون ڪري پکارڻ چاهيو هو سيني کي، نجاڻ چا ٿيو جو ڪنهن به ورندي نہ ڏني هئي مون کي.

نجاڻ ڪنهن مهل اکيون پٽيون هئر. جڏ قبر ۾ پيو هئس. سوچيو هو مري ويو آهيان شايد- مون کي روئڻ اچي ويو هو. سوچيم هئر چو مٿو آهيان آڌ - مون کي تہ اڃا جيئڻو هو نہ- وڏو آفيسر بڻجڻو هو- وڏو ٿي مون کي تہ اڃا سڄي دنيا مان جنگ بند ڪرائڻي هئي. چا چا نہ ڪرڻو هو مون کي- پر مون ائين محسوس ڪيو هو جڏ آڌ مري ويو آهيان.

پيٽ ۾ شايد انهيءَ قبر ۾ هئي- جو سندس ٻانهن اڃا تائين منهنجي هٿ ۾ هئي.

"پيٽ!" مون قبر جي اونداهيءَ ۾ پيٽ کي سڏ ڪرڻ چاهيو- پيٽ ڳالهايو ئي نہ. شايد هوءَ ۽ سوچيندي هوندي تہ آڌ چو مري ويئي آهيان؟!

نجاڻ ڪهڙي مهل هئي- جو قبر جي ٻاهران مشينن جو آواز ۽ ماڻهن جو آواز اچڻ لڳو. الائي ڪيترين قبرون هيون منهنجي قبر جي پاسي ۾- مشينن جو آواز چا جو هو؟ چا قبرن اندر ۽ جنگ لڳندي آهي؟؟ پوَ ڪان اکيون پوري ڇڏيون هئر.

منهنجي مٿان قبر جي مٽي هٽڻ لڳي هئي. ماڻهن جا ۽ مشينن جا آواز ويا ٿي اوچا ۽ ويجها ٿيندا. مون کي ڏسي ڪنهن رڙ ڪئي هئي، "اڙي! هي تہ جيئرو آهي." مون کي چڪي قبر مان ڪڍيو ويو- پيٽ جي ٻانهن منهنجي هٿ مان ڇڏائجي وئي. ۽ آڌ جيئرو هئس. پيٽ اندر قبر ۾ رهجي وئي هئي.

"اندر- منهنجي پيٽ ۽ آهي." پر ۾ بيئل فوجيءَ کي رڙ ڪري چيو هئر- هو قبرون کوٽڻ لڳا. پر اُهي قبرون تہ نہ هيون- گهر هُو منهنجو- مٽيءَ جو ڏڙو ڪجهہ دير کان پوءِ هٿن پيٽ کي چڪي ڪڍيو هو. پٽ تي پئي هئي مون نهاريو اُها پيٽ نہ هئي.

پيٽ جي ٻانهن هئي- ڪپيل- ۽ ٻُسي.

پاڻ جو صرف پينگهو نڪتو هو- پڳل- پور پور ٽيل ڪانيون.

۽ امان- سا تہ نجاڻ ڪيڏانهن گم ٿي وئي هئي. بس سندس پوتي پئي هئي ڏڙي اندر- اڇي ڦاٽل پوتي.

("ڪيڏارو"، تان ورتل)

بهادر نالپر



ڪرسي

ادبي فنڪشن شروع ٿيڻ ۾ اڃا ڪافي وقت هو. هال جي صفائي سترائي ۽ هار سينگار تن ڏينهن کان هلندڙ هو. جڏ اتي متوقع پروگرام ڪيترن ڏينهن لاءِ رٽيل هو. جيئن دير ٿي رهي هئي، تيئن هڪ پراسراريت پيدا ٿيڻ لڳي. فنڪشن جو خاص موضوع ڇا هو ۽ ان ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون نمايان شخصيتون مدعو ڪيل هيون؟ تنهن بابت ۾ ڪا عام جاڻ مهيا نه هئي. ڪير ڪنهن کي ٻڌائڻ لاءِ تيار نه هو. ته آخر هتي ڪنهن سان پروگرام ڪرڻ جو رٽيو ويو آهي. هال جون ديوارون، در ۽ ڪرسيون سڀ جا سڀ حيران هئا!

سارو ۽ بابوءِ کي ان ادبي فنڪشن ۾ شرڪت جي ڏاڍي تڪڙ هئي. هُو انهن هارن جيان هئا، جن کي عيد لاءِ بي صبريءَ سان انتظار هوندو آهي. سارو وهنجڻ لاءِ اول باٿ روم ۾ داخل ٿي ته بابو باٿ روم ڏانهن ڏسندي اکيون چنيڻ لڳو. سندس اکيون الڪي ۽ انتظار جي طوفان سان الجهڻ لڳيون. هن ٻوڙي وڃي الماريءَ مان ڌائري ڪنئي ۽ ان تي ڪجهه لکڻ لڳو. سندس قلم هن جي پنهنجي مزاج جيان تيز هو. تنهن جلد ئي ڌائريءَ جي هڪ صفحي کي لفظن جو گلستان ٻٽائي ڇڏيو ۽ پوءِ سندس اکيون ان گلستان جو طواف ڪرڻ لڳيون! هُو پنهنجا لفظ وري وري پڙهڻ لڳو. ڪيس محسوس ٿيو ته اهي لفظ نه آهن جڏ ڪنهن جنگ ۾ زخمي ٿيل هار آهن ۽ هُو اهڙو بيرحم سپاهي آهي، جيڪو انهن کي زخم رسائي ڌائري جي سيني تي اڇلائي رهيو آهي! هن چرڪ پري باٿ روم جي سرخ لوهي دروازي ڏانهن ڏٺو، جيڪو اڃا بند هو. هن کي ان ويل دروازي جي بدران پنهنجي بند هٿڙ جو اڻ لکو احساس ٿيو. هن اندريئي اندر ۾ ساره کي پڪاريو. هن کي پڪ هئي ته ساره سندس من اندر موجود هئي ۽ هوءَ اها پڪار ٻڌي پئي سگهي!

هوڏانهن ٻئي طرف هال ۾ صفائي سترائيءَ بعد ڪرسين تي ڪجهه ماٿهو اچي وينا هئا جيڪي اسٽيج جي پر واري پٽ تي ڪو پينا فليڪس ۽ بينر گولڻ ۾ محو هئا، پر سندن نظرون مايوس موٽي رهيون هيون ۽ پوءِ ڪرسين وانگر هُو پڻ سُس پُس ڪرڻ لڳا...! ايتري ۾ هڪ اتاولو شخص تڪڙ ۾ ايندي هڪ خالي ڪرسيءَ سان اچي ٽڪريو ته ڪرسي ڦهڪو ڪري وڃي پٽ تي ڪِري! هين ڪرسين کي ان جو احساس ٿيو الائي ڪو نه ٿيو؟ پر اوچتو هوا جو هڪ جهونڪو هال ۾ داخل ٿي ڇڻ احتجاج رڪارڊ ڪرائي ويو! هڪ ڪرسي، جنهن تي ماٿهو ويهندي پنهنجو شان شوڪت سمجهندا آهن ۽ بادشاهه جڏهن ڪرسين تي ويهندا آهن ته سندن رعيت کان ريهون نڪري ويندیون آهن...! رعيت سوچڻ لڳندي آهي ته اهي بادشاهه هاڻ سائين الاءِ ڪهڙي ويتن ڪندا...!!

عين ان مهل جنهن ويل ڪرسي ڪِري شاهي ايوانن جون ڪرسيون به لڏي ويون...! شاهِ وقت کي پنهنجي ڪرسيءَ جي توهين ۽ بيعزتيءَ جو احساس ٿيو ۽ تحقيقات جو حڪم صادر ڪيائين ته آخر اهو معلوم ڪيو وڃي ته ڪرسي ڪٽي ڪيرائي وئي آهي...!؟

پروگرام هال جي پٽين تي لڳل تصويرن ۾ به ڇڻ چرپر شروع ٿئي وئي: "هي معاملو انتهائي گنڀير ۽ سنجيده آهي...!!" اهي تصويرون انهن مرحومن جون هيون جيڪي ماضي ۾ حڪومتي اعليٰ عهدن تي رهي چڪا هئا ۽ مرڻ پڄاڻان انهن جي تصويرن کي به ڏڪٽي وئي وئي هئي ڇڻ!

بابوءَ جي هٿ ۾ ڊائري هئي ۽ اکيون اڃا به بلڊ روم ڏانهن رکي رکي پئي ويس. جيڪو اڃا نه ڪليو هو...!! هن سوچيو: "ڪڏهن هميشه دير ڪي ٿي جنميندي آهي. اسان ٻنهي کي پروگرام ۾ شرڪت لاءِ ڪيڏي نه جلدائي هئي. مون کان ته ساره کي وڌيڪ ٿي هئي... پر الاءِ چو ساره اڃا نه نڪتي آهي...!!" هُو پنهنجي من ۾ ساره بابت انيڪ خدشا ساڏيندي سرخ پين ڪٽي ڊائريءَ تي بلڊ روم جي دروازي جهڙي شڪل ٺاهڻ لڳو. جڏهن دروازو ٺاهي بس ڪيائين ته ان جو تاڪ ڪليل هو ۽ ان مان جڏ ساره ليٽا پائي رهي هئي ۽ ڪيس سڏي رهي هئي جڏ بلڊ روم خالي آهي...! پر اوڏانهن ڏنائين ته اهو بند هو. ڪيس هاڻ پڪ ٿي ته ساره انتهائي اهر صفائيءَ ۾ رڌل هوندي. ان ڪري هُن وهنجڻ بنا ئي ساره جي فارغ ٿيڻ تي پروگرام ۾ وڃڻ جو فيصلو ڪيو، تيستائين سندس سيل فون وڳو... نامعلوم نمبر تان ساٿس کو ڳالهائڻ لاءِ آتو هو، پر بابو "اوڪي ڪريان... نه ڪريان...!" واري مونجهاري ۾ هو... ۽ ساره جي سوچ ۾ وري وري ڪيس ستائي رهي هئي. هن ڪي سيل فون تي اڳي ۾ نامعلوم نمبرن تان فون اچي پريشان ڪري ويا هٿا...!! پر هن فون اٽينڈ ڪئي، اڳيان آواز آيو: "بابو! اڄ پروگرام ۾ ڪا گڙبڙ آهي... پر تون اڄ...!!" هن ڪانئس سندس نالو پڇڻ چاهيو، پر سيل فون بند ٿي ويو! هن سيل فون کي اچلائڻ چاهيو، جيئن اڳي هن کنهن ڳالهه تان ڊائري اچلائي هئي ۽ ديوار تان ڪٽليندر لهي ڦٽو ڪيو هٿائين ۽ پنهنجي ڪرائيءَ ۾ هڏل گهڙيءَ کي پوندو ڏئي، پنهنجو هٿ چميو هٿائين ۽ چيو هٿائين "وقت ڪيڏو نه سنگدل آهي. جيڪو ٻن دلين وچ ۾ جدائي ۽ فاصلا وجهندو آهي...!"

هن پنهنجي سيل فون تان ان نامعلوم نمبر تي ڪال ڪئي ته اڳيان عورتاٽو آواز گونجيو! "بابو! آءٌ ساره آهيان... تون جلد اڄ، پر ڪنهن پراسرار سبب ڪري پروگرام ٽيندو نظر نه پيو اچي...!!" اهو ٻڌي هن جي دل تي وڏو ڏڪ لڳو ۽ سماعتون شل ٽيڻ لڳس ۽ سوچڻ لڳو: "هي ڇا ٽيو، مان جنهن کي بلڊ روم ۾ موجود سمجهيو ويٺو هوس سا ته بنا ڪنهن ٻڌائڻ جي وڃي هال ۾ پهتي آهي...!!"

هن جي اندر ۾ ڳوڙهن جو هڪ سيلابي طوفان اُٽيو، جيڪو سندس اکين مان مُنهن ڏيکارڻ بدران اتي ئي خشڪ ٿي ويو. هن کي لڳو، هُو ٿر جو صحرا بڻجي ويو آهي، جتي ڪيترن ئي ورهين تائين مينهن جي ڪا ڪڻي نه پئي آهي. هن پوءِ فيصلو ڪيو ته هو ان پروگرام ۾ اڪيلو نه ويندو ۽ جي ويو ته ڪيس انتهائي جلن کي مُنهن ڏيڻو پوندو!


ساره جي سونهن تي موهت ٿي هن ساٿس شادي ڪئي هئي. ساره به ليڪڪ هئي ته هُو به ليڪڪ ٿي هو، پر هن دفعي وارو ڏڪ ڪيس ساره وٽان اڳ ڪڏهن به نه لڳو هو...!! هن ڊائريءَ جو سينو کولي ان تي چپ رکيا ۽ سندس کاٻي اک ۾ سرجي آيل ڳوڙهو برسات جي بوند وانگر ڊائريءَ تي ڪريو...! پوءِ هن کنڊ مٽي ڪنيو... ڳاڙهي دروازي ڏانهن ڏنائين. اهو اڃا به بند هو...! هن کي لڳو "جڏ دنيا جا سڀ دروازا بند آهن، فقط هڪ دروازو بيوفائيءَ جو ڪليل آهي ۽ شايد هر فرد کي ان ٿي دروازي مان لنگهڻو آهي...!!" ۽ پوءِ هو پنهنجي لاءِ سوچڻ لڳو: "نه ... نه... آءٌ قطعي ان دروازي مان نه لنگهندس. مان اڃا به ساره کي ڏسندس ته هن جو روبو ڪيئن آهي...؟ هوءَ مون بابت چا ٿي سوچي...؟ هن کي موقعو ملڻ گهرجي...! هوءَ رائٽر آهي...مان به هڪ ليڪڪ آهيان. آخر اسان کي سوچڻو پوندو ته اسان جو هڪبئي تي آخر ڪيترو حق آهي...؟ پهرين غلطي ته هر انسان کي بخش هوندي آهي...!!"

هال ۾ ڪرسين تي براجمان اديبن، ليکڪن ۽ عام ماڻهن مان کي هڪبئي سان گفتگو ۾ محوَ هٿا ته کي اسٽيج ڏانهن ڏسي مايوسيءَ جو اظهار ڪري رهيا هٿا ته کي وري اسٽيج جي پر واري ديوار تي اڃا ڪو به بئنر يا پينا فليڪس نه ڏسي پراسراريت ۾ گهرندا ٿي ويا...! ڪِريل ڪرسي جي پر ۾ به- ٿي شخص ان ڪرسيءَ بابت ڪل پوڳ ڪري رهيا هٿا.

تيستائين ٻاهران هڪ شخص ايندي ئي ڪرسيءَ کي سِٽو ڪيو ۽ وڃي اسٽيج تي ٻيٺو..! هُو ڪنهن ويل مائيڪ جي چند ڦوڪ ڪري رهيو هو ته ڪنهن وقت وري اسٽيج جي پر واري پينا فليڪس ۽ بينر کان خالي ديوار کي تڪيندو ٿي رهيو..!! ساره هال ۾ اسٽيج واري شخص کي ڏسندي بابوءَ بابت سوچي رهي هئي. جنهن کي هوءَ بنا ڪنهن ڌڪ جي پويان ڇڏي آئي هئي. اسٽيج سيڪريٽريءَ جي هٿ ۾ پين سان گڏ ساره کي هڪ ڪاغذ ڏسجي رهيو هو. اسٽيج سيڪريٽري ڏِجندي ڏِجندي مائيڪ کي پنهنجي ڪابي هٿ جي اشهد آگر سان ٽونگو هٽي، ان جي ايڪڙو هٿ جي پڪ ڪئي ۽ مائيڪ جي ويجهو سندس چپن مان بي اختيار "افسوس!" جو لفظ نڪتو ۽ پوءِ خاموش ٿي ويو..! ڪجهه پلن پڇاڻان وري ڳالهائڻ لڳو: "دوستو! هي پروانو حڪومتِ وقت پاران آهي جيڪو مان پڙهندي ڪا به خوشي محسوس نه ڪندس. پوءِ هو اهو پڙهڻ لڳو: "اديب سماج جا بيحد حساس، نميوار ۽ سڃاڻ فرد هوندا آهن... پر اڄ هن هال ۾ ڪرسي ڪيرائي ان جي توهين ڪئي وئي آهي اِنڪري حڪومت ان نتيجي تي پهتي آهي، ته اهڙن پروگرامن تي ئي بندش وڌي وڃي، جنهن ۾ ڪرسيءَ جي توهين ڪئي وڃي. هڪ ڪرسيءَ جي توهين حڪومتِ وقت جي ڪرسيءَ جي توهين مثل آهي..."

اهو ٻڌندي ئي سيني جا تاڪ لڳي ويا... هال خالي ٿي ويو ته پويان خاموشيءَ هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو..!!

نئون ڪتاب



ڪتاب: جانانِ جان
موضوع: نعتيه شاعري
شاعر: ياسين ڪنڀر
ڇاپو پهريون: آگسٽ 2018ع
قيمت: -/120 رپيا
ڇاپائيندڙ: توفيق احمد ولد نوراحمد (مرحوم) اداره مولوي محمد عظيم ڪتبخانه شاهي بازار شڪارپور. سنڌ

عين سحر

ماءُ....

هيءَ نندي کنڊ جي ورهاڱي کانپوءِ جي ڳالهه آهي جڏهن عبدالقادر پنهنجي بردبار ۽ حليم طبعيت هئڻ ڪري ماڻهن جي دلين ۾ وسيل هو، عبدالقادر شيخ راڄ جو معزز ۽ ديندار ۽ نيڪ، صالح انسان هو، نماز جو پابند ماڻهو اڪثر ڪري دعا ڏيندي اُملڪ چوندا ته 'شل عبدالقادر جهڙو ديندار ٿئين' عبدلقادر شڪل شبيهه ۾ انتهائي سهڻو شخص هو، اڏرُوٽ وهيءَ ۾ به سندس شخصيت موهيندڙ هئي. بس سندس هڪ جي مٽين حصي ڪان ڪارائي ٿائين سڙڻ جو نشان هوس.

هُن نندڙي ڪاروبار مان محنت ڪري پنهنجو ڪاروبار خوب مچايو هو، ويتر ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سندس ڪاروبار ۾ وڏي برڪت وڌي هئي.

عبدالقادر معمول مطابق گودام جي سار سنڀال کان پوءِ گهر ڏانهن وڃي رهيو هو. اِها خزان (اسو) جي موسم هئي، ڪٽس پٽ عبدالرحمان به سائڻ هئس جيڪو اڪثر ڪري ڪاروبار ۾ دلچسپي وٺندو هو ۽ ڏيتي ليتي ۾ ٻين واپارين کان ويندي گودام ۾ ڪر ڪندڙ مزدورن ۽ ڪامين سان به لهه وچڑ ۾ رهندو هو. پٽهس جي به خواهش اِها هئي ته عبدالرحمان دلچسپي وٺي ته اڳتي لاءِ ڪاروبار کي هلائڻ ۾ سولائي ٿيندس چو ته آخر سندس وڏو اولاد هو ۽ سپاٽي اهو سڀ ڪجهه ڪيس سنڀالڻو هو. گودام ۽ گهر جي وچ جو رستو گهڻو وڏو نه هو، ان وچ رستي ۾ هڪ وڏو مندر ايندو هو جتان گذرندي اڪثر ڪري عبدالقادر گهڙي سوا لاءِ بيهي رهندو هو، ۽ مندر ٻاهران رکيل دُرگا ديويءَ جي مورتي ڏسي ٿڏو ساهه پريندو هو. اڄ به جڏهن مندر کي ڏسي ٿڏو ساهه پريائين ته عبدالرحمان جي ذهن ۾ اوچتو سوال اُپريو، پيءُ کان پڇيائين:

"بابا اڪثر ڪري اوهان ڪجهه پل ترسي هن مندر کي گهورينداَ آهيو، چا اِن ۾ ڪا خاص ڳالهه آ؟"

سوال ڪندي، عبدالرحمان پنهنجي پيءُ عبدالقادر ڏانهن ڏٺو. ڪيس وڌيڪ حيرت ٿي جڏهن عبدالقادر جون پنل اکيون ڏٺائين. عبدالرحمان ٽوڙو حيران ڪجهه وائڙو ٿيندي مندر تي هڪ نظر وڌي. مندر ۾ ڪو ميلو متل هو، شايد نوراتري 'درگا پوجا' هئي. عبدالرحمان غور سان پيءُ ڏانهن ڏٺو. عبدالرحمان سمجهي نه سگهيو، چو ته عبدالقادر جي اک جي پُتلين تاريخ جا ورق ٿي ورايا جيڪي ٻئي جي سمجهه کان گهٽا مشڪل هئا. وقت جي تيز گهوڙي جي سنبن جي ذ انهن ورقن تي ضرور هئي، پر عبدالقادر جي احساسن اُن کي چنديو چاٽيو پئي. جيسين عبدالقادر جواب ڏئي، عبدالرحمان ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"بابا اوهان مندر کي جڏهن غور سان ڏسندا آهيو ته آءٌ اهوئي سمجهندو آهيان ته پراڻيون ۽ مذهبي عمارتون پرڪشش ٿيندیون آهن ۽ انهن جا تاريخي سؤ وراڪا قصا ۽ داستان هوندا آهن جيڪي اکيون پڑهڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن."

"هزارين سال اڳ انسان جو به مذهب اهوئي هو نه!؟ شايد انڪري مندر...." عبدالقادر سُڪو ڏهائيندي پٽ ڏانهن نهاريو ۽ آگوٽي ۽ اشهد آگر سان ٻنهي اکين جي ڳوڙهن کي جڏهن اڳهيو ته عبدالرحمان جو تجسس وڌي ويو. عبدالقادر چپ ڪوڙي ڪيئي سڏڪا ۽ اڌما دل جي پنهان خانن ڏانهن واپس ڪري چڏيا جتان سُڏڪي نڪتا هئا."

"اف....." جهڙي اندر جي اونهاين مان نڪتل هلڪڙي دانهن ڪيڻ کان پوءِ هلندي هلندي ڳالهائڻ شروع ڪيائين.

"اهڙي ٿي نوراتريءَ جي رات هئي." چوندي چوندي عبدالقادر رُکجي ويو. عبدالرحمان پيءُ کي اڳ ايڏي گنهيرتا سان گهالهائيندي ڪونہ ڏٺو هو.

"درگا ماتا جي پوڄا جو ٿي ڏينهن هو، آخري پوڄا جي رات جڏهن آءٌ گيانچند ولد مولچند" عبدالرحمان جون اکيون حيرت مان پٽجي ويون ۽ دماغ جي دري کُلي ويس، هُو حيرانگيءَ وچان پيءُ کي ڏسڻ لڳو. ماضيءَ جا ورق اٿلندا ويا ۽ پردا کرندا ويا. پيءُ گهالهائيندو ويو ....

"پنهنجي گهران پڇي نڪتو هوس. ها مان هندو هوس. ماتا درگا ۽ منهنجي امڙ وانگر آهي." عبدالقادر يادن جي پيرن سان پوئين پير هلندو ويو سوچن جي وهڪرن ۾ جڙ لڙهندو ويو .

"درگا جي مورتي ڏسڻ سان مون کي امڙ ياد ايندي آهي، جيڪا ماتا درگا جي وڏي پوڄارڻ، پڳٽياڻي هئي. ان تي ماتا درگا جو وڏو اثر هو، شفقت، صبر ۽ سهپ، ديالو محبت جي ديوي هئي منهنجي امڙ. مون کي ياد آهي جيڪو پاڻ هوءَ پڙهندي هئي سو سندس منهن آواز ۾ گيتا جو ورد ٿي هوندو هو. صبح جو امڙ جي خاص پڄن تي اک کُلندي هئي، اڄ ۽ امڙ جا لفظ محفوظ ٿيل آهن، منهنجي دل ۽ ذهن تي. امڙ مون کي ٻڌائيندي هئي تہ:

"ماتا درگا جي ٻئي سوروپ جو نالو برهمچارڻي آهي. برهم جي معنيٰ تپسيا آهي. ماتا سخت تپسيا ۽ صبر جي انتها آهي. ڪنور سڄ جي چارڻي هئڻ ڪري، برهمچارڻي جي نالي سان مشهور ٿي. وڏا وڏا رشي منهن ۽ ماتا جي سخت تپسيا ڏسي دنگ رهجي ويا. سندس سوَروپ تمام روشن ۽ تيج وارو آهي، ماتا جي ساڄي هٿ ۾ جپ مالها ۽ کاٻي هٿ ۾ ڪمنڈل ۽ منهن تي سهڻو سونو مکڙ هوندو آهي. نوراتريءَ جي ٻئي ڏينهن ماتا جي اپاسنا ڪرڻ جو دستور هلندو اچي جڳن کان، ماتا درگا جو هي ٻيو سوَروپ پڳٽن کي تمام گهڻو ڦل ڏيندو آهي. ماتا جي اپاسنا سان ماٿوءَ ۾ تياڳ، ويراڳ ۽ حد کان وڌيڪ صبر جو واڌارو ٿيندو آهي. ماتا برهمچارڻي جي ڪرپا هرهنڌ هر ميدان ۾ سَڌي ۽ ڪاميابي ڏيندي آهي. ماتا برهمچاڻي کي مصري، کنڊ ۽ پنج امرت جو پوڳ لڳايو وڃي ٿو. انهن شين جو دان ڪرڻ سان وڏي عمر جو سوپاڳيہ پڻ حاصل ٿئي ٿو."

عبدالرحمان پهريون پيرو پيءُ جو اِهو روپ ڏٺو هو، جنهنکري حيرت ۾ ٻُڏل، يک ٽڪ نهاريندي پيءُ سان گڏ هلي رهيو هو، تہ هلندي هلندي رڪجي ويو ۽ مندر کان ڪجهہ ڪن تي وڃ هينان رکيل وڏي پٿر تي اچي پٺهس ويهي رهيو. عبدالرحمان کي تصور ۾ نہ هو تہ سندس پيءُ هندو هو ۽ هو هڪڙي هندوءَ جو پٽ هو. سندس پتا هڪڙو عجيب داستان ۽ راز اندر ۾ رکيو وينو هو. عبدالرحمان کي پيءُ متعلق جاڻڻ جي بيقراري وڌي وئي.

"هل تہ گهر ٿا هلون.. دير ٿي ويندي".... پٺهس اُٺندي چيو. عبدالقادر ڏڪيون ڏڪيون وکون کڻڻ لڳو. عبدالرحمان تکڙو تکڙو پنڌان هلکي ڏک پريندي پيءُ سان مخاطب ٿيو:

"بابا! اڄ منهنجي ماڙ تي گڏجي ماني کائيندا سين. مون کي پنهنجي باري ۾ سڀ ڪجهہ ٻُڌائجو، خاص ڪري ڏاڏي امڙ جي باري ۾ جيڪا ممتا جي مورت هئي....."

"هون..... ها....!" عبدالقادر بس ايترو ٻُڌڪيو.... باقي جو ٿورو رستو خاموشيءَ ۾ گذريو. مانيءَ ۾ مگن جي اڃ چلهيل دال، تورين جي پاڇي، پاپڙ ۽ ساندڻو رکيل هو. ماني خاموشيءَ سان کاڌائون، پر ننهي پيءُ پٽ جي بک جڙ مري چڪي هئي. مانيءَ دوران عبدالقادر گهالهاڻ پسند نہ ڪيو، جيئن هو هميشہ ڪندو هو. مانيءَ کان پوءِ وراندي ۾ لوهين ڪرسين تي ٻئي پيءُ پٽ اچي ويهي رهيا .

فانوس جي روشنيءَ ۾ عبدالقادر ڪنهن وڏي سفر تان آيل اهڙو مسافر لڳي رهيو هو، جنهن جي اندر جي اک ٽڪل هئي ۽ پنجڑين تي جڙ رستن جي دز چڙهيل هئي. هُو دڳهو ۽ طوفاني سفر طئ ڪرڻ کان پوءِ بہ پختي وجود جو اهجاڻ ٻڌيل هو. ايڏي درداک ۽ خطرناڪ زندگيءَ جي پنڌ جو نتيجو سندس مهندار ۽ سگهاري شخصيت هئي. عبدالقادر گهالهاڻ شروع ڪيو.....

"ورهاڱي کان اڳ جو دؤر هو. ملڪ ڏاڍو محبتي ۽ خاشو شاهوڪار هو. مون هڪ شاهوڪار هندو ڳهراٽي ۾ اک ڪولي، منهنجو نندپڻ شهزادن جيان گذريو. 'طلب هُو ته مِل هُو' واري ڳالهه هئي، جا شيءِ چاهيندو هوس، اڳ ۾ ئي حاضر هوندي هئي. ڪا ڪمي ڪونه هئي، ڪا اٽاٽ نه هئي. دور ۾ سستائيءَ ۽ ايمانداريءَ جو هو، ڳوٺ نندڙو هو، پر ڪجهه به اوپرو ڪونه هو.

سڀ مون سان پيار ڪندا هئا. پر امڙ سان گهٽي اُنسيت هئر، بابا ٿورو ڪهرو ماڻهو هو، پر اصول اخلاق وارو ماڻهو هو. بابا کي آءٌ ڏاڍو منو هئس. بابا منهنجو تعارف ئي سڪيلٽو پٽ ڇئي ڪرائيندو هو. تن ڏينهن ۾ شاديون نندي وهيءَ ۾ ٿيندیون هيون، بابا تن ڏينهن ۾ پنهنجي پياري دوست پرساڻ رام جي ٽيون نمبر ڌيءَ سان منهنجو مڱڻو وڌي ڌام ڌوم سان ڪرايو هو. ان وقت آءٌ مشڪل سان پارهن سالن جو هئس. منهنجي پتا سيٺن کي به سوَ ڀا جا تحفا ڏنا هئا. مون کي تڏهن محبت جي ته خبر نه هئي، پر ان چوڪريءَ سان اُنسيت هئي. تن سالن کان اسان جو اچڻ وڃڻ هو. ڪنهن خاص ڏڻ تي سوڪڙيون تحفا ڪافي شيون جيئن پاڻ عيدن تي ڏيون ونون ٿا، ويساک ۽ بسنت رت جا لهندڙ نوان تازا ڦل فروٽ ويسن وڳن سميت نوڪرن کي ڪٽائيندو هو، بابا مون کي نوڪرن سان گڏ سندس گهر موڪلينڊو هو.

هڪ دفعو منهنجي مڱ، پنهنجي جعفري واري دروازي ۾ ورانڊي مان بيهي ڏسي رهي هئي ته مون ڪيس سجاتو هو. جو سندس ئي پاڙي ۾ ڪيڏٽ ڪنڊ دوران اڳي هڪ دفعو مون ڪيس ڏنو هو، پر هائي ته هوءَ به مون جيڏي ٿي وئي هئي سو ٻاهر ڪونه ٿي نڪتي، ستر ۾ ويٺل هئي. هوءَ لجاري شرم واري چوڪري هئي، تڏهڪو زمانو مروت، لحاظ ۽ حياء داري وارو هو. عورت کي ڏسڻ منا پاپ هو. اِنڪري چاهيندي به آءٌ هن کي ڏسڻ ملڻ جي ڪوشش نه ڪري سگهيس. پر اهو سڄ هو ته مون کي اُها چوڪري وٽيل هئي.

مڱڻيءَ کي ٽي سال ٿي ويا. اوچتو ان دور ۾ هڪ وبائي بيماري پکڙجي وئي، جنهن کي ماتا چوندا هئا. منهنجي مڱيندي جمنا به ماتا جو شڪار ٿي پئي ۽ پرلوڪ پڌاري وئي. مون کي دلي صدمو پهتو، تڏهن محسوس ٿيم ته مان کيس پيار ڪندو هوس. هُن سان ملي بغير وڇوڙو منهنجي ٻاراٽي وهيءَ ۾ مون لاءِ اسهائيندڙ درد هو. منهنجي تڪليف جو امڙ کي اندازو هو. آخر انتر سنسڪار جو وقت اچي ويو، منهنجي دل ۾ اها آرزو جاڳي ته سندس آخري ديدار ڪريان، اڪلي جنم ۾ ملون الائي نه!! پر هتدن ۾ اهو ممڪن ئي نه هو ته ڪو مڱيندو پنهنجي مڱيندي جو مُنهن ڏسي. منهنجي دِل جمنا جي لوڪ پڌارڻ سبب ڏاڍي ملول هئي، ڪاب ڳالهه نٿي وٽي. اُن رات نند به نه آئي هئر سو ڀرهه ڦُٽيءَ مهل ئي مان مسڻ هليو ويس، اِن خيال کان ته انتر سنسڪار ڪرڻ کان اڳ ضرور جمنا جي مُنهن تان ڪپڙو لاهيندا ۽ کيس ڪائين تي رکندا سو مان اُن وقت جمنا جو مُنهن ڏسي سگهندس. آءٌ مسڻ جي آخري ڪُنڊ ۾ ٻينڊل هڪ نر تي چڙهي ٽارين ۾ لِڪي ويئس. آءٌ جمنا جي خيالن ۾ گم هوس ته 'رام رام ستڪ آهي' جا آواز آيا ۽ ڪجهه ماڻهو هڪ آرتي کڻي آيا ۽ آرتي مان چتا کي لاهي ڪائين تي رکيائون. اُن وقت مون ڏٺو ته اُها چتا جمنا جي نه هئي، ڪنهن ٻئي عورت جي هئي، مون اُن چتا جو انتر سنسڪار ڏسندي جمنا جي آرتي اچڻ جو انتظار ڪيو. ڪافي دير کان پوءِ سڀ ماڻهو جمنا جي چتا سان پهچي ويا ۽ مسڻ ۾ داخل ٿيا ته منهنجون نظرون جمنا کي ڏسڻ لاءِ آتيون هيون، پر جمنا ڪپڙي ۾ پوري بند هئي، ڏسڻ جي آس بيتابيءَ ۾ بدلجي وئي، پر مجبور نر تي خاموش ويٺو رهيس، رسمن پوري ٽيڻ کان پوءِ ڪائين جي ڊير تي تيل هاريو ويو، جمنا کي کڻي ان تي رکيائون، جڏهن ڪائين ڏانهن کيس نيو پئي ويو، تڏهن منهنجي اکين مان ڳوڙها مينهن وانگر وسي رهيا هئا منهنجي دل تيز تيز ڌڙڪي ٿي، خوف ۽ عجيب ڪيفيت طاري هئي. جمنا جي منهن تان ڪپڙو هٽيو، تڏهن مون ڏٺو شهزادين جيان سُتل هئي جمنا، البته رنگ ميرو ٿي ويو هئس، ساهه نڪرڻ جي ڪري يا شايد بيماريءَ جي ڪري.

سندس مٹان کائیون رکیون ویون، جڏهن کیس باهه ڏني ٽي وئي تہ منهنجي پوري جسم مان سيسرائيون نڪري ويون. مان باهه جا پيڪا ۽ پڙڪا ڏسندي ئي ڏڪي ويس، باهه هرندي رهي. هڪ پل جمنا جو جسم اکڙجي آيو ٽي ويو، جيئن ماٹهو اُٹي ويهندو آهي. ائين لڳو تہ جمنا اوڙاهه مان نڪري مون ڏي اچي رهي آهي، پر مردو جسم اتي ئي ٺڪاءِ سان هار مڃي ڪري پيو، نہ ڇاڪ ڪڏهن کان اکين مان نير جاري هئا. منهنجي اندر ۾ وڏو پٽجڻ لڳا، جسم مان ساهه ست نڪرڻ لڳو، اهو سڄو عمل مون لاءِ ڏاڍو ڏکائيندڙ هو. مون کي مولوي صاحب جو جمعي وارو خطبو ياد اچڻ لڳو، جيڪو مون دوست محمد جي گهر جي پر واري مسجد ۾ ٻڌو هو، منهنجو مٿو چڪرائجي ويو، پر نہ جي ڏار ۾ مون کسکندڙ هٿ مضبوطيءَ سان جهليا. وهندڙ ڳوڙهن کي اگهڻ ۾ مشڪل هو. سڀ ٻرندڙ جمنا کي چڈي هڪ هڪ ٽي جڏهن نڪري ويا تہ مان به وڻ کان لٽس جڙ پنهنجي حصي جي سزا ڪاٹي چڪو هوس.

ٻرندڙ لاش جي ويجهو وڃي ڏنر دل ڏرڻ لڳي. منهنجي ننڍپڻ جي سنگتي دوست محمد جي گهر جي پر واري مسجد ۾ ڏنل مولويءَ جو خطبو ياد اچي ويو. اسين جڏهن جمعي جي ڏينهن دوست محمد جي گهر جي ٽلهي ٻاهران ويهندا هئاسين تہ اڪثر مولوي صاحب جي خطبي جو آواز لائوڈ اسپيڪر تي ٻڌبو هو، جنهن ۾ مولوي اڪثر قيامت جي ڏينهن دوزخ ۽ سڙڻ جي ڳالهه ڪندو هو. مون کي لڳو تہ اهو دوزخ هو، جنهن ۾ جمنا سڙي رهي هئي، پر هوءَ تہ معصوم هئي، جنت جي پري هئي، اڇي اُجري هئي، پر هي دوزخ ....هي تہ انسانن ٻاريو هو، هيءَ هٽرادو باهه تہ ماٹهن ئي ڪائيون گڏ ڪري ٻاري هئي. مون کي اُن لمحي اهو به ياد آيو تہ مولوي چوندو هو تہ:

"نيڪيون ڪرڻ وارن ۽ معصومن لاءِ جنت آهي ۽ بدڪارن، گناهگارن لاءِ دوزخ آهي. پوءِ چو جمنا!!؟"

منهنجو مٿو ڦرڻ لڳو، هڪ ويل سوچيرو تہ مان به اِن چتا ۾ جلي وڃان، پر پاڻ سنياليو. اچانڪ خيال آيو تہ مان مرندس تہ مون کي به تہ اِن باهه ۾ ساڙيندا نيٺ. پر مان باهه ۾ نہ سڙندس. مان ثواب ڪمائيندس مان جنتي ٿيندس. مان مسلمان ٿيندس. منهنجي عجيب ڪيفيت ٽي وئي، ڇاڪاڻ جو مون کي باهه کان ڈاڍو خوف ٿيندو هو، انڪري جو نندي هوندي مان هڪ پيرو ڈيارياڻ تي ڦٽاڪا ٻاريندي سڙي پيو هوس. منهنجي هٿ ۽ ڪارائي تي هي نشان اُن سڙڻ جو آهي، اُن حادثي ۾ منهنجا سئر به سڙيا هئا. سڙڻ کان پوءِ مون کيئي مهينا لوڙيو هو، مهينن تائين منهنجو جسم ڪُرندو ۽ جلندو هو، مان رڙيون ڪري روئيندو هوس. ان لمحي منهنجي حالت ڏسي امان ڏاڍو روئيندي تڙپندي هئي. مان روئيندي روئيندي امان کي چوندو هوس:

"امان مان ڪڏهن به ڈيارياڻ تي ڦٽاڪا نہ ٻاريندس. مان ڪڏهن به ڈيارياڻ جون خوشيون نہ ملهائيندس. مون کي باهه کان ڊپ ٿو لڳي."

خوف سبب مسڻ ۾ پاڻ کي اڪيلو ڏسي ڊڄي ۽ ويس، سو مون مسڻ مان نڪري گهر طرف ڊڪڻ شروع ڪيو. عجيب ڪيفيت ۽ حالت هئي، پر جڏ اندر مان ڪو ٻولي رهيو هو، ها مان مسلمان ٿيندس، قبر ۾ دفن ٿيندس، باهه ۾ نہ سڙندس.

اِهو سيڪجهه اُن ڳالهه کان بيخبر سوچي ڊڪندو ٽي رهيس تہ مسلمان ٿيڻ ۾ ڪيترا اهنج ۽ ايذاءَ منهنجا منتظر هئا، پر اُن وقت هڪ واٽئي جي گهر طرف ڊوڙي رهيو هوس. مان گهر پهچڻ سانڻ گهر جي اگڻ ۾ رکيل ڪٽولي تي ڪري پيس. اکيون ڪليون تہ مان گهر جي ڪوڻيءَ ۾ هيس، امان ڪٽ جي سيراندي کان ويڻي هئي، اک ڪلندي پيشاني چمي چوڻ لڳي:

"ٻچا! ڪالهه شام کان به اڳ سُمهيو آهين. هاڻي منجهند جو اک ڪلي اٿئي. بخار ۾ تپيل آهين، طبيب به ڏسي ويو اٿئي، دوا ڏئي ويو آهي، تاکيد ڪيائين تہ تنهنجي آرام جو خيال رکون جي منجهند تائين اک نہ ڪلي تہ ڪيس ٻيهر سڏايون."

مان وري اُها باهه ياد ڪرڻ لڳس ۽ امان کي ڏسي روئي ڏنر، امان هنج ۾ منهنجو مُنهن رکي

ڳوڑها اڳهندي خود بہ روئيندي رُهي، جو هُن جاتو ٿي تہ مون کي جمنا جو صدمو آهي.

اُن ڏينهن کان پوءِ امان دريءَ ۾ رکيل مورتين جي آڏو ڳچيءَ ۾ ڳارو وجهي کي منتر يا پاٺ پڙهندي هئي. پوءِ مون کي بہ شوکارا هٽندي هئي ۽ هڪ چمڪٽي وڃائيندي هئي. آءٌ مهينو بيمار هيس ۽ عجيب ڪيفيت ۾ پاڻ سان جسماني ۽ ذهني طور جنگ جي محاذ تي گذاريم. جسم ان صدمي ۽ اُٿڻ جي ڪري ڪمزور ٿي پيو، هفتو بخار رهڻ کان پوءِ ڪمزوري ۽ اوکاڻ جو معاملو هليو، سو تہ نهيو، پر ذهني آنڌ ماندَ ۽ چڪتاڻ جيئڻ کوڻ ٿي ڏنو. هر پل گهر مان پڇڻ جا منصوبا ٺاهيندو ڏاهينو ٿي رهيس. گهر وارا خراب طبعيت جي ڪري گهر کان نڪرڻ نہ ڏيا ڏين، خاص ڪري امان جو مون ۾ ساهہ هو، تنهن ڪري پنهنجي اکين کان پري ٿيڻ کوڻ ٿي ڏنو. آخر مهيني کان پوءِ اسڪول وڃڻ جي اجازت ملي، اسڪول وڏو ڪو سرڪاري بلڊنگ وارو نہ هو، هيڊ ماستر جي گهر جو هڪڙو ڪمرو هو ۽ اسين پنج ٻار هئاسين. مان اسڪول کان موٽي انهيءَ ڏينهن سڏو دوست محمد وٽ ويس، مون کي ڏسي دوست محمد چرڪي ويو ۽ چوڻ لڳو:

"مِيان ڳري چٽ ٿي پيو آهين، چا ٿيو اٿئي؟" مون دل جهلي سَموري ڳالهہ ٻڌائي مانس ۽ کيس چيم:

"يار مان مسلمان ٿيندس....؟" اِهو ٻُڌندي تارا پٽجي ويس، حيرت وچان چيائين:

"چرچا چڙ....."

"نہ نہ چرچو يا مذاق نٿو ڪريان، مان سچ ۾ مسلمان ٿيندس، ڪلمو پڙهندس، الله ۽ اُن جي رسول تي ايمان آڻيندس." مان مسجد واري مولويءَ جا خطبا ٻڌي اڳ ئي ايمان آڻي چڪو هوس، جيڪا منهنجي اندر جي ڳالهہ هئي، ٻيٽو هن واقعي مون کي ٻڌ ويهڻ نٿي ڏنو. هِن ڳهڙيءَ مسلمان ٿيان، ٻي گهڙي نہ وڃهان. هڪ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ڪيفيت هڪ جنون هو

مون کي سڙڻ کان خوف هو، سڙڻ اُهو آڙاهہ، اُها پري کان ساڙيندڙ ڇيپي جيڪا مون وڻ تان لهي جمنا جي سڙندڙ ڇتا جي ويجهو وڃي ڏٺي هئي. مون کي مسلمان ٿيڻ ۾ جيڪي ڏکيائون يا پيڃدگيون درپيش هيون سي بہ ارادا لوڏي نہ سگهيون هيون. مون کي ان سفر ۾ موت بہ منظور هو، پر هندو کان مسلمان تائين جو سفر طئي ڪرڻو هو. دوست محمد ڏڃي ويو ۽ حيرت ۾ اهڙو گم هو، جهڙو مان جمنا کي سڙندي ڏسي درد سان گڏ حيرت ۾ سراپاڃي ويو هوس. دوست محمد چيو هو:

"تون تہ هيڏو امير ايڏو خاشو ماڻهو، واڻين جي امير گهر جو ٻار آهين. اسين مسلمان غريب آهيون، اسان تي هميشہ تون خرچ ڪندو آهين، سڃي سنگتين جي مدد ڪندو آهين، اسين پلا توکي ٽڪر ٽڪر ۾ ڪهڙي ٽيڪ ڏئي سگهنداسين، ٻيٽو تنهنجي مالڪن جو زور پئجي ويو تہ توسان گڏ پنهنجو بہ سر رُلي ويندو."

"اوهان کي تڪليف نہ ڏيندس، نہ ڏيارينديس. مان هي ٿر ڇڏي ڏيندس، بس مسلمان ٿيڻ تائين سڪ ڏيو، رهي اميري تہ اُن جي پرواهہ کوڻ اٿر، اهو طئي آهي تہ مون کي اسلام قبول ڪرڻو آهي. باقي آچار، ابراهيم صالح ۽ ڪريم کي بہ ان صلاح ۾ شريڪ ڪرڻو آهي."

مان ٻي ڏينهن تي نڪري نہ سگهيو هوس. ٽئين ڏينهن اسڪول مان سوير موڪل وٺي دوست محمد وٽ آيس، انجام موجب سڀ دوست گڏ هئا، دوست محمد سڃي صورتحال کان سڀني کي آگاهہ ڪري ڇڏيو هو، سڀ حيرت، خوشي ۽ غير يقيني ڪيفيت ۾ مون کي ڏسي رهيا هئا، سڀ مليا تہ گرم جوشيءَ ۾ پر سندن سوالیہ نظرون منهنجي وجود تي سوالیہ نشان جيان پئجي رهيون هيون. مون آتي ٿوري بيوسي محسوس ڪئي تہ ڪاش! مان ائين سمجهائي سگهان جيئن سمجهي رهيو آهيان. آءٌ سينو ڦاڙي دل کوڻ ٿي ڏيکاري سگهيس. مون جيئن محسوس پئي ڪيو تيئن محسوس ڪرائڻ ۾ شديد ناڪام وڃي رهيو هوس. هُو منهنجا پيارا دوست هئا، ٿورو منهنجي خاندان جي اثر رسوخ کان دٻل ۽ هيسيل هئا، غريب ماڻهو تہ دٻندو ئي آهي نہ.

هن منٽن جي خاموشي، کان پوءِ آچار ڳالهايو:

"گيانا! يار تون ڪيئن ٿيندين مسلمان وڌو مسئلو آهي، مسلمان جي ٿيندين ته هتي توکي واڻيا رهڻ ته ڪونہ ڏيندا، مري نہ پئين."

"اڙي تون ماڻ ڪر، جي هُو دل سان دين تي اچي ٿو ته اسان ٻہ بي وڙا نہ ٿينداسين، ساڻ ڏيندا سونس، يار تان سر قربان آ. مان نعرو هڻي بيهندس مٽس، مئي مرسل جي دين تان گهور ٿيس ته خير آهي." ابراهيم جوش ۾ نندڙي تقرير ڪري ويو.

"گيانا! اسين سڀ ساڻ ڏيندا سين تنهنجو، مولوي ٻہ هٽ ڪيو، رک الله تي."

پهرين جڏهن هي خاموش هئا ته ٻہ مان پنهنجي ارادي تي قائم هيس، پر هينئر دل وڏي ٿي وئي هئي، گهر موٽي ته آيو هوس، پر جهڙو دوست محمد جي گهر منهنجو روح رهجي ويو هو. رهجي ته مان ان ڏينهن تي ڪٽي ٻاهر ويو هوس، گهر ڪين موٽيو هوس، جنهن ڏينهن جمنا جو انتر سنسڪار ڏئو هئم. جمنا جو ديهانت چا ٿيو هو جڏ ته منهنجو ٻہ ديهانت ٿي ويو هو. جمنا جي ديهانت کان پوءِ پاڻ ۾ مان ڪونہ هوس، جڏ ڪو ٻيو روح هو، جيڪو هلي ڦري ۽ مون کي ڦيرائي رهيو هو.

شروع ۾ منهنجو گُم سُم رهڻ ۽ اُداس رهڻ گهر ۾ وڏي پريشاني يا سوالن جو سبب ان ڪري نہ ٿيو هو، جو سڀني ڄاتو ٿي ته جمنا جي صدمي ۾ آهيان، پر جڏهن مان گونگن وانگر گهر ۾ بي آواز ۽ موجود هوندي غير موجود رهڻ لڳس. نہ آواز نہ انگل، نہ باراٽي شوخي شرارت. تڏهن سڀني مون کان طبعيت جو پُڇيو ۽ جيڪا پڳوان جي مرضي چئي وري وساري ڇڏيائون، پر امڙ کين وساريو، اُن کي منهنجي حالت، حيران ۽ پريشان ڪرڻ لڳي. هڪ ڏينهن صبح جو اسڪول موڪلڻ کان اڳ پڇڻ لڳي:

"ابا اسڪول جو ڪم ڪرو آهي يا پنهنجي جمنا جي ياد ۾ گُرندو ٿو وڃين، جي چوين ته چيٽ ۾ پڳواندس جي ڏيءُ وٽي ڏيانءِ، ڪيس ست ڏيئون آهن، جنهن تي هٽ رکين."

مون خالي نظرن سان امڙ ڏي نهاري ڪنڌ هيٺ ڪيو، امڙ منهنجي وجود جي هر تحرير پڙهي ٿي سگهي، پر جڏ هي، لکاوت سمجهہ ۾ ڪونہ ٿي آيس. ايتري ۾ منوهر لال، چيلارام ۽ آنند اسڪول هلڻ لاءِ اچي پهتا، مان تکڙ ۾ انهن سان نڪري ويس.

امڙ جي تڙپ دل ۾ چهنبي وڏي، پر هڪ انڊنل ڪشش ۽ قوت ان تي حاوي هئي. ائين مسلمان ٿيڻ جا پُور پچائيندي سال کان مٿي ٿي ويو. دوستن کي ڪو مولوي ڪونہ ٿي سُجهيو. دوست منهنجي حالت تي پريشان هئا. جيسين ڪو مولوي هٽ اچي مان دوست محمد سان سندس گهر جي ۾ واري مسجد ۾ نماز پڙهڻ ويندو رهيس، جڏهن مسجد مان سڀ نمازي هليا ويندا هئا. دوستن مون کي نماز سيکاري ۽ ياد ڪرائي هئي. قرآن جو سبق ٻہ ڏيندا رهيا، وڏن کان چوري دوست محمد جي گهر جي ڪچي چن ۾ دين جون ڳالهيون ڪندا هئاسين، نماز ۽ قرآن پڙهندا هئاسين. مان ذهين هوس سو ڪا ڏکيائي نہ ٿي، سپڪجهہ جلدي ياد ڪري ويس. مان سترهن سالن جو ٿي ويس، مان ڪابہ نماز نہ گسائيندو هوس، ڪيئن ٻہ ڪري ڇڪي نماز پڙهندو هوس ۽ دعا ۾ ٻاهہ کان پناهہ گهرندو هوس.

مون پنهنجي مذهبي ڏينهن ۽ پوجا پاٺ ۾ حصو وٺڻ چڏي ڏنو هو. سڀني گهر وارن کي منهنجو اِهو رويو پسند نہ هو. اِن ڳالهہ تي سڀ ڏڪا ٻہ ڏيندا هئا، سواءِ امڙ جي. بابا کان وڌيڪ چاچا ڏڪا ڏيندو هو. چاچا وڏي رعب ۽ دٻدٻي وارو شخص هو، جيتوٽيڪ چاچا، پتا کان ننيو هو، پر وڏي مٽيا ۽ ڏيا وارو شخص هو، خانداني فيصلا ٻہ گهٽو ڪري چاچا ڪندو هو، جو بابا گهر توڙي خانداني مسئلا سندس حوالي ڪري چڏيا هئا.

اُهو شايد آچر موڪل جو ڏينهن هو، مان دوست محمد وٽ ويس ته پُرجوش طريقي سان مليو، زور سان پاڪر پائي خوشخبري ڏنائين ته:

"گيان تنهنجو ڪم ٿي ويو آهي، سونڌا کان سوٽ آيو آهي، مولوي جو ڏس ڏنو اٽائين جيڪو سندس گهڻ گهرو آهي، چاچي جو دوست آهي، مون

کیس رات رهایو آهي، سپاٹي يار تنهنجي ڪر سان ساٹس رلجي وڃان ٿو. ڪر پکو ڪري مولوي سان ڳالهائي موٽ ڪندس پوءِ وري هتان گڏجي هلنداسين. بس سپاٹي نڪرنداسين." هُو پنهنجي سوٽ کي سڏي آيو، باهرين چن ۾ ويٺاسين، ڪوڙ ڪچهري ٿي. سندس سئوٽ پلو ماٹهو هو .

عبدالقادر جو ٹڙو ساهه نڪري ويو، پٽ کان پاٹي گهريائين. عبدالرحمان ڪٹوري ۾ پاٹي پري ڏنس....يڪ ساهي پاٹي پيئڻ کان پوءِ عبدالقادر وري ڳالهايو:

"مان هفتي کان دوست محمد وٽ وڃي نه سگهيو هوس. هفتي کان پوءِ جڏهن وٹس ويس ته دوست محمد خوشخبري ٻڌائي ته مولوي مجي ويو آهي، ميار ڏيڑ لڳو ته مان تنهنجي ڪري سوٽ جي منٹن تي به آٹي نه رهيس، تنهنجو چهن ڏينهن کان انتظار وينو ڪيو. دوست محمد خوشيءَ ۾ ڪونه ٹي ماپيو. دوست محمد پنهنجي والد کي به اِها ڳالهه ٻڌائي چڪو هو. هن ڏينهن کان پوءِ مولويءَ وٽ پهچٹو هو. سو انجام موجب جڏهن ڏاند گاڏيءَ تي پرواري ڳوٹ پهتاسين ته دوست محمد جا مائٹ اسان سان ملي ڏاڍا خوش ٹيا. دوست محمد جا مٹ مائٹ ڳٹائتا ۽ قربائتا ماٹهو هنا. پَلي آجيان ڪيائون. سنو پانيائون، هنڌ ٹپڑ، ماني ٹڪي، خاڻي خدمت ڪيائون .

ٻئي صبح تي مولوي سان مليا‌سين مولوي صاحب به خوش ٹيو. منهنجي مسلمان ٹيڑ تي، مولوي صاحب کي جا سرهائي منهن تي آئي، تنهن مون کي به سرهو ڪري چڏيو. مولوي صاحب چيو ڪجهه ڏينهن مهماني ڪائو. ڏسجي ته پنيان جاڄ جوڄ ڳولها ڦولها ڪيتري ٹئي ٹي! پنهنجو به بچاءَ لازمي آهي، ٻيو تون اجا ڪچو آهين. انگريزن جي حڪومت آهي ڪٹي ڪاڻ نه پڇجي وجون. اسين بابا اِيرا ماڙهو ڪنهن ڏڻي مان ڪينَ جاٹون.

ستين رات بابا اوچتو چاچي سان اچي گولهي لڏو، گوٹ وارن دوستن سڻس ڏئي چڏي هئي، چاچا جي رعب آڏو دوستن زبان کولي وڏي، شايد کين مار موچڑو به ٹيو هو. بابا جڏهن آڏو آيو ته رڦٹي وئي ويو، رت ست چڏائي ويو. ڪنڌ هيٹ ڪري بيٹس، چاچا کاوڙ ۾ اچي ساڄي ڳل تي چپاٹ وهائي ڪڍي، هٹ چاچا جو ڳرو هو، چپاٹ جڙ ڳل تي ٹهي پئي. بابا مولويءَ کي ڏاڍو سوڙهو ڪيو، چيائينس قانوني ڪاروائي ٹيندي... مولوي صاحب منٹ ميڙ ڪيس، هٹ ٻڌائينس ته.

"بابا امانت وٹي وڃو، مون کيس ڪلمو ڪونهي پڑهايو. چوڪرو اجا مسلمان ناهي ٹيو."

"مسلمان ٹيندو به ڪيئن اجا هو ارڙهن سالن جو به ناهي ٹيو."

بابا جڙ شينهن وانگر گجگوڙ ڪئي هئي.

"اوهين ته دين دنيا جاٹو ٹا، هي اوهان غير مناسب قدم ڪيئن پئي کنيو، قانون موجب اوهين ڏوهاري آهيو."

"ديوان سائين! مسلمان ڪيو ته ڪونهي اڄان، پنهنجي خوشيءَ سان پٹ اوهان جو آيو آهي، اسين کيس زوريءَ ته ڪونه وٹي آيا هئاسين، جيئن پهتو آهي تيئن وينو آهي، مون نه ڪو مسلمان ڪيو آهي نه وري هاٹي کو ڪندس. پنهنجي پٹ کان ٻُڇي سگهو ٹا. هي دين آهي زوري ناهي ٹيندي دين ۾. اِهو مان به جاڻان ٿو."

بابا وارن ڏاند گاڏي ۾ مون کي ويهاريو، پلين جهلن وارا به ڏاند، وڏا وڪڑ کاڏل سگ ڍڳا جڙ ته بيل گاڏي اڏائيندا ٹي ويا. مان خوف ۾ هئس ته شايد ماريو وڃان. گهر پهچي چاچا ڏاڍي چنڊ پٹي هئي ته "شرم ڪونه آهي توکي راڄ ۾ وڏي عزت وارا آهيون، سٹن پُٹن ۾ اسان مان کو مسلمان نه ٹيو، توکي اهو خيال ڪٹان آيو، بڙ بٹياد تنهنجو ڪيڏو مانائتو آهي، توکي پنهنجي ڏرم جو پرم شرم ناهي."

امڙ منهن تي پردو ڪري منهنجي پرسان بيٹي رهي هئي، امڙ، چاچن کان پردو ڪندي هئي. پوءِ چاچا مون کي ڪٹولي سان ٻڌي چڏيو هو، چاچا ۽ بابا اِهو چيو ته هي تيسين ٻڌل رهي جيسين آڻ نٹو مجي. جي سٹو نه ٹيو ته کا بي کاروائي ڪبي، باقي نڪ ڪٹڻ جهڙو ڪونه چڏيو اٹائين. دل تان لهي ويو آهي. مان مسلمان هوس، دل سان روح سان، سا ڳالهه ڪير به

سمجهڻ لاءِ تيار ڪرڻ هو. مون کي تڪليف ڏئي ويتر باغي ڪري رهيا هئا. مون کي فقط امڙ جو اونو هو، باقي رشتا دل تان لهي چڪا هئا. جڏهن سڀ ڪمري مان نڪري ويا تہ امڙ لاڏيئن ڪٽي اچي منهنجو چهرو ڏٺو هو، ڳل تي چاچا جي چپاٽ سوڌي نهي پئي هئي، امڙ ڏسي ڏڃي وئي، مون ڏٺو تہ امڙ جي جسر مان سيسرات نڪري ويو. لڳم تہ مون کي نہ، پر جڏ امڙ کي اها چپاٽ لڳي جڏهن منهنجي ڳل تي چپاٽ جي چاپ ڏنائين. امڙ جي اکين مان زڪيل ڳوڙها ڪري پيا ۽ مسلسل ڪرندا رهيا، سڏڪو روڪي پڇيائين:

"ماني کائيندين؟" مون انڪار ۾ ڪنڊ ڏوٽيو، منهنجو منهن ٻنهي هٿن ۾ جهلي چوڻ لڳي:

"منهنجا لال مُڙي وڃ، ضد ڇگو ناهي. مان ممتا کان مجبور آهيان، مون کي کين مار."

پوءِ منهنجا ٻئي هٿ چمندي رهي. منهنجا هٿ سندس ڳوڙهن جي مينهوڳيءَ ۾ جل ٿل ٿي ويا هئا. مون اُن لمحي امڙ کي چيو هو تہ:

"امڙ مان اِن آڙاهہ ۾ نہ سڙندس جيڪا منهنجي چتا کي هڪ ڏينهن ڏئي ويندي، مون کي نرڳ دوزخ جي باهہ نہ، پر سوَرگ جنت جي طلب آهي. سا لهڻ ۾ منهنجي مدد ڪر امڙ!" ٻئي ڏينهن صبح جو زوريءَ ماني پنهنجي هٿن سان کارائي هئائين. کيس پڪ ٿي چڪي هيس تہ آءٌ نہ مُڙندس، هوءَ هارائي چڪي هئي. درگا ماتا جي ڀڳت هارائي چڪي هئي. هڪ ماءُ ممتا هٿان هارائي آڻ مجي چڪي هئي. هوءَ مڪمل ممتا هئي درگا ماتا جهڙي شفيق. مون سڄي رات ننڊ نہ ڪئي هئي، پڇڻ جا پور پڇائيندو رهيو هوس. جسم نبل، بيحال نستو هو، جهڙو بيجان. صبح جو مون امان کان حاجت روائي جي اجازت ڳهريم، امڙ سڏڪو دٻائيندي هٿ جي اشاري سان چيو هليو وڃ. نوراتري جي لاءِ سڀ تيارين ۾ مندر ويل هئا. امان کي منهنجي رکوالي لاءِ رهائي ويا هئا. منهنجي هٿن پيرن جون رسيون کولي ڇڏيائين. ان مهل سڄ جا ڪرٽا امڙ جي چهري تي پيا هئا. مون کي لڳو تہ سوريہ ونش امڙ جي ممتا کي جڳ سلام ڪري رهيو آهي.

عبدالقادر سڏڪو چپن ۾ چيپائي اندر ڏانهن موڪلي ڇڏيو. جيڪو عبدالرحمان محسوس ڪري ورتو. وري عبدالقادر ڳالهايو:

"ويندي ويندي امان مون کي زور سان ڀاڪر پاتو ۽ ڪجهہ پئسا منهنجي ڪيسي ۾ وڌائين." مان گهر جي پوئين پاسي ڏنگهرن جي لوڙهي تي پاڻ اڇلايو. ڪيئي ڪنڀا جسر رهڙي ويا پر ساهہ بچائڻ ۽ مسلمان ٽيڻ جو مقصد منهنجي جسر کي ڇڙڻ تي مجبور ڪري رهيو هو. منهنجي ٿوننڻ ۽ پنيءَ ۾ ڪنڀا ڇُپي ويا هئا. لوڙهو ٽپي ٻوڙ پاتر، چپل پير مان ڪڍهوڪي لهي وئي، کا سُڌ ڪين هُئم. پنڻيءَ ڪونہ ڏٺم، ٿورو ئي پري ويس تہ چاچا گهوڙيءَ تي اچي رهيو هو. مان ڏڪي ويس شڪر الله جو آڏو سگهارو پير جو وڻ هو، ان جي اوٽ ۾ لڪي ويس. چاچا ڪونہ ڏٺو. مون وري روڪيل ساهہ ڪنيو ۽ وري پيرن تي زور ڏنم. ڀڪيس ۽ ڀڪندي پڃندي واهہ جي ڪپ تي پهتس، اکين اڳيان اونداهي چانڻجي وئي، مان اُتي ئي ڪري پيس. عبدالقادر ڪجهہ لمحا خاموش ٿي ويو... فانوس جي روشنيءَ کان منهن هٽائي عبدالرحمان پهرائڻ سان پنهنجا ڳوڙها اڳهي ورتا جيڪي ٻيءُ جي ڪهاڻي ٻُڌندي وهي پيا هئس. عبدالقادر وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، تہ عبدالرحمان منهن روشنيءَ طرف ڪيو.

جڏهن هوش آيم تہ هڪ غريب ميربحر جي ٻُنگيءَ ۾ هئم. ان مون کي سڃاتو هو، جو روزانو اسان جي ڳوٺ مڇي ڪٽي اينڊو هو. مان ڏڪي ويس. غلامون ميربحر شفقت سان نهاري چيو تہ، "سيٺ مولچند جو پٽ آهين نہ؟" مون هائوڪار ۾ هلڪو ڪنڊ لوڏيو.

"ٻڃا تون غشي ۾ واهہ جي ڪپ تي پيو هئين ۽ اهو حال ڪيئن ٿيو ٿي؟"

مون کين سڄو حال ٻڌايو.....

"ابووو...." غلامون ڪجهہ سوچيندي چيو،

"ڊڄ نہ اسين دين خاطر توسان گڏ آهيون، جيڪو حڪم ڪرين." پيار سان متي تي هٿ رکيائين ۽ چيائين:

"آيا ريل کار ۾ چڑهي وڃي شهر ۾ کو مولوي ڳولي هٿ ڪر، هتي ته تون پٽرو ٽي پوندين."

اُتي مون کي خيال آيو ته دوست محمد کي نيارو غلامون هٿان ڪرايان جو هو روز مڇي ڪٽي ڳوٺ ويندو آهي. غلامون سان ڳالهه ڪيم ته ڪيس سرهائي ٽي ۽ هائوڪار ڪيائين. ڏينهن اڏ ۾ دوست محمد، پيءُ ۽ ٻنهي دوستن سودو اچي پهتو.

رات واري ريل کار ۾ مان ۽ هُو ٽيئي دوست ڪراچي روانا ٿياسين. مون کيسي ۾ هٿ هنيو ته امڙ جا سڪا ۽ سونيون گينيون هٿ ۾ آيون. ٽڪيٽون مون سيني جون ورتيون خرچ ڪرائڻ جي عادت ڪٿان ڪونه هئي سو ڪجهه پئسا دوستن کي به ڏنم. ريل گاڏي ۾ منهنجي ڪيفيت منجي وئي هئي، ڪنهن پل نور جي روشني سيني ڏانهن ويندي محسوس ٿي ٽپي ۽ جسم ۾ حيرت انگيز سگهه پيدا ٿي وئي ته ڪنهن لمحي وري مالڪن جو ڊپ ۽ باهه جو خوف پئي ٽيم. مون کي پنهنجي ڪَئي تي پڇتاءُ ڪونه هو، پوءِ مان خوش هوس جو پنهنجي مقصد جي پورائيءَ لاءِ ڪراچي وڃي رهيو هوس.

ڪراچيءَ ۾ هڪ مشهور عالم دين ۽ معروف بزرگ هستيءَ سان وڃي ملياسين. مون ۽ منهنجي دوستن سڄو حال ڪيس ٻڌايو. مولوي سڀ سوال مون کان ٿي پڇيا ته ڪئي هي زبردستي ڪيس ڪٽي ته نه آيا آهن. مون اعتماد سان جواب ڏنا. منهنجو حوصلو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. مٿي تي هٿ رکي چيائين،

"هيءُ مدرسو ۽ منهنجو گهر تنهنجا پنهنجا آهن، تنهنجي عمر ارڙهن سال ٽيڻ تائين توکي ڪلمو نه پڙهائيو، توکي تيسين اسلام جي باري ۾ سڀ سمجهائيندس، پوءِ مسلمان ڪندس. سو ٽي مهينا تون جاڻ حاصل ڪر، پوءِ مان توکي مسلمان ڪندس."

منهنجا دوست موڪلائي واپس روانا ٿي ويا جيئن منهنجي وارثن کي ڪو شڪ نه پئي. ٽن مهينن گذرڻ کان پوءِ مولانا صاحب مون کي مذهبي رسم سان مسلمان ڪيو، ڪلمو پڙهايو. هندو برادري ۽ منهنجي وارثن ۾ وڏو چوپول متل هو، وڏي ڦڙڦوٽ هئي، هُو هرهنڌ مون کي ڳولهي رهيا هئا.

منهنجي مسلمان ٽيڻ کان هفتو پوءِ اچي نيٽ مون کي ڳولهي پهتا. مولانا صاحب مون کي سندن سلهڙون اچڻ نه ڏنو. پهريان سڀ دليل ثبوتم منهنجو قسم نامو ۽ پوري عمر کين ٻڌايائين. پوءِ کانئن مون سان ملڻ جي لاءِ پچيائين، جنهن تي هنن مونسان ملڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڏڪ کاوڙ ۾ واپس هليا ويا. مولانا صاحب منهنجو مسلمانڪو نالو 'عبدالقادر' رکيو هو، نه صرف ايترو، پر منهنجي وارثن جي لادعوئ هُجڻ ڪري مون کي پنهنجي ولديت جو نالو به ڏنائين، مان قومي سڃاڻپ موجب عبدالقادر ولد مولوي عبدالستار بڻجي ويس. مون کي نالي متعلق سمجهائيندي چيو هيائين عبدالقادر يعني قادر مطلق جو عبد، بندو. مون کي پاڻ وٽ سال ترسائي مڪمل ديني تعليم ڏنائين پوري ٻيڪيا ڏنائين. جڏهن مان هر ڳالهه سمجهي سڪي ويس ۽ دلي طور مطمئن ٿيس ته مون مولانا صاحب کان موڪلايو. مولانا صاحب مون کي ولديت ڏني هئي سو پنهنجو پٽ ٿي سمجهندي سموري زندگي پاڻ سان رهڻ جي آڇ ڪئي. مون سندس ٿورا مڃيا ۽ زندگي پنهنجي انداز ۾ جيئڻ جي اجازت گهري. مولانا صاحب دعائن ۽ تحفن سان رخصت ڪيو ۽ اِهو تاڪيد ڪيائين ته ڇهن ڇهه ماهي مان ڪيس مُنهن ڏيکارينڊو ضرور رهان.

مان سڌ جي سيني روضن ۽ زيارتن، ديني بزرگن وٽ ويس. سڀ گاديون ڏٺهيس. مان هاڻي ويهن سالن جو جوان ٿي ڇُڪو هئس. امڙ جو ڏنل سون ۽ پئسا مون وٽ سنڀاليل هئا. مان روز گذر لاءِ ڪٿان مزدوري ٻه ڪري ونڊندو هوس، پر انهن پئسن کي هٿ نه لاٿر.

نيٽ پنهنجي ڳوٺ ويجهو نندڙي شهر ۾ اچي هڪ مولوي سان مليس. مولوي صاحب مون کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. پوري شهر ۾ منادي ڪرايائين، گهوڙو سجائي، نئون خوبصورت جوڙو تيار ڪرائي پارائي اُن تي ويهاري شهر ۾ شهر کان منهنجي ڳوٺ تائين جو سرڪس ڪرايائين. ڳوٺ جي منڊر ۾ مسڻ کان گذرندي منهنجي لونءَ ڪانڊارجي وئي، سڀ يادون سمورا عڪس اولڙا ذهن جي ڪينواس تي تري آيا. هلندي جڏهن پنهنجي گهر کان گذريس ته مٽين ماڙ تي نظر پيم عورتون بينل نظر آيون. سڀ زارو قطار روئي رهيون هيون. سين جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. مون کنهن کي ڳولهيو پئي. جڏهن امڙ تي نظر پيم ته دل ئي چڙ ڏڏي وئي، اکين ۾ پاڻي اچي ويو، پر پاڻ

سنڀالي ورتر. امڙ ويجهو ڏسي هڪ ڳوٽڑي 'هڙ' مون ڏانهن اڇلائي جيڪا اچي منهنجي جهولي ۾ ڪري مون اُها هڙ ڪنئين. سوچيم واپس امڙ ڏانهن اڇلايان، پر هيڏي ميڙاڪي ۾ ايئن ڪري نه سگهيس. خبرناهي ڪنهن ڏٺو، ڪنهن نه ڏٺو، وڌيڪ ڪنهن کي خبر نه ڏيڻ ئي بهتر هو. وڏي احترام سان جلوس وري واپس شهر مولوي جي گهر طرف رخ ڪيو.

مون گهر پهچي ٽيلهي کولي ڏني، ڪافي پئسا ۽ سون هو. مان نماز جو پابند هيس، پر مولويءَ جي مسجد ۾ رهندي تهجد، اشراق ۽ چاشت نماز به پڙهندو هوس، مون جلدي انهن سڀني پئسن مان هي گهر ۽ مسجد جوڙايا ۽ هڪ دڪان کوليم.

مولوي کجهه ئي مهينن ۾ ڏيءُ جي سگ جي آڇ ڪئي، جيڪا مون اٽڪلي قبولي. سڄي دنيا چيو ته تون مولوي جي ڪوجهي ڏيءُ سان ڪيئن ها ڪئي. پاڻ ته ناهوڪو سهڻو جوان آهين. تو جهڙو شهزادو ته پوري تر ۾ ڪونهي. مون کين چيو سڀ مالڪ جو جهان آهي، دنيا باغ آهي ۽ ان ۾ هر رنگ هر قسم جا گل آهن، مالڪ جي ٻيلي کابه شئي خراب ڪونهي. منهنجي شادي ٿي وئي...

عبدالرحمان کان رهيو نه ٿيو، چيائين:

"بابا اوهين واقعي سدا ملوڪ حسين آهيو، امان ۽ اوهان ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي." عبدالقادر ڪلندي وراڻيو سڀ صورتون اُن ذات جون خلقيل آهن. ڪنهن صورت مان وڌ ڪيڻ اُن مالڪ جي شان مان وڏ ڪيڻ برابر آهي، مون کي سندس ذات ۽ صورت ۾ ڪڏهن ڪو عيب نظر نه آيو آهي. خير سان جڏهن عبدالنبي ڇهن مهينن جو ۽ تون ٽن سالن جو هئين تڏهن امڙ نياپو ڪرايو هو ته مون کي پوٽا ڏيڪاري وڃ. دم حياتي الائي ڇا موت ملاقات جي ڪا خبرناهي، مون انڪار ڪيو هو. وري امڙ اِهو نياپو ڪرايو ته:

"پٽ جي تون هڪ وايائيءَ سان نٽو ملڻ چاهين ته اُها تنهنجو مذهب اختيار ڪرڻ لاءِ تيار آهي. آخري پيرو تنهنجي ۽ تنهنجي ٻچن کي ڏسڻ ڪاڻ هوءَ پوئين وهيءَ ۾ به پنهنجو ڏرم چڏي ڏيندي. مذهب چڏڻ سان، سندس مانگ اُجڙي ويندي، منگل سُوتر بي معنيٰ ٿي پوندو، هوءَ مڙس هوندي به ڇٽ وڏوا يعني سُهاڳڻ هوندي به ڏُهاڳڻ ٿي پوندي، سو به قبول آهي ٻچا تو لاءِ." هوءَ مڪمل ماءُ هئي، هُن جنهن دل سان چيو هو سو ڪري به ڏيکاري ها جيڪڏهن مان نه مڃان ها. وٽس توهان کي ڏيکارڻ نه وڃان ها. اُن وقت تنهنجي ماءُ مون کي چيو هو ته: "مان به ماءُ آهيان، ۽ هڪ ماءُ جي دل ۽ محبت جو اندازو اڌر. ماءُ مذهب کان بالاتر هوندي آهي. جي تون نه هلندين ته آءُ ساڻس پارن سميت وڃي ملنديس." نيٺ اسان ٻئي اوهان ٻنهي کي ڏاند گاڏيءَ ۾ وني ويا هئاسين.

اوهان جي جمڻ تي جا مون کي خوشي هئي، امڙ کي ان کان وڌ خوشي اوهان کي ڏسي ٿي هئي. پتا ۽ چاچا سڀ خاندان مليو هو، سڀ آڳ مجي چڪا هئا. بس مون کي زندهه ڏسي ٻڙيوال ڏسي ٽٽي پيا هئا. بس ڪُچيا کونه پئي، پر اندر ٻي اندر ۾ روئي رهيا هئا. امڙ اڳ جيان سڏڪن کي ڳهٽي ڳالهائيندي رهي ۽ مون کي کا مهل ڏسندي رهي.

امڙ واپسي مهل تنهنجي امڙ کي سون ۽ ٻيا تحفا ڏنا هئا. مون تحفا وٺڻ کان انڪار ڪيو ته بانهون ٻڌي بيهي رهي.

"ابا ايئن انڪار نه ڪر، تنهنجو انڪار مون لاءِ نرڳ جي باهه کان وڌيڪ سازيندڙ آهي، ابا مون کي جيئري نرڳ جي باهه ۾ نه اُڇلاءِ..."

اُن لمحي منهنجي اکين ۾ مسڻ واري ڏينهن جي ياد اچي وئي هئي، جڏهن مان جمنا جي انتم سنسڪار ڏسڻ لاءِ صبح جو سوير وڃي مسڻ ۾ نر جي وڻ تي چڙهي لِڪي ويٺو هوس. جمنا جي آرتيءَ کان اڳ هڪ ٻي آرتي مسڻ ۾ جيڪا آئي هئي ۽ اُن جو انتم سنسڪار ٿيو هو جيڪو مون پنهنجي اکين سان ڏٺو هو. رسمن موجب چتا کي ڪائين تي رکي باهه ڏنائون، جهٽ پل ۾ باهه جا شعلا ڇڻ ته آسمان کي ڇُهڻ لڳا. ڪجهه ئي لمحن ۾ اُن چتا جو جسر اُپو ٿي ويو جيئن جمنا جو جسر اُپو ٿيو هو، ڪن پل ۾ چتا وري باهه ۾ ڪري گر ٿي وئي. اوچتو ڪنهن شيءِ جي ڦِسڻ جي آواز سان ڪو باهه جو گولو چتا مان اُڏاميو. سڀ ماٺهو حيرت ۾ پئجي ويا مان ته صفا ڊڄي ويس ته ڪٽي اُهو هرندڙ گولو مون تي نه اچي ڪِري. گولو ٽورو مٽي وڃي وسلمي ويو ۽ زمين تي اچي ڪِريو. منهنجا ته تارا ئي ڦاٽي ويا، اُهو گولو هڪ

پٽڙو ڪچو بار هو جيڪو چتا مان اڏامي ڪريو هو. ماٿهو ته حيرت ۾ پئجي ويا. پر مان صفا سراپجي ويو هوس. مسان جي سنپالينڊ ٻوڙي وڃي بار ڪنيو ۽ ڪپڙي ۾ ويڙهي هڪ پاسي رکي ڇڏيو. چتا جي وارثن مان هڪ همراهه ماٿهن سان مخاطب ٿيندي چيو:

"چتا واري عورت گورهاري هئي شايد. سو باهه ۽ جسر آڪڙجڻ تي بار اڇي باهر ڪريو آهي."

اُن لمحي منهنجي اکين مان بي بها نير وهڻ لڳا هئا. مون کي جڏهن دوست محمد ۽ سندس پيءُ پنهنجي ملڻ جي گوٺ واري مولويءَ وٽ وڃي ويو هو، ته مون کان اُن مولوي سوال ڪيو هو، ته آخر مان مسلمان ڇو ٿو ٿيڻ چاهيان. جنهن تي مون جملا ۽ گورهاريءَ عورت جي بار وارو واقعو ڪيس بڌايو هو جيڪو منهنجي مسلمان ٿيڻ جو وڏو محرڪ هو ۽ ڪيس چيو هئر ته مان باهه جي آڙاهه يا دوزخ ۾ سڙڻ جلڻ نٿو چاهيان، مان جنتي ٿيڻ ٿو گهران. مولوي صاحب مون کي سمجهائيندي صرف ايترو چيو هو ته:

"پٽ! تنهنجي مسلمان ٿيڻ سان ٻئي ڪنهن کي پل ڪا پرواه نه ٿئي پر تنهنجي ماءُ صفا مري ويندي. ماءُ اڪا هستي آهي جيڪا مرڻ کان پوءِ به بچن لاءِ دعاگو هوندي آهي. پاڻ آڙاهه ۾ سڙندي به پنهنجي بار کي سڙندو ڏسڻ نه چاهيندي آهي. جنهن جو مثال مسڻ واري اڪا گورهاري عورت آهي، جنهن پنهنجي بچي کي باهه کان ڪيڏي باهر اڇلايو، جنهن جي ڳالهه تو پاڻ ئي ٻڌائي آهي. سو وري، به پٽ سوچ ٻيو ڪنهن جو نه ته، گهٽ ۾ گهٽ ماءُ جو، جنهن جي پيرن ۾ ئي تنهنجي جنت آهي."

عبدالقادر اوچنگار ڏئي روئي ويو جيڪو شخص ايڏي دير کان هڪ وڏي ضبط سان ڳالهائي رهيو هو سو صفا جهري ويو. هُن وري ڳالهه جاري ڪئي:

"الائي چو ايڏو وڏو مذهبي عالم ۽ مولوي هوندي به مان اُن لمحي امڙ جي پيرن تي ڪري ويو هوس. الائي چو هڪ لمحي لاءِ منهنجي اندر مان ئي ڪو آواز آيو ته:

"او گيانا. او مولوي عبدالقادر تنهنجي اصل جنت ته اِنهن چرنن ۾ آهي جيڪا تون مذهبن يا دينن ۾ ڳولهي رهيو آهين، ڪيڏو پٽڪيو آهين او مورک تون."

مون امڙ جي پيرن کي چُميو، سندس هٿ ونئي اکين تي رکيم، هوءَ بيوس ٿي بس مون کي ڏسندي رهي، ڪن پل لاءِ ايئن لڳم جڻ امان جو روح پرواز ڪري چُڪو آهي. مان اکين جا لڙڪ روڪيندو واپس هليو آيس. ڇهن مهينن کان پوءِ امان ديهانت ڪري وئي. مان امان جي آخري رسمن ۾ نه ويس، الائي ڇو، شايد مون ۾ اُن ماءُ کي آڙاهه ۾ سڙندي ڏسڻ جو حوصلو ۽ همٽ نه هئي. امان جي گذاري وڃڻ کانپوءِ ننڍي ڪنڌ جو به ورهاڱو شروع ٿي ويو. منهنجا سمورا اصل مائٽ لڏڻ لڳا. چاچا ۽ بابا مون وٽ موڪلائڻ آيا، پنهنجي سموري مُوڙي جايون ملڪيتون منهنجي حوالي ڪرڻ چاهيائون جيڪي مون نه ورتيون. بابا مون کي هڪ پرچي ڏني جيڪا کوليم ته امڙ جا هٿ اکر هئا.

"پُڃا منهنجا، مان دُرگا جي روپ ۾ سدائين توسان گڏ هوندیس. تون منهنجي آتما جي شانتي خاطر، ڪجهه به هُجي، ڏينهن ۾ هڪ دفعو ضرور مون ڏانهن نهارجان، پڪ جاڻ، تون نهارينديه ته مان تنهنجي آسپاس هوندیس."

"سو پٽ عبدالرحمان مان تڏهن اُن منڊر ٻاهران رکيل درگا جي وڏي مورتي کي نهارينڊو آهيان ۽ دل ئي دل ۾ کيس امڙ جو روپ سمجهندو آهيان، پر پٽ عبدالرحمان مان وڏو مُورک آهيان، پاڻيءَ مٿي جهوپڙا هئر ته اڄ مُنس، هاڻي ته بار بار الائي ڇو باهه بدران اِهو خوف رهندو اٿر ته، مان جنهن باهه جي خوف کان عبدالقادر بڻجي امڙ جيجل کان ته ڏور هليو ويس، پر ڇا قادر مطلق مون کي پنهنجو عبد قبوليو به الائي نه!؟" عبدالقادر هڪ وڏي اوچنگار سان لڙکن جي سيلاب ۾ لڙهي ويو ۽ لڙکن جي اُن سيلاب مان کڻڙي مهل واپس آيو! واپس آيو به الائي نه!؟ جو عبدالرحمان به ساندهه لڙکن جي سيلاب ۾ ٻڏل هو.



خليل جبران
سنڌيڪار: ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

ماءُ جو دلاسو

[نوٽ: هيءَ ڪهاڻي مشهور ليکڪ خليل جبران جي لکيل آهي، جنهن کي مون 1982ع ۾ ترجمو ڪيو هو. لبنان جو مشهور شاعر ناول نگار ڊرامانگار ڪهاڻيڪار ۽ مصور خليل جبران 6 جنوري 1883ع تي لبنان جي قادسيہ واديءَ جي هڪ ننڍي ڳوٺ بشاري ۾ پيدا ٿيو. سندس اصل نالو جبران خليل جبران آهي، پر ادبي طور مشهور خليل جبران جي نالي سان آهي. انگريزي، عربي ۽ فرانسيسي پولين تي عبور رکندڙ هن ليکڪ جون تحريرون دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿيون آهن. هن 5 ناول، سوين مختصر ڪهاڻيون، هڪ ڊرامو "شداد جي جنت" سميت فلسفي، حڪايتن، قولن، خطن ۽ شاعريءَ تي مشتمل مواد چڏيو آهي جو ڪتابي صورت ۾ موجود آهي. سندس وفات 1931ع تي ٿي. خليل جبران جي ترتيب ۾ سندس ماءُ ڪامل رحمت جي محبت ۽ شفقت جو وڏو اثر آهي. ڪيس پنهنجي والدين سان گهڻي محبت هئي. هوءَ ڪيس ننڍي لاڪون لبنان ۾ شام جون لوڪ ڪهاڻيون ۽ بائيبل جا قصا ٻڌائيندي هئي، جن سان سندس حساس ۽ فنڪارانہ طبعيت ۾ هڪ اهم انقلاب آيو جو سندس تحريرن مان ظاهر آهي. هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌ سندس زندگيءَ جو عڪس ڇاڪاڻ ٿي.]

قادسيہ جي واديءَ ۾ جڏهن آسپاس جي ڳوٺن ۾ لاڳيتو برفباري وسي هئي تڏهن کين هتي ئي غالب ٽيڻ لاءِ رات پنهنجا پر تيزيءَ سان پکيڙي رهي هئي. ائين لڳي رهيو هو تہ جڻ هر شيءِ مسلسل ۽ مستقل برف ۾ ڍڪجي رهي آهي. جبلن جون قطارون، ٻنيون ۽ کليل ميدان سڀ انڌيري جي وکڙ ۾ وکوڙجي ويا هئا. هوائن جا سُوسَٽ ماحول کي قدرت جي دهشت انگيزي ڇاڻائي رهيا هئا. ماڻهو گهرن ۾ وڃي لڪيا، جانورن جي واڙن ۾ موت جهڙي خاموشي هئي، انسان، پکي پکڙ هن سخت برفيلي سرديءَ ۽ خوفناڪ فضا ۾ عاجز ۽ قدرت جي مهرباني لاءِ واجهائي رهيا هئا. ڪاري سرد رات جي طاقت ۽ موت کان سواءِ ڪجهہ بہ باقي نہ بچيو هو.

ڳوٺ جي آبادي ڪان الڳ هڪ اڪيلي گهر ۾ هڪ بيوه عورت سگريءَ جي سامهون اوني شال ٺاڻي رهي هئي. پاسي کان سندس ٻارڙو ويٺل هو، جو ڪيتريءَ مهل سگريءَ مان نڪتل باهہ جي ڏُن کي ڏسي رهيو هو تہ ڪيڏيءَ مهل پنهنجيءَ امڙ جي پُرسڪون چهري ڏي. اوچتو طوفان تيز ٿي ويو ۽ گهر جون پٽيون لڏڻ لڳيون. ٻارڙو ڏڃي ماءُ جي وڏيڪ ويجهو ٿي ويو، ماءُ پنهنجي شفقت پريءَ هٿ ۾ ڪيس پري پاڻ سان چهٽائي پيار ڪيو ۽ گوڏي تي ويهاري چوڻ لڳي:

"او منهنجا ٻچڙا! ڏچ نہ، قدرت پنهنجي عظمت ۽ طاقت جو مظاهرو ڪري اسان کي نصيحت ڪري رهي آهي تہ سڄي ڪائنات سندس هٿ هيٺ آهي، نہ ڏچ منهنجا ٻچڙا! زمين تي ڪريل برف، ڪڪرن سان ڍڪيل آسمان ۽ فضا کي تهس نهس ڪرڻ واريءَ هن آندّيءَ ۽ طوفان جي تيز لوڏن جي پويان هڪ بزرگ روح آهي جيڪو ميدانن ۽ جبلن جي ضرورتن کي چگيءَ پر ڇاڻي ٿو ۽ هتي رهندڙ انسانن تي رحمت ۽ محبت جو هٿ رکي ٿو.

انڪري تون خوف نہ ڪاءِ، منهنجي دل جا ٽڪڑا! فطرت، جبلن ۾ مُرڪندي، گرمين ۾ ٺهڪ ڏيندي، سرءُ ۾ آهون پريندي روئڻ چاهي ٿي تہ جيئن زمين جي انتهائي هيٺانهين طبقي ۾ پيل زندگي هن جي ٽڏن لڙڪن سان پنهنجي اُڃ اُجهائي. منهنجا پٽ! تون سمهي رهہ، جڏهن تون جاڳندين تڏهن آسمان کي صاف ۽ ميدانن تي برف جي سفيد چادر اوڍيل ڏسندين، سمهي رهہ، منهنجا پٽڑا! تنهنجو پيءُ هن وقت پاڻ کي ابديت جي رستن کان ڏسي رهيو آهي. مبارڪ آهي اها آنڊي ۽ اها برفباري جيڪا اسان کي غيرفاني روحن جي يادگيرين سان ملائي ٿي. انهن ئي قوتن جي شدت گذرڻ کان پوءِ جڏهن بهار ايندو تڏهن تون خوبصورت ترين گل هتان ئي ٽوڙيندين جيئن انسان بي انتها ڏکن، وڇوڙن ۽ حوصلو ٽوڙيندڙ صبر کان پوءِ محبت جو ميوو ماڻيندو آهي.

منهنجي اکين جا نور! سمهي رهہ. تون سمهي رهہ، تہ جيئن سهٽا سهٽا خواب رات جي هيبت ۽ سرديءَ جي شدت کي ٽوڙي بي خوف ٿي تو وٽ اچن."

ننڍڙي پنهنجي ماءُ ڏي ڏٺو، سندس اکيون ننڍاکريون ٿي رهيون هيون. ماءُ جي منڌ تسليءَ جي بولن، دعائن ۽ دلاسن، سندس خوف ۾ ڪمي آندي هئي، وري به ڏانهس نهاري چيائين: "منهنجي مٺڙي ماءُ! ننڍ منهنجي اکين کي واري رهي آهي پر آءٌ ڊجان ٿو تہ ڪٿي صبح جي نماز پڙهڻ کان سواءِ سمهي نہ رهان."

مهربان ماءُ ڪيس ڳرانڊي پائي چاتيءَ سان لاتو ۽ اکين اکين سان چوڻ لڳي: "منهنجا پٽڑا! تون مون سان گڏ دُعا ڪر، يا رب! فقيرن تي رحم ڪر! انهن کي سخت سياري جي سختيءَ کان بچاءِ، انهن جي اُگهاڑن جسمن کي پنهنجي هٿن سان ڍڪي ڇڏ، جهوپڑين ۾ سُتل يتيمن کي هن بي انتها برف کان بچاءِ جا سندن جسمن کي چيري رهي آهي.

يا رب! بيواهن جي فرياد ٻڌ، جي موت جي هولناڪيءَ ۾ سيءَ ۾ ورتل آهن.

يا رب! پنهنجي هٿ کي سرمائيدار ڏي وڏاءِ ۽ هن کي ڏسڻ واريون اکيون ڏي تہ جيئن هُو ڪمزورن ۽ مظلومن جي تباهہ حالي ڏسي سگهن، يا رب! انهن بکايلن تي مهرباني فرماءِ، جيڪي هن اونداهيءَ رات ۾ درن تي بينا آهن ۽ پرديسين کي وات ڏسي رهيا آهن.


يا رب! ننڍڙين ننڍڙين جهرڪين جي طرف ڏسي، پنهنجي ساڃي هٿ سان انهن وٽن جي حفاظت ڪر جي ٽڏين طوفاني هوائن جي لوڏن ۾ آهن.

يا رب اهو ڪر جنهن لاءِ آءٌ فرياديِ آهيان ۽ مون کي خبر آهي تہ توکي ئي سڀ قدرت آهي ۽ تون ئي قادر آهين."

جڏهن ننڍ ننڍڙي کي مڪمل گهيري ويئي، تڏهن ماءُ ڏکندڙ چپن سان سندس نراڙ تي چمي ڏني ۽ ان کان پوءِ سگريءَ سامهون ٻيهر ٻچڑي لاءِ اوني چادر اُٿڻ لڳي.

❊

نور حسين ڪلهوڙو



زرينہ

جُون جي ڪاڙهي جڙ تانڊا ٽي اُڇليا. ڳوٺ جون ڪچيون اگهاڙيون پٽيون. تپي ٽامون ٽي ويون هُيون. گرميون سهندي ساٽيون ٽي هنڊان هنڊان ڏري پيون هيون. پيدا ٽيل سنهين وٽين بي پردگي ڪري ڇڏي هئي. مرد مايون سارين جي رونبي تي ويل هئا. ۽ ٻار مال سان ويل هئا. پوڙهو ونجڻون هٽندي، نند پر الوٽ ٽي ڪونگهرا هٽڻ لڳو. سندس جواڻ جماڻ پوٽي زرينہ گهر جو ڪم ڪار لاهڻ سبب، ٽڪجي پگهر پر شل ٽي وئي. گهر پر بي ڪا بہ پهر نہ هئي. وهنجڻ ۽ ڪپڑا مٽائڻ لاءِ پاڻيءَ جو مٽ ڪٽي وهنجڻ جاءِ پُهتي. سندس جرڪندڙ جسم گهٽن ڪي موهت ڪري وڌو هو. سندس ويڑهي جي جوان مائٽن هن ڪي ماڻڻ لاءِ شرطون لڳايون. مرچو انهن پر سر فهرست هو. مرچو بن شادي شده پائرن جو دادلو ننڍو پاءُ هو. ٽي.بي هن جو ماس روڙي چڏيو هو. هُلا هٽي هلندو هو ۽ سهڪي ڳالهائيندو هو. رومال ويڑهي مٿي سان چڪي ٻڌندو هو. سدائين گوڏ قميص پر رهندو هو. هن ڪانج ڪڍهن بہ نہ پاتي هئي. پيرن پر ڪرڪٽا هُوندا هئس. قد جو ڊگهو ۽ رنگ جو ڪارو هئو. منهن تان ماس روڙيل ڦڪا ڏند سندس شبيهہ ڪي ويتر بدتر ڪندا هئا. هن جو خاندان پئسي ڏوڪڙ، رزق مال پر پاڻ پرو هو، پر حد درجي جا ڪنجوس ۽ روپئي تي ساهہ ڏيندا هئا.

تڏهن تہ ٽي. بي سندس جسم پر گهر ٺاهي وينِي هُئي. ڪمزور ڏيل هيٽو، پر ڪاني جي سيپٽي سان روز ڏاڙهي پٽ ڪندو هو. مچون ڊنگر وانگر هئس. اکيون چنجهيون ۽ لڪل هئس، پر گهٽي سرمي پائڻ سان ماڻڪيون چمڪنديون هئس. بيحساب بخيل ۽ ڦڏئي هو. ڪنهن جي پرواهہ نہ ڪندو هو. بيرُخي ۽ شوخ طبعيت جو مالڪ هو جرص ۽ ڏاڙ پر پنهنجو مٽ پاڻ هو.

هن زرينہ کي ماڻڻ جو پڪو پهہ ڪيو.

زرينہ هن کان شديد نفرت ڪندي هئي. زرينہ کي مجائڻ، ۽ هيٺ ڪرڻ لاءِ هن ڪيئي ٽڪسات جوڙيا هئا.

پائرن سان ساندهہ گهپي، پٽڪو ۽ مانڊاڻ هئس تہ منهنجي شادي زرينہ سان ڪرايو. سڀ ملڪيت جهليو، نہ تہ مان خودڪشي ڪندس. پائر مجبور ٿيا. ڪيئي هيلا هلايا، پر هر دفعي کين ڪتو جواب ٽي مليو. زرينہ اهڙي رشتي جو ٻڌي، وٽي ڪٽي پيءُ مان پار ڪيندي هُئي، جيڪو نانگ ڏنگڻ سبب فوت ٽي چُڪو هو.

وهنجڻ جاءِ ڪي چت ڪانہ هُئي. ڪاڪ جي پراٽي دروازي جي ڪُنبي هٽي، ڪپڑا لاهي زرينہ وهنجڻ لڳي، مرچوءَ جي نظر پٽ تي رکيل ڪپڑن تي پئي. اک وٽي گهر پر داخل ٿيو. رومال جو پلاند منهن ۽ ڏندن پر ڏئي وهنجڻ جاءِ جي پٽين جي وٽين مان تڪڻ لڳو. سونهن تجلا ڏئي پٽين جي سنهين ڏارين مان ٽي نڪتي. مرچوءَ جي دل ڦٽڪڻ لڳي. خشڪي وٽي وئي هئس. مرچو پٽين جي سنهين وٽين مان سُر ٻاڻ ڪري ڪيس سڏڻ لڳو. زرينہ ڪي جيئن ٽي ڪُڙڪ پئي سَڌ ڏئي ڪپڑا پائي دروازو کولي ٻاهر نڪتي.

مرچو آٽان پڇي ويو. زرينہ ويچارڻ لڳي تہ ڪير منهنجي پويان پيل آهي. گهر پر چپ چپات هئي. هيڏانهن هوڏانهن ٻوڑي ۽ ڏسڻ لڳي، پر ڪيس ڪُجهہ بہ نظر نہ آيو. پريشانيءَ ۽ ڪاوڙ پر جهجڻ لڳي تہ ڪنهن منهنجو بدن تہ نہ ڏسي ورتو. رونبي تان واپس ايندي ماءُ ڪي ڪنڊ پاسي وٽي سڄي ڳالهہ ٻڌائي. ماٽس هڪي ٻڪي ٽي وئي. هاڻ سندس ماءُ هن کي گهر پر اڪيلو ڇڏڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ پٽن کي چيائين. ٻنين جا ڪم ڪار وڃي پاڻ سنڀاليو. منهنجي طبعيت خراب آهي. مان گهر کان نڪري نہ

ٽي سگهان. ماءُ ڏيءَ کي اچي اُٺ تڻ ورايو تہ آخر اها حرڪت ڪنهن ڪئي.....!!؟

اجا مهينو مس گذريو تہ مرچوءَ جا پائر ۽ مائٽ پارين پچين، ڏنب ماٺهن جا ميڙ وٺي زرينہ جي گهر ۾ داخل ٿيا. آزيون، نيازيون، قرآن مصحف، ميڙ منڊون.... تہ زرينہ جو سگ مرچوءَ لاءِ ڏيو. جيئن چئو تيئن ڪريون.

زرينہ ماءُ کي پاڪر وجهي اوچنگاريون ڏئي روئڻ لڳي. ماءُ جو هانءُ جهجي جهري پيو. گهر جي ڪنن مرچوءَ جي مائٽن تي پونڪڻ شروع ڪيو. مايون پار هنجهه ۾ هٿي، ڪنن تي ٽيون. ڪتا ڪين ڪائڻ تي آيا. زرينہ جي ماءُ پٽن کي رئو لاهي پيرن تي وڌو، چار چڱا مائي، تي جهلون ڪرڻ لڳا چي: ڏيءُ کي ويهاري ڪارائينڊئين چا...؟ نياڻي جو بار لاهي جان ڇڏاءِ، پر زرينہ جي ماءِ ڪين چيو تہ اهو رشتو اسان کي قبول نہ آهي.

مرچوءَ جي پائرن 14 جريب ٻني ۽ بدلي ۾ سگ ڏيڻ جو چيو. زرينہ جي پائرن لالچ ۽ حرص ۾ هار مڃي. ڏنبو ڪٽي ماءُ پيڙ تي بيهي رهيا. ڪچنڊ تہ ٻئي مرندؤ. بيوسيءَ جي عالم ۾ ماءُ ۽ ڏيءُ روئنديون رهيون.

پائرن ها ڪئي.... ڏاج ڏيوڻ گڏ ٿيا. سُٽت ئي شادين جي تاريخ طئ ٿي. ڪنوار کي ونواهه ۾ ويهاريو ويو. هيڏانهن سهرا شرو ٿيندا هئا. هوڏانهن زرينہ جا پار شروع ٿيندا هئا. مال، رزق رنيون ڪندا هئا. آخر شاديءَ جي ڏينهن ڏهل کي واڇٽ لڳا، ڦنڊريون ڪنيون، وڏا پت ٻاٽ ٿيا. اچي خلق لٿي، پر ڪنهن ۽ ماءُ ڏيءُ جي دانهن جو ازالو نہ ڪيو. شاديءَ رات جلال چانڊئي جا ڪلام لائوڊ اسپيڪر تي گونجي اُٿيا. گهور مبارڪون ۽ بندوقن جا ٺڪاءَ شروع ٿيا. زرينہ جا پار لائوڊ جي پڙاڏن ۾ گم ٿي ويا. شاديون ۽ نيڪيٽي ٿي. زرينہ مرچوءَ کي ويجهي نہ ٿي ڇڏيو. مرچوءَ جي پائرن زرينہ کي لٽين جي ڦيڙ ڪڍي.

چوڪري جو دماغ خراب آهي...!! 14 جريب ٻني ڏنيسين- سگ ڏنوسين، تہ ۽ چوڪري نہ ٿي ٻيهي.....!!!

زرينہ جي پائرن مارڪٽ جي دار زسي نہ ڪئي. ايجا ۽ ڪيس چيائون تہ گهر اهو اٽئي، مڙس اهو اٽئي.

زرينہ جون آسون، نراسيون، آدرش، خواب ۽ خيال سڀ ڏوڙ ٿي ويا. زرينہ وٽ مرچوءَ جي قبولڻ ڪانسواءِ ۽ ڪا ۽ واٽ نہ بچي. ڦوهه جواني جهجڻ ۽ جُهرڻ لڳي.

مرچوءَ جو گهر زرينہ لاءِ قيد خانو ثابت ٿيو.

اجا ڇهه مهينا نہ گذريا ها تہ مرچو ٿي ٻي ۽ جي مرض ۾ دم ڏٽي حوالي ڪيو. چالبه ڏينهن عدت ۾ گذريا. هر ڏينهن هڪ صديءَ وانگر گذريو.

عدت پوري ٿيڻ ڪانپوءِ مرچوءَ جي وڏي پاءُ خدن لٽ ڪئي اچي: 14 جريب ٻني ۽ سگ ڏنو اٽر پاءُ ۽ ويو، هاڻ انهيءَ چوري زريءَ سان مان پاڻ شادي ڪندس. زرينہ جي پائرن ۾ ستل غيرت جاڳي پئي. خدن جي ڏاڍ مڙسيءَ کي للڪار ڪيائون.

سڄو ويڑهو دشمنيءَ جي دنگ تي پهتو، جهيڙا ٿيا. ڪهاڑين، ڏنڊن، لٽين ۽ سروٽن جا وسڪارا ٿيا. مايون مرد رت ۾ گاڙها ٿيا. سڄو ويڑهو جنگ جو ميدان ٻڌجي ويو. ڪيس فرياد، ڪورٽ ڪچهريون، ۽ جيلن ڪانپوءِ برادرين جا ڪٽ وڇ ۾ پيا.

جرڳائي وڏيري جوگي ۾ فيصلو ڏنو....

14 جريب ٻني خدن کي واپس ملندي، زرينہ خدن کي نہ ملندي، تہ ڪنهن کي ب نہ ملندي.

ڏرين فيصلو قبول ڪيو.

زخميل زرينہ واپس پنهنجي پيڪين پهتي. پائرن جي گهرن جا ڪر ڪار سِر تي ڪنيائين پاڃاڻين ڪيس جڙ نوڪر جي حيثيت ڏني.

زرينہ، پنهنجي جواني، پنهنجو جوبن. پنهنجو حُسن پنهنجي زندگي. پائرن ۽ برادرين جي فيصلن لاءِ وقف ڪئي. زرينہ پنجاهه سال کي پهتي آهي. سندس اکيون سدائين آليون هُونديون آهن.

ڳوٺ ۾ ڪٽي ب ڪنهن جو قضيو ٽٽي. زرينہ ۽ سندس پوڙهي ماءُ اوسارا ڪري پار ڪيندیون آهن. جڙ قضيو ئي هنن جو ٿيو آهي.....!!!

ارشادِ سومرو



ڪونج

ڪونج ۽ عليءَ جو رابطو فيس بڪ تي جُڙيو هو. هوءَ جڏهن به اُداس ٿيندي هئي تہ فيس بڪ تي آن لائين ٿيندي هئي. دل وندرائڻ خاطر ديرِ تائين ويٺي فيس بُڪ تي اَپ لوڊ ٿيل پوسٽن کي ڏسندي هئي ۽ انهن تي ٿيل ڪمينٽس پڙهندي هئي، پر پاڻ ڪڏهن به ڪنهن پوسٽ تي ڪمينٽس نہ ڪندي هئي.

اڄ جيئن ئي هوءَ آن لائين ٿي، تہ عليءَ جي پوسٽ ڏسي، بي اختيار لکيو: "سبحان الله" چو جو پوسٽ ئي اهڙي هئي. قدرت جو شاهڪار نظارو کوبہ ڏسي خدا جي واکاڻ ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿي سگهي. هُن جيئن ئي ڪمينٽس لکيو تہ لائيڪ جو نوٽيفڪيشن ۽ ميسينجر ۾ ميسيج اچي ٽڪرو ڪيو.

سائڻ قرب، لک لائق.

ٻئي ڏينهن ڪمن ڪارين کان واندي ٿي جيئن ئي آن لائين ٿي، تہ اِن باڪس ۾ عليءَ جو ميسيج ڏٺائين، سائڻ! حق موجود.

سدا موجود.

ڪونج به جوابي ميسيج لکي سينڊ ڪيو.

عليءَ ۽ ڪونج جو "حق موجود سدا موجود" جي ميسيجن کي هڪ مهينو گذري ويو، پر اڳتي ڪابہ ڳالهہ نہ وڌي.

اڄ وري عليءَ جي ميسيج آيو.

"سائڻ! حق موجود، جيڪر اوهان کي خراب نہ لڳي، تہ اوهان کي ڪونج چئي مخاطب ٿي سگهان ٿو؟"

عليءَ جو حق موجود کان وڌيڪ پهريون ميسيج هو، جنهن ۾ هن ڪونج چئي مخاطب ٿيڻ جي اجازت گهري هئي.

جي، بلڪل چئي سگهو ٿا.

"ڪونج" مختصر جواب لکيو.

"ڪونج! لک قرب اوهان جا."

"ڪونج! مان اوهان سان من اندر جون ڳالهيون وندڻ ٿو چاهيان، جيڪر اوهان مناسب سمجهو تہ عرض ڪريان؟"

"من اندر جون ڳالهيون؟ مون سان وندڻ ٿا چاهيو! پلا ڪيئن؟"

"اهو انڪري جو اوهان تي اکيون ٻوٽي اعتبار ڪرڻ تي دل ٿي چوي. مون کي پڪ آهي تہ اوهان جي دل رازن جي امين دل هوندي. بلڪ رازن جو ڪوهہ هوندي."

عليءَ جي اهڙي اعتماد تي ڪونج حيران ٿي وئي.

"مون لاءِ جيڪر اوهان اهڙي راءِ رکو ٿا تہ اوهان جي مهرباني."

"ڪونج! منهنجي دل ۾ اوهان لاءِ جيڪا عزت آهي، ان جو تہ اوهان سوچي به نٿيون سگهو."

"وڏي مهرباني."

ڪونج مختصر جواب لکيو.

"ڪونج! هاڻي موڪلائي ڏيوٽيءَ جو ٽائيم ٿيو آهي، زندگي رهي تہ وري ملنداسين، ڪچهريون قائم، الله واهي."

۽ علي آف لائين ٿي ويو.

"صبح جي باک ڦُٽيءَ ۽ سج جي سوجهري جهڙي ڪونج کي صبح جو سلام."

"گلگٽ ڏيوٽيءَ تي واپس اچي ويو آهيان، موسم به ٺڏي ۽ سُٺي آهي، روزا به ڏيوٽيءَ دوران آرام سان رکجي ٿا وڃن."

"وعليڪم سلام."

"ڪونج! اڄ خوش پيون لڳو."

"لفظ ڳالهائيندا آهن" اوهان سان ٻڌن مهينن جي ساڻ، اوهان کي پرکڻ جو موقعو مليو آهي.

"اڇا! ڪيئن خبر پئي؟" ڪونج وري به مختصر

جواب لکيو.

"اوهان سان دل جون ڳالهيون وندڻيون هيون کي راز اورٿا اٿر".

"جي حڪر ڪريو."

"ڪونج! هت قبائلي علاقن ۾ عورت سان وڏو ظلم آهي، سنڌ جي عورت کان نه وڌيڪ. مان ته حيران ٿي ويو آهيان، صبح جو مرد گهر کان هليا ويندا آهن، گهر جو سڄو ڪم ڪار عورتون ڪن، ته وري ٻاهران پاڻي به عورتون پري اڇن، مون هڪ عورت کي ماڻ ڪيو آهي، جڏهن مرد هليا ويندا آهن ته پوءِ وڃي امڙ کي پاڻي پري ڏئي ايندو آهيان، ته لک لک دعائون ڏيندي آهي، واپس اڇ تي قرب مان لسي ۽ مکڻ به ڏيندي آهي."

"واهه! واهه! پوءِ ته اوهان جا مزا هوندا؟"

"هن کي هڪ جوان ڌُنهن به آهي، پر اولاد ڪونه اٿس!"

هڪ ڏينهن امڙ ڊاڪٽرياڻيءَ وٽ وڃي ويس، ڊاڪٽرياڻيءَ کي چيو، ته منهنجي ڌُنهن کي اولاد نٿو ٿئي، شاديءَ کي ٻه سال ٿي ويا آهن."

ڊاڪٽرياڻيءَ چيڪ اپ ڪري ٻڌايس ته: "امان! اوهان جي ڌُنهن جي ته شاديءَ ئي ڪونه ٿيل آهي، ٻار ڪٿان ٿيندو؟"

امڙ نراس ٿي واپس آئي، هتي عجب کهاڙي آهي. مرد نڪاح ڪري زالون گهر آڻين، باقي کوبه فرض پورو ڪونه ڪن، ڇڏ ته رڍون، ٻکريون آنديون هجن، وڏو ظلم آهي عورت سان. معمولي ڳالهه تي سرِعام ڪوڙا هڻن. اسلام جي نالي ۾ جهالت جي زماني کي ٻه مات ڏئي ڇڏي اٿن.

"بس! چا ٿو ڪري سگهجي؟" ڪونج ڏک مان چيو.

"ها! چا ٿو ڪري سگهجي! مان هڪ عورت جي تذليل ڏسي، بيوسيءَ مان روئي ويهندو آهيان."

"پوءِ اوهان کيئن ٿا بي ڊپا ٿي هنن جي گهر وڃو، هتان اوهان سان به ڪو ويل نه وهائين."

"بس ڪونج! الله نگهبان آهي، منهنجي نيت صاف آهي، امڙ ته سڄڻ پٽن کان به وڌيڪ دعائون ڏيندي آهي، هڪ ڏينهن نه وڃان ته روئيندي آهي، هن جا آسائتا نيٽ منهنجيون راهون نهاريندا آهن، جڏهن امان کي گهر جو ڪم ڪار ڪري ڏيندو آهيان، ته هن جي نيٽن ۾ زندگيءَ جي شمع ٻري پوندي آهي، پوءِ ٻڌاءِ کيئن نه وڃان؟"

"ها! بلڪل اوهان ٺيڪ ٿا چئو." هن وري به مختصر جواب لکيو.

"ڪونج! هاڻي موڪلاڻي، زندگي رهي ته وري ڪڇهري ڪبي، پنهنجو خيال رکجو، الله واهي."

علي آف لائين ٿي ويو، ته ڪونج سوچن ۾ گم ٿي وئي، هوءَ پاڻ کان سوال ڪرڻ لڳي.

"چا سنڌ کان به وڌيڪ دنيا ۾ عورت سان ظلم ٿي پيو؟"

"چا عورت صرف آدم جي نسل کي تخليق ڪرڻ ۽ وجود جي بقا لاءِ آهي، مرد جي ظلمن کي سهڻ لاءِ زمين تي آئي آهي، چا شاعر جون هي سڙون کوڙيون آهن:

"وجودِ زن سي هي تصوِر ڪائنات ۾ رنگ."

چا عورت صرف شاعر جي تخليق تائين محدود آهي؟ عورت جون ادائون، خمارِيل اکين جي خمار جي واکاڻ ڪارڻ گهنگهور گهٽا، گهنگهور زلفن جي بند ڪمند جي اسيريءَ جي وڏي واکي شڪايت ۽ صدائون، اهي صرف شاعرن جي شاعريءَ ۾ قيد آهن؟

هوءَ عورت جي مظلوميت تي سوچڻ لڳي، هن کي پنهنجي وجود ۾ دنيا جي هر مظلوم عورت نظر اچڻ لڳي. عورت سان ظلم جا به مختلف رنگ ۽ روپ آهن. مختلف انداز ۽ طور طريقا آهن، بس ظلم، ظلم ئي آهي، پوءِ ڪهڙي ئي روپ ۾ هجي.

عورت جي بيوسيءَ تي اکين مان لڙڪ ڪِري پيس.

ڪيترن ڏينهن کان علي جو ميسيج ڪونه آيو هو، ڪونج ڏاڍي اُداس هئي، هن جي دل ۾ طرح طرح جا خيال اچڻ لڳا، ڪٿي هو؟

"نہ، نہ الله نہ کري، هن پنهنجي خدشي کي ٽي، نہ نہ کري رد کري ڇڏيو. علي اوپرو هوندي به هن لاءِ سڀ کجهه هو. هنن جو رابطو فيس بُک تي جڙيو هو. اهو تعلق اهڙو ته جڙيو، جو جيءَ جون جڙيون ٽي پيو، جڏهن ته هنن جي کا ملاقات به ڪونہ ٽي هئي. بس عجيب ربط هو، هوءَ سوچن ۾ ٽي گم هئي ته موبائل جي اسڪرين تي علي‌ءَ جو ميسيج ظاهر ٿيو.

"ڪونج! حق موجود، ايترا ڏينهن غائب رهڻ تي معذرت."

"سدا موجود علي! خير ته هو؟"

"ها، ڪونج! خير هو، هت موبائل سروس ڪم ڪونہ ٽي ڪري."

"اڇا؟" ڪونج مختصر جواب لکيو.

"پيو ته برف جي چپ ڪِرڻ سان منهنجو سائي به شهيد ٽي ويو."

"او! ڏک جي خبر، الله جي امان ۾ هجو."

"اسان سرحدن جا سپاهي آهيون، اڄ غازي ته سڀاڻي شهيد."

"ها، بلڪل اوهان ٺيڪ ٿا چئو."

"ڪونج! هتي آپريشن پيو هلي، ڏينهن رات ۾ صرف ٻه ڪلاڪ ٿا آرام لاءِ ملن، اسان ڏاڍا مصروف آهيون، نيٽ ورڪ جو به مسئلو آهي، ميسيج نہ اچي ته پريشان نہ ٿجو."

"ٺيڪ آهي، الله پاڪ جي امان ۾."

ڪونج وري به مختصر جواب لکيو.

سرحدن جا سپاهي، سرحد تان سِر وارڻ ۾ به ويرم ٽي ڪونہ ڪن، جنگ جي ميدان ۾ فتح حاصل ٽئي ته غازي، سر ويو ته شهيد، وطن جي سپاهيءَ جا حوصلا به هماليہ جبل جيڏا آهن، موت کي اکين سان ڏسي به دشمن جي اکين ۾ اکيون ملائي للڪارينڊو، پوئتي موڙڻ هنن لاءِ مهڻو هوندو آهي.

علي به سرحدن جو سپاهي هو، وطن جي حفاظت سندس ايمان جو جزو هو، ته وري ڪونج سان ڪچهريون به زندگيءَ جو حصو هو. اڄ وري علي‌ءَ ڪونج کان هڪ سوال ڪيو.

"ڪونج! هڪ ڳالهه چوان؟ ناراض ته نہ ٿيندين؟ پهرين پڪ ڏيو، ڪاوڙ به نہ ڪجو.

علي‌ءَ جي اوچتي اهڙي سوال تي ڪونج ڪجهه حيران ٿي، پر هن جواب ڏنو.

"جي، حڪم ڪريو؟"

"بس ڇڏيو، اوهان ناراض ٿي ويندين."

"پوءِ جيئن اوهان بهتر سمجهو."

"علي! اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ جو اوهان سمجهو ٿا ته مان ناراض ٿيندس؟"

ڪافي دير تائين جواب ڪونہ آيو.

"ڪونج! معاف ڪجو سرحد تي ڪجهه مصروف هيس." ڳالهه اصل ۾ اها آهي ته توهان مون کي ذهني طور ڊپريشن جو تمام گهڻو شڪار لڳندين آهيو، اهي منهنجي ذاتي ٽنڪنگ آهي، پر مهرباني ڪري ناراض نہ ٿجو."

علي ناراض نہ ٿيڻ جو وري به تاڪيد ڪيو.

"قرب لک ٽورا، پر اهڙي ڳالهه بلڪل به ناهي، اها اوهان جي ذاتي راءِ آهي."

"مون کي ائين لڳو مون اوهان سان ڳالهه شيئر ڪئي، پر اوهان ناراض نہ ٿجو، مون اوهان کي پنهنجو سمجهي پنهنجائپ ۾ ڳالهه ڪئي."

علي وري به ناراض نہ ٿيڻ تي زور ڏنو.

"خير آهي ڪو مسئلو ناهي، اهي ڳالهيون زندگيءَ جو حصو آهن، ناراضگي ڇا جي؟"

"مهرباني ڪونج! توهان کي سلام آهي."

"سلام وري ڇا جو؟"

"سلام ان ڳالهه جو ته اوهان هڪ بهادر سنڌياڻي آهيو."

"ڏک سک، اميري غريبي، زندگيءَ جو حصو آهن، بس صرف انسان جو ڪردار ميرو نہ هجي."

"ڪونج! توهان بهادر ۽ پاڪدامن سنڌياڻي آهيو، هيءَ جبل به گواهي ڏئي رهيا آهن، مان ساڪ سان چوان ٿو، ته توهان هن جهرڻي جي وهندڙ پاڻيءَ جيان پاڪ ۽ پوتر آهيو."

"لک قرب." ڪونج وري به مختصر ميسيج

لکيو.

"ڪونج! سچ پچ اوهان جي ساڻ مون کي هڪ بهادر سپاهي بٹائي ڇڏيو آهي، موت اکين سان ڏسي ب، هڪ قدم پوئتي ڪونہ کيو اٿر."

"ڪونج! توهان جي حوصلي وارو ميسيج مون ۾ فولادي طاقت پري ڇڏيندو آهي، شل! سدائين آباد هجين."

"سنڌ جون سرحدون پار ڪري وطن جي سرحدن تي هجڻ باوجود ب توهان مون سان پل پل گڏ آهيو، هڪ لمحي لاءِ ب توهان جي ياد کان غافل نہ رهيو آهيان."

علي جي اهڙن لفظن ۽ ڊگهن ميسيجن پڙهڻ تي ڪونج جي اکين مان لڙڪ لاروں ڪري وسڻ لڳا. هوءَ سوچڻ لڳي.

"ڇا دنيا ۾ رت جي رشتن کان اعتماد جا رشتا وڌيڪ مضبوط آهن؟" هن پاڻ کان ئي سوال ڪيو.

"ڪونج چو خاموش ٿي ويون؟ ڇا پيون سوچيو؟"

"نہ، بس ائين ئي ڪجهہ ب نہ."

ڪونج وري مختصر ميسيج ڪيو.

"ڪونج! هِتان جون حالتون ٺيڪ ناهن، دعا ڪجو."

هنن جون سنڌ ۽ سنڌ جي حالتن تي ڊگهيون ڪچهريون ٿيندیون هيون، ڪڏهن فيس بُڪ تي ڪڏهن موبائل جي اِن باڪس ۾. علي بي ساخته ٿي چوندو هو.

"ڪونج! سچ پچ اڄ جي مارئي آهين! جو هن دجالي دور ۾ ب وطن ۽ مارن لاءِ ڪڑهين ٿي، نہ تہ ڪير ٿو ڪنهن لاءِ سوچي." علي جي اهڙي تعريف تي ڪونج صرف خاموش ٿي ويندي هئي.

ڪونج کي علي جا لفظ هٿوڑا ٻڌجي دل ۽ دماغ تي وسڻ لڳا. "توهان مون کي ڊپريشن جو گهٹو شڪار لڳندیون آهيو."

ڊپريشن جو لفظ هن جي ڪمري، جي پتين ۽ چت مان ب واکا ڪرڻ لڳو، هن طنزيہ مرڪ مُرڪي.

ڪونج لاءِ ڊپريشن جو لفظ ڏاڍو نندڙو هو، هوءَ تہ چاڪيءَ جي گهاٹي ۾ پيسجندڙ سرنهن هني، جنهن مان نڪتل تيل مان ڏيائيون هاري ديواليون ملهائي ۽ گهرن جي اونداهي تہ مٹائي سگهجي ٿي، پر سرنهن جي اذيت کي ڪير ب محسوس ڪري نٿو سگهي، چو جو هيءَ سماج صرف پنهنجن مفادن جي وڻ ويڑهي ۾ وڪوڙيل آهي، ڪير ٿو ڪنهن جي اذيتن کي محسوس ڪري.

ڪونج ب چاڪيءَ جي گهاٹيءَ ۾ پيڙهجندڙ سرنهن هئي جيڪا رشتن جي گهاٹي ۾ روز پيسبي هئي.

هوءَ جڏهن سمجهہ پري ٿي تہ هن جي گهر جو ماحول غير فطري هو. سندس والد سڳو هوندي ب ويڳو لڳندو هو، پنهنجي اولاد ۽ ونيءَ کان وڌيڪ پاڻ، پاجائي ۽ انهن جي هارن جا لاڏ ڪندو هو، پائتي، پٽ جي نالي ڪيل هئس تہ وري ڪونج پنهنجي موالي پائتي جي نالي ڪئي هئائين، ڪپڑا يا کي ٻيون ضرورت جون شيون ب پهرين پاجائي ڪٹندي هئي، باقي بچيل شيون ڪونج جي ماءُ جي حصي ۾ ايندیون هيون. بس صبر شڪر سان وقت گذاري جيءُ پٹي گهاريندي هئي، جنهن سبب جگر ۽ دم جي بيماريءَ اچي ورايو هئس. آخر هڪ ڏينهن ڪونج ان ناانصافيءَ بابت ماءُ کان پچي ويئي، ماٹس بڌايس تہ:

"تنهنجو پيءُ يتيم هو، پاءُ، پاجائي پالي پڙهائي جوان ڪيس. اُهو قرض ٿو لاهي، قرض لاهڻ ۾ هن پنهنجا فرض ب وساري ڇڏيا هئا. اهڙي گهٹ ۽ ٻوسٹ واري ماحول ۾ ڪونج ب ڪو سڪ جو ساهہ ڪونہ کنيو، نہ ئي وري ڪو قرب پريو سڄ اگڻ تي اپرندي ڏنو، بس اکين پسيا تہ جهيڑي جا جُهڙ، ڪروڌ جا ڪارا ڪکر وسکارا ڪري وسندي ئي پسيا، تہ نفرتن جون وڇون وراکا ڪري وسندي ئي ڏٹيون هيون.

جوانيءَ جي چانٹ تي پير رکيو تہ گهر جون ڏميواريون اچي مٹي تي پيس، هن وهيءَ ۾ ٻار گلاس پاٹيءَ جو ب ۾ پري نہ پيئندا آهن، پر ڪونج سجو گهر سنيالڻ شروع ڪيو. سک تہ هن جي

نصيب ۾ ئي ڪونہ هو، شايد امڙ کا سورن جي سُتي گهوٽي پياري هيس، جيڪا سندس نس نس ۾ اوتجي وئي هئس.

پٽس فوت ٿيو تہ پاٽس کي گهر جي پگ ٻڌايائون. پاٽس تہ پيءُ کان ٻہ هٽ اڳتي نڪري ويو. هُو چاچي، چاچيءَ ۽ سوٽ جي جنبي ۾ جڪڙجي ويو هو، هنن ڪونج ۽ ماءُ جي خلاف ڪنن ۾ اهڙيون تہ وهہ جون وٽيون اوتيون هيون جو ماٽس ۽ پيٽ کي پنهنجو دشمن سمجهڻ لڳو، اهڙين تہ خونخوار نظرن سان ڏسندو هونِ ڇٽ تہ اِجهو ٿو ختر کرين، ڪڏهن ڪڏهن تہ ماءُ پيٽ تي هٽ ٻہ ڪٽندو هو، پوءِ لوڪ جي لڄ کان وري ڇڏائڻ ٻہ چاچي ايندي هُين، "جيڪي ويري آهي ئي واهرو."

پوءِ ٻہ ڪونج ۽ ماٽس پٽ کي لاڏن ڪوڏن سان پرٽائي ٻُنهن گهر ونڊي آئي، تہ ڪجهہ ڏينهن خوشين جا گذريا، تہ وري ساڃيا لاٽون ساڃيا چڪهہ، پاٽس چوي تہ "ڪونج جي شادي ٻہ چاچي جي موالي پٽ سان ٿئي"، پر ڪونج ۽ ماٽس ان شاديءَ کان صفا انڪار ڪيو تہ گهر هنن لاءِ ٽامٽي ٿي ويو. پٽ ڪليل لفظن ۾ چيس تہ "اوهان کي منهنجي ڳالهہ منظور ناهي تہ گهر مان نڪري وڃو، گهر ۽ ملڪيت بابا منهنجي ۽ منهنجي زال جي نالي ڪري ويو آهي، جنهن تي اوهان جو ڪوبہ حق ناهي."

اهڙين ڳالهين تي چاچو وچ ۾ پئي اچي ٽڏو ڪندو هوس.

"ابا! سياٽو ٿي گهر چڏي ڪيڏانهن ويندیون؟"

باهہ پڙڪائڻ ۾ ٻہ اڳيرو، باهہ تي چنبو هٽڻ ۾ اڳيرو. سياٽا چوندا آهن مڙس راڄ، ميچ راڄ، پٽ راڄ، ڳڙ راڄ. ڪونج جي ماءُ سان مڙس ڏکيو ضرور هليو، پر مجال جو ڪڏهن مئس هٽ ڪنيو هجيس، پٽ جي بادشاهي آئي، تہ لٽ ۽ موچڑي ڪٽڻ ۾ ويرم ئي ڪونہ ڪندو هو، نہ منجهند نہ رات، پوڙهي ماءُ ۽ جوان پيٽ تي وسڪارا ڪندو هو. مول متو تہ توهان کان وڌيڪ دنيا ۾ منهنجو ڪوبہ دشمن ناهي، اهڙي رويي تي ڪونج کي ماءُ چوندي هئي.

"ڪونج! منهنجو جگر زخمي ويو اٿئي، هڪ ڏينهن ڦاٽي پوندو."

۽ ٽيو ٻہ ائين، هڪ ڏينهن ڪونج جي ماءُ کي دريائن مُنهين رت جون اُلٽيون آيون ۽ هوءَ ڪونج کي اڪيلو چڏي رڻ جي راهي ٿي وئي. امڙ وئي ڏکن وري اچي ديرو جمايو، سڪ تہ ڪونج جي نصيب ۾ ئي لکيل ڪونہ هو، نصيب وارو ڪاغذ ئي ڪورو رهجي ويو هو، لکڻ واري نصيب ۾ سڪ ئي نہ لکيا تہ پوءِ ڪنهن کي ميار ڏي.

هن کي پاءُ جي گهرہ ۾ ٽن ويلن جي مانيءَ کائڻ کان سواءِ ڪنهن ٻہ شيءِ تي ڪوبہ حق ڪونہ هو، هوءَ پنهنجيون ضرورتون ٻہ ڪپڙا سلائي ڪري پوريون ڪندي هئي. پوءِ ٻہ سندس وجود گهر تي بوجهہ هو. هوءَ هميشہ پاءُ جي واتان ويڻ ئي ٻڌندي هئي، ڪڏهن ڪو قرب جو ٻول ٻولينديءَ نہ ٻڌو، جنهن پاءُ کي ڪچ ڪٽي ڪيڏايو، ڇمڪ جون باسون باسيون، ان ٻہ اکيون ڦيرائي چڏيون، هن جو وجود گهر ۾ بار هو. ڀلا! هن جو کهڙو قصور؟ لکڻ واري هن جو انگ ازل جو ڪنهن سان ڪونہ لکيو هو.

جنهن پاءُ تان ساهہ صدقي ڪندي هئي، اُهوئي نانگ جهڙا ڏنگ هٽي، روح کي زخمي ڪري چڏيندو هو. جڏهن اُداس ٿيندي تہ شاهہ جو رسالو پڙهندي هئي تہ ڏونگر ڏورڻ ۽ گونڊر گهاريڻ جي سگهہ وڃي ويندي هيس، يا وري فيس بُڪ تي آن لائين ٿيندي هئي تہ ٿوري دير لاءِ روح راضي ٿي ويندو هوس.

جڏهن علي، جو ميسيج نہ اينڊو هو تہ ڪونج مُرجهايل ڪلي، جيان مُرجهائجي ويندي هئي. علي، جو ميسيج هن لاءِ آڪسيجن جو ڪم ڪندو هو. جيئن اسپتال جي روم ۾ مريض کي ساهہ کڻڻ لاءِ آڪسيجن جو سيلنڈر هن جي بيڊ جي پر ۾ رکندا آهن، تيئن علي جو ميسيج ٻہ هن لاءِ آڪسيجن کان گهٽ نہ هوندو هو.

اڄ هوءَ اِلاهي پريشان هئي، ٻن ڏينهن کان علي، جو ميسيج نہ آيو هو، موبائل تي ميسيج جي

ٽيوڻ وگو ته هن جي دل جي ڏاڪن تيز ٿي وئي، علي، جو ميسيج هو، هن جهڙپ ڏني فون هٿ ۾ کنئي.

"ڪونج! هٽ ٻڌي معافي، ٻن ڏينهن کان سرحد تي هٽاسين، ٻن فسادين کي جهنر رسيد ڪيوسين ته ڏاڍا خوش ٿياسين، اسان جون خوشيون ان وقت غم ۾ بدلجي ويون، جڏهن اسان جي ٽن دوستن مٽان ٻرون حملو ٿيو، منهنجا ٻ جاني دوست سنڌ واسي ٻرون حملي ۾ شهيد ٿي ويا، جن جا جسر خاڪي سپاٽي حيلي ڪاپٽر تي اباڻن شهرن ڏانهن سنڌ ايندا.

علي، جو ڏڳهي ميسيج پڙهي ڏاڍو ڏک ٿيس. هن کي ميسيج اڃڻ جي خوشي ئي ختم ٿي وئي، هن تي سڪتو طاري ٿي ويو.

"اوهان کاوڙجي ويو چا؟"

علي، جو ٻيو ميسيج اچي پهتو.

"نه، ڇو کاوڙبس؟"

هن مختصر جواب لکيو.

"اوهان مون سان ناراض نه ٿيندا ڪيو. ملڪ جي سرحد ۽ پٽرولي علاقن ۾ اوهان جا ميسيج ٿي ته مون ۾ نئين زندگي، جو روح ڦوڪي ڇڏيندا آهن، نئون جذبو، نئون ولولو، دشمن سان وڙهڻ جي نئين سگهه پيدا ڪندا آهن."

"منهنجيون دعائون اوهان سان گڏ آهن، جتي ٻ هجو، رب پاڪ جي امان ۾ هجو."

ڪونج، علي، کي ميسيج جو جواب ڏني رات جي ماني ڪڍ هلي وئي.

هوءَ ڏاڍي ٽڪجي پئي هئي، معاشري جي اصولن کان، رشتن جي روين کان، نصيب جي ستر ظريفين کان، والد جي ناانصافين کان، هن سڄي زندگي صحرا جي تتل واري، تي پيرين اگهاڙي پنڌ ڪيو هو. هن جي پيرن ۾ تتل واري، ڦلوڪٽا ڪڍي ڇڏيا هٿا، ته اندر سڄو روين پروڻ ڪري ڇڏيو هو، هن جي زندگي ٽر ۾ ڦندڙ ٽوهر جهڙي هئي، نه ته ڪا ٽڏي ڇانوَ، نه ڪو ميويدار درخت، صرف ڪنبن ۽ زهر سان ڀريل پوٽو، هٽ لاءِ ته هٽ ئي چلجي، وڃن، ٽوهر جهڙي حياتي اندر سڄو پروڻ ڪري ڇڏيو هو. هن جي سهپ جي حد ختم ٿي چڪي هئي، پٽر تي پاڻي جا قطرا ڪرندا آهن ته ان ۾ ٻ سوراخ ٿي پوندو آهي، پر هت ته ڪونج جي دل پروڻ ٿي پئي هئي. ائين جڏ ته انٽي چاٽڻ جو ڪو پروڻ هجي.

هن دل تي پٽر رکي هڪ فيصلو ڪيو هو، سالن جي سوچڻ کان پوءِ، هن کي خبر هئي ته اهڙي قدم کڻڻ سان نتيجو چا نڪرندو! هن دل جهلي علي، کي دل جي ڳالهه ٻڌائي. علي، ڪونج جي ڳالهه ٻڌي ٽٻي، ۾ اچي ويو جڏ ته مٽان ڪا برف جي چپ ڪري پئي هجيس، ڪافي سوچڻ کان پوءِ ڪونج کي دلاسو ڏنو.

"ڪونج! بس چار مهينا انتظار ڪر، پوءِ سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو."

"علي! چار مهينا؟"

"ڪونج! بس اوهان پريشان نه ٿيندا ڪريو، اوهان جي پريشاني مون کان برداشت ڪونه ٿي ٿئي، چگو هاڻي ڏيوتي، جو وقت ٿيو آهي، موڪلاڻي، پنهنجو خيال رکجو، زندگي رهي ته وري ڳالهائبو، ڪچهريون قائم."

علي، ميسيج ۾ ڪونج کي دلاسو ڏني هليو ويو، پر ڪونج لاءِ اهي چار مهينا چئن صدين برابر هٿا. عمر قيد جو قيدي جڏهن عمر قيد ڪاٽي آخري چار مهينا اگرين تي گڏيندو آهي، اهي چار مهينا عمر قيدي، کي عمر قيد کان وڌيڪ وزني لڳندا آهن، ڪونج ٻ اهي چار مهينا هٿن تي گڏي گذاريا، علي، جو ميسيج آيو.

"ڪونج! حق موجود."

"سدا موجود."

"ڪونج! مون سڀ ڪم ٺيڪ ڪري ڇڏيا آهن، توهان صرف همت ڪري اچي وڃجو."

ڪونج کي جنهن ڏينهن جو انتظار هو، اُهو ڏينهن اچي ويو، ڪونج جي ڏڳهي خاموشي، تي علي، وري ميسيج ڪيو.

"ڪونج! گهبرائجي ويون چا؟"

"جي! نه، نه."

ڪونج گهبراهٽ مان مختصر جواب لکيو.

"چگو پلا اوهان آرام ڪريو، مان ب آرام ٿو ڪريان. زندگي رهي ته صبح جو ملنداسين، ڪچهريون قائر، الله نگهبان."

ڪونج ب جوابي ميسيج ڪري ليٽي پئي، پر نند هن جي نيٽن کان ڪوهين ڏور هئي، عجيب بيچيني ۽ جو عالم هو، خوشيءَ ۽ ڪَرب هڪ هنڌ ميلاپ ڪري ته پوءِ گوشت جي ٽڪري دل جي چا حالت هوندي. هوءَ حسرت پريل نظرن سان گهر جي پتين ۽ درن کي ڏسڻ لڳي، جنهن مان سوالن جي يلغار ورائي ويس.

"تون! اُن گهر کي چڏي ويندينءَ، جنهن کي سنوارڻ لاءِ تو، رت ولوڙيو، جوانيءَ جو جوپن نچاور ڪيو، ان گهر لاءِ اوپري ٿي ويندينءَ؟"

هوءَ بيجان پتين ۽ درن کي ڪهڙو جواب ڏي، ته اُبي، امڙ جو گهر نياڻين جو گهر ناهي هوندو، انهن گهرن جا وارث پٽ هوندا آهن، نياڻين کي اُبي، امڙ جو گهر آخر چڏڻو آهي، چو جو نياڻيون نماڻيون، پرائو ڌڻ آهن، پوءِ روئي يا ڪِلي، پرائو ٽيٽو آهي، هن هٿ پنهنجي اکين تي رکي چڏيا.

ڪونج عادت مطابق صبح جو سوير اُٿي، نماز پڑهي، قرآن شريف جو دور ڪري رب جي در پنهنجي حق ۾ دعا گهري، هن گهر مان ڪابه شيءِ ڪانه ڪنئي، صرف مٿي تي هڪ وڏي چادر پائي زندگيءَ جي نئين سفر تي رواني ٿي وئي.

ڪونج جيئن رکشا مان لٿي ته، علي هن جي ئي انتظار ۾ بينو هو، هن کيسي مان ب سؤ روپيا ڪڍي رکشا واري کي ڏنا. بنا پڇڻ جي رکشا وارو حيرانيءَ مان عليءَ کي ڏسڻ لڳو. علي هن جي نگاهن جو سوال سمجهي ويو.

"باقي اوهان جو انعام آهي، توهان وڃو."

علي ۽ ڪونج هڪ ٻئي کي پهريون پيرو روبرو ڏسي رهيا هئا. ڪونج چپ چاپ حسرت پريل نگاهن سان ڏسڻ لڳي، علي اُڃتي وڏيو ته ڪونج جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي وئي.

علي جهڪي زمين تي ڪونج جي قدمن جي نشانن تان مٽي کڻي، اکين سان لڳائي، کلهن تان اجرڪ لاهي ڪونج کي پارايو، مٽي تي هٿ رکي چوڻ لڳو، "سنڌوءَ جي چولين ۽ سنڌوماٽيءَ جي مٽيءَ جهڙي پاڪ ۽ عظيم ٻيڻ اوهان مون لاءِ ڌرتي ماتا جهڙيون مانائتيون آهيو. مون اوهان جهڙي عظيم سنڌ جي نياڻي زندگيءَ ۾ ناهي ڏٺي، توهان منهنجي سڳين پينرن کان ب وڌيڪ پياريون احترام جوڳيون آهيو. مون اوهان جي بندگي ڪئي آهي، توهان اگر اجازت ڏيو ته توهان کي سجدو ڪري، توهان جا پير چمان، پر هيءُ اُڏوهي ڪاڏل سماج هن پاڪ رشتي مان ب ڪروڙ جي بدبو ماحول ۾ پکيڙي چڏيندا، پر مون کي اڄ دنيا جي ڪابه پرواهه ناهي، دنيا جي ڪابه طاقت مون کي اوهان کي سجدي ڪرڻ کان روڪي نٿي سگهي.

علي فوجين واري سلامي ڏئي ڪونج جي قدمن جي نشانن کي سجدو ڪيو. عليءَ جي اهڙن لفظن ۽ سلاميءَ واري عمل تي، ڪونج جي اکين جا بند پڇي پيا، هن جي اکين مان ڪِريل لڙڪ عليءَ جي پارايل اجرڪ ۾ جذب ٿي ويا، هن ۾ همت نه هئي ته اهڙي انسان ڏي ڪنڌ کڻي ڏسي سگهي.

علي اُڃتي وڏي هن جي مٽي تي هٿ رکيو.

ڪونج جا چپ ڪجهه چوڻ لاءِ ڇُرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، پر چپ ڇُرڻ کان قاصر ٿي پيا، هن وٽ جڻ ته ڳالهائڻ جا لفظ کُٽي ويا، ۽ هوءَ خاموش بُت بڏجي بيٺي رهي. هوءَ ڪجهه چوي، ان کان اڳ ايڊي سينٽر جي در تي بيٺل چوڪيدار دروازو کولي ڪونج کي اندر اچڻ جو اشارو ڪيو، ته ڪونج دروازي کي ۽ پوءِ عليءَ کي ڏسڻ لڳي!

جمن احمداڻي

خـــوف

رستا هلي رهيا هئا، رستن کي هلڻ جو به کو سبب هو!

اهڙي ٿي رستي تي هُو به ٻوڙي رهيو هو. تنگون کُلهي تي هيون ۽ پير اڳهاڙا هئا. پيرن کي جوتن جي ضرورت هئي، پر جوتا مٽي تي سوار هئا. جوتن جو وزن ايترو ته گهٽو هو، جو سندس خيال به ميڃالي مان نڪري مٽي تي سوار ٿي پيا هئا.

رستي پرسان بينل انڌا وڻ، هن جي ٻوڙ کي ڏسي رهيا هئا. وٽن جو خيال هو ته ڪنهن به صورت ۾ هن جي مٽي تان اُهي جوتا لهڻ کپن ته جيئن سندن خوف ختر ٿئي!

انڌن وٽن جي پناهه ۾، نسلي ڪُتا هڪٻئي مٽان ٻاهوڙجي اُڇلايل هڏيءَ تان پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا، پر هُو اُن سڃي وارتا کان بي خبر، هلندڙ رستي تي ٻوڙي رهيو هو.

رستو، جهنگل کان شهر تائين ڏگهو، پُراسرار ۽ پُرخطر هو. جهنگل ۾ رُکجڻ هن لاءِ ممڪن ئي نه هو. چاڪاڻ ته اُن ۾ رهڳو پولڻ جون وستيون آباد هيون، ۽ تفريح لاءِ پاڳل خانا ٺاهيا ويا هئا.

هلندڙ رستي تان ٻوڙندي هُو شهر ۾ داخل ٿيو ته وقت پوڙهو ٿي چڪو هو.

ٻوڙڻ کان پوءِ هُو، هلڻ لڳو.

هلڻ کان پوءِ، رڙهندو رهيو.

رڙهندي، هاڻي هُو تمام گهٽو ٽڪجي پيو هو. ساهه کڻڻ ۾ دِقت محسوس ڪيائين، کُلهي تي رکيل ٽنگون ڪِري پيس. مٽي تي سوار ٽيل جوتن جو وزن برداشت نه ڪري سگهيو. خيالن جي چٽنگ ڏُکي هڪ شعلي ۾ تبديل ٿي وئي. هُن، هڪ دفعو ٻيهر ٻوڙڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، پر اُن کان اڳ، جو هو شهر جي مُک ڇوڪ تي پهچي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي، هڪ زوردار ڏماڪو ٿيو!

ڏماڪي سان گڏ، سندس جسم جا سَوين، هزارين، ڪروڙين ٽُڪرا ورهائجي انساني حواسن ۾ داخل ٿي ويا.

هڏيءَ تان وڙهندڙ نسلي ڪُتا ڪن لاءِ هڪٻئي مٽان پونڪڻ ۽ وڙهڻ بند ڪري خاموش ٿي ويا. انڌا وڻ خوف وچان رستي تي ڪِري پيا ۽ هلندڙ رستو مڪمل بلاڪ ٿي ويو!

ورهايل ٽُڪرن کي پڙهڻ جي ڪوشش ۾ جامڙو دانشور شِزوفيرينيا (Schizophrenia) روگ جي وَرُ چڙهي پاڳل ٻڌجي ويو!

لکيل هو:

منهنجو ڪوبه مذهب ڪونهي.

قوميت ناهي.

وطن ناهي.

منهنجي ڪابه سرحد ناهي.

منهنجو نالو "بُک" آهي!!

عباس سارنگ

جُھڑ نيٽئون نہ لڳي

"ميران! مان جنمن کان پياسو آهيان، کاڌ اهڙي مڌ نہ آهي، جيکا منهنجي آڇ اجهائي سگهي!!!"

پنهنجي چپن کي پنهنجي زبان سان آلو ڪيو ۽ وري چيو.

"سڪ تہ سرير ۾ آهي، پر جنهن لاءِ آهي، بس ان لاءِ سوچي سوچي اداسي نيٽن ۾ لهي ايندي اٿر ۽ اکين جي وشال آڪاش تي الائي ڪٿان آگر پرجي ايندا آهن ۽ اڇي وڏ ڦڙو وسائيندا آهن...۽ امالڪ پاڻ کي سنيالي ونڊندو آهيان...تہ جوگي ٻيلي ائين نہ ڪر...آخر تنهنجو هن سان سهڻ ٻہ ڪوڙو...جهڙو ڪو ديواني جو خواب...هن تہ ڪڏهن ٻہ توکي پنهنجو نہ ڪيو، ان باوجود اها کهوڙي تانگهہ آهي، جيکا توکي وڏ ويڑهي جيان وکوڙيون وينديءَ آهي...!؟"

ايترو چئي پنهنجون اکيون بند جو ڪيو تہ ٻہ ڪوسا لوڪ ڳلن تان ٻاهر ۽ پوءِ ڳاڙها تاندا ٿيندا اڇي چپن جي ڪنارن سان ٽڪرائجي وڃن ٿا. ميران جيکا من ئي من ۾ ملول ٿي لڳي ۽ اهو جو ڏٺائين تہ مون کي ڪٿي پنهنجي ڳلي سان لاتائين تہ پوءِ "اگر ڪيو اڇن، سڄڻ ساڻ مينهن جيئن...!"

"جوگي! اڄ توکي ڇا ٿيو آهي...؟ هيءَ تنهنجي من ۾ مٽل ماندائ ڇا جي ڪري جوگي!؟"

ميران ايترو چوندي مون کي پنهنجي پاڪر جي پيڪڙ مان ٻاهر نہ ڪڍيو، شايد انڪري ٻہ تہ ڪٽي ڪنهن ٻار جيان مان. وڃائجي نہ وڃان. ميران جي پاڪر آسيس تہ ضرور ڏني، پر نيٽن جا نيسارا وهي هليا...ميران جيکا پنهنجي طبعيت ۾ ٻاجهاري آهي، مون کان پڇيو:

"جوگي! مان ڪير ٿيندي آهيان، توکان پڇڻ واري، پر هڪ دوست جي حيثيت ۾ پڇان ٿي تہ اڄ تنهنجي من ۾ کهوڙو آتش فشان ڦاٽو آهي...جيکو توکي سموري جو سمورو ڏڪائي ويو آهي...!؟"

مان جيڪو ميران جي ٻانهن جي آسيس ۾ هٿس دل چيو جوگي! تون روئيندو رهہ ۽ ميران توکي پرچائيندي رهي، پر مان تہ صدين جو سودائي آهيان ۽ سودائن جون سموريون نانگڙيون منهنجي سوداءَ مان لٽي نڪتيون آهن، ائين نہ ٿئي جو ميران جي وجود کي ٻہ ڏنگي وجهن ۽ مون پاڻ کي پاڻ ئي ميران جي پاڪر جي آسيس مان ڪڍيو جيئن ڪو پکي پنهنجي آکيري مان پوڪو ڪائي آڏامي وينديءَ آهي.

ميران کي چيو:

"چو جوگي! اسان هڪ ٻئي جي منزل تہ نہ آهيون، پر هڪٻئي لاءِ لات تہ ضرور ٿي سگهون ٿا جي تون مون تي پروسو ڪرين تہ...!"

"نہ...نہ...ميران! منهنجو توتي پروسو ايترو آهي، جيترو پاڻ تي ٻہ هوندو مونکي...!"

اکين تان لوڻي آيل ڳوڙهن کي اگهندي چيو.

"جوگي! تنهنجي اندر جي آنڊ ماندَ اهو سنيهو ضرور ڏٺي ٿي تہ ماضيءَ جون ڪي وارتائون آهن جن تنهنجو اڇي اڇ در جهليو آهي نہ تہ پاڻ ٻئي ڪافي مهينن کان هن اداري ۾ گڏجي ڪر ڪيون پيا تہ تہ ڪڏهن ٻہ اهڙي ڪا ٻہ گاله مون سان وندي ڪوڙ آهي...تہ پوءِ چا گاله آهي جوگي!؟"

ميران ايترو چئي مون کي واجهائڻ لڳي، الائي چو ميران جي ان واجهائڻ مون کي صفا موهي وڌو، مون ميران کي چيو:

"ميران! تون صحيح ٿي چئين، ماضي منهنجا چاڪ چڪائي وڌا آهن...پر اها ٻ ڪا سني گاله ٿورئي آهي، جو پنهنجن چاڪن کي هر ڪنهن جي آڏيان وينو چاڪ ڪجي...هر ڪوئي مسيحا ٿورئي هوندو آهي...تنهنڪري اندر جي آگ اندر ۾ ئي پلي...پر تواڏيان کولي توکي ٻ ڏکيو نٽو ڪرڻ چاهيان. اها منهنجي من جي آوارگي آهي جيکا هاڻي منهنجي من سان اهڙو تہ سنجوگ ڪري وئي آهي، جو اهي ٻئي هڪٻئي سان هري مري ويا آهن...ها باقي جڏهن ٻہ ماضيءَ جي دردن راند رهي آهي تہ اکين جي وشالتا اگر جي صورت ولي "پلر جي پالوٽ" ٿيندي اٿر ۽ پوءِ سڀ ڪجهہ سهي وينديءَ آهيان...ميران تون منهنجي ڪري ايڏي ملول نہ ٿي سڀ ڪجهہ صحيح ٿي وينديءَ..."

پنهنجو پاڻ کي سنيالي ٻہ رهيو هوم، تہ ميران کي اهو سڀ ڪجهہ چوندو ٻہ رهيم ان تي ميران جڏ تہ دکي ٻہ لڳم، پر چيائين.

"جوڳي! ها اها حقيقت ضرور آهي ته هر ڪوئي مسيحا نٿو ٿي سگهي، پر ڪنهن تي اعتبار ته ڪري سگهجي ٿو جيڪو سمجهي به سگهي ۽ پاڻي پائيوار به ٿي سگهي...۽ ها تو ته اهو "پلر جي پالوٽ" وارو سنو فن سکي ورتو آهي، پر جيڪي ائين نه ڪندا هوندا، اهي ته وڏيڪ عذاب ۾ هوندا نه...!!!"

ميران جو چيل جملو هن جي ڳهري سوچ جي عڪاسي ڪري رهيو هو، پر مون کي ائين لڳو ميران جڏ منهنجي شخصيت ۾ منهنجي ڪمزوري پڪڙي ورتي هجي، ڪيس چيو.

"ميران! بس منهنجي اندر جي هڪ پنهنجي ڪائنات آهي جنهن ۾ مان آهيان ۽ مون کي مليل ڏک ۽ دوکا آهن ۽ ڪڏهن به نه چاهيو اٿر ته کين ڪنهن سان به سليان...آخر ڪوبه منهنجي ڪري چو حيران ۽ پريشان رهي...!!!"

ميران ٽڪ ٻڌي مون کي نهاري رهي هئي ته مون وري ڪيس چيو.

"۽ اها ڪا ڇڳي ڳالهه ته نه چئبي نه ميران!!"

ميرا هڪ گرم ساهه کڻي چيو.

"جوڳي! هر ماڻهوءَ جي پنهنجي پنهنجي ڪائنات ته ضرور هجي ٿي، پر ان ۾ هڪ جي داخلا تي پابندي جو سائن بورڊ لڳائڻ، مون کي ائين لڳندو آهي ته پنهنجي ٿي ڪائنات کي ڪنهن سنڊ جي وڏيري جي ڳوٺ وانگر ڪري چڏڻ، جتي هر احساس جي پيل ڪبي آهي!"

مون کي لڳو ته ميران جي اندر واڇوڙو ڦيرائيون ڏئي رهيو آهي، ڪيس چيو.

"پر ميران! منهنجي هن ڪائنات ۾ احساس جي پيل نه، پر احساس کي جلا ٿي ملندي آهي، هر جلا مان نئون احساس ڦٽندو آهي ۽ وري اهو احساس انهن جلائن کي امر ڪري چڏيندو آهي."

ميران جيڪا حيرانگيءَ جي ٻيڙي تي سوار هئي، منهنجي چيل جملي تي ڇڪ وقت سوچيندي ملڪ رهي، پوءِ چيائين.

"جوڳي! اڳ ته ڪڏهن به مون تو ۾ اهڙيون توانايون نه ڏٺيون اٿر...تون ته لفظن جو به جادوگر آهين...اهڙن مها لفظن جو تاثير منهنجي خشڪ من کي به سيراب ڪري ويو آهي، جيڪو ورهين کان غيرآباد هو، جنهن تي ڪنهن به احساس جي جلا جو سلو ڪونه ڦٽو هو...ائين چو جوڳي!"

مون کي لڳو ميرا منهنجو پيرو پٽي ڪنڊي اچي، مون ڪيس چيو.

"ميران! اها ته تنهنجي اندر جي ڪائنات جي ڳالهه آهي، مون کي ڪهڙي خبر مون ته پنهنجي ٿي ڪائنات جي احساسن جي ٿي ڳالهه ڪئي."

هوءَ ان تي ماڪ نه رهي چيائين.

"پر جوڳي! احساس ڪنهن جا به هجن، اهي ته ڪنهن جي ذاتي ملڪيت نه هجن ٿا ۽ اهي ته اسان جا مشترڪ هوندا آهن، جن کي آفاقي احساس چئجي ته به وڌاءُ نه ٿيندو. اهي احساس ٿي آهن، جيڪي وقت گذرڻ سان گڏ ڪلاسيڪيت جو مان مرتبو حاصل ڪن ٿا. انهن ٿي احساسن کي ڪلي لاڪيٽي لطيف، سنتن سورمين جي روپ ۾، پنهنجي شاعريءَ ۾ امر ڪري چڏيو آهي."

ميران لطيفي تنبوري جي تار کي چيڙي؛ منهنجي من جي تار کي به چيڙي وڌو، ان ويل ميران مون کي سوچ جو ساگر ٿي لڳي، جيڪا منهنجي من تي مونجهه جي ڪٺ هئي، ميران جي احساسن جي جلا ان کي پري ڪرڻ ۾ سهارو ٻڌي ڪيس چيو.

"ميران! مون کي ته هاڻي خبر پئي، ته اهي ڪنهن جا به احساس، صرف ان جي ملڪيت نٿا هجن، پر ڪيتري تائين اندر ۾ آهن ته ان جا پنهنجا آهن، پر جڏهن ڪو روپ ٿا ڌارين، ڪنهن ٻ. فن جو ته اهي اجتماعيت جو روپ ڌاري تا وڻن...!"

ميران مون کي ڏسي ٽوڙو مرڪي ۽ چيائين: "جوڳي! مون کي ڪهڙي خبر مون ته پنهنجي انداز ۾ سوچيل خيال توسان شيئر پئي ڪيا، مان ڪا فلاسفر ته ناهيان نه...!"

ميران جو اهو چيو ته منهنجي به منهن تي مرڪ جون ريکائون اپري آيون ۽ ميران جو اهو ڏٺو ته مون کي چيائين: "جوڳي! مون کي به ته اهو "پلر جي پالوٽ" وارو فن سيکار نه! جيئن مان ان فن ذريعي پنهنجن دردن کي گهٽائي سگهان ۽ زندگيءَ ۾ مليل دوکن کي وساري سگهان...!!!"

مان جيڪو احساسن جي نئين ڪائنات ڏسي رهيو هوس. ميران کي چئي ويٺر.

"ميران! اهو فن ڏيڻ بجاءِ فنڪار ٿي تنهنجو ٽيڻ چاهي ته پوءِ...؟"

منهنجي ايتري چوڻ تي ٻنهي پاسي نئين احساس جي ڪوٽين ڪيج ڪيا ۽ پلر جي پالوٽ ٿي ۽ ميران منهنجي ٻانهن جي آسيس ۾ اچي ويٺي.

سراج انسٽيٽيوٽ آف اسٽڊيز، سنڌ ڊاڪٽرس ايسوسيئيشن يوڪي ۽ سنڌ سرتيون پاران
10 نومبر 2018ع تي ممتاز مرزا آڊيٽوريم حيدرآباد ۾ ڪوٽايل پهرين عالمي عورت ڪانفرنس تقريب



ساڄي کان: محترمہ ثمينہ ميمڻ، ڊاڪٽر تهمينہ مفتي، عورتن جي فلاح و بهبود واري کاتي جي صوبائي وزير محترمہ شهلا رضا،
محترمہ نور الهدي شاهہ، محترمہ آمنہ ابڙو ۽ محترمہ شبنم گل



پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ معززين



کھاٹي ويھڪ ۾، ساڄي کان: محترمہ ثمينہ ميمڻ، ڊاڪٽر تھمينہ مفتي، محترمہ شبنم گل ، محترمہ نور الھدي شاھ ۽ محترمہ آمنہ ابڙو ڪارروائي ھلائي رھي آھي



"عورت ۽ اسان جو سماج" عنوان جي ويھڪ ۾ ڪاپي کان: محترمہ تانيا سليم ، محترمہ رحيمہ پنھور، ڪامريڊ نذير قريشي، محترمہ شبنم بلوچ ۽ محترمہ فرزانہ ھرڙو خطاب ڪندي

سنڌي ادبي سنگت سنڌ پاران 17 فيبروري 2019ع تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي سهڪار سان تخليقڪارن سان ڪوٺايل سُرهيءَ سانجهه جي تقريب



اسٽيج تي ويٺل ساڄي کان: محترم راحت سعيد، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، ڊاڪٽر تنوير جوٽيجو، ڊاڪٽر فتح محمد برفت، ڊاڪٽر ممتاز پٺو، آپا مريم مجيدي، آپا نذير نازءِ محترمہ حسينہ سائد



پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ مهمان .



ساڃي کان: ڊاڪٽر فتح محمد برفت، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، محترم منور علي مهيسر، ڊاڪٽر محمود مغل، ڊاڪٽر ممتاز پٹو
ڊاڪٽر تنوير جوٹيجو آپا مريم مجيدي، آپا نذير ناز، محترمہ حسينہ ساند، محترمہ نسرين الطاف، محترم يوسف سنڌي،
محترم نصير مرزا، محترم راحت سعيد، محترمہ فرحين مغل، محترمہ گلبدن جاويد مرزا، محترمہ ثمينہ ميمڻ، محترمہ ڪبري
پنيرو، محترمہ سلطانہ سورٹ، ڊاڪٽر عربيہ نور، خورشيد امر شاهہ، محترم اسفند يار ۽ محترم انو سولنگي



ڈاڪٽر قاضي خادم



ڈاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي



ڈاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ



پائو درمحمد پرڙو



علي رضا قاضي

The Last Temptation of Christ

(عيسيٰ جي آخري آزمائش)

نواز خان زئنور



محمد علي ابڙو



خضر خان وگهيو

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر جو 18 کتاب

سلطانہ جمالي



ڈاڪٽر ثمر رفيق الرحمٰن



بيخود بلوچ



محمد يوسف جويو



سنڌو نواز



پريل دايو



آڪاش عامر



نسرين الطاف

متفرقه

زندگي اڇي اُجري آهي ته زندگي سانوري سنوري به آهي، زندگي ڪاڻي ڪوجهي آهي ته زندگي روپ وتي به آهي. زندگي تيز تکي هرڻي آهي ته زندگي ٽڪل ٿُلهل وڻوٻن به آهي، زندگي وسڪاري جو ويس آهي ته زندگي ڏڪارن جو ڏک به آهي. زندگي ناڙا نديون آهي ته زندگي زڄ ۽ اُڃ به آهي. زندگي گهاڻي ڇاڻ، آهي ته زندگي رن جو برندڙ ريت به آهي. هر روپ ۾ زندگي پياري آهي. زندگي جي هر وک نئون ويچار آهي. زندگي جو هر قدم نئون سبق آهي. زندگي ته هر صورت ۾ گذرڻي آهي ۽ گذري وڃي ٿي، پر ڪوني ان تي ڌيان ڌري ٿو. ڪوئي لاپرواهي جي گهوڙي تي چڙهي ڏينهن جا ڏهر لتاڙي وڃي ٿو. ڪنهن جي هر آس پوري ٿي وڃي ٿي، ڪنهن جي هڪ تمنا ڪڏن ڪان اڳ ۾ ٽٽي وڃي ٿي. ڪنهن جا سڀ سپنا سايا ماڻڻ ٿا. ڪوني هڪ خواب کي پورو ڏسن جي واسطي نند جي لاءِ ڏڪارو رهي ٿو. ڪنهن جون اکيلايون ۽ اونداهيون ساهه گهٽن ٿيون. ڪوني سدائين مائٽن جي ميڙ ۾ رهي ٿو. ڪوني مُرڪ ۽ لُڙڪ جي وچ ۾ وچوٽي معلوم ڪري نه سگهندو آهي. ڪوني پل پل موت جو حساب چڪائي ٿو. ڪنهن کي ڪڏهن گرم هوا جو جهوٽو نه لڳندو آهي. ڪوني جيون جي رن ۾ تڙپي تڙپي سهاري کي سڏيندو آهي. ڪنهن جي پير تڙن تي سوين مائٽ گڏ ٿيندا آهن. ڪنهن جي جبل تان ڪرن تي به هڏيون ميڙن جي لاءِ ڪوني نه هوندو آهي.

پارومل آمراڻي سونهڙ

ڪتاب: "تر تر اندر ٽاڪ"

ص 21 تان کنيل

ڊاڪٽر قاضي خادم

يادگيريون



رشيد پٽي، سنڌ جو هڪ منفرد اديب، وڪيل، مزاح نگار ليڪن ذاتي زندگيءَ ۾ گهڻو خاموش، ڪنهن ڪنهن ڇوڙاڪ ليڪن جديد سوچ رکندڙ شخص، جنهن سان ملاقات جا ڪافي حوالا هٿ، جن مان هڪ ته مقبول صديقي هئو، جيڪو خادم وطن اخبار جو جوائنٽ ايڊيٽر هو. جڏهن آءٌ هتي سب ايڊيٽر طور ڪم ڪندو هوس، هن جي واتان مون شيخ ايياز، رشيد پٽي، شيام هرنائي ۽ ڪريم بخش خالد جا نالا ٻڌا ۽ هن سان گڏ ئي سائين ملاقاتون به ٿيون ۽ خبر پئي ته هن رشيد پٽيءَ سان گڏجي 'تقاضا' رسالو به ڪيو هو جنهن تي هنن ٻنهي جو گڏ فوٽو به شايع ٿيل هو. ٻيو حوالو 'جشن روح رهاڻ' جون محفلون هيون، جتي سڄي سنڌ جا اديب ۽ شاعر، مرد توڙي عورتون، لاڙ کان اپر سنڌ جي هر حصي مان اچي پهچندا هٿ، جتي جنهن سان به ملاقات ٿيندي هئي، ڇڻ ته هميشه لاءِ رشتو جڙي ويندو هو.

رشيد پٽيءَ سان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ به ملاقات ٿيندي هئي، جتي هُو خالد شهيد آخوند سان ملڻ ايندو هو. اهڙيءَ طرح سچل سرمست جي ميلن توڙي خيرپور ۾ ٿيندڙ ادبي محفلن ۾ به ملندا رهندا هئاسين، جتي هن جون ڳالهيون محفل جو رنگ ڦِڪو ٿيڻ نه ڏينديون هيون. خاص ڪري هن جي بي باڪي مشهور هئي. وري جو شيخ ايياز سان گڏ جيل ياترا به ڪري آيو ته مان اڃا به وڌي ويس.

آئون جڏهن به خيرپور ويندو هوس ته تنوير عباسيءَ وٽ ضرور ويندو هوس ۽ هُو وري مونکي سکر وٽي هلندو هو. جتي رشيد پٽي سان سندس جاگيرائي پاڙي واري گهر ۾ ملاقاتون ڪنهن نه وسرنديون. سنڌ جو هي وڏو ادبي نقاد ۽ مترجم جڏهن گذاري ويو ته دل کي ڏاڍو ڏڇڪو آيو. آءٌ هن جي چاليهي تي حميد سنڌي مراد علي مرزا ۽ ناصر مورائيءَ سان گڏجي سکر ويو هوس.

هيءَ سفر اسان حميد جي سرڪاري وين ۾ ڪيو هو جيڪا پبلڪ اسڪول طرفان ڪيس مليل هئي ۽ هُو دوستن يارن کي ضرورت مهل اها ڏيڻ کان ڪنهن به نه ڪيهائيندو هو.

سکر ۾ اسان جي رهائش جو انتظام هڪ هوٽل ۾ ڪيل هو، جنهن ۾ هڪ ڪمري ۾ حميد ۽ ناصر مورائي، ٻئي ۾ مراد علي مرزا ۽ ٽئين ۾ آءٌ رهيل هوس. هن ڪمري جي خوبي اها هئي جو ان جي گيلريءَ جي سامهون هڪ سئنيما هئي. حالانڪ اسان رات جو فتاح ملڪ ۽ شيخ ايياز سان ملاقات ڪري ديرسان آيا هئاسين، تنهنڪري سئنيما ويران پئي نظر آئي، پر سئنيما کي ڏسي مونکي پنهنجو ننڍپڻ ياد اچي ويو. ائين لڳو جڻ ته ان سئنيما ۾ مون به فلم ڏٺي هئي. انهن ڏينهن ۾ اسين پراڻي سکر جي ان گهر ۾ رهندا هئاسين، جيڪو پوءِ شيخ ايياز جي رهائشگاهه بڻيو هو. ان جا ڏندلا نقش ايڏا به منهنجي ذهن تي هئا. ننڍ منهنجي نيڻن کان دور هئي، سو آءٌ ڪرسي سيري گيلريءَ جي ويجهو ٽي ويندس ۽ سوچيو ته شام جو هتي ضرور فلم جا ۽ شو هليا هوندا. ڪنهن سنڌي فلم جا پوسٽر به لڳل هئا، پر منهنجي لاءِ اهي صرف هڪ پوسٽر جيان هئا. مون سوچيو پٽي ته شام وقت هتي ڪيڏي نه رونق هوندي! ٻاهر پکوڙن وارا، چڻن وارا، ڪمند جي رس وارا ۽ چانهه وارا هوڪا ڏيندا هوندا، روشنيون ٻرندڙ هونديون ۽ اندر ماڻهو فلم جا ٽڪيٽ وٺي، پوسٽر ڏسڻ ۽ فلم ڏسڻ لاءِ هال ۾ ويندا هوندا. مرد به هوندا ۽ عورتون به، جوان جوڙا به هوندا ته ٻار ۽ پوڙها به هوندا ۽ پڙدي تي پنهنجي پسند جي اداڪارن کي ڏسي، دل وندرائي، گهر روانا ٿيا هوندا.

بلكل اڻين جيئن رشيد پٽي هڪ پُرشور ۽ تيز رفتار زندگي گذاري پنهنجي اصلي گهر ڏانهن روانو ٿي ويو آهي! هُو بيشڪ گذاري ويو هو، پر دل ۾ هن جي ياد بلكل تازي هئي. هُو زنده رهيو، گذاري به ويو ۽ چاليهه ڏينهن ۾ اكيچنپ ۾ ٿي ويا، وقت گذري ٿي نه ٿو، پر زندگي گذري وئي.

اڻين سوچيندي سوچيندي خبر ناهي كيڏي مهل اك لڳي وئي ۽ صبح جو بيري جي در تي ٽكاڻ تي اك كليئر جنهن ٻڌايو ته نيرن حميد واري كمري ۾ ركي آهي ۽ آءُ به اٿي هٽ منهن ڏوئي نيرن كڙ هليس، جو جو ايا سڀ ڏينهن گذارٿو هئو.

مونكي ننڊيڻ جا اهي ڏينهن كڏهن نه ٿا وسرن، جڏهن گرمين جي موكلن (وئكيشن) ۾ هالا پراڻا ويندا هئاسين، جتي ان وقت منهنجو وڏو ڀاءُ به رهندو هو. چاچا مريد علي، چاچا وڏو (محمد حيات)، چاچا فتح الله ۽ كڏهن چاچا ايلياس به پنهنجي ان شاندار گهر ۾ اچي رهندو هو. جيكو هاڻ بلكل اجڙي چكو آهي. اجڙي ته اسان وارا وڏا، سدا مهكندا ۽ پهكندا گهر به ويا ۽ وري نهرائي نه سگهياسين چو جو اسان جي پنهنجن ٽي انهن گهرن كي ٻيهر نهرائڻ ۾ رنڊكون وجهي پنهنجا گهر جوڙايا ۽ اهي به هاڻ اُجڙيل روپ اختيار كري چكا آهن.

انهن ڏينهن ۾ درياهه شاهه گرمين ۾ پنهنجي رعب تاب سان وهندو هو. پاڻي هالن پراڻن جي بند سان ٽكر كائي، ان تائين پهچڻ جي كندو هو ۽ كڏهن كڏهن ته لڳندو هو ته اجهو ٿو پاڻي بند ٽپي، بازار ۾ گهڙي ۽ شهر كي ٿو ناس كري، پر اڻين كڏهن كونه ٽيو بلكه شام جو هشار ماڻهن جا بند تي اچي درياهه جي بي تاب وهكري جو نظارو كندا هئاءِ اتان ٽي پوءِ، پلو، مڇي وٺي گهر ورندا هئا. اهڙي وقت جڏهن مينهن به آسمان مان پاڻيءَ جو وسكارو كندو هو ته ڏپ جي باوجود روح تي رمر جهر ٽي ويندي هئي. اهڙن اونهارن ۾ اسان پنهنجي ٻني ۾ انهن جو جيكو مزو ورتو، اهو هاڻ خواب ۾ به نظر نه ٿو اچي.

مونكي كو اهڙو ڏينهن ياد نه آهي جو پلي جي مند ۾ اسان جي محلي ۾ كٽي نه كٽي پلو ضرور رڌيو يا تريو نه ويو هجي. اسان جي گهر ۾ ته نيرن تي سيون، پينهون، بيدا ۽ مغز ٺهڻ جي باوجود جيسين پلي جو ڦوٽو، آني يا پچڑي نه ترجندي هئي ته جڻ نيرن ٽي پوري نه ٿي. وري منجهند جو پلي جو پلاءُ يا پوڙ ۽ رات جو تريل پلو جنهن جي مخصوص بوءِ سڄي ماحول كي واسي چڏيندي هئي ۽ انهن خشكن چانورن جي خوشبو، اصل كاڏي مان جيءُ نه پرجندو هو. حالانكه انهن ڏينهن ۾ ايا لالٽين جو رواج هوندو هو ۽ اوندهه ۾ پلو كائڻ به هڪ رسك هو، چو جو ان ۾ بيشمار ننديا وڏا كندا ٽيندا آهن. ليكن اسين اهڙو ته هري ويا هئاسين جو پلو كائيندي كندا خودبخود جدا كري وٺندا هئاسين ۽ مٽان وري چاچا غلام محمد يا مخدومن جي باغ جا انب، ان جي لذت جو بيان كيئن كجي.

اسين جڏهن به ڳوٺ ويندا هئاسين ته گهٽو كري نيرن چاچا غلام محمد جي گهران ايندي هئي جيكا پاڙي جي هڪ مائي باني كوريائي وڏي ٽري ۾ وجهي كٽي ايندي هئي. هوءَ ڳالهائڻ جي ڏاڍي شوقين هئي، سو پنهنجون پرايون ڳالهيون كندي، هر گهر جا راز كوليندي تكڙي تكڙي ايندي هئي ۽ ويهي ماني كڍڻ جو انتظار كندي هئي ته جيئن ٿانو واپس كٽي وڃي، حالانكه منهنجي ماسي گهٽو كري ماني پنهنجن ٿانون ۾ لاهي چڏيندي هئي ته به هوءَ ماني پوري ٽيڻ كانپوءِ ٽي ويندي هئي ۽ ايستائين اسان كي محلي جي ته نهيو، پر پاڙي جي هر گهر جا داستان به معلوم ٿي ويندا هئا.

مٽان جو وري چاچا غلام محمد انب موكلينندو هو، جنهنكري گهٽو كري بازار مان انب ونڊا كرڻ پوندا هئا، پر جي هالا نوان وڃي انب ونڊا هئا ته اتي باغباني چوندو هو سائين هيءُ انب قاضي غلام محمد

جي باغ جا آهن، منا آهن، چڪي ڏسو. ان وقت سنڌي انب عام هئو، فارمي انب ايڏا رڳو ميرپورخاص ۾ محدود هئا. طوطا پوري انهن ۾ مشهور هو. ليڪن پوءِ ٻ جڏهن سنڌڙي انب جي حڪومت اچي وئي، تڏهن ٻ اسان پلي سان انب کائڻ نه ڇڏيو. البت انب چوسي کائڻ ۾ جيڪو مزو ايندو هو، اهو چوءِ سان ڦارون ڪري کائڻ ۾ نه ٿو اچي پر نه آهي هاڻ اهو درياهه، نه آهي هالا پراڻا وارا گهر، نه ئي اسين ساڳيا رهيا آهيون صرف يادن جو ڏاڪو آهي.

•

هالا پراڻا جي يادن ۾ ڪي اهڙا ڪردار ٻ لٽيا پٽيندا نظر ايندا، جن ڪي عام اک شايد ڏسڻ جي قابل ٻ نه سمجهندي هجي. ليڪن هنن جي پنهنجي وقت ۾ جيڪا اهميت هئي، تنهن جو آءُ اڪين ڏئو شاهد آهيان، اهڙن ڪردارن مان هڪ سهڻي ٻ هئي جيڪا قاضين جي محلي ۾ ننڍي ٽي وڏي ٽي ۽ مرڻ گهڙي تائين، هن جا آواز محلي جي هر ڪنڊ ۽ هر گهر مان ايندا رهيا.

سهڻي، جيڪا سنهڑي، قداوار، گهٽو وقت گدلر ۾ رکيل ڪٽڪ جهڙي پڪي رنگ جي دلچسپ ڳالهيون ڪرڻ واري هڪ ڪم واري عورت هئي ته قاضيائين سان ڪچهريون ڪندڙ ۽ هنن جا هڪ ٻئي ڏانهن پيغام رسائڻ لاءِ ڪبوتر جيان ٻ هئي. هوءَ گهرن جا ڪر ته ڪندي ٿي هئي پر ٻاهران عملوءَ جي هٿ تان يا قادر ڏني جي دڪان تان ٻ شئي شڪل وٺي ايندي هئي. ضرورت پٽي ته وڏي بازار مان ٻ برفي، پينهون، پکوڙا يا ٻيو ڪو وڪر بنا ڪنهن واڌو معلوضي جي آڻي ڏيندي هئي، پر جڏهن هوءَ عملوءَ جي هٿ تان لوڻ ڪنڊ ۽ چانور وغيره وٺڻ ويندي هئي ته اتي هٿ تي رکيل پن جي ٻيڙين مان هڪ ٻيڙي ضرور ڪائي چڪيندي هئي ۽ عملو هن کي روڪيندو ڪونه هو بلڪ جڏهن ڪنهن مهل ٻيڙي نه ڏسندي هئي ته عملو چوندو هوس، "چو مائي سهڻي، اڄ طبيعت ٺيڪ ڪانه اٿانءِ چا؟"

سهڻي جنهن ڏينهن محلي ۾ نه آڻي يا دير ڪيائين ته ڄڻ صبح ٿي ڪونه ٿيندو هو. هن جون ڳالهيون سادگيءَ واريون ليڪن نهايت دلچسپ هونديون هيون جنهنڪري محلي جا مرد تورڙي عورتون هن سان ڪچهريون ڪري خوش ٿيندا هئا ۽ هوءَ ٻ هتان کان هُتي، محلي جي هر گهر جو ڪونه ڪو ڪم ڪرڻ ۾ رڌل هوندي هئي. صبح کان شام ٿي ويندي هئي ليڪن سهڻيءَ جي هل هلان ختم نه ٿيندي هئي. سانجهيءَ کان پوءِ ٻ هوءَ ڪنهن نه ڪنهن گهر ۾ ويهي چلر جا ڳڙڪا ٻ ڪيندي هئي ۽ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٻ پيون ٿيندیون هيون. ٻئي طرف قاضيائيون ٻ ڪچهريءَ جون ڪوڏيون هونديون هيون. هنن کي گهر جي ڪم ڪار کانسواءِ ٻيو ته ڪي ڪرڻو ڪونه هونڌو هو نه هُو شهر ۾ ڪيڏانهن ايندیون ويندیون هيون ۽ نه وري وندر ورونهن جو ڪو ٻيو رستو هونڌو. البت شام جو پاڙي جون نينگريون ٽهي ٽکي پاڙي اندر ٿي هڪ ننڍي ميدان ۾ جتي ککريءَ جو وڻ هونڌو هو، اتي بيهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ پاڻ ۾ ڪچهريون ڪنديون هيون ته وڏيون پکيون وري شام ٿيندي ٿي فٽملي، جي ڪنهن نه ڪنهن گهر ۾ ويندیون هيون، ليڪن رات جو جڏهن پنهنجن ڪٽن تي ويهي ڪا چلر پيئندي هئي ته ڪا دل ٿي دل ۾ آيتون پڙهي ٿي پنهنجن ٻچن تي دم ڪندي هئي ته اهڙي وقت ۾ مرير پناهگير، جنهن جو ذڪر مون اڳ ٻ ڪيو آهي، ان سان گڏ هيءَ سهڻي ٻ هوندي هئي جيڪا ڪنهن نه ڪنهن گهر ۾ موجود هوندي هئي.

سهڻي پاڙي جي مختلف گهرن جي وچ ۾ گانڌيابي جو ٻ هڪ ذريعو هئي ۽ شادي مرادي ٿيندي هئي، سوڪڙيون پاڪڙيون ڏنيون ويندیون هيون ته سهڻي ٻ سيني سان گڏ اهي سوڪڙيون هتان کان هتي ٽي پهچائيندي هئي. هن کي ڏسندي ٽي سيني کي ڪم اچي يا پوندا هئا، سهڻي، جيجي سلرو کان ڏاڪو ته آڻي ڏي سهڻي مائي سهند کان آچار ته آڻي ڏي سهڻي بازار

مان آندا تہ آئي ڏي ۽ سهڻي سپني جا ڪر ڪندي ڪندي هميشہ لاءِ هلي وئي.

•

1965 تائين هندستاني فلمون هتي هلنديون رهيون، حالانڪ وڏي عرصي کان "اي" گريڊ فلمن تي پابندي پيل هئي ليڪن "بي" گريڊ جي ناڀي ۽ ڪافي سُٹيون فلمون حيدرآباد توڙي بين شهرن ۾ ڏيکاريون سين. حيدرآباد ۾ شمس سٹينما ۾ بابل، گهر ڪي عزت، وڏي بهن، جهڙيون فلمون هلنديون هيون، جڏهن نشاط ۽ ڪيپيٽل ۾ آب حيات، پاڻي پاڻي، برادري، جواني ڪي هوا، شيرين فرهاد، حور عرب وغيره جهڙيون فلمون هلڻ لڳيون جيڪي وڏي رش ڪنديون هيون. جڏهن تہ ان وقت ۾ پاڪستاني فلم انڊسٹري ۾ تڪي ترقي ڪئي ۽ اسان اهي فلمون ۾ ڏسندا هئاسين.

انهن فلمن ڪي ڏسڻ لاءِ قيصر ايلائيٽ ۽ نيوميجسٹڪ توڙي فردوس ۽ راحت سٹينما ۾ فرسٽ شو ۽ سيڪنڊ شو ۾ ڏسڻ ويندا هئاسين. وري جو آغا سليم اچي شيزان هوٽل ۾ رهيو تہ هن سان گڏ سوز ٽکوائي ۽ عمرالدين بيدار ۽ ٻيا دوست قيصر ۽ نور محل ۾ رات جو سيڪنڊ شو ۾ وقت گذاري ڪري ايندا هئاسين. اسان دليپ ۽ نرگس جي فلم جوگن ۽ راجڪپور ۽ ثريا جي داستان ۽ ٻيون ڪيتريون فلمون گڏ وڃي ڏٺيون هيون.

جڏهن 1965 واري هند پاڪ جنگ ٿي تہ هندوستاني فلمن تي مڪمل پابندي پڻجي وئي، جيڪا ايا سوڌو آهي. حالانڪ هندستاني فلمون هتي هلڻ باقائدي هلن پيون، پر ڪو اعتراض ڪونہ ٿو واري.

مونکي راحت سٹينما جي مئنيجر محمد احمد جنهن کي ممدو پاڻي چوندا هئاسين، منهنجي پسند جون ڪيتريون نيون هندستاني فلمون جن ۾ اميتاب بچن جي 'آخري راستہ' ۽ دليپ ڪمار جي 'سوداگر' ۾ شامل هيون، ڪنهن طريقي سان گهرائي ڏيکاريون، پوءِ تہ اهي فلمون هفتن جا هفتا هليون، پر سرڪار طرفان ڪو اعتراض ڪونہ ٿيو.

جڏهن هندستاني فلمون مڪمل طور بند ٿي ويون تہ مائٹهن وري وي سي آر جو رستو اختيار ڪيو ۽ گهرن ۾ مائٹهو گڏ ڪري پئسن تي ڏيکارڻ لڳا. مونکي پنهنجو هڪ يونيورسٽيءَ جي دور جو دوست هڪ دفعو تلڪ چاڑهي تي مليو ۽ آهستي آهستي چوندو ويو. "گنگا جمنا، گنگا جمنا، ڏهہ روپيہ" آءٌ حيران ٿي ٿيس تہ ڏڪ ٻ ٿيڻ تہ هن يونيورسٽيءَ مان تعليم حاصل ڪئي آهي، پر روزگار نہ ملڻ ڪري هي چوريءَ جو ڪر پيو ڪري. وي.سي.آر سان گڏ بش تي ٻ هندستاني فلمون اچي ويون، پر انهن جو دائرو لاهور ۽ ان سان گڏ علاقي تائين هئي جنهن جو ذڪر آءٌ پهرين ٻ ڪري آيو آهيان.

هاڻ تہ نيٽ تي هر نئين پراڻي فلم حاضر آهي، جنهن کي ڏسڻ ٻ سولو آهي ۽ ڪنهن جو ڀپ ٻ ڪونهي. اهوئي سبب آهي جو هاڻ هندستاني فلمن کان وڌيڪ پاڪستاني پراڻين فلمن جي ماڻ ٿي لڳي خاص ڪري اڪبر خان، داتا، آنک کا نشہ، صابره قاتل، سهيلي، قسمت، حميده، دلا بهٹي، سرفروش، لاري ڦيري وغيره انهن مان ڪيترين ٿي سي.ڊي۽ ۾ تہ آهن، پر نيٽ تي ايا ڪونہ آيون آهن.

•

وي سي آر جو دور ٻ هڪ سنسني خيز دور هو. اهو ڪر لِڪ ڇُپ ۾ ٿيندو هو. پهرين تہ منهنجي ڪجهہ دوستن وي سي آر ورتو ۽ اسين ڪنهن پنهنجي گهر ۾ ڪنهن مسعود قريشي جي گهر ۾ ڪنهن نياز (حفيظ قريشيءَ) جن جي گهر اهي فلمون هڪ وڪيل دوست جي وي سي آر تي يا وري نياز وارن V.C.R ورتو هو تہ انهن سان گڏ ٻ نيون نيون فلمون ڏسندا هئاسين.

فلمون بند ٿي وڃڻ واري دور جون ڪيتريون فلمون، جن ۾ ششي ڪپور، رشي ڪپور، بسواجيت، ايپي پٽ اچارج، سلاٹا، نندا ۽ ٻين اداڪارن جون ڪيتريون فلمون تہ اسان ايا ڪونہ ڏٺيون آهن ڇو جو ان عرصي دوران راجڪپور ۽ ديو آنند وغيره جون ٻ

کافي فلمون نوتن، سائره بانو ۽ ٻين اداکارائن سان ڪيون، جيڪي هاڻ نيٽ تي پيا ڏسون، پر اسان جو عشق 1945ع کان 1955ع وارين فلمن سان هو جيڪي اسان ٻالپڻ کان جواني ۽ تائين ڏٺيون انڪري دليپ، راجڪپور، اشوڪ ڪمار، گرو دت، ديو آنند جهڙا اداکار ۽ مدو بالا، نرگس، گيتا بالي، شڪيلا، منور سلطانه، ريحانه ۽ مينا شوري جهڙيون اداکارائون اسان جي حواسن تي چانيل رهيون.

اسان اهو وچولو دور جنهن ۾ اميتابھ شتروگهن سنها، ونود کنا، ڌرمينڊر وغيره جي دور ۾ پهچي ويا سين. هي ۽ تفريح جيئن ته اسان لاءِ وڏي ۽ وڏي تفريح هئي جنهن جي اهميت ۽ افاديت جو ذڪر آڏون ڪيئن هٿن تي اڳ ئي ڪري آيو آهيان، انهن جي ماضي ۽ حال ۾ فرق اهو هو جو، ماضي ۾ هيرو پنهنجي ڪردار ۽ چال چلت ۾، هر هڪ اعليٰ معيار ۽ ظرف کي قائم رکندو هو. عشق ۾ ناڪام ٿي زندگيءَ تان هٿ کڻي ويندو هو، پر نه پنهنجي انا جو سودو ڪندو هو ۽ نه ئي هيروئن کي سماجي رواجن جي خلاف پڃائي يا زوريءَ کڻي ويندو هو. ليڪن نئين دور ۾ معاملو سڄو الٽو ٿي ويو، پنهنجي وقت جي وڏي اداکاره وحيده رحمان هڪ انٽرويو ۾ ٻڌايو ته هن جي وقت ۾ هيرو هيروئن جو پيار اکين ئي اکين ڪان شروع ٿي اڳتي وڌندو هو جڏهن ته هاڻ پيار ۾ ائنديءَ ئي بيڊ روم اچي ٽپو وڃي.

اهي نظارا توڙي هيرو کي نڱيڻو رول ۾ پيش ڪري هن کان اخلاق کان ڪريل ڏائلاگ واريون فلمون ڏنيونسين، جن ۾ گانا دل جي درد کي يا خوشيءَ کي ظاهر ڪرڻ بدران صرف جسم جي نمائش ڪرڻ ۽ انهن کي آئٽم سانگ ڪري پيش ڪرڻ ۾ مونکي ته ڪڏهن نه وٺيو، چا ڪجي ننڍي هوندي جون پيل عادتون ڏکيون ختم ٿيندیون آهن.

سنڌ جي هر شهر جي ڪاڻ کا خوبي ۽ خصوصيت آهي، مون پنهنجي يادگيرين ۾ به هالا ۽ خائرٽ جي جنڊي سيوهڻ جي ڪاشي، ڏاڙو شاهه جا سنگتڑا، نصرپور ۽ پريا جا پيڙا، نصرپور جا ڪيس ۽ جوهي، جون گگهيون وغيره شامل آهن ۽ روهڙي، جا هليلا، ۽ شڪارپور جو آچار، پر شڪارپور جي پوکرداس جي ڪتابن ۽ سکر جي نمر واري چاڙهي، هريسنگهه جي پريس ۾ لکيل پڙهيل ماڻهن لاءِ وڏي اهميت رکندا هئا.

آءٌ سمجهان ٿو ته بيشڪ سنڌي ادب ۾ مرزا قليچ بيگ جهڙو مقام ڪنهن ٻئي کي نه ملي سگهيو ليڪن پڙهڻ جو شوق پوکرداس جي جاسوسي چڪر ۽ سنسار چڪر جي جاسوسي ۽ سماجي ناولن وڏو، حالانڪ ان دور ۾ ڪتاب لکرائڻ يا ترجمو ڪرائڻ ۽ ڇپائڻ اهڙو آسان ڪونه هوندا هئا جهڙا هاڻ آهن، نه ڪو انهن جي ورهاست يعني سرڪيوليشن ٿي عام هئي، ليڪن پوکرداس جا ڪتاب ڇپجندي ئي سنڌ جي ڪنبڪڙ ۾ پکڙجي ويندا هئا ۽ ان دور جا ماڻهو جاسوسي چڪر جي ڪتابن، جن ۾ شرلاڪ هومز ۽ بليڪ جاسوس ۽ اميليا ۽ آرسين لوپن جا مشهور ڪردار هوندا هئا، تن جو ائين انتظار ڪندا هئا، جيئن پوءِ جي جنريشن ارل اسٽينلي گارڊنر ۽ اگاٿا ڪرسٽي ۽ سر رائيڊر هيگرادِ جي ڪتابن جو انتظار ڪندا هئا يا جيئن اسان ابن صفي، اڪرم الله آبادي جي ناولن جو بي تابيءَ سان انتظار ڪندا هئاسين، جن ۾ ڪرنل فريدي، ڪئپٽن حميدي، عمران، جوليانا ۽ انسپيڪٽرخان ۽ سارجنٽ بالي جا ڪردار هوندا هئا.

هن موضوع تي مون گهٽو لکيو آهي پر ايترا ۾ ان تي لکڻ جي ضرورت آهي، چو جو اهي اردو ڪتاب ئي هئا، جن کي پڙهي اسان اردو بولي سکيو.

گذريل صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ پوکرداس جو ناڙو ئي ڪتاب جي ڪاميابيءَ جي ضمانت هئو، جنهن جا ناول پوءِ جاسوسي ناولن جي هڪ متوالي، صحافي ۽ ليکڪ محمد بخش جوهر، نئين سر ڪجهه تبديلين سان ڇپرايا ۽ آر.ايڇ. احمد اينڊ برادرس ڪ سيلرز، حيدرآباد ڪان ڇپرايا. هن کي اهي جاسوسي ڪردار

برزبان ياد ٿي ويا هٿا. چو جو هُو سندس زندگيءَ جي پوين ڏينهن ۾ مون سان گڏ اخبار 'هلال پاڪستان' ۾ به ڪر ڪري چڪو هو ته ان اڳ 'خادم وطن' ۾ ڪر ڪرڻ دوران به هن سان چگو ساٿ رهيو هو. هن سان گڏ ٿي مون ۾ ٻين ڪن ادبين ڪراچي ٿي ويءَ تان سنڌيءَ ۾ جاسوسي ادب جي عنوان سان هڪ پروگرام به ڪيو هو.

مونکي ياد آهي ته جڏهن آءٌ يونيورسٽيءَ ۾ نوڪريءَ دوران پنهنجي پاڻ سان گڏ لنڊن ويو هئس ته ان وقت جي وائيس چانسلر مظهرالحق صديقي مونکي هڪ مهيني جي اسٽڊي ليوَ ڏيڻ مهل پڇيو ته "لنڊن ۾ توهان کي ڪهڙا سنڌي ڪتاب ملندا؟" جنهن تي مون چيومانس ته "منهنجي ٽيسز 'سنڌي نثري داستانن' جي باري ۾ آهي ۽ آءٌ اتي برٽش لائبريريءَ ۾ ان موضوع تي پراڻا ڪتاب ڏسڻ چاهيان ٿو، خاص طور آءٌ پوڪرداس جا ڪتاب به ڏسڻ چاهيان ٿو جيڪي هاڻ اٿ ٿي ملي سگهن ٿا." اهو ٻڌي مظهرالحق صديقي صاحب وڏو ٽهڪ ڏئي چيو ته "ها، اهي جاسوس رابرٽ بليڪ ۽ شرلاڪ هومز وارا قصا هاڻ واقعي اتي ٿي هوندا." ائين مون کي موڪل ملي وئي.

هيءَ ڪتاب ڪن پراڻن لائبريرين ۾ ته هٿا ۽ يقيناً اسڪولز جي لائبريرين ۾ به هوندا، پر جو ان وقت اسڪولن ۾ لائبريرين جو فنڊ ڪتاب خريد ڪرڻ تي ٿي خرچ ٿيندو هو، ليڪن انهن اسڪولن جي زبون حالي ڏسي همت ٿي نه ٿي ته ڪو اتي وڃي لائبريرين ڦلهورجن. البته آر.ايڇ.احمد جي ڪدامن ۾ ڪجهه ڪتاب ضرور هٿا، جن جي خبر مونکي تڏهن پئي جو ان خاندان جي هڪ فرد سان ڏينڊاس ڪلب ۾ ملاقات ٿي ۽ هن ٻڌايو ته بي شڪ اهي ڪتاب موجود هٿا ليڪن هنن سڄو گدام ڪباڙيءَ واري کي وڪڻي ڇڏيو جو ان وڪر جا خريدار نظر ڪونه ٿي آيا. اهو ٻڌي مونکي ڏاڍو افسوس ٿيو، پر ايڏا به گهٽو افسوس ان تي ٿيو ته مون جوهر صاحب کان چو نه اهي ڪتاب ورتي پڙهيا!

جاسوسي چڪر جي ناولن جو اثر مون تي ايترو ته هو جو مون پاڻ به ريڊيو ۽ ٽي.وي، لاءِ ڪيترا جاسوسي ڊراما لکيا. هتي هڪ دلچسپ ڳالهه ٻڌايان ٿو ته مان جڏهن جاسوسي ناول ريڊيو لاءِ لکڻ ويهندو هوس ته ان جي پچائيءَ جي ڪنهن مون کي به خبر ڪانه هوندي هئي پر واقعا جيئن وڏندا هٿا ته رستو ۽ نظر اڳي ويندو هو.

هڪ دلچسپ واقعو ٿيو جو مون زاهد قلباڻيءَ لاءِ هڪ سيريل جاسوسي ڊرامو لکيو، جنهن جون قسطون هفتيوار نشر ٿيندڙ رهيون. ان وقت ريڊيو ٻڌڻ وارن جو تعداد تمام گهڻو هو. تنهنڪري ريڊيو نشريات باري ۾ خط به بيشمار ايندا هٿا. اسين خود به ريڊيئي جا ڊراما ٻڌڻ جا شوقين هوندا هئاسين. سو هڪ ڊرامو جڏهن پنج ست قسطون هليو ته مرحوم پير اسحاق جان سرهندي، جيڪو ريڊيو ۾ اسسٽنٽ ريجنل ڊائريڪٽر هو، هلي مون وٽ پريس ڪلب ۾ آيو ۽ چيائين، "قاضي، يار ٻڌاءِ، ڊرامي ۾ بدمعاش ڪير آهي، آءٌ ڪنهن کي ڪونه ٻڌائيندس. ڀارن ڏاڍو تنگ ڪيو آهي." ته مون کلي چيومانس، "سائين مونکي پاڻ خبر ناهي." هن اعتبار ڪونه ڪيو، پر هٿو ائين.

•

ڪيترا دفعا سکر وڃڻ ٿيو آهي ۽ نر واري چاڙهيءَ تان لهڻ چڙهڻ جو موقعو مليو آهي ۽ ننڍپڻ ۾ به هتان اڇ وڇ ٿيندي هئي، تڏهن بابا، يا چاچا غلام قادر سان گڏ وڃبو هو. هاڻ پنهنجن دوستن، حميد سنڌي، مراد علي مرزا، ناصر مورائي، قبول ابڙي يا ڪنهن سکر جي دوستن سان گڏ اتان لنگهڻ ٿيندو آهي، پر هري سنگهه جي پريس کان وڌيڪ سنڌ يونيورسٽيءَ جي فائن آرٽس شعبي جي پروفيسر مسرت مرزا ياد ايندي آهي جيڪا اتي ٿي رهي ٿي ۽ پنهنجو ڪو اسٽوڊيو ٿي هلائي. هن سان گڏ گهاريل وقت جا به ڪٿين دلچسپ قصا آهن، جيڪي ضرور ڪٿي نه ڪٿي لکبا.

سنڌ ۾ بوبڪ ۾ پنگ جام ٽيندي آهي. جڏهن اسين سيوهڻ ۾ هوندا هئاسين تہ هميشہ ٻڌندا هئاسين تہ بوبڪ جا طوطا بہ پنگ جا پتا کايو ڪنڌ لاڙيو ڪنهن وڻ جي ٽاريءَ تي جهوتا کائيندا رهندا آهن. هونئن بہ سنڌ ۾ پنگ جو واهپو عام جام هئو. اوتارن تي تہ ڏنڊن ڪوندن جو استعمال ٽيندو هو ليڪن ڪيترين اوطاقن بلڪ گهرن ۾ بہ پنگ پيڻ جو شوق نظر ايندو هو. نہ صرف ايترو، پر سنڌ جي ڪيترن ئي ماڳن تي اها هوتي عام جام ملندي هئي، ايتريقدر جو هي گانو بہ مشهور ٿي ويو:

تون پنگ پي، اڙپنگ ٽي،
عاشق قلندر مست چئ.

هن جڙي ٻوٽيءَ جو احوال قديم دور ۾ بہ ملي ٿو. بغداد ۾ عباسي خلافت واري دور ۾ حسن بن صباح جو قصو مشهور آهي، جيڪو چون ٿا تہ نظام الملڪ طوسي ۽ عمر خيام جو هم ڪلاسي ۽ مشرق وسطيٰ جي پهاڙي علاقن ۾ هڪ حسين جڳهہ ڪي چونڊي پنهنجي رهڻ جو لڪل هنڌ جوڙيو هئائين. جتي هن پنهنجي تجربي سان پنگ جي پوک جا ڪئين قسم معلوم ڪيا ۽ انهن جي وسيلي ڪيترن ئي نوجوانن کي مدهوش ڪري، هنن جي ذريعي پنهنجي مخالفن، جن ۾ وڏو تعداد عالمن جو هو تن کي قتل بہ ڪرايائين. پنگ کي عربيءَ ۾ حشيش چوندا آهن، تنهنڪري اهڙن قاتلن کي حشيشين چيو ويندو هو ۽ ان مان ئي لفظ اسيسينيشن يعني سياسي قتل ٺهيو آهي. بهرحال اسان بہ پنگ گهوٽجندي، چاڙجندي ۽ پيڙجندي نديڙ کان ئي پيا ڏسندا اچون، جڏهن تہ اسان پاڻ وري ڏنڊي ڪوندي ۾ گهوٽيل ٽاڙل سان ئي جگر ٽڏو ڪندا رهياسين، جنهن ۾ خس خس، گلاب جون پتيون، ڪارا مرچ وغيره وجهبا هئا ۽ گرمين جا ساهہ بوسلينڈو ڏينهن ٽاڙل جي هڪ ٻن گلاسن پيڻ سان ڪجهہ سولائيءَ سان گذاري سگهبا هئا. خاص ڪري رمضان ۾ ٽاڙل ڏاڍي ڪارائتي ۽ مزيدار لڳندي هئي.

هالا پراڻا ۾ توڙي سيوهڻ، اوباوڙي ۽ ٻين هنڌ شام جو روز ٽاڙل ضرور گهوٽائبي هئي ۽ ان ۾ برف وجهي گلاس جا گلاس پيئندا هئاسين. خود آءٌ، منهنجو وڏو پاءُ مشتاق توڙي سوت بشير ۽ ظهير شام جو وڏي اڳڻ تي ويهي ٽاڙل گهوٽيندا هئاسين ۽ پوءِ سپني کي ٽڏي ٽاڙل پياري شامون ماڻيندا هئاسين. پنهنجي اوطاق تي عدلو ڪوٽار ۽ هن جا پاڙ نصير ۽ ربڙنو توڙي اُستي الهڏني جو پٽ اُستو اسماعيل پڻ ٽاڙل ناهي پيئاريندا هٿا ۽ پرپاسي ۾ وري پنگ جا دور بہ پيا هلندا هٿا، جن جي خبر مون کي پوءِ پئي.

حيدرآباد شهر ۾ بہ ٽاڙل جو گهٽو زور هو. ايڄ حڪيم معاذ واري ٽاڙل جا شيشا ڪونہ نڪتا هٿا ۽ نہ وري ڪو ٽاڙل جي مسالي کي گرائيندڙ ڪري پاڻيءَ ۾ وجهي پيئڻ جو رواج پيو هو، جيڪو مونکي سڀ کان پهرين منهنجي پياري دوست رشيد انصاريءَ ٻڌايو هو، پر گهوٽيل ٽاڙل ۽ گرائيندڙ ڪيل ٽاڙل ۾ زمين آسمان جو فرق هو.

اسان جي پاڙي الهداد چنڊ ڏانهن ويندي ٽئين نمبر تلاءُ جي منهن تي، رستي جي ڪناري سان باڪٽر وجيهہ القمر جي ڊسپنسري هئي، جنهن جو پٽ "سيموئل شڪوه" منهنجو دوست هو. ان ڊسپنسر جي ٻاهران پٽ وٽ حاجي ٽاڙل وارو اونهاري ۾ صبح ساڻ ٽاڙل ناهي، ڪاڪ جي هڪ ڪوڪي تي گلاس پري رکندو هو ۽ آني يا هن آنن ۾ اهو گلاس پي آءٌ منهنجو پاءُ منظور توڙي جام ساقي ايندي ويندي اندر جي ٻاهر کي اجهاڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسون. جام ان بعد بہ ڪافي وقت مون وٽ رهيل هو، حالانڪ هن جو ملهو، جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڊرائيور بہ هو، پشوري پاڙي ۾ ئي رهندو هو، تنهنڪري جام ساقي اتان ايندو ويندو رهندو هو.

شاهي بازار ۾ بہ فقير جي پڙ وٽ هڪ ٽاڙل وارو گلاڏي تي سڪل ميوا، ڦوٽا، بادامیون ۽ پستا مختلف ٽالهين ۾ رکيو ٽاڙل جي گهوٽ گهوٽان لڳايو

وينو هوندو هو ۽ اسين به اتان لنگهندي ٽاڏل ضرور پيئندا هئاسين. هن جي ٽاڏل واقعي تڪڙ کي دل تائين پهچائي چڏيندي هئي. وري جو اڃا ڪمند جي رس يا انبن جي جوس جو رواج ڪونہ پيو هو تہ اها ٽاڏل ئي هوندي هئي جيڪا سستي ۽ مزيدار مشروب جي حيثيت رکندي هئي.

ٽاڏل تہ خير اسين پيئندا هئاسين، پر پنگ جا شوقين پنهنجو مڱ ڳولي وٺندا هئا، ان جو اندازو مونکي تڏهن ٿيو جو هڪ دفعي اسلام آباد ۾ ڪيترن سنڌي اديبن ۽ شاعرن سان وڃڻ ٿيو ۽ گهمڻ دوران ڏٺم تہ هُو ڪجهہ جڙي ٻوٽيون پٽي چپاڙي ڪاٽي رهيا هئا، منهنجي پڇڻ تي ٻڌايائون تہ اها پنگ جي ٻوٽي آهي، جيڪا اتي اڳي ئي رهيل سنڌي جوانن هنن کي ٻڌائي هئي، انهن مان ڪيترا تہ هاڻ هن دنيا ۾ ناهن باقي جيڪي آهن تن جا نالا نہ لکڻ ئي بهتر آهي. باقي اها خبر اٿم تہ هُو جي اسلام آباد ايندا آهن تہ ٻيو ڪر ڪار يا گهمڻ ڦرڻ جو شوق تہ هوندو اٿن پر خاص شوق انهي ٻوٽيءَ کي چپاڙڻ جو به اٿن، جيڪا اتي عام جام ٿئي ٿي. بلڪ هاڻ تہ هر هنڌ ئي ملي تڏهن تہ ٻوبڪن جي مشهوري گهٽجي وئي آهي.

جڙي ٻوٽين تي ياد آيو تہ ڪنهن ڪتاب ۾ مون سيوهڻ جي هڪ اهڙي شخص جو ذڪر لکيو آهي، جنهن هڪ جڙي ٻوٽي هٽ ڪري، ڪرن ڦل سان ان مان نهايت خوشبودار ۽ تڪڙ يهچائڻ وارو شربت ٺاهيندو هو، جنهن لاءِ هن بابا کان اجازت وٺي هڪ ڪنبر نما گهر ۾ اچي ڊيرو جمايو هو. ان سال 1955ع ۾ رمضان جو مهينو سخت گرميءَ ۾ آيو هو ۽ وري سيوهڻ جي گرمي، جن ڏٺي هوندي سي ٿي ان جو اندازو لڳائي سگهندا، اهڙي موسم ۾ هو هڪ شيشو روز اسان کي ڏيڻ موڪليندو هو، جنهن شربت پيئڻ سان اندر ۾ ٺڪار ٿي ويندي هئي، بلڪل اهڙيءَ طرح سنڌي شعبي جو هڪ ڪارڪن محمد ابراهيم جيڪو منهنجي ماميءَ جي پاءُ هجڻ جي ناتي جڏ تہ منهنجو عزيز به هو، تنهن جام شوري ۾ هڪ جهنگلي ٻوٽي ڳولي ڪڍي هئي، جنهن جي چانهہ ناهي پيئارينڈو هو.

سنڌي شعبي جو هڪ استاد ڊاڪٽر غلام حسين پٺان ان چانهہ جو شيدائي هو ۽ اسين به اها پيئندا هئاسين. پوءِ محمد ابراهيم جي وڃڻ سان اها چانهہ به هلي وئي تہ پٺاڻ صاحب به رٽائر ٿي وڃي گهر ويڙو ٿيو.

محمد ابراهيم جو ذڪر ڪيو اٿم تہ ضروري آهي تہ ٻڌايان تہ هي جاکوڙي انسان ڪوٽڙيءَ جو رهاڪو هو ۽ پوليس ۾ پرتي ٿيو هو. اتان رٽائر ٿي اچي سنڌي شعبي ۾ لڳو جتي هُو استادن جي هر سهولت جو خيال رکندو هو نہ صرف استادن ۽ شاگردن جو، پر هُو انسان جي سنگت سڀ جو به خيال ڪندو هو. چانهہ ناهي پيئارڻ، عزت ۽ مانُ ڏيڻ اها هن ۾ ذات هئي، وري به هُو يونيورسٽيءَ جي وقت کان پوءِ حيدرآباد ۾ سونارکي گهٽيءَ ۾ حُسنو درزي، جيڪو سندس بچپن جو دوست هو، تنهن وٽ وڃي قميصن ۾ بٽڻ ٽانڪڻ جو ڪر ڪندو هو ۽ ان آمدنيءَ مان ئي هن پنهنجي ڏيءُ کي تعليم به ڏياري.

•

اهو وقت جڏهن فلم ڪانپوءِ ريڊيو ئي تفريح جو وڏو ذريعو هوندو هئو ۽ گڏوگڏ خبرن ۽ تقريرن ذريعي ملڪي ۽ غيرملڪي حالات تورڙي فڪري ترقيءَ بابت به گهڻو ڪجهہ اتان ئي حاصل ٿيندو هو، تڏهن ريڊيو، جيڪي بيٽري تي به هلندا هئا تہ وري جتي بجلي هوندي هئي اتي سي / ڊي سي ڪرنٽ ريڊيو هلندا هئا. فلپس، گرينڊڪ ۽ ٻيا ڪيئن سستا ۽ مهانگا ريڊيا دڪانن تي رکيل هوندا هئا، پر اڃا اها جنريشن به هئي جنهن گرامو فون تي رڪارڊ ٻڌڻ لاءِ، چاٻيون پريندي، سُيون مٽائيندي وقت گذاريو هو، تنهنڪري ريڊيئي جو مانُ اڃا به وڌيڪ ٿي ويو هو، جنهن ۾ رڳو بٽڻ ڦيرائڻ سان ماڻهو ڪٽان ڪان ڪٽي وڃي پُڄندو هو. ريڊيو ڪراچيءَ جا پروگرام تہ ضرور ٻڌبا هئا، جن جو ذڪر مون گهڻو ڪيو آهي ۽ سلون جي ڪمرشل سروس تہ جڏ ريڊيو جي جان هوندي هئي، جنهن تان هر عمر جي

ماڻهن لاءِ خاص قسر جا گانا انوکي بول کان شاستريه سنگيت تائين رات جو دير تائين پيا ٻڌبا هٿا ته وري بي بي سي جون خبرون ۽ پوءِ سيربين پروگرام کي ڏاڍو گهٽو ٻڌندا هئاسين.

هي بيشڪ مزيدار معلوماتي ۽ تفريحي پروگرام هوندا هٿا، پر اسان کي ميڊيم ۽ شارٽ ويوَ تي (Medium and Short Wave) رات جو دير دير تائين ريڊيو جا ٻڌڻ ڦيرائيندي مزو ايندو هو. جيستائين کا اسٽيشن نه هٽ اچي، ايستائين ريڊيو مان عجيب قسر جا شا..... شون، جهڙا آواز ٻڌي سمجهبو هو ته اهي ڪنهن بي دنيا جي مخلوق جا آواز آهن، ائين ٻڌڻ گهمائيندي ريڊيو آزاد ڪشمير جا پروگرام به ٻڌبا هٿا، جنهن جي پچاريءَ ۾ هڪ نغمو ڪشميري زبان ۾ ايندو هو ۽ اردو ۾ هڪ سٽ مونکي ياد آهي:

ميري وطن، ميري وطن

هيءَ سٽون ڏاڍيون تڪليف ڏيندڙ هونديون هيون، چو جو انهن ۾ ڪشمير جي مسلمانن جي غلاميءَ جي درد ۽ پيڙا سمايل هوندي هئي. هيءَ اسٽيشن مظفرآباد ۾ هوندي هئي ۽ گهٽا پروگرام هندستان خلاف پروپئگنڈا تي ٻڌل هوندا هٿا. ان کانسواءِ ٻيو ريڊيو جنهن تان پشتو ۽ اردو پروگرام ايندا هٿا. اهو هو ڪابل ريڊيو، جنهن تان انائونسمينٽ پشتو ۾ ٿيندي هئي پر هندستاني فلمن جي گانن وارو فرمائشي پروگرام ايندو هو، جيڪو دلچسپيءَ سان ٻڌندا هٿاسين.

ريڊيو جو اهو سحر هاڻ ته صرف اسان جي دلين ۾ رهيو آهي، ليڪن سچ ته منهنجي اندر تخيل ۽ تصور جي دنيا جا رنگ ريڊيو جي آوازن ۽ موسيقيءَ ئي پيدا ڪيا، جتان ڪنهن نوجوان مردن، ته ڪنهن عورتن جي لطيف آوازن ۾ جنهن کي پروگرام ايندو هو ته آئون ڏسي ئي نه سگهندو هيس ته ڪنهن جي ڪهڙي شڪل و نگار ڏيندو هوس. هيرو هميشه سهڻا ۽ هيروئنون پرين جهڙيون هونديون هيون. پوءِ جڏهن ريڊيو سان ذاتي واسطو پيو ته اهو جادو صرف هنن جي آوازن جو هو ۽ ريڊيو تي هر ڪو ڪر نه ڪري سگهندو هو. تقريرن کانسواءِ خبرن ۽ برامن تائين آواز جا امتحان جنهن کي آڊيشن چوندا هٿا، ورتا ويندا هٿا.

آوازن جي هن دنيا جا ڪيترا ڪردار ايترا ته مشهور ٿيا جو ماڻهو انهن کي ڏسڻ لاءِ ريڊيو اسٽيشنن جي ٻاهران بيٺا هوندا هٿا. انهن تي فلمون به ٺهيون. راجڪپور ۽ ريحانه جي فلر سنهري سپني ۽ مٿو بالا جي برسات کي ايڪ رات پاڪستاني توڙي هندستاني ڪيترين ئي فلمن ۾ ۽ ان قسر جون ڪهاڻيون هونديون هيون ته ڪا عورت صرف ريڊيئي تي گانو يا شعر ٻڌي عشق ۾ مبتلا ٿي ويندي هئي يا وري ڪو مرد صرف عورت جي آواز تي موهت ٿي وڃي ريڊيو اسٽيشن جا چڪر ڪاٽيندو هو.

ڪراچي ريڊيو جو هڪ مشهور صداڪار سليم احمد، جنهن تمام گهڻن برامن ۾ ڪم ڪيو، اهو جڏهن فلر سالگره ۾ آيو هو ته مونکي حيدرآباد ريڊيو جي سينٽر هي پروڊيوسر ٻڌايو ته هن جي آواز تي ڪيترين عورتون موهت ٿي هن کي ڏسڻ لاءِ بندر روڊ تي ڪراچي ريڊيو اسٽيشن جي در تي اچي بيهنديون هيون ۽ هُو ڪنهن ڪنهن ريڊيو اسٽيشن جي پوئين پاسي کان پٽ ٽپي پوڄي ويندو هو.

ريڊيو جا اهي جادوئي ڏينهن ته وري واپس نه ٿا اچي سگهن، پر جيڪڏهن ريڊيو تان وري موسيقي، راڳ ۽ برامن جو ڪو نئون دور شروع ٿئي ته ٿي سگهي ٿو هن حيرت انگيز سائنسي ايجاد کي ڪجهه آڪسيجن ملي وڃي.

•

هاڪ وهندو هاڪاڙو، پڄندي ٻڌ اروڙ،
بيهه، مڃي ۽ لُهڙ، سمي ويندا سوڪڙي

هن شعر کي پڙهڻ سان مونکي محسوس ٿيو ته شاعر به هن ئي دنيا جو هڪ رهواسي آهي. اهو جو چيو ويندو آهي ته شاعر پنهنجي تخيل جي دنيا ۾ رهي ٿو ته پوءِ هن شاعر اهي لفظ ڪيئن چيا جنهن ۾ هاڪاڙو

ندي، اروڙ جي ٻنڊ ٻيهر، لُهڙ ۽ مڇيون، بادشاهه جو ذڪر ۽ سوڪڙين ڏيڻ جو ذڪر آهي، اهي هڪ ئي وقت ۾ سنڌ جي هڪ دور، سمن جي دور، جي تاريخ، جاگرافي ثقافت ۽ سماجيات نه آهي؟

هيءُ سڀ شيون هن وقت به موجود آهن، پر سمن جو دور حڪومت نه رهيو آهي باقي سمان ضرور موجود آهن، جيڪي هاڻ ٻيهر، مڇي ۽ لهڙ گاڏي وارن کان يا دڪانن تان خريد ڪري کائيندا هوندا. مون ته هاڻي ڪُٻ ۾ گڏجڻ تي ڏٺا آهن، جيڪي ڏينهن ۾ ٻيهڻ سان گڏ ٿيندا آهن ۽ لاڙ جا غريب ڪنهن زماني ۾ ڪُمن کي سکائي ان جا بج پيهي ماني پچائي کائيندا هٿا ته پهڻ، ٻيهه ۽ هوراني يعني هور مان ٺهيل، جيڪا هينئر به ٽنڈي محمد خان ۾ جام ٽي ملي ٽي، ۽ ننڍيڻ ۾ اسين اها بزار مان خريد ڪري کائيندا هئاسين، سڀ موجود آهن. هاڪڙي ندي، جا اهجاڻ به ملي ويا آهن، سلموٽين ڏانهن منسوب ٽيل هي شعر، جڏهن سنڌ جو حاڪم جام گرفتار ٽي دهلي اماڻيو ويو هو ته ان لاءِ اڳڪٿي طور چيو ويو هو.

•

سنڌ ۾ جڏهن مشهور تعليم دانن جو ذڪر ٿئي ٿو، جن ۾ سائين غلام حسين بالادي، سائين قرمداس ورياڻي، غلام رضا پٽو، فتح محمد قريشي، آٿر صاحب، غلام حسين سومرو... تنهن ۾ ڪيترن ناميارن هندو ۽ مسلمان استادن جن ۾ ڊاڪٽر ڊيوآرٽ جو نالو نه ونڊڻ وڏي ناانصافي ٿيندي.

مون ڊيوآرٽ صاحب کي 1962ع ۾ سچل آرٽس ڪاليج ۾ ڏٺو هو جتي هُو اڪثر اسان جي انگريزي، جي استاد پروفيسر حامد علي خان کي انگريزي شاعري، جا ميٽر سمجهائيندو هو ۽ صحيح اُچار سيکاريندو نظر ايندو هو. هن جي شخصيت نهايت سادي سودي هوندي هئي ۽ سائس منسوب ڪجهه قصا ۽ ان وقت معلوم ٿيا هٿا. جنهن ۾ سندس ڏيءُ جو ڪنهن پوليس آفيسر سان واسطو ٿيڻ ۽ ان سان شادي ڪري مسلمان ٿيڻ جو واقعو به شامل آهي. ليڪن هاڻ تازو جڏهن حيدرآباد جيم خانه ۾ هڪ دعوت ۾ جتي نظير قاسمي ۽ اعجاز قريشي به موجود هٿا، هن جي باري ۾ اڃا به وڌيڪ خبرون پيون. اهو به ته هو گوا ۾ پيدا ٿيو هو ۽ گورنمينٽ ڪاليج ڪليءُ ۾ به استاد ۽ پرنسپال رهيو هو. نظير قاسميءُ هن جا ڪيترا گروپ فوٽو به ڏيکاريا هٿا، ان طرح هڪ وڏو استاد وري ياد آيو، جنهن جو اڳتي تفصيلي ذڪر ڪبو.

ڪڏهن ڪڏهن دل چوي ٿي ته جي آءُ هينئر ننڍپ هجان ها، جوان هجان ها ته ضرور ڪرڪيٽ ۽ والي بال يا فٽ بال سکان ها. جيئن ٽيبل ٽينس، بيڊمنٽن ۽ رنگ گيم ڪيڏڻ ۾ مزو ايندو هئم، پر ڪڏهن به مستقل مزاجيءُ سان اهي راندين جاري نه رکي سگهيس. ايتريقدر جو اسڪولن ۾، پر سڀ کير ۽ سچل سائنس ڪاليج جي راندين ۾ به حصا ورتم، پر خبر ناهي چو مستقل مزاجيءُ سان راندين نه کيڏي سگهيس، لکندو رهيس، پڙهندو رهيس، مون کان ٽيبل ٽينس ۽ بيڊمنٽن ڪڏهن به وسري ڪونه، پريس ڪلب ۾ مسلسل کيڏندو رهيس، لا ڪاليج جي ڪامن روم ۾ کيڏندو هوس. منهنجا دوست اڃا به هوندا هٿا جيڪي راندين جا شوقين هٿا. مسعود به ٽيبل ٽينس جو سٺو کيڏاري هو ته اقبال قريشيءُ ته مون کي سالن جا سال راندين جي ميدان تي، پوءِ چاهي ڪرڪيٽ هجي يا هاڪي، والي بال يا فٽ بال ۽ ٽيبل ٽينس انهن جي ٽيمن جو انچارج به کيو، ڪوچ به رهيس ۽ پاڪستان جي مختلف يونيورسٽين، لاهور ۾، اسلام آباد ۾ به ٽيمون وٺي ويس، پر پاڻ راندين نه ٿي سگهيس. بس اقبال، ياسمين، حنيف اختر شاهه ۽ ٻين کان صلاحون وٺي ڪر هلائيندو رهيس ۽ هاڻ جڏهن سکڻ جو وقت ٿي گذري ويو آهي، دل چوي ٿي ته وري ايترو وقت ملي جو اهي راندين سکي وڃان، لکي لکي هڪ رنگي زندگيءُ جو عادي ٻڌجي ويو آهيان، ليڪن هاڻ تبديلي ٿو چاهيان، ايتري قدر جو

چاهيان ٿو ته ڪار ۾ هلايان جيڪا وڏي عرصي کان مون ورائيو ڪرڻ چڏي ڏني آهي، اهي ٻندي يوسف کان گرو نگر ۽ پنهنجي شهر کان تلڪ چاڑهي، جام شورو، ان وقت جيترو شهر هو ايتري گاڏي آءُ پاڻ ورائيو ڪندو هوس ۽ هاڻ جڏهن گاڏيون ۾ نيون آهن، منهنجا پٽ، پوٽا، پوٽيون، ڏهٽا، پائر ۽ انهن جو اولاد گاڏيون هلائين ٿا، آءُ چاهيندي ۾ نه ٿو هلائي سگهان، پر هاڻ چاهيان ٿو ته آءُ پاڻ گاڏي ۾ ورائيو ڪريان، ته جيئن ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي پسند جي ڪنهن ساٿيءَ کي اڪيلو وٺي وڃي مٽياري جي آئسڪريم کارايان، چو جو جڏهن آءُ پاڻ ورائيو ڪندو هوس تڏهن وري اهڙا ساٿي ڪونه ملندا.

مون کي ياد آهي ته هڪ دفعي منهنجي پٽ چيو ته "ڊيڈي توهين گاڏي هلايو ها نه؟" ته هن جي ماءُ چيو: "جگو جو نه ٿو هلائي، ته خبر ناهي ڪنهن ڪنهن کي پيو گهمائي ها." هاڻ ته هوءَ ۾ ڪانهي، پر هن جي ڳالهه اڄ ۾ ياد اٿم.

•

ورهاڱي کان گهٽو اڳ جهوناڳڙهه جي راجا هڪ ڪاليج کوليو هو، جنهن ۾ غريب شاگردن کي مفت تعليم ڏني ويندي هئي. ان تعليم جو معيار ايترو ته سٺو هو جو، سنڌ مان ۾ ڪٽين شاگرد اتي تعليم حاصل ڪرڻ ويندا هئا، جڏهن ته ان وقت مسلم عليگڙهه ڪاليج جو وڏو نالو هوندو هو ۽ سنڌ مان ۾ ڪيترا ماڻهو ڪهي اتي ويندا هئا، جن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۾ شامل هو. ليڪن بابا (قاضي محمد لائق)، حفيظ قريشي، چاچا فتح الله ۽ ٻيا ڪيترا قاضي جهونا ڳڙهه جا جبل جهاڳي آيا هئا.

چاچا غلام قادر ٻڌايو ته بابا اتي ٽورو وقت رهيو. ان دوران ڪاليج وارن چاچا فتح الله کي ميس جو انچارج مقرر ڪيو هو، چو جو هو طبيعت جو ڪنجوس هوندو هو، تنهن ڪري پئسو سنياڻي استعمال ڪندو هو. ٻئي طرف بابا جهونا ڳڙهه جا قصا مزي سان ٻڌائيندو هو ته اتي ڪيئن پولوا ۽ باندر هر هنڌ رستن تي بازارن ۾ ۽ وٽن تي نظر ايندا هئا، جيڪي ماڻهن جي هٿن مان شيون کسي ويندا هئا. ايتري قدر جو هڪ دفعو ڪانئس آئسڪريم به ڦري ويا.

بابا اسان کي ٻڌايو هو ته ڪيئن جيپور جي مهاراجا، جيپور کان ننڍي لائين (Small guage) ريلوي حيدرآباد تائين هلائي هئي. جنهن کي پوءِ به گهٽو وقت راجا واري گاڏي چٽبو هو، جيڪا پاڪستان ڪانپوءِ گهٽو وقت حيدرآباد کان ميرپورخاص ۽ پوءِ گڏو تائين هلندي رهي ۽ ميرپوخاص کان جهڏي، ڪنري ۽ ٽڻون ڪوٽ ۾ اهڙي لائين وڃائي وٺي ۽ ٻئي طرف نوابشاهه کان سنڌ جي اندرين علاقن تائين، اهي ننڍڙيون ريلون هلنديون رهيون.

خاص ڪري حيدرآباد کان راجا واري گاڏي ۽ مٽن ٽرين جيڪا اترين علاقن ڏانهن ويندي هئي ۽ برادِ گيج تي هلندي هئي، انهن جا رستا گڏ هوندا هئا جيڪي "ڊيٽا" اسٽيشن کان جدا ٿي، راجا واري گاڏي ميرپورخاص ويندي هئي ۽ تيزگام، شاهين ۽ تيزرو جهڙيون گاڏيون وڏي پٽي تي مٽن رستو ونڊيون هيون. ائين لڳندو هو جڏ وڏي پيڙ ۽ ننڍي پيڙ جدا جدا رستن تي هليون ويندڙيون هيون.

اسان ۾ راجا واري گاڏي جا خوب مزا ورتا، ميرپورخاص تورڻي جهڏي ۽ ڪنريءَ جا چڪر ته هنياسين ۽ جهڏي جي ننڍڙي، پر صاف ستري اسٽيشن جيڪا بابا جي نوڪريءَ جو آخري سفر ٻٽي، انڪري جو 1959 ۾ بابا جهڏي جي ائيمنسٽريٽر طور رٽائر ڪيو. جهڏو، ننڍي آمر کان پوءِ هيو نهايت صاف ستڙو ۽ خوبصورت شهر هو. جهڏي ۾ پوءِ ڪٽين دفعا ويس، پر خبر ناهي اکين ڇا ٿي ڏسڻ چاهيو، هِت ته رڳو ڏوڙ هئي ۽ ماڻهن جا هجوم.

•

هالن پراڻن جي وڏن وشال اڳڻن تان جڏهن سج جي سواري پنهنجو آب تاب ڏيکاري الهندي ڏانهن

سرڪڻ لڳندي هئي ۽ پتين تان لهي آهستي آهستي چانوَ ڪي جاءِ ڏيندي هئي تڏهن اسان جي قاضي محلي جا اڳڻ شهر مان هلڻ لاءِ ايندڙ ڪيترين ئي عورتن ۽ هارن سان پرجي ويندا هئا ۽ چوطرف خوشيءَ جا رنگ وکري ويندا هئا. عورتون پنهنجي ساهيڙين قاضيائين سان ملڻ ايندیون هيون تہ هار وري ڦوڪٽا، چٽا، ڪيمچا ۽ ٻيون شيون ڪڍي وکڻڻ پهچي ويندا هئا. انهن اڇڻ وارين ۾ هڪ نهايت سهڻي عورت به هوندي هئي جيڪا ڄائي جمر گونگي هئي. هُو اشارن سان ڳالهائيندي هئي ۽ منهنجون ڦيرون هن سان اشارن ۾ ئي ڪجهريون ڪنديون هيون.

پهرين تہ آئون ان گونگيءَ ڪي پسند نہ ڪندو هوس تہ ڏڃندو به هوس پر جو اسين ڪنهن ٻپ واري انسان ڪي گونگو چوندا هئاسين ۽ امان جن به اسان ڪي ننڍپڻ ۾ گونگي جو ٻپ ڏئي جلدي سمهاري ڇڏيندیون هيون وري جو نگينہ فلر ۾ هڪ پراسرار حويليءَ ۾ هڪ هيبتناڪ انسان ڏٺو جنهن ڪي سندس مالڪ، "گونگا" ڪري سڏيندو هو تہ هيڪاري ٻپ لڳندو هئم. ليڪن اڄ به جڏهن ان خوبصورت گونگيءَ جو سوچيان ٿو تہ ڏاڍي کهل ٿي اچيم تہ هُوءَ ويچاري سونهن ۾ سرس هوندي به ڪجهہ ڪچي نہ سگهندي هئي. هن جي اکين ۾ ڪي افسانا نظر ايندا هئم، جيڪي ڪڏهن خوشي ڪڏهن غم جو ڏيک ڏيندا هئا، پر چو جو آءٌ عمر ۾ ننڍو هوس تنهنڪري ان کان وڌيڪ سوچي نہ سگهندو هوس.

گونگي حسن ڪي ڏسڻ ڪانپوءِ مون کي ائين لڳندو هو، جڻ سهڻا ماڻهو گونگا ٿيندا آهن، پر پوءِ خبر پئي تہ سهڻا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن سامعين ڪي به گونگو ڪري وڃهندا آهن. ٻيو اهو تہ سبونهن ڪنهن ذاتہ ڪڙم يا قبيلي جو ورثو ناهي، نہ ئي ڪو سونهن دولتمندن جي جاگير آهي. مونکي تہ پاڻ غريبن ۾ سونهن وڌيڪ نظر آئي، انهن مان ڪن جو مون ذڪر به ڪيو آهي، ليڪن ڪن جو ذڪر ڪرڻ لاءِ مون وٽ لفظ ناهن.

اسان جو هڪ واقفڪار جيڪو شڪل جو ڪو خاص چڱو نہ هئو نہ ئي ڪا ٻي خوبي هئس، تنهن لاءِ ڪنوار پٽي ڳوليائون. همراهہ به چئي تہ مونکي ڪنوار ڪپي هيري جي ڪٽي. ان تي اسان جي پاڙي جي هڪ شاهہ صاحب، جيڪو نهايت ڏاهو ۽ وقت ڪي سڃاڻڻ وارو شخص هو، تنهن چيس، "پنهنجي شڪل ڏٺي اٿئي تڏهن، وري گهرين ٿو حُور پري!" ان تي هن ورائيو، "ڇا ڪريان پنهنجي شڪل نہ ئي وٺيم تڏهن تہ چوان ٿو تہ من گهر ۾ ڪا حور پري اڃي تہ ڏسي دل ناربي."

مونکي حيرت ٿي لڳي تہ اسان جي ننڍپڻ واري دور ۾ شاديءَ ۾ مرد جي عمر ڪان وڌيڪ هن جي ٻين خوبين ڪي ڏٺو ويندو هو. ٻئي طرف اهي مائٽ جن جون نيائيون وڏيون ٿيڻ لڳنديون هيون، اهي چاهيندا هئا تہ بس نيائيءَ جي شادي ٿي وڃي. مڙس پلي تہ ڪهڙي عمر جو هجي. ان جو مونکي ذاتي تجربو به آهي ڇو جو اسان جي هڪ وڏي عمر جي استاد ڪي جڏهن اسان جي ئي واقفڪارن پنهنجي ننڍي نيٽي ڏيءَ پٽي ڏني تہ مون ڪي ڳالهہ نہ وٺي. ليڪن هنن چيو تہ ادا نيائيءَ جو بار لهي، مڙس ۽ گهوڙو ڪڏهن پوڙها ڪونہ ٿين." اهڙيءَ طرح ڪيترا گهوڙا ۽ گڏهہ به نوازجي ويا.

•

ورائيو ڪندو هجان تہ ضرور ڪنهن نہ ڪنهن ڪي پيو گهمايان ها، ڪم از ڪم ان ڪي تہ پاڻ وٽ روڪي سگهان ها، جنهن مون تي هڪ شخص ڪي صرف ان ڪري فوقيت ڏني جو هن وٽ ڪار به هئي تہ هلائيندو به پاڻ هو ۽ جڏهن وري موٽرن جو دور آيو تہ هوءَ تمام پري وڃي چڪي هئي.

دل به تمنائن جي ڪاڻ آهي. تمنائون ڪٽن نہ ٿيون ۽ خواهشون هر وقت اڳيان پٺيان پيون هلن، اهو جاڻن

ئي نہ ٹيون تہ هاڻ منهنجا قدر هنن جو سڪ نہ ٿا ڏئي سگهن، صرف ايتري ئي سگهہ بچي آهي جو انهن خواهشن جي خوشبو کي محسوس ڪري سگهان، انهن جا خواب ڏسي سگهان ۽ ان وقت تي افسوس ڪري سگهان، جڏهن آءُ ڪار ڊرائيو ڪري سگهندو هوس تہ راندين ۾ ڪوچ ۽ انچارج ٽيڊ تائين واسطو رکي سگهندو هئس.

هاڻ فلم آهي ۽ آءُ، دنيا بدلجي وئي آهي، پر اهي نہ بدليا آهن، اڄ بہ مون سان پيار ڪن ٿا، اڄ بہ منهنجا ساٿي آهن. بلڪ مون کي دنيا سان گڏيائي پيا هلن.

•

اڄ 4- جنوري 2019ع تي مون کي پنهنجي تمام ويجهي مائٽ قاضي آفتاب جي وفات جي خبر پئي، جيڪو نہ صرف منهنجي ننڍپڻ جي يادن جو هڪ ڪردار هو ۽ جواني ۾ جا پرپور ڏينهن حيدرآباد ۾ رهندي، ڪراچي ۽ نوابشاهہ جا چڪر ڪاٽيندي گذاريا سين، بلڪ جنهن سان ڪيترا دلچسپ ۽ مزيدار ۽ اهم واقعا منهنجي يادگيرين جي ڪتاب ۾ پکڙيا پيا آهن، هُو منهنجو دوست بہ هئو ۽ پيٽوير بہ هئو.

آفتاب جيڪو اسان جي چاچي قاضي محمد ايلياس (هڪ ئي وڏي ڏاڏي جي شجري سان واسطو رکندڙ) قاضيءَ جو پٽ هئو، جيڪو نوابشاهہ جو هڪ وڏو زميندار هو. هُو پنهنجي پيءُ قاضي امين محمد جي وفات وقت صغير سني باعث ڪيس بچيريءَ ۾ اٽڪل پنجو سؤ ايڪڙ ٻني ۽ نوابشاهہ شهر ۾ سول اسپتال جي سامهون هڪ وڏو پلاٽ مليل هئو ليکن هُو هالا پراڻا ۾ ئي رهندو هو. آفتاب جو پيءُ، جيڪو منهنجي ڦٻيءَ جو گهر وارو بہ هئو، تنهن پنهنجي پهرين زال ڇڏي، حيدرآباد جي پاڙي ٽنڈي آغا مان شادي ڪئي ۽ اتي جو ئي ٿي ويو. بلڪل ائين جيئن بابا، بدلي طور هن جي پيڙ کي ڇڏي، الهداد جنڊ جي ڳوٺ مان شادي ڪئي ۽ اتي ئي پنهنجو مرڪز بنايائين. اهڙيءَ طرح اسان جا والدين هالا پراڻا جا هٿا تہ اسين وري حيدرآباد شهر ۾ وسي ويا سين.

اسان جو هڪ ٻيو چاچو حفيظ قريشي بہ وڪالت جي پيشي ۾ اڇڻ ڪري پهرين ڪراچيءَ ۾ بندر روڊ تي آفندي منزل ۾ ويجي رهيو، ليکن پوءِ حيدرآباد ۾ پڪا پير جاڙهيءَ تي، خانبهادر عظيم خان جي گهر هيٺان آفيس ورتائين ۽ پنهنجي زال جي گذاري وڃڻ کان پوءِ خانبهادر جي ڌڻيءَ سان شادي ڪري اهو بہ حيدرآبادي ٿي ويو ۽ آءُ، آفتاب ۽ هن جو وڏو پٽ نياز (شفيع زيغم) منهنجي 1959 ۾ حيدرآباد اچي رهڻ کان پوءِ دوستيءَ جي ڏاڪي ۾ پروئجي وياسين. ا ن سان گڏ بابا جي مامي شفيع محمد قريشيءَ جو پٽ سليم، منهنجا ماسات ظفر ۽ نجمي بہ اسان جي سڪ ۾ شامل هئا، انهن مان هڪڙا گذاري ويا، ٻيا هميشہ ساٿي رهيا ۽ هاڻ آفتاب بہ نہ رهيو.

مون آفتاب ۽ ٻين مائٽ دوستن سان جيڪي ڏينهن گذاريا، جيڪي گهميو ڦريو، جيڪي فلمون ڏٺيون، تن جو ذڪر آءُ تفصيلي ڪري چڪو آهيان، پر اصلي ڏُکتو اهو آهي تہ ڪا شئي هميشہ هڪ جهڙي نہ ٿي رهي. تبديلي هر لمحي ۾ ٿيندي پئي وڃي. نہ هاڻ اهي ماڻهو آهن نہ انهن جا اُهي وڏا جيڪي هميشہ قرب جو احساس ڏيارينداا هئا، نہ ئي اها حيدرآباد، جنهن جي هڪ هڪ گهٽي ۽ هڪ هڪ رستي تي اسان جي قدمن جا اڻ ڀڳل نشان گم ٿيل آهن.

دوست تہ هر عمر ۽ هر وقت ملندا رهن ٿا ۽ وچڙندا رهن ٿا، پر جن سان زندگيءَ ۾ جو سڪ رهيو، انهن جو وڃڻ پنهنجي پٽيان ڪٽين اڏورا داستان ڇڏي ٿو وڃي. خاص ڪري جيڪي دوست، مائٽ بہ هجن، جن سان رت جا رشتا بہ هجن، انهن جو درد وڌيڪ ٿئي ٿو.

مون کي آفتاب شيخ، عالم چنڊ، جام ساقي، الطاف شيخ، رسول بخش پليجي جو ڏک تہ ايترا تائين آهي، پر شمشيرالحيدري، نياز همايوني، رباني، خاص

ڪري شيخ اياز ۽ آغا سليم (هي به ٻي ته منهنجي دل تان لهن ٿي نه ٿا)، ممتاز مرزا، ظفر مرزا (ٻئي پائٽر ۽ منهنجا ماسات)، نياز (حفيظ قريشي جو پٽ)، علي بابا، طارق اشرف، ثميره زرين، مولانا عبدالواحد سنڌي، مولانا غلام محمد گرامي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، تنوير عباسي، نجم عباسي، باقر علي شاهہ، قبول ابڙو ۽ ٻيا به ڪٽين ۽ منهنجو وڏو پاءُ دادا مشتاق ۽ منهنجي گهر واري ته جڏ ايڏا به اندر ۾ جيئرا وينا آهن.

•

سنڌ ۾ سهڻي ماڻهو لاءِ لفظ استعمال ٿيندو آهي، سدا ملوڪ ۽ سٺن افعالن ۽ عادتن واري ماڻهوءَ کي سلجهيو چوندا آهن. اهي لفظ گهٽو ڪري ماڙون پنهنجي اولاد لاءِ ڪر آئيندين آهن، تنهنڪري اسين به پنهنجن پيارن لاءِ اهي لفظ ڪر آئيندا آهيون ۽ اهڙن خوبين وارو منهنجو دوست پروفيسر ادريس خان به هن دنيا مان هليو ويو.

منهنجي زندگيءَ ۾ صحافت، تعليم ۽ ادب جو وڏو حصو رهيو آهي، انهن مان تعليم ۽ ادب سان گهڻي ۾ گهڻي صحبت رهي آهي. ۽ ان ڪيترن ۾ ڪيترا سٺا دوست رهيا، جن سان جڏ ته زندگي ۾ جو ساٿ رهيو، پروفيسر ادريس خان به اهڙن دوستن مان هئو جيڪو حالانڪ سائنس جو استاد هو، مون کان سينئر به هو، ليڪن 1966ع کان وٺي جڏهن هن سان دوستيءَ جو ناتو ٿيو ته اهو اڌ صديءَ کان پوءِ به اهڙو ئي نڻون نڪور هئو، جنهن کي حيدرآباد جي صبح جي خوبصورت هوائن سان تشبيهہ ڏئي سگهجي ٿي.

هن سان منهنجي دوستي سچل سائنس ڪاليج ۾ شروع ٿي، جتي آءٌ بي.اي آنرز ڪري سنڌيءَ جو پارٽ ٽائيم ليڪچرار مقرر ٿيو هوس ۽ هُو ان وقت جيتوڻيڪ گورنمينٽ ڪاليج ۾ سينيئر استاد هو، ليڪن سچل سائنس ڪاليج ۾ تمام گهڻو اچڻ وڃڻ هوس، جتي هن جا سائنس جا ساٿي ۽ دوست استاد، جن ۾ پروفيسر محمد حيات ڪاڪا، پرنسپل عبدالحڪيم شيخ، پروفيسر زبيده قاضي ۽ ٻيا ڪيترا سائنس جا استاد هوندا هئا ۽ ان ٻي وقت هڪ ٻيو سائنس جو استاد جيڪو روس مان پي ايڇ.ڊي ڪري آيو هو ۽ يونيورسٽيءَ ۾ استاد مقرر ٿيو هو، ڊاڪٽر شاهہ نواز عاربائيءَ، اهو پڻ ان وقت کان ٻي دوست اٿم، پروفيسر ادريس خان، پروفيسر محمد حيات ڪاڪا ۽ پروفيسر شاهہ نواز عاربائيءَ سان دوستي واري ٻي دور ۾ پروفيسر قسير بيگ چغتائيءَ سان به دوستي ٿي ۽ اسين نه صرف هڪٻئي وٽ ڪاليجن ۾ اچڻ وڃڻ لڳاسين بلڪ ايجوڪيشن بورڊ ۾ امتحاني ڪم ڪرڻ لاءِ به گڏوگڏ پيا هلندا هئاسين ۽ شامن جو جڏهن پڙهائي ۽ ٻين مصروفيتن مان ٽوڙو وقت ملندو هو ته گڏجي ڪڏهن ڪراچي هوٽل، ڪڏهن رٽز، ڪڏهن پريمر پارڪ ۾ ته ڪڏهن پريس ڪلب ۾ حيدرآباد جي حسين شامن جو لطف ونندا هئاسين.

قسير صاحب ته ڪافي وقت اڳ وفات ڪري ويو، ليڪن ڪاڪا صاحب ۽ ادريس صاحب سان وڏو وقت گذريو. خاص ڪري جو گورنمينٽ ڪاليج جي المنائيءَ جي تقريبات ۾ پروفيسر نظير قاسمي ۽ ٻين دوستن احبابن ۽ جن ۾ ڪي منهنجا اهڙا شاگرد به هئا جيڪي هن ڪاليج جا پرنسپل به مقرر ٿيا جن ۾ محمد حسن ٽيپو ۽ ياسين خان، ڊاڪٽر ناصر شيخ ۽ ڪيترا سنڌي شعبي جا استاد به هئا، تنهنڪري ادريس خان، جيڪو المنائي جو هڪ اهم رڪن هو، تنهن سان هر فنڪشن ۾ ملاقاتون به ٿيندیون هيون ته وري شامون ڏيٿلداس ڪلب جي لان تي چانهہ پيئندي ۽ ماني ڪائيندي به گڏ گذاريندا هئاسين. هنن ٻنهي استاد ساٿين ۽ دلي دوستن سان منهنجا گهريلو ناتا به هئا ۽ هڪ ٻئي جي غم ۽ خوشيءَ ۾ به شريڪ ٿيندا هئاسين.

هيءُ ٻئي دوست، خاص ڪري ادريس صاحب ۽ ڪاڪا صاحب هميشہ مسڪرائيندا نظر ايندا هئا جاهي

جو هنن کي ڪنڌن ڪاوڙ ضرور ايندي هئي پر چهري تي مسڪراهٽ اهڙي تہ مضبوطيءَ سان چنبڙيل هئي ان کي ڏسي مونکي هڪ نهايت دلچسپ فلر "دي سمائيلنگ مئن" ياد ايندي هئي. جنهن جو هيرو هميشہ مسڪرائيندو ٿو رهي. ايتري قدر جو جڏهن ڪيس وڏي ۾ وڏي تڪليف يا صدمو ٿو پهچي تہ بہ هن جي چپن تي مسڪراهٽ جو راڄ هوندو هو. دراصل هن کي ننڍپڻ ۾ ڪي ڏوهاري اغوا ڪري ويا هئا ۽ هن جي چپن جي ڪنڊن کي تشدد ذريعي اهڙي طرح ڪٽي چڏيو هئائون جو لڳندو هو تہ هُو مسڪرائي پيو. هي، هڪ پيارا سائي تہ قدرتي طور ان خوبيءَ سان نوازيل هوندا هئا ۽ هميشہ مرڪ سندن چهري تي چانبوڪيءَ جي روشنيءَ جيان پکڙيل هوندي هئي.

ڪاڪا صاحب سان تہ ڪافي وقت ڪان ملاقات نہ ٿي آهي پر ادريس صاحب سان تمام ٿڪڙيون ملاقاتون ٿيندڙيون هيون. خاص ڪري جو رٽائر ٿيڻ کانپوءِ بہ هن تعليم سان رشتو نہ ٽوڙيو ۽ شهر جي هڪ بهترين ڪاليج جو پرنسپل ٿي رهيو ۽ زندگيءَ جي آخري ساهہ تائين ان سان اهڙو نپايائين جو سندس وفات جي ڏينهن ان ڪاليج کي احترام طور بند رکيو ويو ۽ ان ڏينهن عيد ميلاد ۽ ٻيو ڪو فنڪشن رکيل هئو جيڪو پڻ ملتوي ڪيو ويو ۽ وڏن سان گڏ ننڍن ٻارن، جن ۾ منهنجا ڏوهٽا، ڏهٽيون بہ شامل آهن، تن ڏاڍي ڏک سان پٽي چيو، "سر ادريس گذاري ويو آهي، انڪري اڄ ڪاليج بند ڪيو ائن."

"سر ادريس گذاري ويو." هنن لفظن جي معنيٰ مونکي نہ پٽي اچي، جيڪو ماڻهو پرائن دوستن سائين ۽ ايندڙ نسل جي ٻارن کي ياد ٿي ويو هجي. اهو گذاري سگهي ٿو، مري نہ ٿو سگهي. ادريس صاحب تي گهٽو لکيو، يادن جو هڪ هجوم لاتينون لڳايو ٻيٺو آهي.

اهي قومون ڪڏهن بہ ترقي نہ ڪري سگهنديون آهن، جيڪي دنيا سان قدم قدم سان ملائي نہ هلنديون آهن ۽ نہ ئي وقت سان گڏ تبديل ٿيڻ جي سگهہ هوندي اٿن. پوءِ اهڙيون قومون پنهنجي ثقافت ۽ رائج روند سان ڪمائي ڪنديون آهن ۽ سڀائين ڪنهن سرڪس ۾ ڪرتب ڪري ڪمائڻ واريون حرڪتون ڪنديون آهن.

جديد دور جي تقاضا آهي تہ ڪلچر سان گڏ سائنس ۾ بہ ترقي ڪجي. سائنس سوسائٽيون ٺاهجن، جيڪي سرڪاري طور پنهنجو سائنسي ترقيءَ جو ڪر ڪن. ايجادون ۽ دريافتون ڪن. صرف ڪنبرن کي ترقي ڏيارڻ بدران نيون عمارتون تعمير ڪن. مان تہ چوان ٿو تہ پلي اهڙا ڪر ڪن، جن کي دنيا جا ماڻهو ڏسڻ اچن، پر اسان جي ماڻهن کي بہ ان قابل بڻائين تہ هُو بنان ڪنهن سرڪاري بيساکي جي سهاري دنيا ڏسي سگهن. اهو اسين صرف سائنسي ترقي ڪري بنجي سگهون ٿا. ڇو جو دنيا ڏهالون هٿ ڪان اڳتي وڌي، چند تائين پهچي چڪي آهي، اسان کي بہ هن جهان کي تسخير ڪرڻ جو حق آهي، صرف طاقت ناهي، قوت ناهي، اها پيدا ڪجي، اسان کي ڏرتيءَ تان نيست ۽ نابود ڪرڻ بدران اسان کي آفاقي بنائڻ جا جتن ڪرڻ گهرجن.



ڊاڪٽر علي اڪبر "اسير" قريشي


شاعر ۽ حڪيم ـ قاضي عبدالڪريم

سنڌ ۾ يوناني طب جي سلسلي ۾ تاريخي ڪتابن جي اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ يوناني طب جو گهٽو ئي چرچو ۽ چوپول هو، جو اها وقت جي اهم ضرورت هئي. ليڪن صديون گذرڻ کان پوءِ به سنڌ جي طبي تاريخ تي ايترو ڪم ڪو نه ٿيو آهي، جيترو ڪرڻ ڪپندو هو، ۽ نه ئي وري کا انهن طبيبن ۽ حڪيمن جي سربستي تاريخ ملي ٿي. شاهه جي رسالي ۾ ته ويجهن ۽ ڪُويجهن جو ذڪر به ملي ٿو.

ڪُنيس ڪُويجهن، ٿئن طبيب نه گڏيا.

اِن سلسلي ۾ شاهه لطيف جا بيت ڪافي رهنمائي ڪري سگهن ٿا.

پير حسام الدين راشديءَ هڪ مقالو لکي، طبي تاريخ کي تاريڪيءَ جي ٿَر مان ڪڍي، اسان کي پنهنجي چند حڪيمن ۽ سندن فن کان ڪي قدر واقف ڪيو آهي. سندس اهو مقالو ابتدا ۾ "روزانه مهراڻ سالگرهه نمبر" (16 نومبر 1957ع) ۾، 'سنڌ ۾ يوناني طب' جي نالي سان ڇپيو. بعد ۾ ساڳيو مقالو سندس ڪتاب "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون" ۾ درج ڪيو ويو، جنهن کان گهٽو پوءِ حڪيم نياز همايونيءَ 'سنڌ جي طبي تاريخ' تي، هڪ ضخيم ڪتاب، ساڳئي ئي عنوان سان لکي، مذڪوره تاريخ کي اونداهيءَ مان ڪڍي روشني بخشي آهي. منجهس سنڌ جي مختلف پهلوئن کي دور وار اجاگر ڪري روشني وڌي اٿس. هن ۾ ڪيترن ئي حڪيمن جو سربستو احوال درج ٿيل آهي ته ڪِن کي وري متعارف ڪرايو اٿس. هيءُ ڪتاب 'سنڌ جي طبي تاريخ' سال 1976ع ۾ ڇپيو. هي طب جي تاريخ ۾ انسائيڪلوپيڊيا جي حيثيت رکي ٿو. جيڪڏهن ائين نه ڪيو وڃي ها ته شايد ايڏو وڏو ذخيرو اسان جي اکين کان اوجهل رهندو اچي ها. نياز همايونيءَ جو هيءُ ڪارنامو سنڌ جي طبي



[ولادت: 1899ع - وفات: 1978ع]

تاريخ ۾ سونهري حرفن ۾ لکڻ جي لائق ۽ قابل آهي. حڪيم همايونيءَ انهيءَ ڏِس ۾ ڏاڍي ڪوشش ۽ درد سريءَ کان ڪم ورتو آهي ۽ سڄا سارا ڏهه سال لڳاتار هن تاريخ لکڻ ۾ سرگرم ۽ سرگردان رهيو آهي، پر سندس ڪنهن به قسم جي همت افزائي کا نه ڪئي وئي. افسوس اِهو آهي ته جيڪي ڏينهن ۾ ڏهه ڪهاڻيون ٿا لکن ته انهن جي

نهايت گهڻي سارهه ڪئي ٿي وڃي ۽ اوارڊ ۽ انهن کي ئي ڏنا ٿا وڃن. باقي نياز همايوني، جهڙن جي پچاڙي، تائين کا ۽ سارسنيال لڏي نه ٿي وڃي ۽ نه وري ڪين ياد ڪيو ٿو وڃي. تنهن هوندي ۽ همايوني، جهڙن حڪيمن ۽ شاعرن ۽ محققن جو مقام مڙني کان مٿانهون، سرس ۽ سوايو نظر اچي ٿو.

جيڪڏهن اجا ۽ سنڌي ادب جي هن حصي تي نظر ڪبي ته ڪيترو ئي مواد ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ ملندو، جنهن کي يڪجاءِ ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي. اهوئي محقق هن ميدان ۾ پيرپائي سگهي ٿو، جنهن کي هن ڪم جي پوري پوري ڄاڻ هوندي. سنڌ جي ڪنڊ ڪُڙڇ ته ماهر حڪيمن سان ڀري پيئي آهي، جن تي جيترو ناز ڪجي اوترو ٿورو آهي. سنڌ جي أها دڙي نه آهي، جتي حاذق ۽ جراح حڪيم جو نالو نه هجي. اڄوڪي (موجوده) دور ۾ ڪي حڪيم ۽ آهن، جي وڏن جو قائم ڪي مطب هلائي پنهنجي مليل ورثي کي بچائڻ ۾ ڪوشان آهن. ڪن جو ته صرف نالو وڃي رهيو آهي. اسان جا طبيب ۽ حاذق حڪيم حڪمت ۽ ڏاهپ ۾ گهڻو برڪ هئا، جن جو نالو ڪنهن ۽ تعارف جو محتاج نه رهيو آهي. وارهه تعلقي ۾ ته ڪئين لاڻاني ۽ حاذق حڪيم ٿي گذريا آهن. جهڙوڪ: حڪيم الهورايو قريشي ڳوٺ جوٽاٽي شريف، حڪيم دين محمد هرڙو وارهه، حڪيم محمد هاشم سومرو ڳوٺ فيض محمد سومرو لڳ وارهه، ميان عزيز الله ڪلهوڙو نصير آباد، حڪيم محمد شاهه بادشاهه لعل باغ، مونڊر لاکا وغيره. اهڙن حاذق ۽ جراح حڪيمن جي پهرين قطار ۾ قاضي عبدالڪريم جو نالو نمايان ۽ نشانبر آهي.

لالو رانڪ جو تاريخي ۽ قديمي شهر فقيرن، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ حڪيمن سان مشهور ۽ مقبول رهندو ٿو اچي. هن شهر جا قديم بزرگ فقير ۽ درويش صفت انسان سنڌ جا مشاهير سڏجن ٿا. پر لالو رانڪ کي ته هفت زبان شاعر علامه محمد هدايت علي نجفي 'تارڪ' ۽ حڪيم قاضي عبدالڪريم جي ڪري وڏي اهميت ۽ حيثيت حاصل آهي.

قاضي عبدالڪريم ولد واليڏنو عباسي تاريخ 25- اپريل 1899ع موجب سنه 1317ھ ۾ لالو رانڪ شهر ۾ ڄائو، ٽپنو ۽ وڏو ٿيو. فارسي، عربي، اردو، سنسڪرت، هندي ۽ انگريزي بولين جي ڪي قدر ڄاڻ هُيس. سنڌي بولي ته سندس مادري بولي هئي. هڪ دفعي حڪيم سيد محمد معشوق شاهه راشدي لالو رانڪ ۾ آيو، جتي قاضي عبدالڪريم، سيد محمد معشوق شاهه سان وڃي مليو. سيد صاحب چيس ته "تون قاضي ٿيندين." جنهن تي وراڻيائين ته "هائو سائين". ان کان پوءِ پير محمد معشوق شاهه، قاضي عبدالڪريم کي وٽي پنهنجي پاڻ پير سيد ارشاد الله شاهه (لالو رانڪ) جي حوالي ڪيائين ۽ شاهه صاحب کي تاڪيد ۽ گهڻو ئي ڪيائين. پير ارشاد الله شاهه نهايت اعليٰ پايي جو حڪيم، اديب ۽ عالم هو. سندس هڪ ڪتاب اُن وقت جي گرامر جي ٽن پاڳن [صرف، نحو ۽ حرف جي بيان] ۾ لکيائين، جنهن جي فوٽو ڪاپي هن بندي وٽ آهي. اکر نهايت صاف سُٿرا ۽ وٺندڙ آهن. هيءُ ڪتاب ڪل ٽيهتر صفحن تي مشتمل آهي.

قاضي عبدالڪريم جو طب ۾ پهريون استاد حڪيم پيرسيد ارشاد الله شاهه راشدي هو ۽ حڪيم مولوي محمد محبت الله کان ۽ طب جو ڪجهه علم پرايائين. بعد ۾ حڪيم احمد دين مرزائي/ قادياني رٻواه کان ڪو وقت طب جي تربيت ورتائين. پوءِ حڪيم امرسنگهه سنياسيءَ کان وڌيڪ طب جي ڄاڻ حاصل ڪيائين. حڪيم امرسنگهه رياست گوالير جي شاهي خاندان جي شاهي طبيب طور مشهور ۽ معروف آهي. قاضي عبدالڪريم، ديني تعليم مولوي فيض الڪريم وٽ پڙهيو. شاعريءَ جي شوق وري ڪيس لالو رانڪ جي مشهور ۽ مقبول جيد عالم، ڪاتب، حافظ، قاري، خوش نويس، خوش گفتار، خوش خُلق، خوش پوشاڪ، خوش مزاج، عاشق ۽ صادق، هفت زبان شاعر علامه محمد هدايت علي نجفي 'تارڪ' جو شاگرد ٻڌايو. علامه تارڪ سنڌي

علم و ادب جي هر صنف تي لکيو آهي. ملک الشعراء علامہ تارک، قاضي عبدالکريم لاءِ ٽن بولين ۾ کڻڙو نہ سهڻو فرمايو آهي.

(فارسي) مُکرم جهان است عبدالکريم
(اردو) مُکرم جهان کا هي عبدالکريم
(سنڌي) مُکرم جهان ٽيو آهہ عبدالکريم.

قاضي عبدالکريم نندپڻ ۾ ئي ماءُ پيءُ جي شفقت کان محروم ٿي ويو. ڏهن ڀارنهن سالن جو هو، جو طب جي علم جي تربيت ونڊ شروع کيائين. طب جي باڪمال ۽ بهترين حڪيمن ۽ عالمن جي سرپرستي ۽ شاگرديءَ ۾ رهي ڪري، طب ۾ حدِ ڪمال کي پهتو. ڇو تہ قديم وقت کان وٺي عالمن ۽ بزرگن ۾ طب ۽ حڪمت جو تمام گهڻو چاهہ هوندو هو. عام ماڻهو به طبابت کان ٿورو گهڻو واقف ضرور هوندا هئا. کي ماڻهو حڪمت ۽ هوشيارپ ۾ نالو نروار ڪري ويا تہ ڪي وري گوشہ نشينيءَ جي حالت ۾ گم رهيا. کي حڪيم اهڙا به هئا، جن پنهنجي اولاد کي طب جي ترغيب ۽ تربيت کان پاسيرو رکيو، تہ ڪن وري پنهنجي خداداد ذات ۽ ذاهپ کي بچائڻ لاءِ پنهنجي اولاد جي تربيت ڪئي ۽ ڪن وري تہ شاگرد پيدا ڪري پنهنجو نالو زنده رکڻ چاهيو. کي حڪيم اهڙا به هئا، جيڪي حسد ۽ ساڙ جي ڪري پنهنجو جانشين مقرر ڪري نہ سگهيا، جنهن ڪري ڪين مليل ذات جو ڏيئو هميشہ جي لاءِ اُجهامي ويو. هن سلسلي ۾ ڪيترائي نالا وٺي سگهجن ٿا. البت قاضي عبدالکريم جو قائم ڪيل "ڪريم الشفاء" هن وقت به قائم آهي، ۽ انشاء الله تعالىٰ اڳتي به قائم رهندو.

قاضي عبدالکريم اٽڪل 38 سالن جي جمار ۾ شادي ڪئي، سندس شاديءَ جي تاريخ علامہ تارک هنن لفظن مان ڪڍي آهي:

اڄ عبدالکريم آهي دلشاد ٽيو،
جو خانو انهيءَ جو خوش آباد ٽيو،
تاريخ مبارک لکين نادر خلعت،
1355هـ

هيئن هاتف کان 'تارک' ارشاد ٽيو.

قاضي عبدالکريم کي الله تعالىٰ ڇهن پُٽن جو اولاد عطا ڪيو. قاضي عبدالغفار (ولادت 38- 1937ع)، قاضي عبدالستار (43-1942ع)، قاضي عبدالجبار، قاضي ديدار علي، قاضي مختيارعلي ۽ قاضي اورنگزيب. قاضي عبدالغفار ۽ قاضي عبدالستار پنهنجي والد جي سرپرستي ۽ نظرداريءَ هيٺ حڪمت کي هٿ ڪيو. قاضي عبدالجبار به ڪجهہ حڪمت سِکي، بس ڪيائين. قاضي عبدالغفار پيءُ جي هوندي ئي لالورانئڪ ڇڏي وڃي وارهہ شهر ۾ پنهنجو الڳ دواخانو کوليو، جتي تاريخ 6- ڊسمبر 2001ع تي پساهہ پورا ڪري واصل بالله ٿي ويو. سندس قائم ڪيل دواخاني کي سندس ننڍو فرزند قاضي ظفر خير خوبيءَ سان هلائي رهيو آهي.

قاضي عبدالغفار جو حڪمت سان گڏ سياست ۾ به وڏو ڪردار آهي. شروعات ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ سان هاري تحريڪ ۾ گڏجي ڪم ڪيائين. جتوئيءَ جي وفات کان پوءِ رسول بخش پليجي سان گڏ عوامي تحريڪ ۾ عمر جي آخرين گهڙين تائين گڏ رهيو.

قاضي عبدالستار پنهنجي والد جي قائم ڪيل دواخاني 'ڪريم الشفاء' کي خير خوبيءَ سان سنڀاليون اڇي ٿو. باقي سندس فرزند حڪمت کي هٿ نہ ڪري سگهيا ۽ حڪمت به سندن پهچ کان پري رهي. قاضي عبدالستار پنهنجو جانشين پنهنجي پُٽ قاضي عبدالوحيد کي مقرر ڪري ڇڏيو آهي. هيءُ پنهنجي موروثي دواخاني 'ڪريم الشفاء' کي پنهنجي پيءُ جي سرپرستي ۽ نگهباني ۾ هلائي رهيو آهي. قاضي عبدالکريم جي زندگيءَ جي باري ۾ حڪيم محمد عبدالرحيم جميل (گجرات) پنهنجي ڪتاب "رموزِحڪمت" ۾ لکي ٿو تہ:

"آپ کی پیدائش سنہ 1317ھ میں ہوئی، ابتدائی سکول کی تعلیم سے فراغت حاصل کر کے حکیم پیر محمد ارشاد اللہ کی خدمت میں برائی حصول علم طب حاضر ہوئی. جہاں طبی درسیات سیکھنے کی علاوہ ڈاکٹر سے بھی واقفیت حاصل فرمائی. بعد ازاں حکیم مولوی محمد محبت اللہ سے درسیات طب

کی تکمیل فرمائی. حکیم امر سنگھ سنیاسی سی چند طبی کتب سکھیں اور کئی نسخہ جات نادرہ حاصل فرمائی. حکیم امر سنگھ صاحب ریاست گوالیار کی طبیب شاہی تھی. کتب دینیہ کی تکمیل مولانا مولوی فیض الکریم صاحب سے فرمائی. اس نے سنہ 1924ء میں اپنا مطب شروع کیا، جو نہایت کامیاب رہا. پبلک کی طرف سے آپ کو برھان مسیحا کا خطاب دیا گیا. آپ نہایت دیندار اور خوش خلق طبیب ہیں."

هن مان ظاهر آهي تہ قاضي عبدالكريم وڏي محنت، مشقت ۽ جفاكشيءَ سان حكمت جي ڏنڈي ۾ ممتاز درجو هٿ كيو، كيس 'برهان مسيحا' ۽ 'ممتاز الاطباء' جي اعليٰ لقبن سان نوازيو ويو. سال 1924ع ۾ پنهنجو دواخانو "كريم الشفاء" جي نالي سان كولي، طبابت شروع كيائين، جنهن كي عمر جي آخرين گهڙين تائين خيرخوبيءَ سان هلايائين. آخركار وڏيءَ جمار ۾ 8 جولاءِ 1978ع/ 1- شعبان..... تي عزيزن، قريبن، دوستن احبابن ۽ مٽن مائٽن كي مفارقت جو داغ ڏيئي وڃي واصل باالله ٿيو.

طب ۾ باكمال ۽ صاحبِ بياض هو. طب تي لكيل سندس هڪ كتاب "بياض كريمي" ۽ "كليات كريمي" دلالت كن ٿا. هي ٻيئي نسخا سندس فرزند رشيد قاضي عبدالستار وٽ قلمي حالت ۾ موجود آهن. طب جي سلسلي ۾ سندس هاڪ هنڌين ماڳين مشهور آهي. تمام پري پري جا ماڻهو سندس نالو ٻڌي وٽس ايندا هئا. لاعلاج مريض به سندس دوا سان شفايابَ ٿي ٻئي ويا. الله تعالىٰ كيس اهڙي ئي علم ۽ ذات سان نوازيو هو جو مثال ئي نہ ٿو ڏيئي سگهجي. مريض كي ڏسڻ سان ئي سندس مرض جي شناخت معلوم كري وٺندو هو. هر ايندڙ مريض جو تمام گهٽو خيال ركندو هو ۽ جو تہ وڏين وڏين بيمارين وارا ماڻهو به وٽس لنگهي ايندا هئا ۽ سندن علاج به نيك نيتيءَ سان كندو هو. كنهن به مريض كي كنهن به شكايت جو موقعو نہ ڏنائين. سدائين سچائي ۽ ايمانداريءَ سان علاج ٿي كيائين. نبض شناس وري اهڙو، جو مريض كي پري كان ئي ايندي ڏسي، سندس مرض سجاڻي وٺندو هو. اهڙا تہ سندس كيئي مثال ملن ٿا.

قاضي عبدالكريم ايترو تہ ذهين ۽ ذكي هو، جو مريض جي تشخيص كرڻ ۾ كيس كا به دقت ۽ پريشاني نہ ٿيندي هئي. هر مرض جو علاج قدرتي جڙي ٻوٽين سان كندو هو. معمولي، ۽ معمولي دوائن كان وٺي قيمتي دوائن تائين وٽس مركبات موجود هوندا هئا. پيسو ڏوكڙ به تمام گهٽ وٺندو هو، جنهن وٽ پورا پيسا نہ هوندا هئا، تہ ان جو علاج مفت يا نهايت ٿورن پيسن عيوض كندو هو. جيكڏهن لالچي هجي ها تہ وڏن بنگلن جو مالك هجي ها. لوڀ ۽ لالچ كان هميشہ پري گذاريائين. زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين هو پنهنجي ڪلينڪ ۾ عزت ۽ عظمت سمجهندو هو. ٿوري تي سدائين خوش ۽ سادات هوندو هو. روزي نماز جو تمام پابند ۽ پرهيزگار هو.

قاضي صاحب نبض شناس، دوا شناس، كشته ساز ۽ بيمارين جي جاڻ ۾ وڏو درك ۽ دسترس ركندو هو. يوناني دوائن جي استعمال جي كيس جيكا خبر چار هئي، سا كنهن كي مشكل سان هوندي يا اهڙو حاذق ۽ جراح حكيم ورلي ملندو، جيكو ايتريون ساريون خوبيون ركندو هجي.

قاضي عبدالكريم 'بياض كريم' پنهنجن ٽن پٽن جي اصرار تي 8 جولاءِ 1960ع تي لكي پورو كيو، جنهن جي 'عرضِ حال' ۾ لكي ٿو تہ:

"هن اثير جرير حكيم عبدالكريم سلمه الرحيم الىٰ يوم النعيم، آمين. جي رحيم دل ۾ كهن حميم مثل عديم جي شميم ۽ قويم خيال پيدا كيو، ۽ برخوردار نور الابصار ميان عبدالغفار، عبدالستار ۽ عبدالجبار سلمه السيد الابرار الىٰ يوم القرار جي اصرار تي ۽ رفاه عميم لاءِ هن رسالي لكڻ تي آماده ٿيس. جيتوڻيك عقل جي مادي كَم هجڻ كري سادو ۽ كم كار كان واندو نہ آهيان تاهر پي قرطاس كافوري لباس قلم كرار آبدار كي مثل شتر بي مهار جي يَمين ۽ يَسار ڏانهن قدر استغفار لاءِ صورت اختصار ۾ مانند از خار جي

حيات مُستعار لاءِ يادگار بنائڻ جو حقدار ٿيڻ چاهيم.
اميد ته هن احقر جي هرسه لختِ جگر لاءِ دنيوي ثمر مُيسر ٿيندو. هن ڪتاب ۾ ڪيترائي طبعي بحر اجگر اشقر اصغر اڪبر مقرر ثابت ٿيندا. آمين."

هن مان اهو مقصد واضح ٿو ٿئي ته قاضي عبدالڪريم هيءُ ڪتاب پنهنجن پٽن جي لاءِ تاليف ڪيو ته جيئن هو هن مان مستفيد ۽ مستفيض ٿين ۽ هيءُ سندن لاءِ دنيا ڪارگر ثمر پيدا ٿئي. پر هيءُ ثمر صرف ٻن ڇٽن قاضي عبدالغفار ۽ قاضي عبدالستار جن جي لاءِ دنيا جو بهترين ثمر ثابت ٿيو.

چو ته هنن حڪمت کي هوشياري ۽ دانائيءَ سان هٿ ڪيو ۽ حڪمت ۾ ته گهڻو ئي متعارف ٿيا. باقي سندس ٽيون پاءُ عبدالجبار طبابت کان گهڻو پري رهيو. جيڏهن قاضي عبدالجبار به پنهنجي پائرن وانگر حڪمت جي هنر ڏانهن ڪجهه مائل ٿي ڏيان ڏري ها ته جيڪر حڪمت جا هيرا هٿ ڪري، پيءُ جي ڇڏيل ورثي کي وڌائڻ ۽ بچائڻ ۾ ڏينهن رات سرگرم رهي ها. ليڪن پنهنجي لاءِ پڻ دنيا جو ثمر سمجهي ڇڳو لاپ حاصل ڪري فائدو ونندو رهي ها. هن وقت قاضي عبدالغفار ۽ قاضي عبدالستار جن جا فرزند پنهنجي موروثي حڪمت کي سنيالي، دوا درمل ڪري رهيا آهن. چو ته هيءُ قيمتي ميوو سندن لاءِ نهايت فائديمند ۽ تمام اڪسير ثابت ٿيو آهي. اها به سندس وڏي خوش بختي ۽ خوش نصيبي آهي يا سندن پلا پاڳ چئجن، جو پنهنجي موروثي ملڪيت تي مفخر آهن.

قاضي عبدالڪريم وٽ ته ڪافي قلمي نسخا ۽ ڪتاب هئا، جن تان گهڻو ئي فائدو حاصل ڪندو رهيو. اهڙيءَ طرح مطالعي ۽ مشاهدي جي آڌار تي اهو ڪجهه حاصل ڪيائين، جو طبابت جي انوکي فن ۾ ساٿس کو به همسر ٿي نه ٿو سگهي. مطلب ته حڪمت جي لطيف فن ۾ ڪامراني ۽ ڪاميابيءَ جي ڪري سندس نالو هميشه پيو ڳائبو.

حڪمت کان علاوه سنڌي ۽ اردو هولين ۾ شاعري ڪئي اٿائين. سندس خوشخطي به تمام وٺندڙ ۽ جاذب نظر آهي. طبع ۽ صحت جا پندرنهن ٽڪتا هڪ نظر ۾ بيان ڪيا اٿس، جنهن جو عنوان "خمسه عشراميورات في الطبعت وصحت" آهي. سندس اهو نظم دلپسند به آهي ته وري پڙهڻ وٽان به آهي. ملاحظ ڪريو:

بيهڻ خاڪي جسم جو آهه دم تي،
هوا تي آهه بنا پنهنجي مڪان جي.
هوا کان بعد آهي پاڻي ضروري،
جو آهي زندگي اهلِ جهان جي.
غذا سان پرورش هوندي آهه بيشڪ،
سڀني ساهه وارن جسم جان جي.
اول ۾ فرض وِهنجڻ ياد رکجي،
جو ٿئي ٿي ڪلَ تنهن سان ياد رکجي.
پهرڻ پوشاڪ آهي پڻ ضروري،
حفاظت ٿي سگهي ٿي جسم جان جي.
انهن ساڻ گڏ ڪرڻ گهرجي ته ننڊ پي،
جو آهي صحت سڀ پير وجوان جي.
صفائي ساڻ رهي ٿو صاف سيکجهه،
صفائي پسند آهي اهلِ جهان جي.
ڏنڊڻ سان ڏند پنهنجا صاف رکجن،
جو اها آهي چَڪي سُبڪ وگران جي.
سدا سُرمو اکين ۾ چو نه پايو،
اکيون نعمت آهي اهلِ جهان جي.
بدن جي واسطي ورزش به لازم،
وڏي ٿي جنهن سان طاقت ناتوان جي.
بنايل روشني آهي صحت لاءِ،
اونداهي گم ڪريو هڪدم مڪان جي.
رهو چُستي سان سُستي کي ڇڏي ڏيو،
سُستيءَ ساڻ گهٽجي عُمرِ روان ٿي.
13- رهو هروقت خوش ۽ صاف مسرور،
گندائي ساڻ آهي نفرت جهان جي.

ڪمي بيشي ٻُري سڀ ڳالهه ۾ آهي،
چوٽي آهي عقلمندن جهان جي.
اگر ٽڪجو ته ڪريو آرام 'نصرت'،
جيئن طاقت نه گهٽجي جسم جان جي.

خاص ڪري هيءَ نظر نصيحت تي ٻڌل آهي ۽ منجهس اهڙو ته سرمايو سمايل آهي، جو ان جي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان، هنن پندرنهن ٽڪتن تي عمل ڪرڻ سان چاق چوبند رهي سگهجي ٿو ۽ ڪا به ٽڪاوٽ يا پريشاني ويجهو نه ايندي. تندرست ۽ صحتمند رهڻ جي لاءِ مٿين ٽڪتن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي.

هيءَ مٿيون ناصحانو نظر اصل ۾ اردو زبان ۾ لکيو ويو آهي، جنهن جو شاعر قاضي عبدالڪريم نصرت جو استاد حڪيم محمد احمد الدين لاهوري آهي، ۽ قاضي صاحب ان جو ترجمو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيو آهي. مٿس تخلص ميان محمد بخش واصف ۽ علامه محمد هدايت علي نجفي تارڪ جن 'نصرت' رکيو هو. ان کان پوءِ شاعريءَ ۾ تخلص 'نصرت' ئي اختيار ڪيائين. شاعريءَ ۾ پاڻ چگو موکيو اٿس. سندس شعر پکو ۽ پختو آهي.

قائد اعظم محمد علي جناح جي وفات (1948ع) تي هڪ نظر لکيائين، جنهن ۾ قائد اعظم جي خوب ساراهه ڪئي ائائين. قائد اعظم کي پاڪستان جو باني ته چئجي ٿو، پر ڪيس فاتح پاڪستان چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. اردو ٻوليءَ ۾ نظر چيو اٿس، جنهن ۾ قائد اعظم جي وفات جي ماده تاريخ ڪڍي اٿس. سجو سارو نظر اوهان جي اڳيان پيش ڪجي ٿو.

قائد اعظم کهی تها قائد ابناء دین.
ناگهان تم چل رها هے، آج کیون خلد برین.
تیری تدبر فکرنے هے ملک اپنا 'پاک' کیا،
مرحبا کی گونج تهی، جوبڑھ گیا ضیاءِ مبین.
نیک صورت، نیک سیرت، تم کو دنیا کہنے لگی،
تم نیک نیت اور خصلت کي بنا مردِ امین.
تیری فرقت سے مسلم وائے کرتے ہین فغان،
آنسون سے آنکھین بھر گئین اور ہوگیا قلب حزین.
درگاہ کبریا سے تیری ہی واسطے میری دعا،
ہو مہیاتم گودائم بہشت نعمت اصل دین.

1367ھ.

آج هاتف نے کہا 'نصرت' بڑی تاریک ہے،
ہوگیا مد فون گشت کوکب فرخندہ این.


1948ع.

مضمون نهايت طويل ٿي ويو آهي. تنهن ڪري قاضي عبدالڪريم نصرت جي حڪمت ۽ شاعريءَ تي بحث ڪرڻ کان ڪنارو ڪجي ٿو ۽ پڙهندڙ جي سخن فهميءَ تي انهيءَ معاملي کي ڇڏجي ٿو. سندس اردو غزل هيٺ ڏجي ٿو:

مختیار میرے دل کا خود ہی امیر تھا،
جس کی اثر سے میرا قلب اسیر تھا.
دن رین اُن سے محبت میری کثیر تھی،
مین پیری میں جوان ہوکر، جوانی میں پیر تھا.
"قُل ہُو اللہُ اَحدُ اَللہُ، مَلکُ السمٰوت وَالارض"
پہنچی وہیں یہ خاک، جہان کا خمیر تھا،
فرقت سے اپنا 'نصرت' لکھا ہے داستان غم.
ہرچیز پر ہی غالب قادر قدیر تھا.

مطلب ته قاضي عبدالڪريم هڪ باڪمال طبيب، حڪيم ۽ بي بدل شاعر ٿي گذريو آهي. شاعريءَ کان نهايت وڌيڪ طب ۾ نالو ڪيائين. طب ۾ سندس ڪيل خدمتون هميشه يادگار طور رهنديون، جو ته سموري زندگي طب جي مشغولي ۽ مصروفيت ۾ گذاريائين.

'هنڌ اهي ئي ماڳ، جت نه پسان جوءِ ۾.'



Azhar Gul Memorial Library
JHANI SHAREEF
TALUKA WARAH.

ڪ عورت سمنڊ ۾ ويندي ڏسي آهي - انهيءَ کي سواءِ هڪ جاءِ جو ناءُ پنهنجو پنهنجي آهي -
جو انهيءَ جي آرزوءَ ۽ چاهه آهي جو هن جي آزار ۾ حصو ڀي ٿو - ۽ جيڪو دار الخلافه جو شهر آهي
رهڻي جو ناءُ ڏيڻ يا حڪم ۽ پيٽ آهي - اهي سڀئي مالڪ انهيءَ شهر ۽ تابع پذير يعني چاڪر هوندا
آهن - ۽ جيڪي حڪمت پير آهن سي به منزلون سواري جي آهن - انڪي اهن جي آزار ۾
هر جڳهه ڪمي ڪري سگهي ٿو ۽ باقي گهڻي ڀي عضوا آهن جو به منزلون سياه ۽ رعيت جي
آهن - ۽ جسم ظاهريه اهن جي بادشاهه جو ناءُ آهي - الحڪيم جي انهيءَ قانون
مطابق صحت جا بنيا آهن جيڪي انهيءَ جي خلاف عمل ڪندو انهيءَ جو ناءُ مرض آهي

خمسه عشر امور طبع ۽ صحت في الطبعيت وصحت

پنڌ ده امور طبع ۽ صحت جي بيان ۾

۱	بيحد خاڪي جسم جو آهه دم تي	هوائي آهه بنا پهچي نڪان جي
۲	هوا کان بعد آهي پاڻي ضروري	جو آهي زندگي اصل جهان جي
۳	غذا سان پوءِ رشن هوندي آهه بيشڪ	سڀني ساه وارن جسم جان جي
۴	اڳل ۽ فرض وهڻ ياد رکجي	جو ٿئي تي ڪل تن شايا هان ڪي
۵	پهرين ڀوشاڪ آهي پوءِ ضروري	حفاظت تي ڪهي تي جسم جان جي
۶	اهڙا سارا گند هڻڻ جوڳا نه ٻي	جو آهي حڪمت سڀ پيرو جوان جي
۷	صفائي سارا رهي تو صاف تي ڪجهه	صفائي پسند آهي اهل جهان جي
۸	ڏندن ۽ ڪاڻ ڏنڀا صاف رکجن	جو آهي چڪائي سڪ ۽ تران جي
۹	نه پا ليو	آکيون نعمت آهي اهل جهان جي
۱۰	بدن جو واسطي ورزش لازم	روڊي تي جهن ڪا طاقت ناتوان جي
۱۱	بنايل دوشني آهي سمت لاءِ	اوندهه ڪري ڪيو هڪدم نڪان جي
۱۲	رهو چستر سان سستي ڪاهيندي عمر روان ٿي	
۱۳	ڪنهن ايندي سارا آهي نعمت جهان جي	
۱۴	ڪهي بيشي ٿيڻ سيگهه مرآءُ	ڪهاوت آهه عقل جهان جي
۱۵	اگر ڪجهه ڪرڻ آهه ڪرڻ نصرت	جڏهن طاقت نه ڪهي جسم جان جي

۵ جولائي ۱۹۶۰ ع روز اڱارهه شنبر وقت ۵ بجيا شام

الحبر الاثيم قاضي عبد الڪريم الاورانگ ۾ لکيو ويو

متين نظم مرحوم استاد حڪيم محمد احمد الدين صاحب موجد طب جديد شاگرد لاهور

جي اهو نظم سان سندي ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي پهنجو نالو نصرت لکيو ويو آهي
جو جوان ۽ مرحوم سان محبت واصف حيدرآبادي ۽ محمد هدايت علي تارڪ سان جڳي وارن تخلص
نصرت ۽ ڪيو هو -

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

پير حسام الدين راشدي




پير صاحب، پير علي محمد راشديءَ جو ٻيون نمبر پاڻ ۽ پير حامد شاھ جو فرزند ھو. ھي انھيءَ بختاور ڪُنبَ مان آھي، جنھن ۾ ھڪ والد جا ٻہ فرزند ھڪٻئي کان وڌيڪ امتيازي لياقتن جا مالڪ ٿيا. پير حسام الدين راشدي جو نالو پاڪستان جي چوٽيءَ وارن عالمن جي قطار ۾ سجاتو وڃي ٿو، باوجود درسي تعليم گھٽ ھوندي ٻہ، وڏي مطالعي ۽ محنت کين اھڙي مقام تي پھچايو جو تاريخ، ادب، تھذيب ۽ تمدن جي اپٽار ۾ ھن تمام وڏو درجو حاصل ڪيو.

سيد حسام الدين 25 رمضان 1329ھ مطابق 20 سيپٽمبر 1911ع تي راشدي پيرن جي ڳوٺ ۾ جنم ورتو. ھن ابتدائي تعليم مولوي محمد سومار ڊکڻ وٽ ورتي ۽ پوءِ لکياريءَ جي مولوي سيد علي شاھ وٽ پڙھيو، کل چار درجا پڙھيائين ۽ فارسي تعليم سڪندر نام تائين حاصل ڪيائين ۽ انگريزي خانگي طور نصرت ريلوي اسٽيشن جي ماستر وٽ پڙھيو، پنھنجي تعليم جي باري ۾ پڇيل سوال تي ھڪ انٽرويو ۾ چيائين تہ:

"منھنجي تعليم صرف مدرسن ۾ رھي سا ٻہ ابتدائي، تنھن زماني ۾ تعليم لاءِ ٻہ دستور ھئا، ھڪ تہ نوڪرين لاءِ تعليم ڏني ويندي ھئي ۽ ٻي زميندار يا مٽيون طبقو فقط ديني (دستوري) تعليم پنھنجي ڳوٺ جي ڪنھن ملان وٽ يا ڪنھن مدرسي ۾ ڏيارينديا ھئا. مون کي ٻہ اھا ئي نصيب ٿي، باقي ڪجھ پنھنجي محنت ۽ مطالعي مان پرايو اٿم." (1)

مطالعي جي حوالي سان جيڪڏھن پير حسام الدين جي سوانح ۽ لکيل ڪتابن جو مڪمل تحقيقي اڀياس ڪجي تہ منھنجي نظر ۾ اھا ڄاڻ پوندي تہ سندس مطالعي ۾ وڏو ھٿ ننڍپڻ کان اخبارون پابنديءَ سان پڙھڻ ۽ مختلف موضوعن ۽ ٻولين جي نايابڪتابن کي وٽڻ، پڙھڻ، سانڍڻ ۽ لائبريري قائم ڪرڻ ھو (جنھن ۾ وڏو علمي ذخيرو آھي). جي.ايم.سيد، راشدي صاحب جي لائبريريءَ لاءِ لکيو آھي تہ:

"سندس ڪتب خاني ۾ چونڊ نايابڪتابن جو ذخيرو ڪنو ٿيل آھي. کي ڪتاب وٽس اھڙا ٻہ آھن جي ٻئي ڪنھن خانگي يا پبلڪ لائبريريءَ ۾ مشڪل سان ملي سگھندا." (2)



سيد حسام الدين وڏو تاريخدان ھو، سندس مڪمل توجھ، ڪتابن جي تاليف، تدوين ۽ تاريخي ڪوجنا تي ھو. انھيءَ ڪري ھن بھترين ڪتاب جمع ڪرڻ ۽ پڙھڻ کي خاص اھميت ڏني. ڊاڪٽر تنوير عباسي، پير حسام الدين راشديءَ کان گھڻو متاثر

هو، جنهن جي شروعات سندن لائبريري ڏسڻ کان ٿي هن لکيو آهي تہ:

"فخرالدين شاهہ راشدي (ميرل) کي خبر هئي تہ مون کي ادب ۽ شعر سان دلچسپي آهي، هن مون کي ٻڌايو تہ منهنجو مامو وڏو اديب آهي ۽ ان جي وڏي لائبريري آهي. هُو مون کي سندس لائبريريءَ ۾ وٺي ويو. ايڏي وڏي لائبريري ڏسي، منهنجون وايون بتال ٿي ويون، پوءِ منهنجي اصرار تي ميرل، پير صاحب جي لائبريريءَ جا ڪتاب مون کي پڑهائڻ شروع ڪيا. هُو پير صاحب کي خبر ڪرڻ بنا ڪتاب آڻي مون کي ڏيندو هو ۽ مان ڪتاب پڑهي ڏاڍي، اشرافت ۽ ايمانداريءَ سان ميرل کي موٽائيندو هيس. ميرل ڏڃندو ہہ ڏاڍو هو پر مان پير صاحب جي ان سرچشمي مان سيراب ٿيندو رهيس. منهنجي اوائلي ادبي تربيت پير صاحب جي لائبريريءَ مان ٿي. ڪهڙو ڪتاب اتي ڪونہ هو، جيڪو گهر ۾ حاضر، ديوان گل، ديوان قاسم، ديوان فاضل، رهنماءِ شاعري، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ جا ڪتابہ تان جو بهشتي زيور تائين پير صاحب جي لائبريريءَ مان پڑهيم." (3)

اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر تنوير موجب تہ اردوءَ جا ڪيترا عالم سندن آڏو پيڇو ڪندا قلمي نسخن، ڪتابن ۽ مهمانين ۽ ڪچهرين جي حوالي سان پيا ايندا هئا، جن ۾ خاص ممتاز حسن، شوڪت سبزواري، جميل الدين عالي، رئيس امروهوي ۽ پيا هئا ۽ ايئن ڊاڪٽر تنوير ہ سندن سڪ جي سڳي ۾ پوئجي ويو. سندس شخصيت جي شفقت، محبت ۽ پنهنجائپ ڪيس حياتيءَ پر ياد رهي.

پير حسام الدين پنهنجي علمي ۽ ادبي زندگيءَ جي شروعات صحافت سان ڪئي. "جاڳڻ"، "المنار" ۽ "پيغام" ۾ ڪم ڪيائين ۽ پوءِ 1930ع کان 1934ع تائين پنهنجي وڏي ياڻ پير علي محمد راشديءَ سان گڏ هفتيوار "ستاره سنڌ" جاري ڪيائين، جنهن جو پاڻ ايڊيٽر پڻ رهيو. روزانہ "الوحيد" ۽ "قرباني" اخبار ۾ ليک لکيائين پاڻ ڪيترن ادارن جيئن، "اردو ڊولپمينٽ اٿارٽي"، "ڪراچي يونيورسٽي اڪيڊمڪ ڪائونسل"، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سينيٽ جو ميمبر، ريسرچ سوسائٽي آف پاڪستان ۽ ٻين ادارن جو ميمبر رهيو. ڪافي ملڪ جيئن عراق، مصر، ايران، شام، لبنان، لنڊن ۽ ٻيا گهميائين، جتي جي ڪتب خانن ۾ وڃي علم جي پياس اجهايائين، سنڌن خدمتن تي کين ڪيترا اوارڊ عطا ٿيا آهن، جن ۾ "ستاره امتياز" ۽ ايران جو سڀ کان وڏو اعزاز "نشان سپاس درجہ اول" شامل آهن.

راشدي صاحب کي فارسي ٻوليءَ تي عبور حاصل هو. فارسي ادب جا ڪيترا ڪتاب جيڪي خود ايران جي عالمن کي ٻہ ڇاڻ نہ هئي، پاڪستان ۾ موجود هئا. راشدي صاحب انهن ڪتابن کي ايران ۽ اهل سنڌ لاءِ سنڌيءَ ۾ متعارف ڪرايو. فارسي زبان ۽ ادب جي خدمت جي اعتراف ۾ کين تهران يونيورسٽيءَ طرفان ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏني وئي. سندس ڪتابن جو ڳاڻيٽو 50 تائين آهي، جنهن ۾ لکيل ۽ ترتيب ڏنل ڪتاب شامل آهن ۽ اهي سڀ سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ آهن.

پير حسام الدين شروع ۾ صحافت سان گڏ افسانہ نويسيءَ ڏي رجحان رکيو ۽ چند افسانا جيئن، "انار ڪلي"، "پاڪدامن"، "گلن واري چوڪري"، "امانت" لکيا ۽ هڪ ڏڪهر افسانو "الزليخا" لکيائين، جيڪو نندڙو ناولٽ آهي ۽ ٻہ دفعا الڳ ڇپجي چڪو آهي، پر پوءِ تاريخ ڏي لاڙو ٿيڻ بعد فڪشن لکڻ ڇڏي ڏنائين ۽ سندن مڪمل توجهہ تاريخي ڪتابن پڑهڻ ۽ لکڻ ڏي ويو. پنهنجي هڪ انترويو ۾ جيڪو محمد قاسم ماڪا، طارق عالم ابڙي، ڊاڪٽر نوازعلي شوق، شمشيرالحيدري، نفيس احمد ناشاد ۽ خان محمد پنهور ورتو ۽ نئون نياپو نومبر 1980ع ۾ ڇپيو، ان ۾ چيائين تہ:

"مان شعر به چيا، اخبار نويسي به ڪئي پر چاڪاڻ ته ذوق هوندو هو تاريخي ڪتابن پڙهڻ جو، تنهنڪري لامحالہ تاريخ ڏي به توجهہ رهيو. بنيادي طرح سان مان افسانا نويس هئس "سنڌ زميندار" اخبار ۾ ٻين اخبارن ۾ منهنجي افسانا شايع ٿيندا هئا." (4)

ڪيترن ماڻهن کي خبر ڪونهي ته پير صاحب "فدا" جي تخلص سان ڪجهہ شاعري به ڪئي، ڪيس ڏوهيڙو، بيت، ڪافي ۽ وائيءَ جون صنفون پسند هيون، ڪين ڪيتري سنڌي شاعري ياد هئي، پر سندن چيل شعر مقدار ۾ گهٽو نہ آهي.

"راشدي صاحب جو، "هو ڏوٽي هو ڏينهن"، ڪتاب ادبي ۽ تاريخ حوالي سان هڪ وڏي وٽ قرار ڏنل ماخذ آهي. هن ڪتاب معرفت سنڌ جي علمي، ادبي، سماجي، مذهبي ۽ سياسي تاريخ کي آڻي هڪ ڪتاب ۾ گڏ ڪيو آهي. هيءَ هڪ قسم جي سنڌ جي هڪ دور جي سماجي ۽ ثقافتي آرسي آهي، جنهن ۾ سنڌ ۽ سنڌين جي روزانہ زندگي، انهن جي رهڻي ڪهڻي، تهذيب ۽ ڪلچر جي عڪس کي ڏسي سگهجي ٿو ۽ ان ذريعي انهن جي پوئتي پوڻ جي سببن تي پڻ روشني پوي ٿي." (5)

هو ڏوٽي هو ڏينهن، هو ڏونگر هو لکيون،
ڪنهن جنهن لڏا نينهن، جيئن پيا لهسن لُڪ.

منيلا ۾ دل جي تڪليف ۽ علاج جي دوران هيءُ ڪتاب وڏي ڀاءُ پير علي محمد راشديءَ جي گهر رهائش وقت لکيو هئائين. "هو ڏوٽي هو ڏينهن"، هڪ ضخيم ڪتاب آهي جيڪو راشدي صاحب تمام تفصيلي ۽ بيماريءَ دوران لکيو ۽ جهن مهينن ۾ لکي ڇڏيائين. ڪتاب جي آخر ۾ شروع ڪرڻ جي تاريخ 8 فيبروري 1960ع ۽ ختم ڪرڻ جي 28 آگسٽ 1960ع منجهند جو ڏيڍ بجي لکيل آهي. ليڪڪ هڪ هنڌ ڄاڻايو آهي ته هن کي ننڊپڻ کان ئي پڙهڻ ۽ لکڻ جو ايترو ته جذبو هُو جو هو روزانہ تيار ٿي بلڪ انگريزي لباس پينٽ شرٽ پائي فٽ ٿي ڪرسيءَ تي لاڳيتو ڪلاڪن جا ڪلاڪ لکندو هو، ڪڏهن ڪڏهن ته هن 15 ڪلاڪن تائين مستقل لکيو هوندو، پر عام طور 25 يا 30 صفحا ته ڪيڏانهن کو نہ ويا.

مٿئين ڪتاب ۾ انيڪ موضوعن جو احاطو ٿيل آهي، جيئن شروعات ڊاڪٽر نبي بخش جي خط سان ٿي، جنهن ۾ کين نياز مرحوم جو وفات جي اطلاع ڏنو هئائين. هن ڪتاب ۾ آيل موضوع هن ريت آهن: "نياز هڪ عهد جي نشاني"، "لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو"، "خانبهادر کهڙو"، "مسلمان ڪامورا"، "لاڙڪاڻي جو ادبي ماحول"، "ڏوهيڙو"، "شاهہ جو رسالو"، "پيرل فقير"، "سچل جو ڪلام"، "ڪافيون، طنز ۽ مزاح"، "سنڌي غزل جو سنڌي روپ"، "پنجاب جون اخبارون"، "سکر جي جواڻي"، "مولانا دين محمد وفائي"، "توحيد رسالو" ۽ ٻيا عنوان هن ڪتاب جو حصو آهن. ڪتاب جي شروعات، نوازعلي نياز جي وفات جي ذڪر سان ٿئي ٿي ۽ اختتام پڻ سندس خط ۽ چيل ڪافي (جيڪا راشدي صاحب کي تمام گهڻي پسند هئي) "دل منهنجي دوست ڏتاري ڏي ادبون" تي ٿيل آهي، ڪتاب ۾ تحرير نويسي هن ريت آهي:

"سنڌ جي عاشق وٽ محبوب جي واعدي تي بي اعتباري ڪرڻ جو ڪو سوال ئي پيدا ڪو نہ ٿيندو هو ۽ نہ اڃڻ جي يقين ٿيڻ تي عاشق کي مرڻ جو ئي خطرو هوندو هو. سنڌ جي سهڻيءَ جو مثال اسان جي سامهون آهي، نہ ڪڪرن جي ڪارونيار ڪيس روڪيو، نہ بادلن جي برسڻ ۽ ڪنوٽين جي ڪجڻ سندس ڏڳ جهليو، نہ ڪاريءَ رات جي دهشت ۽ اونداهہ انڌوڪار ڪيس پليو، نہ ندين ۽ نالن جي واهوندي ۽ وهڪري سندس راهہ روڪي". (6)

راشدي صاحب جو سنڌي نثر شستہ، روان ۽ ميٺاڻ وارو آهي انهيءَ ڪري سندس ڪتابہ

مقبول ٿيا آهن. سندئ ۾ سندس لکيل هيٺيان کتاب آهن.

"مهراڻ جون موجون"، "تذکره امير خاني"، "ماڪ پنا رابيل"، "مڪلي نامہ"، "ڏهين صديءَ هجريءَ جي سنڌ"، "الزليخا"، "اسلامي ڪتبخانا"، "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون"، "ڳالهيون منهنجي سنڌ جون"، (غلام محمد لاکو جو ترتيب ڏنل راشدي صاحب جي وفات کان پوءِ ڇپيو ۽ "مير معصوم بکري" آهن.

فارسي کتابن ۾ ديوان، بيرم خان، تذکره شعراء ڪشمير، تذکره روضة السلاطين، جواهر العجائب، تذکره مشائخ سيوستان، رياض العارفين (2 جلد)، تاريخ مظهر شاهجهاني ۽ بيا ڪتاب شامل آهن.

پير حسام الدين علم دوست انسان هئڻ سان گڏ طبعيت ۾ نئڙت وارو، گفتگو ۾ ميٺاچ، مذهب ۽ محبت پريو ماڻهو هو. هُو عالم ماڻهن جي محبت ۾ وقت گذارينڊو هو ۽ گهر ۾ پڻ هر وقت لکڻ، پڙهڻ ۾ دل وندرائينڊو هو. زنده دل ۽ باغ بهار شخصيت جي مالڪ هن اديب سنڌي نوجوانن جي رهنمائي عطا ڪئي. کين پڙهڻ، لکڻ ۽ علمي ڪم ڪرڻ جي ترغيب ڏني. ممتاز مهر سندس وڏو مداح هو، ان جي چوڻ موجب تہ:

"هُو پنهنجي گفتار ۾ بي ريا ۽ بيدپوٽ هوندو هو ۽ ڪنهن جي به ڪاڻ ڪوڙ ڪيندو هو، پر ساڻئي وقت صحيح علمي ۽ ادبي ڪم ڪرڻ واري جو قدر ڪندو هو ۽ کين ساراهيندو رهندو هو. هن پنهنجي اعليٰ پايي جي علمي تحقيقي ۽ چند چاڻ ذريعي سنڌ شناسيءَ کي اُجاگر ڪيو ۽ ڏيهہ پرڏيهہ ۾ سنڌ شناسيءَ جي علم کي پکيڙيو. هو نہ رڳو هڪ وڏو محقق، پر مردم شناس به هو. سندس مردم شناسي ۽ زنده دليءَ جا پرپور عڪس هن جي شخصيات نگاريءَ واري ڪتاب 'هُو ڏوٽي هُو ڏينهن'، مان ملن ٿا." (7)

راشدي صاحب 10- اپريل 1982ع تي ڪينسر جي بيماريءَ وگهي وفات ڪئي.

حوالا:

(1) راشدي، لاکو، غلام محمد، ڊاڪٽر (مرتب) "ڳالهيون منهنجي سنڌ جون"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2007ع، ص- 304.

(2) سيد، جي.ايم، "جنب گذاريم جن سين"، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع، ص 338.

(3) عباسي، تنوير، "منهن تنين مشعل"، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد 1990ع، ص- 45.

(4) راشدي، حسام الدين، لاکوغلام محمد، ڊاڪٽر (مرتب) "ڳالهيون منهنجي سنڌ جون"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2007ع، ص 342.

(5) فهميده حسين، ڊاڪٽر، "سيد حسام الدين راشدي" (ٻارائو ادب)، ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڪراچي 1990ع، ص، 18.

(6) راشدي، حسام الدين، پير، "هُو ڏوٽي هُو ڏينهن"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1994ع، ص 78.

(7) مهر ممتاز، "مرحوم پيرحسام الدين جي شخصيت، هڪ تاثر"، لطيف ڊائجسٽ، سول لائين ڪراچي، 1990ع - ص- 14.

پائو در محمد هرڙو

'خط' معصوم يادن جي مالها



اڄ اسان هڪ اهڙي تاريخي نفيس ۽ حساس پر وسريل صنف کي پهريون پيرو چيڙو آهي، جيڪا ڪنهن وقت وڏو درجو رکندي هئي. اڳ نيابي واري هن لکت پرئي پني جي تمام وڏي عظمت هئي. گهٽو اڳ شهنشاهه، بادشاهه، حڪمران پنهنجن دوستن، دشمنن، ماتحتن ۽ بين ملڪن جي بادشاهن، شهزادن، اميرن ۽ وزيرن، ڏانهن خطاط لاءِ سڏا، چوند، ٻولي، جا جاڻو تجربيڪار خط لکندڙ مقرر ڪري رکندا هئا، جن جا اکر، لکت ۽ ٻولي تمام اعلي، نفاست ۽ دٻدبي واري هوندي هئي. مطلب ته جهڙي ڪردار ڏانهن خط لکبو هو، اهڙي ئي گفتار لکت ۾ ڪبي هئي. پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙن کان واه واه نڪري ويندي هئي. لفظن ۾ دٻدبو اهڙو جو ڪنهن ڪنهن ڪمزور ماڻهوءَ آڏو حڪمران به هٿيار ڦٽا ڪري شڪست قبوليندا هئا. تڏهن تمام وڏي طمطراق سان خط ڪٽيا هئا ۽ وڏي احترام، عزت ۽ حفاظت سان پهچائيا هئا.

هي، صنف به ڪالهه شاعري، پڪي راڳ ۽ فنونِ لطيفه جيئان، درٻارن جي سونهن ۽ سينگار جو حصو هئي، چو ته ان وقت جي شهنشاهن، بادشاهن ۽ حڪمرانن کي پنهنجي ماتحتن، حڪمرانن، عملدارن لاءِ حڪمنامه، نياپا، پروگرام، پيغام خط ذريعي ئي موڪلڻا پوندا هئا. خط پهچائيندڙ قاصد سان ٽيندڙ هلت مان خبر پوندي هئي ته ان خط يا قاصد مان ڪهڙو رويو رکيو ويو. ڪڏهن قاصد کي قيد ڪيو ويندو هو ته ڪڏهن خاطن/ قاصدن جا سِر قلم به ڪيا ويندا هئا.

خط اها طاقتور صنف آهي، جنهن ڪئي تلوار ۽ فوج کان به وڌي چڙهي ڪم ڏيکاريو، ڪئي ملڪ، ته ڪئي دليون به فتح ڪيون. جيئن جيئن تعليم عام ٿي، تيئن تيئن خط به عام ٿيو. هر ڪنهن پنهنجي مائٽ، دوست، دلبر ڏانهن خط لکڻ شروع ڪيو. خط ۾ به گهٽيون خوبيون شاعري، جيئان آهن. جڏهن اهو محبوب ڏانهن لکيو ٿو وڃي ته ان ۾ انداز بيان تمام نماٽو، پيار ۽ ميناڃ سان پرپور ٿئي ٿو، جڏهن والدين يا وڏن ڏانهن لکجي ٿو ته تمام احترام وارو آهي ۽ جڏهن دوست ڏانهن لکجي ٿو ته ان ۾ دل کولي بيان ڪجي ٿو، ڪٿي به هڪ ۽ هوشياري، کان ڪم نه ٿو وٺجي، پر جڏهن اهو ئي خط ڪنهن دشمن يا ظالم انسان ڏانهن لکجي ٿو، تڏهن ان خط ۾ طاقتور لفظن ۽ جملن ۾ جڙ ته بر، بارود ۽ گولين پرجن ٽيون، خط جيڪڏهن پاڻ کان وڏي ۽ احترام لائق ماڻهوءَ ڏانهن لکبو آهي ته ان ۾ پاڻ کي نديڙو، نهٽو، ۽ نوڙت پريو ڪري پيش ڪبو آهي.

ملان مسجد ۾ روزانو جيڪا دعا گهري ٿو ته اهو خدا کي جڙ ته زباني خط ٿو لکي، جنهن وسيلي سندس وڏائي، کي ساراهي، پڪاري بڏائي ٿو ته: تون ئي سڀ ڪجهه آهين، آءٌ ڪجهه به ناهيان. بندو گندو آهي، ڪنهن نه هاٿو آهي، پاڻ وهيٽو، ڪمزور، نهل انسان، توکان سواءِ ڪجهه به ناهي. تون ئي پنهنجي نظر رکيو اڄ.

اهڙيءَ طرح سمورا ڪتاب خود ليکڪن پاران پڙهندڙن لاءِ پيغام آهن، هدايت آهن، انهن کي سچو سمجهندڙن لاءِ. منهنجيءَ نظر ۾ سمورن ليکڪن جا ڪتابه پوءِ اهي شاعريءَ ۾ هجن يا نثر ۾، ۾ اهي ڪنهن نه ڪنهن لاءِ تفصيلي تجربن جو پيغام آهن.

جيڪا به لکت آهي، اها ڪنهن نه ڪنهن سان اندر جي اظهاريل اور آهي. اها وفا جي هجي يا بيوفا جي، پر آهي ته اندر جي وارتا ۽ اندر جو اظهار. گذريل يا ايندڙ واقعن جي احساساتي جاڻ ڪي سڀني نموني قلمبند ڪرڻ، ادب ۽ آرٽ آهي، پوءِ اسان انهن کي سهوليت لاءِ ڏار ڏار صنفن ۾ شمار ڪريون ٿا. "ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي"، شروع ۾ ماڻهوءَ اشارن سان پوءِ آوازن سان مختلف پيار ۽ خوف جا اظهار ڪيا. اڳتي هلي، شڪليون ناهي، شين، جانورن ۽ فصلن بابت هڪبئي سان اظهار شروع ڪيو، پوءِ انهن جا نالا رکيا. خواهش، احساس ۽ ضرورت لاءِ لفظ ناهيا، مخصوص ماحول ۾ هر هڪ گروپ پنهنجي پنهنجي انداز ۾ اُجاريا ۽ بيان ڪيا. جنهنڪري ڏار ڏار هوليون وجود ۾ آيون. هولي، خود ضرورت لاءِ پڪاريل آوازن جي مخصوص بيان کي ئي چئجي ٿو.

خط، صنف ئي اهڙي آهي، جنهن ۾ مڪمل، مفصل پيغام، نياپي ۽ اندر جي اوڳر يا ضرورتن جو مڪمل بيان ڪرڻ اڇي وڃي ٿو. اڄ به جتي اسان جو زباني آواز نه ٿو پهچي، اتي اسان قلم ذريعي ئي پنهنجو آواز، نياپو پهچايون ٿا. اسان وٽ هن وقت جڏهن ته فون، فيڪس، انٽرنيٽ، ريڊيو، ٽي.وي، اخبارون ۽ رسالا آهن، پر پوءِ به خط لکون ٿا، چو ته خط جو پنهنجو نرالو انداز آهي.

خط ۾ هڪ مخصوص پنهنجائپ آهي. خط آهي ئي مخصوص بيان جو انداز لکندڙ، جنهن ڏانهن لکي ٿو ته ان جي تمهيد، شروعات ڪيئن ۽ ڪهڙي ٿو ڪري. مختلف سماجن ۾ خط جي تمهيد طبقي آهر رهي آهي. خط به طبقاتي سماج ۾ ماحول ۽ مذهبي لاڙن جي رنگ ۾ رڱيل رهيو آهي. خطن تي هر طبقاتي سماج ۽ هر مذهب جو گهرو اثر رهيو آهي. منهنجو خيال آهي ته هر نياپو، چاهي اهو هڪ فوجيءَ جو پنهنجي ماتحت ڏانهن هجي يا آفيسر جو ماتحت يا مٿي/ بالا ڏانهن هجي. انگريزيءَ ۾ ليٽر (Letter) چئجي يا آرڊر (Order)، پر منهنجي خيال ۾ اهي سڀ نياپا آهن، جن کي اسان خط چئون ٿا.

اڇڪلهه دوستن ڏانهن لکيل چٺين ۽ محبوبائن ڏانهن لکيل احوال کي ئي خط چئجي ٿو، يا محبوبا جو لکيل احوال، محبوب لاءِ نياپو ۽ پيغام آهي، جنهن کي اسان خط چئون ٿا. کي نياپا اڌ پني جيترا يا ان کان به گهٽ ته کي وري هڪ بيت، غزل، وائي، نظر ۽ کهاڻيءَ جيترا ۽ کي وري رسالي ۽ قرآن پاڪ جيترا هوندا آهن. هر ماڻهو نياپو هڏندڙ به آهي ته پهچائيندڙ به، يا ڏيندڙ به آهي. ها، باقي اڳتي هلي ماڻهو خط لاءِ خاطو/ قاصد/ ٽپالي/ جو اڄ جيترو انتظار نه ڪندو، پر پنهنجي ئي گهر ۾ رکيل فيڪس جي وات مان، ڪٽان به موڪليل خط وصول ڪري وٺندو ۽ پوسٽن ۽ قاصدن جي انتظار کان بچي پوندو. هاڻي به گهٽو ٿئو، مٽئين ڪلاس ۽ وچولي طبقي جي ماڻهن جا احوال، پوسٽ واري خط رستي نه پر، فون جي نمبر ملائڻ سان ٽين ٿا. چو ته خط هڻ لکت آهي، هڻ لکت ڪئي به هروقت، هر هنڌ سچو به ثابت ڪري سگهي ٿي ۽ بچڙو به حد ڪمال جو ڪرائي سگهي ٿي. سائنسي ٽيڪنالاجي سان خطن، نياپن ۾ فرق ضرور اچي ويو آهي.

کي نياپا صرف محبوبن لاءِ آهن، کي نياپا صرف مائٽن لاءِ آهن، کي نياپا شهر واسين ڏانهن، ته کي نياپا ملڪ واسين ڏانهن آهن. کي نياپا ڪنهن هڪ فرد لاءِ آهن ته کي وري سڄي دنيا يعني بين الاقوامي آهن. اهي سڀ جو سڀ نياپا پيغام آهن، جن کي اسان خط چئون ٿا.

***

خط لکت ۾ ڏنل احوال جي هڪ ذات آ،
خط قرب ۽ نفرت جي زمين ۾ پهرين جات آ،
خط هڪ طلب آ، ۽ هڪ تات آ،
خط اڌ ملاقات آ، اندر اور بات ئي بات آ.

خط ڪٽ گلن مٿان مات آ،
خط ڪٽ ڏاڍو پيارو آ، ڪٽ مارو مارو آ،
خط ڪٽ نعرو آ، ڪٽ آخري سهارو آ،
خط ڪٽ فقير آ، ڪٽ ڏاڍو حقير آ،
خط هڪ تصوير آ، ۽ يادن جي زنجير آ،
خط ڪٽ چال آ، ته ڪٽ ڍال آ،
خط انتظار آ، گلدستو آ، ورتل نئون رستو آ،
خط لکندڙ پيارو محبوب آ ڪٽ دشمن ۽ رقيب آ،
خط پري وارن جي وڌو سهارو آ،
خط يادن جي آباد، زمين جو ٻارو آ،
خط ڪٽ سرڪش آ، نوڙت آ، ڪٽ دوکو آ،
خط يار جو احساس آ، پرديسي، جو واس آ،
خط هڪ راز آ، بياني انداز آ، پيارو ساز آ،
خط ڪٽ ڏولي آ، هولي آ، ڪٽ قرب جي جهولي آ،
خط تاريخ جو سڏ ۽ وقت جي زبان آ،
خط ڏکن ۾ آسرو ۽ ڪٽ دل جو ترجمان آ،
خط ساهه ۾ سانيڻ جهڙو پنو آ، ڪٽ بي گهر لاءِ ڇنو آ،
خط ڪٽ شادي، ڪٽ بربادي آ، ڪٽ برف جي نادي آ،
خط لکڻ، پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جو، هر باشعور انسان ٿي.وي
۽ ريڊيو آ،
خط اخبار، رسالو، ٽيليگرام، انٽرنيٽ، ڪٽ فون آ،
خط سونهن ۾ريو سُرور ٻه آ، اندر جي ورونهه ٻه آ،
خط جنبن جو جڳ ٻه آ، محبت جو آئينو ۽ حج ٻه آ،
خط ڪٽ زر آ، ته ڪٽ مَرُ آ، ڪٽ خوشي ڪٽ
تعدي آ،
خط ڪٽ آزاد ، ڪٽ باندي آ، ڪٽ چور، ڪٽ
راندي آ،
خط ڪٽ ميلاپ آ، ڪٽ جدائي، ڪٽ وصيت، ڪٽ
وسيع وادي آ،
خط ڪٽ رهبر آ، ڪٽ رهزن ۽ ڪٽ منادي آ،
خط نوڪري ملڻ، بدلي ٿيڻ، ڪٽ نوڪري وڃڻ،
ڪٽ خودڪشي، ڪٽ ماري آ،

خط جيل مان آزادي، ڪٽ جيل جو آربر، ڪٽ ڦاسي،
ڪٽ ڦاسيءَ تان ٻه معافي آ،
خط جو ڪوبه مذهب، رنگ، نسل نه آ، لکندڙ،
لکجندڙ جو حال، مستقبل ۽ ماضي آ،
خط ڪٽ اونداهه سان اٽکي، ڪٽ ڪوڙا قسر ڪٽي
ڪربلائون ڪرائي، خط وڏو قاضي آ،
خط ڪٽ زوري، ڪٽ راضي آ، ڪٽ شهيد، ڪٽ
غازي آ،
خط پيغام، سنيهو، ناز پريو نيارو آ، ڪٽ هڪ انداز ٻه آ،
خط ڪٽ حڪر آ، ڪٽ التجا ۽ عرض پري اپيل ٻه آ،
خط ڪٽ سوال، ڪٽ جواب آ، ڪٽ نظريو، ڪٽ
نفيل ٻه آ،
خط ڪٽ خيال آ، ڪٽ چال آ، ڪٽ حال آ، ڪٽ
ڌارو، ڪٽ وڪيل ٻه آ،
خط ڪٽ ضرورت، اظهار جو ماپو آ، هڪ خاڪو آ،
ڪٽ ڪيل ٻه آ،
خط ڪٽ شاڪ آ، ڪٽ هاڪ آ، ڪٽ شاڪو آ، ڪٽ
ڏاڪو آ،
خط ڪٽ باک آ، ڪٽ ساک آ، ڪٽ لاک آ، ڪٽ گل
مٿان ماک آ،
خط ڪٽ شروعات آ، ڪٽ اِنڊ آ، ڪٽ جنگ جو
نغارو آ، ڪٽ شاديءَ جي ٻڌندڙ آ،
خط ڪٽ بهار آ، ڪٽ خزان آ، ڪٽ مانار آ، ڪٽ
موج ۽ مستي آ،
خط هڪ هار آ، هڪ هستي آ، ڪٽ قرب آ، ڪٽ
زبردستي آ،
خط محبت جي درياءَ ۾ الله توهار ڪري لائل، هڪ
ڪمزور ڪشتي آ،
خط پري وارن لاءِ پل آ، دلبر جي هٿ ۾ جڙ دل آ،
خط نفيس جذبن جو اظهار آ، هڪ آواز، هڪ رنگ آ،
ڪٽ چاهت جو چنگ آ،
خط سيني رنگن جو سُرور آ، گهٽي انتظار ڪانپوءِ
مليل سوڪڙي پَرپوز آ،

خط ڪٽ چمين ۾ آ، ڪٽ اکين تي، ڪٽ چاڪنگ،
ڪٽ هير، ڪٽ جهولو آ،
خط ڪٽ اونده اڌ رات، ڪٽ روشندان، ڪٽ باک
ڏئي، ڪٽ تہ منگھ آ،
خط ڪٽ شرمساري، ۾ ڪنڌ لڪائي ٽو، ڪٽ تہ گلن
جا هار پائي ٽو،
خط ڪٽ ناهي ٽو، ڪٽ ڌاهي ٽو، مطلب ڪجھ نہ
ڪجھ چاهي ٽو،
خط مطلب خط ئي آ، جيڪو لکو سوئي پهچائي ٽو،
خط پٽ نہ آ، جو ڪوئي بکيو کائي، خط تہ خط آ،
جيڪو اندر جي بک اجهائي ٽو،
خط ٻوڏ آ، طوفان آ، زلزلو آ،
خط ڪٽ راحت آ، فرحت آ، ڪٽ پيار جي سنڌ آ،
خط گل آ، ڪنڌو آ، ڪٽ جهنڊو آ، ڪٽ چڪور آ،
ڪٽ چنڊ آ،
خط ڪنگ آ، ڪٽ ڏنگ آ، ڪٽ دنگ آ، ڪٽ چنگ،
ڪٽ جهرجهنگ آ،
خط آئٽ آ، ڪٽ آفت آ، ڪٽ نافت آ، ڪٽ خج آ،
ڪٽ ڏنڏو، ڪٽ صحبت آ،
خط تحفو ٻہ آ، گلدستو ٻہ آ، ڪٽ سڪ پريو احوال
گهٽ، ڪٽ سربستو ٻہ آ،
خط هڪ نظريو آ، ڪٽ رائيٽ آ، ڪٽ رائنگ آ، ڪٽ
نوڙي آ، ڪٽ نانگ آ،
خط ۾ قرب آ تہ لکيل وڏو خط ٻہ مختصر آ،
خط ۾ جي قرب ناهي تہ مختصر خط ٻہ ڪانگ آ.

[22- نومبر 1998ع تي سنڌي ادبي سنگت قنبر پاران ڪوئايل "خط ويهڪ" ۾ پڙهيل]

نئون ڪتاب



ڪتاب: اعتراض
شاعر: بيخود بلوچ
موضوع: شاعري
چاپو پهريون: 2018ع
قيمت: -/250 رپيا
چپائيندڙ: مُرڪ پبليڪيشن ڪراچي



علي رضا قاضي

فليش فڪشن: هڪ مختصر جائزو

تعارف:

دنيا هڪ نندڙي ڳوٺ جيان ٿيندي پئي وڃي، سماجي، اقتصادي، سياسي ۽ ادبي طور ملڪ، قومون، برليون ۽ انهن ۾ سرجندڙ ادب هڪ بئي سان سلهاڙيا پيا آهن. انهن جا اثر هڪ بئي جي زبان ۽ ادب ۾ واضح طور نظر اچن ٿا، جنهن جو هڪ مثال 'فليش فڪشن' پڻ آهي. فليش فڪشن چا آهي؟

مختصر طور، فليش فڪشن هڪ چٽيءَ جو نالو آهي، جنهن جي هيٺيان ڪهاڻين جون اهي لاتعداد صنفون اچيو وڃن ٿيون، جن ۾ لفظن جي ڳڻپ يا انهن جي تمام گهٽ استعمال کي فليش فڪشن جو معيار بڻايو ويو آهي. بين الاقوامي سطح تي فليش فڪشن جي صنفن ۾ شارٽ- شارٽ اسٽوري، سبن فڪشن، ڊريبل، فڪشن-55، ڊرئيبل، ٽوئيٽريچر، پام سائيز اسٽوري، سموڪ لانگ اسٽوري، نينو اسٽوري، ون- ورڊ اسٽوري وغيره شامل آهن.

- **عالمي سطح تي فليش فڪشن جي وصف ۽ مفهوم:**

چاڪاڻ ته فليش فڪشن، سڄي دنيا ۾ لکيو پيو وڃي، خاص ڪري انگريزي ادب ۾ ان قسم جي ادب کي سائنسي بنيادن تي تحقيق جي دائري ۾ آندو ويو آهي، انڪري ضروري آهي ته فليش فڪشن متعلق ڪجهه نامور اسڪالرن جا رايا رکجن ٿا.

انگريزي عالمن جا رايا:

- **ڪيٿرن سسٽانا:** 'فليش فڪشن' ڪيترن ئي نالن سان سڃاتو وڃي ٿو، جهڙوڪ: مائڪروفڪشن، مائڪرو اسٽوريز، شارٽ- شارٽ اسٽوريز، ويري شارٽ اسٽوريز، سبن اسٽوريز، پوسٽ ڪارڊ فڪشن، نينو فڪشن وغيره. جيتوڻيڪ اهو ڏکيو آهي ته 'فليش فڪشن' کي لفظن جي ڳڻپ جي بنياد تي سڃاتو وڃي. ها هن جا ٻيا ڪيترائي اهڃاڻ ٻڌائن ٿا، ته هي شارٽ اسٽوري جي ڪٽيل صورت آهي، 'فليش فڪشن' ۾ مرڪزي خيال جي وڏي اهميت آهي. (1)
- **وليم هاءِ سمٿ:** 'فليش فڪشن' جون تر تشريحون مختلف آهن، ۾ گهٽو ڪري مڪمل ڪهاڻيون جيڪي 1500، 1000، 500 يا 300 لفظن تائين جون هجن، انهن کي 'فليش فڪشن' جي دائري ۾ آڻي سگهجي ٿو. فليش فڪشن لاءِ ٻيا اصطلاح به استعمال ٿيندا رهيا آهن، جهڙوڪ: شارٽ- شارٽ اسٽوري، اميڊيٽ فڪشن، سبن فڪشن ۽ مائڪرو فڪشن؛ جيتوڻيڪ انهن جون تشريحون پبلشر پنهنجي مرضيءَ مطابق به ڪن ٿا. (2)
- **اليسا آڊري:** 'فليش فڪشن' توهان کي ايڊيٽنگ جو هنر ۽ به عطا ڪري ٿو. 'فليش فڪشن' جي لکت توهان جي لکڻيءَ ۾ نکار آڻي ٿي. 'فليش فڪشن' توهان جي لکڻين کي مضبوط ڪري ٿو. ان پنهنجي لکڻين ۾ رنگيني پرڻ لاءِ لفظن، فقرن، تصويرن، موسيقي ۽ وڊيوز کي شامل ڪري 100 کان 500 لفظن جي ڪهاڻي لکان ٿي. (3)
- **مارڪ ٽوائن:** جيڪڏهن هن وٽ گهٽو وقت هجي، ته هو ضرور نندڙي ڪهاڻي لکندو... ڪجهه هزار لفظن ۾ پنهنجيون ڪهاڻيون ٻڌائڻ سميت مختصر ادب پڻ هڪ فن آهي، جنهن ۾ هر لفظ جي ڳڻپ ٿئي ٿي. مختصر ڪهاڻي هڪ ٽڪر مثل آهي. هڪ نشست ۾ پڙهڻ ڪانپوءِ قاريءَ کي

محسوس ٿئي. ته ڪجھ صفحن ۾ ھن سان ڇا ٿي ويو. (4)

➢ **جي.ڊبليو ٿامس**: انٽرنيٽ جي آمد ڪانپوءِ ايڊيٽر مختصر ڪر ڏانھن ڏيان ڏين پيا، جيڪو ڪمپيوٽر اسڪرين تي پڙھڻ وڌيڪ آسان آھي. موجوده اصطلاح 'فليش فڪشن' ھڪ 'ڳالھ' جو نالو آھي، جيڪا 300 کان 1000 لفظن تي ٻڌل ٿئي ٿي. (5)

➢ **رابرٽ وارن**: نندڙيون ڪھاڻيون ڄڻگن کان آھن، پر 'فليش فڪشن' ڪجھ نئون آھي؛ ان ڪري ڪجھ ان جي وضاحت پچن ٿا، جنھن جو ھڪ سادو جواب آھي، ته ھي فقط، ھڪ تمام مختصر ۽ محدود ڪھاڻي آھي، جيڪا مختصر لفظن ۾ ھڪ وڏي ڪھاڻيءَ ڏانھن ٻ اشارو ڪري ٿي. (6)

➢ **تانيا هرشمن**: مان گھٽو ڪري، ناول کي ميمل سان پيٽيان ٿي، شينھن جھڙو حملي آور يا ڳئون جيان تعبيدار، جڏھن ته مختصر ڪھاڻيءَ جو مثال مڇي يا پکي آھي، اتي مائڪرو اسٽوري ھڪ جيت جيان ٿئي ٿي. (7)

سنڌي عالمن جا رايا:

➢ **منظور ڪوهيار**: اھڙي ڪھاڻي، جنھن لاءِ لفظن جي پيمائش ضروري ھوندي سا مختصر مختصر ڪھاڻي ٿيندي ٿيندي، ھاڻي مائڪرو فڪشن، 'فليش فڪشن'، فاسٽ فڪشن ۽ اسٽوري بائيٽ جي نالي سان سڏبي زيرو ورڊ اسٽوري يعني ٻڙي ڪھاڻيءَ تائين وڃي پھتي آھي.(8)

➢ **ڊاڪٽر الطاف جوڪيو**: وقت جي تيز سفر سبب بظاھر ماڻھو واندو ھوندي ٻ پاڻ کي مصروف ٿو سمجھي؛ ان کارڻ پنھنجو پاڻ کي ڪنھن ڏيگھ واري معاملي ۾ ڦاسائڻ کان پاسو ڪرڻ لاءِ مختصر اسمن تي اڪتفا ڪندو آھي. اھوئي سبب آھي جو جديد دؤر جي نسبت ماڻھو ''فليش فڪشن' جي وڌيڪ ويجھو ٿئي ٿو. (9)

➢ **عزيز قاسماڻي**: جھڙي ريت اک چنڊ ۾ ڪائي ڳالھ ڪري وڃڻ کي فليش ڪھاڻي چئجي ٿو. ھن ڪھاڻي ۾ واقعو ئي اھميت رکي ٿو. باقي فني جزويات فليش ڪھاڻين ۾ ايتري ظاھري انداز ۾ نہ ملندا، جو ته انھن جزويات کي ڪھاڻيءَ ۾ اُڻڻ لاءِ ڪردار جي باقي موومينٽ (حرڪتن) سان ئي ظاھر ڪري سگھجي ٿو، جڏھن ته ڪردار خود فليش ڪھاڻيءَ ۾ ٻئي درجي جي جاءِ والاري ٿو ته باقي روايتي ڪھاڻي جي جزويات کي ايتري جاءِ ڪٽان ملندي. (10)

➢ **عباس ڪوريجو**: 'فليش فڪشن' افسانوي ادب جي لکت جو ھڪ انتھائي اختصاريل نمونو آھي. ان جي اھڙي ڪا به قبوليل وصف ناھي، جنھن مان ان جي مقرر ڪيل ڊيگھ جي صحيح خبر پئجي سگھي. (11)

اردو عالمن جا رايا:

➢ **قاسم يعقوب**: 'فليش فڪشن' اھا ڪھاڻي آھي جيڪا گھٽ لفظن اندر قصي کي بيان ڪري ۽ ان ۾ ڪا ڏاھپ جي ڳالھ، ڪو انڪشاف يا جنبلاٽي انجام سامھون اچي. (12)

➢ **ابو فهد**: قرآني قصن ۾ تمام وڏن منظرن کي مختصر لفظن ۾ سمايو ويندو آھي، جھڙي ريت حضرت يوسف عليه السلام جو قصو سالن تي ٻڌل آھي، پر ان کي به ڪجھ صفحن ۾ سموھيو ويو، بلڪل اھڙي ريت جيئن فليش فڪشن يا افسانچن ۾ ڪيو ويندو آھي. ڪردارنگاري ۽ منظر نگاري 'فليش فڪشن' جي سونھن آھن. (13)

- **سيد تحسين جيلاني:** 'فليش فڪشن' هڪ دانش پاري يا ٽوٽڪي کان وڌيڪ ڪجهه ٿي سگهي ٿو. اهو پڙ درست ته 'فليش فڪشن' فوري اثر ڪرڻ وارو پر جلد ضايع ٿيندڙ ادب آهي ۽ 'فليش فڪشن' ۾ ڪو وڏو تخليقي تجربو ڪرڻ ناممڪن آهي. فليش فڪشن' ۾ ايڊيٽنگ جو هنر اڇڻ گهرجي، جيڪو صحافت لاءِ ڪارائتو آهي. 'فليش فڪشن' ڪهاڻيءَ جو خلاصو نه آهي، جڏهن ته 'فليش فڪشن' ۾ ڪو وڏو تخليقي تجربو ڪرڻ ناممڪن آهي. 'فليش فڪشن' ۾ ون لائين تحرير، ٽوٽڪو، لطيفو، حڪايات وغيره شامل نه آهن. (14)
- **نعيم بيگ:** مائڪرو فڪشن يا مختصر ڪهاڻي اصل ۾ لفظن جي ڪنهن خاص ڳڻپ جو نالو نه آهي، پر لفظن کي هنرمنديءَ سان مخصوص مقدار ۾ سموهڻ آهي. 'فليش فڪشن' پڙهندڙ مڪمل ڪهاڻيءَ جيان محظوظ ٿئي ٿو، ان جي معرفت زندگيءَ کي اک چنپ ۾ ڏسي سگهجي ٿو، يا ائين لکجي ته 'فليش فڪشن' ادبي ارتقاء جي اڳئين وک آهي. (15)

- **'فليش فڪشن' بابت عالمن جي راين ۾ هڪجهڙايون:**

- 'فليش فڪشن' محدود لفظن جي ڪهاڻي آهي.
- 'فليش فڪشن' ۾ مرڪزي خيال جي وڏي اهميت آهي.
- ڪردارنگاري ۽ منظر نگاري 'فليش فڪشن' جي سونهن آهن.
- 'فليش فڪشن' پڙهندڙ مڪمل ڪهاڻيءَ جيان محظوظ ٿئي ٿو.
- 'فليش فڪشن' جي چٽيءَ هيٺ ڪيترين ئي صنفون اچي وڃن ٿيون. شارٽ شارٽ اسٽوري، چهه لفظي ڪهاڻيون، 140 ڪريڪٽرس تي ٻڌل ڪهاڻيون، جن کي 'ٽوئٽريچر' چئجي ٿو، ٻرئيبل (50 لفظي)، ٻريبل (100 لفظي)، سبن فڪشن (750 لفظي) ۽ مائڪرو- اسٽوريز شامل آهن.
- فليش فڪشن' ۾ ايڊيٽنگ جو هنر اڇڻ گهرجي، جيڪو صحافت لاءِ ڪارائتو آهي.
- 'فليش فڪشن' مختصر لفظن ۾ هڪ وڏي ڪهاڻيءَ ڏانهن به اشارو ڪري ٿو.
- 'فليش فڪشن' ڪهاڻيءَ جو خلاصو نه آهي.
- 'فليش فڪشن' معرفت زندگيءَ کي اک چنپ ۾ ڏسي سگهجي ٿو.
- 'فليش فڪشن' ادبي ارتقاء جي اڳئين وک آهي.
- ترقي پذير سماجن جي ادب ۾ 'فليش فڪشن' ابهام جو شڪار آهي.

- **'فليش فڪشن' بابت عالمن جي راين ۾ اختلاف:**

- 'فليش فڪشن' جو بنياد اختصار تي آهي، پر نالن ۾ اختلاف آهي.
- 'فليش فڪشن' ۾ لفظن جي ڳڻپ بابت اختلاف آهن.
- 'فليش فڪشن' ۾ ڪهاڻيءَ جا بنيادي جزا منظرنگاري ۽ ڪردارنگاري ثانوي آهن.
- 'فليش فڪشن' ۾ چهه لفظي ڪهاڻين ۾ جزن جو خاص خيال نه ٿو رکيو وڃي.
- 'فليش فڪشن' جي ڪجهه ڪهاڻين ۾ ڪردار ۽ منظر ڳڃها رکيا ويندا آهن.
- 'فليش فڪشن' لفظن جي ڪنهن خاص ڳڻپ جو نالو نه آهي، پر لفظن کي هنرمنديءَ سان مخصوص مقدار ۾ سموهڻ آهي.
- 'فليش فڪشن' ۾ ڪو وڏو تخليقي تجربو ڪرڻ ناممڪن آهي.
- 'فليش فڪشن' جي ڏيگهه ڪيتري هجڻ گهرجي؟ ان ڳالهه تي به اختلاف آهن.

- 'فليش فڪشن' ۾ ون لائين تحرير، ٽوٽڪو، لطيفو، حڪايات وغيره شامل نه آهن.
- 'فليش فڪشن' لاءِ پڙهندڙن وٽ ابهام آهي.

- **'فليش فڪشن' بابت عالمن جي راين کان پوءِ حاصل ٿيندڙ نُڪتا:**

مٿي ڄاڻايل اسڪالرن جي راين ۽ انهن مان حاصل ٿيل نڪتن ۽ انهن تي ٿيل تجزين کانپوءِ معلوم ٿئي ٿو، ته 'فليش فڪشن' جي دائري ۾ هيٺيان پنج بنيادي عنصر شامل آهن.

1- لفظن جي ٽوراڻي يا اختصار:

اسڪالرن جي اڪثريتي راءِ کانپوءِ،'فليش فڪشن' جي ڇنڊ ڇاڻ ۾ هيٺ ايندڙ ڪهاڻين ۾ لفظن جو تعداد 1000 کان هيٺ بيهي ٿو. 1000 لفظن جي اندر ايندڙ صنفن ۾ سڀن فڪشن 750 لفظن يا 500 لفظن تي ٻڌل آهي. جنهن کانپوءِ 100 لفظن جي ڪهاڻي جنهن کي ڊريبل جو نالو ڏنل آهي. فڪشن 55، هن صنف ۾ 55 لفظ شامل هوندا آهن. هاڻي ته 'فليش فڪشن' جي دائري ۾ 140 ڪريڪٽرس اچيو وڃن، جنهنڪري 'فليش فڪشن' جي پهرئين عنصر ۾ لفظن جي ٽوراڻي يا اختصار شامل آهي.

2- ڪردار:

سڀني ڪهاڻين ۾ ڪردار گهربل هوندا آهن، يا اهڙي ڪردار جي موجودگي جيڪو ڪهاڻي ٻڌائي. 'فليش فڪشن' ۾ ڪردار جوڙي انهن کي واضح ڪيو ويندو آهي، ان لاءِ رائيٽر وٽ اهو موقعو هوندو آهي، ته ڪردارن کي عمل ۾ ڏيکاري، جيئن انهن جو تعارف پڙهندڙن جي ذهن ۾ اچي سگهي.

3- چرڪائيندڙ انجام:

'فليش فڪشن' جي شهرت ان جو چرڪائيندڙ انجام رهيو آهي، يعني قاريءَ کي هڪ پاسي وڃي، هُن کي چمڪي سان ٻيو رخ ڏيکارڻ، جنهن سان هو حيران ٿي وڃي. اها حيراني ڪنهن لطيفي يا خاص سٽ سان ڪرائي سگهجي ٿي.

4- سگهاري ٻولي:

'فليش فڪشن' ڪجهه صورتن ۾ شاعريءَ ۽ شارٽ اسٽوريءَ جو ميلاپ پڻ آهي. ڪهاڻيءَ ۾ شاعريءَ جي لفظن جو استعمال ان کي سگهارو بڻائي ٿو، انڪري لفظن، ۽ خاص ڪري سگهارن لفظن جو استعمال 'فليش فڪشن' جو اهم عنصر آهي.

5- تبديلي:

جيتوڻيڪ 'فليش فڪشن' ۾ گهٽا لفظ ناهن، ان هوندي به محدود لفظن ۾ گهڻو عمل ڏيکاري سگهجي ٿو. رابرٽ ايلن جي مطابق "ڪهاڻيءَ ۾ تبديلي جو ظرف موجود آهي." پوءِ اها تبديلي ڪردار جي سوچڻ جي طريقي جي به ٿي سگهي ٿي، يا اهو سڀ ڪجهه صورتحال تي انحصار ڪري ٿو. (16)

نتيجو:

- 'فليش فڪشن' جيئن ته هڪ ڇنڊ ڇاڻ جي اصطلاحي نالي سان معروف آهي، انڪري ڪنهن به صورت ان جو ترجمو نه ٿيڻ گهرجي. زبردستي ترجمي ڪرڻ سان هي اصطلاح وڌيڪ مونجهاري جو شڪار ٿيندو.
- 'فليش فڪشن' جي هيٺيان، مختصر- مختصر ڪهاڻيءَ سميت لفظن جي ڳڇ واريون ڪهاڻيءَ جون ڪيتريون ئي صنفون اچي وڃن ٿيون، جن ۾ ڊريبل (100 لفظن جي ڪهاڻي) فڪشن-55 (55 لفظن جي ڪهاڻي) ڊرئيبل (50 لفظن جي ڪهاڻي) وغيره، مقبول آهن.
- فليش فڪشن جي ڇنڊ ڇاڻ هيٺ ايندڙ ڪهاڻيون به شارٽ- شارٽ اسٽوريءَ جيان عنصر رکن ٿيون، 'اختصار' ان جو بنيادي عنصر آهي.
- فليش فڪشن ۾ اختصار سبب، هڪ وڏي ڪهاڻيءَ ڏانهن اشارو ڪرڻ جي خوبي شامل هوندي آهي.
- سوشل ميڊيا جي اچڻ کانپوءِ فليش فڪشن کي هڪ نئين زندگي ملي آهي.

- فليش فڪشن، وقت کي بچائي، پڙهندڙ کي ڪهاڻيءَ جو مڪمل سامان مهيا ڪري ٿو.
- فليش فڪشن، دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ مختلف صورتن ۾ لکجندو رهيو آهي.
- سنڌيءَ ۾ نندڙيون آکاڻيون، ٽوٽڪا، لطيفا، نقل- نظير فليش فڪشن جي شروعاتي اهجاڻن ۾ شامل آهن.

حوالا:

1. Sustana, Catherine. "What is Flash fiction?" (Thoughtco). August 27, 2017. Accessed April 13, 2018. (https://www.thoughtco.com/what-is-flash-fiction-2990523)
2. Highsmith, William. "Flash Fiction FAQs" (Writers digest) January 25, 2011. Accessed April 13, 2018. (http://www.writersdigest.com/writing-articles/by-writing-goal/....)
3. Audrey, Alicia. The Top Three Benefits of Writing Flash Fiction. (diyMFA). JAN 19, 2015. Accessed April 17, 2018.
4. Twain, Mark. "What is Flash fiction." (Flash fiction online). Feb 15, 2014. Accessed April 18, 2018. (http://flashfictiononline.com/main/authors/mark-twain/)
5. Thomas. G.W. "Writing Flash Fiction". (fiction factors). Accessed Aril 20, 2018. (http://www.fictionfactor.com/guests/flashfiction.html)
6. Vaughan, Robert. "Interview with Robert Vaughan" (Bath flash fiction award). July- October 2016. Accessed April 21, 2018.
7. Hershman, Tania. "What is flash fiction." (Litrostories transport you.) May 16, 2013.Accsed April 20, 2018. (https://www.litro.co.uk/author/tania)
8. قاضي، علي رضا. معذرت سان (پيش لفظ). ٽاروشاه: علي پرنٽرس اينڊ پبليشرز. 2016. صفحو 07.
9. Aziz Qasmani's facebook account, accessed April 8, 2018. (https://www.facebook.com/aziz.qasmani)
10. ڪوهيار، منظور. پونئرن جي انتظار ۾. قنبر: ڪنول پبليڪشن. 2014ع. صفحو 23.
11. ڪوريجو، عباس. جديد ڪهاڻي- فن ۽ موضوع. قنبر: ڪنول پبليڪيشن،2015ع. صفحو 12.
12. يعقوب، قاسم۔ فلیش کہانی: آج کی کہانی۔(ایک روزن.)۔14 فروری،2017ء۔ رسائی،اپریل23،2018ء۔ (https://www.aikrozan.com.....)
13. فہد،ابو۔ مختصر افسانے کی حمایت۔(ہدافاؤنڈیشن) 05اپریل، 2016ع. رسائی،اپریل24،2018ء۔ (http://hudafoundation.org/afsana-by-abu-fahad/)
14. گیلانی سید تحسین. کیا مائکرو فکشن میں بڑا تخلیقی تجربہ ممکن ہے؟مارچ 20، 2016ء، رسائی، مئی 02،2018ء۔ (http://hameedshahid.com/index.php/2016/20/03/flashfiction)
15. بیگ، نعیم. مائیکرو فکشن یا مختصر ترین افسانہ، (نعیم بیگ) فروری 2016،11. رسائی، مئی، 03،2018ء۔ (http://naeem-baig.blogspot.com/2016/02/blog-post_11.html)
16. Michael. "5 Elements of Powerful Flash Fiction." (FLASH WRITING) October 12, 2011. AccessedMay 04, 2018.

نواز خان زنئور

The Last Temptation of Christ (عيسيٰ جي آخري آزمائش)

(انساني احساسن جي ترجماني کندڙ شاهڪار ناول)

"هن پاڻهن وڏائي ڏاڙهونءَ جي وڻ مان ميوو پٽيو. سندس هٿ جي تريءَ تي ڳاڙهن ياقوتن جهڙي ڏاڙهونءَ ڪڙ چمڪڻ لڳي. هن ڪجهه ڪٽا چٻاڙيا ۽ سندس خشڪ ٿي ويل ڳلي ۾ تازگي اچي وئي. منو رس هن جي اندر ۾ لٿو ۽ سندس هاڻ جهل ٿي. هن ٻيو ڏاڙهون پٽيو. سندس ساهه سڌير ٿي ٻيو. هن انهيءَ هٿ کي دعا ڏني، جنهن هيءَ وڻ پوکيو هو. هن سوچيو ۽ ڪرم نوازي، چگائي ۽ باجهه انسان جو ٻج آهي."

ڪنواريءَ مريم (Virgin Mary) جو پٽ عيسيٰ (عليه السلام) اُردن ندي جي ڪنڌيءَ ڪان رڻ واهي ٽيو هو. اردن ندي ۾ جان بپتسمي (John the Baptist) جي هٿ تي بپتسما ونڊندي، درياء جي ٽڏي پاڻيءَ ۾ وهنجندي، هو سانده ٿي ڏينهن ساڻس ڪچهريون ڪندو رهيو. وٽس پيار هو، صرف پيار. پر جان ڪيس چيو ته رڳو پيار ڪافي ڪونهي، تلوار به کڻ ۽ دنيا مان غلامي، ناانصافي، ظلم ۽ گناهن جي پاڙ اکوڑي ڇڏ، ربّ ايئن ٿو چاهي، تون مسيح آهين. سندن تڪرار نه نبريو ته هُو ربّ سان ڳالهائڻ لاءِ رڻ جو راهي ٽيو. الائي ڪيترا ڏينهن هُو اردن جي رڻ ۾ اڪيلو گهمندو رهيو. تان جو ربّ ڪيس ڪجهه اهجاڻ اماڻيا.

هاڻي هن واپسيءَ جو ارادو ڪيو. هُو رڻ جهاڳي ڪنهن وسنءُ جي ويجهو پهتو هو. ڪيس سانده ٻڌ ڪندي ڇٽڪ صديون گذري ويون هيون. هو ٻُڪ، اوجاڳي ۽ ٽڪاوٽ ۾ بيحال ۽ مينهن ۾ سجو پُسيل هو. سندس سَنڈُ سَنڈُ سور ۽ ساٽائيءَ ۾ ورتل هو. هُو صفا نِستو ٿي پيو هو. ڏاڙهونءَ ڪٽا ڪائڻ سان سندس لڳن تي زندگي موٽي آئي هئي. هن پرانهون نظر ايندڙ ڳوٺ ڏانهن وکون وڌايون.

"پٽر، پاڻي ۽ گهر جرڪي رهيا هئا. نہ، اُهي صرف جرڪي رهيا هئا، ڪِلي ۽ رهيا هئا. اُجاري ڏرتي پنهنجي اُڃ اُجهائي چڪي هئي. ڪجهه ڏينهن کان وسندڙ مينهن ڳوٺ ۾ جهڙوڪر ٻوڏ آڻي چڏي هئي، جنهن ماڻهن ۽ مال متاع کي صفا لانجهو ڪري چڏيو هو، پر ڪڪر وسي وسي هاڻي ٽڦڪڙ ٿي رهيا هئا، نيرو نيرو آڪاس ڪجهه نظر اچڻ لڳو هو ۽ گر ٿي ويل سج، جهڙ منجهاران جهاتيون پائي ننڍين سر دنيا کي سوجهري ۾ آڻي رهيو هو. عيسيٰ اٻاڪائي ۽ خوشيءَ جي گڏ وچڙ ڪيفيتن ۾ ڳوٺ جي اِنگڙ وِنگڙ ۽ سوڙهين گهٽين ۾ داخل ٿيو."

گهٽيءَ ۾ هڪ نوجوان چوڪري ظاهر ٿي، جيڪا پنهنجي اُپري ٻڪريءَ کي چاڙڻ لاءِ ٻنيءَ ڏانهن ڪاهي وڃي رهي هئي.

"تنهنجي هن ڳوٺ جو نالو ڇا آهي!؟" عيسيٰ مرڪندي چوڪريءَ کان پڇيو.

"بيٿاني."

"مان هتي ننڍن ۽ اڻجاڻُو آهيان، رات جا چار پهر آرام ڪرڻ لاءِ ڪهڙي گهر جو ڪڙو ڪڙڪايان!؟"

"جنهن ۾ گهر جو دروازو ڪليل ڏسين، ان ۾ گهڙي پئجـ!" چوڪريءَ ڪلندي وراڻيو.

"جيڪو ۾ ڪليل گهر مِلنئي، ان ۾ داخل ٿي وڃج. ان جو مطلب ته هيءُ مهربان ۽ نرم دل ماڻهن جو ڳوٺ آهي." عيسيٰ سوچيو.

گهٽين مان پاڻي لهي ويو هو، پر پرپاسي کان ان جا آندل ننڍا ننڍا پٽر گهٽين ۾ چمڪي رهيا هئا. در برسات جي ٻوڏاڻ جي ڪري ڪارائيل هئا ۽ بند هئا. هُو پهريون موڙ مُڙيو. هڪ ننڍي در ڪليل هو. هُن چانئٽ تي پير رکيا.

در جي مُهاڙ وٽ ننڍي قد، گول بت، بيضوي مهانڊي ۽ گداز چپن واري نوجوان عورت بيٺي هئي ۽ ڪڙين کي چوڳو ڏيئي رهي هئي. پريان اڌ انڌارڙي لانديءَ اندر هڪ ٻي جُوان جماڻ چوڪري پٽ تي ويٺي، ڪپڙي تي پرت پري ٻه رهي هئي ته آهستڙي جهونگاري رهي هئي.

حضرت عيسيٰ (عليه السلام) چانئڻ تي گهڙيءَ کن لاءِ ٻينو ۽ ٽوري مجڙ جي انداز ۾ دل تي هٿ رکيائين. جنهن بعد هو عورت سان مخاطب ٿيو:

"مان هڪ مسافر آهيان. هڪ گئليلوي. بک، ٽڏ ۽ اوجاڳي جو ماريل آهيان. رهڻ لاءِ هتي ڪوئي ٽاڪ ڪونه اٿر. در کليل ڏسي ته رهڻ لاءِ لڙي آيو آهيان. مان هڪڙو شريف ماڻهو آهيان. معاف ڪجو، رات جا چار پهر رهڻ ڏيو."

نوجوان مائي هن ڏانهن مڙي ۽ مٿي کان پيرن تائين مٽس پرپور ۽ باجهاري نظر وڌائين.

"پلي ڪري آيا، اندر اچو، اسان وس آهر خدمت لاءِ حاضر آهيون." ڪُڪڙين کي چوڳو ڏيندڙ مائي مرڪندي کيس ڪيڪاريو.

اٽت ڪندڙ چوڪريءَ پاڻ کي ڏاڪڻ کان آجو ڪيو ۽ ائي اڱڻ ۾ هلي آئي. هوءَ سنهي هئي ۽ هيڊاڻ مائل رنگت هيس. سندس وار ڳُنڊيل هئا ۽ ٻه سڳيون سندس مٿي تان لڙڪي رهيون هيون. هن جون وڏيون اکيون ڪاريون، اُجريون ۽ اُداس هيون. سندس ڳچيءَ ۾ فيروزي رنگ جو هار چمڪي رهيو هو، جنهن سندس حسناڪيءَ کي تهائين وڌائي ڇڏيو هو. هن مزمان تي نگاهه وڌي ۽ لجاري آواز ۾ چيائين:

"اسان اڪيليون آهيون. اسان جو پاءُ لازارس (Lazarus) گهر ۾ نه آهي. هُو بپتسما ونڊ لاءِ اردن ويو آهي."

"چا ٿي پيو جي پاڻ گهر ۾ اڪيليون آهيون؟ هي پاڻ کي ڪائي ڪونه ويندو." ٻي مائي چيو، "چگا ماڻهو! اندر اچو، هن کي چڏي ڏيو. هيءُ پنهنجي پاڇي کان ٻيئي ڊجندي آهي. اسان توسان ڪجهري لاءِ ڳوناڻن کي سڏائي ٿيون وٺون، اسان جو غريباڻو گهر حاضر آهي، توسان ڪهڙي ماجرا ٿي آهي؟"

"مون کي ٽڏ، بک ۽ اوجاڳي اچي ورايو آهي." ايئن چوندو هُو چانئڻ ٽپي اندر آيو.

"ڳڻتي نه ڪر، ٽنهي جو افاقو ٿي ويندو." هوءَ ساڻس مخاطب ٿي. "هائي مان توکي ٻڌائڻ ٿي چاهيان ته منهنجو نالو مارٿا (Martha) آهي ۽ هيءَ منهنجي ننڍي ٻيڻ مريم (Mary) آهي، ۽ تون!؟"

"مان نَزرٿ جو عيسيٰ (Jesus of Nazareth) آهيان."

"هڪ چگو ماڻهو!؟" مارٿا ساڻس مذاق ڪندي ڪِلي.

"ها هڪ چگو ماڻهو، پنهنجي چگائين ۾ پلوڙ حد تائين: مارٿا منهنجي ٻيڻ!" عيسيٰ نرم ۽ سڏي انداز ۾ وراڻيو.

"تون ويهه، مان تولاءِ چلهه ٻاريان ٿي، لڳ گرم ڪر ۽ آلا ڪپڑا سُڪاءِ."

ٻاهڙي ٻرڻ لڳي. عيسيٰ ان جي ويجهو پلئي هٽي ويٺو. سندس منهن ٻنهي هٿن جي ترين تي هو ۽ سندس ٽوننيون گوڏن تي رکيل هيون. هڪ ٽڏي ڏينهن تي آگ جا شعلڙا ڪيس ٻاجهاري ٻيڻ جي پاڪر وانگر ڪوساڻ ڏيڻ لڳا. هُو هڪ ڏاريي گهر ۾ داخل ٿيو هو، جتي سندس لاءِ ٻاهڙي ٻري رهي هئي، مانڙي پڇي رهي هئي ۽ ٻه پيڙون سندس خدمت ۾ لڳي ويون هيون. ان ٻاجهه تي هن جون اکيون پرجي آيون.

مارٿا مهمان لاءِ ٻيرن جي شراب جو پيالو پري آئي.

"تون اچين ڪٽان پيو!؟"

"دنيا جي ٻئي چيڙي کان." عيسيٰ ٻنهي پينرن تي نگاهه وڌي ۽ شراب جو پيالو هٿ ۾ کڻندي جواب ڏنو. "مارٿا ۽ مريم، منهنجون پينرون! توهان نوح (عليه السلام) جي ٻوڏ بابت ضرور ٻڌو هوندو. سڀ ماڻهو گنهگار هئا ۽ سڀ هڏي ويا، سواءِ انهن چند سئن ماڻهن جي جن کي نوح (عليه السلام) پنهنجي ٻيڙيءَ ۾ کنيو. جيڪر هتي هاڻي اهڙي ٻي

ٻوڏ اڇي وڃي ٿو. واعدو آهي ته مان اوهان ٻنهي کي پنهنجي ٻيڙيءَ ۾ ڪٿي وٺندس. ڇو جو اڄوڪي شام اوهان مون جهڙي سادن ڪپڙن ۾ آڳاڻن پيرن واري اٽسجاٽو مزمان کي پليڪار ڪئي آهي، ان لاءِ ڇلهه ڏکائي آهي، ڪيس گرم ڪيو آهي ۽ ساٽس باجهارو ٻوليو آهي. مان توهان سان ملي خوش ٿيو آهيان. مان هيءَ جام توهان جي صحت لاءِ نوش ڪريان ٿو."

مريم رڙهي هن جي ويجهي آئي ۽ سندس پيرن وٽ ويهي رهي.

"مون تنهنجو آواز صحيح ڪونہ ٻڌو. اجنبي، وڌيڪ ڳالهاءِ!"

ڇلهه ۾ زيتون جون ڪاڻيون ٻري رهيون هيون. مارٽا چندن جون ٻه ٽاريون پٽ ٻارڻ لاءِ وڌيون. گهر هيڪارجي ويو. هوءَ دسترخوان سجائڻ لڳي ۽ گهر جي اڳڻ تي موجود ڪوهر مان پاڻي جو ڪوس پري ٻاهر ڪڍيائين.

"وڌيڪ ڳالهاءِ!" مريم ٻيهار چيو ۽ ماڻ ڪري عيسيٰ کي ڏسڻ لڳي.

"مريم! تون مون کان ڇا ٿي ٻڌڻ چاهين!؟" عيسيٰ وراڻيو، "خاموشي سڀ شئي آهي. اها هر ڳالهه ٻڌائي ٿي."

"خاموشي ڪنهن عورت کي مطمئن نہ ٿي ڪري سگهي. ويچاريون غريب عورتون، انهن کي ڪنهن پيار پريي، مهربان ۽ ٻاجهاري لفظ جي گهرج ٿئي ٿي."

"هن کي جڏي ڏي. ڪو پيار پريو لفظ ٻه عورت کي مطمئن نہ ٿو ڪري." مارٽا، جيڪا پريان ٻتيءَ ۾ تيل وجهي رهي هئي، تنهن مداخلت ڪئي. "ڪو مهربان لفظ ويچارين مسڪين عورتن کي مطمئن ڪري ڪونہ ٿو سگهي. هڪ عورت چاهي ٿي ته سندس مڙس جي هلڻ جو آواز سندس گهر کي لوڏي ڇڏي، هوءَ چاهي ٿي ته سندس ابهر ٻار سندس ٻن کي چڪڙون ڏئي. هوءَ گهٽو ڪجهه چاهي ٿي. گنليلي جا جيسس، گهٽو ڪجهه، پر توهان مردن کي ان ٻابت ڪهڙي خبر!"

هن ڪلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر نہ ڪِلي سگهي. هوءَ ٽيهن ورهين جي هئي ۽ ايڏا توٽي اٽپرٽيل هئي.

ٿوري دير لاءِ سندن وچ ۾ ماڻ وڃائجي وئي. تنهي جون اکيون آڳ جي هلڪن شعلن ۾ وجائجي ويون.

"نٿرٽ جا جيسس! جي اوهين رڳو ايترو ئي چاٽي سگهو ته جڏهن ڪا عورت ويهي ٿي ۽ ڪا شئي اُٿي ٿي، تڏهن سندس ذهن ۾ ڇا ڇا هوندو آهي، ته هوند اوهان کي مٺس ڪهل اڇي وڃي." مريم گڻلهايو.

"مان جاڻان ٿو. اڳئين جنم ۾ مان خود هڪ عورت هئس، مون اٽت ڪئي آهي." عيسيٰ مرڪندي وراڻيو.

"ان دوران تون ڇا سوچيندو هئين!؟"

"خدا بابت. ٻيو ڪجهه ٻه نہ، صرف خدا جي باري ۾. ۽ تون!؟"

مريم ڪوبه جواب نہ ڏنو، پر سندس اڌ ٽاٽجي ويا. پرتان مارٽا سندن ڳالهيون پٽي ٻڌيون ۽ ان ٽڏو ساهه پريو، پر چپ رهي. البت ماڻ وڏي وئي ته نيٺ هن ڳالهايو.

"ٻنا ڏپ جي چوان ته مريم ۽ مان، ۽ دنيا جون سيئي اٽپرٽيل عورتون خدا جي باري ۾ ٿي سوچين ٿيون. اسان ڪيس مڙس جيان پنهنجن گوڏن تي ويهاريون ٿيون."

عيسيٰ (عليه السلام) هن جي مٿتا ۾ ڪنڌ لوڏيو، پر ڪجهه ٻه ڪونہ ڪُڇيائين. سانجهاندو تيار هو. مارٽا چاهيو ٿي ته هُو تڪڙي ماني کائي وڃن، جيئن ڳوٺ جا بزرگ ڪين گڏ ماني کائيندي نہ ڏسن، جن ڏانهن اطلاع لاءِ هوءَ پاڙي جو چوکر ڏوڙائي چڪي هئي، ۽ هو ٽيئي سري اڇي ماني تي ويٺا. ماني کاڄي چڪي ته مار ٿا ٽانوَ ڪنيا.

نياپي تي ستت ئي هڪ هڪ ڪري ٿي پيرسن سرهيال ڳوناٽا گهر ۾ داخل ٿيا. سڀ کان پهرين جيڪو بزرگ اندر داخل ٿيو، اهو ڳوٺ جو مذهبي مهندار 'فادر ميلچي زيدڪ' هو. سندس پٺتان

ٹي ہہ ٻيا بزرگ اندر گھڑيا، جن مان هڪ اکين جي نور کان محروم هو. ٻنهي پيٽن اڳتي وڌي کين کيڪاريو. مزمان سان سندن ڪجهري ٿي، حال احوال ٿيا. هنن سوچن ٿي سوچن ۾ مزمان جي تور تڪ ڪئي. هُو کين هڪ چگو ماٹهو لڳو. ڪَنوگڏ هڪ غيرمعمولي ماٹهو. جنهن جي مٹان کين اڻ لکن فرشتن جي ڇانوَ ڏسڻ ۾ آئي. اهڙي جهلڪ هنن پينرن پڻ محسوس ڪئي.

ڳوٹ جون پوڙهيون پُکيون توڙي جوانڙيون پڻ ٿهي ٻُڪي هار سينگار ڪري هن نئين مزمان کي ڏسڻ لاءِ آيون. هُو سندن اکين کي آنڙيو. ماين هڪيئي سان سُس پُس شروع ڪئي:

"وصف سڻا انس. غريب ٿو لڳي، پر سهڻو آهي. دل ۾ جاءِ جوڙيندڙ." هڪ ڇٹيءَ ٻيءَ کي چيو.

"تو هُن جون اکيون ڪونہ ڏٺيون!؟ اهڙيون سهڻيون ۽ پياريون اکيون مون ڪڏهن به نہ ڏٺيون آهن، منهنجي سندي مڙس جي اکين کان به پياريون، جيکو مون کي پنهنجي ٻانهن ۾ ڪٹي ٿو." ٻي ڇٹيءَ سرگوشيءَ ۾ جواب ڏنو.

"هڪ ٽِکو جهنگلي. دل چئي ٿي، کيس ڪٹي جهنگ ۾ پڇي وڃان ۽ ساٹس گڏ گهاريان."

ٽينءَ مائي آهستي پڙڪي.

"تو مارٹا کي ڪونہ ڏٺو چا؟ هوءَ کيئن نہ کيس کائي وڃڻ وارين اکين سان تکي رهي هئي. لڳي ٿو سندس اڇوکي رات جوش ۽ جنون ۾ گذرندي." ايڏا هڪ ٻيءَ مائي سرٻاٹ کيو.

"پر هُن جون اکيون لومڙ وانگر مريم ۾ اٽکيل هيون. خير، سڄي رات پيئي آهي، ٻنهي پيٽن سان شغل ڪري سگهي ٿو. مان انهن جي پاڙيسرياٹي آهيان، سندن شُوڪارا ٻڌڻ جي ڪوشش ڪنديس." ماين جا وات پاڻ ۾ نہ ٹي مليا.

مزمان ٹڪل هو. ڪجهري ڪندي آڏيءَ ناٹو ٹي ويو هو.

"مزمان اوجاڳيل ۽ ٹڪل آهي، چڏيو تہ ڪجهہ اک هٹي وٹي. هاٹي پاڻ کي هلڻ گهرجي." ميلچي زيبڪ فيصلائتي انداز ۾ چيو.

سڀ مرد توڙي مايون اٹيون ۽ پنهنجن پنهنجن گهرن ڈانهن روانيون ٹيون.

ٻيئي پيٹون مزمان جو هنڌ وچائڻ لڳيون. مريم اٹي ۽ پنهنجي ٹينڪ مان اهي ريشمي ۽ هرڪ جون چادرون ڪڍي آئي، جيکي هن پنهنجي سهاڳ رات لاءِ سنڀالي رکيون هيون. مارٹا ململ جا اُهي ڪِناريون مڙهيل چهہ ڪڍي نرم نرم ۽ نون وهاٹن تي چاڙهيا، جيکي هن پنهنجي پرٹي رات لاءِ کيئن سالن کان سانڍي رکيا هئا. هن وهاٹن ۾ تلسي، ڦودنو ۽ ٻيون سُرهيون جڙي ٻوٹيون پڻ پريون. هنن لوئن جي ڇهن واريون نهايت صاف ستريون پٹراٹيون ۽ سوڙون ڪڍي وڇايون.

"هُو سانجهي پلي هڪ گهوٹ وانگر سيج جهڙي هنڌ تي سمهي." مارٹا پڙڪو کيو.

مريم ٻٹو اٹڪتو ڪري ٹڈو ساهہ پريو. هن دل ۾ چيو تہ: "اي خدا، دنيا منهنجي ٹڈي ساهہ کان وڌيڪ سهڻي آهي. ها سهڻي، پر مان چا ڪريان، مان هيڪلائي کان ڊنل آهيان ۽ ها، هيءُ مزمان مون کي ڈاڍو وٹڻ لڳو آهي."

مهمان نرم، ڪپاهين، آرامده ۽ سُرهاڻ واسيل هنڌ تي ستو. هن وهاٹي تي مٹو رکيو تہ سندس ساهہ سڱڻتن سان واسجي ويو. سڄو ڪمرو تازگي ۽ سرهاڻ سان پريو پيو هو. ننڊ جي مهربان هٹن کيس کٹي ورتو.

ٻيئي پيٹون ٻئي ڪمري ۾ ستيون.

جان ٻپتسمو قتل ٹي چڪو هو. اهڙي واقعي سان اتي موجود ماٹهن ۾ ٹاکوڙو پئجي ويو هو. عيسيٰ جا جيکي حواري (شاگرد) سندس انتظار ۾ اتي رهيل هئا، اهي پڻ اتان يروشلم لاءِ اسهيا. ويندي ويندي هو لازارس کي نيائپو ڏيندا ويا تہ جي ڪٹي اتفاق سان عيسيٰ کيس ملي تہ ان کي چئي تہ هو هاٹي يروشلم ۾ داؤد جي دروازي تي سندس اوسيئڑو ڪري.

لازارس رات ٹي نامراد گهر موٹيو هو. هُو بدحواس لڳو پيو هو. جانُ جي قتل سبب هُو کانئس ٻپتسما وٹڻ واري سعادت کان رهجي ويو هو. سندس

اڇڻ سان جانُ جي قتل جي خبر سڄي ڳوٺ ۾ هلي چڪي هئي. عيسيٰ جي پيراندي کان سمهي کجهه آرام ڪرڻ بعد آهستي آهستي لازارس جا حواس بحال ٿيا، جنهن بعد هن عيسيٰ کي کجهه سڃاتو.

"اهو تون آهين، پانيان ٿو ته اهو تون آهين، جنهن لاءِ قتل ٿيڻ وقت جانُ اردني رڻ ڏانهن منهن ڪري دانهن ڪئي هئي ته هاڻي رڻ کي چڏ؛ شهر شهر، واهڻ واهڻ وڃ ۽ خداوند جو پيغام پهچاءِ. خداوند توکي ان ڪم لاءِ ئي چونديو آهي."

هن کيس سائين جو نياپو پڻ ڏنو.

"مون توکي ڏٺو، منهنجي بپتسما ٿي ويئي. اردن ندي پاڻ اسان جي گهر هلي آئي آهي." لازارس هن نئين پيغمبر جي پيرن ۾ ويهندي کيس خوشيءَ وچان چيو.

صبح جو ڳوٺ مهمان جي تعظيم ڪرڻ لڳو. خود هن مهمان کي سمورين نشانين کانپوءِ هاڻي پڪ ٿي چڪي هئي ته هُو خدا جو چونديل پيغمبر هجڻ سان گڏ مسيح پڻ آهي ۽ خداوند کيس خاص ڪم لاءِ هن دنيا ۾ آندو آهي. هو، جيڪو خداوند کان پڇندو وٺندو هو، تنهن خداوند جي اڻي رضا آڏو آخرڪار پنهنجو ڪنڌ جُهڪايو. کيس خدائي پيغام پڇائڻو هو ۽ دنيا کي بچائڻو هو.

هن جي جسم جا ٻاهتر جوڙ وڌيڪ سگهارا ٿي ويا ۽ منجهس اٽي بيهڻ ۽ هلڻ جي نئين طاقت اچي وئي.

هن جي ايندڙ منزل يروشلم هئي. يروشلم، مقدس ۽ منڊي يروشلم.

* * *

مٿيون ڏڳهو اقتباس يونان جي جڳ مشهور ليکڪ نڪوس ڪازان زاڪس (Nikos Kazantzakis) جي ناول "عيسيٰ جي آخري آزمائش" (The Last Temptation of Christ) تان کنيو ويو آهي.

پر اها هن ناول جي شروعات نه آهي، نه ئي پڇاڙي. اهو هن ناول جي اڑهين باب جو اختصار آهي، جيڪو ذري گهڻ ناول جو وچ آهي. مون اڄا کالهه ئي اهو ڪتاب پڙهي پورو ڪيو آهي. هيءَ ناول ٽچ اسٽون بوڪ وارن پاران سائمن ۽ شٽر انڪارپوريشن آمريڪا جي شهر نيويارڪ مان 1960ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. اهو هن ناول جي انگريزي ترجمي جو پهريون چاپو آهي. مون وٽ ڪتاب جي ان ڇاپي جي ئي ڪاپي آهي. ناول جو ترجميڪار پي اي بيئن (P. A. Bien) آهي. هن سڄو يوناني مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي.

هونئن ته هر ماڻهو پنهنجي خريديل ڪتاب تي پنهنجو نالو لکي ٿو. اها هڪ عام روايت آهي. پر منهنجي عادت آهي ته مان ورتل ڪتاب تي پنهنجي نالي سان گڏ خريد ڪرڻ جي تاريخ ۽ جتان ورتو ويو آهي، ان شهر جو نالو پڻ لکي ڇڏيندو آهيان. ان موجب هيءَ ڪتاب مون 27 مارچ 2003ع تي سنڌ جي راجڌاني ڪراچيءَ مان خريد ڪيو هو. البت ڪراچيءَ جي ڪهڙي هنڌان خريد ڪيو هئم، اهو هيننئر سار تي نه ٿو چڙهي. انهن ڏينهن ۾ مون هيءَ ڪتاب ٽورو پڙهي چڏي ڏنو هو. صحافت جي مصروفيتن واري رُکي زندگي هئي. مصروفيتن، هڻ هٽان ۽ زندگيءَ جي رڪائيءَ ۾ مون کي هيءَ ڪتاب ڪجهه ڏکيو لڳو. هڪ وڌيڪ رُکائي! اصل ۾ هيءَ ڪتاب رُکو نه هو، منهنجي انگريزي ڪمزور هئي. اها ڪازان زاڪس جي پائي جهڙي اديب کي پڙهڻ جي لائق نه هئي. ڪتاب سڄو منهنجي گهر وڃي ٻين ڪتابن سان پاڪر وڃهي ڏڳهي ننڊ سمهي پيو.

هاڻي وري مان جيل ۾ هوس. ٽن سالن جو ڏڳهو قيد. هوڏانهن وري هن ڪتاب کي الماريءَ ۾ قيد ٿئي پنج سال گذري ويا هئا. جيل ۾ انگريزي ادب جي گهٽي مطالعي جي ڪري منهنجي انگريزيءَ ۾ ڪجهه وڌيڪ سڌارو آيو هو. هڪ ڏينهن مون کي اهو ڪتاب ياد آيو، گهران گهرايم ۽ پڙهڻ ويٺس. ڪافي پڙهي ويس. ٻاهر سياسي حالتون بدلجي ويون هيون ۽ ڪورٽن سالن کان قيد سياسي آڳواڻن ۽ ڪارڪنن جون ضمانتون ڪٽڻ شروع ڪيون هيون. ڪتاب اڃا منهنجي مطالعي هيٺ ئي هو، جو عدالت منهنجي ۽ سڪندر سومري جي ضمانت منظور

ڪئي. هن ڪتاب سوڌو اتي موجود منهنجا ٻيا هڙئي ڪتاب هڙ ۾ ٻڌي گهر واپس موڪلي ڏنم. جيل مان مون ٻاهر رڳي ڪپڙا ۽ ڪتاب آندا. ڪپڙا ته هونئن ب جيل ۾ ڪوڙ ڇڏيا آهن. چون ٿا ته جيڪو ماڻهو آزاد ٿيڻ مهل پنهنجا ڪپڙا جيل ۾ ڇڏي ايندو آهي، اهو وري ستت ئي اچي جيل پيڙو ٿيندو آهي. انڪري آزاد ٿيندڙ قيدي پنهنجي تن جا ڪپڙا جيل ۾ ڪوڙ ڇڏين. ٻاهر جي دنيا جا پنهنجا سياسي هل هنگاما، پنهنجي هڙ هٿان ۽ پنهنجون مصروفيتون هيون. اهڙي ريت هيءُ ناول وري ب ويسر جي ور چڙهي ويو.

سيئيو، واٽيو هجي يا مُشلو يا ايا ڪو ٻيو، ڪُتندو آهي ته ڪنڊي جون پراٽيون بنديون ڳولينڊو آهي. مطلعي جو هيراڪ ماڻهو نون ڪتابن جي اٿهوند جو شڪار ٿيندو آهي ته پنهنجن پراٽن ۽ اڳ ئي پڙهيل ڪتابن سان پريل طاقن، شيلفن ۽ المارين ۾ ٽونا هٽندو آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ مون وٽ پڙ پڙهڻ لاءِ ڪو نئون ڪتاب نه هو. ٻيئي هٿ چيلهه تي رکي، چپ پيڙي، الماري جي سامهون بيٺس ته نگاهه وڃي هن ڪتاب تي اٽڪي. مون ان کي کڻڻ ۾ دير ئي ڪانه ڪئي. نئين سري سان منڊ کان پڙهڻ شروع ڪيم ته پڙهندو ئي ويس. روز پنڌتيهه چاليهه صفحا پڙهي ئي ويس. ٻه ڏينهن واندڪائي جا ملیا ته هڪ ڏينهن ستر، ته ٻئي ڏينهن 68 صفحا پڙهيم. حقيقت ۾ پڙهڻ وينس ئي ته دل ڪتاب ڇڏڻ تي نٿي آئي. اهڙي ريت ڪالهه هيءُ ناول پڙهي پورو ڪيم. ناول مون کي ايڏو ته متاثر ڪيو آهي، جو دل چيو ته ان تي لکجي ۽ پنهنجي پڙهندڙن کي ان بابت ڄاڻ ڏجي ته اهي هن ناول کي ضرور پڙهن. ايڏا ٻ سنو ٿيندو ته ڪوئي مانجهي مڙس هن ناول کي سنڌيءُ ۾ ترجمو ڪري وڃهي. ناول ته ناهي ڪٿين درد وَندين دلين جي داهن، اضطرابي منن جي ماندائي ۽ رنج ۾ ورتل روحن جي رڙ آهي، جيڪا ماڻهو جي اندر ۾ پيهي ئي وڃي. سچ ته هيءُ ناول پڙهي ماڻهوءُ کي اندازو ٿئي ٿو ته عظيم ادب چا ٿيندو آهي.

• • •

نڪوس کازان زاڪس يوناني ٻولي، جو تمام وڏو ۽ برڙ باڪاس ليکڪ هو، جنهن جي يوناني، تي ڪريٽائي (Cretan) لهجي جو تمام گهٽو اثر هو. ويهين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ هُو يوناني ادب تي ڇانئجي ويو. سندس هاڪ يورپ کان هلندي سڄي دنيا ۾ پکڙجي وئي. پنهنجي غيرمعمولي تخليقي صلاحيتن ۽ ڏاهپ جي ڪري کيس هڪڙو فيلسوف ۽ دانشور اديب مڃيو وڃي ٿو.

کازان زاڪس 18 فيبروري 1883ع تي ڪريٽ جي شهر هيراڪليون ۾ ڄائو، جيڪو شهر ان زماني ۾ عثماني سلطنت جي حڪمراني، هيٺ هو ۽ هاڻي يونان ۾ آهي. انهيءَ شهر ۾ سندس مڃتا ۾ هوائي اڈو جوڙيو ويو آهي. کازان زاڪس هوائي اڈو؛ جيڪو يونان جو ٻيون نمبر مصروف هوائي اڈو آهي.

جڏهن کازان زاڪس ڄائو هو، تڏهن ڪريٽ جا ماڻهو عثماني سلطنت مان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ترڪن خلاف وڙهي رهيا هئا ۽ حالتون خراب هيون. انڪري سندس مائٽ ڪجهه وقت لاءِ هيراڪليون مان لڏو ڀڻي، يونان جي نيڪسس ٻيٽ تي وڃي رهيا.

هن 1906ع ۾ ايٿينس يونيورسٽي مان قانون جي ڊگري حاصل ڪئي، جنهن بعد هُو وڌيڪ پڙهڻ لاءِ پئرس ويو. جتي هن فلسفي جي تعليم حاصل ڪئي ۽ هينري برگسان جو فلسفو پڙهيو. پڙهائيءَ مڪمل ڪرڻ بعد هن اسپين، انگلينڊ، روس، جپان، مصر ۽ فلسطين جا سير سفر ڪيا.

هن ٻه شاديون ڪيون. پهرين شادي 1911ع ۾ گيلاٽيا اليڪسيو سان ڪيائين، جنهن جو انت پندرنهن ورهين جي رفاقت بعد 1926ع ۾ طلاق تي ٿيو. ٻيو پرٽو هن 1945ع ۾ ايلاني سمَيو سان ڪيو. اها شادي سندس مرٽي تائين برقرار رهي.

نڪوس کازان زاڪس پنهنجي فڪري ۽ نظرياتي ٻيهڪ ۾ بنيادي طور تي هڪ قومپرست، آزادي پسند، انسان دوست ۽ محب وطن ماڻهو هو. ساڳئي وقت هُو مارڪسوادي، عيسائيت ۽ ٻڌمت

کان پڻ تمام وڏو متاثر هو، پر وڏن ۾ عالمگير نظرين ۽ سندس يقين سڀائين متزلل ۽ لڏندڙ لمندڙ رهيو. سوويت روس جي ٻن ڏگهن سرڪاري ڏورن ڪرڻ بعد مارڪسزم ۽ روسي نظام ۽ سندس ويساه کي ڏوڏو اڇي ويو هو. ان هوندي به روسي انقلاب جو بانيڪار ولاديمير لينن سندس سورمو رهيو. هن جو ٻيو وڏو سورمو يوناني قومپرست ۽ جمهوريت پسند اڳواڻ جارج زوربا هو، جنهن تي هن هڪ سٺو ناول پڻ لکيو آهي.

نڪوس کازان زاڪس هڪ محب وطن ۽ آزادي پسند انسان هو ۽ سڀائين پنهنجي ديس جي پاسي رهيو. هو ترڪن واري عثماني شهنشاهيت کان يونان جي آزادي جي لاءِ هٿيار کڻي وڙهيو هو. هن بلقان جي جنگ ۾ يوناني فوج سان گڏجي ترڪن خلاف مزاحمت ڪئي هئي. آزادي کانپوءِ 1945ع ۾ ڪيس عوامي پلائي ۽ بهبود جو وزير ٿيڻ ويو. هن گڏيل قومن جي تعليمي، سائنسي ۽ ثقافتي اداري يونيسڪو ۾ پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون. هُو پنهنجي سياسي خيالن جي ڪري ڪجهه وقت جلاوطن پڻ رهيو. هن جلاوطني جا ڏينهڙا پئرس ۾ ڪاٽيا.

کازان زاڪس ادب ۽ فلسفي تي تمام اعليٰ پائي جو ڪم ڪيو آهي. هن هيني برگسان ۽ فريڊرڪ نٽشي جي فلسفن تي تحقيقي ڪتاب لکيا. هن دانتي جي نظم "الوهي پوڳ" (Comedy Divine) کي جديد يوناني ۾ ٻيهر لکيو. هن پنهنجي طرفان نئين "اوڊيسي" لکي، جنهن تي هن تيرنهن سال ڪم ڪيو ۽ ان کي ست پيرا ورائي ورائي لکيائين. پر پئي پاسي هن پنهنجو ڪتاب "يوناني جوش جذبو" صرف ٻن مهينن ۾ لکي مڪمل ڪيو. هن ٻين ٻولين مان يوناني ۾ ترجما پڻ ڪيا آهن. هن گوئٽي جي "فائوسٽ" جو يوناني ۾ ترجمو ڪيو. خود کازان زاڪس پاڻ به سٺو شاعر هو، پر هن جو بنيادي ڪم نثر ۾ ڪيل آهي.

کازان زاڪس لڳ پڳ چاليهارو ڪن ڪتاب لکيا، جن مان ڪيترن ئي ڪتابن جو مختلف ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي. هن شاعري، ناول، سفرناما، مضمون، فلسفو ۽ فڪري ڪتاب لکيا آهن. ڪيس 1952ع ۾ نوبل انعام لاءِ چونڊيو ويو، جيڪو هڪ ووٽ تان ڪيس ملڻ کان رهجي ويو. پر ڪيس 28 جون 1956ع تي ويانا ۾ امن جي عالمي انعام سان نوازيو ويو.

هاڻي هن جي جيون تي شام لهي آئي هئي، هُو بيمار ٿي پيو. ڊاڪٽرن ڪيس سفر ڪرڻ کان منع ڪيو هو. پوءِ به هُو يونان کان چين ڏانهن پنڌ پيو. چين جي دوري دوران وڌيڪ بيمار ٿي پيو. ڪيس علاج لاءِ جرمني نيو ويو، پر چاڙهو نه ٿيو. ستت ئي اڪيون ٻوٽيائين، اهو 27 آڪٽوبر 1957ع جو ڏينهن هو. هُو جرمني جي شهر فيبرگ ۾ گذاري ويو. سندس مڙهه ڪي سندس اباڻي شهر هيراڪليون ۾ آڻي شاهي مانُ شانُ سان مٽيءَ ماءُ جي هنج پيڙو ڪيو ويو.

نڪوس کازان زاڪس جي مشهور ڪتابن ۾ "آزادي ۽ موت" (Freedom and Death)، "يونان جو زوربا" (Zorba the Greek)، "مناڪرو" (Symposium)، "مهاتما ٻڌ" (Buddha)، "اوڊيسي" (Odyssey)، "يوناني جوش جذبو" (Greek Passion)، "سڪندر اعظر" (Alexander the Great)، "ٽي ناٽڪ" (Three Plays)، "خدا جا فقير" (Gods Pauper)، "يونان جا عڪس" (Reflections On Greece)، ۽ "خدا جا ادراڪي" (Savoir of God)؛ سفرنامن "روس" (Russia)، "جپان ۽ چين" (Japan China)، "انگلنڊ" (England)، "يونان جا پنڌ" (Journey To Morea)، "ڪنوسوس جي محلاتن اڇيان" (At Palaces Of Knossos) ۽ "اسپين" (Spain)؛ ناولن ۾ "سينٽ فرانسس" (Saint Francis)، "پٿريلو باغ" (The Rock Garden)، "هن کي ضرور مرڻ گهرجي" (He Who Must Die) ۽ "عيسيٰ جي آخري آزمائش"، ۽ سندس لاجواب آتم ڪهاڻي "يونان جي حضور ۾" (Report to Greco) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن.

هن جو هيءُ زيرنظر ڪتاب يوناني ۾ پهريون ڀيرو 1955ع ۾ ڇپيو هو، جنهن تي رومي ڪئٿولڪ چرچ کي به منيان لڳي هئي، ته يوناني آرٿوڊوڪس چرچ به ڪاوڙجي پيئي هئي. ٻنهي کي هيءُ ناول نه وٺيو. پاڻ ۾ نه ٺهڻ باوجود هن ناول جي معاملي تي ٻنهي جي راءِ ۽ ردعمل ساڳوئو هو.

هن جي ٽن ڪتابن "يونان جو زوربا"، "هن ڪي ضرور مرڻ گهرجي" ۽ ذڪر هيٺ ناول "عيسيٰ جي آخري آزمائش" تي فلمون پڻ ٺاهيون ويون آهن.

ڪازان زاڪس کي آزاديءَ سان اٿاھ عشق هوندو هو. هُو چوندو هو ته آزاديءَ جي ويڑهاند نہ رڳو بنا ڊپ جي وڙهي وڃي، پر جڏهن ڪا اميد به نہ هجي تڏهن به وڙهي وڃي!

ساڳيي وقت آئرلينڊ جي جڳ مشهور قومپرست شاعر وليم بٽلر ييٽس (W. B. Yeats) ۽ جان ملنگٽن سائنج (Millington Synge John) وانگر ڪازان زاڪس پڻ اهو چوندو هو ته قومي ادب ئي عظيم ادب ٿيندو آهي.

• • •

هڪ واڌو، جوزف. ڪجھ سال اڳ واري سنڌي لهجي ۾ جُوسب، هاٿي يوسف. وڏي عمر، اڇ رنگي ۽ ورتل، هلڻ ڪان هلاڪ ۽ ٻين جو موتاج.

سندس ننڍي نيٽي زال مريم، پنهنجي پُٽ تان اور گهور ٿيندڙ، سهٽيءَ، سنجيده ۽ ٿور ڳالهائو.

سندن الهڙ ڇمار وارو پٽ عيسيٰ، پاڻ ۾ واڌو، صليبون ٺاهيندڙ، هڪ بيقرار روح.

ٽنهيءَ جي پنهنجي پنهنجي دنيا آهي. جن مان عيسيٰ هن ناول جو مرڪزي ڪردار آهي. ساڳيو عيسيٰ، خدا جو پيغمبر، دنيا جي هڪ وڏي مذهب عيسائي ڌرم جو باني.

سڄو اسرائيل بيچينين، بيتابين ۽ مُنجھ جي ور چڑهيل، وقت بوقت نبين جو ظهور، ڪوڙا سچا نبي، نبين جا قتل، هر طرف افراتفري، اِنتشار ۽ نااُميدي.

رومي سلطنت جي سڄي پرڳڻي تي سخت جڪڙ، ظلم ۽ بربريت، ٽيڪسن جو ظالم نظام رائج، زندگي جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ ڏکي ٿيندڙ.

اسحاق جو نسل رومي ڏاڍ اڳيان بي يار و مددگار، بي واهو بڻيل، جيڪو به اري ۾ آيو سو ويو، نہ داد نہ فرياد!

عام ماڻهو، خلق خدا، پنهنجي ڏکن سورن جي خاتمي لاءِ ڏٺيءَ سڳوري پاران موڪلجندڙ ڪنهن سچي مسيحا جي اوسيڑي ۾.

يروشلم جي مقدس شهر وارو هي سڄو خطو انهيءَ ماحول جي ور چڑهيل هو. هيءَ ناول انهيءَ سڄي صورتحال کي اکين اڳيان آڻي ٿو بيهاري. انهيءَ ماحول ۾ حضرت عيسيٰ پلجي نڀجي وڏو ٿو ٿئي. هو سرت سنپالڻ جهڙو ٿئي ٿو ته خواب ڏسڻ شروع ٿو ڪري. عجيب غريب خوابن نہ منڊ نہ ڇيڙو، سمجھ ۾ اچڻ کان مٿيرا، ڏيڀارينڊ، اُتساهيندڙ، عجيب غريب!

گئليلي جي گهٽين، جينيسرت ڍنڍ جي پاڻي ۽ نٹرٿ جي پهاڑين مٿان گهمندي هُو وڏو ٿئي ٿو. ڪيس خدا پاران مختلف اشارا، اهڃاڻ ۽ ڏيکارا ملن ٿا. هُو مُنجهي ٿو پئي. هُو پيغمبر ٿيڻ نہ ٿو چاهي. هُو ان ذميداريءَ کان پڇڻ ٿو گهري، پر مشيتِ ايزديءَ آخرڪار پنهنجو ڪم ڏيکاري ٿي. اُمر کي ڪير آڏو اچي! نيٺ هُو انهيءَ گس تي نڪري ٿو. بيقراري ڪيس گهر ويهڻ نہ ٿي ڏئي.

هڪڙي ڏينهن هُو مگدلا ڏانهن نڪري ٿو پئي. رات مريم مگدلين (Mary Magdalene) جي گهر ۾ ٿو ٽڪي. مگدلين، جيڪا سندس سئوٽ به آهي ۽ جنهن سان هُو بالڪپڻ ۾ راندين روندين ڪڏنو هو، سا مگدلا ۾ پيشو ٿي ڪري. ڏيهه پرڏيهه جا ماڻهو وٽس اچن ٿا ۽ سندس جوان جسر جو واس وٺن ٿا. مگدلين، جنهن جا چپ قسمين قسمين قومن جي ماڻهن جي چمين جي برسات ۾ پنل هٺا، سا خود عيسيٰ جي چمين لاءِ سِڪي رهي هئي. ڪيس عيسيٰ سان محبت هئي. هن چاهيو هو ته سائس سندس سئوٽ جي شادي ٿئي ۽ هوءَ ان جي ٻانهن ۾ حياتي گهاري، پر چاهڻ سان چا ٿو ٿئي؟ زندگيءَ جا پنهنجا ظلم ۽ پنهنجون نوازشون آهن. سندس سئوٽ ته رهبانيت جي راهه چونڊي هئي. هوءَ ان کي ڪيئن ٿي ڇُهي سگهي!

ان ملاقات دوران ٻن چاهيندڙن جي وچ ۾ جيڪا گاله ٻولهه ٿئي ٿي، اها ڪنهن عشق جي ماريل دلڙيءَ کي رٹارڻ لاءِ ڪافي آهي. مگدلين جي گالهين مان عورت جي ساري پيڙا ٽپڪي ٿي اچي.

"هڪ عورت جو جسر ئي ان جو روح آهي. تون اهو جاڻين ٿو، چگي ريت جاڻين ٿو، پر تو ۾

هڪ مڙد وانگر ان کي پاڪرن ۾ پرڻ ۽ چمڻ جي همٿ ڪانهي. ان کي ڇُر، ان کي بچاءِ!"

"تو ۾ ست شيطان واسو ڪري ويا آهن، ڪسبياٿي!" عيسيٰ پنهنجائپ ۽ هجت وچان ورندي ڏني.

"ست شيطان نہ، مريم جا پٽ! ست شيطان نہ؛ ست زخم چئو. توکي اهو سمجهڻ ڪپي تہ عورت هڪ گهايل خدا آهي. وٽس پنهنجا زخم پاڻ چٽڻ ڏاران ٻيو ڪو رستو ناهي. آءٌ جڏهن ٻہ توکي سوچيان ٿي، ياد ڪريان ٿي، منهنجي دل ٻہ اڏ ٿي پوي ٿي."

سياري جي رات هئي، آڪاس مان هلڪيون بوندون وسي رهيون هيون ۽ سيءُ هو. هن پنهنجي چاهيندڙن پاران مليل سوکڙين سان تار ٽينڪ کولي ۽ ان مان اُونو ڪنبل چڪي ٻاهر ڪڍيو. عيسيٰ پل تہ آرام واري گرم هنڌ ۾ سمهي. گڏوگڏ سندس پر ۾ هلڪي ٻاهڙي ٻہ ٻري رهي هئي.

هن ڪنواري عيسيٰ کي ڪنهن آزمائش ۾ وجهڻ نہ ٿي گهريو. انکري هوءَ ڪجهہ پرتي سندس پيراندي‌ءَ کان سُتي.

ٻئي ڏينهن تي هو اتان روانو ٿيو. مگدلين ڏک ۾ لڙهي وئي، گوڙهن ۾ ٻڏي وئي.

عيسيٰ جينيسرت ڍنڍ جي پرئين پار صحرا ۾ موجود ديول ڏانهن وڃي رهيو هو. سندس خيال هو تہ اتي ڪيس سکون ملي ويندو ۽ ڳالهہ هڪ پاسي ٿي ويندي. هن اها پڪ ڪرڻ ٿي گهري تہ هُو خدا جو پيغمبر آهي يا نہ؟

يهودا (Judas) کي خبر هئي تہ عيسيٰ ڪيڏانهن پيو وڃي. هُو ٻہ سندس پويان پويان صحرا ۾ ڪاهي ٿو پئي. صحرا ۾ نہ ٽا ملن، تہ هُو ديول پهچي ٿو وڃي. عيسيٰ جي سمهڻ واري ڪمري ۾ رات جي اونداهي وڪڙي ۾ هُو چپ هٽي ويهي ٿو رهي. چاقون سندس ور ۾ آهي. هُو ڪوڙن پيغمبرن مان بيزار آهي، جن وٽ عبرانين جي آزاديءَ لاءِ ڪو ڏس پتو ۽ عمل نہ هو. انکري هُو هن نئين امڪاني پيغمبر کي ٻہ قتل ڪرڻ ٿو گهري.

هُو اونداهي ڪمري ۾ آهون سامهون ٽين ٽا. اونداهيءَ ۾ يهودا جو چاقون چمڪي ٿو. ويرم بعد عيسيٰ جون اکيون اونداهيءَ ۾ ڏسڻ جي قابل ٽين ٽيون. يهودا سوچي ٿو تہ مارڻ کان اڳ ساڻس ڪجهہ ڳالهائجي. قاتل ۽ امڪاني مقتول جي وچ ۾ ٽيندڙ ڳالهہ هولهہ پڙهي، مون کي جي.ايم.سيد ياد اچي ويو. هڪڙو قاتل جي.ايم.سيد کي مارڻ لاءِ سن ڪهي آيو هو. پوءِ هن جڏهن سيد جو اٽڻ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ هولهائڻ ٻڏو تہ چاقون ور مان ڪڍي سندس اڳيان رکيائين ۽ پنهنجي اچڻ جو ارادو ٻڌائيندي سندس پيرن تي ڪري معافي ورتائين. ياد تہ مون کي صوفي شاهہ عنايت ٻہ آيو، جنهن مهل عيسيٰ کي يروشلم جي رومي حڪمران پونٽيس پلاٽي (Pontius Pilate) جي سامهون پيش ڪيو ويو، ان مهل مون کي شاهہ عنايت ياد اچي ويو. عيسيٰ جنهن ٽڏائي ۽ جرئتمندي سان پلاٽي جي سوالن جا جواب ڏني ٿو، اها گفتگو پڙهندي مغل صوبيدار ۽ شاهہ عنايت جا سوال جواب ذهن تي تريو ٽا اچن. ماٿهو موت جي منهن ۾ هوندي حاڪمن سان اکيون اکين ۾ ملائي ڳالهائي ٿو تہ اتهاس نين عظمتن کي جنر ٿو ڏني. وقت ۽ فاصلن باوجود تاريخ جي عظيم شخصيتن جي وچ ۾ ڪيڏيون نہ هڪجهڙايون ٽيون ٽين! جي.ايم.سيد جي قتل لاءِ آيل قاتل جيان يهودا ٻہ پنهنجو ارادو بدلائي ٿو ۽ اتان ماڻ ميڙ ۾ ڪسڪي وڃي ٿو. اڳيان هلي هُو عيسيٰ جو ٿورو ٿورو معتقد، پر پڪو ۽ پروسي جوگو سائي بڻجي وڃي ٿو. هُو منجهائنس اسرائيل جي آزاديءَ جي اميد رکڻ لڳي ٿو. هُو آسماني جنت بدران زميني جنت ۾ ويساهہ رکي ٿو. هن جي زميني جنت، هُن جو وطن، هن جو ديس! هُو هر وقت عيسيٰ کي ان سلسلي ۾ قائل ڪرڻ ۾ لڳو رهي ٿو تہ يروشلم جي هن مقدس سرزمين تان رومين کي تڙي پنهنجو قومي راج قائم ڪرڻ گهرجي.

"محبت، چا محبت!؟ ڪهاڙيءَ جي ڳالهہ ڪر. دنيا کي قتّ ٿي پيا آهن. هڪ ڪهاڙو ئي انهن قتن کي ڪوري انهن جو علاج ڪري سگهي ٿو." يهودا وقت بوقت عيسيٰ کي چوندو رهي ٿو.

هوڏانهن نئرٽ ۾ روئندي رڙندي ڪنواري مريم پنهنجي پٽ جي ڳولا ۾ گهران نڪري ٿي. مگدلا، ڪيپرنام، جينيسرت ڍنڍ جي ڪنڊيءَ، هوءَ پنهنجي جهوني ساهيڙيءَ سيلومي (Salome) جي گهر مزمان ٿئي ٿي.

"مان پنهنجي پٽ کي درويش ٻرويش يا پيغمبر ٻيغمبر ڏسڻ نٿي چاهيان. مان هن کي پرڀاڙ ٿي چاهيان، مون کي منهنجا پوٽا پوٽيون گهرجن. اهو ٻه ته خدائي رستو آهي."

سيلومي پنهنجيءَ نوجوان دوستِ کي دلداريون ڏيندي رهي ٿي. مزمانڊ کي اتي ڪافي ڏينهن گذري ويا. گهر جي اگڙ تي وينِي هڪ ڏينهن اچانڪ سيلومي ڊگهو ساهه کنيو.

"ڪير پيو اچي؟" سيلومي پنهنجي پٽ کان پڇيو. "واءُ ۾ سُرهاڻ پرجي وئي آهي."

۽ پوءِ عيسيٰ اچي ويو.

هُو صحرا جي ديول مان موٽيو هيو. ڪيس لڳو ٿي ته ساري ڌرتي سندس گهر آهي، هن جو ٻيو ڪو گهر ناهي. ماڻهو سندس صحرا آهن، ٻيو ڪو صحرا ناهي. خدا هر هنڌ موجود آهي. هر هنڌ سندس رحمت وسي ٿي. نه، صرف سندس رحمت نه، سندس طاقت پڻ. طاقتن جي طاقت.

"اي خداوند خدا! تنهنجو ارادو پورو ٿيو. مان تنهنجي ڪرم ۽ ٻاجهه اڳيان پنهنجو سيس نوايان ٿو." هُو چپن ۾ پٽڪيو.

هن پنهنجي اندر ۾ ڪو خدائي آواز ٻڌو. انهيءَ آواز لاءِ هُو سالن جا سال سڪيو هو.

ماڻهن هن جي آجيان ڪئي. ڪيس ٻڌڻ لاءِ اهي ٽوليون ٽوليون ڪري مردين عورتين ڪيپرنام جي پهاڙي تي چڙهڻ لڳا.

"اي مريم جا پٽ! اسان بکارا آهيون، پر اسان توکان ماني نه ٿا گهرون. تون خود ٻه اسان وانگر غريب آهين. ڪو اهڙو مهربان ۽ ٻاجهارو لفظ ٻڌاءِ، جنهن سان اسان جون دليون ريجهي وڃن." هڪ پوڙهي چيو.

"اي مريم جا پٽ! اسان ناانصافين جا ستايل آهيون، اسان جي دلين ڏرڪڻ چڏي ڏنو آهي. اسان کي ڪو آٽت ڏيندڙ حرف ٻُڌائي، ۽ اسان کي انصاف ڏيار." هڪ نوجوان کيس عرض ڪيو.

هو ٻه ڇٽڪ اهڙي سڏ لاءِ سڪيو پئي. هن ماڻهن تي نگاهه وڌي. هن بک ۽ آزاديءَ جو آواز ٻڌو ۽ خوشيءَ سان سرشار ٿي ويو.

"منهنجا پائرو! هڪٻئي سان پيار ڪريو، هڪٻئي سان پرت ۽ محبت سان رهو. خدا محبت آهي. مون ڏينهن جا ڏينهن خدا کي ڳوليو آهي. ان لاءِ رڻن ۾ پٽڪيو آهيان، پهاڙن تي چڙهيو آهيان، ڏينهن ۽ راتيون رليو آهيان. هڪ ڏينهن خدا ٻڌڙي هير ٿي مون وٽ آيو ۽ چيائين: منهنجا پٽ، اٿي ٻيهه ۽ هيڏانهن اچ! آءٌ اُٿيس، اڳتي وڌيس. هن جا هٿ منهنجي دل ۾ پار ٿي ويا...!"

"پائرو، هُو اسان جو پيءُ آهي. هُو ڪوبه سور ختر ڪرڻ کانسواءِ نه ٿو چڏي. هُو ڪوبه زخر اٽڇٽائيو رهڻ نه ٿو ڏئي. اسان هِن دنيا ۾ سورن، تڪليفن ۽ بکن ۾ ورتل آهيون. هُو بي دنيا جي جنت ۾ اسان کي مزي سان پُري چڏيندو...!"

"جيڪي حق تي آهن، پر اُج ۽ بک تي آهن، انهن تي ٻاجهه هجي، اهي ورسايا ويندا، جيڪي خدا اڳيان ٻاڏائين ٿا، انهن تي رحمت وسندي، جيڪي غريب مسڪين آهن، جيڪي هيسايل ۽ ڏٻايل آهن، جن سان ناانصافيون ٿيون آهن، خدا انهن لاءِ جنت جي بادشاهت جوڙي آهي."

بيمار هن ڏانهن وڌن ٿا، هُو انهن کي شفا ٿو ڏئي. نابين ڏانهس بي نور اکڙيون کٽن ٿا، هُو انهن کي اکين جي روشني موٽائي ٿو ڏئي. معجزا سندس پيغمبري تي مڃتا جي مهر هٽن ٿا.

هاڻي ٻه عورتون ظاهر ٿيون ٿين. مريم ۽ سيلومي. مريم پٽ جو هٽ ٿي جهلي، جيڪو هو آرام سان چڏائي ٿو وڃي.

"عيسيٰ، منهنجا پٽ! هل ته گهر هلون."

"منهنجو ڪوبه گهر ناهي، منهنجي ڪابه ماءُ ناهي."

الاس! پريان هيبرون جبل جي پٽيان سج لهي رهيو هوندو آهي، پر جبل پٽيان سج سمنڊ ۾ ڪونه پيو ٻڏندو آهي، هڪ ماءُ جي دل پيئي ٻڏندي

آهي. چا تہ درد آهي مريم جي لفظن ۾! هوءَ نامراد، ڏکاري ۽ روئندي کيپرنام جي ٽکريءَ تان لهي ٿي.

"نہ روءِ، مريم، منهنجي ڏيئرِي! نہ روءِ. چا تو هن جي مٿان فرشتن جو جهنڊ چانو ڪري بيٺل نہ ڏٺو!؟" سيلومي گهر پڄڻ بعد عيسيٰ جي ماءُ کي آٽت ڏيندي چيو.

"مون ٻيو ڪجهہ ب نہ ڏٺو. مون کي تہ فقط ئي فقط منهنجو پٽ ٿي نظر آيو. منهنجو اڪيلو پٽ. مان فرشتن کي چا ڪنديس؟ اهي مون لاءِ ڪهڙي اهميت ٿا رکن؟ مان پنهنجو پٽ ٿي چاهيان، پوٽا ٿي چاهيان. پٽ، پوٽا، پوٽيون، نڪي فرشتا."

"تون نوازي ويئي آهين مريم، ۽ رب جو ڪرم تنهنجي ڪک جو ميوو آهي." سيلومي مريم جي چاتين کي ڇهندي چيو.

مريم هن جي جهولي۽ ۾ پنهنجو منهن لڪايو ۽ سڏڪن ۾ ڇڪي پيئي.

اهڙي ريت واقعا اڳتي رڙهندا ٿا هلن، زندگي پنهنجي پنڌ تي وڌندي ٿي هلي ۽ ناول جي اٿت وڌيڪ گهري ٿيندي ٿي وڃي.

ناول ۾ اڪيلو عيسيٰ ب تہ نہ آهي نہ. هتي ڪجهہ ٻيا ڪردار ب آهن، جيڪي ڪنهن خاص گهڙيءَ ۾ عظمت جي بلنديءَ تي هليا ٿا وڃن، جنهن ويل عيسيٰ کي پلاتي جي محل کان صليب ڏانهن نيو ٿو وڃي، تنهن مهل سڄو يروشلم عيسيٰ جي پٺيان هوندو آهي. ماٹهن جو هجوم، ڪجهہ ڪجهہ ڏکارو، ڪجهہ ڪجهہ اداس، پر گهٽو ڪاوڙيل، وڙهندڙ، پٽر هٽندڙ. انڌا رڳو انڪري ڪاوڙيل هئا، جو هو ڪين اکين جو نور موتائي ڏيڻ کان اڳ صليب تي چڙهي رهيو هو! بيمار ب ان ڪاوڙيل هئا، جو هُو ڪين شفا ڏيڻ بنا وڃي رهيو هو. ٻيا رومي شهنشاهيت جا حامي هئا. سبب هر ڪنهن وٽ پنهنجو هو، پر پٽر هر هٽ ۾ ساڳيو هو.

ان هجوم ۾ اڪيلو شامي سائمن (Simon) ٿئي ٿو، جيڪو عيسيٰ جي پاران هجوم سان وڙهي ٿو. هجوم، پٽر هٽندڙ هجوم، اتي اڪيلو سائمن عيسيٰ جو پاسو ڪٽندڙ. هُو نہ عيسيٰ جو حواري، نہ معتقد، نہ ڪيس مسيح سمجهندڙ. يروشلم ۾ دائود جي ديول جي سامهون سراءِ هلائيندڙ هڪ پياڪ! هڪ عظيم ۽ مقدس شهر ۾ هڪ اڪيلو پياڪ همراهہ هڪڙي مظلوم، رت ڳاڙيندڙ ۽ اڪيلي ماٹهوءَ جي پاران مٿي قريل هجوم جي سامهون ٿو ٽئي. هُو ماٹهن سان وڙهي ٿو، ڪين ڏڪا ڏيئي پري ٿو ڪري، مريم جي پٽ جي منهن تان رت ٿو اڳهي. هن جي صليب پاڻ کڻي ٿو، جيڪا رومي سپاهي هن کان ڦري وري عيسيٰ جي کلهن تي رکي چڏين ٿا. عيسيٰ جا سارا حواري تہ يروشلم جي باهران سيدون ماٹري مان هن جي گرفتار ٿيندي ئي پڄي ويا هئا! جيتوڻيڪ هن ناول ۾ تہ ايئن لکيل ناهي، پر ميٿيو (Mathew) لکي ٿو تہ "يهودا چانديءَ جي ٽيهن ٽڪرن عيوض عيسيٰ سان غداري ڪئي هئي. هن گرفتاري ٿاڻي عيسيٰ کي کنڊ تي چمي ڏيئي رومي سپاهين کي سندس نشاندهي ڪرائي هئي."

البت هن ناول ۾ آهي تہ يروشلم ۾ آخري سنجهوڙي (last Supper) تي پيٽر (Peter) کي عيسيٰ پاڻ چيو هو تہ اڄ رات اسر جو ڪڪڑن جي دس هٽڻ کان اڳ تون ٽي پيرا منهنجو انڪار ڪندين. عيسيٰ ۽ سندس حوارين جي گڏ ڪاڏل انهي رات جي مانيءَ جي اٽلي جي عظيم مصور ليوناربو ڊاونچي (da Leonardo Vinci) شاهڪار تصوير ناهي آهي، جنهن جو عنوان ئي هن "آخري سنجهوڙي" (The Last Supper) رکيو هو، جنهن ۾ يهودا، پيٽر، اينڊريو ۽ سندس ٻيا ڪجهہ سائي دسترخوان تي ساٹس گڏ ويٺا آهن. ميري مگدلين سندس پر ۾ ويٺل آهي. اتان اٽڻ بعد رات جي پوئين پهر ۾ رومي سپاهي عيسيٰ کي حراست ۾ وٺڻ اچن ٿا. مسيح جي گرفتاريٰ بعد ڪايافاس جي محل وٽ جنهن ويل پيٽر کي چيو ويو تہ هيءُ ب عيسيٰ جو ساٹاري آهي تہ هن چيو تہ قسم سان آءٌ هن جو سائي ناهيان، مان هن کي سڃاڻان ئي ڪونہ ٿو. هن ٽي پيرا ايئن چيو، ۽ جنهن مهل هن ٽيهر اهي حرف ڌرايا، تنهن مهل ڪڪڑن بانگ ڏني. ڪڪڑن جا دس ٻُڌندي ئي پيٽر کي عيسيٰ جا چيل اکر ياد آيا ۽ هُو چٽڪ پنهنجي اندر ۾ پاڻ مري

ٻيو هر هوڏانهن وري عيسيٰ جي وفادارن مان ڪي پوئتي رهجي ويا هئا. هيءَ سڀ ڪجهه ابترو ۽ تڪڙو ٿيو هو. جو انهن کي نه صحيح خبر ٿي ڪانه هئي. چا ٻه هو، پر گولگٿا (Golgotha) جي پهاڙيءَ تي نه هو اڪيلو پنهنجي صليب پنهنجن ڪلهن تي پاڻ کڻي پهتو هو. اتي ٻيو نه هر ڪو پرائو هو. ناول ۾ ان ڏيڪ جي چا نه دلسوز عڪاسي ڪيل آهي! الا! عيسيٰ جي صليب جو هڪ ڪوڪو جهڙوڪر تيزيءَ سان نڙي اچي خود پڙهندڙ جي دل ۾ ڪپيو وڃي.

اهڙا ڪيترا ئي واقعا، ڳالهيون، گفتگو ۽ ڏيڪ لکڻ جهڙا آهن. پر جي مون اهي سڀ لکيا ۽ تفصيلي تبصرو ڪيو نه پوءِ هيءَ مضمون هڪ مضمون نه رهندو، هڪ ڪتاب ٿي پوندو. انڪري ڊيگهاڙ کان بچڻ جي ڪوشش ڪا ڪريون. هتي پاڻ رڳو ڪنوار جي منهن ڏيکائيءَ جهڙو منظر ڪا ناهيون. باقي جنهن پڙهندڙ ۾ انگريزي ٻولي جي ڪاڪ تي ڪرهو ڪاهي وڃڻ جو در خر آهي، اهو هن حسين جميل مومل جيهي ناول جو پاڻ وڃي ديدار ڪري، ۽ جي ڪنهن وٽ ٻوليءَ جو ڪمزور ڳڻرو آهي نه اهو ۽ منزلون ڪندو ساهيون پٽيندو وڃي دنگ ڪندو. اڳتي وڌڻ جو ساهس ڏاڍو نه ڪامياب ٿي ئي وڃبو. ٻوليءَ ۽ تخيل جو حسن ماڻڻو آهي نه ڪتاب جي ڪاڪ ڏانهن ضرور ڪاهجي.

ڪازان زاڪس هن ڪتاب جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو نه:

"هيءَ ناول، آتر ڪهاڻي نه آهي، هڪ مجتا آهي. صرف عيسيٰ جي نه، هر ان ماڻهو جي مجتا، جيڪو جدوجهد ٿو ڪري. مون هيءَ ڪتاب لکي پنهنجو فرض پورو ڪيو آهي. فرض، هڪ اهڙي ماڻهو طور، جيڪو پنهنجي زندگيءَ ۾ آدرش ۽ اميد رکي ٿو ۽ جاکوڙ ڪري ٿو. جيڪو به ماڻهو هيءَ ڪتاب پڙهندو، اهو محبت مان پرجي ويندو، خود عيسيٰ سان به سندس محبت اڳ جي پيٽ ۾ گهٽي وڃي ويندي."

ان هوندي به پنهنجي اٽت ۽ واقعن جي اپٽار ۾ هيءَ ناول ڪنهن آتر ڪهاڻي جهڙي تفصيل ڪان گهٽ نه آهي. ڪازان زاڪس عيسيٰ جي پنڌ جا پيرا ڪنيا آهن. عيسيٰ، جنهن جو هر پنڌ هڪ معجزو هوندو هو.

• • •

ناول جي ٻولي تمام شاندار، وٽندڙ ۽ دل ۾ لهي ويندڙ آهي. ليڪڪ جي تخيل جي اڏام ايڏي اتانهين آهي، جو ماڻهو جي دماغ کي روشني سان پري ٿي چڏي. ٻولي، جي حسناڪي، تخيل جي اڏام ۽ واقعن جي ڳنڍيل ترتيب اهي وٽون آهن، جيڪي ڪنهن به ناول کي معنيٰ خيزي، ڪاميابي ۽ امرتا سان همڪنار ڪن ٿيون. انهيءَ لحاظ کان ڏسجي نه هن ناول جي فني ۽ فڪري اٽت، ڏاڍي شاندار انداز ۾ ڪئي وئي آهي. بيٽاني جي مريم جي نرم نفيس آڳرين جيئن رنگين تندن مان ڪپڙا ٿي اٽيا، تيئن ڪازان زاڪس جي ڪلاڪار آڳرين لفظن جي رنگبرنگي ڏاڪڻ سان تخيل جي تاجيءَ تي هيءَ خوبصورت ناول اٽيو آهي جنهن ۾ ڪئي ڪنواري مريم جي دانهن آهي، ڪئي مريم مگدلين جي پيڙا آهي، ڪئي بيٽاني جي مريم جا ٽڏا ساهه آهن، نه ڪئي مارٿا جا گونگا لڙڪ آهن. ناول ۾ ڪئي عيسيٰ جي ٻاجهارن هٿن جي مسيحائي آهي، نه ڪئي يهودا جي چاقون جا وڍ آهن. ناول ۾ منظرنگاري ايڏي نه شاندار آهي، جو ڪنهن مهل پائنجي ٿو نه ماڻهو پاڻ اُتي بيٺو آهي. زمان ۽ مڪان جون حدون ريٽجي ٽيون وڃن.

هن مضمون کي پڄاڻيءَ تي پهچائڻ کان اڳ دل چئي ٿي نه ناول جي ٻولي ۽ تخيل جي حسناڪيءَ کان ٿوري توهان کي آگاهي ڏجي، ان جي ٿوري جهلڪ توهان کي ڏيکارجي. بلڪل ٿوري، جو سڄ هيءَ آهي نه لڳاتار هيءَ مضمون لکندي مان پاڻ ۾ هاڻي ٽڪجي پيو آهيان، پر صحيح ڳالهه هيءَ آهي نه اها هن ناول جي حسناڪي آهي، جنهن جي ڪري مان ايترو لکي سگهيو آهيان.

ڏسو، چا نه سهڻيون، معنيٰ پريون، تاريخي ۽ مضبوط خيالن واريون سٽون آهن:

Every time the Hebrews raised their hands against the Romans in order to seek

"رات پياري، وٽندڙ ۽ پني پني هئي، ڏکڻ جي نرم هوا گهلي رهي هئي ۽ ڪيپرنام ۾ مڇيءَ جي ڪڪ ۽ موتيي جي گلن جي سرهاڻ پکڙي پيئي هئي."

My heart is a lighted coal.

—

"منهنجي دل هڪ برندڙ ۽ دکندڙ اڱار آهي."

Shame is also a temptation, conquer it.

—

"لڄ ۽ شرم خود هڪڙي روڪ ۽ آزمائش آهي، ان کي ضابطي ۾ آڻ."

The crucifier suffers more than the crucified.

—

"صليب تي چاڙهيندڙ مصلوب کان به وڌيڪ پيڙا مان گذرندو آهي."

The earth is a tree.

—

"هيءَ ڌرتي هڪ وڻ آهي."

His words are as sweet as honey.

—

"هن جا لفظ ايئن مٺا آهن جهڙي ماکي."

After all, they're women: they have hearts and no minds.

—

"سڀ ڳالهيون جي هڪ ڳالهه ته اهي وري به عورتون آهن. اهي دماغ نه، دل جي دنيا جون رهاڪو آهن."

God is spirit, and spirit must be worshiped only in spirit.

—

"خدا روح آهي، ۽ هڪ روح جي عبادت رڳي روح ۾ ئي ٿي سگهي ٿي."

We take a step to find Jerusalem, and she takes a step to find us.

—

"پاڻ يروشلم ڏانهن هڪ وک وڌايون ٿا، ۽ هوءَ به اُتي پاڻ ڏانهن هڪ وک وڌائي ٿي اچي."

We worship within ourselves .Each is our bodies is a temple.

freedom this hill filled with crosses. and upon these the rebels writhed and groaned. At night the jackals came and ate their feet. and the next morning the crows flew down and ate their eyes.

—

"جڏهن به عبرانين (يهودين) پنهنجي آزادي لاءِ رومين خلاف هٿ بلند ڪيا، تڏهن هيءَ ٽڪريءَ صليبن سان پرجي ٿي وئي ۽ باغين کي انهن تي لٽڪايو ٿي ويو. صليبن تي هنن رت ٿي ڳاڙيو ۽ درد مان دانهون ٿي ڪيون. رات جي وڪڙي گدڙ ٿي آيا ۽ سندن پير ٿي پٽيائون، ۽ صبح ويلي ڳڄهون ٿي لٽيون ۽ سندن اکڙين جا تارا ٿي کاڌائون."

A man see a miracle only once in his life.

—

"هڪڙو ماڻهو پنهنجي زندگي ۾ رڳو هڪ پيرو ئي ڪو معجزو ڏسي سگهي ٿو."

God's true voice always comes to us from within.

—

"خدا جو سچو آواز ته هميشه اسان جي اندران ئي اچي ٿو."

We are not murderers ,we are fighting for freedom.

—

"اسان قاتل ڪونه آهيون، اسان پنهنجي آزادي لاءِ وڙهي رهيا آهيون."

What is the life of man? What is it worth? Nothing, if it isn't free.

—

"هڪڙي ماڻهو جي حياتي ڇا آهي؟ ان جي قيمت ئي ڪيتري آهي؟ ڪجهه به نه، جي هو آزاد نه آهي."

The knife is more of a help in this than bread.

—

هن راهه ۾ چاقون ماني کان وڌيڪ مددگار هوندو آهي."

The night was sweet, warm, damp; a gentle wind blew from the south. Capernaum smelled of fish and jasmine .

—

Night is a great gift of God. It is the mother of man and comes quietly and tenderly to cover him.

"رات انسان لاءِ خدا جو عظيم تحفو آهي،
اها ماڻهوءَ جي ماءُ آهي. ماڻ ۾ اچي ٽي ءِ هن کي
پنهنجي جهولي ۾ لکائي ٽي چڏي."

But I say to you that whoever even looks at a woman lustfully has already committed adultery in his heart.

—

"پر مان توکي چوان ٿو ته جيکو ماڻهو
ڪنهن عورت کي شهوتي نظرن سان ڏسي ٿو، اهو ۾
هن سان ڇڪ پنهنجي دل ۾ زنا ڪري ٿو."

If the soul within us does not change, the world outside us will never change.

—

"جيڪڏهن انسان جي اندر انسان جو روح نہ
ٿو بدلجي ته سمجهو ته انسان کان باهرين دنيا ۾ نہ
ٿي بدلجي."

Truth has seven levels.

—

"سچ جون ست سطحون آهن."

Man's voice is an all powerful charm.

—

"ماڻهو جي آواز ۾ کو طاقتور جادو
لکيل آهي."

We Romans are made to govern men, and men are not governed by love.

—

"اسين رومي دنيا تي حڪمراني ڪرڻ لاءِ
پيدا ڪيا ويا آهيون ءِ دنيا تي حڪمراني پيار سان نہ
ٿي ڪري سگهجي."

Magdalene, your eyes are lighted coals.

—

"مگدلين، تنهنجون اکيون برندڙ اڱار آهن."

The moon, large and sorrowful, was at this moment rising from behind the mountains of Moab.

—

"موعب جي پهاڙن پٺيان ان ٽاڻي وڏو ءِ
اداس چند اپري رهيو هو."

"انسان پاڻ پنهنجي اندر ۾ عبادت ڪريون
ٿا انسان جو هر جسم هڪ ديول آهي."

All your virtues are daughters of fear. All your virtues are daughters of poverty.

—

"اوهان جون سڀ فضيلتون ڊپ جون
ڌيئرون آهن. اوهان جون سڀ فضيلتون مسڪينيءَ
جون جايون آهن."

The sun came out of the desert like a lion and beat all the doors of Israel.

سڄ صحرا مان ڪنهن شينهن جيان نڪتو
ءِ اسرائيل جا دروازا ڪڙڪائڻ لڳو."

Take care. The desert is full of sweet voices and death.

—

"پنهنجو خيال رکج. رڻ پيارن آوازن سان
سٽيل هوندو آهي ءِ ان ۾ هنڌين ماڳين موت چپ
هٿيو ويٺو هوندو آهي."

Great things happen when God mixes with man.

—

"خدا جڏهن انسان ۾ سمائجي ويندو آهي،
تڏهن عظيم شيون جنم وٺنديون آهن."

Rabbi, what is the name of the true God? He answered, Love.

—

"سائين! خدا جو سڀ کان سچو نالو ڪهڙو
آهي؟ هن جواب ڏنو، پيار."

The repentant sinner is better than the man who has never sinned.

—

"اهو گنهگار، جيکو گناهه جا گل پٽڻ کان
بعد ۾ ٻاڌائي ٿو، ان ماڻهو کان پلو آهي، جيکو
ڪڏهن به گناهه نہ ٿو ڪري."

He held her just as an inexperienced bridegroom holds his bride.

—

"هن کيس پنهنجن ٻانهن ۾ ايئن پريو،
جيئن ڪوئي اڻ تجربيڪار گهوٽ پنهنجي ڪنوار
کي پاکر پائيندو آهي."

What is the body ?The tent of the soul.

"جسم چا آهي؟ روح جو خيمو."

Death is the door to immortality; there is no other door.

"موت لافانيت جو دروازو آهي، هتي بيو کوبه در نه آهي."

...And faster than the mind of a man, the heart of a woman.

"عورت جي دل، مرد جي دماغ کان گهڻي تيز آهي."

Woman is a fountain of immortal water.

"عورت امرت رس جو هڪ سدا حيات چشمو آهي."

ناول ۾ اهڙيون ڪئين سٽون آهن، جيڪي دل ۾ لهي وڃن ٿيون. هنڌين ماڳين شاندار منظرنگاري آهي. ناول جي حُسناڪي کي بيان نه ٿو ڪري سگهجي، محسوس ڪري سگهجي ٿو يا پڙهندي ڏسي سگهجي ٿو. هونئن به حسن عورت جو هجي، آواز جو، فطرت جو يا لفظ جو، بيان ڪرڻ جي نه، ماڻڻ جوڙڻ، محسوس ڪرڻ ۽ ڏسڻ جي شئي آهي.

* * *

ناول جي پڄاڻيءَ وارا باب عيسيٰ عليه السلام جي مصلوب ٿيڻ واري واقعي تي لکيل آهن. صليب تان هُو جڏهن هن خوبصورت دنيا تي هڪ مرد واري نظر وجهي ٿو، تڏهن اِتان کان هن جي آخري آزمائش شروع ٿئي ٿي. ڪيس ميري مگدلين ياد اچي ٿي، بيٿاني واري ميري سندس سار تي سُري ٿي اچي، ڪيس مارٿا جي يادگيري اچي ٿي. هوءَ مظلوم ماڻڙي پڙ سندس هينڊي تي هُري ٿي اچي. هلندي ڦرندي، شاديون مرادیون ڪندي، ڪر ڪار ڪندي، وڙهندي جهڙندي، پيار وندیندي، ٻار پالیندي هيءَ دنيا ڪيڏي نه سهڻي ٿي لڳي! ڏرتي ڪيڏي نه سهڻي آهي، ان جا نظارا ڪيڏا نه سهڻا آهن. ماڻهو ڪيڏا نه سهڻا آهن. مار! ايڏي سهڻي ۽ وٽندڙ دنيا کي هُو اڳ چو نه ڏسي سگهيو هو!؟ کانئس دانهن نڪري ٿي وڃي.

هُو جڏڪ ڪنهن ڏگهي خواب مان چرڪ پري جاڳي ٿو. صليب جي پيڙا ڏانهس موڙي ٿي اچي.

هو پنهنجي قاتلن کي به دعا ٿو ڏي: "اي خداوند، هُنن کي معاف ڪري ڇڏ. هُنن کي خبر ئي کانهي ته هو چا ڪري رهيا آهن."

سندس اکيون ٻوٽجي رهيون آهن. هُو ڀاڪ کي خدا جي ٻانهن ۾ ڏيئي ٿو ڇڏي. هُو سمجهي ٿو ته آءٌ ڪامياب ٿي ويو آهيان.

هُو سوچي ٿو ته هي، پڄاڻي نه، پر هڪ نئين شروعات آهي، هڪڙو نئون آغاز آهي.

هُو صليب تي پنهنجي سوچ ۾ درست هو. هر پڄاڻي ڪي هڪ نئين شروعات آهي. هن جي موت سان حالتون ڏيهون نه، پر انهن جي رفتار تيز ٿي ويئي هئي. پوٽيس پلاٽي کي ندامت جي احساس هيٺ سندس زال ڇڏي وئي، عهدي تان معزول ٿي ويو ۽ خود به مصلوب ڪيو ويو. يروشلم نئين گهيري ۾ آيو ۽ هيرودِ جي ديول کي ڍاٽو ويو. دير سان ئي سهي، پر خود روم پڻ آخرڪار ڏهي ويو ۽ جيڪي سمجهندا هئا ته انسان پيدا ئي دنيا تي حڪمراني لاءِ ٿيا آهيون، انهن جي حڪمراني هميشه هميشه لاءِ الوپ ٿي وئي. جن جو شاهين آسمانن جي بلندين ۾ پروازون ڪندو هو، انهن جا پنهنجا ڪنبي ڪوهجي ويا. هر دؤر جي شاهينن کي تاريخ جي اونداهي قبر ۾ ڪرٽو آهي. ان جي برعڪس محبت، انساني پائيچارو ۽ آزادي دنيا ۾ سدا سلامت رهڻي آهي.

تاريخ اهو ثابت ڪيو آهي ته هر اهو "روم" جيڪو پين قومن کي محڪوم ٿو ڪري، پراين ڏرتين تي ڪنهن به نالي ۾ والار ٿو ڪري، معصوم ماڻهن کي مصلوب ۽ قتل ٿو ڪري ۽ خدا جي ڏرتيءَ تي جبر کي رائج ٿو ڪري، اهو هڪ ڏينهن نيٺ ڍهي وڃڻو آهي. سونهن، سچ ۽ قومن جو وجود سدا سلامت رهڻو آهي. دنيا سدائين اڳتي وڌڻي آهي، وڌيڪ سٽاين، انصاف، انسان دوستي ۽ آزادي ڏانهن.

دنيا جو عظيم ادب اسان کي اهو ٿو ٻڌائي.

محمد علي ابڑو



نارائڻ شيام جون "تصويرون"

نارائڻ شيام سنڌ ۾ هند جو عظيم شاعر آهي، سندس شاعريءَ جي صنفن ۾ دوها، سورنا، ترائيل، غزل، نظم، رباعيون ۽ هائيڪا وغيره شامل آهن. نارائڻ شيام جي سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ الڳ ۽ نمايان حيثيت آهي. هن وٽ نوان خيال ۽ نوان جنبا آهن. هُو ڪيترين ئي صنفن جو موجد رهيو آهي. "هُو انهن ٿورن شاعرن مان آهي جيڪي اسان جي وهڪري کان الڳ ٿلڳ پنهنجي ذاتي اسلوب جي ڪري نرالا ۽ انوکا آهن. نارائڻ شيام سنڌيءَ جي جديد شاعريءَ توڙي ترقي پسند شاعريءَ جو بنياد وجهندڙن مان هڪ آهي."(1)

نارائڻ شيام جي گهاڙيتن ۾ گهٽي تعداد ۾ غزل ملي ٿو. سندس رهبر ۽ رهنماءَ استاد (ڪشنچند بيوس) جيان غزل ۾ نج سنڌي ماحول، استعارا، تشبيهون ملن ٿيون. سندس غزل پسند جي صنف رهيو آهي، پر هتي شيام جون تصويرون (هائيڪو) بيان ڪجن ٿيون.

نارائڻ شيام هائيڪو جو موجد ۽ هائيڪو کي اصلي روح بخشيندڙ شاعر آهي. نارائڻ شيام پنهنجي لکيل هائيڪن کي "تصويرون" جو عنوان ڏنو. هن سنڌيءَ ۾ هائيڪو کي قافيي جي پابنديءَ سان لکي، سڌاري سنواري پيش ڪيو. جڏهن هائيڪو ۾ قافيي جي ڪا به پابندي ناهي ٿيندي. جڏهن کوبه گهاڙيتو ٻيءَ ٻوليءَ جي ادب ۾ شامل ٿيندو آهي تہ ان ادب جو مقامي رنگ ۽ نيون پابنديون جوڙيندو آهي، جيڪي ان ٻوليءَ جي ادب جي ڪري تمام بهترين لڳنديون آهن. ايئن ئي هائيڪو ۾ قافيي واريون پابنديون نارائڻ شيام جوڙي سنڌيءَ ۾ هائيڪو جي هڪ الڳ ۽ منفرد حيثيت قائم ڪئي. سندس هائيڪن جي جاءِ، ذري گهٽ ست سال گذرڻ جي باجود به سنڌيءَ ۾ ڪو شاعر ناهي ناهي سگهيو. چو جو 11+13+11 ماترائن تي ٻڌل هائيڪو جي بيهڪ ٻين شاعرن لاءِ تمام ڏکي ثابت ٿي آهي. جيڪڏهن 11+13+11 ماترائن تي هائيڪو لکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا تہ منظر نہ ٿو سمائي سگهجي، جي منظر اڇي ٿو تہ بيهڪ (11+13+11) تي پورو نہ ٿا لهي سگهن، پر شيخ ايياز جا ڪافي هائيڪو اهڙا ملن ٿا جيڪي ٻئي شيون ڳڙڪڙ ڪنيو هلن ٿا. ڊاڪٽر تنوير عباسي، نارائڻ شيام جي هائيڪن جو نچوڙ ڪڍي لکي ٿو تہ:

"شيام جي شاعريءَ جو اپياس ڪندي لڳي ٿو تہ غزل ڪانپوءِ شيام جو ٻيو نمبر مرغوب گهاڙيتو "هائيڪو" آهي ڇو تہ "تصويرون" جي عنوان هيٺ، شيام جي لکيل هائيڪن ڪانسواءِ، شيام جي شاعري ذري گهٽ هر گهاڙيتي ۾ هائيڪو جو تصور ملي ٿو. بيت هجي، دوهو هجي، سورٺو هجي، سيني گهاڙيتن ۾ شيام ڪٽي نہ ڪٽي هائيڪو جا اِشارا (touches) ڏنا آهن." (2)

چترڪار به تصويرون چٽيندو آهي، پر نارائڻ شيام تصويرن ۾ چٽا پٽا عڪس ۽ منظر سمايا آهن جيڪي چترڪار کان وڌيڪ نمايان آهن. نارائڻ شيام جو فطرت ڏانهن گهٽو مشاهدو ۽ ڏيان رهيو آهي. هو هر وقت فطرت جي گهرائيءَ تي پڄي، پنهنجي تصويرن ۾ ان کي هميشہ لاءِ زنده ڪري ٿو ڇڏي، جنهن جي عام ماڻهن کي خبر به ناهي. اها نارائڻ شيام پنهنجي هائيڪن ۾ آڻي ٿو.

موضوع ۽ مواد جي اعتبار کان شيام جا هائيڪو جپاني هائيڪن سان ڪلهوڪلهي ۾ ملايو بينا آهن، پر سنڌي مقامي رنگ ۽ هائيڪن تي چڙهيل آهي، پر فطرت ۾ شيام محاڪات شناسائي

رکندڙ شاعر آهي. سندس هائيکن ۾ اهڙو اٽوٽ سنهپ آهي جو کڏهن ب ان کان ٽٻي نه ٿو سگهي. هُو جنهن منظر کي ڏسي ٿو، تنهن نموني ئي منظر کي پيش ڪري ٿو، خيانت جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي جو چئجي ته شيام، فطرت سان ويساھ گهاتي ڪئي آهي! اهڙيون ئي خاصيتون شاعريءَ ۾ حقيقت ٻڌجي ويندیون آهن. ٻي اهم ڳالهه ته نارائڻ شيام ساخته لفظن سان گڏ ساخته منظرن کان پڻ پاسو ڪيو آهي، هارپو ڪندڙ هاريءَ جيان، سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان منظرن کي بيان ڪيو آهي ۽ اهڙا منظر آئيني ۾ عڪس جيان نظر اچن ٿا:

هلڪي هلڪي هير؛ پيچ پنيءَ جي ويل،
ڦول چنبيليءَ جا چٽن سنهڙو سنهڙو چندرما
چند ڪرو گنهير! ماڪ پنا رابيل!

هڪ اُکرس، ٻي ٻاٽ چٽي ڪنديءَ ٻور؛
ڪنهن ڪنهن مهل هِتان هُتان نہ جا پيلا پن ڪِرن
تانداڻي جي لات! واهُ وڃي وَهلُور!

اڇو اڇو چند؛ سڪڻا سڪڻا تار،
ٻاڪ ڦٽڻ سان ئي ٽٽو پن ڇٽيا، اڏريا پوپٽ
چانبوڪيءَ جو مند! وڻ ها چا يادار!

مٿين منظرن ۾ تصويرون ۽ عڪس سمايل آهن. جيئن جيئن هائيکو پڙهجي ٿو، عڪس ذهن تي تري اچي ٿو. نارائڻ شيام جي منظرنگاريءَ سان گڏ پکين جي هلجل، انهن جا انيڪ عڪس سندس هائيکن جي زينت بڻيل آهن. هونئن ته ڏينهن جو پهريون خواب، رات انڌاري سرد، تارا، چند، سج، ان کان علاوه اونداهي، روشني، ڏينهن مطلب ته هن وٽ هر موسم جي تجلي هر پهر جي خوشبو، هر لمحي جو احساس ۽ منظرنگاري آهي. نارائڻ شيام بين منظرن جو هائيکو ۾ خوب ذڪر ڪيو آهي پر پکي ۽ انهن جي سونهن انهن جو هڪٻئي سان ساڻ ۽ انهن جي اڏام سندس هائيکن ۾ جيئري جاڳندي تصوير آهي:

ڏس ته پکين جي ڏانوَ! چا ته پير جي چانوَ!
اڏندي هڪ ٻئي جي مٿان ويهي هڪڙي ٽار تي
ڪٿن نه پوي ٽي چانوَ! چهنب اڳهي پئي ڪانوَ!

اوچو اُڀ ۾ باز؛ ونڊ پکين جو گنج؛
هو ہ ڪبوتر پت تي ڪيڏي ٻيڪي سان اڏيو
ڳُٽِ ڳُٽِ جو آواز! جهٽڪو ڏيئي هنج!

هلڪي هلڪي هير! ڪُرلائيندي ڪونج؛
پر تي بيئل ڪنگ جا نڪري ويئي دور، پر
پير ڇُٽا پئي نير! ايا فضا ۾ گونج!

"ڪبوتر پت مٿان"، "جهٽڪو ڏيئي هنج"، "ڪرلائيندي ڪونج" وغيره ڪي پڑهڻ سان منظر تري اچي ٿو. شيام جو مطالعو ۽ مشاهدو تيز نظر اچي ٿو. ائين معلوم ٿئي ٿو ته شيام رڳو اهي منظر ڪي ڏٺا ناهن بلڪ انهن جي ڪهرائيءَ تائين پهتو آهي. هن وٽ هائيکن ۾ هر موضوع ملي ٿو، جنهن ۾ عڪس ۽ تصويرون سمايل آهن. تنهنڪري ئي 'شيخ ايياز جي لفظن ۾ ته: "شيام ڪوَتا جو ڪاڪ ڏٺي آهي ۽ ڪيس هائيکو تي "هڪ- هٽي" آهي'(3). سچ پچ ته نارائڻ شيام "هڪ- هٽي" معلوم ٿئي ٿو، جنهن وٽ هر موضوع آهي.

شيام وٽ پکين جيان ٻار به اتساھ جو مرڪز رهيا آهن. ستارن جيان چمڪندڙ ٻار، جيڪي هر گهر جي سونهن هوندا آهن، جنهن کي هر وقت کلندڙ گل جيان ڏسي هر ماڻهو پسند ڪندو آهي. اهڙي ئي پسند ۽ خوبصورتي شيام جي هائيکن ۾ پڻ سمايل آهي.

ونڊ ڪناري ڪنگ ماءُ ڏنس پئي مار،
ڪاغذ تي اونڌا سنوان پوءِ ۾ چنبڙي ماءُ کي
ٻار لکيا پئي انگ! سڏيو پئي جو ٻار!

گليءَ گليءَ ۾ شور وسيو اُسر ڪان مينهن
اونهاري جون موڪلون ڪڌ تي ڪينهون ٻار جو
ٻار لغوءِ ڏور! پُسيو سجوئي ڏينهن!

مٿين هائيڪن ۾ بار يا بارن سان ٽيندڙ ڪيفيتون ۽ بارن جون خوبصورت ادائون، شرارتون ۽ خوشيون سمايل آهن. پر اهر ڳالهه ته هن منظر ۽ تصوير کي هٿئون کين چڏيو آهي. اها سندس جي خاصيت ٿي جديد سنڌي شاعرن ۽ خاص طور تي هائيڪو جي شاعرن ۾ نمايان آهي. نارائڻ شيام جي هنن هائيڪن يا ان کان علاوه ٻين سيني هائيڪن ۾ ٻولي تمام سولي ۽ لهجو نرالو ملي ٿو. ڪٿي ڪٿي ڪي لفظ ڏکيا استعمال ٽيل آهن، نه ته باقي سيني هائيڪن ۾ عام مروج ٻولي استعمال ڪئي آهي. سحر امداد حسيني شيام جي شاعريءَ ۾ استعمال ٽيل ٻوليءَ بابت لکي ٿي ته:

"شيام جي ٻوليءَ تي عبور، بيان جو ڪلاتمڪ انداز،ونگ، لفظن ۾ سمايل گهري تخليقي معنويت، پابند شاعري ۽ خاص ڪري غزلن ۾ رديف ۽ قافئي جو تخليقي استعمال، جنهن ۾ خيال جي گهرائي، نواڻ ۽ بيساختگي سندس شاعريءَ جا گڻ آهن."(4)

شيام جي هائيڪن ۾ نه صرف فطرت، پکين ۽ بارن جا عڪس آيل آهن بلڪ سندس هائيڪن ۾ ڪافي مقامي ماحول ۽ رنگ رڱيل آهي. ان سان گڏ زندگيءَ جا انيڪ موضوع، سونهن، تاثر سان پريل حساسڪي پڻ سمايل آهي. جنهن ۾ منظر، تصويرون ۽ عڪس صاف ڀاڪيءَ جيان جرڪي رهيا آهن. ايئن محسوس ٿئي ٿو ته ڄڻ شيام پنهنجي زندگيءَ جون انيڪ دلڪش رچنائون رچيون آهن. سندس هائيڪن ۾ جيون ڪٿا بيان ٽيل آهي پر هائيڪي جو اصول جيڪو ان تي فرض آهي يعني منظر کي بيان ڪرڻو ئي ڪرڻو آهي پوءِ فطرتي هجي يا پنهنجي زندگيءَ سان سلهاڙيل. جيئن:

ڏيئي ڪٽ کي ٻانهن،
ساز رکيل پٽ ساڻ
ڪٽ تي ليٽي پٽي تکيي
بند اکيون چپ ڳاڻو
رات ستارن ڏانهن
راڳڻ ساڻ رهاڻ

ٻڌل ڪنڊ ديوار؛
ريڊيو سنڌي راڳ
وڄ ۾ بيٺل پير وٽ
چاءِ پيالي چپن تي
واٽهڙو تي چار!
نيٺين نند نه جاڳ!

ڪنيو ويا پٽي سَرُ؛
ڪانون جي ڪان ڪان
هاري گهر ڏي پئي ويو
نوريڙو چڙي وئي
ڏئي ٻني، ڪي هر!
موٽر تيزيءَ سان!

مٿيان هائيڪا عام ۽ رواجي واقعن تي آڌاريل آهن جن ۾ عڪسيت جون گهٽي تعداد ۾ جهلڪيون سمايون آهن. شيام جا ٻيا ٻه ڪوڙ هائيڪو آهن جن ۾ منظر پنهنجو پاڻ ڏيک ڏيئي ٿو، ڪن هائيڪن ۾ ته رڳو هڪڙي سٽ ئي منظر کي واضح ڪري ٿي، جيئن: "ٽپڪي روشن لار"، "ڪومل باڪن ۾ بکي"، "چٽي نمن هور"، "مانو آهي وا"، "چشمن مينهن جا چڙا"، "سينور چڙهيل تلا"، "اچي سرنهن جو واس"، "پک ۾ چمڪيو سج پئي"، "گل پوپٽ جي پريت"، "پيلي ڦول ڪنير مان، نڪتي ماکيءَ مک"، "نم ورائي ٻانهن" وغيره عڪسيت سان پرپور آهن.


آخر ۾ نارائڻ جي ان هائيڪي جو ذڪر ڪجي ٿو، جنهن ۾ هن پنهنجي زندگيءَ کي نندڙي رات سان تشبيهه ڏني آهي. هُو شايد زندگيءَ کي ڪنهن اهڙي موڙ تي ونڊي وڃي رهيو هو جو زندگي نندڙي رات جيان لڳڻ لڳي هئس. سندس هائيڪو آهي ته:

ڪيڏي نندڙي رات!
باقي آهي گهٽي رهي
منهنجي شيام، حيات؟(5)

حوالا:

1. سنڌي ادب جي تاريخ (ڀاگ ٻيو)_ڈاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو، ص:556، 2005ع سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
2. شخصيت ۽ شاعري (نارائڻ شيام) سمپادن: هري همٽاڻي، ص:84، ڇاپو پهريون 2015ع اجنتا پبليڪيشن
3. شيخ ايياز جو هائيڪو (هڪ اپياس)، حميد سبزوئي 2000ع، پيس ڪمپوزرس، خيرپور
4. شعور شاعر شاعري_سحر امداد، ص:80، ڇاپو پهريون، جولاءِ 2008ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو
5. نڪريو آهي نينهن_ نارائڻ شيام (سڀ هائيڪا هن ڪتاب مان ڪنيل آهن).

خضر خان وگهيو



ايمان ۽ نيڪ عمل

ايمان جي دولت نصيب ٿيڻ کان پوءِ انسان جي مٿان ٻه ذميواريون لاڳو ٿي ويندیون آهن، هڪ ته انسان جو تعلق پنهنجي خالق (الله) سان ايترو سچو هجي جو هن جو هر ڪم ۽ عمل فقط الله جي لاءِ ٿي هجي نماز، روزو، زڪوات يا حج وغيره جيڪڏهن انهن عملن ۾ سچائي هوندي ته پوءِ اهي صالح ٿي ويندا، ۽ جيڪو ماڻهو الله رب العالمين جي رضا لاءِ صالح عمل ڪندو آهي، ته اهو نيڪ آهي. الله تعالىٰ جو فرمان آهي: "بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ عمل صالح ڪيا اٽائون، سنت ٿي رحمان انهن لاءِ دلين ۾ محبت پيدا ڪندو." (سورة مريم، آيت: 96)

فقط هن دنيا جي زندگيءَ ۾ انهن کي الله جي محبت ۽ محبوبيت جو مقام نصيب ٿيندو، ۾ الله تعالىٰ پنهنجي مخلوقات جي دلين ۾ به ان بندي لاءِ محبت پيدا ڪرڻ فرمائيندو. ڪنهن لاءِ هن دنيا ۾ هن کان وڏي نعمت بي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي، ته هن جي دل کي الله رب العزت جي محبت ۽ تعلق جي دولت نصيب ٿي وڃي ۽ الله تعالىٰ ان کي پنهنجي محبت لاءِ چونڊي ۽ عام مخلوقات جي دلين ۾ به ان جي محبت ۽ مقبوليت پيدا ڪري ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن نفساني خواهشن ۽ برائين سان دلچسپي رکڻ وارو انسان پنهنجي پاڻ مان انسانيت کي ختم ڪري، حيوان ٿي ويندو آهي، ان جي لاءِ دنيا جون وڏيون نعمتون صرف سون، پئسا، بئنڪ بئلنس، وڏيون عمارتون، عاليشان بنگلا، طرح طرح جا طعام ۽ عمدا ڪپڑا ۽ وڏي قيمت واريون گاڏيون هوندیون، ۾ جيڪو واقعي مومن آهي، ان جي اکيان انهن شين جي ڪابه حيثيت ۽ قيمت ناهي، ان لاءِ ته سڀ کان وڏي دولت الله رب العزت جي محبت آهي.

اسان دنيا ۾ تمام وڏا نالي وارا انسان ٻڌا آهن جن کي دنيا وارا محبت ۽ عقيدت سان ياد ڪندا آهن ۽ تاريخ، اهڙين شخصيتن جي نالن سان پري پٽي آهي، جن جو نالو ٻڌڻ سان انسان جي دل ۾ محبت ۽ احترام جي ڪيفيت ازخود پيدا ٿي ويندي آهي آخر اهو ڪهڙو عمل يا فعل آهي، جنهن جي ڪري سان اهي شخصيتون اڄ به وڏي مان، مرتبي ۽ عزت جو مرڪز بڻيل آهن.

قرآن ڪريم ۾ الله تعالىٰ فرمائي ٿو: "جيڪو شخص به نيڪ عمل ڪندو، مرد هجي يا عورت، ۽ هجي سو مومن، ان کي اسان دنيا ۾ پاڪ زندگي بسر ڪرائينداسون ۽ (آخرت ۾) اهڙن ماڻهن کي سندن اجر انهن سهڻن عملن مطابق عطا ڪنداسون" (سورة النحل، آيت 97) هن آيت ۾ عمل صالح واري زندگيءَ تي سڀ عمل ڏيڻ جو وعدو ڪيو ويو آهي. ان جو تعلق هن دنيا سان آهي ۽ اهو الله تعالىٰ رب العزت جي محبت، محبوبيت ۽ الله تعالىٰ جي مخلوق ۾ مقبوليت جي اهائي زندگي آهي جيڪا الله وارن کي حاصل ٿيندي آهي ۽ ڪائنات جا راز اهي ٿي ڄاڻندا آهن جيڪي محبت جي واريءَ ۾ پير رکندا آهن.

اڇڪلهه ماڻهو دنيا جي عارضي ۽ فاني ٿيندڙ زندگيءَ تي پروسو ڪري وينا آهن. دنيا جي زندگي انهن کي ڏوکي ۾ رکيو آهي، پر الله تعالىٰ قرآن شريف ۾ وضاحت ڪري چڏي آهي ته دنيا جي زندگيءَ کان آخرت جي زندگي تمام پلي آهي. قرآن ڪريم ۾ الله تعالىٰ جو فرمان آهي ته: "پر توهان ماڻهو دنيا جي زندگيءَ کي وڏيڪ سمجهو ٿا، حالانڪ آخرت وڏيڪ پلي آهي ۽ باقي رهڻ واري آهي."
(سورة الاعلىٰ، آيت 16-17)

حضرت شفيق بلخي رح تمام وڏو ولي الله ٿي گذريو آهي، ان جو هڪ شاگرد حضرت حاتم اصم رح به تمام وڏو الله جو ولي ٿي گذريو آهي. هڪ ڏينهن استاد، شاگرد کان پڇيو ته توهان ڪيترو وقت مون وٽ رهيا آهيو؟ جنهن تي هن چيو: ستاليهن ڪيترن

سالن کان اوهان وٽ رهيو پيو آهيان. حضرت شفيق بلخيؒ جن فرمايو ته ايتري وقت ۾ تو مون کان ڇا سکيو آهي؟ شاگرد حضرت حاتم اصمؒ جواب ڏنو: سائين اٺ (8) ڳالهيون سکيون آهن. انهن فرمايو: إناالله وإنا اليه راجعون. ايتري گهٽي وقت ۾ صرف 8 ڳالهيون سکيو آهين، اهو ته اوهان منهنجو ۾ پنهنجو وقت ضايع ڪيو آهي. حضرت حاتم اصم رحہ جن فرمايو: استاد محترم مان ڪوڙ ڪوڙ ٿو ڳالهايان، ان کان وڌيڪ مون ڪجهہ ب ڪونہ سکيو آهي، انهن ڇيو ته نيڪ آهي ته پوءِ ٻڌايو ڪهڙيون اٺ ڳالهيون سکيا آهيو؟ حضرت حاتم اصم رحہ جن فرمايو:

(1) مون خدا جي مخلوق کي ڏٺو ته مون کي معلوم ٿيو ته هرهڪ ماڻهو جو هڪ محبوب آهي، جنهن سان هو محبت ڪري ٿو ۽ اهو محبوب مرڻ تائين ان سان گڏ رهندو آهي، قبر ۾ وڃڻ کانپوءِ ان کان جدا ٿي ويندو آهي. مون توهان کان هتي اهو سکيو آهي ته محبوب صرف اهڙي شئي کي چونڊيڻ گهرجي، جنهن جي وفا دنيا تائين محدود نہ هجي مگر غير محدود هجي. جنهن شيءِ جي وفا غير محدود آهي، اها نيڪي ۽ عمل صالح آهن. مون سڀني محبوبن کي ڇڏي صرف هڪ محبوب ڪيو آهي ۽ اهو آهي سڀ عمل. قرآن شريف جي هيءَ آيت ان جو دليل آهي: جيڪو ماڻهو صالح عملن واري زندگي گذاري، پوءِ اهو مرد هجي يا عورت ۽ اهو ايمان وارو ب هجي ته اسان ضرور ان کي حياتِ طيبہ ڏينداسين ۽ قيامت ۾ سڀن اعمالن جو تمام پلو بدلو ڏينداسين، حضرت شفيق بلخي رحہ جن فرمايو، تمام سڀ ۽ پيون ڪهڙيون ڳالهيون آهن؟ وري شاگرد حضرت حاتم اصم رحہ جن فرمايو:

(2) ڳالهہ هيءَ آهي ته مون ماڻهن کي ڏٺو ته اهي جنت جي خواهش رکن ٿا ۽ جنت وارا عمل نہ ٿا ڪن، نفس ۽ خواهش جا پوئلڳ آهن، مون توهان کان هيءَ سکيو، جنهن جي دل ۾ الله جو خوف آهي ۽ نفس جي خواهشن کان پاڻ کي پري رکي ٿو، اهو جنتي آهي، ته مون نفس جي خواهشن کي ڇڏي ڏيڻ جو پڪو ارادو ڪيو، ته هاڻي منهنجو نفس خواهشن جي قبضي ۾ ڪونہ آهي، ۽ الله جي حڪم ۾ آهي، ان لاءِ قرآن ڪريم جي هيءَ آيت دليل آهي: "۽ جيڪو پنهنجي رب جي آڏو بيهڻ کان ڈنو هو ۽ نفس کي بچڙين خواهشن کان جهلي ڇڏيو هٹائين، ته جنت ان جي جاءِ هوندي" (سورة النازعات، آيت 40-41)

(3) مون هن جهان ۾ ڏٺو، جيڪا ب شئي آهي، اها فنا (ختر) ٿيڻ واري آهي ۽ ماڻهو فاني (ختر ٿيڻ) وارين شين سان محبت ڪن ٿا.

ڏک ب برداشت ڪن ٿا، تڪليفون ڏسي پٺسا ۽ حال جمع ڪن ٿا، ۽ ان جي حفاظت ۾ ڪن ٿا، پوءِ اهي شيون ڇڏي هليا وڃن ٿا، معنيٰ مري وڃن ٿا. مون کي جيڪا شئي ملي، اها مون پنهنجي پروردگار جي لاءِ ڇڏي ڏني، ڇو ته الله تعاليٰ جو ارشاد آهي ته: "جيڪي شيون توهان وٽ آهن، اهي فاني آهن ۽ جيڪي الله وٽ آهن، اهي باقي آهن" ته مون فاني ٿيندڙ شين کان نفرت ڪئي ۽ هميشہ رهندڙ شين سان محبت ڪئي آهي.

(4) مون ماڻهن کي ڏٺو ته هرهڪ ماڻهو جو توجهہ حسب، نسب ۽ شرافت جو خوف آهي، کو خاندان تي فخر ڪري ٿو، ڪير وري قبيلي ۽ قوم تي ناز ڪري وري زبان ۽ رنگ نسل تي فخر ڪري ٿو ته ڪو وري وطن، دولت تي. مون هتي هيءُ سکيو ۽ پڙهيو ته اهي ڳالهيون عزت ۽ فخر جي قابل ناهن، ڇو ته عزت ۽ فخر جون ڳالهيون تقويٰ (پرهيزگاري) تي منحصر آهن، جيڪو جيترو پرهيزگار هوندو، اهو اوترو گهٽو عزت وارو هوندو. مون ان تي عمل ڪندي بين شين کي ڇڏي ڏنو ۽ هاڻي پرهيزگاري اختيار ڪئي آهي ته جيئن پنهنجي رب پاڪ جي اڳيان عزت وارو ٿي وڃان.

(5) مون خلق خدا کي ڏٺو ته اهي هڪ ٻئي سان نفرت ڪن ٿا، هڪ ٻئي کي گهٽ وڌ ڳالهائين ٿا، ڳلا غيبت ڪن ٿا، ڪير ڪنهن کي برداشت نہ ٿو ڪري، سڀني جون دليون حسد سان پريون پيون آهن، ته مون الله رب العزت جو هيءُ فرمان پڙهيو: "ڇا اهي تنهنجي رب جي رحمت ورهائيندا آهن؟ دنيا جي زندگيءَ ۾ سندن گذران جا وسيلا ته منجهن اسان ورهايا آهن ۽ منجهائنن هڪڙن کي ٻين کان تمام گهٽو مٹائنهون ڪيو آهي ته جيئن هڪ ٻئي کان ڪم وٺندا رهن ۽ تنهنجي رب جي رحمت (نبوت) ته انهيءَ دولت کان وڌيڪ پلي هي جيڪا (سندن وڏا ماڻهو) گڏ

ڪندا ٿا رهن." (سورة الزخرف، آيت 32) ته هي سمجهڻ گهرجي ته ورهاست الله پاڪ جي قبضي ۾ قدرت ۾ آهي. الله تعاليٰ جي ورهاست تي ناراض ٿيڻ، الله پاڪ جي معاملن ۾ مداخلت ۽ ان تي اعتراض ڪرڻ جي برابر آهي. الله تعاليٰ جي ورهاست تي ناراض ٿيڻ خود خدا تي ناراض ٿيڻ آهي. ان لاءِ مون حسد جي بيمارين کي دل مان ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ خلق خدا سان حسد ۽ نفرت کي ختم ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي منهنجي دل ۾ پنهنجي مسلمان پائرن لاءِ محبت آهي.

(6) مون ماڻهن کي ڏٺو ته هُو پاڻ ۾ جهيڑا ۽ لڙائي ڪن ٿا، دشمني ڪن ٿا ۽ هڪ ٻئي جو خون ۽ رت وهائن ٿا، مون حضرت شفيق بلخيؒ کان پڇيو ته انهن ماڻهن کي ڪير شيطان ورغلايو آهي جيڪو انسان کي پاڻ ۾ وڙهائي ٿو؟ ان تي حضرت جن فرمايو: "حقيقت ۾ شيطان توهان جو دشمن آهي تنهنڪري ان کي دشمن ڪري سمجهو. هو ته پنهنجي پوئلڳن کي پنهنجيءَ ذات ڏانهن انڪري پيو سڏي ته جيئن اهي دوزخنين ۾ شامل ٿي وڃن." (سورة الفاطر، آيت 5) ته مون هاڻي انسانن سان دشمنيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ شيطان کي پنهنجو دشمن ڄاڻان ٿو، هاڻي شيطان کان سواءِ منهنجو ڪير به دشمن ناهي.

(7) مون ماڻهن کي ڏٺو ته مانيءَ جي گپي روزي جي تلاش لاءِ ڏک ڏوڙ ۾ لڳا پيا آهن ۽ پنهنجي نفس کي ذليل ۽ خوار ڪن ٿا ۽ اهو ڪر ڪري ويندا آهن، جيڪو انهن لاءِ جائز ۽ مناسب نه هوندو آهي. مون حضرت بلخيؒ کان پڇيو ته جڏهن الله پاڪ پنهنجي مخلوق پيدا ڪئي، ته ان پنهنجي مخلوق جي رزق جو ذمو نه ڪنيو آهي ڇا؟ انهن ڏانهن ته الله پاڪ جيتري به دنيا ۾ مخلوقات پيدا ڪئي آهي، سيني جي رزق جو بندوبست پاڻ ڪيو آهي ۽ ان لاءِ قرآن ڪريم جو دليل هيءُ آهي: "زمين ۾ هلندڙ چلندڙ ڪوبه ساهوارو اهڙو نه آهي جنهن جي رزق جو ذمو الله تعاليٰ تي نه هجي ۽ جنهن بابت هُو نه ڄاڻندو هجي ته اهو رهي ڪٿي ٿو ۽ ڪٿي ٿو سانڀيو وڃي سڀ ڪجهه هڪڙي نهايت چٽي ڪتاب ۾ لکيل آهي." (سورة هود، آيت 6) ته مون به يقين ڪري ڇڏيو ته مان به هڪ حيوانات مان آهيان، جنهن جي رزق جو ذمو الله پاڪ خود ڪنيو آهي، مون هاڻي رزق جي لاءِ ڏک ڏوڙ ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي ۽ الله پاڪ جي ياد ۽ حقوق ادا ڪرڻ ۾ لڳي ويو آهيان.

(8) مون مخلوق خدا کي ڏٺو ته انهن مان هرهڪ ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه ۾ اعتماد ۽ پروسو ڪري ويٺو آهي، ڪير نوڪري ۽ ملازمت ۾، ته ڪير وري ڪاروبار ۽ واپار ۾، ۽ ڪير وري مال، دولت ۾، ليڪن هرڪو فنا ٿيندڙ شين تي اعتماد ڪري ويٺو آهي. مون هتي اوهان وٽ اِهو سڀ ڪجهه آهي ته اعتماد جي قابل صرف ۽ صرف هڪ ذات آهي ۽ اُها خالق ڪائنات آهي ۽ ان تي قرآن پاڪ جو دليل آهي ته: "۽ ڪيس انڌا رزق ڏينڌو جتن سندس گمان به نه وينڌو هوندو. جيڪو الله تي پروسو ڪري رهندو آهي. الله هر شيءِ لاءِ هڪ تقدير (اندازو) مقرر ڪري ڇڏيو آهي. (سورة الطلاق، آيت 3)

حضرت شفيق بلخيؒ پنهنجي شاگرد کان هيءُ ڳالهيون ٻڌيون ۽ چوڻ لڳا ته: اهي سڀ ڳالهيون قرآن پاڪ جو نچوڙ آهن، بس جنهن انهن ڳالهين تي عمل ڪيو، ته پنهنجي جهانن ۾ ڪامياب ٿي ويو.

هاڻي اسان ۽ توهان پنهنجو پاڻ کان امتحان وٺون. جانچ ڪري ڏسون، مال، دولت ۽ دنيوي مصروفيتن ۾ آخرت پري ٿئي ٿي يا نه؟ جيڪڏهن پري ٿئي ٿي ته هن دنيا جي لغزشن کان بچڻ گهرجي، جيڪڏهن پري نه ٿيندا سين ته اهو حال آهي، جيئن شيخ شيرازي فرمائين ٿا ته: جيڪڏهن مال، دولت ۽ واپار جون مشغوليون آهن ۽ دل خدا جي طرف آهي ته به دنيا کان لاطمع آهي، پر پوءِ به دنيا کي دل مان ڪڍي ڇڏيو. هڪ سئو مثال هيءُ آهي ته پاڻي جيڪڏهن ٻيڙيءَ جي هيٺان هجي ته ان جي هلڻ جو سبب آهي، ۽ جيڪڏهن اهو نه هجي ته ٻيڙي هلي نه سگهندي ۽ جيڪر ٻيڙيءَ جي اندر (پاڻي) پهچي وڃي ته ٻيڙي ٻڏي ويندي. مال جو مثال پاڻي وانگر آهي، جيڪڏهن دل کان ٻاهر آهي ته دين ۾ مددگاري ۽ رهنمائي آهي ۽ جيڪڏهن دل ۾ داخل ٿي وڃي ته هلاکت جو سبب آهي.

سلطانہ جمالي

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر جو 18 کتاب

سنڌ جي کيترن ئي عالمن علم ۽ ادب جي واڌاري لاءِ اڻڳڻيا علمي مضمون لکيا آهن، انهن ۾ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي لکيل مضمونن کي هڪ نمايان حيثيت حاصل آهي. علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي کيترن ئي شاهکار علمي مضمونن مان کڄهن مضمون علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر قاضي خادم سهيڙي "چونڊ علمي مضمون" جي عنوان سان کتاب ترتيب ڏنو آهي. هن کتاب ۾ علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ جا اسلامي، ادبي، تاريخي مضمونن سان گڏ سنڌ جي مشهور شخصيتن ۽ سندن علمي کاوشن بابت ۽ ٻين کيترن ئي موضوعن تي مضمون شامل آهن.

هن کتاب ۾ کل 23 مضمون ۽ صفحا 231 آهن جڏهن ته پيش لفظ ڊاڪٽر قاضي خادم لکيو آهي.

هن کتاب کي علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي چيئرجي 18 کتاب هجڻ جو اعزاز حاصل آهي هن کتاب ۾ پيش کيل مضمون کڄهن 'مقالات قاسمي' ۽ علامہ قاسمي صاحب جي زير نگراني ۾ نڪرندڙ 'الرحيم' ۽ 'الولي' رسالن، 'مهراڻ'، 'نئين زندگي'، 'شريعت' ۽ ريڊيو پاڪستان تان سندس کيل تقريرن کي سهيڙي شايع کيا ويا آهن.

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جو پنهنجو هڪ لکڻ جو انداز ۽ اسلوب آهي. هن علمي مضمونن کي پڙهي نہ صرف ڄاڻ حاصل ڪري جو وڌيڪ اتساهہ پيدا ٿئي ٿو، پر ان سان گڏوگڏ علم جي سمنڊ جي گهرائي طرف هليو وڃجي ٿو. هي کتاب غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر جو علامہ دائودپوٽي جو ذکر ڪندي هڪ هنڌ لکي ٿو ته: "ديني تعليم ۾ جڏهن سنڌ سون سالن کان گهٽو سربلند رهي، تنهنکري جيد عالمن ۽ فاضلن کان خالي نہ رهي آهي، دنيوي تعليم لاءِ ڪن سڃڻن اک پٽي. خان بهادر حسن علي آفندي، غلام محمد پرڳڙي ۽ الهندي شاهہ جهڙا سنڌي هڏ ڏوکي مسلمان پيدا ٿيا، جن جي اڻ ٽڪ محنتن ايثار ڪري نوان مدرسا کليا ۽



مسلمانن دنيوي تعليم ۾ چڪو چاهہ ورتو. هنن نون مدرسن ۽ نئين تعليم جي برڪت سان ڪيئي گوهر پيدا ٿيا، پر ڪو اهڙو عالم پيدا نہ ٿيو هو جيڪو هڪ ئي وقت انگريزيءَ سان گڏوگڏ عربي، پارسي ۽ سنڌي چئن ٻولين جو لاثاني اديب هجي ۽ ديني ۽ دنيوي عالمن ۾ هڪ ٻئي سان تعاون نہ هجڻ ڪري جيڪا وچوٽي ۽ حد فاصل برپا ٿي جيڪي هئي، تنهن کي ٽوڙي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي. قدرت

طرفان اها سعادت سنڌ جي هڪ غريب خاندان کي عطا ٿيٽي هئي سو اسباب چڙهندا رهيا، ٿلني جو هڪ ڳوٺاڻو چوڪر عمر بن محمد اسڪول لاءِ ويهاريو ويو ۽ ساڳئي وقت گهريلي نيڪ ماحول ڪري ڪيس نيڪ دل ۽ خدا رسيده بزرگن جي صحبت به نصيب ٿيندي، جنهن جو نتيجو اهو ڳوٺاڻو چوڪرو ٿوري وقت ۾ "علامه دائود پوٽي" جي لقب سان سڏجڻ لڳو ۽ سنڌ جو اهو پهريون سپوت آهي، جنهن پي ايڇ ڊي ڪري ٻين سنڌين ۾ علمي ترقي جو روح ڦوڪيو."

شاهه جي شاعريءَ جي سرچشما مضمون ۾ علامه صاحب لکن ٿا ته: "انسان جو شاعرن جو شاهه، دنيا جي انهن چوند عالمي شاعرن مان هڪ آهي جيڪو نهايت بلند تخيل جو مالڪ ۽ بادشاهه آهي. جيڪڏهن سندس شعر کي هن سرچشمي جي ڪسوٽيءَ تي پرکبو ته ورلي ڪنهن ٻئي شاعر جي ڪلام، شاهه جي شعر جي تخيل جي بلنديءَ ۾ ڪر ساهي سگهندو. سهڻي پرين جي وصال لاءِ درياهه ۾ گهڙڻ گهري ٿي، ان وقت درياهه ۾ وهه تڪ ۽ ڪنن جي ڪڙڪن جي ڇا ڪيفيت هوندي آهي، ان جو نقشو انسان جو شاهه هن طرح ڇڻي رهيو آهي.

دهشت ڏوم درياهه ۾، جت جايون جانازنِ،
نڪو سنڌو سِر جو، مَٿ نہ ملاحَن،
درندا درياهه ۾، واڪا ڪيو وَرنِ،
سڄا ٻيڙا پار ۾، هلڻا هيڻ وَڻَن،
پرزو پيدا نہ ٿئي، تختو منجهان تن،
ڪوجو قهر ڪُنن ۾، وڻا ڪين ورن،
أتي اڻ تازن، ساهڙ! سير لنگهيائين.

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جا نہ صرف شاهه لطيف جي شاعريءَ بابت علمي مضمون آهن، پر ان سان گڏوگڏ سنڌي بوليءَ جي صورتخطي توڙي سنڌي ادب جي اهم شخصيتن جا مضمون پڻ شامل آهن جهڙوڪ الهه بچايو يار محمد سمون، جنهن جو ڪتاب سير ڪوهستان، وڏي اهميت رکي ٿو.

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي پنهنجي هن علمي مضمونن ۾ شاعرن ۽ نعتيه سلسلي ۾ لکيل ڪتابن جو نہ صرف ذڪر ڪيو آهي، بلڪ ان سان گڏوگڏ مختلف شاعرن جون نعتيه سٽون ۽ سمجهاڻيون ڏئي هڪ لحاظ سان تاريخ کي آسان ڪري ڇڏيو.

علامه قاسمي نعتيه ڪلام بابت لکي ٿو ته: "نعتيه ڪلام اصل ۾ اهڙي ڪلام جو نالو آهي، جنهن ۾ ڏاڍي تعالیٰ جي حمد وثنا سان گڏ اڙين جي آڏار، ورهين جي واهر، مدينو جي ميرمحمد جي فراق ۽ ڦوڙائي ۾ جهڄندي، هنجون هاريندي، سڪ ۽ سوز مان بي اختياري جي عالم ۾ ڪيس سڏڙا ڪجن ٿا. انهيءَ ۾ مداحون، قصيدا، ٽيهه اکريون، مولود شريف سڀ اچي وڃن ٿا.


مجموعي طور علمي مضمون علمي ۽ ادبي حلقن ۾ ته پسند ڪيو ويندو، پر ادبه تاريخ ۽ اسلامي ادب ۾ ان کي وڏيڪ پذيرائي ملندي. هن مضمونن جي لکڻ جو انداز ۽ بولي، هن دور جي نمائندگي ڪري ٿي. قاسمي صاحب جي تحقيق جو محور آهي. سنڌ ۽ سنڌي بوليءَ سان لاڳاپيل موضوع تنهنکري هيءَ ڪتاب لائبررين لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو، جتي علم ۽ ادب جا پياسا هن مان ادبي پياس أجهائيندا.



ڊاڪٽر ثمر رفيق الرحمٰن

سنڌي ادب ايم.سي ڪيوز: هڪ نظر

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ پنهنجي علمي، ادبي، تحقيقي، تنقيدي ۽ تخليقي حوالي سان مشهور اسڪالر ۽ ليکڪا آهي، سندس مضمون، مقالا ۽ ڪالم اڪثر اخبارن ۽ چپجندا رهن پيا. پاڻ ڳڄ عرصي کان سنڌي ٻولي ۽ ادب جي جهولي۽ ۾ نور نچوئيندي اٽڪ محنت سان ڪيترائي علمي، تحقيقي ۽ ادبي ڪتاب سنڌي ادب کي ڏنا اٿن. ادب جي آبياري، ڪندي نہ ڄاڻ هن حياتي۽ جا ڪيترائي قيمتي پل هن تحقيقي سرمايي کي ارپيا آهن، جنهن جي شاهدي سندس چپيل 12 ڪتابن ۽ اٺچپيل ڪتابن جا سوين صفحا ڏئي رهيا آهن. هوءَ پنهنجي محنت، جدوجهد، عقل ۽ ذات سان سنڌي ادب ۾ نشانبر نالو آهي، پاڻ شاعره نہ آهي سندس سڄو ڪم نثر ۾ آهي، خاص طور مضمون نگاري۽ ۾ ملڪو حاصل اٿس.



سنڌي ادب ايم.سي.ڪيوز، ڪتاب سي.ايس.ايس ۽ هاير ڪلاسن لاءِ معروضي سوالن ۽ جوابن تي مشتمل آهي. ليکڪا هي۽ ڪتاب، وقت جي ضرورت مطابق شاگردن جي اصرار تي لکيو جو موجوده وقت معروضي سوالن واري ڪتاب جي سخت ضرورت هئي. هن ڪتاب جي 15 بابن ۾ ڪافي اهم موضوعن تي سوال ۽ جواب ڏنل آهن، جن ۾ ٻولي، ادب، تاريخ، شاعري، صحافت، ٻاراڻو ادب ۽ ٻيا موضوع شامل آهن.


ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو ڪم روايتي انداز کان مختلف آهي، هن کان اڳ سندس جيڪي به ڪتاب شايع ٿيا آهن، سي پنهنجي طور مختلف صنفن ۾ نئين ڪم بابت آهن، جيئن عورتن جي ڪهاڻين جو ڪوبہ مجموعو هن کان اڳ سنڌيءَ ۾ چپيل ڪونہ هو، سندس ترتيب ڏنل ڪتاب "سون ورنيون سوڊيون" ۾ 1932ع کان 2009ع تائين جون، ليکڪائن جون چونڊ ڪهاڻيون ڏنل آهن. شاهہ عبداللطيف جي بيتن مان پنهنجي ڪتابن جا عنوان چونڊڻ جو رواج سؤ سالن کان هلندڙ آهي، پر هن ڏس ۾ ڪوبہ اهڙو ڪتاب سنڌيءَ ۾ موجود ڪونہ هو، جنهن ۾ اها ڄاڻ هجي تہ سنڌي ادب جي ڪهڙن ڪتابن جا نالا، شاهہ جي بيتن مان ورتل آهن ۽ ٻيا، لطيفي عنوان ڪهڙا شاهہ جي رسالي مان رکي سگهجن ٿا؟ ڊاڪٽر پروين اها انوکي ۽ نئين پيشڪش "آديسين ادب آهي اڪڙين ۾" ڪتاب معرفت پڙهندڙن اڳيان آندي، انهيءَ ڪتاب جو مطالعو نہ فقط لطيف شناسيءَ جي فروغ لاءِ ۾ ڪنهن ڪتاب جو عنوان لطيفيات مان چونڊڻ لاءِ تمام ضروري آهي. ان کان سواءِ نثر جي صنفن جي تفصيلي مطالعي تي سندس HEC مان منظور ٿيل ڪتاب پڻ هڪ اهم قدم آهي ڪنهن به ادبي تاريخ يا نثر جي تاريخ ۾ نثر جي ڪتابن جو هيترو تفصيلي مطالعو موجود ڪونهي. شاگردن لاءِ سنڌيءَ

هڪ مضمون نگاريءَ جي ڪوٺ کي خاص طور محسوس ڪندي ڊاڪٽر پروين 60 مضمونن تي مشتمل هڪ اهڙو مجموعو "گلدستو" عنوان سان 2017ع ۾ پيش ڪيو آهي جو گهڻ عرصي کان مضمون جي مد ۾ چپيل ڪتابن جي ڪوٺ ۾ هڪ انتهائي منفرد، نئون ۽ وٽندڙ ڪتاب آهي. خاص پي.سي.ايس ۽ ايم.اي وارن لاءِ وڏي وٽ آهي، ساڳيءَ ريت سي.ايس.ايس جي نئين نصاب مطابق سندس لکيل ضخيم ڪتاب "سنڌي ادب تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو" (ڪرائون سائيز جي 400 صفحن تي) هڪ تمام ڪارائتو ڪتاب ۽ موضوع مطابق آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي لاءِ شاعريءَ تي ته انيڪ ڪتاب موجود آهن ته ڪي ڪهاڻين جا ڪتاب پڻ موجود آهن پر اڄ تائين ٻاراڻي ادب ۾ ڪوبه مضمونن جو مجموعو موجود ڪونه هو 16 سالن جي عمر تائين جي ٻارن لاءِ لکيل ڊاڪٽر پروين جو ڪتاب "اخلاقي قدر" ٻ چاپا ڇپجي پڙهندڙن ۾ وڏي مجتا ماڻي چڪو آهي. هن ڪتاب ۾ اخلاقي قدرن تي مشتمل ننڍا ننڍا مضمون آهن جي ٻارن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ وڏي وٽ آهن.

موجوده وقت سندس ڪم ۾ ڇنڇاپيٽيءَ جي امتحانن لاءِ لکيل مواد آهي جو پاڻ ڪتابي صورت ۾ آڻي رهيون آهن، جنهن ۾ گلدستو "(مضمون نويسي پي.سي.ايس)" سنڌي ادب تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو (سي.ايس.ايس نئون نصاب 2013ع آهي) جنهن جو ٻيو ڇاپو (2019- 2018ع) شايع ٿي چڪو آهي.

سنڌي ادب ايم.سي.ڪيوز پنهنجي موضوع حوالي سان نصاب مطابق سراسري ڪتاب آهي جو شاگردن جي امتحاني ضرورت جو صحيح پورائو ڪري ٿو. هلندڙ وقت ۾ هي ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ميرون رنگ جي ٽائيٽل سان ڇپجي چڪو آهي. محمد موسيٰ ادبي اڪيڈمي طرفان ڇپايل هن ڪتاب جي قيمت -/350 آهي.

نئون ڪتاب



ڪتاب: پنڌ اکريون
ليکڪ: نور حسين ڪلهوڙو
موضوع: ڪهاڻيون
ڇاپو ڦهريون: جولاءِ 2018ع
قيمت: -/250 رپيا
ڇپائيندڙ: حق موجود فائونڊيشن سنڌ




بيخود بلوچ

درد جو چو انت نہ آ؟

درد جي ڪتاب جي ڳالھ

جديد شاعريءَ جي سنسار تي پرک ۽ پروڙ جي نگاھ وجھي تہ اسان جون ڪيتريون ئي شاعرائون سُنو ۽ سڳھارو شعر لکي، سنڌي ادب ۽ بوليءَ کي شاھوڪار ڪرڻ جي جدوجھد ۾ مصروف آھن. اھڙين باشعور ۽ بيباڪ شاعرائن ۾ محترمہ ارشادِ سومرو پڻ شامل آھي، جنھن جي ڪوتائن جو ڪتاب "درد جو چو انت نہ آ؟" شايع ٿي ادب جي منظرنامي تي آيو آھي. نالي کان وٺي 184 صفحن تائين ھي ڪتاب، ڪتاب نہ، پر ھڪ سوال نامو آھي. ارشادِ صاحبہ پنھنجن آزاد ۽ نثري نظمن ۾ سماج دشمنن کان خنجر جھڙا تِکا ۽ تيز سوال کيا آھن. سندس پھريون سوال ڪتاب جي ٽائيٽل تي درج آھي تہ "درد جو چو انت نہ آ"؟

حقيقت اِھا آھي تہ سنڌي قوم جيڪو درد پوڳي رھي آھي، ان جو انت ئي نٿو ٿئي. اِھو درد پاڻ جي پلائي نہ، پر موجوده ظالماڻي سِسٽم طرفان مليو آھي. انڪري ھڪ سُجاڳ ۽ سنجيده قلمڪاره جي حيثيت ۾ ارشاد صاحبہ سوال نما سِٽون سرجي ڏرتيءَ ۽ ڏرتيءَ ڏٽين سان پُختي وابستگي جو ثبوت ڏنو آھي، ھُونءَ بہ جنھن شاعر جي شاعراڻي وڻ جون پاڙون ديس واسين جي دل جي ڏرتيءَ ۾ ڪٽل نہ آھن، اُن شاعر جي شاعري قافيي، رديف جي راند کان سواءِ پيو ڪجھ بہ نہ آھي. اِرشادِ جي تخليق جو تعلق ڏرتي ڏٽين سان ائين آھي، جيئن گُل جو خوشبوءِ سان يا لھر جو ساگر سان، ڪتاب جو ھر صفحو ۽ سِٽ قومي ۽ سماجي درد جو ھڪ داستان آھي. ڪوتا جو لفظ لفظ احتجاج بہ آھي. سراپا سوڳ بہ. ارشاد جڏھن بہ ڪنھن وارتا ۽ ويڌن کي ڏنو آھي تہ ھُن جو قلم ۽ ڏھن تڙپي پيا آھن ۽ ھُن درد پرين ڪوتائن ۾ چيخ ۽ پُڪار ڪئي آھي.



ڳونجي قلمڪار جي، چئني پاسي چيخ، تڙپي پئي تاريخ، تخليقن جي تڙپ تي.
(بيخود)

مان ھيٺ ڪتاب "درد جو چو انت نہ آ"؟ ۾ موجود ڪوتائن جا ڪجھ ٽُڪرا ڏيان ٿو، جن

کي پڑهي معلوم ٿي سگهندو ته محترم ارشادِ
جي اکرن ۾ ڏرتيءَ جو درد سمايل آهي يا نه؟
سندس سٽون خنجر جهڙا سوال آهن يا نه؟
هڪ معصوم جي اکين مان
موت جو عڪس مٽائيندو ڪير؟
ڏهن مان گولين جو آواز هٽائيندو ڪير؟
دل کي لڳل زخم پريندو ڪير؟.....
هنن رهزنن کي پڪڑيندو ڪير؟
قاهيءَ تي چاڑهيندو ڪير؟
غريب جي عدالت ڪندو ڪير.....؟
ڪاڪا او پوليس وارا،
هيءَ جا تو وٽ آهي بندوق
امن ڪندين، پڪڑيندين چور ۽ رهزن؟..

*****

انسان جي انسانيت
ماٺهوءَ جو ماٺهپو
ضمير جو آواز
مُئو چو آهي؟.....

*****

پلا نياٽين جو ڪو حق ئي ناهي؟
نياٽين جو ڪو فرض ئي ناهي؟
هن مرد جي معاشري ۾
ڏوهي صرف عورت ئي آهي؟
حق صرف مرد کي ئي حاصل آهن؟
اگر هيءُ خُدا جو آهي قانون
ته پوءِ عورت کهڙي در تي دانهين؟...

*****

هر ڪنهن جو عقيدو پنهنجو پنهنجو
سوچن تي ناهي پهرو ڪنهن جو
ڪوئي مسلم سڏرائي
ڪوئي هندُو ڪوٺائي
ڪوئي اهلِ حديث چوائي
ڪوئي ٿو ضوفي صاف سڏائي
ڪوئي پيدل ٿو هلي
ڪوئي هوا ۾ ٿو هلي
ڪوئي هوا ۾ ٿو اُڏامي
اهو ته ٻُڌايو وڃٽو آ ڪٿي؟
هڪ ئي سپ جي آمنزل
پوءِ هي فرق چا جا؟
پوءِ هي نفرت چا جي؟....

ڪوتائُن جي مذڪوره ڪتاب ۾ "اسلامي سوشلزم"، "ذوالفقار آباد منصوبو" ۽ "ٻٽو نظام" سميت ڪيترائي اهڙا آزاد ۽ نثري نظم شامل آهن جن جو سِڌو سنئون واسطو سنڌ جي مسئلن ۽ مامرن سان آهي.

ارشادِ سومرو صاحب جون اکيون رڳو دردن تي آليون نه آهن، پر هُن وٽ آسَ جا مُرڪندڙ ۽ مهڪندڙ گُلاب پڻ آهن جن جي مهڪ مان معلوم ٿئي ٿو ته هڪ ڏينهن ديس جا دودا جاڳندا، ظُلم جي ڪاري ۽ ڊگهي رات کي ضرور ختم ڪندا.

ڪير ٿو چوي سنڌ جو پاڻُ رُنل آهي؟
هي دودا آهن، هِي ڏُولهه آهن
اڄ به موهن جي ڏڙي جيان شاندار ٽا لڳن....
اڄ ويرين کي رُئاري ڇڏيناسين
ڏرتيءَ تان ڏارين کي ڏڪاري ڇڏيناسين...
ڪَرَ موڙي اُٿي آهي قوم نندِ مان.


محمد يوسف جويو



ڪتاب: پنل اڪڙيون

ڪهاڻيءَ جي تاريخ بہ انسان جي تاريخ سان گڏوگڏ هلندي ٿي اچي. انسان جڏهن کان سوچڻ ۽ سمجهڻ شروع ڪيو، تڏهن کان هُن پنهنجي وڏن جا ڪندريل قصا يا داستان ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ شروع ڪيا. ائين ڪهاڻيءَ جي شروعات ٿي. داستان، آکاڻي، ڪهاڻي يا هن سائنسي دور ۾ ننڍڙي ڪهاڻي (Flash story) ، جنهن کي هن وقت مختصر ترين ڪهاڻي يا 'ڪهاڻڙي' چيو وڃي ٿو. اهو آهي ڪهاڻيءَ جو سفر! جيڪو جاري ساري رهندو ٿو اچي. انسان وٽ بہ ڪهاڻي لکي پڙهي وڃي ۽ پڙهي ٻڌي وڃي. هاڻ سوال اِهو آهي تہ ڪهاڻي آهي ڇا؟ ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ جا بنيادي نُڪتا ڪهڙا آهن؟ ۽ معياري ڪهاڻي ڇا کي چئجي ٿو؟

انسان کي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪهاڻيءَ کي پرکڻ جا ڪجهہ اصول يا نُڪتا ٿين ٿا، جنهن تحت انسان ڪهاڻيءَ کي سنو ۽ معياري چئون ٿا. مثال طور هڪ سٺي ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار، مڪالما، منظرڪشي هجڻ لازمي آهي. ۽ ٻي وري اهم ڳالهہ اها تہ ڪهاڻيءَ ۾ 'ڪهاڻي-پڻو' جنهن کي انگريزيءَ ۾ (Story Telling) چئبو آهي سو هجڻ گهرجي. جيڪڏهن اهي نُڪتا ڪهاڻيءَ ۾ نہ آهن تہ سمجهبو هيءَ ڪهاڻي نہ، پر هڪ مضمون آهي. ٻڌايل مٿين نُڪتن تحت هن ڪتاب ۾ ڏنل ڪهاڻيون پوريون لهن ٿيون يا نہ، اهو غور ۽ فڪر پڙهندڙن تي ڇڏي ڏجي ٿو! وڌيڪ تہ؛ ڪهاڻيون مختلف قسمن جون بہ ٿين ٿيون، مثال طور 'تاريخي ڪهاڻيون، علامتي يا تاثراتي ڪهاڻيون ۽ مشاهداتي ۽ محسوساتي ڪهاڻيون وغيره، نور حسين جون هيءَ سڀ ڪهاڻيون مشاهداتي ۽ محسوساتي آهن. هڪ ڳالهہ طئي آهي تہ هر لکيل ڪهاڻيءَ ۾ سماج جو عڪس هوندو آهي. هنن ڪهاڻين ۾ بہ ظلم بربريت، ۽ ناانصافي جيڪا اسان جي سماج جي بدترين شڪل آهي سا واضح نظر اچي ٿي.



نور حسين ڪلهوڙو هڪ حساس ليکڪ آهي. سندس ڪهاڻين کي پڙهڻ کان پوءِ اسان کي معلوم ٿيندو تہ هن پنهنجي سماج کي، جنهن ۾ هُو پاڻ بہ رهي ٿو، تنهن کي بنهہ اونهائيءَ سان ڏٺو، پرکيو ۽ محسوس ڪيو آهي. حساس طبعيت هئڻ جي ڪري انتهائي پيڙا ۽ پوڇا کان پوءِ هن هيءَ ڪهاڻيون لکيون آهن. سي سچ تہ اسان جي ماحول جون حقيقي عڪس لڳن ٿيون. اسان وٽ ائين ئي تہ ٿئي ٿو، جيئن هنن ڪهاڻين ۾ ڏسيو ويو آهي. هونئن بہ ڪهاڻيون اسان ۽ اسان جي گهر، پاڙي، ڳوٺ، شهر ۽ آسپاس جي ماحول مان جنم وٺن ٿيون، تڏهن تہ اهي اسان جي دماغ کي جهنجهوڑين ٿيون. هن ڪتاب ۾ آيل

سيني کهاڻين مان هڪ؛ ڇهه کهاڻيون "جهت پٽي، پنل اکڙيون، آخري هڏڪي، پيڙا، ريشمان ۽ چٽيل جنبا"، مڪمل طور عورت جي مظلوميت، پيڙا، پوڳنا، بيوسي، لاچاري ۽ انساني غلاميءَ جي عڪاسي ڪن ٿيون. الائي ڇو عورت مان جنم ونندڙ مرد ايڏو ڪنور ڇو ٿو ٿئي؟ جنهن جي ڪُکِ مان هو جنم وٺي ٿو ۽ انهيءَ جي ٻچ پي جاننڙ جوان ٿئي ٿو تہ پوءِ وري انهيءَ ڪک کي هُو چٽي ٿو، ڇو!؟ اها ئي اسان جي سماج جي پوائتي شڪل آهي. جيتوڻيڪ عورت سڪ، سلامتي، احساس ۽ پيار جو نالو آهي. اسان کي هڪ طرف عورت جي پيرن هيٺان جنت جو ڏس ڏنو ويو آهي تہ ٻئي طرف عورت کي اڌ ڪري پيش ڪيو ويو آهي. هن جي شاهدي اڌ، هوءَ قلندر جي حيثيت ۾ اڌ، هن کي ورهاست ۾ اڌ ۽ هن کي سماج ۾ ٻہ اڌ درجي جي حيثيت مليل آهي. ڇا اهو تضاد نہ آهي؟ ۽ ڇا ڪجي اسان وٽ اهوئي نظام رائج آهي. مرد تہ خود هڪ پتلو آهي، پنهنجي نسواني خواهش جو، خودغرضيءَ جو، ۽ اها ئي بدترين شڪل آهي مرد جي...! جيڪا هنن مٿين کهاڻين ۾ ڇنڇيءَ طرح بيان ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه ٻيون سڀ کهاڻيون ٻہ ڇگيون آهن، پر هنن ۾ ٻہ هڪ کهاڻي لڳ ڪانڊاري ٿي ڇڏي! اُها آهي "شاهه جو مڪان" جيڪا هڪ حوس جي پوجاريءَ ۽ پير جي کهاڻي آهي، جنهن جي حوس جو شڪار هڪ معصوم ٻار ٿئي ٿو. سچ تہ هيءَ کهاڻي اسان جي مهذب سماج تي هڪ چماٽ آهي، جيڪا ليڪ وهائي ڪڍي آهي.

خوبصورت ٽائيٽل ۽ صاف پني تي ڇاپيل هيءَ کهاڻين جو ڪتاب پڙهڻ جهڙو آهي. اوهان ٻہ ادب ۽ پنهنجي مادري ٻوليءَ سان پيار ڪيو ۽ پڙهو.

نئون ڪتاب



ڪتاب: ٽرٽر اندر ناڪ
ليکڪ: پارومل امراڻي سونهڙ
قيمت: -/250 رپيا
ڇاپائيندڙ: ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو. حڪومت سنڌ

سنڌو نواز



پهرين عالمي عورت ڪانفرنس

سراج انسٽيٽيوٽ آف اسٽڊيز، سنڌ ڊاڪٽرس ايسوسيئيشن يوڪي ۽ سنڌ سرتيون پاران پهرين عالمي عورت ڪانفرنس 10- نومبر 2019ع تي سنڌ ميوزم جي ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾ ڪوٺائي ويئي. افتتاحي تقريب ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر ريحانہ لغاري چيو تہ عورتن کي پاڻ پرو ڪرڻ لاءِ اسيمبلي ڪا قانون پاس ڪيا آهن، جن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

گهريلو تشدد، ڪاروڪاري، زبردستي مذهب تبديل ڪرائڻ خلاف قانون جيڪي پاس ٿيا آهن انهن تي عمل ڪري متاثر ڏرين کي حق ۽ تحفظ ڏيڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويا آهن. ڪانفرنس ۾ آڇيائي تقريب کي ليڪچا انيس ميمڻ خطاب ڪندي چيو تہ ڪانفرنس جو مقصد عورت کي پاڻ پرو ڪرڻ آهي، هر عورت کي تعليم يافتہ ڏسڻ چاهيون ٿا. سنڌ جي عورت اڄ بہ 50 سال پوئتي آهي، تعليم جي روشني واري هڪ ڏيئي سان ڪيترا ڏيئا ٻارڻ جي ضرورت آهي، هن وڏيڪ چيو تہ اسان عورت جي هڪ ويب سائيٽ ناهي رهيا آهيون، صحت ۽ تعليم ۽ ٻين شعبن ۾ پاڻ مجرائيندڙن جي ڊيٽا گڏ ڪري رهيا آهيون، انگلينڊ مان آيل ڊاڪٽر افسانہ پرڳڙيءَ ڪانفرنس جي مقصدن تي روشني وڌي ۽ چيو تہ مان انگلينڊ ۾ رهندي آهيان، پر پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ان جي ماڻهن سان اڄ بہ جُڙيل آهيان، ۽ چيو تہ معيشت درست تيستائين نہ ٿيندي، جيستائين تعليم درست نہ ٿيندي ۽ ڪانفرنس ذريعي عورتن کي اهو پيغام ڏيڻ چاهيون ٿا، سادن طريقن سان بيمارين کان بچاءُ لاءِ شعور پيدا ڪري ڪيئن بيماريءَ کان بچي سگهون ٿا، ۽ وڌيڪ چيو تہ نياڻين کي تعليم ڏئي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ وارو والد غيرتمند آهي.

تعليم جي عنوان تي ٽيل ويهڪ ۾ تعليمدان صادق صلاح الدين چيو تہ سنڌ ۾ پهراڙيءَ وارن علاقن ۾ نياڻين جي تعليم جي حوالي سان ڪافي مسئلا آهن، پر اسان کي نياڻين جي تعليم ۾ رڪاوٽن تي دانهون ڪرڻ بدران رڪاوٽون ٽپيل زنجيرن کي ٽوڙڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي.

نالیواري ليڪچا ۽ ناميارو استاد ڊاڪٽر قمر واحد چيو تہ اڄ جا استاد، شاگردن کي اولاد جيان نٿا سمجهن، اهڙي رويي کي ترڪ ڪري تعليم بابت جامع پاليسي ناهڻ گهرجي، ۽ وڌيڪ چيو تہ عورت کي خدا وڏي طاقت ڏني آهي، تعليم جو مسئلو انسان جي سڄي زندگيءَ جو مسئلو آهي. بي ويهڪ ۾ جنهن جي ڪاروائي ڊاڪٽر افسانہ پرڳڙيءَ هلائي. ڪانفرنس جي هن ويهڪ ۾ صحت ۽ تندرستي جي باري ۾ سنڌ جي نالیوارن ڊاڪٽرن صغرا عباس، ڊاڪٽر صغرا پروين عقيلي، ڊاڪٽر سلميٰ شيخ ۽ ڊاڪٽر هارون ميمڻ بريسٽ ڪينسر، ٽئليسيميا ۽ هارڙن جي ڪاڏ خوراڪ جي باري ۾ مفيد ۽ ڪارائتيون ڳالهيون ٻڌايون. ٽين ويهڪ عورت ۽ اسان جو سماج جي جي عنوان تي هئي جنهن جي ڪاروائي مارئي اعوان هلائي، ليڪچا ۽ ڪامريڊ نذير قريشيءَ چيو تہ هن ميڙاڪي عورتن کي ويساهہ ڏنو آهي. سماج جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ عورتن جو اهم ڪردار آهي. عورتن سان اڄ برابري ۽ متپيد

'وارن روين جو خاتمو آٿي عورتن جي عزت ۽ احترام کي يقيني بٹائي سماجي ۽ معاشي تحفظ ۽ برابري ڏني وڃي. نالیواري کهاڻيڪاره ۽ شاعره تانيه سليم چيو ته سوشل ميڊيا تي عورتن تي ٽيندڙ ظلم خلاف آواز اُٺندي خوشي ٽيندي آهي. عورت کي معاشي ۽ تعليمي لحاظ سان طاقتور بٹائڻ جي ضرورت آهي، سماج سڌارک رحيما پنهور چيو ته عورتن تي ٽيندڙ ظلم خلاف سڌ ۾ ڪيترائي قانون ٺهيل آهن، پر انهن تي عمل نه ٿو ٿئي.

سماجي اڳواڻ شبنر بلوچ جو چوڻ هو ته انساني رويا ئي سماج کي سگهه ڏيندا آهن. تنهنڪري سماج کي عورتن بابت پنهنجن روين ۾ تبديلي آٿٽي پوندي. سول سوسائٽيءَ جي فرزانه برڙو جو چوڻ هو ته عورتن جي آزاديءَ جي حوالي سان صورتحال 1960ع واري ڏهاڪي جهڙي آهي. اسان اڄ به اُتي بيٺا آهيون، مسئلن جي جڙ جي ڳولا نه ٿي ڪئي وڃي. نالیواري استاد سماج سڌارک صائمه جعفري چيو ته خاندان ئي نياڻيءَ ۽ پٽ جي تربيت ڪري ٿو. مرد ايستائين طاقتور آهي، جيستائين عورت پاڻ کي ڪمزور سمجهي ٿي. ۽ اها جيڪڏهن پاڻ کي طاقتور سمجهندي ته اها مرد جي برابر ٿي ويندي.

چوٽين ويهڪ تخليقي آرٽ جي حوالي سان شارٽ اسٽوريءَ تي مشتمل هئي. جنهن جي ڪاروائي آمنه ابڙو هلائي. ۽ نالیواري ليکڪا ۽ ڊراما نگار نورالهدیٰ شاه صدارت ڪئي، هن ويهڪ ۾ نالیواري کهاڻيڪاره شاعره شبنر گل، ڊاڪٽر تهمينه مفتي ۽ کهاڻيڪاره ۽ شاعره ثمينه ميمڻ پنهنجون کهاڻيون پڙهيون. نورالهدیٰ شاه پنهنجي صدارتي خطاب ۾ چيو ته عورتن کي پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ اڃڪتي اڇڻو پوندو. ڪنهن ماڻهوءَ جي پرک ڪرڻي آهي ته اهو ڏسجي اهو ماڻهو هين کي ٻڌڻ جي ڪيتري سگهه رکي ٿو. جيڪو هين کي ٻڌي ٿو اهوئي بهترين انسان آهي.

پنجين ويهڪ مشاعرو هو، جنهن جي ڪاروائي آمنه ابڙو هلائي، جنهن ۾ سنڌ جي نالیوارين شاعرائن: نورالهدیٰ شاه، ڊاڪٽر سحر امداد، مريم مجيدي، سلطانه وقاصي، ڊاڪٽر رخسانه پريت، انيس ميمڻ، روبينه ابڙو، ريحانه چنڙ، سنڌو پيرزادو، آمنه ابڙو ۽ سهڻي پارس پنهنجي خوبصورت شاعري پڙهي پرپور داد حاصل ڪيو.

آخر ۾ ڪانفرنس جي خاص مهمان وومين ڊولپمينٽ ڪاتي جي صوبائي وزير محترمه شهلا رضا چيو ته اسان کي هينئين سطح تائين ڪم ڪرڻو آهي، تنهن لاءِ هر عورت کي منهنجو ساٿ ڏيڻ گهرجي، عورتن جي ساٿ کان سواءِ ڊپارٽمينٽ ڪم نه ڪري سگهندو. هن وڌيڪ چيو ته اسان جو خواب آهي هر عورت تائين اسان جو آواز پهچي، مان مردن کي به چوان ٿي ته پنهنجي عورتن کي چون ته اسان جو ساٿ ڏين، پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت عورتن جي حقن لاءِ ملڪ ۾ ٻين سڀني صوبن کان وڌيڪ ڪم ڪيو آهي.

آخر ۾ موسيقيءَ جي محفل هئي جنهن جي ڪاروائي سهڻي پارس هلائي. سنگيتا بهترين ڪلام ٻڌايا، ۽ ملهار جوڙيجو بوٽيندي جي ڏُن تي پرپور داد حاصل ڪيو.

پريل دايو



ياسين ڪنپر جي ڪتاب "جانانِ جان"

سنڌ جي سڃاڻ شاعر ياسين ڪنپر جي نعتيہ شاعريءَ جو 128 صفحن تي مشتمل خوبصورت مجموعو "جانانِ جان" جي نالي سان "اداره مولوي محمد عظيم ڪتبخانہ شڪارپور" ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي، جنهن ۾ ڪل 10 حمد ۽ 106 نعتون شامل آهن. ڪتاب جي مُنڊ ۾ شاعر پنهنجو تعارف پاڻ ڪرايو آهي، ۽ ان سان گڏوگڏ نامياري اسڪالر پروفيسر ڊاڪٽر عبدالوحيد اِنڍڙ، درگاھ عاليہ امروٽ شريف سان وابستہ سيد رفيق احمد امروٽي جهڙي پختي نعت گو شاعر، سڄي سنڌ اندر مختلف پروگرامن، ريڊيو توڙي ٽي.وي چينلن تي نعت کي گائڻ، سُرن سان سهڻي ۽ منڌي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي حوالي سان سڃاڻپ رکندڙ نعت خوان محترم امداد الله ڦلپوٽي، سڃاڻ شاعره ادي سيما عباسي، سنڌي ادبي سنگت سان لاڳاپيل قلمڪار ۽ شاعر ڊاڪٽر وحيد سمائر جن جا ياسين ڪنپر جي شاعري، ڪتاب ۾ موجود تخليقن ۽ سندس شخصيت بابت رايا ۽ لکڻيون شامل ٿيل آهن، جن ۾ هن جي علمي ۽ تخليقي صلاحيتن کي چڱو ڪيو ويو آهي ۽ صاحبِ ڪتاب جو هن ڪتاب ۾ شامل الله تعالىٰ جي محبوب حضرت محمد مصطفىٰ صلي الله عليه وسلم جن جي حضور ۾ پيش ڪيل عقيدت جي گلن (شعرن) جي خوشبو ۽ بلند خيالي، سان گڏوگڏ شاعر جي علمي ۽ ادبي خدمتن کي به پيرائتي نموني پڌرو ڪيو ويو آهي.

هونئن به گذريل ويهارو سالن کان لڳاتار لکڻ، پڙهڻ پُرجهڻ کي باقاعدگيءَ سان وقت ڏيندڙ، مختلف معياري رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندڙ ياسين ڪنپر جو نالو هاڻي سنڌي ادب جي ميدان ۾ ڪو نئون نہ آهي. الاهي ذات، شاعريءَ جي مسلسل مشق سبب سندس تخليقن ۾ نکار سان گڏوگڏ نبي آخرالزمان جي شان ۾ پنهنجا خيال پيش ڪرڻ ۽ عام ماڻهن تائين ڪاميابيءَ سان پهچائڻ ڪري خاص



خوشبو عطا ڪئي آهي، جيڪا ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ هن ۽ سندس محبوب جي شان ۾ ثنا خواني ڪرڻ کي خاص مهرباني طور عطا ڪندو آهي.

"جانانِ جان" ۾ ياسين ڪنپر جي اتاهين شاعراڻي اڌام جي فڪري توڙي فني طور ڪمال محسوس ٿئي ٿو. ياسين ڪنپر نج بهراڙيءَ جي ماحول ۾ جايل، نپنيل اهو ڪوي آهي، جنهن جا وڏا سندس چواڻي "ڪي ڪتابن جا پاڙهو توڙي مذهبي

علم رکندڙ نہ هنا" پر سندس ڏاڏا، پڑڏاڏا مٽي، مان تخليقڪاري يعني ڪنيارکو ڪر ڪندڙ هنا، جنهن مٽي، مان ڪائنات جي ابتدائي/بنيادي جوڙجڪ ٿي، جنهن مٽي، مان الله تعاليٰ پنهنجي محبوب مدني حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم سان عشق کي نروار ڪرڻ لاءِ هي، ڪائنات جوڙي ۽ ابتدا ۾ ڏاڏي آدم عليه السلام کي ٺاهي منجهس ساهه پريو ويو.

اهائي ته مٽي، جي مهانتا آهي، مٽي، جو مٽاهون مقام آهي، جنهنکري ياسين ڪنيڙ جي ڪُنبب جي اهميت بہ ڪا گهٽ نہ آهي، اها مٽي ئي ته آهي، جنهن انسان کي اشرف المخلوقات جو درجو ڏياريو ۽ انهيءَ مٽي، مان ڪائنات جو وجود جو ڪارڻي ليکيو ويندڙ محبوبِ خدا جي شان ۾ جيڪو شاعر يا قلمڪار عقيدت/محبت جا گل نڇاور ڪري ٿو، تنهن جي ذات ۾ ڪائنات جي ڪارڻي خود ڏهوٽا رنگ پري ٿو، جيئن ياسين ڪنيڙ جي ذات کي خاص رنگيني عطا ڪري علم ادب جي ميدان ۾ منفرد حيثيت ۾ خاص سجاڻپ عطا ڪئي آهي، جنهن جو جلوو هن ڪتاب ۾ شامل نعتن ۾ روشنيءَ جي ڪرڻن جيان نروار ٿئي ٿو ۽ هر ٽين اک وارو انسان روحاني طور پسي سگهي ٿو، ۽ اهڙي خواهش رکندڙ هر پاڙهو ماڻهو اها جهلڪ پسڻ لاءِ ۽ پنهنجي اندر ۾ الله پاڪ جي ذات ۽ ڪائنات جي ڪارڻي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جو عشق اوتڻ لاءِ هن ڪتاب جو مطالعو ضرور ڪرڻ گهرجي.

خيال جي پختگي ته ڏسو:

جانانِ جان جاني دلدار دلربا جي،
ساراهه چا لکان مان محبوب مصطفيٰ جي.

مذڪوره نعت کي روحاني پروگرامن ۾ نعت خوانن سڄي سنڌ اندر گهٽو گهايو آهي ۽ ان جي مقبوليت جي ڪارڻ ئي ياسين پنهنجي هن حمدين ۽ نعتيه شاعري جي مجموعي جو نالو ان شعر مان رکيو آهي. هتي ياسين جي ڪتاب ۾ شامل نعتن مان ڪي بندسٽون حوالي طور پيش ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو:

چاهت کي چمڪايو محمد،
جيون آ جرکايو محمد.

—

باشان محمد آ، شايانِ محمد آ،
بارانِ محمد آ، بستانِ محمد آ.

—

رب ڪعبہ جو قسم، مصطفيٰ آهي اُتم،
قابَ قوسين مليو جنهن کي سو شاهِ اُمم.


—

هر درد جي دوا آ صلي علىٰ محمد،
هر مرض جي شفا آ صلي علىٰ محمد.
ياسين کي آرام ڏي، رضوان ڇو جهليندو،
پڙهندو هو برملا آ، صلي علىٰ محمد.

ڪتاب ۾ شامل شاعريءَ جو جائزو وٺڻ سان غير منقوط نعت (اهو شعر جنهن ۾ ڪوبہ نقطي وارو اکر يا لفظ شامل نہ آهي). صنعت تحت النقاط ۽ بغير الف واري نعت پڙهي محسوس ٿئي ٿو ته اسان جو سلجهيٽو، سيبتو شاعر فڪري آڏام سان گڏوگڏ ڪمال جي فني پختگي ماڻي چڪو آهي.

مان سمجهان ٿو ته اهڙين شاعراڻين خوبين ڪري ئي ڪيس نعتيه شاعريءَ تي سال 2017ع ۾ صدارتي اوارڊ ماڻڻ جو اعزاز مليو. هن ڪتاب جي مطالعي سان انسان پنهنجو اندر ئي اُجاري روحانيت ڏي مائل ٿي سگهي ٿو.

آکاش عامر



اُداس چوکرين جھڑا نظم

(رحيمداد جوڳيءَ جي نثري نظمن جي ڪتاب (صحرا جي پاکر ۾) جو مطالعو

جنهن جي به اندر جون آگريون سُرَ چيڙين ٽيون، اُهوئي ندين جي روايتن، پکين جي هولين، درياهن جي وهڪرن ۽ هوائن جي رخن مان رقص ڪندڙ لهرون اُپاري سگهي ٿو. جيڪو اندر ۾ جيترو آرٽسٽ هوندو، هُو باهر اوترو ئي ڪمال ڪندو.

آرٽ اهڙي اک رکي ٿي، جيڪا زندگيءَ جون سڀئي باريڪ شيون واضح نموني پسي سگهي ٿي. فطرتي حُسن کڻي به لڪل هجي آرٽ پنهنجي مظهر سان ان کي نمايان ڪري وڻي ٿي. ڪيترائي پيرا روح جي واريءَ پٽن تي گهمي ويندا آهن انهن جو پنڌ، ٽڪ ۽ پيرن ۾ پيل ڇالا به آرٽ پنهنجي ڪاريگريءَ ۾ فوڪس ڪري وڻي ٿي. ڪيترين ئي اکيون اندر جي آئينن تي ڳوڙها هاري ويندين آهن، انهن ڳوڙهن ۾ لڪل درد، اوسيئڙو، اوجاگو ۽ بيچين ريکائون به آرٽ عيان ڪري ويندي آهي. ڪيترين ئي انگڙايون اندر ۾ اورٽ پيدا ڪري ويندين آهن، انهن جو ڪيف، خمار ۽ ڪرب به آرٽ پنهنجي اولي مان باهر ڪڍي ايندي آهي.

دنيا ۾ جيترا به آرٽ جا ڪمال ۽ ڪاريگريون شاستر دماغ مان نڪتيون آهن انهن پنهنجي اندر ڪي اوتيو آهي، آرٽ جا جيترا به حصا آهن اهي سڀ اندر جا هاريل حصا آهن انسان اڄ جيڪو به پڙهون ٿا، جيڪو به آرٽ سان لاڳاپيل آهي اهو ماڻهوءَ جو اندر آهي. اهو آرٽسٽ جو داخلي ردعمل آهي.

شاعري اندر جي هوائن سان آڏاريل خوبصورت دوشيزائن جا روا ۽ چُنريون آهن، جن جا رنگ ۽ رقص پنهنجا آهن، جن جا پاڇا جهومندڙ گلابن ۽ هلڪي نند ۾ خماريل ريشمي ڳلن تي وڌيڪ گهرا ٿيندا آهن.

اهڙا گهرا پاڇا رحيمداد جوڳيءَ جي نثري نظمن ۾ به نهايت وٽندڙ ۽ محبوب جي مختصر ٽهڪ جهڙا دلخيز آهن، هِنَ جي اندر جون جيترين به اٿلون، اوٽر، طوفان ۽ آندين ۾ لڏندڙ ٻيڙا ڪنارن سان لڳا آهن اهي سڀ هن جا نثري نظر بڻجي ويا آهن. حويلين حمامن مان آلن زلفن سان نڪرندڙ برگر چوڪرين جيڪي به پاڻي، ڏڙا چندي ڪيريا آهن اُهي سڀ جوڳيءَ جا نثري نظر بڻجي ويا آهن، مفلس مائرن جيترين سسڪيون ۽ سڏڪا پريا آهن انهن سڀني جو تجسس جوڳيءَ جي خوبصورت نظمن جو ڪلائيميڪس آهي.



مان
۽ منهنجي تنهائي
سڄي عمر
پاڻ ۾
سور پٽيندا رهياسين.

تنهائيءَ کي پنهنجو اهڙو سائي بڻائيندڙ جوڳي نثري نظر جو نبض شناس شاعر بڻجي ويو آهي، تنهائيءَ کي الڳ انداز سان پيش ڪرڻ سو به نثري نظر ۾ اهو شاعراڻي وسعت جو ڪمال آهي.

هن وقت هن نظر کي دنيا ۾ لکيو وڃي ٿو، بين الاقوامي صنف بڻجي چڪو آهي، پر ڪيترن ئي نقادن جو خيال آهي ته هيءُ دور ئي نثري نظر جو دور آهي، هيءُ واحد صنف آهي جنهن کي ڪهڙي‌ءُ هولي ۾ ب ترجمو ڪري سگهجي ٿو چو ته نثري نظر ۾ پنهنجي احساسن، جذبن ۽ سوچن کي پوري طرح سان لکي سگهجي ٿو، ڪن جو خيال آهي ته توڙي جو هن جو نالو نثري نظر آهي، پر هي پابند نظر جهڙيون خوبيون ۽ لوازمات رکي ٿو جيترو هن کي آسان سمجهيو وڃي ٿو، اهو ايترو ئي ڏکيو ۽ گهرو هجي ٿو.

هيءُ اهڙي صنف آهي جنهن ۾ درد، پيڙا ۽ غم اهڙي نموني بيان ڪيو ويندو آهي جنهن کي پڙهڻ وارو ب اهڙي ئي اذيت سان پڙهي جهڙي اذيت مان گذرندي شاعر لکيو هجي، جيئن هن نظر ۾ رحيمداد جوڳيءُ ڪمال ڪيو آهي.

• درد
ته
ماءُ جهڙو آهي!
هر گهڙي اُداس.
نڙيءُ ۾ اٽڪيل
ڳوڙهو
سڪي ئي نه ٿو،
ديد در ۾ آهي
انتظار
پوڙهو ئي نه ٿو ٿئي!

يا هن نظر جي اداسي پڙهندڙ کي ب اداس ڪري ڇڏي ٿي

• آئون جڏهن ڄائو هوندس
شايد
جهڙالي موسم هوندي
جو آئون
اڄ ب اداس آهيان
پڪين وانگر!

رحيمداد جوڳيءُ پنهنجي سادگيءُ کي ب نثري نظمن ۾ تمام گهرائيءُ سان بيان ڪيو آهي. درد کي ب ڇڻ لطف جي لوئيءُ ۾ ويڑهي ڳايو آهي، لفظن جو خوبصورت کان خوبصورت استعمال ئي شاعراڻو آهي جنهن ۾ هُن مهارت کان ڪم ورتو آهي

• تون
هڪ ڏينهن مري
ويندي
سڀ
خواب اکين جا
ڪٿي!!!!

واقعي ئي محروم ۽ مفلس زندگيون خوابن سان گڏ مري ويندیون آهن، خواب يا ته انهن جي اکين ۾ مرڻ شروع ڪندا آهن يا هُو خوابن جي آڏو مرڻ شروع ڪندا آهن، بس هڪ المیو ئي آهي جيڪو نثري نظر جي آرسيءُ تي ڳاڙهي خون جي قطري وانگر رکيل آهي.

اهڙا ڪوڙ المیا رحيمداد جوڳيءُ پنهنجي شاعراڻي ڪمال سان پيش ڪيا آهن هن جي پوري ڪتاب ۾ دردیلیون دانهون گهٽيون آهن، پر ان کان ب وڌيڪ خاموش اذيتون ڏيندڙ پيڙائون نظمن جي صورت ۾ موجود آهن.

يعني توهان هڪ نثري نظر نه، پر هڪ المیو، هڪ درد ۽ هڪ پيڙا ئي پڙهندو ۽ اوهان ان ڪيفيت مان ب گذرندو جنهن ڪيفيت مان شاعر گذريو آهي.

هيءُ ڪتاب "صحرا جي پاڪر ۾" المين جو سفر آهي، دردن جو پنڌ آهي، خوابن جي ڪشمڪش آهي، ڳوڙهن جو جنون آهي موسمن جو ڪيف ۽ خمار ب آهي.

• روئڻ
خدا کي وٺندو آهي
۽ ڪلڻ
محبوبائن کي!

"صحرا جي پاڪر ۾" مختصر نثري نظمن جو هيءُ پهريون ڪتاب آهي جنهن ۾ تمام مختصر لفظن ۾ وسيع ۽ گهرو مفهوم سمايل آهي. هن کان اڳ ۾ نثري نظر ب تمام وڏا ۽ بن بن صفحن جا

لکيا ويا آهن، پر شاعر جو هيءُ خوبصورت تجربو آهي ۽ تمام وٽندڙ آهي.

هن وقت پوري سنڌي شاعريءَ جو نمونو ئي منفرد بڊجي چڪو آهي. اهڙي طرح رحيمداد بہ نثري نظر جو مختصر نمونو متارف ڪرايو آهي. ٽورڙين سٽن ۾ وڏيون ڳالهيون ڪيون اٽائين جيڪي سادگيءَ ۽ گهرائيءَ سان ٽمٽار آهن نہ تہ ماٺهو نثري نظر کي بہ کهاڻي بڻائي لکڻ جو تجربو ڪندا رهيا آهن، پر نثري نظر مزاج ۽ هيئت مطابق پنهنجو ڌار فارميٽ رکي ٿو، نثري نظر لکڻ وقت شاعر کي رسيءَ تي هلڻو پوندو آهي. خاص ڪري هن جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ چرڪ هوندو آهي ۽ اهو چرڪ ئي هن جي جان هجي ٿو جيڪو هن کي وڌيڪ سگهارو ۽ جاندار بڻائي ٿو.

• دريءَ جي
شيشي مان مون ڏٺو
ڪار جي اڳين سيٽ تان
هُو جيڪو
هارنهن سالن جو چوڪرو
ايڪڙ لٿي ٿو
پٽيءَ اگهاڙو اُس ۾
اهو
منهنجو هالڪپڻ آهي!

رحيمداد جوڳيءَ جي هڪڙي خوبي اها بہ آهي هُو خيال يا تصور کي نظر ۾ پوري شڪل ڏئي خوبصورت اسڪيچ بڻائي چڏي ٿو. هن جا ڪيترائي اهڙا نظر آهن جن ۾ پهراڙين، شهرن، ريگستانن يا پٽرائين وادين ۾ گهمندڙ حسينائن جون جڏ تصويرون چڪيون آهن.

• هُو ڏس
باغ جي ڪنڊ ۾
بہ گل پيا مرڪن
جڏ آهيون
تون ۽ مان!

• هن هو
چيٽ ۾ آرس پگو
وٽن ۾ چند ڪڙيو
باغ ۾ گل ٽڙيو
شاعر نظر لکيو

• مان آهيان اڪيلي پکيءَ جيان
ڪڪرن تي ڪنهن کي ڳوليان ٿو؟
آسمان جهڙو من پنهنجو
ٻهر جي وڻ ۾
خالي آکيري تي
سانوڻ جو مينهن وسي ٿو!

• اُتر جي هوا ۾
اڇا اڇا ڪنگ
اڇي وٽن تي وينا آهن!

• اُتر جي هوا ۾
مٽي آسمان تي
ڪبوتر اڏامن ٿا!

نثري نظر جي اهائي خاصيت جيڪا مڪمل عڪس پيش ڪرڻ آهي. اها نظر جي بنيادي بيهڪ وانگر آهي، اهو نظر جيڪو ڪا تصوير نہ ٿو چئي اهو نظر جو خالي تلاءُ آهي جنهن ۾ پاڻي نہ هوندو آهي.

رحيمداد جوڳي تي هڪ ليبل لڳل هو تہ هيءُ فقط وائيءَ جو شاعر آهي، باقي شاعري نہ ٿو ڪري سگهي، پر هن نثري نظمن جو هي منفرد لهجو اپنائي واضع ڪري چڏيو آهي تہ هڪ آرٽسٽ ڪهڙي بہ کارب ۾ ڪاريگري ڪرڻ چاهي هُو ڪري سگهي ٿو بس تخليق رت ۾ شامل هجي.

رحيمداد جوڳي اڻندي ويهندي شاعر آهي. هيءُ ڳالهين ۾ ڪيترو بہ سادو هجي، پر تخليق ۾ هُو سريلو ۽ سهڻو آهي هن جي تخليق سان سچائي ماءُ وانگر هجي ٿي اهو تخليق کي اولاد سمجهي ٿو.

اوهان ڪتاب "صحرا جي پاڪر ۾" کي گهرائيءَ سان پڙهي ڏسندو تہ هن جا نثري نظر پوري ديس جي ڏهرن، تراين، هوائن ۾ پکين، ۽ انيڪ موهيندڙ اسڪيچ آهن، جيڪي اندر مان پڙڪو ڪائي ٻاهر آيا آهن

رحيمداد جوڳي جو هيءُ نظر ذري ڳهڻ دل تي هٽ هجي ٿو تہ

منهنجو درد
ايمبولينس جي سائرن جهڙو
جنهن ٻڌو
خاموش ٿي ويو!

نسرين الطاف

تخليقڪارن سان رچايل سُرهي سانجهه



سنڌي ادبي سنگت پاران 17- فيبروري 2019ع تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي سهڪار سان سنڌي هوليءَ جي چئن نامياڻين تخليقڪارن آپا نذيرناز، آپا مريم مجيدي، ڊاڪٽر تنوير جوٽيجو ۽ محترمہ حسينہ ساند سان سُرهي سانجهه رچائي وئي. هن رنگارنگي تقريب جي صدارت نامياري ليکڪا ڊاڪٽر ممتاز پٽو ڪئي، جڏهن ته خاص مهمان سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ڊاڪٽر فتح محمد برفت صاحب ۽ اعزازي مهمان سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ۽ اردوءَ جو نامياروليکڪ محترم راحت سعيد هو، پروگرام جي شروعات ۾ روايتي انداز ۾ مهمانن کي گلن جا هار ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا. پروگرام جي باقاعده شروعات تلاوت پاڪ سان ڪئي وئي ۽ سنڌي ادبي سنگت جي جوائنٽ سيڪريٽري محترمہ نسرين الطاف پنهنجي تقرير ۾ چيو ته اسان جي ڪوشش اها آهي ته اسان پنهنجي ليکڪن کي سندن قلمي پورهئي تي سندن حياتيءَ ۾ ئي مان ڏئي عزت افزائي ڪري سگهون، هيءَ پروگرام به انهيءَ سلسلي جي ڪڙي آهي ان کان پوءِ سنڌي ادبي سنگت جي جاکوڙي ميمبر محترم يوسف سنڌيءَ، آپا مريم مجيدي جي شخصيت ۽ سندس شاعريءَ تي روشني وڌي ۽ محترم سرفراز نواز ڀگهئي پڻ آپا مريم مجيديءَ جي شخصيت فن ۽ فڪر جي پهلوئن کي اُجاگر ڪيو.

نالياري ليکڪا ۽ سنڌي ادبي بورڊ مان شايع ٿيندڙ ماهوار "سرتيون" جي ايڊيٽر محترمہ گلبدن جاويد، ڊاڪٽر تنوير جوٽيجو جي شخصيت ۽ فن فڪر تي تي تفصيل سان ڳالهايو ۽ سندس پي.ايڇ.ڊي جي ٿيسز تي شايع ٿيل ڪتاب جي باري ۾ ڳالهايو ۽ ان کان پوءِ ڊاڪٽر محمود مغل پڻ ڊاڪٽر تنوير جوٽيجو جي شخصيت جي باري ۾ ۽ انهن سان ريڊيو جي حوالي سان ڪجهه يادگيريون پڻ ٻڌايون ۽ وڌيڪ چيو ته اسان جون هيءَ سڀ مهان هستيون آهن، جن جي مان ۾ هيءَ تقريب ڪوٺائي وئي آهي.

سنڌي هوليءَ جي نالياري ڪهاڻيڪاره ۽ "مهراڻ" رسالي جي ايڊيٽر محترمہ ثمينہ ميمڻ ڊاڪٽر تنوير جوٽيجو جي شخصيت ۽ انهن جي قلمي پورهئي جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ته ڊاڪٽر تنوير جوٽيجو جو نالو انهن وڏين نامياڻين ليکڪائن جي صف ۾ شامل آهي پاڻ سڄي ڄمار ادب جي خدمت ڪئي آئن ۽ وڌيڪ چيو ته مون کي ڊاڪٽر تنوير جوٽيجو سان ويجهڑائيءَ کان ملڻ جو موقعو مليو. مون ڊاڪٽر تنوير جوٽيجو جي باجهاري شخصيت مان گهڻو ڪجهه سکيو ۽ پرايو آهي. هيءَ سڀ اسٽيج تي ويٺل مهان شخصيتون اسان لاءِ رول ماڊل آهن. محترمہ ڪبريٰ پنهيرو، محترمہ حسينہ ساند جي شخصيت تي روشني وڌي ۽ ڪجهه شاعري پڻ سامعين کي پڙهي ٻڌائي، محترمہ حسينہ ساند جي پٽ اسفند يار عليءَ پڻ پنهنجي امڙ کي خراج پيش ڪيو. محترمہ ڊاڪٽر عربيہ نور پڻ پنهنجي امڙ نذير ناز جي باري ۾ انهن جي ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ ڳالهائيندي چيو ته مون امڙ کي سڄي ڄمار

هميشہ محنت ڪندي ڏٺو. اسان اولاد جي بہ تربيت تمام سهڻي نموني ڪئي اٿائين. محترمہ نسيم خان محمد پنهور پڻ محترمہ نذير ناز جي باري ۾ پنهنجون يادگيريون ٻڌايون ۽ ان ڪان پوءِ خورشيد امر شاهہ پڻ آپا نذير ناز جي شخصيت تي ڳالهايو.

انهيءَ ڪان پوءِ ڊاڪٽر تنوير جوٽيجو ڪي ڳالهائڻ لاءِ دعوت ڏني وئي جنهن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي ٻڌايو تہ مون ڪي نهايت خوشي ٿي رهي آهي، انهيءَ لاءِ آءٌ شڪرگذار آهيان سنڌي ادبي سنگت جي جن مون ڪي مائٹ ڏنو، عزت ڏني. ان ڪان پوءِ آپا مرير مجيديءَ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي ٻڌايو تہ هن قلمي پورهئي جو داد اوهان سڀ لهڻو، اوهان جي داد رسيءَ سان ئي منهنجو قلم اڳيان وڌي سگهيو آهي، آپا مرير مجيديءَ پنهنجي شاعري ٻڌائي پرپور داد حاصل ڪيو، آپا نذير ناز پڻ پنهنجي قلمي ادبي پورهئي جي باري ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي ٻڌايو، تہ هيءَ محنتون ڪاوشون اوهان پڙهندڙن جي موٽ جي ڪري ئي سگهيون آهن، منهنجي اڃان بہ ڪوشش آهي تہ ادب جي خدمت ڪندي رهان.

آخر ۾ محترمہ حسينہ ساند ڪي ڳالهائڻ لاءِ دعوت ڏني ويئي، پاڻ پنهنجي شاعريءَ جي باري ۾ تفصيل سان ٻڌايو تہ مان ايڏا شاعري ڪندي رهندي آهيان، منهنجي شاعريءَ جو محرڪ فطرت آهي ۽ وڌيڪ چيو تہ سنڌي ادبي سنگت مون ڪي عزت ڏني مائٹ ڏنو انهيءَ لاءِ مان ٿورائتي آهيان. ۽ آخر ۾ حسينہ ساند پنهنجي شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ شاعري ٻڌائي.

ان ڪان پوءِ سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر ذوالفقار سيال پنهنجي ادبي سنگت جي باري ۾ ڳالهائيندي چيو تہ اسان جي آئيندہ بہ اهڙي ڪوشش هوندي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ناليوارن اديب/ليکڪن جي قلمي پورهئي تي سنڊن حياتيءَ ۾ ٿي مائٹ ڏئي سگهون. هيءَ انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪوشش آهي ۽ انهيءَ لاءِ سنڌي ادبي سنگت جي جوائنٽ سيڪريٽري محترمہ نسرين الطاف جس لهڻي، ان ڪان پوءِ اردو ٻوليءَ جي نامياري ليکڪ راحت سعيد پڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو، ۽ چيو تہ مون کي اڄ تمام گهڻي خوشي ٿي رهي آهي، انهيءَ لاءِ سنڌي ادبي سنگت مبارڪباد جا مستحق آهن، اهڙي روايت اڳيان بہ جاري رکجي تہ جيئن قلم ڏٺين جي حوصلا افزائي ٿي سگهي. پروگرام جي خاص مهمان ڊاڪٽر فتح محمد برفت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ زنده قومون ئي پنهنجي قوم جي هيروز کي خراج پيش ڪنديون آهن، مان سنڌي ادبي سنگت جي پوري ست کي مبارڪباد پيش ڪيان ٿو، هيءَ اسان جون سينئر ليکڪائون جن سڄي زندگي ادب جي خدمت ڪئي آهي، ادبي سنگت پاران هيءَ عملي قدم ساراهہ جوڳو آهي، انهيءَ ڪان پوءِ آخر ۾ تقريب جي صدارت ۾ ناميارو ليکڪ ڊاڪٽر ممتاز پٹو، پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي ٻڌايو تہ هيءَ چارئي ليکڪائون اسان سڀني لاءِ معتبر هستيون آهن، جن جو قلمي پورهيو ڪنهن ڪان ڳجهو ناهي، ڊاڪٽر ممتاز پٹو، ڊاڪٽر تنوير جوٽيجو سان گهاريل گهڙين کي ياد ڪندي چيو تہ اسان جو گهر جڙ هڪڙوئي آهي ۽ وڌيڪ چيو تہ شاندار پروگرام ڪرائڻ لاءِ سنڌي ادبي سنگت مبارڪباد جا مستحق آهن، پروگرام ۾ سلطانہ سورٹ، انور سولنگيءَ ڪلام ٻڌائي پرپور داد حاصل ڪيو، پروگرام جي ڪاروائي ناليواري اديب ليکڪ محترم نصير مرزا هلائي.



سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران 21، 22 فيبروري 2019ع تي بن ڏينهن جي ڪوٽايل قومي ڪانفرنس تقريب استيج تي ويٺل کاپي کان: محترم نور احمد جنجهي ، ڊاڪٽر نصرالله جان وزير، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو محترم شبنم گل، ڊاڪٽر نذير شاکر بروهي، ڊاڪٽر شير مهراٹي ۽ محترم نصير مرزا



پروگرام ۾ شريڪ ٽيندڙ مهمان

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران 21، 22 فيبروري 2019ع تي بن ڏينهنِ جي ڪونايل قومي ڪانفرنس ۾ مهورتي تقريب



مهورتي تقريب ۾ ساڄي کان: ڊاڪٽر صاديه ڪمال، ڊاڪٽر اسحاق سميجو، محترم مدد علي سنڌي، محترمه شبنم گل، ڊاڪٽر قاضي خادم، محترم احمد سليم، ڊاڪٽر فياض لطيف ۽ محترم جامي چانڊيو